منهنجي حياتي - منهنجو نياپو - X

# آپ بيتي - جڳ بيتي



ايم . ايڇ پنهور

مترجم: حاڪم علي شاه بخاري

منهنجي حياتي - منهنجو نياپو - X

# آپ بيتي - جڳ بيتي

## (ايم . ايڇ پنهور جي آتم ڪهاڻي)

ترجمو

حاڪم علي شاهہ بخاري

نظرثاني

محمد ابراهيم جويو

فينڪس بوڪس ۽ ايم . ايڇ پنهور ٽرسٽ

حيدرآباد

حق ۽ واسطا ادارن وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | آپ بيتي - جڳ بيتي (آتم ڪٿا) |
| ليکڪ | : | ايم . ايڇ پنهور |
| مترجم | : | حاڪم علي شاهه بخاري |
| پهريون ڇاپو | : | 2008ع |
| ڇپائيندڙ | : | فينڪس بوڪس ۽ ايم ايڇ پنهور ٽرسٽ، حيدرآباد |
| ڇاپيندڙ | : | شادمان پريس، ڪراچي |
| پيسٽنگ | : | سهيل پنو |
| تعداد | : | 1000/- |
| قيمت | : | 300/- |


*All rights are reserved with the pubilshers*


| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Aap Biti - Jug Biti (Autobiography) |
| Author | : | M . H Panhwar |
| Translation | : | Hakim Ali Shah Bukhari |
| 1st Edition | : | 2008 |
| | : | Phoenix Books & M . H Panhwar Trust, Hyderabad |
| Printer | : | Shadman Press, Karachi |
| Copies | : | 1000/- |
| Price | : | 300/- |

## انتساب

پنهنجي وڏي پٽ

رفيع حسين پنهور

جي نالي

جيڪو ڦوهه وهيءَ ۾

وڇڙي ويو!

**ايم . ايچ پنهور**

# فهرست


- ٻہ اکر — حاڪم علي شاھ بخاري
- پيش لفظ — محمد ابراھيم جويو
- پنهنجي پاران — ظفر جوڻيجو
- ديباچو — ايم ايڇ پنهور

| | |
|---|---|
| 1. منهنجو ڳوٺ | 1 |
| 2. منهنجا وڏا | 8 |
| 3. منهنجو ڳوٺ ابراھيم پنهور ۽ منهنجا ابا ڏاڏا | 14 |
| 4. منهنجي جنم جو ضلعو | 20 |
| 5. منهنجي ڄمڻ جو هنڌ | 28 |
| 6. منهنجو نالو | 32 |
| 7. منهنجو پيءُ | 34 |
| 8. منهنجي ماءُ | 37 |
| 9. ڪير ڌھي ۽ عيوض شاھ جو مقام | 51 |

10. صالح، منهنجي پڙناني جي پيءَ جو آخري سفر 56
11. ڳوٺ جي مسجد 60
12. اسان جي ڳوٺ جو خود ساختو ملان 66
13. اسان جو ڪنياري وارو پير 70
14. فقير مجيد ۽ هندو سوامي 75
15. ڳوٺن ۾ وسوسا 79
16. خيرات 82
17. ڳوٺ ۾ ٻاهران آيل مهمان 84
18. ڳوٺ جي صحت جي پرگهور 86
19. بيماريون، ٽوٽڪائي، حڪيم ۽ ويڄ 90
20. پرائمري اسڪول ۾ اسان جي تاريخ بابت ڄاڻ 97
21. آءٌ ڪڏهن به چورو نه ٽيندس 102
22. منهنجي ٻُجڪي 112
23. پڙهڻ جي عادت 114
24. وياج 123
25. ڳوٺاڻو هندو دوڪاندار ۽ وياج 127
26. قيامت اچي پئي 133
27. سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي 137
28. يت تي ٽنگيل نقشا ۽ چارٽ 141
29. ڳوٺ ۾ ڪوهه لڌم ڙي لڌم 145
30. ڪاتيءَ جي مشين 150
31. مسلمان ۽ غير مسلمان لِپيون 154

| | |
|---|---|
| 32. منهنجي ڏاڏي جو ريلوي سفر | 156 |
| 33. سنڌو درياءَ جو ديدار | 168 |
| 34. انگريزن جي انسانيت | 178 |
| 35. جهلي | 184 |
| 36. پکي جي ارتقا | 193 |
| 37. ڪاچو گهمڻ | 201 |
| 38. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي پوڄا | 203 |
| 39. کاٻي هٿ جو استعمال | 206 |
| 40. چلم | 208 |
| 41. اسان جي ڳوٺ ۾ تماشا ۽ دلچسپيءَ جا طريقا | 210 |
| 42. رات جو آسمان ڏسڻ | 225 |
| 43. هوندا، تون ڳئونءَ جو گوشت کائيندين | 227 |
| 44. مان رڳو قلدار وڻ پوکيندس | 231 |
| 45. مخدوم بلاول تي ڪتابن جو دڪان | 235 |
| 46. منهنجي ڏاڏي جي پوکي راهي | 241 |
| 47. منهنجي ڏاڏي جي زراعت بابت سوچ | 245 |
| 48. مسلمانن ۽ عيسائين ۽ يهودين جي پاڪ ڪتابن ۾ بيان ڪيل ميوا | 248 |
| 49. قران جو احترام | 252 |
| 50. جديد زرعي تحقيق اسان جي ڳوٺ پهتي | 256 |
| 51. منهنجي مامي کي نانگ ڪاڌو | 263 |
| 52. اسان جون پاليل ڪڪڙيون | 267 |

53. ڳوٺ جو ڊکڻ 270
54. ڳوٺ جو موچي 274
55. ڳوٺاڻو ڪنير 280
56. ڳوٺ جا ڪاسبي 283
57. سنڌي يوپا 286
58. پيري 289
59. اسان جي ڳوٺ جي دائي 291
60. واڳونءَ جو پنيان پوڻ 293
61. اڇوتن سان پيار 298
62. حزارن ۽ حياتين جي ڳولا 301
63. الهہ آباد ۾ ميلو 309
64. فريد آباد ۾ ڌاڙيل 312
65. منهنجو طهر 317
66. عورت بطور ديوي 319
67. جنسيات جي تعليم 324
68. منهنجي والد ۽ ڏاڏي جي جنسي زندگي 337
69. محمد صالح پنهور جي زندگيءَ جو احوال 342
70. سنڌ جي تاريخ سان لڳاءُ 348
71. مرزا قليچ بيگ بابت جيئن مون ٻڌو 351
72. جانور، منهنجي ننڍپڻ جا ساٿي 357
73. گهوڙا 360
74. سوالي ڪتا 364

| | |
|---|---|
| 75. چوپايو مال | 366 |
| 76. هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻ | 375 |
| 77. چا هي هر ڪاهي سگهندو | 379 |
| 78. گرم ۽ سرد ڪاڌا | 382 |
| 79. اسان جي مخطوطات جو ناقابل تلافي نقصان | 385 |
| 80. لو بلڊ پريشر | 387 |
| 81. مارڻ جا امڪان - مئٽرڪ جو امتحان | 390 |
| 82. جاگيرداڻو سماج | 392 |
| 83. ضميمو ۽ متفرقا خيال | 395 |

# ٻه اکر

## (مترجم پاران)

جڏهن محترم محمد حسين پنهور پنهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل آتم کهاڻي دوست صلاح الدين پنهور جي دادوءَ واري گهر تي ترجمي ڪرڻ لاءِ مون کي چيو، تڏهن مون مناسب سمجهي ان ڪم جي هامي ڀري. ڪيس گذارش ڪيم ته مواد مان ڪجهه صفحا آزمائش طور ترجمي لاءِ ڏياري موڪلي. ان جي پسند بعد وڌيڪ ڪم ڪرڻ کي بهتر سمجهيم ۽ موصوف به ائين ئي ڪيو. پاڻ ڪجهه ڏينهن ۾ سَو ڪن صفحا ڏياري موڪليائين ۽ مون پنهنجي صلاحيت آهر ترجمو ڪري ڏياري موڪليا.

هن ڪان اڳ مون ڪڏهن به ترجمي جو ڪم نه ڪيو هو ۽ مان بهرحال ان ڪم کي ڏاڍو ڏکيو سمجهندو آهيان. وري جڏهن خير سان مسودو پهتو، تڏهن ڏٺم ته ان جي سٽاءَ ۽ جوڙجڪ پيچيدي ۽ فني هئڻ ڪري ترجمي واسطي مون لاءِ ڏاڍي اهنجي هئي. ترجمو اوهان جي اڳيان آهي: گهٽ ڄاڻ ۽ ناتجربيڪاريءَ سبب ان کي ڪو خاص ادبي روپ ڏيئي نه سگهيو آهيان. البت ان کي محتاط تقليدي صورت ۾ آڻڻ جي ٿوري گهڻي ڪوشش ڪئي اٿم، تنهن کي جي مناسب درجو ملي ويو ته مون لاءِ سند سمان هوندو. ڪاهليءَ جي ڪري ترجمي ۾ وقت به ڪافي لڳي ويو.

هن آتم ڪٿا ۾ پنهور صاحب پنهنجي زندگيءَ جا ڪي مخصوص پهلو کن خاص واقعن جي حوالي سان بيان ڪيا آهن. مون ڪي چند آتم ڪهاڻيون پڙهيون آهن، پر پوءِ به پانيان ٿو ته هيءَ آتم ڪهاڻي مواد ۽ انداز بيان جي خيال کان منفرد آهي، ۽ بنيادي طرح سان سڀ کان وڌيڪ ساراهه لائق نقطو اهو آهي، جو اِن جي ورق ورق ۾ جرئت جو اِظهار نمايان نظر ايندو.

تاريخ: 14 جون 2004ع

خادم ادب

حاڪم علي شاهه بخاري

دادو، سنڌ

# پيش لفظ

تازو مون ناماري سائنسدانَ، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي پروفيسرَ، رچرڊ ڊاڪِنس بابت پڙهيو تہ هُن 1976ع ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب The Selfish Geneوسيلي دنيا جي سائنسدانن جا خيال بدلائي ڇڏيا هئا، ۽ ائين سماجي حياتيات (Social Biology) جي علم ۾ هُن انقلاب آڻي ڇڏيو هو!

دنيا ۽ فطرت (World and Nature) بابت صحيح ڄاڻ ۽ سکيا جي واڌ سان انساني عالَم ۾ اصلاحي تبديل بلڪ انقلاب جو واقع ٿيڻ اَٽل آهي. زباني اظهار جي سگهہ، ۽ لکيت، ڇپائيءَ ۽ سُڌ بُڌ جي برقي ذريعن وسيلي، تجربي ۽ ثابتيءَ تي بيٺل ڄاڻ جي وارد ٿيڻ سان ڪَنين بُڌل بلڪ اکئين ڏٺل فطرت جي لقائن جي علم ۾ پختگيءَ ۽ واڌ جا ڪيئي دَور آيا ۽ ايندا ٿي رهن ٿا. پر پوئتي پيل دنيا جي قومن ۾، خاص طور سندن غلاميءَ جي صورتحال ۾، هنڌين ماڳين، اڄ بہ سندن پورهيت عوامُ معقول ڄاڻ بدران وهمن ۾ ورتل ۽ وِسوِسن ۽ ڀرمن ۾ ڦاٿلُ رهندو پئي آيو آهي؛ ۽ اجا تائين بُک ۽ ڏک ۾ بلڪ هر مشڪل ۾ ويساهہ وِسوڙل بيوسيءَ جي طرز زندگي گذاري رهيو آهي. رڳو ڀانت ڀانت جي ٻولين ۾ هُو سَوين اميدن ۽ آسرن اُپاريندڙَ نالن واريءَ هڪ يا گهڻين غائب هستين ڏانهن هٿ مٿي ڪنيو، ۽ ڌرتيءَ جي ٿُلهن تنيرن ۽ سِرُهن سَتابن پاڻ جهڙن انساني بوتن ۽ پڻ هٿ سان ٺهيل بيجان بُتن ۾ قياس ۽ ڪهل جي نگاهہ لاءِ اکيون وجهيو ويٺا آهن.

بني نوع انسانُ، انفرادي ۽ پڻ اجتماعي طور زندگيءَ جي هر تبديل ۽ عدم تبديل لاءِ جيڪا بہ رٿا رٿي ٿو يا مصلحت سوچي ٿو ۽ عمل ۾ آڻي ٿو - نفعي جي ٽوٽي نقصان جي - ائين هو پاڻ ٿو ڪري، ۽ اُن لاءِ ذميوارُ بہ هو پاڻ آهي. انساني سچائپ يا اياڻپَ، چڱائيءَ يا مدائيءَ، سچ يا ڪوڙَ، پيارَ يا ڌڪارَ، نياءَ يا انياءَ، مطلب تہ سڀيءَ اِن واردات جو، انساني سماج ۾ اهڙي سموري باهمي ورتاءَ جو، جوهرُ اِن هڪ نقطي ۾ سمايل آهي تہ انسان اُن لاءِ پاڻ ۽ فقط پاڻ ذميدارُ آهي. سڀ مذهب ۽ ڌرم بہ ان حقيقت جا شاهد آهن. قرآن ۾ بہ تہ ائين چيل آهي تہ ”خدا ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي، جي اُها قوم پنهنجي حالت پاڻ نٿي بدلائي“، ۽ ”انسان کي اُهو ئي ڪجهہ پَلئہ پوي ٿو، جنهن لاءِ هو پاڻ ڪوشش ڪري ٿو!“

پوءِ ائين ڇو آهي تہ پوئتي پيل ماڻهن مان جنهن کان ٿو پڇجي تہ هن جي هيٺائي، پَستي، محرومي، مظلومي ۽ غريبي ڇو آهي، تہ جواب ٿو ملي تہ ”بس، جيڪا الله جي مرضي!“ اسان جو محب وطن، عوام دوست ۽ سجاڳ دل دوست غلام مصطفيٰ شاهہ جڏهن بہ ڏک ڏولائي ۽ گناهہ ثواب لاءِ ڪنهن کان ائين چوندي ٻڌندو هو تہ جهٽ هن کي ڇِنڀيندو هو ۽ چوندو هو: ”اڙي، ڇو سڀ لاهي ڪٽي الله تي رکي اڇئي؟ تون پاڻ اِن لاءِ جوابدار آهين!“ هاڻي، سوال آهي تہ هيءَ ايڏي وڏي ۽ عام پاڻ - وسارَ (Self-denial) ڇو، هيءَ ايڏي عام ۽ وڏي قسمت پسندي (Fatalism)، تقديريت، قضا ڪوشي ڇو؟ ڇو مسڪينَ، ماريل ۽ ڦُريل ماڻهو پنهنجي اها حالت الله کان ٿا سمجهن ۽ ٻڌائين؟ جواب ان سوال جو رڳو ۽ رڳو هڪ آهي: ”انهيءَ ڪري جو ماڻهن جو اِهو جواب ماڻهن کي سندن ٽلهن ٽنيرن، سڪين سٽابن، ڦورُن لُٽيرن، پيرن، مُلن مولوين، ٻاون ۽ ٻانيڻن، پادرين ۽ پوپن ٻڌايو آهي ۽ سيکاريو آهي تہ هُو الله کان، خدا کان، ايشور کان، God کان پنهنجي اِها محرومي، مظلومي، غربت ۽ غلاميءَ

جي صورتحال مليل سمجهن، اُن جي بدلائڻ جي ڪوشش تہ نہ ڪن. پر هڪ هڪ تي ۽ پڻ گڏجي، جيئن آهن تيئن ٿي الله جي مرضي سمجهي، ماٺ ۾ رهن، خوش ۽ راضي رهن.

منهنجو همعصر ۽ دلي دوست محمد حسين پنوهر - سنڌي قوم جو خادم، محب وطن، عوام دوست - وڏيءَ سوچ وارو، ڪتابن جو اڻٿڪ پڙهندڙ ۽ روشن خيال ليکڪ هو. سندس هيءُ ڪتاب ”آپ بيتي، جڳ بيتي“ پنهنجي نالي ۾ پڌرو آهي، پنهنجو سونهون پاڻ آهي. ليکڪ پنهنجي جيوت شخصي سطح تي ۽ پڻ سچي پنهنجي دور جي سرگذشت طور ڏاڍي دلچسپ ۽ علمي انداز ۾ قلمبند ڪئي آهي. پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ اُهو ڪجهہ لکيو اٿن، اهو ڪجهہ ٻڌايو اٿن - جنهن ڪي جيڪو پڙهندو، پروفيسر ڊاڪِنس جي ڪتاب "The Selfish Gene" وانگر، اُن جا خيالَ ۽ ويچارَ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا.

سرزمين هند ۽ سنڌ سچ تہ بنيادي طرح هڪ تازه دم انقلاب جي منتظر آهي، جنهن ۾ جديد سياسي - اقتصادي - سيپيتائي اٿل پٿل، تاريخ جي حاضر دور جي مطابقت واري، ضروري آهي ۽ اٽل آهي. تاريخ جو هڪ اندوهناڪ حادثو ٿي هو، جو هيءَ سرزمين اَئنگلو آمريڪن سامراجي سازش جي نتيجي ۾ 1947ع جي ورهاڱي جي واقع ٿيڻ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ صديءَ جو عرصو ان انقلاب جي نعمت کان محروم رهيل آهي. سڄو عالمُ انساني پڻ اوترو ٿي بلڪ ڪجهہ واڌو اڻڄاتل عرصي لاءِ جملي تهذيب انسانيءَ جي راهہ سان مزيد وڏي اهڙي هڪ نئين قدم کان رڪجي ۽ رهجي ويو.

محمد حسين پنوهر جي زندگيءَ جو سڄو ڪردار، سندس هن آتم ڪهاڻيءَ سميت، سرزمين سنڌ ڪي پنهنجيءَ تاريخ جي اُن رهيلِ پيشقدميءَ جي تياريءَ لاءِ مفيد ڪارج جو ڪم ڏيندو - اِها مون کي اميد آهي.

هيءُ ڪتاب اصل انگريزيءَ ۾ لکيو ويو، تڏهن به ليکڪ جي جيئري ئي مون ان کي هڪ پيرو نظر مان ڪڍيو هو. ڪتاب جي متن جو پوءِ سائين حاڪم علي شاهہ بخاريءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اُن سنڌي ترجمي کي به محمد حسين پنوهر پاڻ ڏٺو ۽ پڙهيو ۽ مون به هڪ پيرو اهو نظر مان ڪڍيو. به پيرا هِن جا پروف به مون پڙهيا. لازم آهي تہ هِن جو اصل انگريزي مَتن به شايع ڪرايو وڃي.

هن ڪتاب ۾ 105 ماجرائون بيان ڪيل آهن - جن کي مختصر ڪهاڻيون، افسانا يا مضمونَ به چئي ٿو سگهجي - ايڏي اديبانہ ۽ رومانوي رنگ ۾ اِهي ٻيهاريل آهن! ليکڪ طرفان هر هڪ ماجرا مان اعليٰ نتيجا ۽ سبق اخذ ڪيل آهن - اهڙا جيڪي سڀ سنڌ وطن ۽ سنڌي قوم جي نئين جاڳرتا جا زوردار سڏ ۽ معتبر وسيلا شمارجِي سگهجن ٿا ۽ ثابت ٿي سگهن ٿا.

حيدرآباد، سنڌ
2 مارچ، 2008ع

محمد ابراهيم جويو

# پنهنجي پاران

جڏهن ڪو ليکڪ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ جو فيصلو ڪري ٿو تہ هُن جي ذهن ۾ ساروڻين جو ويرون چڙهنديون ۽ لهنديون رهن ٿيون (ڪڏهن ترتيب سان تہ ڪڏهن بي ترتيبيءَ سان). جڏهن اهي يادگيريون اچا ڪاغذن تي نہ آيون هونديون آهن تہ بلڪل سچ ۽ حقيقت هونديون آهن. بين لفظن ۾ اهين ڪٽي ڇنڊجي تہ ليکڪ انهن ۾ پنهنجي طور اچا ڪا ڪات ڪوٽ نہ ڪئي هوندي آهي. پر جڏهن ڪوبہ ماڻهو آتم ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پنهنجون يادگيريون ڪاغذ تي آڻي ٿو تہ هن کي ڪيترا ئي اصولي فيصلا ڪرڻا پون ٿا. جنهن ۾ سڀ کان اهم نقطو هي هوندو آهي تہ هُن جي آتم ڪهاڻي، جيڪا ماضيءَ جو پڙاڏو هوندي آهي، اها هن جي حال سان ٺهڪندڙ ڪيئن هجي؟ چوڻ جو مطلب هي آهي تہ هو آتم ڪٿا لکڻ مهل واقعن جي ترتيب ۽ انهن جا تفصيل اهڙي نموني لکندو آهي، جيئن هُن جي شخصيت سماجي ۽ سياسي تصورن سان ٽڪراءَ ۾ نہ اچي. ان ڪانسواءِ آتم ڪهاڻي لکڻ وقت هڪ ليکڪ کي اِنهيءَ ڳالهہ جو پڻ خيال رکڻو پوي ٿو تہ هو پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو تسلسل اهين رکي جو اُن ۾ هُن جي شخصيت جو باترتيب تسلسل پڙهندڙن اڳيان واضح ٿي بيهي.

ڪابہ آتم ڪهاڻي حقيقت ۾ ليکڪ جو شخصي، سماجيَ ۽ سياسي تعارف هوندي آهي. دنيا ۾ لکيل آتم ڪهاڻين کي مختلف حصن ۾

ورهائي سگهجي ٿو: ڪي آتم ڪهاڻيون اهڙيون آهن، جن ۾ انهيءَ دؤر جا سماجي لڳ لاڳاپا وڌيڪ واضح نظر اچن ٿا، يعني اهڙيون آتم ڪهاڻيون سماجي لڳ لاڳاپن، سياسي تحريڪن ۽ عوام جي مجموعي رَوش تي روشني وجهن ٿيون. پر ڪي آتم ڪهاڻيون اهڙيون آهن، جن ۾ ليکڪ خود مرڪزي ڪردار هوندو آهي ۽ سڀ سماجي لڳ لاڳاپا هُن جي چوڌرد ڦرندا نظر ايندا آهن. هو پڙهندڙن کي پنهنجي معرفت سماجي صورتحال ۽ سياسي تحريڪن بابت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هتي، آتم ڪٿائن جي حوالي سان هڪ ٻيو بحث هي به ٿيندو رهيو آهي ته جيڪي آتم ڪهاڻيون 40 سالن جي عمر ۾ لکيون ويون آهن، انهن ۾ سچائيءَ جو عنصر سَرس آهي. پر اُهي آتم ڪهاڻيون، جيڪي 60 سالن جي عمر کان پوءِ لکيون ويون آهن، انهن ۾ ليکڪن شعوري ڪوشش تحت پنهنجي شخصيت سان تڪراءَ ۾ نه ايندڙ مواد تخليقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻيو نقطو به بحث هيٺ رهيو آهي ته آتم ڪهاڻي 40 سالن جي عمر ۾ لکجي يا 60 سالن جي ڄمار ۾، پر اُها مڪمل سچ نه هوندي آهي. آتم ڪهاڻيءَ ۾ دراصل ليکڪ تخليقي انداز ۽ سچائيءَ سان صرف پنهنجي ٻاراڻي زندگي ئي لکي سگهي ٿو، ڇو ته جيئن جيئن هو سماجي لڳ لاڳاپن ۽ سياسي وابستگين سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو، تيئن تيئن گوناگون لقائن، خيالن ۽ نظرين کان متاثر ٿئي ٿو، ۽ نه چاهيندي به ڪيتريون ئي ڳالهيون (آتم ڪٿا ۾) انهيءَ خيال کان منظر عام تي نٿو آڻي ته متان اُهي ماڻهو، جن سان زندگيءَ جي ڪنهن دؤر ۾ هو (ليکڪ) واسطي ۾ آيو هوندو، انهن تي ڪي اثر نه پون. اهو ئي سبب آهي جو آتم ڪهاڻي لکندڙ پنهنجي دوستن ۽ پونئرن کي اها تاڪيد ڪندا آهن ته سندن آتم-ڪٿائون هُنن جي وفات کان پوءِ شايع ڪيون وڃن. ڪن حالتن ۾ ته سندن دوست ۽ عزيز انهيءَ تاڪيد جي پوئواري

ڪندا آهن پر اڪثر ڪري ائين ڪونہ ٿو ٿئي ۽ نتيجي طور هڪ وڏي دؤر جي تاريخ منظر عام تي اچڻ کان محروم رهجي وڃي ٿي!

آتم ڪهاڻي هڪ طرف ادب جي انتهائي اهم صنف آهي تہ ٻئي طرف سماجي سائنسدانن لاءِ مواد فراهم ڪندڙ اهم دستاويز پڻ. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي نظر وجهندي، اها ڳالهہ چٽي سگهجي ٿي تہ جيترين آتم ڪهاڻين جو تعداد شايع ٿيڻ گهرجي ها، اهو ڪو نہ ٿيو آهي! پر جيڪي شايع ٿيون بہ آهن، انهن جي ادبي حيثيت ۽ سماجي مواد جو معيار ڪو اطمينان جوڳو نہ آهي! ان جو شايد مکيہ سبب هي آهي تہ اُهي ماڻهو جنِ کي زندگيءَ ۾ ڏسڻ وائسڻ ۽ پڙهڻ پروڙڻ جو موقعو مليو آهي، انهن کي لازمي طور آتم ڪهاڻيون لکڻ گهرجن. پر شايد هُو انڪري نٿا لکن جو جڏهن ڪورو ڪاغذ ۽ قلم آپ بيتي لکڻ لاءِ سندن اڳيان اچي ٿو تہ هو پنهنجو ماضي قلمبند ڪرڻ کان ڪيٻائين ٿا. ڇاڪاڻ تہ کين ڊپ آهي تہ جيڪڏهن هنن پنهنجي ماضيءَ کي سچائيءَ جي بنياد تي قلمبند ڪيو تہ هنن جو موجوده تعارف رد ٿي ويندو. ائين ڪندي حقيقت ۾ هُو سنڌي ادب کي ڪاپاري ڌڪ هڻي رهيا آهن، ڇو تہ هڪ طرف سنڌي ادب ۾ شاندار آتم ڪهاڻيون شايع نہ ٿي رهيون آهن تہ ٻئي طرف ناول نگارن کي ڪو شاندار ناول تخليق ڪرڻ لاءِ ڪچو مواد پڻ ميسر نہ ٿي رهيو آهي. جيئن تہ اسان وٽ آتم ڪهاڻيون، جيون ڪهاڻيون، يادگيريون، ڊائريون، سفرناما ۽ مشاهداتي رپورتون گهٽ تعداد ۾ لکيون ۽ شايع ٿيون ڪيون وڃن، تنهنڪري اعليٰ معيار جا ناول سرجي نہ سگهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ هڪ ليکڪ لاءِ سندس مشاهدي ۽ مطالعي کان سواءِ هڪ سگهارو پلاٽ، ڪردار، ۽ سماجي، سياسي ۽ ثقافتي تاڃي پيٽي ۾ مددگار سماجي ثقافتي علم پڻ (قلمبند ٿيل) وڏو مددگار هوندو آهي.

ايم ايڇ پنهور صاحب جي هيءَ آتم ڪهاڻي شروع ۾ بيان ڪيل ٻنهي نقطه نظرن جو خوبصورت امتزاج آهي، جنهن ۾ هُو پنهنجي شخصيت جي ٿورڙي جهلڪ ڏيکارڻ بعد پڙهندڙن آڏو ان وقت جي سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال جو نقشو چِٽي ٿو.

اسان کي پڪ آهي ته هيءَ آتم ڪٿا سنڌي ادب ۾ هڪ بي بها اضافو ثابت ٿيندي ۽ سنڌ تي تحقيق ڪندڙ خاص ڪري جن جي دلچسپي انگريز دؤر سان آهي، لاءِ هڪ مستند حوالي طور ڪتب اچي سگهندي.

هن ڪتاب جي هڪ خصوصيت هيءَ به آهي ته پنهور صاحب پنهنجي ٻاراڻن واقعن کي بنياد بنائي، انهن جي سماجي ۽ سياسي پس منظر ۽ افاديت تي روشني وڌي آهي. آتم ڪهاڻي لکڻ جو اهو ڍانءُ انگريزي ادب ۾ ته موجود آهي پر سنڌي ادب ۾ جيڪڏهن اِن نموني تحت کي آتم ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن ته انهن ۾ هن جو به شمار ڪري سگهجي ٿو.

هي ڪتاب ڪيترا ئي سال اڳ ايم ايڇ پنهور صاحب انگريزي زبان ۾ (مختلف وقتن تي) لکيو هو، جنهن کي پوءِ ترتيب ڏئي، سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ حاڪم علي شاهه بخاريءَ جي حوالي ڪيو ويو. هتي هڪ ڳالهه واضح ڪجي ته پنهور صاحب سنڌيءَ ۾ آتم ڪهاڻي ترجمو ڪرائڻ ۽ شايع ڪرائڻ جو ارادو محمد امين مگسي صاحب جي صلاح تي ڪيو هو. جنهن هيءَ آتم ڪهاڻيءَ ڪمپوز به ڪرائي هئي پر پوءِ ان تي ڪا خاص اڳڀرائي ٿي نه سگهي. ان کان پوءِ پنهور صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻي اسان جي اداري طرفان شروع ڪيل سلسلي "منهنجي حياتي - منهنجو نياپو" هيٺ شايع ڪرائڻ جو ارادو ڏيکاريو، پر اسان کي ڪراچيءَ مان ڪمپوز ٿيل مواد ملڻ ۾ به سال لڳي ويا. ان کان پوءِ مواد هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڪمپيوٽر مان ضايع ٿي ويو، ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا پنهور صاحب مواد جي ترتيب تبديل ڪرڻ سان گڏوگڏ اضافا به

ڪندو رهيو. ڪتاب ڪمپوز ٿيڻ ڪان پوءِ به پنهور صاحب مواد موڪليندو رهيو، جنهنڪري آخرڪار اسان کي سائينءَ کي روڪڻو پيو.

هن آتم ڪٿا جا ڪيترا ئي باب مون ۽ ڪلال خاصخيليءَ ترجمو ڪيا. جڏهن ته گهڻ ۾ گهڻ ڏهه پيرا مهراڻ ملاح هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ ڪئي. ان کان پوءِ محمد ابراهيم جويي صاحب به دفعا پروف پڙهيا ۽ سڄي مواد جي نظرثانيءَ سان گڏ اصل ڪتاب سان به ڀيٽيو. ايتري ڪوشش ڪان پوءِ به اسين سمجهون ٿا ته هن ڪتاب ۾ ڪي اوڻايون ضرور هونديون، جنهن لاءِ اسان جي خواهش آهي ته پڙهندڙ انهن جي نشاندهي ڪن ته جيئن ٻئي ڇاپي ۾ درستگيون ڪري سگهون.

آخر ۾ اسين ايم ايڇ پنهور ٽرسٽ جا پڻ ٿورائتا آهيون، جنهن هن ڪتاب کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ ساٿ ڏنو، ۽ آخر ۾ احمد سولنگيءَ جا پڻ وڏا وڙ، جنهن بار بار ڪتاب کي نه صرف ڪمپوز ڪيو پر ڪشاده دليءَ سان تبديليون به ڪندو رهيو.

ظفر جوڻيجو
ڊائريڪٽر
ٽي آر ڊي، حيدرآباد

سي - 73
جي ايم بي ڪالوني،
قاسم آباد حيدرآباد

15 اپريل، 2008ع

# ديباچو

هن آتم ڪهاڻيءَ کي غير معمولي نہ سمجهيو وڃي، انڪري جو سنڌ جا ماڻهو ڳوٺاڻي زندگي ۽ اُن جي مخصوص جوڙجڪ کان بخوبي واقف آهن. اهي سنڀاريندا تہ ڪنهن حد تائين ڪي ڳالهيون سندن ذاتي تجربن جهڙيون هونديون، بلڪ هو ان ۾ واڌارا بہ ڪري سگهندا. فرق رڳو اهو آهي تہ 1920ع کان وٺي 1947ع وارو عرصو نئين سوچ، نئين سماجي - اقتصادي حالت، ابتدائي تعليمي اثر ۽ ڪيترين ئي سياسي تحريڪن جو هو. مثال طور مقدس قرار ڏنل تحريڪ خلافت، جا ترڪيءَ جي خليفي جي حق ۾ قوم پرستيءَ خلاف ردِ عمل هئي؛ بمبئيءَ کان سنڌ جي علحدگيءَ جي تحريڪ، جا سنڌي قوم پرستيءَ جي اوسر جو مکيہ سبب هئي، سکر بئراج جو ٺهڻ، جنهن سان زرعي معيشت سڌري، ڳوٺاڻن ماڻهن ۾ سجاڳي آئي، انڪري يڪدم شهري ۽ ٻهراڙيءَ وارن ماڻهن جي وچ ۾ يا وڻجارن ۽ وڃائتن ۽ زراعتي گروهن جي وچ ۾ اجايو فرق آيو. شهري واپاري، جي گهڻو ڪري سنڌي هندو هئا، انهن تي ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي پوئتي رکڻ جو الزام لڳايو ويو. ذرو بہ نہ سوچيائون تہ هي واپاري طبقو گجراتي، مهاراشٽري، پنجابي، پوربي ۽ ٻين تجارتي ماڻهن جي مقابلي ۾ هو، ۽ جهد پٺي ڪيائون تہ هو پاڻ پنهنجي صوبي ۾ پير ڄمائين، نہ تہ وري جاءِ تي پَرائون ڏڙو اچي ويندو. ان جي نتيجي ۾ هلڪي ذهن جي هندن وري سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ

خلاف ”مسلمان بمقابل هندو“ تحريڪ هلائي. اهو هڪ حادثو هو، جنهن آهستي آهستي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفاق پيدا ڪيو، جنهن آخر 1947ع واري مصيبت آندي. اهو ئي منڌائيءَ وارو وقت هو، جڏهن مسلمانن هندن وٽ گروي رکيل زمينون بغير معاوضي آزاد ڪرائڻ چاهيون، پر هندن ان جي مخالفت ڪئي. زمين جي انتقال جائداد وارو حڪم گورنر پنجاب جاري ڪيو هو، جنهن موجب زميندار بي زمين کي زمين ڏئي نٿي سگهيو. اهو حڪم سنڌ ۾ نڪتو نه هو جو هندن سنڌ جي نئين اسيمبليءَ ۾ مخالفت ڪئي. هندن جي ميمبرن ۾ وزن هو. مسلمانن جي 32 ميمبرن جي مقابلي ۾ هندو 22 هئا، انڪري هو وزارتن ٺهرائڻ ۾ پنهنجي مرضي مجرائي به ٿي سگهيا. نراس ٿي مسلمانن پنهنجن ليڊرن جي هٺ هيٺ مسجد منزل گاهه آندولن منظم ڪيو. اهو ته معلوم هو ته ان سان هندو - مسلم فساد ٿيندو ۽ ڪئين جانيون ضايع ٿينديون، پر نتيجي ۾ مسلم ليگ جي مقبوليت وڌندي، جنهن ۾ هو آخرڪار ڪامياب ٿيا. هندو مسلم تعلقات ۾ اهو بدترين واقعو هو، جنهن تفرقي جو بنياد رکيو. بٽراج نڪرڻ ڪانپوءِ واري اقتصادي اوسر جي ڪري شاگردن جو وڏو تعداد ٻهراڙيءَ کان شهرن ۾ پڙهڻ لاءِ آيو، پر 1947ع واري ورهاڱي وقت 500 مسلمان شاگرد ڪاليجن ۾ هئا. هندو ان کان پنجوڻا هئا، پوءِ به مسلمان تڪڙا وڌي رهيا هئا. مسلمان، جي گهڻو ڪري ٻهراڙيءَ جا هئا، تن اهو نه سوچيو ته هو زراعت سان لاڳاپيل هئا. 19 صديءَ جي وچ تائين معيشت جو بنياد ۽ طاقت جو وسيلو زراعتي زمين هئي. واپار، صنعت ۽ برآمدات وڌائي انگريزن توازن بدلائي ڇڏيو هو. وڏا ننڍا شهر ٻهراڙين مٿان حاوي ٿي ويا هئا. مسلمان، زمين ۽ ٻوڪ سان سلهاڙيل رهيا، جديد تعليم ۾ اڳتي وڌي نه سگهيا ۽ نه وري چُريا، انڪري مسلمان طبقو پوئتي رهجي ويو. 1923ع کان انگريزن سڌارا ۽ چونڊون متعارف ڪرايون. زميندارن ڏٺو ته

چونڊن ذريعي هو چيدن ماڻهن ۾ شامل ٿي ٿي سگهيا ۽ چونڊن کٽڻ لاءِ انهن کي ڳوٺاڻن مسلمانن کي تعليمي ۽ اقتصادي ميدان ۾ روڪي رکڻو هو ۽ غير مسلمانن کي مذهب رستي استعمال ڪرڻو هو. آزاديءَ بعد نتيجو اهو نڪتو، جو ٻاهران آيل پناهگيرن زوريءَ هندن کي سنڌ مان ڪڍيو ۽ سنڌي مسلمان پوريءَ طرح پڙهيل لکيل ۽ اقتصادي طور سگهارا نه هئڻ ڪري، اهو خال پري نه سگهيا. پهرين جنگ عظيم بعد 1930-40ع جي وچ ۾ گهٽي اقتصادي موڙي ٿي، زرعي جنسن جا اگهه ڪري وڃي تري ۾ پيا. سنڌو ڏهن ايڪڙن زمين وارو پاڻ ٻني ڪندڙ گهٽ ۾ گهٽ ٿن وڏيڪ گهر جي جوان ڀاتين سميت ڪم ڪندي، سڄي سال ۾ 60 رپيا يا ٻه تولا سون جي قيمت جيترو مس ڪمائي ٿي سگهيو. انڪري مايوسي پيدا ٿي، جنهن جو هندن جي بي واجبين ڪري پائمال ٿيل مسلمانن جي نالي ۾ وڏيرن سياستڪارن وڏو فائدو ورتو. مُلا هميشه صحيح يا غلط سبب پيدا ٿيڻ تي مسلمانن ۽ اسلام کي خطري جي نالي ۾ ماڻهن کي سولائيءَ سان ميڙائي، اڳواٽي ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. مٿن طنز طور ڪن شاعرن وري اهڙي شاعري ڪئي. هونءَ به مسلم ليگ، چونڊ شهري ماڻهن ۽ ٻهراڙيءَ جي زميندار طبقي سيدن، مخدومن، پيرن وغيره جي ٽولي جي جماعت هئي پر غريبن جي نه، مُلن لاءِ ان ۾ اڳواٽي ڪرڻ مشڪل ٿي پئي. اهو سگهر ماڻهن جو طبقو عوام کي شامل ڪرڻ جي حق ۾ به نه هو، ڇاڪاڻ ته اهي سنڌن مڪپٽي جو خاتمو ڪري سگهيا ٿي. مسلم ليگ تي چند شهري مالدارن ۽ ٻهراڙيءَ جي وڏيرن جو قبضو هو، جي پنهنجي اڻپڙهيل هارين تي دٻاءُ رکي، ڪنهن به اميدوار يا جماعت کي ووٽ ڏياري سگهيا ٿي. ڪي وچئين طبقي ۽ هيٺئين درجي جا ايماندار ڪارڪن به هئا، جن مسلم ليگ کي مقبول ڪرائڻ ۾ جي . ايم. سيد سان هٿ ۾ هٿ ملايو، پر اهي انهن وڏن ماڻهن لاءِ جڻ ته ڪين جهڙا هئا. هنن جي . ايم . سيد کي ان لاءِ

برداشت ڪيو هو، جو هو سندس سياسي حڪمت عملي، اظهار خيال، لکت ۽ وويڪي ايمانداريءَ جي سطح کي ڇهي نٿي سگهيا.

پهرين ڏهن سالن جي عمر تائين سنڌ بابت منهنجيءَ سوچ مستقبل ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ منهنجي رهنمائي ڪئي. مون ٻين مذهبن جي ماڻهن، وسوسن، جادوگرن، ڀوتن، ديون، اسرارن، متوفي اوليائن وغيره جي الله لوڪائي طاقتن بابت بدگمانيون ختم ڪري ڇڏيون هيون. مون سمجهيو ته علم جي حد نه آهي، سڄي عمر سکجي تڏهن به پورو ٿي نه سگهندو. مون هميشه سقراط کي پٺي سارا‌هيو آهي، جنهن چيو هو: "ماڻهو مون کي سياڻو سمجهن ٿا، پر مان ته ڪجهه نٿو ڄاڻان." مان سمجهان ٿو ته ساڳي ڳالهه مون لاءِ به صحيح آهي ۽ انڪري اڄ ڏينهن تائين رات ڏينهن جستجو ۾ لڳو رهندو آهيان.

مون کي خاطري آهي ته قلم تلوار کان وڌيڪ سگهارو آهي. مان گهڻ دماغ وارن شاهوڪارن کان وڌيڪ پڙهيل ماڻهن جي عزت ڪندو آهيان. ٻيو نقطو، جو مان جلدي سکيس، سو هو ته "ذات، عقيدي ۽ رنگ جي امتياز ڪانسواءِ سيني کي برداشت ڪرڻ." ٻي تشويش مون کي اها هئي ته اڪثر ماڻهو ڪوڙ ڳالهائين ٿا! مان تصور ڪري نه سگهيس ته آخرڪار اهي ڪوڙ ڇو ٿا هڻن؟ فطرت لاءِ منهنجو پيار ۽ ان جي محبت، منهنجي سکڻ جي خواهش جو نتيجو هو، جنهن لاءِ مون کي وڻ ٽڻ، ٻوٽو ٻوٽو، ٻنو ٻنو، قدرتي ساوڪ ۽ غير آباد زمين ڏسڻ جو موقعو مليو. نه رڳو ايترو پر مان ننڍي هوندي ڪکن جا ڍير، وڻن هيٺان ٻن، پاپڙا، ٻير وغيره هٿائي جيت ڏسندو هئس، پر انهن کي ماريم ڪونه. پوپٽ جهليم پر انهن جا سهڻا کنڀ ڏسڻ بعد کين آزاد ڪري ڇڏي ڏنم. پکين جا آنا لاهڻ ۽ ڦوڙڻ نهايت دلچسپ لڳندو هو، پر مون انهن ۾ ڪڏهن به ڦيٽاڙو ڪونه وڌو. ان جو اهو اثر ٿيو، جو مون ڪڏهن شڪار

۾ حصو ڪونہ ورتو، نہ وري ڪڏهن ڪو پکي يا جانور ماريو: پر گوشت ۽ ڪڪڙ وغيره سو ڪاڏو آهي!

مٿين حقيقتن مون کي سنڌ جي سرزمين سان ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ مان ان جو اسير آهيان. سنڌ سان بي انصافي يا ان جي مقصد يا فائدي سان ڪُنياءُ مون کيَ پڙڪائي ۽ بي چين ڪري ٿو ڇڏي. مان سچي حياتي انهيءَ اصول تي قائم رهيو آهيان تہ هر سنڌ ۾ ڄايل ۽ دفنايل سنڌي آهي ۽ مون جهڙا حق رکي ٿو. پنهنجي سورنهن سالن جي سرڪاري نوڪريءَ دوران مون هميشہ انهيءَ اصول تحت پرتيون ڪيون ۽ هر مسئلو لياقت ۽ تدبر يا گهٽي نوڪريءَ جي بنياد تي حل ڪيم ۽ موٽ ۾ مون کي ذهني سڪون حاصل ٿيو، جيتوڻيڪ ڪن سنڌين اهڙي نظر رکڻ ڪري مون کي سنڌين جو دشمن بہ ڪوٺيو، پر مون اها ڳالهہ ڪن - ٽار ڪري ڇڏي.

●●●

اسان جي ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهو گهٽو ڪري مُلان هئا. پرائمري اسڪول جي تعليم فقط منهنجي پيءُ ۽ مامن ورتي هئي. خلافت تحريڪ جي ڪري منهنجي پيءُ ۽ مامي محمد نواز ڪان پرائمري اسڪول ڇڏايو ويو ۽ اها پروپيگنڊا ڪئي ويئي تہ انگريزي اسڪول ۾ تعليم غير اسلامي آهي، انڪري ڳوٺ ۾ اسڪول کولڻ ۽ ٻارن جي تعليم خلاف مُلن نفرت ڦهلائي. ويتر جو پرائمري اسڪول جي جاگرافيءَ جي ڪتابن مان اسڪول جي ماستر ٻڌايو تہ سج گرهڻ، چنڊ جي سج ۽ ڌرتيءَ جي پوري وچ ۾ اچڻ سان ٿئي ٿو، پوءِ تہ مُلن ان ڳالهہ کي ڪفر قرار ڏنو ۽ چوڪرن ۽ ماستر تي چٽرون ڪرڻ لڳا. مُلن جو عقيدو هو تہ سج گرهڻ

خدا جي طرفان سچ کي عذاب ڏيڻ جو نتيجو آهي. ساڳيو قصو چنڊ گرهڻ لاءِ چيو ويندو هو. ڳوٺ وارن کي ان ڳالهہ تي ڪو اعتقاد ڪونہ هو، پر سڀ ڪان وڌيڪ ڊپ ڌرتيءَ جي ڌٻڻ جو هو. سنڌ جي هرهڪ قديم شهر جي ڊٺل دڙي لاءِ قصو مشهور هو تہ اهو بد چال دلوراءِ جي ڪُڌن ڪمن جي ڪري غرق ٿيل شهر هو، جو ڌرتيءَ جي ڌٻڻ سان ناس ٿيو هو. سڄي سنڌ سخت ڌرتيءَ جي ڌٻڻ جي حد ( Active seismic zone) ڪان ٻاهر آهي، سواءِ ڪڇ رڻ جي ۽ جاتيءَ ڪان هيٺ سامونڊي ڪناري ۽ ڪراچيءَ جي پر وارن علائقن جي، جتي البت هلڪا لوڏا ضرور ايندا آهن. اهڙا لوڏا جڏهن ايندا هئا تہ ماڻهن کي اچي ڊپ ورائيندو هو تہ جاڻ شهر غرق ٿيو ۽ اسين سڀ ڳوٺ جي فلاڻن بدچال ماڻهن جي عادتن جي ڪري غرق ٿينداسين. اهڙي قسم جي سوچ ملڪ کي پوئتي رکيو آهي.

مون کي ياد ٿو اچي تہ اٽليءَ جي مشهور سائنسدان گليلو (1641-1564) جڏهن لکيو تہ ڌرتي ۽ ٻيا گرهہ سج جي چوطرف ڦري رهيا آهن تہ چرچ (Church) هن ڪان معافي ورتائي تہ هو اهڙا خيال وري ظاهر نہ ڪندو. هن ڪان اڳ رابرٽ برونو کي، جو بہ اٽليءَ جو هو، ساڳيو خيال ظاهر ڪرڻ تي، چرچ جي مقرر ڪيل ججن زنده باهہ ۾ جلائڻ جي سزا ڏني هئي. انهن ٻنهي ڪان اڳ ڪاپرنيڪس (1573-1473)، جو پولنڊ ۾ پادري هو، ان بہ اهڙو خيال ظاهر ڪيو ۽ سندس ڪتاب ان ڏينهن ئي ڇپيو، جنهن ڏينهن هو فوت ٿيو ۽ ڇپيندڙ ڪيس مرڻ ڪان اڳ پهرين ڪاپي ڏيکاري.

چرچ جي اهڙي فيصلي جو اهو نتيجو نڪتو، جو گليلي ڪان پوءِ اٽلي ڪيترين ئي صدين تائين ڪو سائنسدان پيدا نہ ڪري سگهي. ۽ انهن سيني ملڪن، جتي چرچ سائنس کي نقصان پهچائي رهي هئي،اتي سائنسدان پيدا نہ ٿي سگهيا. سائنسدان فقط پراٽيسٽنٽ ملڪن ۾ پيدا ٿيا،

جتي چرچ جو ماڻهن تي اثر گهٽ هو. 1700ع ۾ پراٽيسٽنٽ ملڪن ۾ ماڻهن جي دماغي سوچ ساڳي هئي، جا اڄ جي يورپين ۾آهي. آءٌ ننڍي هوندي کان وٺي ڳوٺ ۾ ماڻهن تي مُلائيت حاوي ڏٺڻ جي خلاف هئس ۽ ٽيرهن ورهين جي عمر ۾ ٿي آزاد خيال ٿي ويس. پر ان کان بعد سڄي اسڪول جي زماني ۾ آهستي آهستي دماغ مان اهي روايتي اثر ۽ اعتقاد ڇڏي، ڪاليج ۾ پهچڻ کان اڳ پاڻ کي مڪمل آزاد خيال بڻائي چڪو هئس. اڄ اسي ورهين جي عمر ۾ مون کي پنهنجي آزاد سوچ تي وڏي خوشي آهي. ان سوچ جي حوالي سان جن ماڻهن مون تي فڪري اثر وڌا، تن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ مان رهي نٿو سگهان، ۽ اهي هئا منهنجو مامو حڪيم محمد صالح، پرائمري اسڪول جو ماستر غلام حسين ميربحر، جو پنهنجي ليکي سائنس، جاگرافي ۽ حسابن جو ڏاڍو هوشيار هو ۽ سٺي نموني سان سمجهائيندو هو، انگريزي انهن جي چوڻ تي مون گهٽو ڏيان ڏنو، ۽ جو به ڪتاب هٿ لڳم، ان ۾ اهي موضوع وڏي توجهه سان پڙهيم. ميهڙ هاءِ اسڪول جي وقت ۾ استاد چندناڻيءَ مون کي سائنس تي هر قسم جا ڪتاب ڏنا ۽ ان کان سواءِ نفسيات ۽ سماجيات جي سائنس طرف زور ڏياريو. انهن کان سواءِ هن مون کي ايچ.جي.ويلس جي دنيا جي تاريخ به ڏني. اڄ تائين مون تاريخ تي سوين ڪتاب پڙهيا آهن. انهن سيني اثرن جي ڪري، ڪاليج ۾ اچڻ کان پوءِ آءٌ پنهنجي ليکي اڀياس ڪندو رهيس. منهنجو اڄ به خيال آهي ته مُلان، پادري، پنڊت، ڀڪشو ۽ اهڙي قسم جي مذهبيت وارن ماڻهن مذهبن کي پنهنجي ذات لاءِ استعمال ڪندي غريب ماڻهن ۽ ملڪن کي پوئتي رکيو آهي.

1917ع ۾ ايشيائي فلو هڪ نزلي جي بيماري آئي، ان ۾ سنڌ جي ڳوٺن جا 40 سيڪڙو ۽ شهرن جا 20 سيڪڙو ماڻهو مئا. ماڻهن ۾ وهم پيدا ٿيو ته اهو پڇڙ تاري يا ڪاميٽ (Comet) جي ظاهر ٿيڻ کان بعد ٿي ٿيو هو. پڇڙ تارو هر 76 سالن بعد ايندو آهي. اڳي ماڻهن جي عمر ايتري

ڪانہ هئي، جو بہ دفعا پيچڙ تارا ڏسي سگھن. اڳئين وقت ۾ عوام کي بيوقوف بنائڻ جو هڪ اهو بہ طريقو هو ۽ مُلان يڪدم ماڻهن کي مذهبي فرض وغيره ڏانهن توجهہ ڏيارڻ ۾ مشغول ٿي ويندا هئا، ۽ ان کي قيامت جي اچڻ جي علامت سمجهندا ۽ ڊڄائيندا هئا.'

ايم.ايچ.پنهور
حيدرآباد
جنوري 2006ع

# منهنجو ڳوٺ

منهنجو جنم دادو تعلقي ۽ ضلعي جي ڳوٺ ابراهيم ڪچيءَ ۾ ٿيو. هيءُ ڳوٺ 1857ع واريءَ بغاوت وقت، دادوءَ لڳ قومي شاهراه تان لنگهندي برطانوي فوج جي جٿن تي فائرنگ ڪندڙ ڇٽن نوجوان پنهوَر باغين آباد ڪيو هو. برطانوي فوجين چند باغي ماريا، جڏهن تہ باقي بچي نڪتا، جن مان هي چار، سنڌونديءَ جي ويجهو پاٽ - باغبان جي رستي جي وچ تي، گهاٽي جهنگ کي صاف ڪري ڍنگهرن جون ڪنڌيون ۽ لوڙها ڏئي، ڪائين ۽ لئي جي ٽارين جا عارضي اجها اڏي ويٺا. بگهڙن جي ڊپ کان هنن پنهنجي احاطن جون ڪڙهون ڪنڊن ۽ ڍنگهرن سان بند ڪيون. منهنجي پڙ ڏاڏي حاجيءَ (جيڪو نالو منهنجي والد حاجيءَ جي جمڻ کان ٻہ صديون اڳ ۾ ٽي دفعا دهرائجي چڪو هو) جو 75 سالہ پراڻو، نم جي ڪائين مان ٺهيل پهيي جيئن گُهر مون ننڍي هوندي ڏٺو. ٻيا ماڻهو، جهلِي ڳوٺ کان ٻَچلُ، جنهن پوءِ پنهنجا سوٽ بہ آندا، ۽ پير ڳُٽئي کان ملو ابراهيم، ڳوٺ جو مستند ملان ۽ چوٿون حافظ موسيٰ جو پيءُ ڳوٺ گهلوءَ کان لڏي آيا. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ نين بستين لاءِ ماحول سازگار هو. حاڪمن ڇڙ وڇڙ ٿيل فسادين کان ڪن لاٿار ڪندي مصلحت آميز رويو اختيار ڪيو.

1859ع ۾ هندستان جي وائسراءِ ماڻهن کي رواجي اگهن تي سرڪاري زمينون ڏيڻ لاءِ پڌرنامو جاري ڪيو. 1859ع ۾ ايم - آر - هيگ (پوءِ

ميجر جنرل) جيڪو وقت جو ڪشاده دل ماڻهو هو، تنهن کي سنڌ جو ڊائريڪٽر سروي ۽ سيٽلمينٽ مقرر ڪيو ويو ۽ هو 20 سالن تائين ان عهدي تي رهيو. هو سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ماڻهن کان بخوبي واقف هو ۽ غريبن، جن کي هن زمينون ڏنيون هيون، تن جو همدرد هو. سنڌ مان سنڌس بدلي ڪرائڻ لاءِ ڪراچي، شڪارپور ۽ حيدرآباد، تنهي ضلعن جي ڪليڪٽرن ڪوششون ڪيون، پر سنڌس لياقت ۽ محنت جي ڪري بمبئي حڪومت ڪيس سنڌ ۾ ئي رهڻ ڏنو. هيءَ وڏن وڏيرن جي فائدي ۾ نه هو ۽ يقين هيس ته ننڍا آبادڪار ۽ هاري بهتر ڪم ڪري سگهندا. پر ڪليڪٽرن جي مخالفت جي ڪري اِن ۾ گهٽ ڪامياب ٿيو، ۽ زمينون وڏن زميندارن ۽ واپارين ۽ آفيسرن خريد ڪيون.

آبپاشي کاتو ٻه 1855ع کان وٺي، فيف (Fife) صاحب جي نظر هيٺ واهن جي سڌاري ۽ بحاليءَ ۾ رڌل هو ۽ نيون زمينون آباد پئي ٿيون. ابراهيم ڪچيءَ جي بستيءَ کي الهندي ناري مان نڪرندڙ مارئي واهه مان محدود پاڻي مليو ٿي. ماڻهن چوپائي مال ۽ محدود کيتيءَ تي گذارو پئي ڪيو، پر جلد ئي سڌو سنڌو درياءَ مان ناري واهه جي ڪڪڙ لڳ پرتي لاءِ ٻيو ٻه واهه کوٽرايو ويو، جنهنڪري 1600 ڪيوسڪس پاڻي وڌيو ۽ آسو پاسو آباد ٿيو. حڪومت ناصرائين لڳ سنڌو درياءَ مان نئون واهه کڍرائي پراڻي نور واهه ۾ وڌو، جيڪو دادوءَ کان ٻه ميل اتر ۾ الهندي ناري مان ڦٽندو هو. نئين نور واهه نه رڳو ڇاٽايل بستيءَ، پر سڄي دادو تعلقي ۾ زرخيزي ۽ آسودگي آندي، جنهنڪري پوءِ اهو تعلقو تعليم ۾ تمام اڳيرو ٿيو. 1878ع ۾ سنڌ ريلوي کي ڪوٽڙيءَ کان رڪ تائين وڌايو ويو. خود جنرل هيگ دادوءَ ۾ منزل ڪئي ۽ آبادگارن کي زمينون ڏنيون. ان ڪري هيءَ بستي (ابراهيم ڪچي) هڪ وڏو ڳوٺ ٿي ويو. گهٽو اڳ جهنگ صفا ٿي وڃڻ جي ڪري ٻگهڙ، چراخ، لومڙ، گدڙ، سيهڙ، سوئر، هرڻ ۽ ڦاڙها وغيره ته پوءِ ڀڄي ويا هئا. پر آبپاشيءَ

کان خالي ڀيو سڄو پَٽُ ٻنھہ ٻر ھو. شروعات ۾ ماڻھن زمينون صفا ڪري آباد ڪيون پر ڏل ڪونہ ڏيندا ھئا. پوءِ ڪين زمينون منظور ٿي مليون ۽ ڏل وصول ٿيڻ لڳي. ننڍي لاڪون مون وچ جون مھيني کان وچ آڪٽوبر تائين سيلابي واھہ وھندي ڏٺا. مون سڳداسي سارين جا جلد پچندڙ جنس کان مھينو پوءِ، ڪانگڙي جنس جا نومبر ۾ لابارا، نومبر جي آخر ۽ ڊسمبرَ جي شروعات ۾ ڳاھہ ۽ وائرون، ۽ ڊسمبر جي آخر ۾ اُھي وڪرو ٿيندي ڏٺا. جيڪب آباد کان سيوھڻ تائين سارين جو ساڳيو فصل ھو، پر واھن جي پڇڙين ۽ اھڙن ھنڌن تي، جتي ھڪ يا ٻن مھينن لاءِ پاڻي ميسر ھو، اتي جوئر ۽ ٻاجھري بہ پوکبي ھئي. وچ آڪٽوبر کانپوءِ جڏھن پاڻي نہ ھوندو ھو تہ مٽر، چڻا ۽ تيلي ٻج ۽ بعضي ڪٽڪ جا ٻيو دوباري فصل پوکبا ھئا. ڪي ڀاڄيون جھڙوڪ پالڪ وغيره بہ پوکبيون ھيون. اونھاري ۾ ڪدوءَ ۽ تورين وغيره جھڙيون ڀاڄيون سارين جي ٻنن تي پوکيندا ھئا. دوباري فصل جو لابارو فيبروري - مارچ ۾ ۽ ڪٽڪن جا لابارا اپريل جي شروع ڌاري ٿيندا ھئا. سياري ۾ پاڻي نہ ھئڻ جي ڪري پيداوار گھٽ لھندي ھئي. انھيءَ پوک مان داليون، تيل، ڪڙ ۽ ڪَتيءَ مان مال جو چارو حاصل ٿيندو ھو. مارچ کان جولاءِ تائين ويران زمين ڀيانڪ ڀاسندي ھئي، مٿان وري اونھاري جي سج جي ساڙيندڙ گرمي ۽ چنجھائيندڙ ھوا. پاڻيءَ جي اڻاٺ جي ڪري پکي تورا ۽ ڪي قسم وقتي ناپيد بہ ٿي ويندا ھئا. دوباري فصل تي ڏل ۽ آبيانو نہ پوندو ھو. ساوڪ ختم ۽ زميني جيوت نہ ھئڻ جي برابر وڃي بچندي ھئي. حالانڪ جيت، ڪِنا، تنڊڻ، مڇر ۽ مکيون وغيره بہ گھٽجي ويندا ھئا. ان ڪري انتھائي ويراني ۾ ھئڻ جو احساس ٿيندو ھو. اونھاري ۾ وقت سِر پاڻيءَ جي قلت جي ڪري جيڪڏھن ساريون وقت تي نہ پوکي سگھبيون ھيون، تہ جوئر، ٻاجھر ۽ ٿوري وقت اندر تيار ٿيندڙ فصل پوکبا ھئا. جن جي پيداوار گھٽ، پر غذائي خاصيت چانورن کان وڌيڪ ھئي. جڏھن تہ

ڪَڙَپ چاري طور ڪتب ايندي هئي. رهجي ويل پکي معجزاتي طور پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ لاچار پاڻيءَ جي نڪر جي ڏڪيل ٿانون تي ويهندا هئا. ڳوٺ جي چوڌاري پاڻي کارو هو. ڳوٺ ۾ رڳو هڪ تازي يا مٺي پاڻيءَ جو کوهہ هو. سڄو ڳوٺ اتي ايندو هو. مرد مال کي پيئارڻ ۽ عورتون گهر جو پاڻي دلن سان ڀرڻ لاءِ اتي ايندڀون هيون. اڪثر عورتون ٻہ ٽي گهڙا مٿي تي، ٻنهي ڪڇن ۾ هڪ تي ٻار تہ ٻيءَ تي گهڙو کڻنديون هيون. مال کي صبح ۽ شام پاڻي پيئاربو هو. کوهن تي نار لڳل هو، جو ٻارهين صديءَ ۾ عربن وٽ سنڌي نار جي نالي سان چاتل هوندو هو، جنهن کي انگريزيءَ ۾ پرشن ويل (Persian Wheel) ڪوٺيل آهي. اهو چار ڪلاڪ صبح ۽ چار ڪلاڪ پونياڙيءَ جو هلندو هو. ڳوٺاڻا هن نار جي هلائڻ لاءِ واري سان ڏاند ڏيندا هئا. وچ مارچ کان سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ تائين گرمي چراتيندي هئي، اس چنجهائيندي هئي، زمين ٽامون ٿي ويندي هئي ۽ جهولو بت کي پيو ساڙيندو هو. پورا ٿورا لوساتجي ويندا هئا، واءُ بند ٿي ويندو هو ۽ ماڻهن جي جسم مان پگهر جي بوءِ پئي ايندي هئي.

12 جنوري 1932ع تي انگريزن جي مهربانيءَ سان سکر بئراج اُڙهو، جنهن خوشحالي ۽ ماحول ۾ تبديلي آندي. اونهارن جون گرميون ۽ سيارن جا پارا ماٺا ٿيا. سکر بئراج کان اڳ دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ هر سال اتڪل ست ست راتيون پارو پوندو هو ۽ ولهہ تي رکيل پاڻي ڄمي ويندو هو. ڪيئي پيرا پاري جي سواد وٺڻ لاءِ ڄاڻي واڻي ائين ڪيو ويندو هو. زميني پاڻي کارو هو، انڪري ڳوٺ ۾ ڪو وڻ پوکيل ڪونہ هو. جي قضا سان ڪو وڻ زمين جي ٻنن سان ڦٽو تہ ان کي ٻارڻ جي ڪاٺ يا هارين ۽ مال جي آساس لاءِ وڍڻ ڏبو هو. ٻير جو ميويدار وڻ هو، جيڪو اڪثر پاڻمرادو ٻنن تي ڦٽندو هو. ٻير ۽ ڪنڊي ۽ ٻيا بہ ڪي اهڙا وڻ هئا، جيڪي ٻنن تي ڦٽندا هئا. ڪپڙ، لئي، ۽ ڪرڙ جهڙا کاري پاڻيءَ تي ٽيڻ وارا ٻوٽا لوڻياڻي غير آباد پيل زمين ۾ ٿيندا هئا.

انهن اتفاقي وٿن کانسواءِ پيو ڪوبہ سائيدار وڻ ڪونہ هوندو هو. ڏڻ ۽ ڏنار گرميءَ وقت انهن ئي وٿن جي اوٽ وٺندا هئا.

ڳوٺ ۾ مسجد ۽ منهنجي مامي ۽ وڏيري الهورائي جي اوطاقن کان سواءِ ٻي ڪابہ گڏجي ويهڻ جي جاءِ ڪانہ هئي. منجهند کانپوءِ ڪلاڪ ٻن کن لاءِ ٿورا ماڻهو مسجد ۾ گڏبا هئا ۽ دنيوي ڳالهين جهڙوڪ سارين جي ٻيجاري، رونبي، لاباري، سفر، خريداري، قرض پڪي جي ڏيتي ليتي، ٻارن، شادين مرادين ۽ طهر بابت احوال اوريندا هئا. اوطاق ۾ ساڳين ڳالهين کانسواءِ جنسيات ۽ عورتن بابت بہ ڳالهيون ڪندا هئا. مسجد ۾ ٿورا ماڻهو هوندا هئا، جيڪي گنهگارن جي جيئري دوزخ جي باهہ ۾ سڙڻ بابت ڳالهيون بہ ڪندا هئا. مامي جي اوطاق بهرحال ماڻهن سان ڀريل هوندي هئي ۽ ان جا چاڪر گهٽو ڪري هاري هئا، جيڪي نماز ڪونہ پڙهندا هئا، چاڪاڻ تہ سندن ڪم ۽ نماز جا وقت ساڳيا هئا ۽ سخت پورهئي جي ڪري هو نماز لاءِ گهربل صفائي ۽ پاڪيزگي بہ رکي نٿي سگهيا. اهي چلم ڇڪڻ لاءِ اوطاق ۾ ڪٺا ٿيندا هئا. چلم لاءِ هر روز ڏيڍ آني جو تماڪ مامي جي خرچ تي ايندو هو. وڏيرو الهورايو سخت ڪنجوس هو ۽ چلم تي خرچ ڪرڻ جي عيوض ماڻهن کي مامي محمد صالح جي اوطاق ڏي موڪليندو هو. هي ٻئي ڏريون مسيتي ۽ اوطاقي هڪٻئي کان نفرت ۽ پنهنجي ڪچهرين ۾ هڪٻئي تي ٺٺوليون ڪندا هئا. اوطاقي اڪثر جسماني طور مضبوط ۽ محنتي ۽ سٺا هاري هئا، پر مسيتي ملا خودبين، نراس ۽ اوطاقين جا ٽوٽي هاري هئا. هي تماڪ نوشي نہ ڪندا هئا، پر منجهانئن ڪي نڪ ۾ ناس ڏيندا هئا. ناس تماڪ نوشيءَ کان وڏيڪ مضر آهي، ڇو جو ان مان ڳلي جو سرطان ٿئي ٿو. مسجد ويندڙن جي ٽولي ۾ سٺا هاري نہ هوندا هئا. ناس کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ هو چوندا هئا تہ ”چپٽتن واحدتن اند ضرورت جائزتن!“

ملان ڳوٺ تي غالب هئا ۽ پڪا ديندار هوندا هئا. ڳائڻ، وڄائڻ ۽ نچڻ

وارن جو ڳوٺ ۾ اچڻ بند هو. ملان بعضي مولود ۽ مداحون چوندا هئا پر شهري مولودين جي ڀيٽ ۾ گهٽ سريلا هئا. اسان جي ڳوٺ ۾ اٽڪل سائيڪو ڪن گهر هئا، جن مان چاليهارو پنهورن جا ۽ ويهارو ڪن ماڇين جا هئا. اسان جي ڳوٺ جا ماڇي ڇُهڙا يا ٻالا هئا، جيڪي قدرتي بيماريءَ ۾ مئل جانورن جو گوشت کائيندا هئا. هي حرام جانور به کائيندا هئا. ان ڪانسواءِ هي مئل جانورن جون کلون گڏ ڪري، لوٽي، انگلنڊ رواني ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ موڪليندا هئا. هي ڪتل، مئل ۽ جهنگلي جانورن جا هڏا به ميڙيندا هئا ۽ اهي به ٻين شين ٺهڻ لاءِ انگلنڊ موڪلبا هئا. اهي ماڇي هندن جي گهٽ ذاتين مان نالي طور مسلمان ٿيا هئا، انڪري هنن لاءِ ڏڪار عام نه هئي. اسان جي ڳوٺ ۾ اچڻ کان اڳ سندن مايون ڪسب ڪمائينديون هيون ۽ ڪي حيدرآباد ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي چڪلن ۾ ويٺل هيون. سندن ويجها مائٽ انڪري خوش هئا، جو هو انهن ڏانهن سوکڙيون ۽ پئسا وغيره موڪليندو هيون. سندن عورتون پنهنجي چاهت جي اظهار طور هِن يا هُن پنهور ڏانهن سنهيا موڪلينديون هيون، مرد وري ڪين سوکڙيون موڪليندا هئا.

اهڙن واسطن جي ڪري منهنجي پيءُ جو هڪ سؤٽ پير بخش هڪ پرڻيل نوجوان ماڇاڻي ڇوڪريءَ کي پڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڳوٺ جي سيني پنهورن ان کي ننديو. تڏهن مان ستن - اٺن سالن جو هئس. مون ان وقت به هنن جو پاسو نه ڪنيو ۽ سوچيم ته مرد ملوڪڙو هو ۽ عورت سهڻي، ۽ ٻنهي هڪٻئي کي پسند ڪيو هو، ته پوءِ ڳوناڻا مخالفت چو پيا ڪن؟ اڄ مان سمجهان ٿو ته عورت جي حقن لاءِ جذبو مون ۾ ننڍي لاڪر هو. سنڌ جي مڇي مارينڙ عام ماڇين کي، جيڪي اسان جي ڳوٺ وارن ٻالن ماڇين کان سماجي طور مختلف هئا، هنن سان نه ملايو وڃي. ٻالن ماڇين جي ڇوڪرين جي سولائيءَ سان ملي وڃڻ واري رويي جو هڪ اثر اهو ٿيو، جو پنهور نوجوان ڇوڪرن پنهنجي

برادريءَ ۾ ناجائز تعلقاتن لاءِ ڪونہ واجهايو. ماڇي عورتن ڪي سندن مردن جهڙا حق هئا. اهو شڪاري - وٿوري (Hunter food-gatherer) دوَر جو روايتي سلسلو هو. سنڌ ۽ سڄيءَ دنيا ۾ جانور پالڻ ۽ کيتي ٻاڙيءَ جي شروعات کان اڳ تقريبن 12،000 کان 8،000 ق - م تائين انسان جو گذر شڪار ۽ جَڙي ٻوٽين تي هو ۽ ان وقت معاشرتي نظام مختلف هو. مرد پنهنجي عورتن کان سندن جنسي لاڳاپن بابت ڪونہ پڇندا هئا. پنهور برادري پنهنجي عورتن جي پاڪدامن رهڻيءَ کان مطمئن هئي، انڪري سئو سالن تائين ڳوٺ ۾ ڪاروڪاريءَ جو ڪوبہ واقعو نہ ٿيو. ڪاروڪاري اصل ۾ ٻروچن جي بَد رسم آهي، جيڪي ڪلهوڙن جي دوَر ۾ سنڌ ۾ لڏي آيا. دادو تعلقي ۾ 60 سيڪڙو آبادي پنهورن جي آهي. 1950ع تائين پنهورن جو ٻيو ڪوبہ ڳوٺ عورتن جي ست جي برابريءَ جي ڏاڙ هڻي نہ سگهيو. ٻلو ٽٽي اسان جي ڳوٺ جي ماڇين جو. سنڌ ۾ ڪاروڪاريءَ جي بجاءِ ڪن حالتن ۾ نڪ ڪي چاقوءَ سان چير ڏيڻ جو اڳئين زماني ۾ رواج هو، پر اهو بہ گهٽ عمل ۾ آڻيندا هئا.

# منهنجا وڏا

لفظ "پهنور" جي معنيٰ ريڍار آهي، پر اهي ٻڪريون ۽ مينهون به پاليندا هئا. اهو سنڌن ڌنڌو هو. چيو وڃي ٿو ته هو ٿارتي ريگستان، جنهن جو سنڌ وارو ٿر به حصو آهي، جي پرمار راجپوتن جي هڪ شاخ آهن. ريڍار ۽ ٻڪرار، مارو، ماروئڙا ۽ پرهيار به سڏبا آهن (مارو راجستان جو هڪ ضلعو آهي). ٻين ٿرين وانگر هي به پهرين ٻُڌ ۽ پوءِ هندو هئا. پنهور جيڪي پنور، پنوار، پرهياڙ، پنهيار وغيره سڏجن ٿا، سي راجستان جي چوڌاري ۽ اتر پرديش، اوڀر پنجاب، مڌيه پرديش، گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بهاولپور، بيڪانير ۽ سنڌ جي ٿر ۾ رهندا هئا. اهي شايد يڪجات نه هئا، پر سنڌن ڌنڌو ساڳيو هو. سومرن جي دؤر (1011ع - 1350ع) ۾ هي سنڌو درياءَ جي اوڀر واري ڍوري پراڻ نالي شاخ تي زمينون آباد ڪندا هئا ۽ سنڌ جي سڄي ريگستان ۾ هو جانور پاليندا هئا. 1300ع ۽ 1333ع دوران سنڌو درياءَ جو وهڪرو ڍوري پراڻ کان ڦري نصرپور کان شيخ ڀرڪيو، ٽنڊو محمد خان، بدين ۽ لواريءَ واري وچين وهڪري تي آيو. آبپاشيءَ جو نظام بگڙجي ويو ۽ هو (پنهور) به متاثر ٿيا. سومرن جي حڪومتي دور ۾، حاڪمن جي پُٺ ۾ هِي اسماعيلي به ٿيا هوندا. اهو عام قاعدو آهي ته حاڪم يا ته محڪومن کي پنهنجي عقيدي تي آڻيندو آهي، يا وري پاڻ سنڌن عقيدي کي پنهنجائيندو آهي. ناراضگيءَ جي صورت ۾ هنن سومرن خلاف بغاوت ۾

سمن جو بہ ساٿ ڏنو ۽ شايد انهن جي مقبول قبيلن ۾ بہ شامل ڪيا ويا. ۽ الهندي ناري تي قمبر ڪان وٺي منڇر ۽ سنڌو درياءَ جي راڌڻ واري پاسي ڪان نڪري ٽلٽيءَ وٽ وري سنڌو درياءَ سان ملندڙ نئين شاخ تي آباد ٿيا. انهن وهڪرن تي هو دادو، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ بہ آباد ٿيا. سمن جي دور ۾ اُهي شايد سُني ٿيا. حاڪمن جي زير اثر ڪنهن وقت هو پنجاب ۽ بهاولپور ۾ بہ مسلمان ٿيا. جڏهن تہ اتر پرديش ۾ ڪي پنهورَ مسلمان تہ ڪي هندو آهن. مڌيا پرديش، راجستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، مهاراشٽرا ۽ گجرات ۾ اُهي اڃا تائين هندو آهن. ٻڌائڻو هي آهي تہ هو ڪي ٻاهريان نہ، پر موهين جي دڙي جي زوال بعد جهڪر واري دوُر (1600 ڪان 1300 ق.م) جي ڏڪار ۾ ڌنار ۽ ريڍار ٿيا. منجهانئن ڪي سنڌ جي آبپاشيءَ وارن حصن ۾ هاري ٿيا يا واري تي ڪڏهن هاري ڪڏهن پاڳيا پئي رهيا. پنجين صدي عيسوي ۾ جڏهن گڏيل هندستان جي اتر وارو گهڻو پاڱو هُڻُ لوڪن (Huns) تباهہ ڪيو، تڏهن خانہ بدوش جنگجو قبيلا راجپوتن جي نالي ۾ هاڙوڪي راجستان ۾ گڏ ٿيا ۽ انهن کترين يا جوڌن واري ڪار اختيار ڪئي. ان وقت پنهورن جا ڌنار قبيلا، پوءِ اُهي راجستان جا هئا يا نہ، انهن جي ذاتين ۾ شامل ٿيا. 1525ع ۾ ارغونن ۽ ترخانن سمن ڪان سنڌ فتح ڪئي، ۽ سڄي سنڌ سندن خلاف بغاوت ڪئي. اپرندي سنڌ جا سڀ پنهور ان ۾ شامل هئا.

1591ع ۾ سڄي سنڌ مغلن جي قبضي ۾ آئي ۽ حڪومت جا سڀ ڪارندا مغلن جي وس ٿيا. "مغل" جي وصف هئي: گوري رنگ وارو، ايران يا وچ ايشيا ڪان آيل، مڪاني ٻولين ڪان ناواقف ۽ مڪاني عورت نہ پرڻيل، سيني مڪاني قبيلن کي ڪمتر سمجهڻ ۽ ساڻن اهڙو ورتاءُ ڪرڻ وارو، جن ٻين کي ڳهٽو هو، رڪب پرڻو هو. ان جي عدم ادائگي سڄي قبيلي جي سر قلميءَ جي سزا جوڳي هئي. پنهورن بغاوت ۾ دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ سمن جو ساٿ نہ ڏنو. مغلن کي رڪب ڏنو ۽ پاڻ

کي سنڌي قبيلن کان الڳ ڪندي، پاڻ کي نبي سڳوري صلعم جي دائي حليمہ جو اولاد ظاهر ڪري، امن واري زندگي گذارڻ لڳا. ڪيترن ٻين قبيلن بہ پنهنجي نسبت ٻاهرين ملڪن جي قبيلن سان پئي جوڙي تہ جيئن مغل هنن کان ڪجهہ گهٽ نفرت ڪن.

سيوهڻ جو مغل گورنر هنن سان ٻي واجبي هليو، جنهن کي هنن، عيسيٰ، بهاءُ الدين، موسيٰ ۽ دائود پنهورن جي اڳواڻيءَ ۾ 1633ع ۾ شڪست ڏني. 1650ع ڌاري جڏهن مملڪت جي پراڻهن حصن ۾ مغلن خلاف بغاوت بلند ٿي، تڏهن هنن قمبر کان سيوهڻ وارو حصو والاريو، ۽ اڳتي هلي اورنگزيب ۽ ان جي پٽ کي، جيڪو ملتان جو گورنر ٿيو، نالي ماتر محصول ڏنو. 1701ع ۾ مغلن جي خلاف عام بغاوت جي حامي ڪلهوڙن، پنهورن کي هٽايو. ارغون، ترخان ۽ مغل گورنر سنڌ جي آبپاشيءَ جي گهرجن کان اڻ واقف هئا. هنن واهن تي ڌيان نہ ڏنو، تنهنڪري اهي لٽجي بند ٿي ويا ۽ نيٺ زمينون ويران ٿي ويون. پوءِ بہ مغل ڪارندا زوريءَ رڪب وصول ڪندا رهيا. محصول نہ ڏيندڙ مردن جي مُنڍين سان ٻريل ڳاڏيون گورنر اڳيان پيش ڪبيون هيون ۽ سندن زالون ۽ ٻار غلامن وانگر وڪبا هئا. وقت پئي، پنهورن بہ ڪلهوڙن جيترو آبپاشيءَ جي نظام کي ڪونہ سنواريو، بلڪ اُن تان ڌيان هٽايو. سندن توائي ڪوشش جو پتو نصيرآباد ۽ قمبر واري پنهورڪي مائينر مان پوي ٿو. قمبر شهر کي قمبر علي خان بہ چوندا آهن. علي خان پنهور جو ڳوٺ، هاڻي قمبر شهر جو حصو آهي.

ڪين پوءِ قمبر مان ميان نصير محمد ۽ دين محمد لوڏي ڪڍيو. ميان نصير محمد کين ڳڙهيءَ مان بہ ٻاهر ڪڍيو جيڪا چند سال بعد مغلن ساڙي هئي. ميان يار محمد ڪلهوڙي کين سندن تختگاهہ شڪارپور مان بہ هڪالي ڪڍيو ۽ ان کي خداآباد نالو ڏنائين، جنهن کي 1759ع ۾ ڪوسن ڦريو هو ۽ 1781ع ۾ مدد خان ساڙيو. سامتاڻي، ننڍي راڄڌاني اڄ بہ

سنڌن پنهنجي قديم مسجد سميت موجود آهي. ڪلهوڙن پنهنجي حمايتن ڪي زمينون ڏيڻ ۽ واهه کوٽائي پوک لاءِ پاڻي پهچائڻ جو واعدو ڪيو ۽ ڪيترا قبيلا اچي سنڌن پاڻهن ٻيلي ٿيا. ڪلهوڙن ٻين فاتحن وانگر سنڌن (پنهورن جا) ڳوٺ والاريا پر ٿوريءَ ايراضي وارن کي هٿ نه لاتو. ڪلهوڙن سنڌوءَ مان ڪيترائي واهه کوٽرايا، پر ناصرائين کان موندر تائين 23 ميلن ۾ هڪ به نه، جاڪاڻ ته اهي رڳو پنهورن لاءِ فائدي مند ٿين ها. جڏهن ته پنهورن خود به پنهنجي دؤر ۾ اهڙو واهه نه کوٽايو هو.

19هين صديءَ جي نوي واري ڏهاڪي ۾ انگريزن سنڌ جي قبيلن ۽ قومن جي چڪاس شروع ڪئي. پنهور، جن اڍائي سؤ سالن کان وٺي پاڻ کي عرب پئي سڏايو، تن پهرين پاڻ کي حارث نالي عرب جو اولاد ۽ پوءِ اڳتي هلي نبي سڳوري جي چاچي حضرت حارث جي اولاد مان هجڻ جي دعويٰ ڪئي. پنهور جماعت جا ڪي ماڻهو مون وٽ آيا ۽ پڇيائون ته ڇا هو عرب نه هئا؟ مون کين وراڻيو ته ”هو اڳي ئي قريش ٿي ويا هئا ۽ هاڻي کين سيدن جي وڏي پاڻ جي اولاد ٿيڻ ۾ وڌيڪ دير نه هئي، پر سنڌنْ حسب نسب ته موهين جي دڙي واري زماني تائين ٿي ويو. سنڌن ڪيپراٿيون سنڌي جَتن، پنجاب جي جاٽن ۽ سڪن جهڙيون آهن، جيڪي موهين جي دڙي جي اڪثر کوپڙين وانگر آهن. توهين (پنهور) سنڌو تهذيب وقت (1650-2350 ق.م) راهڪ هئا پر سوڪهڙي جي ڪري (1300-1600 ق.م) جي وچ ۾ اوهان مويشي پروريءَ ڏانهن وريا. 450ع ڌاري جڏهن هُڻُ لوڪن (Huns) سڄو اتر هندستان تباهه ڪيو، تڏهن حاڪمن پاران وڙهڻ ۽ مال غنيمت ۽ معاوضي خاطر اوهان پاڻ کي سپاهه گيريءَ لاءِ منظم ڪيو. راجستاني پنهورن راجپوتن وارو ڏنڊو اختيار ڪيو، پر ٻين هنڌن تي هو عام ڪڙمي، ريڍار، ٻڪرار ۽ ايستائين جو ميهار به هئا، پر ورلي ڪي سپاهي هئا. مڌيا پرديش ۽ اوير راجستان جي ٿورن پنهورن کي ڇڏي باقي ٻيا عظيم سنڌو تهذيب واري خطي ۾

آهن. انهن مختلف مذهبي عقيدا، پوشاڪون، ۽ ٻوليون پئي پنهنجايون آهن. نسلي طور مڪاني سنڌين کان مختلف نہ آهن، تان جو پنهورن جو خالص نسل ٿي ڪونهي! پنهور جماعت کي، جيڪا ٻين سنڌين کان پاڻ کي ڌار ڪري ٿي، تنهن کي ٻين سان شموليت جو معقول سبب ڏسڻ ۾ نٿو اچي. پوءِ بہ گروهہ طور ۽ گروهہ جي ضابطن تحت هو استعمال ٿيڻ لاءِ ڀڏل آهن. باقي جيڪڏهن عام پنهورن جي سماجي خدمت مقصد آتو تہ پوءِ اعتراض نہ آهي." ساڳيءَ ريت سومرا، سما ۽ ڪلهوڙا بہ سميري، زرتشتي ۽ عباسي نہ آهن. اهي بہ مڪاني قبيلا آهن، جن کي جڏهن حڪومت ملي، تڏهن هنن پاڻ کي آقائن جي روايت طور جائز قرار ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇو جو عام ماڻهن رڳو شاهي خاندانن جي حاڪمن کي قبول ڪيو ٿي.

دادوءَ وارا پنهور سمن آباد ڪيا، ان ڪري جو شايد هنن سومرن کي هٽائڻ ۾ سندن مدد ڪئي هئي. اٽڪل چوڏهين پندرهين صديءَ ڌاري سنڌونديءَ جيڪو وهڪرو بدلايو سو ماها، ڍنئون، سونهري، سُتيارو، ڪڪڙ، هورو، جاڪپاري، پيرڳٺون، ٿلتي ۽ منڇر جي ڇڏيل ڍورن ۽ ڍنڍن مان ظاهر آهي. سنڌونديءَ جي اولاهين شاخ، جيڪا ڪشمور کان شروع ٿي ٺل وٽان گذري ٿي، جنهن جي ڪپ تي واره تعلقي ۾ واره شهر کان بہ ڪلوميٽر اولهہ تي سومرن جو سهٽو شهر جوٽاٽي واقع هو، سا بہ سنڌوءَ جي ان وهڪري ۾ پوندي هئي. پنهور نئين شاخ تي قمبر ۽ وارهہ تعلقن ۾ آباد ڪيا ويا. انهن کي ميان نصير ڪلهوڙي قمبر ۽ وارهہ مان 1680ع کان اڳ ۽ ڳڙهيءَ (خيرپور ناٿن شاهہ) مان 1680ع کان پوءِ هڪاليو. ميربحرن (ٻيڙين وارن ۽ مڇي ماريندڙن) جو ڪافي تعداد بہ سمن نئين وهڪري لڳ آباد ڪرايو هو. اهي دريائي ماهر هئا. اِئين پاڻيءَ کان ڪم وٺندڙ پنهور بہ ڪڙمي ٿي ويا. ڪي پنهور رڍن ۽ ٻڪرين پالڻ جو ڌنڌو جاري رکيو اچن. پنهور ۽ ميربحر اچا

تائين سنا پاڙيسري آهن. ميربحر، جيڪي ماڇي به سڏجن، سي مخدوم بلال جا مريد ٿيا. دادوءَ جا پنهور به هن بزرگ وليءَ جو احترام ڪندا آهن. دستور موجب ميربحر ٻيڙين ۽ رڇن سان مڇيون ڦاسائيندا ۽ سولنگين کي وڪڻندا آهن، جيڪي واپاري آهن ۽ مڇي بازار ۾ ڪپائين، پر مارين ڪونه. ماڇي ننڍي پيماني تي ڍنڍن ڍورن مان مڇي ڦاسائڻ لاءِ ڪُڙهي استعمال ڪن. اسان جيَ ڳوٺ جا ماڇي ٻاليشاهي هئا جيڪي طبعي موت مئل جهنگلي جانور به کائيندا هئا ۽ هو به پنهنجي کائڻ لاءِ ڪُڙهيءَ سان مڇي ماريندا هئا.

کانئن اڳ راءِ گهراڻي جي حاڪمن، جيڪي مڪاني شودر هئا، تن پاڻ کي راجپوت سڏرايو هو. ماڇي ذات پات جي مرتبي ۾ گهٽ درجي جا شودر هئا. مسلمان ٿيڻ تي اسان جي ڳوٺ وارن ماڇين کي زمين جو هاري تسليم ڪيو، جڏهن ته اڳ ۾ اُهي خانه بدوش شڪاري ۽ ڪاڏ ميڙو هئا.

# منهنجو ڳوٺ ابراهيم پنهور ۽

## منهنجا ابا ڏاڏا

عيوضي طور ڏيڻ لاءِ ڌيڻ جو سگ نہ ڏيڻ ڪري منهنجو پڙڏاڏو حاجي پهنورن جي گهراڻي مان شادي ڪري نہ سگهيو. هو پڙهيل هو ۽ ڪجهہ فارسيءَ جا ڪتاب بہ پڙهيو هو. هو نئين ڳوٺ (ڪڇي ۾ راڌڻ لڳ) جي سولنگين مان پرڻيو. سندس ساهريجا اڻپڙهيل هئا. ڪنوار جي بها ۾ بہ مينهون ڏنائينِ، جي وڪڻي هنن هڪ سير چاندي، هڪ بسترو ۽ ٿي وڳا ڪنوار لاءِ ورتا. اهو سڀ ڀَڏي ڪنوار سان گڏ موڪليو ويو. منهنجي پڙ ڏاڏي سونيءَ گهڻي عمر ماڻي. جڏهن وفات ڪيائين تڏهن منهنجو ڏاڏو 72 سالن جو ۽ مان پنجن سالن جو هئس. هوءَ ان وقت 90 سالن جي ضرور هوندي. هن پنهنجن پوٽنيَرن کي ورثي ۾ رت جو گهٽ دباءُ ( Low blood pressure)، سَنهاڻ (Slimness) ۽ ڊگهي عمر ڏني. هڪ نئين شيءِ جا ورثي ۾ ڏنائين اها هئي تہ ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون بلوغت تي 17-18 سالن ۾ پهچن. هينئر سائنس ثابت ڪيو آهي تہ جي انسان دير سان بلوغت تي پهچن ٿا، سي عمر جا وڏا ۽ صحتياب رهن ٿا.

منهنجي ڏاڏي، سندس ڌيئرن ۽ پڦيءَ صفوران 84 کان 90 سالن تائين جون ڄماروں ماڻيون. پڦي صفوران جي ڏيءَ سيائي 1999ع ۾ مرڻ وقت 91 سالن جي هئي، جڏهن تہ سندس پٽ محمد صالح وفات وقت 89

سالن جو هو. سونيءَ جا پيا پٽ 80 سالن کان وڌيڪ زنده رهيا ۽ هڪ ڏيءَ 90 سالن کان وڌيڪ، پر سڀ 1960ع کان اڳ ۾ فوت ٿي ويا. تڏهن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ نه ڊاڪٽر هئا ۽ نه دوائون. سونيءَ جي پوٽئير جي ڊگهي حياتيءَ جي سببن ۾ ٻهراڙيءَ جي رهڻي ڪهڻي، جسماني پورهيو، روزمره جي ڪمن سبب گهڻو پنڌ، جار ڪير، ٻنا چرٻيءَ مڃي، ڪڪڙ جو گوشت ۽ ترپل ۽ پچيل شين جو گهٽ واهپو، ٿورو مناڻ يا کنڊ واري خوراڪ ۽ ٻنين جو (ڳوٺ جو نه) صاف ماحول شامل هو. هوءَ پنهنجي ٻئي نمبر پٽ وٽ رهندي هئي. گهر ۾ ڪڏهن به ننهن ۽ سس جو جهڳڙو نه ٿيو، ڇو ته آخر تائين گهر جي ڪمن ۾ حصو وٺندي هئي ۽ ننهن کي سخت ڪم کان فارغ ڪري ڇڏيندي هئي. سنڌن ٻار به پاليندي هئي ۽ منهنجو ڏاڏو ماءُ جي لحاظ ڪري، جيترو ان ڏيندو هوس، سو به ننهن کي ڏئي ڇڏيندي هئي.

منهنجو ڏاڏو الهه بخش ٽن ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ کان وڏو هو. 1858ع ۾ ڄائو ۽ اٺن ورهين جي ڄمار ۾ ٽڳا ڳوٺ جي ملان مڪتب ۾ موڪليو ويو هو. هن قرآن شريف ۽ ڪي فارسيءَ جا ڪتاب دوايو، ڪريما وغيره ۽ فارسيءَ جا عام استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ انهن جي سنڌي معنيٰ سان پڙهيا. اٺ سال پڙهائيءَ بعد هيءُ پنهنجي پيءُ سان گڏ ٻنيءَ ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو. مڪتب ۾ ڪيس سر بارٽل فريئر جي 1853ع ۾ متعارف ڪرايل معياري سنڌي الف - ب سيکاري وئي ۽ هي رواني‌ءَ سان سنڌي پڙهي ۽ لکي سگهيو ٿي. 1878ع ۾ هن ريڊارڪو ڏنڌو ڪنڌڙ پنهورن مان شادي ڪئي. انهيءَ سال ڏاري ئي سندس والد کي ڏهه ايڪڙ زمين الاٽ ٿي، جيڪا هو اڳ ئي يڪساليءَ جي بنياد تي ڪيڙيندو هو. پنج سال پوءِ ڪيس هڪ نياڻي ڄائي ۽ ٻي 1889ع ۾، جيڪا 1973ع تائين حيات رهي. منهنجي والد جي 1906ع ۾ ڄمڻ کان اڳ ۾ ڪيس ٻيون اٺ ڏيئرون هيون. 1907ع ۾ هن کي هڪ ٻي ڌيءَ ڄائي ۽ 1909ع ۾

منهنجو چاچو ڄاڻو. منهنجي ڄمڻ تائين انهن ٽيرنهن مان پنج حيات هئا. ڇهين نوجوان نينگري منهنجي ڄمڻ کان چند سال اڳ هٿ پير لهڻ جي گيندڻ ۾ رضا ڪري وئي هئي.

ايڏيءَ وڏيءَ آکهه کي پالڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو ۽ ان لاءِ هن سخت ڪشالا ڪيا هوندا. پيءُ کان ورثي طور ڪيس اڍائي ايڪڙ مليا هئا. باقي زمين ٻن ڀائرن ۽ هڪ ڀائٽي کي ملي. پيءُ وانگر هي به مينهون ڌاريندو هو. سارين جي پوک ڪندو هو جنهن لاءِ گهڻي پاڻيءَ جي ضرورت هئي، جيڪو زمين کي رڄائي. جولاءِ جي پڇاڙيءَ ۽ آگسٽ جي وچ تائين زمين جي اندر وارو پاڻي زمين جي مٿاڇري تي اچي ويندو هو. منهنجي ڏاڏي جي وقت ۾ سنڌونديءَ مان نڪرندڙ واهن جي وسيلي ٻوڙ جو پاڻي ايندو هو. پنجن سالن ۾ هڪ ڀيري فصل پلو ٿيندو هو، ٻه فصل وچولا ۽ سادا ۽ ٻه گهٽ، ڇو جو انهن سالن ۾ پاڻي يا ته دير سان ايندو هو يا فصل پچڻ کان گهڻو اڳ لهي ويندو هو. ان جو مدار هماليه جي ڳرندڙ برف ۽ اوپر ۽ اولهه پنجاب، ڪشمير ۽ موجوده پاڪستان جي اتر وارين ٽڪرين جي برساتن تي هو. وچ آگسٽ کان پوءِ زمين مان پراڻو پاڻي هر هفتي ڪڍي نئون پاڻي ڏبو هو. اهو پاڻي آس پاس جي غير آباد زمين ۾ وهي ويندوهو، جتي ڪئين قدرتي گاهه پيدا ٿيندا هئا. ڪڙمي به سندن اعتقاد مطابق وچ آگسٽ کانپوءِ سنڌونديءَ جو پرخورش لٽ (Silt rich in nutrients) ۽ نائٽروجن مليل پاڻي وهائي ٻنين کي توانو ڪندا رهندا هئا، پر تجربن ثابت ڪيو آهي ته اهو وهم آهي. چوپائي لاءِ چراگاهه طور غيرآباد زمينون جام هيون. چراگاهه سيني ڳوٺاڻن لاءِ وچ تي راس هئا. سارين کانپوءِ ساڳيءَ زمين ۾ مٽر، چٽا ۽ تيلي ٻج پوکبا هئا، جن جو واپرو جانورن جي چاري، توڙي گهر ۾ دالن ۽ تيل لاءِ استعمال ٿيندو هو. پلال گهڻو ڪري سائي گاهه سان ملائي چاري وانگر ڪتب آڻبو هو. قدرتي واڌ طور گاهه گهڻو ٿيندو هو، جيڪو عورتون

چوپائين لاءِ لٽنديون هيون. جانور ڏينهن جو غيرآباد زمينن ۾ چاربا ۽ رات جو وٿاڻن تي ڪارائبا هئا. ڪڙ گڏيل چارو رڳو ڪاهرن (milchani-mals) کي ڏنو ويندو هو. عورتن جو ڪم هو جهنگلي يا پوکيل گاهه لڻڻ، مال ڏهڻ، ڌئنرو چمائڻ ۽ مانڌاڻين سان ڪير ولوڙي مکڻ ڪڍڻ. مکڻ ڪڍڻ مشڪل ڪم هو، جنهن لاءِ عورتون صبح جا ٽي ڪلاڪ محنت ڪنديون هيون. سنڌ جي شهري ماڻهن کي 1930ع تائين هٿن سان هلائڻ وارين مشينن (مانڌاڻين) جو پتو ڪونه هو. اڄ تائين به ڪي ڌنار انهن جي باري ۾ اڻڄاڻ آهن. اهڙيءَ ريت ڪڍيل مکڻ خاصي ملهه وڪامندو هو. پنجن مينهن جي ڪير مان هڪ يا ڏيڍ سير جيترو ڪير گهر ۾ کائبو هو، باقيءَ مان مکڻ ڪڍي وڪڻبو هو، جنهن جي اپت اڍائي ايڪڙ زمين مان پيدا ٿيندڙ چانورن جي فصل کان ٻيڻيءَ کان ٽيڻيءَ تائين ٿيندي هئي.

ڏاڏو الهه بخش ڏاڍو محنتي هو. جڏهن منهنجي والد هارپو شروع ڪيو ته هن اڍائي ايڪڙ پنهنجي والد جا ۽ اڌ ٻنئي تي اٽڪل پنج ايڪڙ ٻني منهنجي مامي جي ڪاهي، جنهن مان ڪيس پنج ايڪڙ زمين جي صاف پيداوار ملِي ٿي. ان مان ڪيس به سوءَ مڻ ساريون گهر جي کائڻ، وڪڻڻ ۽ ڳوٺ جي دڪاندار جي قرض لاهڻ لاءِ ٿينديون هيون. گهرو ضرورتن ٽانو ٽپن، گوشت، مڇي، زنانن ڪپڙن، ڳهن، رڌ پچاءَ جي ٿانون جا خرچ پڪا ۽ روڪ پئسا وغيره مکڻ مان ٿيندا هئا. واضح رهي ته ڳوٺ جي ڪابه عورت پردو نه ڪندي هئي. عورتون رونبو، لابارو، مال لاءِ گاهه، ڏوپ، ولوڙو، رڌ پچاءَ کان علاوه سلائي سيبو ۽ ٻار پالڻ جهڙا سڀ ڪم ڪنديون هيون. منهنجي جمڻ کان وٺي، 84 سالن جي عمر ۾ سندس وفات 1942ع تائين، هن مينهن پالڻ تي ڌيان ڏنو ۽ هميشه هڪ همراهه نوجوان ڇوڪرو ناقبولي (سرڪاري) زمينن ۾ مال چارڻ لاءِ بيهاريندو هو. هو مال جي طور طريقن کان بخوبي واقف هو ۽ گهٽي ڪير جي پيدوار

لاءِ مينهن کي ويامڻ کان ٻه مهينا اڳ ۾ ۽ پوءِ ٻه غذائيت ڀريو چارو ڏيڻ واري سنڌس سوچ جي هينئر سائنسي اصول ٻه پنيرائي ڪن ٿا.

هو مذهبي ماڻهو هو پر ڪٽر ملو نه هو. روزانو مولوي عثمان جو سنڌيءَ ۾ تفسيرالقرآن پڙهندو هو. هن تفسير ۾ انجيل ۽ توريت جي قصن جون تفصيلي شرحون آهن پر قرآن ۾ انهن جا ٿورا ۽ ورلي ڪي حوالا آهن. بعضي ملي حبيب الله جي غير حاضريءَ ۾ جڏهن ٻيو ڪو تيار نه هوندو هو، ته امامت ڪندو ۽ خطبو پڙهنذو هو. هن مون کي ٻڌايو ته "ڪوڙ ڳالهائڻ کان وڏو گناهه دنيا ۾ ٻيو ڪونهي. ان تي عمل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي پر جيڪڏهن تون ڪري وٺين ته پوءِ فرشتو آهين". هو دقيانوسي نه هو. جيڪڏهن مان مسجد ۾ نماز لاءِ نه ويندو هئس ته هو ان تي اعتراض نه ڪندو هو.مون آمريڪا ۾ ڏٺو ته اتي ماڻهو ڪوڙ ڪونه ٿا ڳالهائين ۽ سچ انهن جي ترقيءَ جو راز آهي. هتي ته ڪوڙ هڻڻ ڄڻ وڏپائيءَ جي نشاني آهي!

1923ع ۾ جڏهن منهنجي والد شادي ڪئي، منهنجو ڏاڏو 65 سالن جو هو. هو ڏاندن جي جوڙي ۽ هڪ ڪميءَ جي مدد سان ٻني ڪندو هو، جنهن کي ڪاڏو، روز گهر لاءِ اڌ ڪلو کير ۽ پائڻ لاءِ هر سال بافتي جا ٻه وڳا ڏيندو هو. چاڪاڻ ته هن جي حصي ۾ زمين سنڌس ڪٽنب جي پالڻ لاءِ ناڪافي هئي، انڪري هو مکڻ جي پيداوار لاءِ گهٽيون مينهون پاليندو هو. منهنجي والد 1922ع ۾ ٻني ڪاهڻ جو پهه ڪيو ۽ ڏاڏي کي فارغ ڪيو ته جيئن هو مينهين جي سنڀال ڪري. منهنجي ڏاڏي مينهن جو تعداد وڌائي 10 ڪيو. جن مان پنج سوائون هيون ۽ باقي پنج پنهنجي ماروئڻ وٽ نئين ڳوٺ ۽ ناصرائين واري دريائي خطي (ڪڇي) ۾ چڙبيون هيون، جتي چارو جام هو. ويامڻ کان ٻه مهينا اڳ اهي واپس آڻبيون هيون ۽ انهن کي قوت بخش چارو ڏنو ويندو هو. جيئن مينهن کير ڏيڻ ڇڏيو يا گهٽايو ۽ سانهه ميڙائبا هئا، تيئن نئين ڳوٺ ۽ ناصرائين ۾

چرڻ لاءِ، وري ويامڻ کان ٻه مهينا اڳ تائين موڪلبيون هيون. هو وچون رکندو هو ۽ ٻاڏا پنهنجي ماروئن کي چارائي ۾ ڏيندو هو. هي وهنوار چاليهه - پنجاهه سال هليو. اهڙيءَ ريت سندس ڪٽنب سکر بئراج نکرڻ کان اڳ واري زماني ۾ گذارو ڪيو. هو گهٽ ۾ گهٽ 20 سال، 1903 کان 1923ع تائين، جڏهن منهنجي والد ڪم سنڀاليو، مقروض رهيو. منهنجو ڏاڏو ڏاڏو مذهبي هو. هن کي اسلام جي وڏي ڄاڻ هئي ۽ قطعي دقيانوسي نه هو. هو ڳوٺ جي ماڻهن جي روزمره جي جهيڙن ۾ دخل نه ڏيندو هو،نه ڪوڙ ڳالهائيندو هو ۽ نه وري طرفداري يا سازش ڪندو هو. ڳوٺاڻا عزت وچان، منهن تي يا پرپٺ کيس خليفو الهه بخش ڪري ڪوٺيندا هئا. ماڻهن ۾ مال کي گاريون ڏيڻ ۽ پٽڻ جي ڳوٺاڻن کي هير آهي. چون ٿا ته هن سڄي عمر نه ڪنهن کي پٽيو ۽ نه گار ڏني.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هو بلڪل روان هو ۽ ڪيترائي سنڌي پر مذهبي ڪتاب ڪٺا ڪيا هئائين. انهن مان هو مولوي عثمان جا لکيل پنج جلد تفسير القرآن جا پڙهندو هو. سندس وفات بعد بابي انهن ڪتابن ۾ نم جا پن وجهي، انهن کي محفوظ ڪري تالو هڻي بند ڪيو، پر 1966ع ۾ چاچي اهي ڳوٺ جي مسجد ۾ جمع ڪرايا ۽ اسان جي ڳوٺ جي وڏيرن اهي آهستي آهستي چورايا ۽ اهي اسان جي هٿان هميشه لاءِ هليا ويا. اهو سڀ تڏهن ٿيو، جڏهن منهنجي والد پهرين آگسٽ 1962ع ۾ وفات ڪئي ۽ مون غير واجب سمجهيو ته اهي ڪتاب يڪدم پاڻ سان ڪٺي اچان. چاچي چيو ته اهي گڏيل ملڪيت جو حصو آهن ۽ اڌ هن جو آهي، هي سڀ ڪتاب ناياب (Rare) هئا ۽ اسان وٽان اِئين هليا ويا.

# منهنجي جنم جو ضلعو

مون کي ان ضلعي بابت ڪجهه چوڻو آهي، جنهن ۾ منهنجو جنم ٿيو ۽ جنهن سان مائٽن، عزيزن، دوستن ۽ ميھڙ هاءِ اسڪول (جنهن ۾ مون ڇهه سال ۽ اٺ مهينا گذاريا) جي ڪري منهنجو لاڳاپو رهيو آهي. مون تعلقي دادو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. جنهن وقت آءٌ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس. تڏهن لاڙڪاڻي ضلعي جا پنج تعلقا ميهڙ، ڪَڪڙ (خيرپور ناٿن شاهه) دادو، جوهي ۽ سيوهڻ ان مان ڪٽي ۽ ڪراچي ضلعي جا ٻه تعلقا ڪوٽڙي ۽ محال ڪوهستان ڌار ڪري، انهن ستن تعلقن کي گڏي نئون ضلعو دادو ٺاهيو ويو. محترم سائين جي ايم سيد لکي ٿو ته ”ضلعي لوڪل بورڊ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ پاڻ انگريزن لاءِ سدائين مسئلو (مٿي جو سور) بڻيل هوندو هو. ان ڪري نئون ضلعو دادو ٺاهيو ويو، جنهن ۾ سندس ڳوٺ ”سن“ به اچي ٿي ويو. اها ڳالهه بلڪل سچي هوندي، پر جي ايم سيد ته سچي ڇمار حڪومتن لاءِ مٿي جو سور بنيو رهيو. جن ۾ مسٽر ايم اي جناح، جنهن ڪراچيءَ جي سنڌ کان ڪٽجڻ تي جي ايم سيد جي آزاد رهڻ جي صورت ۾ پيدا ٿيڻ واري عوامي اپار کي ڇيپاڻڻ لاءِ ڪيس ڇهن مهينن لاءِ جيل موڪليو. پيھر وري ڪيس ان وقت ڇهن مهينن لاءِ قيد ڪيو ويو ته جيئن سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ وارو بل پاس ڪرائي سگهجي. پاڻ 1958ع ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ وارو بل اولهه پاڪستان اسيمبليءَ مان پاس ڪرايائين، جنهن ڪري، ايوب وارو مارشل

لاءِ آيو. ان جي نتيجي ۾ ڪيس ٽن سالن تائين جيل ۾ رکيو ويو ۽ ڪيس سواءِ ڇهن مهينن جي ايوب وارو سڄو دؤر نظربند رکيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي واري حڪومتي دؤر ۾ به ڪيس گهر ۾ نظربند رکيو ويو. پوءِ ته هو سڄي ڄمار نظربند رهيو. بهرحال ڪيس طبي چڪاس لاءِ ڪراچيءَ اچڻ ۽ خان عبدالغفار سان ملڻ لاءِ هندوستان وڃڻ جي اجازت ڏني وئي هئي. به پيرا سندس مٿان رياست سان غداري ڪرڻ وارو ڪيس هليو. پاڻ نظربنديءَ ۾ ئي وفات ڪيائين. منهنجي خيال ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر سان جي ايم سيد جي مخالفت گهٽائڻ لاءِ دادو ضلعي ٺاهڻ واري ڳالهه غير واسطيدار آهي. البت اها ڳالهه امڪاني ضرور ٿي سگهي ٿي. هندستان جو وائسراءِ ويول جڏهن سانڊس مليو ته ان به ڪيس "بيباڪ" ڪوٺيو هو.

منهنجي خيال ۾ 1920ع ۾ لاڙڪاڻو زراعت واري خيال کان سنڌ جو سڀ کان شاهوڪار ضلعو هو، جنهن جا 12 تعلقا هئا. سکر بئراج جي وهڻ کان پوءِ ضلعي جي وڏيڪ زمين آباد ٿيڻي هئي. ان ڪري ضلعي ۽ آباديءَ جي ورڇ لازمي بنجي وئي هئي. جڏهن ته ڪراچي ضلعو به ڏاڍو وڏو هو. اهو زراعت واري خيال کان ته پوئتي پيل هو ۽ آبادي به ٿوري هيس. ان مان غيرپيداواري تعلقن جي ڪٽجڻ سان، ڪراچيءَ جي انگريز آفيسرن تان انهن ڀنهي تعلقن جو سفر ڪرڻ وارو بار هلڪو ڪيو ويو. اتفاق اهو آهي ته موجوده ٺٽو ضلعو پڻ سڄي جو سڄو ڪراچيءَ ۾ شامل هو. ان ڪري ڪراچيءَ جي ايراضي گهٽائڻ واري ڳالهه انتظامي ضرورت به هئي.

اسين پنهنجي ڪتابن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي جاگرافي پڙهندا هئاسون، پر ٻن سالن تائين دادو ضلعي جي جاگرافي ۽ نقشا ڪونه مليا. پوءِ جڏهن اهي ڇپي شيون مليون تڏهن اسان دادوءَ جي جاگرافي پڙهي. مون کي ٻئي ضلعا ڏاڍا دلچسپ لڳندا هئا، پر مون کي دادو ضلعو منفرد لڳندو هو. جيئولاجيڪل جاگرافيءَ جي حوالي سان ڳالهه ڪبي ته ٻنهي ضلعن ۾ ساڳئي دور جا جبل موجود آهن. سنڌ ۾ دادوءَ اندر جبل جي سڀ کان

اتاهين چوٿي موجود آهي، پر اتي نہ آسانيءَ سان رسي سگهبو هو ۽ نہ ئي اتي تفريح لاءِ ڪو سنئون ماڳ موجود آهي، جيئن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏاڙهيال، جبل وٽ آهي. ٻنهي ضلعن ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون هڪجهڙيون آهن. هيٺ دادو ضلعي جو احوال ڏجي ٿو، جيڪو 2005ع تائين مون پنهنجي 74 سالن جي عمر ۾ ڪوجنا وسيلي ڪٺو ڪيو آهي. ڪراچيءَ وارن انهن ٻنهي پراڻن تعلقن مان هاڻي نئون ضلعو ڄامشورو ٺاهيو ويو آهي. ڪراچيءَ وارن ۽ نوري آباد جي صنعتي اسٽيشن ۽ سپرهاءِ وي جي ٻنهي پاسن کان ڪراچيءَ جي لوڀي تاجرن جي ڪيل ناجائز والار جي ڪري ضلعي جي آدمشماريءَ ۾ ڏاڍي واڌ آئي آهي. هيٺ 1831ع کان 1905ع تائين جون دادو ضلعي جون غيرمعمولي اهم ڳالهيون پيش ڪجن ٿيون.

(i) علم الارض جي خيال کان، ننگرپارڪر جي ڪئمبري پٿرن کان سواءِ دادو ضلعو سنڌ جو قديم ترين ضلعو آهي.

(ii) سنڌ جي رني ڪوٽ جي سلسلي وارا جبل 51 کان 62 ملين سال پراڻا آهن.

(iii) رني ڪوٽ جا پنڊ پهڻ ٿي ويل وڻ ۽ ڪوئلي جا ذخيرا 62 ملين ورهيہ پراڻيءَ گرم آبهوا طرف اشارو ڪن ٿا.

(iv) دادو ضلعي ۾ جبلن جي جُڙڻ جي تسلسل جون نشانيون موجود آهن. جن ۾ رني ڪوٽ، لڪي، تيوَن، ڪيرٿر، ناڙي، گاج، منڇر، داڙ ٽَڪرين جا ميڙَ اچي وڃن ٿا. جيڪي نمبروار 51 کان 61، 40 کان 48، 33 کان 37، 28، 14 کان 18، 2 کان 7، ۽ 0.1 ۽ 0.1 کان ڪجهہ گهٽ ملين سال پراڻا آهن.

(v) دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن سان لاڳاپيل 40 ملين جي ايراضيءَ ۾ گورک کان داڙ تائين گليشيئر بہ آهن، جيڪي 10000 کان 20000 سال پراڻا آهن. اها ئي ڳالهہ ڪنيجي، سيتا، مزراڻي ۽ گاج نين جي 'U' شڪل پيٽن مان پڻ نظر ايندي.

(vi) دادو ضلعي ۾ سنڌ جي سڀ کان اتاهين جابلو چوٽي آهي، جيڪا سمنڊ جي سطح کان 7122 فوٽ مٿي آهي. اها اوچائي زيارت ۽ مريءَ وارين اوچاين جي برابر آهي.
(vii) دادو ضلعي ۾ ڏکڻ- ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ماڻهن جي کوٽيل ڍنڍ آهي.
(viii) دادو ضلعي ۾ ڏکڻ-ايشيا جا 75، سيڪڙو گرم پاڻيءَ جا چشما آهن. سنڌ ۾ ڳولي لڌل 42 چشمن مان 39 دادو ضلعي ۾ آهن. هڪ ٺٽي ۾ ۽ ٻه ڪراچيءَ ۾ آهن. انهن مان گرم پاڻيءَ جا 13 چشما دادوءَ ۾ ۽ هڪ هڪ ٺٽي ۾ ۽ ڪراچيءَ ۾ آهن.
(ix) دادو ضلعي کي ٻن ٻارهوئي وهندڙ ندين 'سنڌو' ۽ 'حب' تي پڻ ناز آهي. ٻارهوئي وهڻ واري ٽئين 'گاج' پڻ هن ضلعي ۾ آهي.
(x) سنڌ جي 48 باراني نين مان 28 فقط دادو ضلعي ۾ آهن.
(xi) وسڪاري وارن سالن ۾ 'گاج' ۽ 'باران' نين ۾ هڪ لک ڪيوسڪ پاڻي وهندو آهي.

## ضلعي دادو ۾ 'ماڻهوءَ' جون تهذيبي سرگرميون

(i) دادو، سنڌ جو پهريون ضلعو آهي جتي پاڳيا-ڪلچر شروع ٿيو، يعني مال جي پالنا شروع ڪئي وئي.
(ii) دادو، سنڌ جو پهريون ضلعو آهي جتي پوکيءَ جو ڪلچر شروع ٿيو، يعني فصل پوکيو ويو.
(iii) دادو، سنڌ جو پهريون ضلعو آهي جتي فصل اپائڻ لاءِ سنڌوءَ جو پاڻي ڪتب آندو ويو، جنهن مان اڳتي هلي 5000 کان 6000 هزار سال اڳ 'آمري' واريءَ تهذيب جنم ورتو.
(iv) دادو ضلعي ۾ ڏکڻ-ايشيا جي آڳاٽي سنڌو ڪلچر جا گهٽي ۾ گهٽ پٽر موجود آهن، جيڪي آمري واريءَ تهذيب ۽ ان کان

اڳ وارن دؤرن جا اٽڪل 5000 سالن کان 8500 يا 9000 سال پراڻا آهن.

(V) دادو سنڌ جو پهريون ضلعو آهي جتي 5500 سال اڳ گهرو سامان، هٿيارن ۽ صنعتي مقصدن لاءِ ٽامو استعمال ۾ آندو ويو.

## دادو ضلعي جي حياتياتي زندگي

(i) سنڌ جي 42 (Mammalian) يعني ماءُ جي پالنا وارا جانور آهن، جن مان ڇهه ۾ ٻرَ ۾ رهڻ وارن، سيڙهہ، چيتو يا واگهہ، ايراني ٻڪري يا جابلو ٻڪريون، يورال يا شئپو يا مارڪو پولو واري پامير جي ٻڪري ۽ قاهره جو ڪنڊڻ وارو ڪوئو يا ڇاهو فقط دادو ضلعي ۾ موجود آهن. هڪڙي ڪاري ٻجيري ٻڪري پڻ انهن ۾ شامل آهي جيڪا تر ۾ ڪٿي ڪٿي ليئي ٿي.

(ii) دادو اهڙو ضلعي آهي جتي برفاني دور کان وٺي (جڏهن گليشيئر وگهرڻ شروع ٿيا) سائبيريا ۽ منگوليا کان پرديسي پکي ايندا رهندا آهن.

(iii) سنڌ ۾ 1500 قسمن جا پکي ملن ٿا جن ۾ هتي جا ديسي، ولر کان وچڙيل توڙي سانگي، ٿنهي قسمن جا اچي وڃن ٿا، جن جو وڏي ۾ وڏو انگ دادو ضلعي ۾ ملي ٿو.

(iv) سنڌ ۾ 4500 قسمن جا ٻوٽا آهن، جن مان 1500 قسمن جا ٻوٽا دادو ضلعي جي ڪوهستان واري علائقي ۾ لين ٿا.

(V) فقط دادو ئي سنڌ جو اهڙو ضلعو آهي جنهن جي جبلن جي چوٽين تي جهنگلي بادام ۽ اڪروٽ جا وڻ پيدا ٿين ٿا.

## ڪاٿين ۽ معدنيات جا وسيلا

فقط دادو ئي پاڪستان جو اهڙو ضلعو آهي، جنهن ۾ معدني وسيلن جون گهٽي ۾ گهٽيون ڪاٿيون موجود آهن.

## قومي آزاديءَ واري ويڙهه

سنڌ ۾ قومي آزاديءَ لاءِ ويڙهه واري حوالي کان تاريخ ۾ هيٺيان اهم واقعا ڄاڻايل آهن:

(i) 324 ق.م ۾ 'سامبس' پنهنجي هزارين پوئلڳن سميت سڪندر اعظم هٿان شهادت ماڻي، پر سنڌن ويڙهاند حملي آور کي ايترو ته ڪمزور ڪيو، جو هُن جلدي پنهنجو قبضو ختم ڪري ڇڏيو. ان جي نتيجي ۾ لاڙ ۾ مورس پهرئين ۽ مورس ٻئي جي بغاوتن جنم ورتو. آخرڪار سڪندر کي زهر وگهي ماريو ويو. (پلوٽارچ جو ڏنل 8000 ماريلن وارو انگ فقط وڌاءُ آهي).

(ii) 711ع ۾ سيوهڻ جي حاڪم عرب حملي آورن جو مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي هزارين سرويچ ساٿين سميت شهيد ٿيو.

(iii) هن ئي ضلعي جي ڄام انڙ 1333ع ۾ دهليءَ جي سلطنت خلاف بغاوت ڪئي.

(iv) 16 صديءَ جي شروعات ۾ سيد حيدر شاهه سنائيءَ مهدي جونپوريءَ واري پٺن اسلام واري تحريڪ جي مخالفت ڪئي ۽ سنڌوءَ تان لنگهندڙ سندس ٻيڙيون باهه ڏياري ساڙائي ڇڏيون.

(v) مخدوم بلاول ۽ سندس پٺن سنڌ تي ارغونن جي اڳرائيءَ جو، پنهنجي شهادت تائين مقابلو ڪيو.

(vi) 16 ۽ 17 صديءَ ۾ هن ضلعي ارغون، ترخان ۽ مغل گورنرن سان سخت ويڙهاند ڪئي ۽ 1680ع ۾ اورنگزيب جي اقتدار ۾ عروج کان گهٽو اڳ وچ سنڌ (سيوهڻ سرڪار) ۾ مغلن جي راڄ جو انت آندو.

(vii) شاهه گودڙيي مغلن جي سخت مخالفت ڪئي، جن سندس ڪتب خانو ساڙايو هو. ان ڪتب خاني ۾ هڪ لک ڪتاب هئا.

(viii) 1857ع واري انگريزن خلاف ڪيل جنگ ۾ هن ضلعي جا ماڻهو جنگ ۾ باغين سان شامل هئا. انهن انگريزن جا لنگهه ۽ رستا بند ڪري ڇڏيا هئا.

## آڳاٽيون مذهبي تحريڪون

(i) ضلعي جو آڳاٽو لکيل مذهبي رڪارڊ سڪندر اعظم سان شروع ٿئي ٿو، جنهن ڪن ڏاهن ۽ عالمن کان ڪجهه سوال پڇيا هئا. اهي عالم يا ته ’ٻڌ‘ هئا يا ’جيني‘. انهن عالمن سڪندر جي ڏاڍي تذليل ڪئي هئي. ڪيس ائين به چياٿون ته ”بي وقوفيءَ واري سوال جو جواب ڏيڻ بيوقوفي آهي.“

(ii) ٻڌ مصلح گورڪنات لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو دادو ضلعي جو گورک واري علائقي ۾ آيو هو.

(iii) ’يڪ-ٿنڀي‘، ’لڪي‘، ’تيرٿ ڏارا‘ ۽ ’غيبي پير‘ پاڻيءَ پوڄارن جا اوائلي پوتر آستان آهن. جيڪي اوائلي سنڌو تهذيب کان به آڳاٽا آهن يا ان وقت جا آهن جڏهن خشڪ علائقن جا شڪاري لوڪ پاڻيءَ کي ديوتا ڪري سمجهندا هئا.

(iv) 13 صديءَ تائين سنڌ هندو ڏاڍائيءَ خلاف ڏکڻ ايشيا جي امن پسند ٻڌن لاءِ آخري پناهه گاهه هئي.

(v) ارغون، ترخان ۽ مغل گورنرن واري دؤر جي ظاهريت پسند مذهبي تحريڪن جي خلاف دادو ضلعو صوفين جي اصلاح پسند تحريڪ جو مرڪز هو، جن ۾ شاهه گودڙيي جو نالو سڀ کان مٿانهون آهي.

## آڳاٽا واپاري رستا

دادو ضلعي ۾ ڪيترائي آڳاٽا واپاري رستا آهن، جيڪي نئي، ديبل ۽

ڪراچيءَ کان شروع ٿي، ڪوهستان وارين ٽڪرين مان لنگهندي، سنڌ جي وچولي ۽ اتر وارن ميداني علائقن ۾اجان به اڳتي پنجاب ۽ افغانستان تائين پهچن ٿا. 1876ع ۾ ڪوٽڙيءَ کان شڪارپور تائين ريلوي جي موجوده سرشتي شروع ٿيڻ کان پوءِ واپار وارو اهو رستو ترڪ ٿي ويو.

## آبهوا ۽ زرعي حالتون

جيئن جيڪب آباد سنڌ جو سڀ کان گرم ضلعو آهي، تيئن دادو سنڌ جو سڀ کان ٿڌو ضلعو آهي. هن ضلعي ۾ جيڪب آباد جي 350 ۽ حيدرآباد جي 200 سرد ڪلاڪن جي ڀيٽ ۾ 400 سرد ڪلاڪ ٿين ٿا. سياري ۾ پارو 7 سينٽي گريڊ رهندو آهي. سنڌ ۾ شفتالو، آلوبخارا، زردالو، ناسپاتيون، صوف، ڏاڙهون، لوڪاٽ، رس ڀري چيري، انگور ۽ نيم گرم ميوا اپائڻ لاءِ ميهڙ، ڪڪڙ، جوهي، دادو ۽ سيوهڻ تعلقا نهايت مناسب آهن. ميهڙ سنڌ جو سڀ کان سرد شهر آهي. جوهي ۽ ڪڪڙ تعلقن جا ڪاڇي وارا علائقا ته ميهڙ کان به وڌيڪ ٿڌا هوندا آهن.

# منهنجي ڄمڻ وارو هنڌ ۽ گهر

مون کي هاڻي ان گهر جو، نيڪ انهيءَ هنڌ جو، ذڪر ڪرڻو آهي، جتي آءٌ ڄائو هوس. سنڌ ۾ اهو رواج آهي تہ عورت پنهنجو پهريون ٻار ڄمڻ لاءِ پيڪين ويندي آهي. انهن ڏينهن ۾ سيني عورتن جو ويم گهر ۾ ٿيندو هو. هندستان جي وائسراءِ (1884-1891) جي گهر واريءَ ليڊي ڊفرن کي اها ڄاڻ هئي تہ ويم ۾ عورتن جي مري وڃڻ وارو انگ تمام گهڻو هو، انهيءَ کي گهٽائڻ لاءِ هندستان جي سرڪار سڄي هندستان - موجوده پاڪستان، بنگلاديش ۽ سريلنڪا - ۾ ليڊي ڊفرن جي نالي پنيان عورتن لاءِ خاص اسپتالون جوڙايون. منهنجي ماءُ بہ مائٽاڻي گهر وئي ۽ ڪجهہ عرصو اتي رهي، جيستائين پاڻ ۽ آءٌ خير خوبيءَ سان ڏاڏي جي گهر موٽي آياسين. اهو گهر منهنجي مامي محمد صالح جي ڄمڻُ کان اڳ 1910ع ۽ 1912ع جي وچ ۾ جوڙايو ويو هو. رازي جو نالو بہ صالح هو، جيڪو ٺهڪڻ جي ڳوٺ جو رهاڪو هو. منهنجي مامي پوءِ اهو گهر ڇڏي ڏنو ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو. سندس پنهنجو گهر، جنهن ۾ آءٌ ڄائو هوس، اهو تہ ماڙ هو، جنهن ۾ هڪ ٻئي جي مٿان 20x10 فوٽن جا ٽي ڪمرا ٺهيل هئا. هر ڪمرو اوچائيءَ ۾ نَوَ فوٽ هو. ڪمرن جي اڳيان 20x20 فوٽن جو هال هو. جنهن جي ڇت جي اوچائي ٻيءَ ماڙ واري ڪمري جي ڇت جي برابر هئي. ان جي ڇت تہ ماڙ واري ڪمري جو فرش هوندي هئي، هال جي ڇت ۾ هلڪي ناسي، ڳوڙهي

پوري رنگ جي ڪاشيءَ جون سرون لڳل هيون. جڏهن مون اکيون کوليون هونديون تہ پڪ منهنجي نظر ڪاشيءَ جي سرن تي پئي هوندي، ڇاڪاڻ تہ مون انهيءَ هال جي فرش تي ئي جنم ورتو هو. ڪاشيءَ جي سر هڪ چورس فوٽ جي هوندي هئي، جيڪي ٽِي آڱرن تي رکيل هيون ۽ ٽِي آڱرن هڪ فوٽ ويڪري گردڙ تي رکيل هئا. اهي سرون ڀر واري ڳوٺ جي ڪاشيگر در محمد جون ٺهيل هيون. لڳي ٿو تہ ڪاشيءَ جون اهي ٻنيون سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙيل هيون. پراڻي دور جي سنڌ کان وٺي انهن ڏينهن تائين گهر جي سينگار لاءِ ڪاشيءَ جي سرن جو فيشن هو. هال جي فرش ۾ بہ ڪاشي لڳل هئي. جيڪا پوءِ ماڻهن جي اچ وڃ ۽ سامان جي اٿل پٿل ڪري خراب ٿي وئي هئي. ڇهن سالن جي عمر ۾ مون انهن مان ٻچيل ڪجهہ سرون ڏٺيون هيون. اڳتي هلي مون کي پوءِ ڪاشيءَ جي فن جي اصليت بابت مختلف ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آيون. هندو چوندا هئا تہ اصل ۾ اهو هندن جو فن آهي جيڪو ’ڪاشي‘ يا چين جي صوبي ’سنڪيانگ‘ (جنهن جي 80 سيڪڙو آبادي مسلمان هئي) جي ’ڪاشغر‘ واري علائقي مان آيو هو. ڪاشي ٺاهڻ واري کي ڪاشيگر چوندا آهن. منهنجو خيال آهي تہ ڪاشي، ’ڪانچ‘ لفظ مان ورتل آهن، جنهن جي معنيٰ آهي شيشو، ۽ ڪاشيگر، ڪاشيءَ لاءِ يا ٻيءَ ڪنهن شيءَ جي مٽاڇري تي مختلف ڌاتن جي ٻوري سان ان ۾ شيشي واري چمڪ پيدا ڪندو آهي. انهن کي پچائڻ سان اهي ڌاتو وگهري اُن شيءِ ۾ گهربل رنگ ۽ شڪليون جوڙيندا آهن. اهو فن نهايت پراڻو، اٽڪل ڇهہ هزار سالن کان بہ اڳ جو آهي، جڏهن ڪاشي يا بنارس ۽ ڪاشغر ٻنهي جو وجود ئي ڪونہ هو.

هال ۾ ڪجهہ ٻيون شيون بہ هيون. ان ۾ ٻُخارو بہ هو جيڪو سائنسي طريقي سان ٺهيل هو. اهو ايترو سوڙهو هو، جو ان مان دونهون لنگهي ويندو هو. ان مان ڪڏهن بہ هال ۾ دونهون يا مينهن ڪونہ ايندو هو. هال

۾ ڇهہ فوٽ ويڪري بالڪني بہ هئي، جيڪا پهرينءَ ماڙ جي ڇت مان ٻاهر نڪتل هئي ۽ ٻہ ماڙ جي فرش سان ڳنڍيل هئي. ان ۾ حفاظت لاءِ ڪاٺ جو ڪٽهڙو ڏنل هو، جنهن ۾ لوهي سيخون لڳل هيون. ٻيءَ ماڙ جي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان هيٺ هال ۾ نظر پوندي هئي. هال ۾ اوپر طرف ڪان بہ دروازا هئا. هال اندر اترئين پاسي واري دروازي ڪان ڇهن فوٽن تي اها جاءِ آهي جتان زندگيءَ ۾ دنيا تي منهنجي پهرين نظر پئي هئي. هال جي ٻاهران ڏهہ فوٽ ويڪرو ورانڊو هو. ان جي آخر ۾ مٿين ماڙين تي وڃڻ لاءَ ٽي فوٽ ويڪري ڏاڪڻ هئي. ورانڊي جي ڇت نَوَ فوٽ اوچي هئي. ماڙيءَ جي وچ ۾ ڏهن فوٽن جي وچوٽي هئي. چون ٿا تہ گهر جو بنياد ڇهہ فوٽ ويڪرو تي ويو هو، جيڪو سنهو ٿيندو زمين جي سطح وٽ بہ فوٽ ويڪرو هو. جنهن تي جاءِ جون بہ فوٽ ويڪريون پٽيون ڪنيل هيون. اهي پٽيون ايٽريون ٿلهيون ٺهيل هيون، جي ان ۾ بخارو ٺهيل هو. جنهن مان پٽين کي اندران يا ٻاهران ڪوبہ نقصان ڪونہ پهتو هو. ديال جي ڪاٺ جو ڪم ڪرڻ واري واڍي جو نالو الهہ بخش هو، جنهن پوءِ اسان لاءِ پينگهو بہ ٺاهيو هو. اڄڪلهہ جا ڀهراڙيءَ جا واڍا ايترا هوشيار ۽ ڪارائتا نہ آهن، شهري واڍا بہ اهڙا ناهن. پر جيترو مون کي ان گهر ۾ نظر آيو تہ الهہ بخش جي ڪاريگري بي مثل هئي. ورانڊي ۽ هال ۾ ڇهہ فوٽ اوچي ڇپري ڏنل هئي، جنهن ۾ هوا جي لنگهڻ لاءِ سوراخ نڪتل هئا. ان جي سونهن وڌائڻ لاءِ چوڌاري خوبصورت ڪمانيون ٺهيل هيون.

جڏهن اهو گهر ٺهيو هو تہ خيرپور ناٿن شاهہ کان وٺي دادوءَ تائين ان جهڙو ٻيو ڪو گهر ڪونہ هو. ڪيترائي ماڻهو اهو گهر ڏسڻ آيا هئا. گهر ۾ البت هڪڙي خامي هئي سا اها تہ ڪمائيون تہ اڌ گول هيون پر دروازا ۽ دريون مستطيل هيون، جن جي وڌ ۾ هڪ - سري ڪنار ٻڌل هئي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انهيءَ اوڻائيءَ جي خبر ڪانہ پوندي هئي. ارڙهن

سالن کان پوءِ وڏيري اسحاق ان جي نقل تي گهر جوڙايو هو. سندس پٽ الهورائي کي پڪ اها خبر هوندي. منهنجو مامو محمد صالح ڪراچيءَ جي اين.اي.ڊي انجينئرنگ ڪاليج جي تعليم واري وقت منهنجي مالي مدد ڪندو هو. الهورايو، جنهن کي اهو ساڃ هوندو ته سندس پٽ ايترا به لائق ڪونه هئا جو هاءِ اسڪول ۾ ئي تعليم وٺي سگهن ها، تنهن اسان جي چوري ڪرائي هئي. چور دريءَ مان اندر ٽپيا هئا. مئي 1945ع جو اونهارو هو. گهر جا سڀ ياتي ٻاهر ستل هئا. (سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ اها عام ڳالهه آهي.) چور نه فقط مامي جي گهر وارن جا پر سندس مٽن مائٽن جا سونا، روپيا ڳهه کڻي ويا، جيڪي وٽس امانت رکيل هئا. جڏهن الهورائي تي الزام لڳو ته ان مخدوم جي درگاه ۾ قرآن هٿن ۾ جهلي قسم کنيو ته پاڻ انهيءَ معاملي ۾ ڏر ڪونه هو. گهڻو پوءِ، جڏهن سندس ڪمدار (جو پڻ چوريءَ ۾ شامل هو) ڳالهه جو ڦڪڙ ڦاڙيو ته پوءِ اها چوري باسيائين. هن وقت 2001ع تائين به اهو گهر موجود آهي، جيتوڻيڪ 40 سال اڳ گهر جي مٿين ماڙي ڊاٺي وئي هئي.

سال 1942ع ۽ 1956ع وارين ٻنهي ٻوڏن ۾ به اهو گهر بچي ويو. گهر جي پٽين ۾ به ڪا سِير ڪانه پئي. ٻئي پيرا گهر ۾ ٻه ٻه فوٽ پاڻي بيٺل هوندو هو. ڳوٺ جي سراسري اوچائي هڪ صديءَ اندر ڪچن گهرن جي ڊهڻ، انهن جي مڏ ۽ ٽانون ٽپن جي ٽڪرن ۽ اڻ ضايع ٿيڻ وارين شين جي ڪري ٻه فوٽ مٿي ٿي وئي آهي. گهر جي فرش جي سطح هينئر به هڪ فوٽ اوچي آهي ۽ منهنجي جنم جي اصل جاءِ فرش کان ٻه فوٽ هيٺ آهي، جڏهن ته گهر اڃا ائين جو ائين موجود آهي.

# منهنجو نالو

پرائمري اسڪول جي رڪارڊ ۾ منهنجو نالو حسين ولد حاجي هو ۽ ذات شمساڻي هئي. ڳوٺ ۾ شمساڻي ڪي 100 ڪن ماڻهو مس هئا، جيڪي شمس پنهور جو اولاد هئا. جيئن ته ڳوٺ ۾ سڀ پنهور هئا، پر سڃاڻپ طور ڪي گولاڻي پنهور، ته ڪي شمساڻي پنهور سڏبا هئا، پر ڳوٺ کان ٻاهر سڀ پاڻ کي پنهور سڏرائيندا هئا. انڪري مون کي حسين ولد حاجي نالو قبول هو. جڏهن مون کي هاءِ اسڪول جي اسڪالرشپ ملي، ته اسڪول ڇڏڻ واري سرٽيفڪيٽ ۾ پرائمري استاد محمد يعقوب منهنجو نالو محمد حسين ولد حاجي خان پنهور لکيو. مون کي اِهو نالو ڪجهه اوپرو لڳو، ڇو ته سنڌ ۾ خان جو لقب اهڙن فردن کي ڏنو ويندو هو، جيڪي وڏا زميندار هئا ۽ منهنجي پيءُ جو واسطو اهڙي ڪٽنب سان نه هو. هاءِ اسڪول ۾ استاد ۽ شاگرد هڪبئي کي آخري نالي سان سڏيندا هئا، انڪري مون پنهنجي لاءِ ايم . ايچ . پنهور نالي جي چونڊ ڪئي. جڏهن مون کي ڪو حسين جي نالي سان سڏيندو هو ته ان ڏانهن يڪدم متوجهه ٿيندو هئس، پر جيڪڏهن ڪو مون کي محمد حسين جي نالي سان پُڪاريندو هو ته قدرتي طرح اوڏانهن توجهه نه ڏيندو هئس. اهڙيءَ طرح، وقت گذرڻ سان پنهور منهنجو پهريون يا آخري نالو ٿي پيو. سرڪاري ڪاغذن، جيئن پاسپورٽ، شناختي ڪارڊ، بئنڪ اڪائونٽ ۾ مون کي ضرورت

موجب محمد حسين پنهور لکڻو پوندو آهي، باقي هونءَ مان پاڻ کي ايم . ايچ . پنهور لکندو آهيان.

آمريڪا ۾ منهنجا دوست مون کي منهنجي پهرئين نالي (محمد) سان سڏيندا هئا، پر منهنجو ڌيان هنن ڏانهن تڏهن ويندو هو، جڏهن هو ٻه يا ٽي دفعا مون کي سڏ ڪندا هئا. پوءِ مون سيني کي ٻڌايو ته مون کي "پنهور" ڪري سڏيو.

# منهنجو پيءُ

منهنجو پيءُ 1905ع ۾ ڄائو. پاڻَ ۽ هن جو ٽيڻ وارو سالو (منهنجو مامو) محمد نواز ٻَئي عمر جي ساڳئي دائري ۾ هئا. محمد نواز 1902ع ۾ ڄائو هو. جيئن تہ اسان جي ڳوٺ ۾ اسڪول نہ هو، انڪري هو ٻَئي الهہ آباد جي ساڳئي پرائمري اسڪول ۾ ٻہ ڪلوميٽر ڏور پڙهڻ ويندا هئا. وچ ۾ ڪو رستو نہ هو، پر پيادن لاءِ واٽ ضرور هئي، جتان روزانو بنا محافظ اچڻ لاءِ هنن جو گهٽ ۾ گهٽ ائن سالن جي عمر جو هجڻ لازمي هو. هو ڪي سال پڙهيا. جڏهن تحريڪ خلافت شروع ٿي ۽ ويچارن ڳوٺ ڳوٺاڻن کي ٻڌايو ويو تہ انگريزن جي برپا ڪيل اسڪولن ۾ پڙهڻ کان مڪتب ۾ پڙهڻ ۽ انگريز ڪافرن جي زير حڪومت ملڪ مان لڏي اسلامي حڪومت واري ملڪ ڏانهن هجرت ڪرڻ، اڳينءَ توڙي هنَ دنيا ۾ اجر جوڳو ڪم هو. مٿين ٻنهي نينگرن کان، مڪتب ۾ فارسي ۽ عربي پڙهڻ ۽ اسلامي ملڪ ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ واسطي اسڪول ڇڏرايو ويو هو. منهنجي مامي جي سؤٽ مولوي عبداللطيف افغانستان ڏانهن هجرت ڪئي هئي، پر سڀ ڪجهہ ڦرائي واپس وريو ۽ ڳوٺ مان رضاڪارن جو وڃڻ بند ڪرائي ڇڏيائون. اهو هلايو ويو هو تہ مهاجرن کي انگريزن جا ڇاڙتا ڦرين، پر عبداللطيف تصديق ڪئي تہ هنن کي عام پٺاڻن ڦريو هو ۽ اهو روزمره جو معمول هو ۽ آخر ۾ رهيو کهيو هن کان مسجد ۾ ڦريائون! جلدي ٻنهي نينگرن

سمجهيو تہ اهو ڏوهہ هو، ۽ پنهنجي پرائمري اسڪول جي ساٿين جي برعڪس هو پرائمري استادَ، آبپاشي کاتي ۾ آبدارَ ۽ ڊل وصول ڪندڙ تپيدارَ، جن لاءِ اٺ سال پڙهڻ بعد فائينل امتحان پاس ڪرڻو هو، نہ ٿيندا.

پيءُ جي نصيحت سياست تي صرف ڪندي منهنجو مامو محمد نواز خلافت تحريڪ جو سرگرم رڪن بڻيو ۽ سمجهہ کان ڪم وٺندي، لاڙڪاڻي ۾ پريس ورتائين، جتان هفتيوار اخبار جاري ڪري نالو ڪمايائين. منهنجي والد فارسي ۽ ڪجهہ عربي پڙهڻ بعد ڏٺو تہ هو ماڻهن جي جهالت ۽ پورڙائيءَ مان فائدو وٺڻ ۽ هٿ ٽنگڻ کان سواءِ مولويءَ جي حيثيت ۾ گذارو ڪري نہ سگهندو، انڪري هن 16 سالن جي عمر ۾ مڪتب ڇڏيو ۽ ڇهہ ڪلو ميٽر پري ڳوٺ وساڻ جهتيال وارن جي چوڪرن کي بہ سال قرآن شريف ۽ فارسي پڙهايائين، ۽ ڏٺائين تہ اُها ملا - ماستري بہ هن جي آئندي جي آڪهہ لاءِ مناسب آمدنيءَ جو ذريعو ٿي نہ سگهندي. هن کي (اتي) فقط آهار (Food)، اجهو (Residence) ۽ ڪيسي خرچ مليو ٿي. هِن ڳوٺ، قلجيءَ ۽ پراڻي ديري کي ملائيندڙ ريل ۽ درياهي بندر واري ڳوٺ پراڻو ديرو جي پر ۾ هئڻ ڪري زور ورتو. 1922ع ۾ درياءَ پراڻي ديري کان وهڪرو مٽايو ۽ بندر هميشہ لاءِ ڦٽي وڃڻ ڪري آس پاس جا گهڻا ڳوٺ پوئتي پئجي ويا. 27-1926ع ۾ ريل جي پٽڙي اکيڙي وئي. منهنجي والد اهو سوچيو تہ ملان اسڪول ۾ پڙهائڻ ڪفايت وارو نہ هو ۽ انڪري انهيءَ ڌنڌي تان بہ هٿ ڪنيائين ۽ موٽي اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ پوک ڪرڻ لڳو.

تاريخ جي پڪ تہ ڪانهي پر امان سان 24-1923ع ڌاري شادي ڪيائين. انهن ڏاڍو سٺو وقت گذاريو. مون ڪين ڪڏهن بہ پاڻ ۾ جهيڙيندي يا ڪاوڙجندي نہ ڏٺو. بابو ڳوٺ جو ڏگهي ۾ ڏگهو ماڻهو هو. 57 سالن جو هو، جو اسپتال ۾ سندس قد ڇهہ فوٽ ماپيو ويو. امڙ بہ ڳوٺ جي ڏگهي ۾ ڏگهي عورت هئي. 20 سالن جي عمر ۾ منهنجو قد پنج فوٽ، ساڍا

اٺ انچ هو ۽ منهنجون ٻه ڀينر، جن جا قد مون ماپيا، سي پنج فوٽ ڇهه انچ ڏٺيون هيون. امان ڳوٺ جي ٻين غريب توڙي شاهوڪار عورتن جيان گهر جو سڀ ڪم پاڻ ڪندي هئي ۽ ٻنيءَ ۾ پڻ ڪم ڪار ڪندي هئي. هوءَ سج اڀرڻ کان ڪلاڪ اڳ ۾ اُٿندي هئي ۽ رات جو بابي جي اوطاق مان واپسيءَ بعد سمهندي هئي. بابو پروچن وانگر ڏگها وار ڇڏيندو هو پر پنهنجي سالي محمد نواز وانگر ڏاڙهي ڪوڙائيندو ۽ مڇون رکائيندوّ هو. محمد نواز پڻ ڏگها وار ڇڏيندو هو. اهو رواج پروچ زميندارن ۽ سردارن ۾ هو. هو گذريل صديءَ جي 60ع واري ڏهاڪي جي هِپين جهڙا وار رکندو هو، پر اهي پٽڪي ۾ ڍڪيل هوندا هئا. ساڳئي قسم جا وار جيڪب آباد جا وڏا زميندار به رکائيندا هئا. 1953ع ۾ جڏهن مان آمريڪا کان موٽيس ۽ هو مون کي ڪراچيءَ ۾ ملڻ آيو ته سندس وار ڪٽيل هئا ته جيئن منهنجن دوستن کي برا نه لڳن. مان سمجهان ٿو ته اها قرباني هن منهنجي عزت رکڻ لاءِ ڪئي، جنهن جي ضرورت نه هئي. 1930ع واري ڏهاڪي ۾ اقتصادي دٻاءَ جي ڪري منهنجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي جاري رکڻ لاءِ کيس سخت محنت ڪرڻي پئي هئي، پر 1939-1945ع واريءَ ٻيءَ مهاڀاري جنگ جي ڪري ڪپهه ۽ ڪڻڪ جا اگهه وڌيا، انڪري هن منهنجي خرچيءَ ۾ 50 سيڪڙو اضافو ڪيو، جنهنڪري مان موڪلن يا هفتي جي پڇاڙيءَ تي موهين جي دڙي يا لاڙڪاڻي گهمڻ ويندو هئس. مان جڏهن ڪاليج ويس تڏهن 1942ع ۾ بابو 30 روپيا ۽ 1943ع ۾ 50 روپيا ماهوار ڏيندو هو. 1942ع واريءَ ٻوڏ جي ڪري اسان جو ڳوٺ ۽ فصل تباهه ٿي ويا ۽ منهنجي مامي محمد صالح، ڊسمبر 1943ع ۾ 50 روپيا ماهوار خود آڇيا، ان لاءِ بابي سندس ٿورا مڃيا، پر جنگ سبب افراط زر (Inflation) جي ڪري مون کي منهنجي 50 روپيا اسڪالر کان به 100 روپيا ماهوار وڌيڪ گهربل هئا، جيڪي مامو مون کي ڏيندو رهيو.

# منهنجي ماءُ

منهنجي ماءُ احمد جي ڏيءَ هئي. لڳي ٿو اهو سڄي دادو تعلقي جي سيني ماڻهن کان وڌيڪ شاهوڪار هو. اهو وقت جي معيار مطابق تعليم يافته شخص هو. سندس تعليم سنڌي حساب ڪتاب ۽ ليکو چوکو رکڻ تائين هئي. اهو سرشتو انهي زماني ۾ هندو واپاري ڪتب آڻيندا هئا، جنهن کي عام طور ”هٽڪي“ ڪوٺبو هو. ليکي چوکي رکڻ واري انهيءَ سرشتي جو اختصار پرائمري تعليم ۾ شامل ڪيو ويو هو ۽ ستين درجي جي ورنيڪيولر فائينل واري امتحان ۾ لازمي مضمون طور پڙهايو ويندو هو. 1941ع ۾ جڏهن آءٌ جي.اي هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ مئٽرڪ جو شاگرد هوس تڏهن مون پڻ اهو امتحان پاس ڪيو هو. 14 سال پوءِ مون 1955ع ۾ پنهنجي ڪاتي جو ’ائگريڪلچر اڪائونٽ‘ وارو امتحان به پاس ڪيو جيڪو پبلڪ سروس ڪميشن ورتو هو. ان مان مون کي اها ڄاڻ ملي ته ليکو چوکو رکڻ وارو هٽڪي سرشتو ڪيترو نه اهم هو! مون احمد ڄا ٽي پٽ ۽ چار ڌيئرون ڏٺيون. اهي چارئي زنده هيون ۽ سندس سارسنڀال لهنديون هيون. پنجين ڌيءُ ويم ۾ وفات ڪري وئي هيس. آءٌ تڏهن ننڍو هوس، مون کي اُن جي وڌيڪ يادگيري يا خبر نه رهي.

منهنجي ماءُ منهنجي پيءَ کان به سال وڏي هئي. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ ڳوٺ ۾ پرائمري تعليم لاءِ اسڪول ڪونه هو، ان ڪري منهنجي ماءُ به پنهنجي ڀينرن وانگي فقط قرآن پاڪ پڙهيو. پنهنجي عمر جي هيترن سالن

۾ مون اهو چاتو آهي تہ پنهنجي پيءُ جي گھر نپجڻ، منهنجي ماءُ کي نهايت غير معمولي عورت بنايو. منهنجي ماءُ پيءُ جي شادي 1923ع ۾ ٿي ۽ ٻہ سال پوءِ 25 ڊسمبر 1925ع تي منهنجو جنم ٿيو. ڄمڻ وقت منهنجو وزن تمام گھٽ هو. مون کي سٽيين شين کان چڙ پوندو آهي. شايد امان جي بہ اها حالت هئي. ان ڪري ئي امان سنهڙي ۽ نازڪ هئي. جيتوڻيڪ پاڻ ڳوٺ جي سيني عورتن کان قدآور هئي. جيتوڻيڪ سندس شادي غريب گھر ۾ ٿي، پر ڀهراڙيءَ جي معيار موجب پنهنجي وت آهر گھر کي ڏاڍو سينگاري رکندي هئي. وٽس گھر ۾ جام سامان سڙو هوندو هو. سامان سڙي واري خيال کان سندس گھر سڄي ڳوٺ ۾ شايد ٽئين نمبر تي هو. ان ڳالھہ جي مون کي انهيءَ ڪري خبر آهي جو ڳوٺ جون عورتون سدائين اها ڳالھہ ڪنديون رهنديون هيون تہ کهڙي ڪٽنب يا گھر ۾ ڇا ڇا هوندو هو. سندس مائٽاڻو گھر سيني گھرن ۾ بهترين هو. ان کان پوءِ وڏيري الهورائي جو گھر ۽ پوءِ اسان جو گھر، سو بہ فقط مهنجي ماءُ جي ڪري. منهنجي ماءُ منهنجي ڏاڏي جي مينهنِ جي وڳ جي بہ سارسنڀال ڪندي هئي. شام جو جڏهن مينهون ايندي‌ون هيون تہ انهن کي سائي سُڪي ڦرين واري گاهہ جي ڪتر، ڪڻ سان ملي ڏيندي هئي. عام طور مينهن جي ڏهائي منهنجو ڏاڏو يا چاچو ڪندا هئا. ڏاڏو ڏُهڻ جو ڏاڍو سٺو سليقو ڄاڻندو هو. کير جو آخري ڦڙو بہ ڏهي وٺندو هو. فقط ڪڏهن ڪڏهن ان جي غيرحاضريءَ ۾ امان مينهون ڏهندي هئي، نہ تہ عام طور پاڻ فقط ڄميل کير ولوڙي مکڻ ڪڍندي هئي. رات جو تازي کير تان تاري مکڻ لاهيندي هئي. صبح جو ڏونرو ولوڙي مکڻ ڪڍندي هئي. ان کي گاسليٽ جي صاف دٻي ۾ گڏ ڪري رکندي هئي ۽ ڳوٺ جي واڻيي کي وڪڻندي هئي. عام رسم موجب مکڻ جو ملھہ روڪڙ ۾ ملندو هو. اهي پئسا عورتون گھر جو خرچ هلائڻ، ڪپڙن، سينگار جي سامان، ڳهہ ڳٺا ۽ ٻارن لاءِ رانديڪن خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪنديون.

ڏڌ ولوڙڻ ۾ منهنجي غيرشادي شده پڦي "جادو" ۽ چاچي جي گهر واري امان جو هٿ ونڊرائيندي هيون. منهنجو چاچو هر ڪي هٿ ٻه ڪونه لائيندو هو. ٻيءَ ڪان لوائيندو هو. مال لاءِ گاهه لڻندو هو، چاري جو ڪم ڪندو هو. ڪتر ڪندو هو ته جيئن مال چري سگهي. مال کي آهر وجهڻ ۾ هٿ ونڊرائيندو هو.

مکڻ جي وڪري مان جيڪا رقم ايندي هئي، سا ٽنهي عورتن ۾ ورهائبي هئي. گهڻو حصو امان کي ملندو هو. ڇاڪاڻ ته مال لاءِ ٻنيءَ ۾ گاهه بابو پوکيندو هو. اها ورڇ تز طريقي سان ڪئي ويندي هئي. پڦيءَ وٽ هڪڙي مينهن هوندي هئي. چاچيءَ جي هڪڙي هئي ۽ امان وٽ ٻه مينهون هيون. باقي سيئي مينهون ڏاڏي جون هيون. ڏاڏو ٻه گهر جي ضرورتن جي پورائي لاءِ پنهنجو حصو امان کي ڏيندو هو. امان کي ولوڙ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. پاڻ مدد لاءِ هڪڙي ماڇاڻي عورت کي گهرائيندي هئي. کيس لسي ۽ ٿورو مکڻ ڏئي ڇڏيندي هئي. جيئن ته مينهون ورهايل هيون، پوءِ اهو سيڪنهن جو ڀاڳ هو ته ڪنهن جي مينهن ڪيترو کير ٿي ڏنو. اڪثر سٺا مينهن جو انگ ڪڏهن پنجن کان گهٽ ڪونه هوندو هو. ان ڪري هر ڪنهن کي ڏوڪڙن جي خاطري هئي. اها ڳالهه هڪ لحاظ کان محنت جو محرڪ به هئي. جڏهن گهر ۾ پنجن کان وڌيڪ سٺا مينهون هونديون هيون ته وڌيڪ رقم ڏاڏي جي هوندي هئي. اهو وري، اهي پئسا امان کي ڏئي ڇڏيندو هو. پوءِ جڏهن ٻه کيس يا بابي کي پئسن جو کپ پوندو هو ته امان کين پئسا ڏيندي هئي. پوءِ جڏهن 1932ع ۾ سکر بئراج وهي آيو ته سڄو سال واڙو پاڻي پيو وهندو هو. ڍنڍون ڍورا سڀ پاڻيءَ سان تار ٿي ويندا هئا. گاه جام ڦٽڻ لڳندو هو. منهنجو ڏاڏو انهن چراگاهن ڏي مال ڀهرائي ويندو هو. ڪجهه مينهون گهڻو پاڻي پيئڻ ڪري اپامي پيون. اسان جون ٽي مينهون لاڳيتن ٽن ڏينهن ۾ مري ويون. امان، پڦي ۽ چاچي اچي روئڻ ۾

شروع ٿيون، جڻ تہ ڪو عزيز گذاري ويو هجي. پوءِ ڏاڏي کين آٿت ڏنو ۽ چيائين تہ پندرنهن ڏينهن اندر پاڻ نئين ڳوٺ يا ناصرائيءَ وڃي اتان ٽي مينهون وٺي ايندو.

پوءِ ڏاڏو جلدي قرض کڻي مينهون وٺي آيو. زالون ڏاڏيون خوش ٿيون. اهڙين ڳالهين ڪري گهر وارا توڙي پاڙي وارا ڏاڏي جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا.

مون کي هينئر زالن جي روح ۽ پنڪي جي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي آهي. اها ڳالهہ اهڙي هئي جهڙي اڄڪلهہ ڪنهن جي نوڪري هلي وڃي. کير مکڻ وارا پئسا ڄڻ تہ پگهار برابر هئا. مينهون نہ هجن ها تہ جلدي اسان جي حالت غربت واري ليڪ کان هيٺ جيئڻ وارن ماڻهن واري تي وڃي ها. اهو سڄو عقل ڏاڏي امان جو هو. مينهن وٺڻ واري ڪنيل قرض جي واپسيءَ لاءِ بابا کي پوءِ ٻنيءَ تي سخت محنت ڪرڻي پئي.

امان اها سڄي آمدني گهر کي ٺاهڻ ۾ ڪم آڻيندي هئي. هوءَ ڪوشش ڪندي هئي تہ وتس هر اها شيءِ موجود هجي جيڪا سندس مائٽاڻي گهر ۾ هئي. اسان جي گهر ٻہ 16x30 فوٽ وڏي مٽين ماڙي نئين سامان سڙي سان ڀري پئي هوندي هئي. اتي گڏ ڪيل شيون ڊيڪيون ۽ ڪُلفيون پيون هونديون هيون. انهن ڏينهن ۾ رڌ پچاءَ لاءِ ٽامي جي ٿانون جو فيشن هو. چاڪاڻ تہ انهن ٿانون ۾ اٺ هزار سال اڳ وارن ٺڪر جي ٿانون کان رڌ پچاءَ تڪڙي ٿيندي هئي. اتي اتڪل ڏه-ٻارنهن ٽامي جا ديڳڙا ۽ ديڳڙيون هڪٻئي جي مٿان رکيل هوندا هئا. اهي روزمره جي رڌ پچاءَ ۾ استعمال ڪونہ ٿيندا هئا. روز جي ڪم لاءِ جدا ٿانو هئا. جيڪي هيٺئين گهر ۾ رکيل هئا. ساڳئي ڌاتوءَ جون لسي تري واريون ننڍيون وڏيون ٿالهيون پڻ هونديون هيون. پاڻي پيئڻ لاءِ ڪنجهي جا گلاس هئا. ويهين واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ اليومينم جي ٿانون جي استعمال واري

تبديلي آئي. پراڻن ڏينهن کان اها ڳالهه عام هئي ته ٽامي کي ٽڪڙي کس وٺي ويندي آهي ۽ اهو زهريلو بڻجي ويندو آهي. انهن ڏينهن ۾ قلعي گر پڻ هوندا هئا، جيڪي ٽانو قلعي ڪندا هئا. جڏهن به قلعي گر ايندو هو ته امان انهن کان ڪجهه مهينن کان استعمال ۾ رهيل ٽانون کي قلعي ڪرائيندي هئي. کيس اليومينم جا ٽانو ڪونه وڻندا هئا. سندس چوڻ هو ته انهن جي سطح ڏاڍي نرم ٿيندي آهي، جيڪا ڳري ماڻهوءَ جي معدي ۾ پئجي ويندي آهي. اها حقيقت آهي ته اليومينم کي ٻاهر رکڻ سان تمام تڪڙي کس وٺندي آهي. بهرحال رڌپچاءَ جي ٽانون کي استعمال ڪانپوءِ يڪدم ڏکڻ ايشيائي پائوڊر يعني چلهه واريءَ ڇار سان ملبو آهي. جنهن سان روزانو ٻہ-ٽي ڀيرا ٽانو ملڻ سان انهن جو تهه لهي ويندو آهي، ان ڪري اهي هلڪا ۽ سنها ٿيندا ويندا آهن. هن وقت آءٌ سمجهان ٿو ته اليومينم توڙي ٽامو ٻئي منو (Slow) زهر آهن. اڄڪلهه وارن رڪ جي نه ڪٽجندڙ ٽانون جي نه هوندي، نکر جا ٽانو صحت لاءِ تمام سٺا هئا، جيڪي هزارين سالن کان استعمال هيٺ رهندا پئي آيا. ٻين به ڪيترين ئي شين سان گڏ امان وٽ ڪپڙن ۽ ڳهن سان ڀريل هڪڙي وڏي صندوق هوندي هئي. ان ۾ سندس ”لانورو“ (لانئنِ وارو) وڳو به رکيل هو. ان وڳي جي ٿنهي ڪپڙن، رئي، چولي ۽ سٿڻ تي ڀرت ڀريل هو. وٽس شاديءَ واري جتي رکيل ڪانه هئي. وٽس هر قسم جا چانديءَ جا ڳهڻا هئا، جن ۾ حاجيءَ نالي ڪنهن وڏي جي چانديءَ جي منڊي به هئي. اها منڊي هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ جي وڏي پٽ جي ڪنوار کي ملندي هئي. مون کي خبر ڪانه هئي ته اها منڊي ڪيتري آڳاٽي هئي يا ان جو ملهه ڪيترو هو. آءٌ ان جو ملهه چانديءَ جي تور جي حوالي سان سمجهندو هوس. 1956ع ۾ بابي اها منڊي مون کي ڏني هئي. انهن ڏينهن تائين امان جا چانديءَ جا سڀ زيور وڪامي ويا هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌ مان چانديءَ جي زيورن جو فئشن ختم ٿي ويو هو.

حقيقت ۾ تينءَ دنيا مان چاندي ختم ڪرڻ هڪ بين الاقوامي ٽڳي هئي، ڇاڪاڻ تہ چاندي ان وقت تائين صنعتي ڌاتو بنجي چڪي هئي. جرمن جنگ واري دور ۾ انجڻين کي چانديءَ جو تهہ چاڙهيندا هئا. اها بلئڪ اينڊ وائيٽ فلمن ۾ بہ ڪتب اچڻ لڳي هئي. ويهن سالن جي عرصي ۾ چانديءَ جي قيمت ”سنئونڻِ“ تي وڌي وئي هئي. ان ڪري واپار ۾ چاندي وڏي وٽ بنجي چڪي هئي. اها پراڻي منڊي هن وقت منهنجي زال فرزانہ وٽ آهي. چيو وڃي ٿو تہ اسان جي ٽڙ ڏاڏي حاجيءَ، سترهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اها منڊي قرآن پاڪ جي پهرئين صفحي جي نقش تي ٺهرائي هئي. قرآن جو، اهو نسخو جيڪو اسان جي چاچي شهيد تي وڃڻ ڪري پوري ڇڏيو هو. امان سان گڏ چاچيءَ وٽ سندس پيتي هوندي هئي. اها بہ ساڳئي قسم جي سامان سان ڀريل هئي. انهن پيتين کان سواءِ ٽين بہ هڪڙي صندوق هئي جنهن ۾ بابي جا ڪتاب ڀيل هوندا هئا. هڪڙي لوهہ جي پيتي پڻ هئي جنهن ۾ بابي جي ذاتي استعمال جو سامان رکيل هو. سڄي گهر ۾ هر قسم جو گهر جو سامان پيو هوندو هو. هڪڙو پينگهو گهر جي ڪم سان ۽ ٻيو پينگهو گهوڙين تي بيٺل هو. هڪڙي ڳري کٽ بہ هئي، جيڪا امان کي سندس گهر وارن ڏاج ۾ ڏني هئي. ان کٽ تي رلين، سوڙن ۽ وهاڻن جو 4-5 فوٽن جو ڍڳ ڍڪيو پيو هوندو هو. کٽ تي مختلف ڪمن جون ڪيتريون ٿي شيون بہ پيون هونديون هيون. آءٌ اهو سمورو سامان پيو ڦلهوريندو هوس. يا ان سان راند ڪيڏندو هوس. گهر ۾ سئيون رليون هئڻ ۾ شان هو. امان پنهنجو اهو هنر عورتن کي ڏيکاريندي رهندي هئي. رلين جا نمونا تمام پراڻا ۽ عام هئا. عورتن کي رليون ٺاهيندي ڏسي آءٌ سوچيندو هوس تہ انهن جا نوان نمونا بہ ٺاهي سگهجن ٿا ۽ انهي فن ۾ انقلاب بہ اچي سگهيو پئي. اٽڪل ست سال پوءِ ٻارهن سالن جي عمر ۾ مون ڳوٺ جي عورتن لاءِ رلين جا نوان نمونا ٺاهيا، جن کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو هو. 1948ع تائين

جڏهن به آءٌ ڳوٺ ويندو هوس ته زالون انتظار ۾ هونديون هيون ته آءٌ
کين رلين جا نوان نمونا ڪٽي ڏيان. هن وقت تائين مون اهو ڄاتو آهي ته
سنڌين ۾ رنگن کي ملائي رکڻ واريءَ ڄاڻ جي ڪوٽ ڪانهي، جنهن
سان انهيءَ فن کي بين الاقومي حيثيت ڏياري سگهجي ٿي.

امان جا ڳهڻا لڳ ڀڳ ہن ڪلو گرام کن جي تور جا هئا. اهي روايتي
ڳهڻا ٻانهن جي هيٺئين توڙي مٿئين حصي ۾ پهريا ويندا هئا. نونٺ وٽ
زنجيريءَ جو ٽڪرو پيو لڙڪندو هو، جيڪو سينگار لاءِ ٻڌڻ جو فيشن
هو. هرڪَن ۾ ست کان نَوَ ڇيد ٿيل هوندا هئا، جن ۾ وڏيون ۽ ڳوريون
واليون پهربيون هيون، جن کي پَنڙا به چئبو هو. جنهن ڪري جهالر ۽
پاپڙي لڙڪي پونديون هيون ۽ ڪنن جي نصبيءَ جو ٻاهريون حصو
ڍڪجي ويندو هو. ڪيترين ئي پوڙهين عورتن جا ڪن چنل هوندا هئا ۽
پاپڙين وارا سوراخ ويڪرا ۽ ٻي ڊنگا ڏسڻ ۾ ايندا هئا. اهي ڪنهن به
وقت ڇجي پوندا هئا. 1920ع جي ڀڄاڙيءَ تائين ڪنن ۾ ست کان نَوَ
سوراخ ڪڍائڻ عام ڳالهه هئي. 1920ع کان پوءِ اهي گهٽجي اچي ٻن
سوراخن تي رسيا. 1950ع کان پوءِ پاپڙيءَ ۾ فقط هڪ سوراخ بچيو.
عورتن جي نڪ جي ناسن جي وچ واري جهلي ۽ هڪ يا ٻئي ناسون به
ٽوپيل هونديون هيون. پرڻيل ۽ اڻ پرڻيل عورتن ۾ دلچسپ فرق هوندو
هو. اهي ڳهڻا اڪثر صحت لاءِ هاجيڪار ۽ ڳورا هوندا هئا. ڳهڻن ۾
چوڙيون ۽ مُرين لاءِ ڪڙيون به شامل هيون. انهن جو گهاڙيٽو ۽ شڪل
چورن واري هٿڪڙيءَ ۽ جانورن جي ڪڙين جهڙو هو. امان وٽ سون
جي ٽه-سَري دُهري، چانديءَ جو هڪڙو هار ۽ تائيٽ به هئا. امان اهي
ڪڏهن ڪڏهن بين عورتن جي سٿ لاءِ خاص موقعن تي پهريندي هئي.
مون پنهنجي تجربي مان ڄاتو ته امان جڏهن به ڳهه پائيندي هئي ته مون
کي اڪيلو ڇڏي ڏيندي هئي. ٻاروتڻ جي انهيءَ ڳالهه جو اثر مون تي
سڄي عمر رهيو آهي. آءٌ عورت کي ڳهن سان جهنجهيل پسند نه ڪندو

آهيان. اها ڳالهہ مون کي ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي. آءٌ عورتن کي فقط ان وقت ڳالهائڻ جي لائق سمجهندو آهيان، جڏهن کين ان قسم جي سيني سامانن سان پيڪيدار ڪپڙا وغيره پهريل نہ هجن. ڪن موقعن تي امان پنهنجي ننهن، آگرين ۽ ترين تي ميندي بہ هڻندي هئي. ڳهڻن وانگي مون کي مينديءَ جي بوءِ بہ پسند ڪانہ اچي. ايستائين جو آءٌ ڪڏهن ان کان سوءِ ميٽرن جي پنڌ تي بہ نہ ويندو آهيان. مون کي اهڙن مردن کي هٿ ڏيڻ کان بہ بچاءُ ٿيندي آهي، جيڪي هٿن تي ميندي هڻندا آهن.

امان وٽ هٿن پيرن جون ميناڪاري واري ڪم جون ڏهہ ڏهہ منڊيون هيون. اهي ايتريون ڏگهيون هيون، جن سان آڱريون ۽ ننهن ڍڪجي ويندا هئا. انهن پهرڻ سان آڱريون ڏسڻ ۾ ڏگهيون لڳنديون هيون. اڄڪلهہ جو ڍگهن ننهن رکڻ وارو فيشن ان جو نقل آهي. امان وٽ جسم جي مختلف عضون لاءِ ڏورا بہ هئا. زيور فقط پهرڻ لاءِ ڪونہ هئا پر گهرج واري وقت، ضرورت جي پورائي جي ضمانت پڻ هئا تہ جيئن اهي سولائيءَ سان گروي رکي يا وڪڻي سگهجن. اهي جڻ تہ ذاتي بئنڪ هئا، جيڪا عورتون پنهنجي وجود سان گڏ کڻي هلنديون هيون. منهنجي ماءُ، شاديءَ، عيد برات يا ڳوناٺي سٺ منهہ کان سواءِ ڪڏهن بہ زيور ڪانہ پهريندي پائيندي. هوءَ عام طور ايئرنگ، ڳچي ۾ ڪو ٿهندڙ ڳهہ يا ڏورو ۽ هيٺينءَ توڙي مٿينءَ ٻانهن ۾ عاج يا ڪانچ جون چوڙيون پهريندي هئي. آءٌ ڳهن ۾ جهنجهيل عورت ڏي نهارڻ کان لنوائيندو آهيان. اها ڳالهہ اِنهيءَ روش جي آهي تہ ٻار ماڻهوءَ جو پيءُ آهي.

انهن ڏينهن ۾ ڳوٺن ۾ درزي ڪونہ ٿيندا هئا. ويجهي ۾ ويجهو درزي ٽي ميل پري قلجي اسٽيشن تي هوندو هو. هڪڙو ”ڪاٺِيءَ“ ۾ هوندو هو. ان ڳوٺ جو نالو هاٺي مٿائي الله آباد رکيو ويو آهي. عورتون پنهنجي مرد توڙي ٻارن جا ڪپڙا پاڻ سبنديون هيون. ڪپڙن کي اهي سادو ٽوپو ڏينديون هيون. آءٌ ڏهن سالن کان بہ ننڍو هوس تہ غلام محمد ڪوڪر،

جيڪو هڪڙو سادو شاعر هو، تنهن اسان جي ڳوٺ ۾ درزڪو ڪم شروع ڪيو، اهو فقط مردن ۽ ٻارن جا ڪپڙا سبندو هو. پر اجا به عورتون پنهنجا ڪپڙا پاڻ سبنديون هيون، انهن تي ڀرت ڀرينديون هيون يا ٽڪون هڻنديون هيون يا ڪڏهن ٽُڪ سان ڪپڙن کي سينگارينديون هيون. شايد ان وقت ماڻهو اهو سمجهندا هئا ته عورتون مردن جي ڪپڙن کي سبڻ لاءِ هٿ به نه لائين، حالانڪه اهي ساڳيا ڪپڙا اُٿيل به مردن جا ئي هوندا هئا.

ميڪ اپ تمام سادو هو. پائوڊر ۽ سرمو هر گهر ۾ موجود هوندو هو ۽ مِسي ۽ مساڳ به هوندو هو. 19 صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين گج ۽ پَڙو عام پوشاڪ هئا، پر ويهين صديءَ جي شروعات ۾ چولي ۽ سٿڻ انهن جي جاءِ والاري. 19 صديءَ ۾ سنڌ جي ڪابه عورت پردو ڪانه ڪندي هئي، .سواءِ پيرن ۽ سيدن جي حويلين ۾ قيد ٿيل سندن عورتن جي. اُهي اڪثر گهٽيون شاديون ڪندا هئا ۽ انهن عورتن کي ساڳيءَ هڪ جاءِ تي فقط سخت پردي ۾ رکڻ سان ئي انهن جي بغاوت روڪڻ ممڪن هو. مسلمانن جي وچولي طبقي ۾ پردو ويهين صديءَ ۾ سفر ڪرڻ، خاص ڪري خلافت واريءَ تحريڪ سان پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙاين هلندي ۽ انهن کان پوءِ آيو. پردو پوءِ ڪافي گهٽين عورتن کي پاڻ ڏي گهلي ويو ۽ زناني مزدور جي کوٽ سببان کيترو ئي ڳنڀير مالي نقصان ٿيو، جنهن جي هر گهر کي ضرورت هئي.

مون ٽن سالن کان به وڌيڪ عرصو ماءُ جي ٿڃ ڌاتي. سندس ٿڃ ختم ڪانه ٿيندي هئي. ڳوٺن ۾ ٻارن کي هڪ سال کان به ننڍي عمر ۾ ٻئي کاڌي تي هيرايو ويندو آهي. عورتون ٻار جو خيال مٽائڻ لاءِ "ڇاتين" جي چوٽيءَ تي ڪڙي شيءِ مکي ڇڏينديون هيون، پر منهنجي ماءُ ائين ڪونه ڪيو. جيتوڻيڪ آءٌ ٻيو کاڌو به کائيندو هوس ۽ ماءُ جي ٿڃ مون لاءِ واڌو خوراڪ هئي. آءٌ امان کي ڳوليندو هوس. ڪيس "ڏايان" جي نالي سان

سڏيندو هوس، يعني تہ آئون تيح ڏاڏ تو چاهيان. ڪاڏي جو ڪير ۾ بدلجڻ لاءِ طاقت جي ضرورت هوندي آهي. ان ڪري امان سدائين سنهڙي هوندي هئي. اميد واري ٿيڻ لاءِ بدن ۾ 25 سيڪڙو چربي ضروري آهي، ان ڪري حسن نالي ٻيو ٻار مون کان ساڍن ٽن سالن کان پوءِ ڄائو. تيح ڏاراڻ ۾ ٻار توڙي ماءُ ٻنهي لاءِ ڪيترائي جسماني ۽ نفسياتي فائدا آهن. ٻار توڙي ماءُ کي اهو عمل وڻندو آهي. جنهن ٻار کي ماءُ جي تيح نہ ملندي آهي، ان ۾ وڏو ٿي پنهنجي مخالف جنس واري ساٿيءَ لاءِ موه وڌي نہ سگهندو آهي. نئين فيشن ٻار توڙي ماءُ کي انساني ارتقا ۾ ابتدائي ملين سالن کان شروع ٿيل قدرتي نشونما کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ڀيرين زال پنهنجي اڻ پڙهيل ماءُ جي چوڻ تي لڳي پنهنجي چئن ڄاول ٻارن کي تيح ڏاراڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. مون انهن جو رويو چڱيءَ طرح جاچيو آهي. اهو دائمي نقصان آهي، جنهن جو ڪوبہ تدارڪ ڪونهي.

منهنجي ماءُ ويم کان پوءِ ٿيندڙ پيچيدگين ۾ وفات ڪري وئي، جن ۾ هوءَ ڪيترائي مهينا مبتلا رهي هئي. انهن ڏينهن ۾ تعلقي جي هڪ لک آدمشماريءَ لاءِ فقط هڪڙو ڊاڪٽر گورنمينٽ اسپتال ۾ هوندو هو، جنهن وٽ حيدرآباد ميڊيڪل اسڪول جو ڊپلوما هوندو هو. تعلقي ۾ اٺ - ڏهہ حڪيم هئا، پر معالج کي عورتون ڏيکارڻ جو رواج ڪونہ هو. ڳوٺ ۾ هڪڙي مائهوءَ - مار دائي هوندي هئي، جنهن سان هرقسم جي سُتيءَ ڦڪيءَ لاءِ صلاح ڪئي ويندي هئي. اهي ستيون ۽ ڦڪيون فائدو بہ ڪونہ ڪنديون هيون. مون کي اِن ۾ شڪ بہ ڪونہ هو. ٻنپهرن واري مانيءَ کان پوءِ پڪيءَ مون کي اسڪول موڪلي ڇڏيو. ڪلاڪ کن کان پوءِ اسماعيل نالي پاڙي جو هڪڙو ڇوڪرو سهڪندو آيو. ڪلاس جي دروازي وٽ اچي چيائين، ”حسين جي ماءُ مري وئي“ آءٌ واتڙو ٿي ويس، ڳلو سڪي ويو. مون کي اهڙو تہ سور ٿيو جنهن جهڙو پنهنجي 75 سالن جي ڄمار ۾ وري ڪڏهن ناهي ٿيو. نہ مون ڳيت تي ڌني، نہ مون کان

رنو تي تيو، نہ اڙڪ تي وٺا، نہ آءٌ ڪجهہ ڪچي پئي سگهيس. ان ڏک واريءَ حالت ۾ آءٌ گهر آيس ۽ ڪنڌ ۾ پيل هڪڙيءَ کٽ تي وڃي پاڻ کي اڇلايم. مون کي ڪيتريون ئي ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون، امان، منهنجي "ڏايان" هئي. مون کي جتي ڪٿي وٺي ويندي هئي. منهنجي سارسنڀال لهندي هئي. پلي بيمار ٿيو نہ هجان، هوءَ چوندي هئي تہ سندس هڪڙو ئي تہ هو يعني تہ سڀ ڪٽنب ۾ هڪڙو ئي ڇوڪر هو. مون کي اهو خوف تہ مون کي يتيم ڇاٽي مال چارڻ موڪليندا. پر مون کي اها بہ خبر هئي تہ منهنجو ڏاڏو جنهن کي مون سان ڏاڍو پيار هو، اهو منهنجي حفاظت ڪندو. منهنجي پڦي جادو منهنجي ۽ منهنجي ڀن ڀينرن جي سارسنڀال لهندي، ماءُ وارو قرب ڏيندي. مون کي خبر هئي تہ بابو عمر ۾ ننڍو هو ۽ پنهنجي هڪڙي خوبصورت ساهيڙيءَ سان شادي ڪندو، جيڪا ادريس جي ڀيڻ هئي. اها عورت مون کي گهر مان ڪڍي ڇڏيندي. بهرحال مون ان وقت ئي پختو ارادو ڪري ڇڏيو تہ آءٌ پڙهڻ ڪونہ ڇڏيندس. مون اهو بہ فيصلو تہ اڄ کان پوءِ سمورو وقت پڙهڻ کي ڏيندس، ڪنهن سان بہ ڪونہ وڙهندس، نہ ڪنهن سان ساڙ ڪائيندس، نہ ڪنهن کي گاريون ڏيندس، نہ ڪوڙ ڳالهائيندس، نہ ٺڳي، نہ ئي چوري ڪندس. سيني وڏن ۽ استادن جو احترام ڪندس ۽ ماءُ جي يادگيريءَ ۾ هر ماڻهوءَ سان ٻاجهارو ٿي هلندس. هر ڪنهن جي مدد ڪندس.

جڏهن منهنجي ماءُ جو جنازو کنيو ويو تہ هر ماڻهو روئڻ لڳو. منهنجي مامي محمد صالح تمام گهڻو رنو. مون سندس اکين ۾ ڏٺو جيڪي ڀن ڪلاڪن کان بہ وڌيڪ وقت روئڻ ڪري ڳاڙهيون هيون. سندس روئڻ بہ سچو هو. ان ڪري سڄي عمر آءٌ سندس عزت ڪندو هوس. منهنجو ڳلو سڄي ويو، ان ڪري مون روئڻ لاءِ وات بہ نٿي کوليو.

منهنجي پڦيءَ جادو مون کي چيو تہ وڃي جنازي ۾ هٿ وجهرايان تہ جيئن منهنجي ماءُ ڏسي تہ پاڻ ڏک ۾ هڪڙو پٽ بہ ڇڏي وئي آهي ۽

توکي دعا ڪري. مون 100 فوٽن تائين جنازي کي ڪلهو ڏنو، پوءِ منهنجي ڏاڏي مون کي واپس موڪلي ڇڏيو. سچ لهڻ وارو هو. مون سوچيو تہ منهنجي مستقبل جو سچ بہ سدائين لاءِ لهڻ وارو هو ۽ مون کي سچ کي لهڻ کان روڪڻ کپي. آءٌ سوچن ۾ ٻڏو پيو هوس. منهنجي سڀ اميد هاڻي ڏاڏي ۽ پڦيءَ ۾ هئي. منهنجي تمنا هئي تہ اهي سدائين جيئرا هجن يا ايستائين هجن جيستائين آءٌ پڙهائي پوري ڪري نوڪريءَ سان لڳان. اهي ٻئي خواهشون پوريون ڪونہ ٿيون. ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي ڏاڍا پوڙها ٿي ويا هئا ۽ وڌيڪ پندرنهن سالن تائين رهڻا ئي ڪونہ هئا.

مقام تان موٽي سيئي ماڻهو اسان جي گهر جي ٻاهران ميدان تي عذرخواهيءَ لاءِ گڏ ٿيا. آءٌ بہ ٻاهر وڃي اتي ويٺس. پهرين مولوي محمد قاسم وچڻ واريءَ لاءِ فاتحہ پڙهي، پوءِ واري واري سان سڀني ماڻهن انهن لفظن سان پرچائي ڏني، ”گهر جي عزت رکڻ وارو الله ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي. جيڪا ان جي مرضي. انسان فاني آهي، سڀ ڪنهن کي هلڻو آهي.“ پوءِ ڪن ماڻهن بابي کي دلداري ڏني، ”فڪر نہ ڪر، مرد لاءِ زالون کوڙ“. مون کي انهن لفظن تي ڏاڍي چڙ آئي، پر ڪجهڻ کان لاچار هوس. انهن لفظن جو مطلب؟ هو تہ عورت بہ ٽڪر جي ٽانو وانگر اعتبار جوڳي ناهي. مون سڀي ڄمار اهڙي ماڻهوءَ کي معاف نہ ڪيو آهي جيڪو عورت سان ڪميڻپ سان پيش اچي. منهنجي لاءِ منهنجي ماءُ، ڳوٺ جي سڀني مردن کان، جن کي بہ آءٌ سڃاڻندو هو، تن کان بهتر هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ اسڪول ويس. منهنجي استاد غلام حسين ميربحر مون کي ڳرانڙي پاتي ۽ ان ڏينهن کان پوءِ منهنجو گهڻو خيال رکڻ لڳو. ان مون کي ٻڌايو تہ سندس ماءُ پڻ، سندس مون واريءَ عمر ۾ وفات ڪري وئي هئي ۽ کيس اها خبر هئي تہ اهڙيءَ حالت ۾ ٻار ڇا محسوس ڪندو آهي.

روز جڏهن آءٌ گهر ايندو هوس، ڏاڏو، بابا ۽ پڦي، مون کي ۽ منهنجي ڀن

پينرن کي تمام گهڻو پائيندا هئا. پڇيءَ سان گڏ آئون بہ پنهنجي پيڻ آمنت جو گهڻو خيال رکندو هوس. مون کي ڪابہ شڪايت ڪانہ هئي، پر آءٌ امان کي ڏاڍو ياد ڪندو هوس. اها بي مثل عورت هئي، جنهن سان مون کي ڏاڍو پيار هوندو هو. مون کي اها خبر ڪانہ هئي تہ آءٌ سڄي ڄمار سندس ڳولا ۾ رهندس. سڄي عمر، عورتن سان منهنجي لاڳاپن ۾ اها ڳالهہ بکندي آهي. وڏو ٿيڻ کان پوءِ هر ڇوڪر ڪنهن عورت سان عشق ڪندو آهي، سواءِ انهن ادائي مردن جي، جيڪي سڄي عمر هم جنس عشق ۾ مبتلا رهندا آهن. مون عورتن کي سدائين پنهنجي ماءُ جي جاءِ تي ڏٺو آهي. آءٌ انهن سان ڇهٽيو پيو هوندو آهيان، جيستائين اهي مون کي ڇڏي وڃن. آئون هڪڙو عورت/مرد آهيان. جيستائين ڪا عورت مون کي اڪيلو ڪري نہ وڃي آءٌ ڪنهن ٻيءَ عورت ڏي ڏيان نہ ڏيندو آهيان. پوءِ آءٌ آمريڪي نفسيات دانن جي ان صلاح تي عمل ڪندو آهيان تہ ”ڳوليو تہ لهو“. عورت مون سان ايستائين پيار ڪندي آهي جيستائين آءٌ ان سان ماءُ جهڙو سلوڪ ڪندو آهيان. آءٌ سولائيءَ سان امان جي انهيءَ ”اهڃاڻ“ کان ڌار نہ ٿي سگهندو آهيان. هن وقت منهنجي موجوده زال هر جاءِ تي منهنجو ساٿ ڏيندي آهي، پوءِ اهو منهنجو زرعي فارم هجي، آفيس هجي، سفر هجي يا گڏجاڻيون هجن. انهن ڳالهين ڪري اسين هفتي جي 168 ڪلاڪن مان 160 ڪلاڪ گڏ هوندا آهيون. امان جي وفات کان هڪ سال پوءِ آءٌ ڪاميابيءَ جي راه تي گامزن ٿي ويس. منهنجي لاءِ اهي موقعا هئا تہ يا تہ آئون مقابلي جو امتحان پاس ڪري اسڪالرشپ وٺي هاءِ اسڪول ۾ وڃان يا تہ ورنيڪيولر فائينل وارو امتحان پاس ڪري، تپيدار، آبدار يا اسڪول ۾ استاد ٿيان. ٻي ڳالهہ اها هئي تہ آءٌ گڏوگڏ مامي محمد صالح ۽ نور محمد کان شروعاتي انگريزي سکندو رهان ۽ پنهنجي واٽ ڳولي لهان.

بابا کي سندس پسند جي ڇوڪريءَ جي پاءُ ادريس سگ ڏيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو. پر جڏهن بابي پنهنجي لاءِ زال ملهہ ورتي تہ ساڳئي ادريس سرڪار کي درخواست ڪئي تہ بابي نابالغ ڇوڪريءَ سان

شادي ڪئي هئي. جيتوٽيڪ هن پاڻ به پنهنجي پيٽ هڪڙي پوڙهي سان تڪن عيوض پرڻائي ڏني هئي.

منهنجي پيءُ جي نئين زال کي ڳوٺ ۾ ڪڏهن به پنهورن جي برادريءَ واريءَ عورت جي حيثيت ڪانه ملي. اها اسان لاءِ ڪنهن به ليکي رڪاوٽ ڪانه بڻي. 1939ع ۾ منهنجي پڦي جادو جي وفات کان پوءِ ملڪيت (سونا روپا ڳهه، ڪپڙا ۽ ٻيو سامان) جون ڪنجيون منهنجي نَوَ سالن جي پيڻ کي مليون. اهي شيون ڏاڏي چئن صندوقن ۾ ڪلفي چڙهيون هيون. آءٌ جيتوٽيڪ ذهني طور پريشان رهندو هوس، پر منهنجي لاءِ ڪابه رڪاوٽ پيدا ڪانه ٿي. شروع ۾ ته آءٌ جيڪا به عورت ڏسندو هوس، ان ۾ امان کي ڳوليندو هوس.

امان کي بابي جي ڪتابن تي ڏاڍو ناز هو. ڪڏهن ڪڏهن اها ڪاٺ جون صندوقون کولي انهن مان ڪتاب ڪڍي، صندوقن جي ترن تي ڪتابن اندر نم جا پن وجهندي هئي. پاڻ ته پڙهي ڪانه سگهندي هئي پر ڪتابن کي پاڪ سمجهندي هئي. نم جي پنن، چوڏن، ڪانين ۽ نمورين ۾ جيت مار خاصيت هوندي آهي. اها ڳالهه 1960ع ۾ ڊاڪٽر شمٽرر پنهنجي کوجنا ۾ ڳولي لڌي، پر ڏکڻ ايشيا ۾ اڳ ئي اها ڄاڻ موجود هئي. پر اهي شيون فقط ڪپڙن، ڪاغذن ۽ ڪتابن جي حفاظت لاءِ ڪتب اينديون هيون. نم جي ٽاريءَ جو ڏندڻ ته اڄاتي وقت کان ڏنو ويندو آهي ۽ ڇوڻ ۾ اَچي ٿو ته روزانو نم جو ڏندڻ ڏجي ته ڏند ڪونه پڇندا. نم جي تيل ۾ جيتوٽيڪ بوءِ هوندي آهي، پر اهو چمڙيءَ جي ڪيترين ئي بيمارين لاءِ ڪارائتو آهي.

امان جي ڳهڻن ۾ چانديءَ جي ڏند-کوٽڻي ۽ ڪن-کوٽڻي به شامل هيون. وٽس چانديءَ جون ڪيتريون ئي وارن جون پنون پڻ هيون، جيڪي هڪ زنجيريءَ ۾ پوتل هيون ته جيئن ڪري نه پون. ڪن زيورن تي شيشي يا پٿر جا ٻڙا به جڙيل هئا. اڪثر ٻڙن جو رنگ ڪارو، ڳاڙهو، نيرو، سائو ۽ پيلو هو.

# ڪير ڏهِي ۾ عبوض شاھ جو مقام

ويدن جي زماني ( 1,000 ق. م) کان وٺي ڳوٺن، شهرن، گهرن، مندرن، بازارن ۾ مسائن وغيره جي بنيادن رکڻ جي معاملي ۾ برهمڻن جو ڪردار اهم پئي رهيو آهي. ساڳيءَ ريت هو زمين ۾ هيٺ پاڻيءَ (Ground water) بابت خبرون بہ ڏيندا هئا ۽ انهن جي صلاح ۽ سهڪار بنان ڪوبہ ڪم نہ ڪبو هو. هو مختلف ڪمن ۽ ڪارنامن لاءِ جدا جدا منتر ۽ دعائون پڙهندا هئا ۽ معاوضو بہ وٺندا هئا.

ڳوٺ ابراهيم ڪڇي ڪنهن نيڪ ٻانهي جي صلاح ۾ مداخلت ڪانسواءِ 1857ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. پر قبرستان جي سلسلي ۾ وڏيڪ خبرداريءَ کان ڪم ورتو هو. چاڪاڻ تہ ان ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار روزِ حشر تائين آرامي رهڻا هئا. انڪري 1860ع ڌاري هڪ پرهيزگار ماڻهوءَ کي سڏيو ويو، جنهن ڪا دعا ۽ طلسم پڙهڻ بعد ٻڌايو تہ ڪرڙ ڪٻڙ ۽ لئي جي هڪ جهڳٽي ۾ عبوض شاھ نالي بزرگ دفنيل آهي. هاڻي ڳوٺاڻن کي تسلي ٿي تہ اتي قبرستان ٺاهڻ سان سندن مري ويل قيامت تائين عذاب کان آجا رهندا. دراصل مئلن لاءِ احترام جي ڪري اسين قبرون ڪونہ کوٽيندا آهيون. جيڪڏهن اسين ڪن قبرن جي کوٽائيءَ جي موڪل ڏيون تہ جيڪر گهڻي ڄاڻ حاصل ٿي پوي.

مون ننڍي لاڪون اهو ٻڌو هو تہ فلاڻو درويش اهڙو نيڪ هو، جو پنجن سالن ڪانپوءِ بہ جڏهن سندس قبر کوٽي وئي تڏهن بہ هن جو چهرو اهڙو

هو، جو چڻ تہ ڪيس هينئر دفنايو ويو هجي. ساڳئي نموني جا قصا عيسائي ۽ يهودي نيڪ ٻانهن لاءِ بہ ٻڌائين ٿا. حقيقت ۾ جيئن ڪو شخص پورجي ٿو ۽ هوا بند ٿئي ٿي تہ، زيرِ زمين.رهندڙ يا خود انساني جسم جي اندر وارا جيوڙا (Anaerobic bacteria) مڙدي کي کائڻ لڳن ٿا ۽ سال کن ۾ ڪم تمام ڪريو ڇڏين. اهي جيوڙا ڪاڏي ختم ٿيڻ بعد خود هڪبئي کي کائي ختم ٿيو وڃن ۽ رڳو هڏا وڃي بچن ٿا. ايستائين جو انهن جون اندريون گودو بہ ڳريو وڃي. هڏا گهڻو وقت جٽاءَ ڪن پر اهي بہ پوسل يا گهٽي پاڻيءَ جي ڪري مختلف مرڪبن ۾ تبديل ٿي مٽيءَ سان مليو وڃن.

ڳالهہ پئي ڪئيسين قبرن جي کوٽڻ جي، تہ روسي قديم آثارن جي ماهر جراسيمو (Gerasimo) ، تيمور لنگ ۽ اُلغ بيگ جون قبرون، اهو ڏسڻ لاءِ کوٽيون تہ ڇا واقعي تيمور منڊو هو، ۽ اُلغ بيگ جو سر قلم ڪيو ويو هو؟ مخدوم بلاول واري تڪراري مسئلي بابت مون صلاح ڏني هئي تہ ان جي قبر کي کوٽي ڏٺو وڃي تہ آيا هن کي گهاڻي ۾ پيڙيو ويو هو يا نہ؟ ڪي سمجهدار ماڻهو يا حڪومتون اهڙي سائنسي تحقيق کي همٿائي سگهن ٿا. منهنجي نظر ۾ عيوض شاهہ سان لڳ ڪير ڍِهيءَ جو دڙو وڏيڪ اهم آهي، ڇو جو اهو هڪ پراڻو ماڳ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪير ڍِهي پراڻو دڙو هو، انگريز ان کي پراڻو قبرستان سمجهي، ان جي پر ۾ عيوض شاهہ ايجاد ڪيو ويو. ڪير ڍهيءَ لاءِ لوڪ ڪهاڻي ائين آهي تہ اتي لوهم (Loham) جي دڙي واري ظالم بادشاهہ ذلوراءِ جي ڀيڻ ”ڪير ڍهي“ رهندي هئي، جيڪا پنهنجي هوس پرست ڀاءُ لاءِ ڪنواريون ڇوڪريون آڻيندي هئي. اهي ٻئي ماڳ قدرتي غضب سبب تباهہ ٿيا. سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جي تقريبن هر دڙي سان اهڙي ڪهاڻي وابستہ آهي. 1931-32ع ۾ جڏهن ڪارڙو شاخ پئي نڪتي، تڏهن آبپاشيءَ وارن هن دڙي وچان سِڏ ڪئي ۽ ڪوٺڙ جا ٻنهي ڪنارن تي وڏي وئي، تنهن ۾

جام نڪرانو هو. ڳوٺاڻن لاءِ ان جي ڪابہ اهميت ڪانہ هئي. مُنهنجي ڏاڏي ڪي نڪر گڏ ڪيا، جن ۾ ننڍڙا پيالا ۽ ٽانوَ شامل هئا. آءٌ انهن کي مس ڪپڙي وانگر استعمال ڪري ڏاڍو خوش ٿيس. علم آثاريات مطابق لوهہ جو دؤر مُهين جي دڙي جو همعصر آهي. ڪير ڀِهي مان ڪنهن کي بہ اهڙي وٿ نہ ملي آهي، جنهن مان ان جي درست وقت جو اندازو ڪري سگهجي. منهنجي والد 1960ع ۾ حڪومت کان پاسي وارا 13 ايڪڙ زمين جا خريد ڪيا. اتي هر ڪاهيندي، منهنجي ويڳي ڀاءُ کي اٽڪل 15-14 انچ قطر سان سارين جا ٽوٽڙ لاهڻ لاءِ نڪر جي جنڊ جو هڪ سڄو پڙ مليو. جيڪڏهن ڪير ڀِهي ۽ اها زمين سَمڪالي (-contem porary) آهن تہ پوءِ ان جو دؤر 1300-1542ع ٿائين وارو آهي، جڏهن سنڌو يا ان جو ڪو وهڪرو هتان گذرندو هو. ائين ٿو ڀانئجي تہ انهي بزرگ نڪرانو ڏسي سمجهيو تہ اتي ڪا پراڻي بستي هئي، انڪري عيوض شاهہ جي موجودگيءَ وارو قصو گهڙيائين ۽ ماڻهن بہ قبول ڪيو.

مان پنجن سالن جو هئس، جو سهرا ڳائيندڙ ۽ ڪُل ڀوڳ ڪندڙ عورتن سان گڏجي اڌ ڪلوميٽر پري عيوض شاهہ جي مقام تي ويو هئس. اتي پهچي هنن دعا گهري ۽ حجم چند مهينن جي نراڻي ٻار جي جهنڊ لاٿي. هو خوش پئي ٿيون، جڏهن تہ ٻار ڏاڍو رنو پئي. ماڻس، جيڪا ان مهل ڪنوار جيان سيني جي توجهہ جو مرڪز هئي، تنهن ٻار کي خوشيءَ مان ريجهائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. سنوٽڻ ڪانپوءِ يڪدم ڪا مٺي شيءِ ورهائي وئي ۽ معنيٰ سمجهڻ کان سواءِ عربيءَ ۾ ڪجهہ پڙهيو ويو ۽ قبر تي ڳاڙهو پڙ بہ چاڙهيو ويو. ماين پاڻ ۾ ڪجهہ پئسا گڏ ڪري ٻار جي ماءُ ۽ حجم کي ڏنا. حجم ٻارڙي جي مٿي ۽ منهن تي ٻئي هٿ ڦيري پُہ ورتو. مون امڙ کان پڇيو تہ اهو ڇا هو؟ هن ٻڌايو تہ ”عيوض شاهہ ولي الله آهي ۽ اهڙا رسم سندس قبر جي پيرانديءَ کان ۽ انهيءَ ڪرڻ، ڪيڙ ۽ لئي هيئان ٿي، جتي هو رات ڏينهن عبادت ڪندو ۽ دعائون ڏيندو هو ۽

ائين ڪرڻ سان نئين چاول پار جي عمر وڌي ٿيندي. هن ٻڌايو تہ ”اسان توسان بہ ائين ڪيو هو ۽ تون هن پار کان وڌيڪ رنو هئين.“ مون پڇيو تہ ڇا ڇوڪرين لاءِ بہ ائين ڪندا آهن. هن چيو تہ عورتن جا وار نہ ڪوڙيا آهن، ڇو تہ کين وارن سان قبر ۾ داخل ٿيڻو آهي مون سوچيو تہ اهي ننڍي لاڪون جا عذاب مردن لاءِ آهن، ڇو جو اڳتي هلي هو انهن کي منهن ڏيندا. منهنجي مامي محمد صالح (1912 کان اڳ پيدائش) مون کي ٻڌايو تہ سندس ڀيءُ احمد ۽ انهيءَ وقت کان چاول ڳوٺ جي سڀ نراڻ پارن جي جهنڊ عيوض شاهہ تي لٿي، ۽ ڇاڪاڻ تہ ڀهراڙيءَ جي سنڌي عورت مرد کان وڌيڪ وهمي آهي، انڪري ان کان اڳ پنهنجا پار ڪنهن نہ ڪنهن پير تي جهنڊ لهرائڻ لاءِ ڪٽي ويندي هوندي هئي.

1967-68ع ۾ مون ڪراچيءَ واري غلام علي الانا (جي . الانا) جي نپا (NIPA)۾ ڏنل هڪ ليڪچر ۾ شموليت ڪئي ۽ ڪانئس کي آڏا سوال ڪيا، جن مان هڪ هيءُ هو: ”توهان سنڌ جي ٽن ڏهہ - سالن 1937 کان 1947، 1947 کان 1958ع تائين ۽ 1958ع کان ان وقت ( 1968ع) تائينءَ جي تاريخ مان اهو سمجهو ٿا تہ بدعنواني پهرين ڏهہ - سالي ۾ گهٽ هئي، ڇو تہ ان ڏهہ - سالي ۾ جمهوريت هئي. ٻئي جي منڍ ۾ ئي حڪام ۽ ان جي عملي جمهوريت تي مارو ڪيو ۽ بدعنواني ۽ رشوت شروعات ڪئي ۽ ٽئين ۾ آمريت آهي. ڇا اوهين ان سان متفق آهيو تہ بدعنوانين ۾ اضافو جمهوريت جي ڪمزوريءَ سان لاڳاپيل آهي؟“ هن ها نہ ڪئي، ڇاڪاڻ تہ پوءِ نپا وارا آئنده ڪيس ڪونہ گهرائين ها ۽ مون کي چيائين تہ اهو وڏو بحث آهي، جنهن لاءِ مان ساڻس ڪنهن وقت گهر تي ملان. ۽ مون ائين ئي ڪيو. هن فاطمہ جناح جي مدد سان مسٽر محمد علي جناح جي سوانح پڻ تيار ڪئي ۽ مون هُن جي زندگيءَ جي ڪجهہ دلچسپ ضمني قصن بابت ڄاڻ پڻ گهري. هن ٻڌايو تہ ”محمد عليءَ جي ماءُ پنهنجي ڪڇ واري ڏاڏا پير مرحوم کان دعا گهري هئي تہ

هو پنهنجي پهريئي پٽ جي جهنڊ سندس مزار تي لهرائيندي،“ انڪري ويچارو ٻار پهريائين ڪراچيءَ کان ڪڇ جي پٽڻ تي نيو ويو، جتان ڏاند گاڏين تي ڪيترا ئي ميل پري جو اوٺ موٽ سفر ڪيو ويو! ان لاءِ مون کي چند ڳالهيون ذهن ۾ آيون. اول تہ هن کي سفر برداشت ڪرڻ جو وڏو عزم حاصل هو. ٻيو تہ هي نہ هجي ها تہ اسين پاڪستان نہ ڏسون ها. ۽ منهنجي حالت ۾ نيٺ بہ اسان جي ڳوٺ ابراهيم ڪڇيءَ وارا ڀاڳوند هئا، جن اڌ ڪلو ميٽر پنڌ تي پير پيدا ڪري وڌو، نہ تہ جيڪر اسان جو ڳوٺ اڄ جيترو اوڏو نہ هجي ها، ۽ اڌ ٻار جِهنڊلاءِ سفر ۾ ئي مري وڃن ها، ۽ نہ اسان جي ڳوٺ ۾ ايترا ماڻهو ئي هجن ها! جناح صاحب وڏو خوش قسمت هو جو انهي ڏکئي سفر ۾ بچي، ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جو اڳواڻ ٿيو. پر مون لاءِ عيوض شاهہ زنده آباد! جيڪو هو ئي ڪونہ ۽ جڙتو بنايو ويو هو. لٿي پٽي هي فرضي روپ انهيءَ الله جي نيڪ بندي کان تہ گهٽو بهتر هو، جيڪو موٽي پنهنجن پٽاڻن جي ديس ۾ ويو هو، اتي ئي ماريو ۽ پوريو ويو هو، تہ جيئن اُتان جا سندس قبر تي وڃي ٻارن لاءِ برڪت حاصل ڪري سگهن.

# صالحَ، منهنجي پڙناني جي

# پيءُ جو آخري سفر

صالح هڪڙو ڪامياب هاري هو ۽ 1878ع کان ڪجهہ سال اڳ پاڻ ريلوي جو ٺيڪيدار بنيو هو. ان اسان جي ڳوٺ ڏي ايندڙ رستي تي پاڻيءَ جي شاخ جي مٿان ريلوي جي هڪڙي پل ٺهرائي هئي. اها پل سوا صدي گذري وڃڻ کان پوءِ اڄ بہ قائم آهي. ان کي اڄ بہ صالح واري پل چوندا آهن. ڪيس ليکي چوکي جي ڪا گهٽي ڄاڻ ڪانہ هئي. حساب ڪتاب احمد رکندو هو ۽ ريلوي ڪمپنيءَ وارن کان ادائگيءَ لاءِ بل ٺاهيندو هو. پاڻ سرڪار کان زمين خريد ڪيائين ۽ وٽس پئسو ڏوڪڙ اچي ويو. سندس آخري خواهش هئي تہ حج تي وڃي ۽ سڄي ڄمار جا ڪيل ڏوه گناهہ بخشائي اچي. انهن ڏينهن ۾ حج جي وڃڻ وارا جهاز بمبئي کان سفر ڪندا هئا، ۽ بمبئي ريل رستي سنڌ سان ڳنڍيل ڪانہ هئي. ان ڪري هو ريل ذريعي ڪوٽڙيءَ يا ڪراچيءَ ويو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سندس راه جي خبر ڪانہ هئي. شايد اتان بمبئي وڃڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو هوندو، جتان ڪيس مڪي لاءِ سفر ڪرڻو هو، پوءِ سندس ڪابہ خبر ڪانہ پئي. اوڻهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ امن امان جي حالت اهڙي هئي، جو هندستان ۾ نہ ڪنهن ڪيس ڦريو هوندو يا ماريو هوندو. جيڪڏهن هو ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وڃڻ لاءِ ٻيڙيءَ تي

چڙهي ها تہ اها پڌي بہ سِگهي تي پر اهڙا امڪان صفا گهٽ هئا. چاڪاڻ تہ لهواري پاسي ترڻ واريون ٻيڙيون سولائيءَ سان درياءَ جي چوڙ تائين رسي ويندڀون هيون. هلڪي سيءَ (سياري) جا ڏينهن هئا، ٻيڙيون ڪناري سان ترنديون بمبئي پهچي ويندڀون هيون. 1877ع کان 1880ع تائين ذوالحج جو مهينو آڪٽوبر ۾ آيو هو. پاڻ اپريل کان سيپٽمبر جي وچ ۾ چوماسي جي هوا کان اڳ سفر ڪندو صحيح سلامت بمبئي پهچي وڃي ها. بمبئي کان جدي وڃڻ وارا آگبوٽ بلڪل سلامتيءَ واري سواري هئا. لڳي ٿو تہ هو سلامتيءَ سان مڪي پهتو هوندو. چاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ حاجي قافلن جي صورت ۾ سفر ڪندا هئا. بَدُو فقط انهن حاجين تي حملو ڪندا هئا جڏهن اهي اڪيلي سر يا ننڍين ٽولن ۾ نارِ وارن ملڪن رستي سفر ڪندا هئا. بَدُو حاجين جي ڳالهين مان خبر پئي (جن ڪيس مڪي يا مديني ۾ ڏٺو هو) تہ هو اتي پهتو هو ۽ مديني مان موٽڻ کان اڳ وفات ڪري ويو.

ورهاڱي کان اڳ واري دور جا سنڌي مسلمان اهڙي موت جي خواهش ڪندا هئا، پر ڪنهن ڪنهن جي اها تمنا پوري ٿيندي هئي. خاص ڪري جڏهن سڄي سنڌ ريل وسيلي ڪراچيءَ سان ڳنڍجي وئي ۽ ڪراچيءَ مان جهاز جدي توڙي يورپ ڏانهن وڃڻ لڳا.

اهڙي زندگيءَ لاءِ چاهہ، پراچين دور ۾ آرين جي مذهب تائين وڃي ٿو. آرين ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي هيٺين چئن هڪجيترن دورن ۾ ورهايو هو:

(1) تعليم حاصل ڪرڻ،

(2) پنهنجي ڪٽنب جي پرگهور لهڻ لاءِ ڪوبہ ڪم ڪار ڪرڻ،

(3) ٻين کي تعليم ۽ سکيا ڏيڻ، ۽

(4) آخر ۾ پاڻ مرادو جلاوطني اختيار ڪرڻ يعني مراقبو ڪرڻ.

پوئينءَ ڳالهہ ۾ گهر ڇڏي جبلن جي غارن ۽ ٻيلن ۾ وڃي خدا کي ياد

ڪرڻ ۽ دان پڃ تي گذران ڪرڻ واريون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. عملي طور اهو ڪم فقط برهمڻ ڪندا هئا. اڪثر سندن جوڳ ۾ جادوءَ جا ڪجھ ڪرتب، يوگا جون ڪجھ ڏکيون مشقون، نانگ ڏارڻ ۽ منترن ۽ معجزن جي نماءَ سان ماڻهن جو علاج ڪرڻ وغيره شامل هوندو هو. انهن ڳالهين وسيلي ماڻهن جي جهالت جو فائدو وٺندي، اهي پنهنجا زندگيءَ جا آخري ڏينهن ڏاڍي آسائش سان گذاريندا هئا. آرين ڪيترائي خيال سنڌوءَ جي تهذيب مان ورتا هئا، اهي سڀ تہ نہ، پر اڪثر 4500 سال آڳاٽا آهن. سنڌو تهذيب جو بنياد 9000 سال پراڻي مهر ڳڙهہ تهذيب تي پيل آهي ۽ اها ان جو ئي تسلسل آهي. اهڙيءَ ريت اسين اهو تصور ڪري سگهون ٿا تہ انهيءَ تهذيب جو اثر ان دور تي بہ پيو هوندو. مهر ڳڙهہ تهذيب کان اڳ زراعت ڪانہ ٿيندي هئي. ماڻهن جو گذر شڪار ۽ ميون تي هو. مرد جهنگلي جانورن جو شڪار ڪندا هئا ۽ عورتون جهنگلي ميوا ۽ اناج پوکيندڙيون هيون، ميون ۽ ٻوٽن جون پاڙون ڳوليندڙيون هيون. شڪاري ٽولا کاڌي جي ڳولا لاءِ هروقت سفر ۾ رهندا هئا. هڪڙو وقت اهڙو بہ آيو، جو ماڻهو 30 کان 50 ڄڻن جي ٽولي جو ساٿ نہ ڏئي سگهندا هئا ۽ هڪ ڏينهن اهي بک وگهي مري وڃڻ يا بگهڙن، واگهن، شينهن جو بک تين ۽ آخر ۾ بگهڙن، گدڙن ڪتن ۽ ڳجهن جو کاڄ ٿيڻ لاءِ پوئتي رهجي ويندا هئا.

اهو عزت وارو موت سمجهيو ويندو هو. اٽڪل 2500 سال اڳ گوتم ٻڌ دنيا ترڪ ڪي وڏو گڻ هئڻ جو پرچار ڪيو. برهمڻن جي خلاف ان پنهنجي پرچار ۾ چيو تہ جوڳ يا دنيا ترڪ ڪرڻ لاءِ عمر، جنس يا ذات پات سان ڪوبہ فرق ڪونہ ٿي پيو. ڏهين صديءَ ۾ اسلام اچڻ کان اڳ سنڌ جا ماڻهو ٻڌ هئا. پوءِ تيرهين چوڏهين صديءَ ۾ سندن لاڙو تصوف طرف ٿيو. ان هوندي بہ اوڻهين صديءَ تائين انهن تي ٻڌ ڌرم جو اثر قائم رهيو ۽ ٻهراڙيءَ جي سماج ۾ غربت، بک ۽ زندگيءَ ۾ آسائش ۽ سنو

ڪاڌو چڙهي ڏيڻ کي خوبي سمجهيو ويندو هو. سنڌي سماج ۾ اها ڳالهه چڙهي ته ماڻهوءَ ۾ ڪا خوبي آهي به يا نه، حاجين جي وڏي عزت ڪئي وئي آهي. سنڌ نالي سان حاجيءَ جو لقب هنيو ويندو آهي. سنڌ شمار به مولوي ۽ حافظ ۽ واعظ وانگر مذهبي اشرافيه ۾ ٿيندو آهي. مون پنهنجي ڏهن سالن جي ڄمار کان به اڳ کان ئي اهو مشاهدو ڪيو ته منهنجي ڳوٺ جي حاجين ۽ حاجياڻين ۾ ڪي ٿورا هوندا جيڪي سنوان سڌا ماڻهو هئا، جن کي پاڻ جهڙن ٻين انسانن لاءِ عزت ۽ پيار هو. انهن ۾ اڪثر جاهل، ساڙوتا ۽ مڪار هئا، جيڪي پنهنجي حاجي هئڻ واريءَ حيثيت ۾ ٻين انسانن لاءِ نفرت ۽ پنهنجي ڪاهليءَ کي لڪائيندا هئا.

سعودي عرب ۾ تيل نڪرڻ کان پوءِ هاڻي اڪثر حاجين کي فقط اليڪٽرانڪ ۽ گهرو استعمال وارين شين جي سمگلنگ سان دلچسپي آهي. ان ڪري اهي خوار به ڏاڍا ٿيا آهن. حاجي اڪثر پاڻ سان مڪي مان زم زم جو پاڻي به کڻي ايندا آهن. ويهن ۽ ٽيهن جي ڏهاڪن ۾ اهو شيشي جي ننڍڙين بوتلن ۾ صحيح طريقي سان بند ٿيل هوندو هو. اسان وٽ لوهه جون ڪجهه بوتلون هونديون هيون، جن ۾ 50 ملي ميٽرن کان وڌيڪ پاڻي نه پوندو هو. مرڻ واري ماڻهوءَ جي وات ۾ زم زم جا ڪجهه ڦڙا وڌا ويندا هئا. ڪي ماڻهو بيمار کي به اهو پيariندا هئا. ٿي سگهي ٿو ته اها رسم هندن وٽان آئي هجي، جيڪي وري گنگا جو پاڻي استعمال ڪندا آهن.

# ڳوٺ جي مسجد

اها مسجد منهنجي ناني احمد پنهنجن ذاتي پيسن مان ٺهرائي هئي ۽ ڪنهن ملان جي دخل ڇمائڻ کان بچڻ لاءِ هن ان جي دروازي کي تالو نه هٽايو، ۽ اها روايت اڄ تائين قائم آهي. هن ملن جي چٽاپيٽيءَ سبب ماڻهن ۾ قوت کان بچڻ واسطي،. ڳوٺ ۾ ٻي ڪا به مسجد ٺهڻ نه ڏني. جيئن ته ان جون پٽيون ڪچين سرن جون هئڻ ڪري ٿڌيون رهنديون هيون، تنهنڪري اونهاري جي گرم ڏينهن ۾ ماڻهو اتي وڃي سمهندا هئا. مسجد جو پهريون ملان ابراهيم هو، جيڪو هيگ جي ڏنل زمين ۽ پنهنجن سيني عزيزن جا حصا کائي، وڏيرو ٿي ويو هو، ۽ پنهنجي مائٽ حبيب الله کي مسجد جي مُلائيت جو جاءِ نشين مقرر ڪيو هئائين. پنهنجي روايتي طريقن جي ڪري ملان حبيب الله ڪافي بااثر هو. روزي کولڻ لاءِ رمضان جي مهيني ۾ هر گهر مان مسجد ۾ ماني ايندي هئي. هو سٺو طعام پنهنجي گهر موڪليندو هو ۽ سادو کاڌو باقي روزائتن کي ڏيندو هو.

هو شادين ۾ نڪاح به پڙهائيندو هو. اسلام ۾ شاديءَ جو معاملو تمام سولو آهي، جنهن ۾ ٻن شاهدن جي موجودگيءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار ٿين، پر جي اهي صغير آهن ته سندن سنڀاليندڙن جو راضپو شامل هوندو آهي. هندستاني رسمن وانگر هر ڌر جي ٻن وڪيلن ۽ ٻن شاهدن جو هجڻ ھروڀرو ضروري نه آهي. اها رسم ورهاڱي بعد هندستان مان لڏي آيلن رائج ڪئي آهي. ملان جون پڙهيل چند دعائون، گهوٽ ڪنوار جي

برڪتن لاءِ ضروري نہ آهن، پر ملان ان تي زور ڏيندا آهن تہ انهيءَ
ڪانسواءِ پٽي چڙهي تہ ڏوهي آهن. ۽ ملان جي دعا پڙهڻ ڪان پوءِ پاڪ دامن
تي ويندا. ان وقت نڪاح جي داخلا بہ نہ هئي ۽ اڄ بہ ڪن ٻهراڙين ۾
داخلا نٿي ڪئي وڃي. حبيب الله بنهہ سماج وادي هو. هو نڪاح لاءِ
غريبن ڪان هڪ روپيو ۽ سرنديءَ وارن ڪان پنج روپيا وٺندو هو. ٻاهر
وڃڻ لاءِ هو ٻيٽو اجورو، اٺ يا گهوڙي جي سواري ۽ وٺي ويندڙ کي
رکوال ڪري ويندو هو. اجوري ۾ چانديءَ جا سڪا وٺندو هو. ايڊورڊ
ستين يا جارج پنجين جي سڪن جي بجاءِ هي مهاراڻي وڪٽوريا وارا
سڪا پسند ڪندو هو، جن ۾ چاندي وڌيڪ هئي، ڇاڪاڻ تہ هندستاني
حڪومت افراط زر (inflation) سبب وقت بوقت ٻين سڪن ۾ چاندي
گهٽائيندي پئي رهي. هي پئسا ميڙيندڙ هو، ۽ اُهي سونارن کي چانديءَ
جي اگهہ تي وڪرو ڪندو هو، انڪري وڪٽوريا وارن سڪن جي
فائدي ڪان باخبر هو. انهيءَ معاملي طئي ڪرڻ ڪانسواءِ هي نڪاح نہ
پڙهائيندو هو. مطلب تہ پڪو ۽ هوشيار ڪاروباري هو. نہ گهٽ نہ وڌ،
بلڪل پورا پئسا وٺندو هو. رسم پوري ٿيڻ بعد سندس ڪاڻڻ ۽ گهر
کڻي وڃڻ لاءِ چڱو چوکو ڪاڏو موڪلبو هو، جو ماٺهو ڏڄندا هئا تہ
متان هو غلط دعا پڙهي ۽ نڪاح نہ ٿئي! هو اجتماعي شاديون بہ
پڙهائيندو هو. اهڙيءَ حالت ۾ نڪاح تہ هڪ پڙهندو هو پر معاوضو هر
هڪ جوڙي ڪان الڳ وٺندو هو. فوتيءَ جي حالت ۾ هي مردن کي قبر
جي پيچاڻي ڪان آجو ڪرڻ واسطي آخري غسل ڏياريندو هو. هن جي
زال وري ساڳيءَ ريت عورتن لاءِ ڪندي هئي. بعضي ڪيس مرڻ واري
کي گناهن جي بخشش لاءِ ڪلمو پڙهائڻ واسطي بہ گهرائيندا هئا. اُن لاءِ
بہ پيسا وٺندو هو. تدفين وارين رسمن لاءِ بہ هن کي الڳ اجورو ملندو
هو. جيتوڻيڪ اسان جو ڳوٺ ملن جو ڳوٺ سڏبو هو ۽ هر ڪو ماٺهو
رسمون ادا ڪرائي تي سگهيو، پر ڇاڪاڻ تہ ان مان مُلان حبيب الله

ڪي مالي فائدو رسندو هو، انڪري ڳوٺ ۾ وڳوڙ ڪان بچڻ لاءِ ڪوبہ ائين نہ ڪندو هو ۽ اهو حق هن پنهنجي لاءِ محفوظ رکيو هو، جنهن ۾ ڳوٺ وارا سهڪار ڪندا هئا.

ڪيس فوت ٿي ويل جا ڪپڙا، جُتي ۽ چلو وغيره، جيڪڏهن هوندو هو تہ اهو بہ ملندو هو. 1929ع ۾ مامي محمد نواز جي وفات تي مرحوم جو سمورو سامان، سواءِ لونگيءَ جي، جيڪا وڏا زميندار ٻڌندا هئا، ڪيس مليو هو. هڪ ڏينهن هن مامي محمد صالح کي گهرايو ۽ چيائين تہ: ”مون محمد نواز کي خواب ۾ مٿي اگهاڙو ۽ پريشان ڏٺو آهي، مهرباني ڪري سندس چوٽڪاري ۽ سڪون لاءِ ڪجهہ ڪريو.“ مامي سفيد عمدي جاپاني ململ جو ڪپڙوآٽي، سندس اڳيان هڪ غريب کي ڏئي، ملان کي چيو تہ ”چاڪاڻ تہ تو پنهنجي اکين سان هن غريب کي پٽڪو ٻڌندي ڏٺوآهي، انڪري هاڻي خاطري آهي تہ منهنجو ڀاءُ توکي مٿي اگهاڙو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو!“

تن ڏينهن ۾ مٿو اگهاڙو ڪرڻ بي حيائيءَ ۾ شامل هو، جڏهن تہ اڄڪلهہ مٿو ڍڪڻ، ويندي گنجن تائين ۽ عورتن جو منهن ڍڪڻ، پوئتي پيل طبقي جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. هن جي ڳالهہ اسڪولي ڇوڪرن تائين پهتل هئي، جو چوندا هئا تہ هو اٺڻ سان چوندو آهي تہ ”ڪو ڊنگ مار“ ۽ شام ٽيڻ تي ناامید ٿي چوندو هو تہ ”جهڙو تهڙو ڪار، ڏينهن نہ ڪار.“ رڳو ويچاري حبيب الله جو ڏوهہ نہ هو پر اُن زماني ۾ سيئي ملان ائين ئي هئا ۽ اهو چرچو شايد سڄيءَ سنڌ ۾ ملن لاءِ مشهور هو.

ڪراچيءَ جي هڪ دوست مون کي 1981ع ۾ ٻڌايو تہ ”ناظم آباد ۾ سندس پاڙي ۾ هڪ مُلان چار مسجدون سنڀالي ٿو. هن ان لاءِ چار ٻانگا ۽ چار پيش امام مقرر ڪيا آهن. هو ٻنهي ڏرين کي بالترتيب 200 ۽ 400 روپيا ماهوار، مسجد ۾ ٻچيل ڪاڏو، خاص ڪري سومهٽيءَ جي

نماز کان اڳ مسجد ۾ گهرن مان آيل کاڌو، پنهنجي گهر لاءِ ٻہ ۽ انهن مُلن کي ٻہ گهر کٽي وڃڻ لاءِ ڏئي ٿو: ۽ هن وٽ 24 ڪلاڪن لاءِ ٿي سوزڪيون پڪ اپس هيون، جن وسيلي رمضان يا ان کانپوءِ مسجد ۾ ايندڙ کاڌو، مانيءَ وارين هوٽلن ۾ نيڪي تي پهچائيندو هو. جڏهن ڪو مرندو هو تہ هو قرآن خوانيءَ لاءِ اتي ٻار موڪليندو هو. هو 50 روپيا في ٻار، 100 روپيا في وڏو ماڻهو ۽ 500 کان 1000 روپيا پنهنجي معاوضي طور وٺندو هو. نڪاح خوانيءَ لاءِ سندس اجورو سڏيندڙ جي حيثيت جي آڌار تي، پر سراسري طور پنج هزار کان هڪ لک روپين تائين شاهوڪارن جي شادين وقت نڪاح لاءِ وٺندو هو. شاهوڪارن وٽ اُن کي گهرائڻ ۽ وڏيون رقمون ادا ڪرڻ باعثِ عزت هو ۽ هڪٻئي جي ڏيکاءَ جي ڪري ڪيترا ئي غريب اُن جي قنڌي ۾ وڃي قاسندا هئا.“

1997ع ۾ منهنجي هڪ ملازم دستوري شادي ڪئي. ڪنواريتن هن کان، نڪاح پڙهڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، ڇهہ لک روپيا حق مهر طور گهريا، جي ڪنوار جي طلب ڪرڻ ويل هن کي ڏيٺا هئا. ڪيس عين وقت تي انهيءَ طلب لاءِ حيرت لڳي ۽ هن اهو شرط قبول نہ ڪيو .هن فقط ٻہ هزار روپيا ملان کي ٻاسي پنهنجي طرف ڪيو. ملان وعدو ڪيو تہ حق مهر 50 هزار روپيا هوندو. ملان ڪنوار جي پيءُ کان حق مهر جي رقم پڇي ۽ رقم جو پنج سيڪڙو بطور نقد سندس في جمع ڪرائڻ لاءِ چيو. پوءِ ملان ڪيس چيو تہ ”توکي تي ڏيئرون آهن ۽ لڳي ٿو تہ تون انهن جا 18 لک روپيا وٺي، ڪين طلاق ڏياري، باقي زندگي انهيءَ رقم تي گذارو ڪندين. اهو عمل غير اسلامي آهي، انڪري آءُ (ملان) نڪاح جي رسم ادا نہ ڪندس. ڇوڪريءَ جو پيءُ لهي ڏيڍ لک روپين تي آيو. پر ۾ وينل گهوٽ کي ڇپ رهڻ لاءِ چوندي، ملان نڪاح نامي جي هڪ ڪاپي پري ان تي ڏيڍ لک مهر لکيائين ۽ ٻين ڇهن ستن ڪورن فارمن تي ڏرين ۽ شاهدن جون صحيحون وٺي راهي ٿيو. ڪجهہ ڏينهن

ڪانپوءِ هن نڪاح نامي جي هڪ ڪاپي گهوٽ کي ڏني، جنهن ۾ رقم 50 هزار لکيل هئي. جڏهن ڪنوار جي پيءُ ملان کان ڪاپي گهري، تڏهن هن وراڻيو ته، شاهد طور هڪ ڪاپي مون پاڻ وٽ رکي آهي، ٻي ڪاپي شاديءَ جي رجسٽرار جي دفتر ۾ ڏني آهي ۽ هڪڙي ڪاپي عدالت ۾ جمع ڪرائي اٿم، انڪري مان توکي ڪاپي ڏيئي نٿو سگهان. تون ڪورٽ ۾ درخواست ڏئي اها حاصل ڪري سگهين ٿو.“ اهو قصو ٻڌي مون پاڻ کي چيو ته جيڪڏهن ملان اڄ تائين ائين آهن ته پوءِ اسان جي ڳوٺ وارو ملان حبيب الله ته جڻ فرشتو هو جيڪو ايترن ناٽڪن کان ته ناواقف هو. هن 1935ع ڌاري وفات ڪئي. سندس پٽ ملو جانو مشهور موالي هو، جنهن ڳوٺ ۾ نشي کي متعارف ڪرايو ۽ منشيات وڪڻي ان تي گذارو ڪندو هو. اڄ اسان جي ڳوٺ ۾ 25 سيڪڙو مرد نشو ڪن ٿا. اها آهي ملان حبيب الله جي سڄي ڳوٺ تي مهرباني، جو پنهنجي زندگيءَ ۾ پٽس کي نشي کان نه روڪيائين ۽ بداخلاق ماڻهن جي دوستي کان دور نه رکيائين. اسان جي ڳوٺ جي واحد مسجد نمازين جي عبادت جو مرڪز هئي. ان جون ڪچين سرن جون ٿلهيون اونهاري جي سخت گرميءَ ۽ سياري جي ٿڌ لاءِ ڍال هيون. انڪري ماڻهو اونهاري ۾ ٻن پهرن بعد ۽ سياري جي سرد شامن ۾ اتي اچي سمهندا هئا. نماز کانسواءِ ٻي ڪا به مذهبي سرگرمي اتي نه ٿيندي هئي، پر نمازين لاءِ ڪچهريءَ جي جاءِ هئي.

ملان جان محمد منشيات ڪٽي رات جو موٽندي هلندڙ ريل گاڏيءَ جي در کان ڪري مئو. هن پنهنجي سولائيءَ سان پهچڻ لاءِ در ڪولي رکي ڇڏيو هو ۽ پر ۾ ويٺو رهيو هو ته ڪٿي ڪو پوليس وارو مٿس شڪ ڪري گاڏيءَ ۾ نه چڙهي. ڪيترا دفعا پوليس ڪيس پڪڙيو هو، پر هر دفعي ڏنڊ ڏئي جند ڇڏائيندو هو. هن دفعي شايد ڪو پوليس وارو ڏسي، ڊپ ۾ ڪري پيو هو.

بهرحال، حبيب الله جي مرڻ کان پوءِ کيس مسجد جي ڏکڻ واري دريءَ جي لڳ دفن کيو ويو هو، جتي اڌ جريب جيتري زمين ٻارن کي دفن ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. سندس پٽ ۽ وڏيري الهورائي، جو ابراهيم جو پوٽو هو، جنهن ڳوٺ جي مُلائپ حبيب الله کي ورثي ۾ ڏني هئي، تن گڏجي هن کي ولي الله جو درجو ڏيڻ لاءِ هُن جي قبر تي ڳاڙهو پَٽ وجهي، اُن تي گول پٿريون رکي، ماڻهن کي ڪنو ڪري، دعا ۽ علاج خاطر ان قبر ڏانهن ماڻهن کي رجوع ڪيو. مامو محمد صالح اڳ ۾ پيرن جي خلاف، ان ڏٺو تہ ڳوٺ ۾ هي نئون پير پيدا ڪرڻ، ماڻهن کيٌ برغلائڻ، قبر جو سجاده نشين پيدا ڪرڻ جو منصوبو ڳوٺ لاءِ نيڪ ناهي، سو نئون پيرُ اجان پير ڪوڙي، ان کان اڳ اونداهيءَ رات جو، عبدالغفور کي ساڻ ڪٺي اهو پَٽ لاهي اچي اوطاق ۾ رکيائين. ٻئي ڏينهن کي ماڻهو وٽس اهو قصو ٻڌائڻ آيا. هنن کي چيائين تہ منهنجي خيال ۾ مُلا حبيب الله لالچي هو، الله کي منظور نہ هو ۽ ان ملائڪ موڪلي اهو پٽ ڪٺائي ڇڏيو. ماڻهن حبيبَ الله جي افعالن کي ڏسي،مشهور ڪيو تہ واقعي اُهو پٽ ملائڪ لاهي ويا هوندا. ٻئي طرف مالڪ پٽ جي قيمت ابوجهن کان وصول ڪرڻ کان اڳ ۾ ان کي غائب ٿيل ڏسي، ٻيو پٽ چاڙهڻ لاءِ تيار نہ ٿيا. اهڙيءَ طرح ڳوٺ وارن جي پيرن مان هميشہ لاءِ جان ڇٽي!

# اسان جي ڳوٺ جو خود ساختو ملان

اسان جو ڳوٺ ملن جو ڳوٺ سڏبو هو، پر اتي عملي طور رڳو حبيب الله نالي هڪ پيشيور ملان هو. باقي سڀ قرآن شريف، فارسي ۽ عربيءَ رستي اسلاميات پڙهيا. اتي هڪ مولوي ۽ هڪ حافظ به هئا. گهڻا ماڻهو، خاص طور ڪتنبن جا وڏا پنج وقتي نماز پڙهندا هئا. جيئن ته منجهائن هر هڪ مقرر ٿيل ملان کان وڌيڪ علم وارو هو، تنهنڪري موصوف جو گهٽو لحاظ ۽ عزت نه ڪندا هئا، جنهن جو سبب اهو هو ته هو بنيادي طرح لالچي هو ۽ انعام ۽ پئسا ڪيڻ لاءِ دعويٰ ڪندو هو ته هو ماڻهن جي گذاري ويل عزيزن کي خواب ۾ ڏسي ٿو. سڄيءَ سنڌ ۾ ماڻهو وهمي هئا. جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو ته ملان کين ڪاريءَ مس سان پني جي چٽڪين تي لکيل تعويذ ڳهڻ يا پاڻيءَ ۾ پسائي اهو پي ڇڏڻ لاءِ چوندو هو. عام بيماري، جيئن سرُئي بخار (مليريا) چند ڏينهن بعد ڇڏي ويندو آهي، پر ماڻهو مرض جي طفيلي جيوڙڻ جي موجودگيءَ سبب ڪمزور ٿي ويندو آهي. هو بيمار ماڻهوءَ جي هٿ تي به تعويذ لکندو هو. اهڙي قسم جي جادوءَ جا ڪتاب، تڪندا، چورس، مستطيل ۽ گول نقشا هوندا هئا. هر خاني ۾ عربيءَ جا مختلف حرف ۽ لفظ منسوب ٿيل طلسمي معنائن سان، لفظي معمن جي نقشي سميت هوندا هئا. لڳي ٿو ته انهن کي هر ڪو مڃيندو هو. مون کي 1931ع ۾ مليريا ٿي. امڙ کي معلوم هو ته ڏاڏي وٽ طلسمن جو هڪ پراڻو ڪتاب موجود هو، جنهن

مان تعويذ ڏئي نه سگهيو، پر هن اهو چئي انڪار ڪيو ته اهي اعتقاد رکندڙن لاءِ مفيد هئا. باقي هو الله کان دعا گهرندو ته مان ٺيڪ ٿي ويندس. سو هن دعا گهري ۽ مون تي شوڪارا ڪيا، پر فائدو نه ٿيو.

ٿورن ڏينهن کانپوءِ دادو تعلقي واري تعليم کاتي جي آفيسر جو پٽيوالو اسڪول ۾ ڪُنين جون ٽڪيون کڻي آيو. هر ڪنهن شاگرد کي ٻه ٽڪيون کائڻ لاءِ چيو ويو. هن اسڪول، اوطاق ۽ دوڪان جي پٽين تي لڳائڻ لاءِ پاڻ سان وڏا اشتهار آندا هئا. مون کي ياد آهي ته انهن ۾ پاڻيءَ جي دٻن تي گاسليٽ هاري مڇرن جي آنن ۽ ڪِيٽ (Larvae) مارڻ لاءِ هدايتون هيون، جيڪو تعليم کاتي وارن جو جاري ڪيل ۽ آءِ. واءِ. سليمان جي صحيح سان هو. مامي محمد صالح پٽيوالي کي ماني کارائي ۽ ڪيس سوکڙيون به ڏنيون. هو ايڏو ته خوش ٿيو جو گهٽيون ٽڪيون ڏئي به ويو. امڙ مامي وٽان ڪيتريون ئي ٽڪيون آٽي پيتيءَ ۾ رکيون ته آڪهه ۾ جيڪڏهن ڪو بيمار ٿئي ته ان کي ٽن ڏينهن تائين ٻڌايل، ٻن ٻن ٽڪين جو وزن کارائي. انهن ٽڪين دعا، ڦيٽي ۽ تعويذن جو جادو ختم ڪري ڇڏيو. مون به وري ڪڏهن به انهن تي ڀروسو نه ڪيو. بهرحال مان جڏهن هڪ سال جو هئس، تڏهن امڙ مون لاءِ قرآني آيتون لکيل، پنن سان پريل ۽ ميڻ سان بند ٿيل تعويذ پاسي واري ڳوٺ مان سوناري کان چانديءَ ۾ مڙهايو هو. مون اهو 18 اپريل 1935ع تائين، جڏهن مان ميهڙ هاءِ اسڪول پڙهڻ ويس، تائين پاتو. مامو محمد صالح اهو برداشت ڪري نه سگهيو. بابي کي ٽوڪيائين ۽ ڏاڳو ڪٽنچيءَ سان ڪٽي اوطاق جي فرش تي ڦٽو ڪيائين. بابي اهو چوندي ان کي زمين تان کنيو ته چانديءَ جي ته قيمت آهي، سو وڃائڻ نه گهرجي. مون کي خبر نه آهي ته اهو تعويذ ڪنهن جو لکيل هو، پر ان ملان جو لکيل نه هو، جنهن کي اسين يا مامي جي گهر وارا سچو ملان نه سمجهندا هئا.

ملان حبيب الله ۽ سندس زال ۾ ان ڳالهه تي تڪرار هو ته پنهنجي پٽ

جان محمد کي ڪٽان پرٽائين، ڇو ته ٻنهي کي پرٽي لائق ڀائيجيون هيون. معاملو جان محمد جي ٻنهي سان شادي ڪرڻ تي ٽِڪيل نه رهيو، پر پوءِ شايد اها ڇوڪري جنهن کي مڙس نه ڀانئيو سا خفقاني ٿي پئي ۽ ڇيائون ته ڪيس جن ٿيو آهي. هنن هڪ سيد سڏائيندڙ ماهر، جنهن جي دعويٰ هئي ته جن سندس ڇٽي ۾ آهن ۽ ڇپٽي وڄائي گهرائي سگهيو ٿي، ان کي گهرايو. هو اچي مامي محمد صالح جي اوطاق ۾ ترسيو، جنهن سندس چالبازي ڄاڻي ورتي. هو هڪ عڪس اندازي مختلف ڪندڙ وارو مثلثي شيشو (Magic glass) استعمال ڪري رهيو هو، جنهن پهرين نظر ۾ شين جون بگڙيل صورتون ۽ ڪي اهڙا ٻيا مشاهدا ٿي ڏيکاريا. ان ڪانسواءِ وٽس ٻن ترن واري لوهي پڙچ جي پيتي هئي، جنهن جي هڪ حصي ۾ ماڻهن کان لڪل شيون هيون. جڏهن هن جنن کي گهرايو ۽ ڪجهه شيون به آڻڻ لاءِ چيائين، پوءِ ڪيترائي پيرا هن پاڻ پيتيءَ کي اونڌو ڪيو، ۽ اُن جو لڪل ترو کوليائين، جنهن گهڻن کي حيران ڪيو، ڇو ته ان ۾ ڪيئي شيون پيل هيون. اٿين هو ملان حبيب الله ۽ الهه آباد ڳوٺ جي ڪن هندو عورتن کي ڦريندو رهيو. پوءِ خبر پئي ته هو نواب شاهه ضلعي جو مشهور جن ڪيندڙ ڏاهري هو ۽ جتي ڪٿي هٿ نات ڪندو رهندو هو.

ملان جو پٽ جان محمد موالي هو. ڀنگ، چرس ۽ آفيم واپرائيندو هو. تنهنڪري ماڻهن ڪيس پشتي مُلي طور قبول نه ڪيو. جان محمد جي ماڻٽن سندس ملان هجڻ جي دعويٰ ڪئي پر ڳوٺ ۽ آسپاس وارن سندس عزت نه ڪئي، ڇو جو هن ڳوٺ جي 500 ماڻهن جي آباديءَ مان 35-40 ڄڻن کي چرس ۽ آفيم جو عادي ۽ پڪو گراهڪ بنايو هو.

ابراهيم ڪچيءَ ۾ مامي اسڪول شروع ڪرايو ۽ سيني ڳوٺاڻن تي ٻار موڪلڻ لاءِ زور ڀريو. ڪجهه ٻار، خاص طور جيڪي 10 سالن يا مٿي عمر وارا هئا، پڙهائي جاري رکي نه سگهيا ۽ ٿوري عرصي ۾ ڏنار يا هاري ٿي ويا. ڪجهه منهنجا هم عمر ۽ ننڍا، جيڪي ابتدائي تعليم ۾

هلي نہ سگھيا، سي بہ هاربي ۽ مالداريءَ سانُ لڳي ويا. ڪي وري ملان ٿيا؛ جن ڪي سواءِ چند مذهبي رسمن، قرآني آيتن ۽ دعائن جي، ڪابہ علمي ڄاڻ نہ هئي،. انهن مان ڪجھہ اڃا بہ زنده آهن ۽ ماڻھن کي پيا بيوقوف بنائين.

# اسان جو ڪنياريءَ وارو پير

آءٌ پنجن - ڇهن سالن جو هئس، جڏهن ميندي‌ءَ رتي وچولي ڏاڙهي‌ءَ سان، اسان جي ڳوٺ ۾ پنهورن جو پير آيو. مامي جي اوطاق جي ٻاهران ڳوٺ جا مرد ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. جڏهن هو اٺ تان لٿو، ته اول ماڻهو نِوڙِي ڪيس پيرين پئي مليا ۽ هو سڌو ٿي بيٺو ته ماڻهن سندس ساڄو هٿ چميو. پير صاحب رسمي طور پنهنجو ساڄو هٿ ابتو (تري هيٺ) ڪري آداب لاءِ اڳتي وڌايو، جنهن تي انهن اول ڪابي ۽ پوءِ ساڄي اک رکي ۽ اُن کي چمي ڏني. هن ڪنهن به غريب ماڻهوءَ سان هٿ نه ملايو. ڇوڪرن به ائين پئي ڪيو. منهنجي عمر جا ڪجهه ٻيا ڇوڪرا به آيا، پر ننڍي هئڻ ڪري اهو هٿ چمي نه سگهيا ۽ نه وري هن ننڍن ٻارن لاءِ پنهنجو هٿ هيٺ ڪيو. مان نراس ٿيس. هو بت وانگر اپو بيٺو هو ۽ پنهنجن ملڻ وارن ڏانهن نهارڻ بجاءِ پري بيٺل ماڻهن کي ڏسندو رهيو، يا شايد آسمان کي ٿي ڏٺائين. هو لاک جي روغن واريءَ ريشمي چادر ۽ وهاڻي پيل کٽ تي ويٺو ۽ باقي ماڻهو فرش جي مٿان پيل سوٽي فراسيءَ تي هيٺ ويٺا. جيئن ئي هو کٽ تي ويٺو ته مريدن مان مامي محمد صالح جي نوڪر عبدالروف سندس جتي لاٿي ۽ روغني گينديءَ ۾ سڇيتائيءَ سان سندس پير ڌوتاريا ۽ پوءِ اها گينڊي گهر ڏانهن کڻي ويو. جلد ئي مان سندس ۽ ماڻهن جي وچ ۾ نه سمجهڻ جهڙي گفتگوءَ کان ڪڪ ٿي گهر هليو ويس. ان ڪانپوءِ ائين ٿيو، جو منهنجي مامي جي گهرآندل گينديءَ جو پاڻي هڪ وڏي مَٽ

۾ وجهي ان کي پاڻيءَ سان ڀريو ويو. پاڻي، جنهن کي پير سائينءَ جي پيرن جي خاڪ وارو ٿي سڏيائون، سو سڄي ڳوٺ ۾ ورهايو ويو. انهيءَ تبرڪ واري پاڻيءَ جو هڪ وٽو امڙ گهر کڻي آئي ۽ منهنجي سامهون هڪ دلي ۾ اوتيائين. هن مون کي ان مان پاڻي پيئڻ لاءِ چيو. مون ڦڏو ڪري انڪار ڪيو، جيڪو منهنجي ڏاڏي پري کان پئي ڏٺو. مون اهو ڪنو پاڻي ٻن سببن جي ڪري نه پيتو. هڪ ته پير صاحب اسان جي چمڻ لاءِ پنهنجو هٿ هيٺ ڪونه ڪيو هو ۽ ٻيو ته سندس پير مٽيءَ هاڻا هئا. انهيءَ مهل ڏاڏو گهر آيو ته مون سانس اهي ٻئي شڪايتون ڪيون. هن امڙ کان پاڻيءَ بابت پڇيو، ۽ پوءِ پاڻي هاريو ويو. ڏاڏو پوءِ ٻين گهرن ۾ ويو ۽ ان پاڻيءَ جي استعمال جي منع ڪيائين ته اها بدعت آهي ۽ گناهه جو ڪم آهي.

اڳئين ڏينهن اسڪولي ٻارن ۽ انهن ناچاق ماڻهن جا نالا ٻڌايا ويا، جن کي سائينءَ سڳوري دعا ۽ تعويذ ڦيڻو به ڪيو هو، ته اُهي چڱا ڀلا ٿي ويندا. هنن اهو به ٻڌايو ته سائين ڏن وٺڻ آيو آهي، ڇو جو ساريون لٿيون آهن ۽ هن وقت ماڻهن وٽ پئسا آهن. جيڪي ڏن ڏيندا، سي سندس دعا سان ترت تندرست ٿيندا ۽ بهشت ۾ ويندا. مون کان وڏا ۽ ڏڳها ڇوڪرا مون تي خوب کليا، ڇو جو مون کي سائينءَ نه ڏٺو ۽ نه ئي ان جو هٿ چميم. چيائون ته "تون سائينءَ جي هٿ جي بجاءِ سندس پير چمين ها." مان ڪنهن جي پيرن چمڻ بابت سوچي ئي نٿي سگهيس، جو ٻهراڙيءَ ۾ گند ۽ مٽيءَ جي ڪري بمشڪل ڪنهن جا پير صاف هوندا آهن. ڪيترن ئي ٻارن سندس پيرن ڌوتل مٽيءَ هاڻو ميرو پاڻي به پيتو هو ۽ ڪين ان عمل تي فخر هو. مون ان تي ڪابه راءِ نه ڏني، پر سمجهيم ٿي ته مون نيڪ ڪيو هو. مون کي ڀروسو نه هو ته ڪا اسان جي قسمت ورندي، ڇاڪاڻ ته ڏاڏي ٻڌايو هو ته فصل لهڻ بعد به اسان مقروض رهنداسين. هن ٻن پاڏن تي به مينهون متاڻڻ لاءِ ادارا پئسا ورتا هئا ۽ ان ڪري هن پير صاحب کي ڏن ڏيڻ ضروري نه سمجهيو. منهنجو ڏاڏو ۽ بابو هوندئن ته عزت دار هئا،

پر مون کي خاطري هئي تہ اهي بهشت ۾ ڪونہ ويندا. پوءِ الائي ڇا ٿيو، جو پير سائين وري نہ آيو. ڪيترن ئي سالن بعد مامي محمد صالح مون کي اصل قصو ٻڌايو. ٿيو ائين، جو مامو درگاهہ تي ويو ۽ اُتي ٻڌائين تہ پير صاحب پنهنجي پٽ کي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ هن جا پنهنجي ننهن سان ناجائز تعلقات آهن. مامي اهو قصو ويجهن مائٽن کي ٻڌايو جيڪي پير سائينءَ تي ناراض ٿيا. 4-5 سال پوءِ مون ماهوار سنڌي رسالي ”توحيد“ ۾ پڙهيو تہ ان جي مدير مولوي دين محمد وفائيءَ سيدن، پيرن، مخدومن، پيرزادن ۽ اوليائن جي قبرن ۽ درگاهن جي پوڄا خلاف هيءُ رسالو جاري ڪيو هو. مامو اهو رسالو گهرائيندو هو، ۽ نہ رڳو پاڻ پر سڄي ڳوٺ کي پيرن جي خلاف ڪري ڇڏيائين. هوريان هوريان سڄو ڳوٺ سمجهي ويو. ائين اسان جي ڳوٺ جو پاڳ سڙائو ٿيو، جو 1932ع کان پوءِ اسان وٽ ڪوبہ پير ڪونہ آيو. پر ڪي ماڻهو درگاهہ تي وڃي ڏن پري دعا پني ايندا هئا. اسان جي ڳوٺ وارن ماڇين کي بہ پنهنجو پير هو، پر مامي محمد صالح انهن کي بہ غلط فائدو وٺندڙن کان آزاد ڪرايو.

مون ”توحيد“ رسالو گهڻو دير سان تڏهن پڙهيو، جڏهن هاءِ اسڪول ويس ۽ ان کي سمجهڻ لڳس. ”توحيد“ ۽ مولوي صاحب بابت ڪجهہ ٻڌائڻ مناسب ٿيندو. وفائي صاحب جو جهاد سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي اميراڻي راڄ (سيدن، پيرن، مخدومن، مخدومزادن، وڏيرن وغيره) خلاف پنهنجون نياڻيون ويهارڻ، غريبن سان مائٽيون نہ ڪرڻ، ٻارن ڄمڻ بابت وسوسن، ڇٽي، طهرن، منگڻن، شادين، پٽن ڄمڻ وغيره تي بي تحاشا خرچن ۽ تعويذن، دعائن، سڳن، جادو، ڪرامتن، فقيرن، مقبرن ۽ قبرن وغيره تي ويساهن بابت هو. پيرپرستي ان وقت اسلام جو اهم ٿنڀو سمجهي پئي وئي ۽ هن سُڄاڻ مولوي صاحب ان کي ختم ڪرڻ پئي چاهيو. مولانا دين محمد وفائي هڪ روشن خيال عالم ۽ سنڌ جو تاريخدان هو. جناب جي ايم سيد جي حساب موجب مولوي صاحب 27

رمضان 1311 هجري (4 اپريل 1894ع) تي ڄائو ۽ 56 سالن جي عمر ۾ اپريل 1950ع ۾ وفات ڪيائين. هن ”توحيد“ رسالي ۾ ايران، وچ ايشيا ۽ هندستان جي اثر هيٺ ڦرمار وارين ريتن رسمن کي اسلام مان ختم ڪرڻ لاءِ هلندڙ سماجي سڌاري جي وڪالت ڪئي. وفائي صاحب، بزرگن ۽ صوفين جو نه پر انهن جي پرستش جي خلاف هو. هو حيات ۽ فوت ٿي ويل پيرن جي نام نهاد ڪرامتن ۾ اعتقاد رکڻ وارو نه هو. سندس 27 سالہ (1923-1950) اخلاقي جهاد جهڙو بيمثال انقلاب گڏيل هندستان جي ڪنهن به صوبي اندر ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. هن جي محنت تي پاڻي تڏهن ڦريو، جڏهن 1970ع کان وٺي اڄ تائين اهي ساڳيا مذهبي اجاره دار صوبائي ۽ قومي اسيمبلين ۾ ڪامياب ٿيندا رهيا. ضياءَ الحق جو اسلاميائڻ ۽ هوريان هوريان تعليمي نظام جي زوال سان گڏ ٻهراڙيءَ ۾ مسلسل وڌندڙ غربت، عدم تحفظ، امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال، ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي سندن بچاءَ لاءِ ساڳين ماڻهن وٽ موٽائي آندو ۽ اهڙيءَ ريت وري سندن ڦرمار واري حالت شروع ٿي وئي. بهرحال ڪيترائي پڙهيا ڳڙهيا ماڻهو هن پرمار طبقي جي خلاف ٿي بيٺا، انڪري گهٽن جو ڪاروبار ختم ٿي چڪو آهي. رڳو چند بنهه وڏن سياسي ۽ سماجي طور تي مضبوط خاندانن جو اثر باقي ٿورو وڃي بچيو آهي.

مان 1935ع ۽ ان ڪانپوءِ ”توحيد“ مئگزين پڙهندو رهيس، جيڪا هن 1922-23ع ۾ جاري ڪري به سال کن هلائي. پوءِ وري نون سالن بعد ٻيهر شروع ڪئي. سنڌ جي تاريخ تي مولانا جو ٻيو اهم ڪم ”الوحيد“ آزاد نمبر هو، جنهن منهنجي سنڌ جي تاريخ تي تحقيق بابت رهنمائي ڪئي. مون وٽ اڃا به ان جي ڪاپي موجود آهي، جيڪا اسان جي استاد محمد عارب جي چوڻ تي ميهڙ هاءِ اسڪول جي هر مسلمان شاگرد 1936ع ۾ خريد ڪئي هئي. اڳتي هلي آءٌ سائنس ڪراچيءَ ۾ تڏهن مليس جڏهن هو ”آزاد“ اخبار جو مدير هو. هن ”تذڪره مشاهير

سنڌ“ تي ڪم پئي ڪيو ۽ مون ڪيس رائل ايشاٽڪ سوسائٽي بينگال جون فارسيءَ ۾ ڇپيل ڪجھ تاريخون، جن ۾ سنڌ جو ذڪر هو، سي اڏاريون ڏنيون. ان ڪتاب جا ٽي مسودا مون 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڏنا هئا، جيڪي پوءِ 1973ع، 1983ع کان 1980ع ۾ ڇپيا پر تيستائين ڪن اديبن، الڳ يا نقل جي صورت ۾ لڳاتار 25 سالن تائين انهيءَ مان ٽڪرا ڪڍي پنهنجي نالي ڇپرائي ڇڏيا. جيڪڏهن اهي جلدي 1956ع ۾ ڇپجن ها ته وفائيءَ جو شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي تاريخدانن ۾ شمار ٿئي ها. مان انڪري سندس خاص عزت ڪريان ٿو، ڇو جو سندس لکتن جي ڪري ننڍيءَ عمر ۾ مامي محمد صالح منهنجي سيني وسوسن، پيرن جي ڪرامتن ۽ سندن قبرن جي چڪرن مان جان ڇڏائي. اهو به ضرور پڌائيندس ته مولانا جي شروع ڪيل جهاد کي منهنجي مامي وڏيءَ همت ۽ سٺي طريقي سان مقبول بنايو. پنهورن جا دادو تعلقي ۾ ڳوٺن پنيان ڳوٺ انهيءَ ساڳي گروھ وٽ غلام بنجڻ کان اڳ ۾ انگريزن جي حڪومت جي دؤر ۾ 1947ع کان اڳ ڇوٽڪارو حاصل ڪري چڪا هئا. سنڌي قومي نظريي جون پاڙون، وفائيءَ پنهنجي ترتيب ڏنل لکٽين، سنڌي ٻوليءَ جي ادب، سنڌي سماج، سنڌي ثقافت، سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي تحفظ يا بچاءَ ڪاڻ پڪيون ڪيون.

مان سمجهان ٿو ته پيرن، سيدن، مخدومن، پيرزادن ۽ وڏن زميندارن يا جاگيردارن، عام ماڻهوءَ کي بيحد استعمال ڪيو آهي ۽ اُنهن جو استحصال پڻ. سيني جون گهٽيون شاديون آهن. ڇٺن زالن کانسواءِ سُريتون رکڻ به عام ڳالهه آهي ۽ اسان وارو پير انهي جو هڪ ننڍو مثال آهي. پاڪستان ٺهڻ بعد هنن سياسي سگهه حاصل ڪئي آهي، جيڪا هو پنهنجي گندي زندگي، پئسن ميڙڻ، عياشي ڪرڻ ۽ نه رڳو پنهنجي پيروڪارن، بلڪ سنڌ ۽ سنڌين کي دوکي ڏيڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. هنن جي افعالن جي ڪري سنڌ ۾ سنڌي آمريڪا جي ريڊ انڊين واري سطح تي پهچي رهيا آهن!

# فقير مجيد ۽ هڪ هندو سوامي

اسان جي ڳوٺ ۾ مجيد نالي هڪ پيرسن فقير خيرات لاءِ ايندو هو. هر ڳوٺاڻو ڪيس پسند ڪندو هو، ڇو جو هو خيرات ڏيڻ يا نه ڏيڻ وارن ٻنهي ڪي دعا ڪندو هو. هو جڏهن به اسان جي ڳوٺ ۾ ايندو هو ته امڙ وقت مطابق ڪاڏو به ڪارائيندي هيس ۽ اَن جا ڪٽا به ڏيندي هيس. مون کي مليريا ٿي ته امڙ کيس ڪُڪُڙ ڏنو ته منهنجي صحت لاءِ دعا ڪري. هن ڪڪڙ واپس ڪندي چيس ته اهو کهي پنهنجي پٽ کي کاراءِ ته چڱو ڀلو ٿئي. امڙ کي هن تي ويساهه هو. هو سدائين چوندو هو ته الله ڪندو ته تنهنجو پٽ ”ڊڪٽي“ ٿيندو (ڊپٽي ڪليڪٽر)، ڇو جو مڪاني ماڻهن لاءِ اهو وڏو ۽ چاهيل عهدو تي سمجهيو ويو ۽ ان کان مٿيان عهدا رڳو انگريزن لاءِ هوندا هئا. امڙ ان تي ڀروسو ڪندي هئي ۽ چاهيندي هئي ته مان پڙهان. مان پنهنجي خانداني مرشد جي پير گهمائڻ بعد انهن سيني ڳالهين کان بي نياز ٿي ويس. دراصل امڙ جو مون تي ايترو گهڻو اثر هو، جو مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به هاري ٿيڻ بابت نه سوچيو. مان پنهنجي موجوده حيثيت، امڙ ڏاڏي، جيڪو هڪ مجيل امن پسند ماڻهو هو ۽ پنهنجي مامي محمد صالح جي انقلابي خيالن جي اثر ۽ تربيت جي طفيل سمجهان ٿو. جڏهن ته ڳوٺ جا ماڻهو سمجهندا هئا ته منهنجي ترقي فقير مجيد جي دعائن جي اثر جي ڪري ٿي آهي ۽ منهنجي ماسي، جنهڪا 91 سالن جي عمر ۾ 2000ع ۾ فوت ٿي، تنهن مرڻ کان

اڳ ۾ مون کي چيو "تنهنجي ترقيءَ جو سبب مجيد فقير جي دعا آهي."
سڀ ڳوٺ وارا سمجهندا هئا ۽ چوندا هئا تہ مون فقير مجيد جي دعائن
سان، ڀهراڙيءَ جي گندن پاڙن مان شهري وچين طبقي تائين پهچي، نالو
ڪمايو ۽ ڪجهہ ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. پر مان پانيان ٿو تہ اهو
امڙ کي خوش ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهہ نہ هو، جا مون کي "ڊپٽي" بنجڻ
واسطي پڙهائڻ لاءِ همٿائيندي هئي. صاف دل مجيد ٺڳ نہ هو، پر هن
جيڪو ڪجهہ ڪيو ٿي، سو سندس جياپي لاءِ هو.

1935ع ۾ پڙهڻ لاءِ ميهڙ هاءِ اسڪول ويس ۽ 30 مسلمان ۽ 10-12
هندو ڇوڪرن سان گڏ بورڊنگ هائوس ۾ رهيس. مسلمان ۽ هندو
هڪٻئي کان الڳ رهندا هئا، جو تہ بورڊنگ هائوس ۾ موڪل ۽ سمهڻ
جي وقت جي وچ واري عرصي ۾ چار پيرا مسجد ۾ نماز ٿيندي هئي،
جيڪا سيني شاگردن کي زوريءَ پڙهائي ويندي هئي. چئن مان ٽن
نمازن ڪانپوءِ سيد علي اڪبر شاهہ، جو بعد ۾ 1946ع کان 1951ع
تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو، وعظ ڪندو هو ۽
چوٿينءَ بعد اسڪولي رانديون ٿينديون هيون، جنهنڪري بورڊنگ
هائوس ۾ رهندڙ هندو ۽ مسلمان شاگردن کي هڪٻئي سان ڳالهائڻ جو
وقت نہ ملندو هو. سندن ماني بہ جدا تيار ٿيندي ۽ کين کارائي ويندي
هئي. بهرحال اسين سڀ پڙهائيءَ دوران موڪل جي ڏينهن ۾ رلبا هئاسين.
مون اسڪول ۾ هندو ڇوڪرن سان دوستيون رکيون ۽ کانئن ڪيتريون
ئي نيون ڳالهيون خصوصن سنتن، يوگين، برهمڻن، برهمچارين، مذهبي
عقيدن ۽ پرمن بابت سکيون. توڙي جو ڪي مسلمان ڇوڪرا سندن
عقيدن تي ٺٺوليون ڪندا هئا، پر اڪثر وچولا هندو، مٿين سنتن جي
سچائيءَ سان پوڄا ڪندا هئا. تجسس مان آءٌ بہ سندن پيڇو ڪندو هئس.
آگسٽ 1935ع ۾ هڪ نانگو هندو ڏرماتما ميهڙ ۾ آيو، جنهن جو تن
ڍڪيل نہ هو. سندس وارن جي سنوارت ٿيل نہ هئي. سڄو ڏينهن شهر

جي اتر کان وهندڙ ڪڪول واهه جي اترئين ڪنڌيءَ تي، نم جي وڻ هيٺان ويهندو هو. هو ميٽ ۽ تيل مکي، هر ٻن ٽن ڪلاڪن بعد واهه ۾ ٽپو ڏئي، اوپاري ترڻ سان پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪندو هو. هن سواميءَ کي ڏسڻ لاءِ هندن جا ميڙ متل هوندا هئا. چون پيا ته هو برهمڻ ۽ برهمچاري هو، جنهن سالن تائين هماليا جبل جي چوٽين تي انتر ڌيان ڪيو هو. هو رڳو صبح ۽ شام جو پرواريءَ عمارت ۾، جيڪا اصل مسافر خانو هئي پر پوءِ 1941ع ۾ هندو شاگردن لاءِ بورڊنگ هائوس ۾ تبديل ڪئي وئي هئي، عورتن کي ڏسندو هو ۽ دعا ڪندو هو. عورتن جي اڳيان هو لنگ ٻڌي ويهندو هو، باقي ڏينهن ماڻهن ۽ ٻارن سان ملي گذاريندو هو. ٿورو ڳالهائو هو. گهٽو ڪري اکيون بند ڪري، شوِ ۽ ٻڌ جي اندازِ نشست ۾ ويهندو هو. هو ڪيترين ئي تمام مشڪل ڪسرتون، مثال طور ڪلاڪ کن تائين مٿي پر ٻيهڻ ڪندو هو. مون دماغ کي سگهاري ڪرڻ خاطر اڌ ڪلاڪ کن تائين ائين ڪرڻ سکيو، پر هاڻي مان ان عمل کي ٺٺو مڃان. چيائون ٿي ته هن جو سڀ کان وڏو ڪرتب هو سج ايرڻ ۽ لهڻ مهل آنگ اُٿيل حالت ۾ اوڏانهن منهن ڪري هٿ ڊگهيري ٻيهڻ ۽ منتر پڙهڻ. اها سندس اپشانا هئي، جنهن کي مخفي رکڻ لاءِ سج ايرڻ ۽ لهڻ وقت پاسي واريءَ عمارت ۾ ويندو هو. ٻڌايو ويو ته ڪيترائي ماڻهو مکيه دروازي وٽان سوراخن مان اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ لاءِ ويندا هئا. ڪن هندو شاگردن اها ڪرامت ڏسڻ جي دعويٰ ڪئي. ڪيترن ئي دوستن کان اها دعويٰ ٻڌي مان به قائل ٿيس ته سوامي ائين ڪرڻ لائق هوندو. جڏهن مان وڏو ٿيس ته سمجهيم ته ڪو ڪرشمو نه هو پر دماغ ۽ مشڪن کي وس ڪري ائين ڪري سگهجي ٿو.

"Freedom at midnight" ڪتاب ۾ هڪ هندو حاڪم بابت چيل آهي ته خاص ڪچهريءَ ۾ انگ اُٿيلَ سان ڪورٽ ۾ داخل ٿيو. مون سڪندر اعظم جي تصوير ڪرنڪ ۾ نم (Nim) ديوتا جي پوڄا ڪندي ڏٺي،

جنهن ۾ پئي اُن انگيز واريءَ حالت ۾ هئا. 1983ع جو ڇپيل ڪتاب "Extended Sexual organism"مون خريد ڪيو، جنهن ۾ ڪيگل جي ڪسرتن جا تفصيل هئا. منهنجو خيال آهي ته ڪيگل هندستان جي يوگين ۽ چين جي تائو ازم وارن وٽان انهن ورزشن جو اندازو لڳائي ۽ زياده ڪوجنا ڪئي هوندي. سالن تائين اسڪول ۽ ڪاليج ۾ هندو ساٿين سان رهي،مون اها راءِ قائم ڪئي ته برهمچارين جي ٽولي مان ڪي وڏا زناڪار، ڊوهي ۽ ٺڳ به هئا. جڏهن ته ڪجهه سچ پچ برهمچاري به هئا. مون ساڳئي قسم جا احوال ٻڌ ڀڪشن، مسيحي پادرين، بيراڳين ۽ شو مندر جي شيوڪن ۽ ديو داسين بابت پئي پڙهيا آهن. سنڌ ۾ راءِ - برهمڻ دوَر ۽ عربن جي فتح واري وقت اوير هندستان ۾ تانترڪ (Tan-taric) فرقو موجود هو. انهن لاءِ جنسيات عبادت ۽ پوتر ترنگ (Ecstacy) هو. ڪيترن ئي مندرن ۾ رنگ رلين جا اڪريل چٽ وچ اوير هندستان ۾ اڄ به سياحن لاءِ ڪشش جو ڪارڻ آهن. انهن مڙني جو پيشرو چين ۾ 400 ق.م ڌاري رائج ٿيل تائوازم آهي، جنهن ماٺهن ڪي اعضا وڌائڻ ويجهائڻ (Extended sexual organism) سيکاريو. سندن ڪيترين ئي لکتون ويجهڙائيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيون آهن. هن وقت آمريڪا ۽ يورپ جي ڪوجنائن اهو سڀ نه فقط ممڪن ڪري ڏيکاريو آهي، پر انهيءَ سکيا لاءِ نفسياتي ڊاڪٽرن اسپتالون به کوليون آهن.

# ڳوٺن ۾ وسوسا

ڀهراڙيءَ جا سنڌي ماڻهو نهايت وهمي آهن، جنهن جو سبب غريب عوام جي اياڻپ ۽ چالباز ماڻهن جو پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ الله لوڪ قوتن (Supernatural powers) جو ڍونگ رچائڻ آهي. پيڻ آمنت جائي ته مان انن سالن جو هئس. هوءَ چئن مهينن جي ٿي ته امڙ وفات ڪئي. منهنجي پڦي هن جو خيال رکندي هئي ۽ تنجڻ، مٽي ويهارڻ لاءِ پٽيون ٻڌڻ، نڪ سنهي ۽ چوٽياري ڪرڻ لاءِ آڏڻ ۽ سنهي پٽل جي سرائيءَ سان ڪاڏيءَ جو چگهه نروار ڪرڻ جو ڪم ڪندي هئي. تنجڻ ٻار جي چرپر کي روڪڻ لاءِ ٿئي، پر مون ڏٺو ته ٻڌجڻ بعد هوءَ روئندي ۽ پياريل ٻاڪرو ڪير الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيندي هئي. مون سندس تنجڻ ڇوڙيو ته هن خوش ٿي هٿ پير چوريا. جيستائين آءُ گهر ۾ هئس هن ڇون چان نه ڪئي. مون ڪيس ٻنڌڻ مان آزاد ڪيو ته سندس صحت حيرت انگيز نموني سڌري ۽ هن ڪير اُلٽي ڪري ڪڍڻ ڇڏي ڏنو. منهنجو خيال آهي ته ٻار جو هٿ پير هلائڻ هڪ ورزش ۽ طبعي عمل آهي ۽ هاضمي ۾ مدد ڪري ٿو. ان کي روڪڻ سان اگهائي اوس ٿئي ٿي، جنهن سان پهرئين سال اندر ئي ڪيئي موت ٿين ٿا. ياد رهي ته اسين به تنجبا هئاسين پر خوشقسمتيءَ سان مائرن جي هٿان، جيڪي ٿوري ٿوري وقف ڪانپوءِ ٻار کي ڪٽي پني مهٽي هاضمي ۾ مدد ڪنديون هيون، تنهنڪري ننڍپڻ جي موت کان بچي

وياسين. ڪين اها خبر نہ هئي تہ ڪو هنن پنهنجن لاڏلن کي پاڻ ئي گهوگهي ماريو ٿي.

ساڳئي سال پاڙي واري هڪ عورت، قريب المرگ لاءِ زمر زمر جو پاڻي، جيڪو ڪنهن حج ڪري موٽيل حاجيءَ اسان کي ڏنو هو، وٺڻ لاءِ ڊوڙندي آئي. ڪجهہ سالن بعد مون کي معلوم ٿيو تہ جڏهن ڪو هندو مري ٿو تہ سندس وات ۾ گنگانديءَ جو پاڻي وجهن ٿا تہ جيئن هو ٻيهر انساني جوڻ وٺي دنيا ۾ واپس اچي.

1930ع ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪالرا پکڙي، جنهن لاءِ اهو هُلايو ويو تہ هڪ ڏائڻ گهرن ۾ گهڙي بيماري پکيڙي ٿي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ هر گهر جي در تي هڪ تعويذ ٽنگيو ويو. اسان جي گهر ۾ تعويذ ڪانسواءِ نم جون ٽاريون بہ ٽنگيائون. شايد نم جا پن مکين کي (جيڪي ڪالرا جا جيوڙا پکيڙين) گهر ۾ گهڙڻ کان تاهين ٿا.

1930ع واري ڏهاڪي جي اڳياڙيءَ ۾ سج گرهڻ ٿيو، تنهنڪري ڳورهارين عورتن کي ٻاهر نہ نڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ملن تلاوتون ۽ وعظ ڪيا تہ الله قادر مطلق جيڪڏهن سج کي بہ عذاب کان نٿو بخشي، تہ اوهان گنهگار ڪيئن ٿا سندس غضب کان بچي سگهو. ماڻهو سج ۽ چنڊ گرهڻ ۽ پڇڙ تارن کان ڊنل هئا. هيلي (Halley) جهڙا پڇڙ تارا هر 76 سالن بعد ڏسڻ ۾ ايندا آهن. چاڪاڻ جو اڳئين زماني ۾ اتفاقن ڪو ماڻهو 76 سالن جو هو انهيءَ ڪري ماڻهن کان 76 سال اڳ جي عرصي جي ڳالهہ وسريو وڃي ۽ ڊپ وٺيو وڃين.

هڪ ويساهہ اهو بہ آهي تہ ماڻهوءَ جو جانور سان ڪار (Cross) ٿي سگهي ٿو. اهڙو هڪ عقيدو اهو بہ آهي تہ پنهور ذات وارا ماڻهو، جِنَ جو اُهي ڪار هئا، اهي ٻي ڊپا، بيباڪ ۽ اڳرا هئا ۽ مس ويهين صديءَ جي تعليم ڪين وجي ڪجهہ ٽڏو ڪيو آهي!

ڳوٺ ۾ سيرب ڪرڻ وارا حجم، جراح به سمجهيا ويندا هئا ۽ معمولي ڦٽ چٽائڻ جا دعويدار به هئا. ڪنيار هڏن ڳنڍڻ جا ماهر ليکبا هئا. سندن عطائي پٽي (Quackery) ڪيترين ئي حياتين برباد ڪيون. ساڳئي قسم جي ماڻهن ۾ فقير ۽ پير به هئا. نشئي ماڻهوءَ کي به ندامت يا نفرت سان نه ڏسندا هئا، بلڪ اُهي اپوجهه ۽ بي ڏوهي سمجهيا ويندا هئا، جو ته 90 سيڪڙي کان به وڌيڪ ماڻهن حياتيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو نشو ڪيو هوندو هو. هُنن جي معمول مطابق زندگي گذارڻ لاءِ ڪابه ڪنهن کي خاص ڪا ڪشش ڪان ڪان تي تئي. هونئن ته برابر ٻهراڙيءَ جي زندگي وسوسن سان پريل آهي، جي گرڀ (ماءُ جي پيٽ ۾ تيڻ) کان شروع ٿي گور (قبر) تي به ختم نٿا ٿين. مئلن جي يادگيري ۽ سندن خواب ۾ اچڻ به وڌيڪ وهمين رسمن ۽ خيراتن وغيره جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

# خيرات

ڪنهن ڪتنب تي مختلف سببن جي ڪري خدا جي راضپي جي اعتراف طور، سنڌ ۾ خيرات جو موقعو ملهائبو آهي. منهنجو ڏاڏو 30 سالن کان مقروض هو. منهنجو والد بحيثيت ڏاڏي جي هاريءَ جي، منهنجي ڄمڻ بعد اهو قرض ادا ڪري ويو. ڳوٺاڻن ڪيس چيو ته تون سڄي ڳوٺ کي ڪاڏو ڪاراءِ ته جيئن وڏيڪ ستابو ٿئين. خيرات لاءِ هن پاڃاريءَ ۾ جوٽڻ جهڙو وهڙو ڪُنو ۽ پنهنجي چانورن ۽ مکڻ مان جمعي نماز بعد ڳوٺ جي اٽڪل 400 ماڻهن لاءِ ماني تيار ڪرايائين. ماڻهن منهنجي مامي جي اوطاق ۾ ماني کاڌي ۽ شام واري ويلي لاءِ به ڪنئين.

امڙ مون کي ٻڌايو ته ماڻهن خيرات کائي اسان جي سک ۽ ڀلائيءَ لاءِ دعائون گهريون، پر اسان ڏٺو، ساريون ۽ گيهه وڪٽي نه سگهياسين، جنهنڪري ٻيهر قرضي تي وياسين. اهو لاهڻ لاءِ اسان کي ٻيا ٻه سال به لڳي ويا. انن سالن جي ڄمار ۾ مون کي احساس ٿيو ته ٿورو - ٿَڪو مقروض هئڻ چڱو آهي ته جيئن خيرات تي خرچ ڪري وڏيڪ مقروض نه ٿجي. ان وقت منهنجي والده ۽ ان ڪانپوءِ منهنجي چاچي جي گهرواري وفات ڪري ويون، جنهن لاءِ اسان کي مانيون ڪرٽيون پيون ۽ اسان جي قرضي ٿيڻ ۾ واڌارو ٿيو. والده جي وفات کان هڪدم پوءِ منهنجي والد کي مدي جو بخار ٿيو. ٽن هفتن تائين هو بستري تي رهيو ۽ ڳري هڏا تي ويو ۽ ڪم ڪرڻ جهڙو نه رهيو. منهنجي ڏاڏي جمعي نماز تي،

جماعت وسيلي، الله سائينءَ کان سندس صحتيابيءَ لاءِ دعا گهرائي ۽ خيرات ڪرڻ جي باس باسي. هن پيري اسان هڪ سانُ ڪُنو ۽ چانور ۽ گيهه اڏارا ورتاسين. اسان جي ڳوٺ جو هر مسلمان، هندو دڪاندار مرچو مل ڪانِ انهن موقعن لاءِ اُهي شيون اوڌر تي ونندو هو. منهنجو ڏاڏو سندس ڏکهي حياتي ۽ آسودگيءَ لاءِ دعاگو هوندو هو ۽ چوندو هو ته "جيڪڏهن هي مسلمان هجي ها ته ضرور بهشت ۾ وڃي ها. پر اي خدا! تون هن ڪافر تي دوزخ جي تڪليف ۾ گهٽتائي ڪجانءِ."

اسان جي ڪٽنب تي شامت آئي، جو مون کي ٻيهر مدي جو بخار ٿيو ۽ 21 ڏينهن بستري تي پيو رهيس. منهنجي ڏاڏي وري دعا گهري ۽ هڪ پاڏو ڪُهي ڳوٺاڻن کي کارايائين. ان وقت تائين مون کي حسابن جي ڪافي ڄاڻ اچي وئي هئي. مون پنهنجي فصلن مان آمدني، ٻجن، آبياني، ڍل ۽ ڍڪڻ، حجم، ڪنير ۽ لوهار وغيره جي آهت ۽ گيهه وغيره مان آمدنيءَ جو نتيجو ڪڍيو. مون سوچيو ته 15-12 مهينن ۾ چئن خيراتن تي ڪيل خرچن واري رقم مان بابو مون کي هاءِ اسڪول ۾ پڙهائي سگهيو ٿي. مون پاڻ سان انهن موقعن تي اجائي خرچ نه ڪرڻ بابت واعدو ڪيو. حقيقت ۾ سخاوت، خدا ترسي، دينداري ۽ وڏائيءَ جي بهاني تي، اهو عمل غريب سماج ۾ غريبن کي وڌيڪ غريب ڪرڻ جو ڪارڻ هو. غريب هڪٻئي جا وڌيڪ حريف آهن، بنسبت شاهوڪارن جي، جن کي هو پنهنجي غربت جي سطح تائين گهٽائي نٿا سگهن. انڪري غريب انهن ٻين غريبن کي ترقي ڪندي برداشت نٿا ڪن ۽ بهاني ڪُبهاني، ديناريءَ جي نالي ۾، کين مقروض ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا.

# ڳوٺ ۾ ٻاهريان آيل مهمان

جيڪڏهن ڪو ٻاهريون ماڻهوءَ ڪنهن ڳوٺاڻي وٽ مهمان ٿِي آيو ته اڪثر ماڻهو ان سان ملڻ ويندا هئا ۽ ويهي هن کان سندس ڳوٺ ۽ پاڙيسرين بابت خبرون وٺندا هئا، ۽ اهي وري نوان احوال ٻين کي ٻڌائيندا هئا. ٻعضي ڪنهن ننڍي سرڪاري ڪاموري، مثال طور سپاهي، تعليم وارو صاحب، زرعي معاون، حيوانات جو عملدار، ٽُڪن وارو وغيره، اچن ته ڳوٺ جا ماڻهو ۽ ٻار گڏ اچي مڙندا هئا. مختيارڪار وڏو عملدار ليکبو هو، جيڪو ڳوٺ جي آباد زمين جو فقط معائنو ڪندو هو. هن جي آمد کان اڳ مُڙئيون ميزون، ڪرسيون، پيتيون، گهوڙيون (ڪاٺ جون) وغيره انن تي اٿبيون هيون. هي حڪمران طبقي کي محڪومن، ڪٽن، منجن، تڏن يا پَٽ تي ويهڻ وارن کان الڳ رکڻ لاءِ انگريزن جو هڪ طريقي ڪار هو. مختيارڪار ٽئين درجي جو جَجُ به هو، جيڪو مقدمو هلائي ڏوهين تي ڏنڊ وجهي سزائون ڏئي سگهندو هو. انهن اختيارن جي ڪري هو ڍل ۽ آبيانو سولائيءَ سان وصول ڪري سگهندو هو. منهنجي ننڍي هوندي ڳوٺ ۾ جيڪي مختيارڪار آيا سي سڀ هندو هئا، پر مسلمانن کان بدظن نه هئا. جيڪڏهن فصل گهٽ ٿيندو هو ته مستحق آبادگارن کي ڍل معاف ڪري ڇڏيندا هئا. ڳوٺاڻي زندگي بنان ڪنهن گهٽي جهنجهٽ جي سولي گذرندي هئي.

مون کي اها زندگي ننڍي لاڪون پسند نه هئي ۽ ڪنهن ڏينهن ان مان

نڪري ڪنهن تازي ماحول مان واسجڻ جو پڪو ارادو ڪري چڏيو هئم. جڏهن مان پڙهڻ ڪان واندو هوندو هئس، تڏهن تفريح ڪاڻ تازي هوا خاطر ڳوٺ جي چوطرف آباد ۽ غيرآباد پيل زمينن ڏانهن نڪري ويندو هئس. اتي جا وڻ، ٻوٽا، گاهه، ڊِپ، گل، جيت، ننڍا جانور، مطلب تہ ڳوهون، ڏيڏر، ڪميون، ڪئا، وغيره منهنجي لاءِ هڪ قدرتي ميوزم (Museum) هئا.

# ڳوٺ جي صحت جي پرگهور

سنڌ جي ٻين ڳوٺن وانگر اسان جي ڳوٺ ۾ بہ ماڻهن جي صحت جي پرگهور لاءِ سجاڳي خير ڪا هئي. جيتوڻيڪ ڪي ماڻهو باخبر هئا، پر انهن بہ ٻي ڌياني اختيار ڪئي، جيڪا تہ ماڻهن جي صحت سنڀال ڏانهن آماده ڪرڻ لاءِ خاص ڪوشش ۽ تربيت جي ضرورت هئي. ڳوٺ جي پٽين وغيره ڏاهڻ لاءِ ڪنيل مٽيءَ جي ڪري ٽي وڏيون کڏون ٿي ويون هيون. انهن مان بہ سارين جي سمر ۽ برسات جي پاڻيءَ سان ۽ ٽين اونهاري ۾ پاسي وارين زمينن جي سيلابي پاڻيءَ سان ڀربي هئي. پوئينءَ ۾ چاڪاڻ تہ تازو پاڻي هوندو هو، انڪري هن ۾ سرءُ دوران مڇي ٿيندي هئي. پوءِ تازي پاڻي نہ ملڻ ڪري پاڻي سڪڻ کان بہ مهينا اڳ پاڻي گندو ٿي ويندو هو ۽ مڇيءَ جي شڪار جو مزو بہ ختم ٿي ويندو هو. ڪي ماڻهو رڌڻي ۽ گهر جو ٻُهر بہ ڀرين ٻن (کڏن) ۾ ڦٽو ڪندا هئا. اڄ 2002ع ۾ ڳوٺ ۾ ويس ۽ اتي هڪ کڏ اڃا بہ موجود هئي.

نومبر جي پڇاڙيءَ تائين سڀ کڏون ڏيريون ۽ مڇرن ۽ مکين لاءِ مرغوب مقام ٿي پونديون هيون. ان وقت مليريا وبائي صورت ۾ پکڙبي هئي. گهٽن ماڻهن کي سبب معلوم هو، پر ڪوبہ انهن کي ڀرڻ لاءِ ڪوشش نہ ڪندو هو. چوپايو مال ماڻهن جي ڀر ۾ رهندو هو، انڪري انهن کي ڪارائڻ، ڏهڻ ۽ چوريءَ کان بچاءَ جي سهولت تہ هئي، پر اهي گهر ۾ بيماريءَ جو سبب بہ هئا. چوپاين لاءِ گهرن کان ٻاهر اجهو مهيا ڪرڻ لاءِ ڪابہ

گڏيل ڪوشش ڪانہ ھئي. اھا صورتحال مھر ڳڙھہ ۾ اٽڪل 8500 سال اڳ ۾ شروع ٿي، پر وقت آھر سڌارو ڪونہ ٿيو. چڱو ٿيو، جو اسان جي ڳوٺ ۾ زميني پاڻي کارو ھو ۽ کوھہ ۽ کھيون نہ ھيون، نہ تہ ھو نلڪو، ۽ کوھہ بہ ماحول جي سيمي سبب گندا ٿي وڃن ھا. ماڻھو پنھنجي گھر جو گند بھرحال پرواري گھٽيءَ جي پٽين پر ۾ اڇلي وچ تي سوڙھي ترائي ـ ڇڏيندا ھئا، جنھن مان برسات جو پاڻي خارج ٿيندو ھو. ھن گند مان مينھن جي پاڻيءَ تي ڪنن آنن يا ڀونڊ جھڙي بدبوءِ پيدا ٿيندي ھئي. اھا بوءِ ڪچري جي جزن جي ڳرڻ سبب ايندي ھئي. اُن تي مکيون ۽ مڇر بہ مست ھوندا ھئا. برساتن کان پوءِ ھر سال ڪنھن نہ ڪنھن وبائي بيماريءَ جو اچڻ بہ لازمي ھو. ٻاھرينءَ پٽ سان ڦٽي ڪيل ڪن ڪچري ۾ مٽي، ٺڪراٺو، ڪک پن، ڪاٺين جا ذرا، ڇار، ٽڳڙيون، ٻاراڻي ڪرفتي وغيره شامل ھوندا ھئا. جيئن تہ ڪچرو پٽين جي پاسن سان اڇليندا ھئا، انڪري اصل ۾ ڏاند گاڏين جي لنگھڻ لاءِ ٺھيل گھٽيون، جيڪي مون ٻھريان جڏھن ڏٺيون ھيون، ان لاءِ پوءِ ڪارگر نہ رھيون ھيون. گھرن ٺاھڻ وقت بہ پيڙھہ جي مٿي اتي ڇڏي ڏبي ھئي. اھڙيءَ ريت ڪنھن بہ گھٽيءَ جي سڌائي مينھن جي پاڻي نيڪال ڪرڻ جھڙي نہ ھئي. ڳوٺاڻن کي صاف سٿري رھائش لاءِ آماده ڪرڻ واسطي اڳواڻي ۽ شروعات ڪرڻ جي کوٽ ھئي. ڳوٺ جي صحت لاءِ گڏيل ڪوشش جو فقدان ھو ۽ ماڻھو پنھنجي گھرن جي اڳين ۽ پوين گھٽين جي مسئلن ۾ سوگھا ھئا. اجتماعي ڪوشش طور رڳو پنھنجي گھرن جي ڪچري جي ٻاھر اڇلائڻ سان ڳوٺ جون ٽئي ڪڏون ٻن سالن ۾ پري ٿي سگھيا، پر تنگدلي، ذاتي گھرو جھيڙا، تعصب ۽ معقول رھبريءَ جي کوٽ، روڳي ماحول اِھي سبب ھئا. جن ڳوٺن ۾ ڪو-سگھارو وڏيرو ھو، تنھن بہ پنھنجو گھر تہ صاف رکيو، پر باقي ماڻھن کي اسان جي ڳوٺ وانگر گندو رھڻ ڏنو.

سج لٿي بعد ڪا روشني نه هوندي هئي. رڌ پچاءَ ڪندڙ عورتن لاءِ ڪاٺين جي باهه جي روشني هئي. لالٽين ٿورا هئا ۽ گاسليٽ مهانگو هو. هر ڪنهن وٽ سرنهن يا ڄانيي جو تيل موجود هو جو ٻٽ، منهن ۽ وارن کي مکبو هو. ٻچيل تيل جيڪو شيشي جي بوتل وسيلي مال کي ڏُڪ ڏبو هو، بعضي ضرورت مهل ڏيئي ۾ ٻاربو هو. سج لٿي بعد مسجد جي ملن ۽ اوطاق ۾ چلم ڇڪڻ وارن ڪانسواءِ گهٽو ڪري هر ڪو وڃي گهر هَڪيو ٿيندو هو. رات جو ماڻهو ايترا ته ويچارا هئا جو ملان الله در ٻاڏائيندا هئا ته سج ٻئي ڏينهن وقتائتو ايرندو رهي.ڪين پڪ ڪانه هئي ته سج ايرندو يا نه. اڳئين زماني ۾ ماڻهن ۾ ايترو شڪ هو جو سج جي پوڄا شروع ڪيائون ته متان نه ايري ته وڻ ۽ ٻوٽا ٿيندا ئي ڪونه. شڪار ڪرڻ وارا جانور مري ويندا ۽ اسان کي کاڌو نه ملندو. ان کان وڌيڪ ملن کي ڪابه خبر نه هئي.

ان ڪانسواءِ گهر جا پاڻيا، واڙي جو ڪچرو، روزانو گهٽين ۾ گڏ ٿيندڙ کهڄر، اولڙ. گهٽين ۾ ڪيل ٻارن جو پائخانو، گهرن جي چوڌاري ڍنگهرن جا لوڙها ۽ انهن جو ڪَنو لوڙها، نانگن، وڇن، ڪوئن، ڪرڙين، ڳوهن، ڏينين وغيره جا آماجڳاهه، ۽ لوڙهن کي وقت بوقت لڳندڙ باهيون به عام هيون.ڳوٺن کي ٺاهڻ ۽ سڌارڻ لاءِ ڪن رهبرن جي ضرورت آهي، جيڪي اسين پيدا نه ڪري سگهيا آهيون.

گهٽين ۾ گند ۽ ڪچري جي ڪري وبا پکڙجي ٿي. 1917ع واري ايشيائي وبائي زڪام (Asian flue) جي ڪري ڀهراڙيءَ ۾ چاليهه ۽ شهري آبادي جو ويهه سيڪڙو ماڻهو موت جو شڪار ٿيا. جڏهن ته 1921ع جي آدم شماري 1911ع جي آدمشماريءَ کان گهٽو گهٽ هئي. آباد زمين جي ايراضي گهٽجي وئي، جو هاري ڪونه هئا، پر اسان ان هوندي به سبق نه سکيو. 1929ع واري هيضي ۾ ڪيترين اهم شخصيتون اجل جو شڪار ٿيون، جن ۾ مامو محمد نواز، سماجي

ڪارڪن ۽ تحريڪ خلافت جو ذميوار رضاڪار، جو ماڻهن کي در در وڃي هيضي کان بچائي رهيو هو، سو به موت جو نشانو بڻيو. ڏهه سال بعد به جڏهن آءٌ ميهڙ هاءِ اسڪول جي شاگرد هاسٽل ۾ رهندو هئس، ڳوٺن ۾ هيضي تباهي مچائي ڇڏي. ايتري بار بار جاني نقصان ٿيڻ جي باوجود به سنڌ جي ڳوٺن ۾ غربت، قابل ترس رهڻي ڪهڻي، وهمن، قسمت جي عقيدي ۽ وچين درجي واري سماج جي نه هئڻ ڪري، صحت ۽ صفائيءَ ۾ واڌارو نه آيو ۽ نه وري ڪا موزون ڪوشش ٿي آهي. گورنمينٽ آفيسن ۾ ته رشوت حد تي پهتي آهي، پر گهٽيون اين.جي.اوز به انهن کان زياده رشوت ۽ ٺڳيءَ ۾ مبتلا آهن، ته پوءِ دانهن ڪنهن کي ڏجي.

# بيماريون، ٽوٽڪائي، حڪيم،
# ٽڪن وارا ۽ ڊاڪٽر

ڳوٺ جو غير صحتمند ماحول هميشه موت جو ڪارڻ بڻبو هو. تنهن ڪري گهڻين بيمارين جو گهر گهر ۾ واهيرو هو. ماڻهن وانگر پاليل جانورن ۾ به اوتريون ئي بيماريون هيون. ويجهي ۾ ويجهي ماڻهن ۽ جانورن جي اسپتال 11 ميل پري دادوءَ ۾ هئي. تنهن عام بيمارين تي ڪوبه ڌيان ڪونه ڏيندو هو، پر جڏهن ڪو ڪٽ تي پئجي رهندو هو، تڏهن ڳوٺ جي ملان سان مشورو ڪبو هو، جيڪو تعويذ يا پڙهيل پاڻي ڏيندو هو، جو منتر جو ڪم ڪندو هو. ان مان فائدو لازمي نه هو پر ليس ۽ ٽڙيءَ جي سور وغيره جهڙيون تڪليفون وقت سان ڇڏي ويندِيونِ هيون، انڪري تعويذن ۾ اعتقاد هوندو هو. هونءَ به چوڻي آهي ته زڪام لاءِ ڊاڪٽر وٽ ويندئو ته ستن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندئو، پر جي ڊاڪٽر وٽ نه ويندا ته پوءِ ٺيڪ ٿيڻ ۾ هڪ هفتو لڳندو! جيڪڏهن ڪنهن به بيماريءَ مان به فائدو نه ٿيو ته پوءِ ڀهراڙيءَ جا ڏس پڇبا هئا. علاج سبب نه، پر جسماني قوت مدافعت (Resistence of body) جي ڪري انهن مان ڪڏهن ڪي فائدو به ڏيندا هئا. اڳيون ڏاڪو ڪنهن ٽوٽڪائي يا نيم حڪيم وٽ ڦاسڻ جو هو. محمد صديق نالي هڪ نيم حڪيم اسان جي ڳوٺ ۾ به هو. هن وٽ ڪي سنڌي، فارسي يا اردو جا ڪتاب هئا ۽ نيم

حڪيم هو. هن سنڌيءَ ۾ لکيل حڪمت جو هڪ ڪتاب منهنجي ڏاڏي کي موڪليو، ته ان مان هو پنهنجي جيري جي سرطان ۽ لڳاتار هڏڪيءَ جو علاج ڳولي ڪڍي. منهنجو پيءُ ۽ ڏاڏو ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهن ڪتابن مان بهتر علاج تلاش ڪندا رهيا پر ڪوبه حيلو ڪارگر نه ٿيو ۽ همراهه گذاري ويو. پنهنجي ڪتابن جي ڪري هي اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ سياڻو سمجهيو ويندو هو، پر تسليم ٿيل حڪيم نه هو. وڏي لاچار جي مهل ماڻهو سرڪاري اسپتال ڏانهن ويندا هئا ۽ سمجهندا هئا ته چڻ موت جي منهن ۾ وڃڻو آهي. مِثلُ مشهور هوندو هو ته "اسپتال ۾ وڃڻ ۽ قبر ۾ وڃڻ ۾ ڪو فرق ڪونهي." حقيقت اها هئي ته اسپتال ۾ مرڻينگ بيمار وٺي وجبا هئا، انڪري اتي گهڻا ماڻهو مري ويندا هئا. پنهنجي ننڍپڻ ۾ مون مليريا لاءِ ڪُنين جي بخار لاءِ ڪرشمو ڏٺو هو، انڪري منهنجو ڊاڪٽري علاج ڏانهن پختو لاڙو هو ۽ ٻين علاجن کان پاسو ڪندو هئس. مان هڪ سال کان به ننڍو هئس جو مون کي ماتا جا ٽڪا لڳا. ستن سالن بعد اسڪول جي سيني ٻارن کي ٽڪن هڻڻ لاءِ سيتا ريلوي اسٽيشن کان هڪ ٽڪن هڻڻ وارو آيو، چو ته ان وقت ماتا پکڙجي وئي هئي. مون خوشيءَ سان ٽڪا هڻايا. گهڻن ٻارن انڪار ڪيو، جن کي زوريءَ يا سرچائي هڪ ڪوڪي جهڙي اوزار سان ٽڪا هنيا ويا. منهنجا ٽڪا ڪونه پڪا، پر ڪن جا پچي پيا ۽ هفتي ڪن لاءِ بخار ٿي پين. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ٽڪن هڻڻ واري ڪوڪي کي هن ابريل پاڻيءَ يا اسپرٽ ۾ صاف نه ٿي ڪيو ۽ هڪ ماڻهوءَ جون بيماريون ٻين کي پئي ڏنيون. مون کي بخار نه ٿيو، جو آءٌ پهريون ئي شاگرد هئس ۽ ڪوڪو تازو اُباريل پاڻيءَ ۾ صاف ٿيل هو. مون کي پڪ ٿي ته اهو اپاءُ اثرائتو هو.

1931ع ۾ سنڌ ۾ ڪالرا پکڙي ۽ دادوءَ کان هڪ ڊاڪٽر آيو، جنهن ڳوٺ جي سيني ٻارن ۽ وڏن کي ٽڪا هنيا. هن سواءِ سئي بدلائڻ جي

قطار ۾ بيٺل ڏهن ماڻهن مان هرهڪ کي دوا پيريل پچڪاريءَ مان هڪ هڪ ملي لٽر جي سئي هنئي. بابو مون کي دير سان شام جو وٺي ويو، جڏهن عوام الناس کي تڪا لڳي چڪا هئا ۽ پوءِ نئين پيريل پچڪاريءَ مان جيوڙن کان پاڪ سئي هنيائين. ٻئي ڏينهن اڌ ماڻهن کي بخار ٿي پيو. اهو پهريون اتفاق هو جو ڳوٺائين عورتن ڪنهن مرد ڊاڪٽر کان سيون هٽايون هيون. هو سڀ مامي محمد صالح جي گهر ۾ گڏ ٿيون ۽ سُيون اول سندس ماءُ، زال ۽ ڀيڻ کي لڳيون ۽ سئي لڳائيندڙ مرد هو. محمد صالح جي مهرباني جنهن 19 سالن جي عمر ۾ اهو محسوس ڪيو ته عورتن جو علاج ڪرائڻو آهي، پوءِ چاهي مرد ڊاڪٽر چو نه هجي.

1933ع ۾ امڙ جي وفات بعد بابي کي مدي جو تپ ٿيو. ڇهه ميل پري کان حڪيم گهرايو ويو. هن کي دوائون ڏنيون ۽ ٿوري کير ۽ کنڊ کانسواءِ کاڌو بند ڪرايو. حڪيم ٽن هفتن تائين ٻئي ٽئي ڏينهن ايندو رهيو ۽ بابي جي صحتياب ٿيڻ بعد هن 30 دوائن ۽ 20 معائنن جا 50 روپيا ورتا. منهنجو چاچو ڪيس اڏاري ورتل گهوڙي تي وٺي ايندو هو. ان کانپوءِ وري مون کي مدي جو بخار ٿيو. ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويو ۽ مان 21 ڏينهن بستري تي رهيس. ٽيو حملو منهنجي مامي نور محمد تي ٿيو. جنهن کي دادوءَ مان ياڙي جي موٽر ڪار تي 50 روپيا في ڏٺي ڊاڪٽر آندائون. مامي کي 20 ڏينهن بستري تي رهڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ چيو ويو. هو ڏاڍو هيٺو ٿي ويو هو. ڏهه سال گذرڻ بعد به هو بخار جي ڪري پيدا ٿيل ڪمزوريءَ جي شڪايت ڪندو هو. پر حقيقت ۾ ڪيس مدت کان پراڻي .مليريا (Chronic maleria) هئي، ۽ سندس تِلي (Spleen) وڏي وئي هئي جيڪا سندس ڪمزوريءَ جو سبب بڻي.

جولاءِ 1935ع ۾ مون کي حاجي الله ورائي جي ڪتي چڪ پاتو. مڪاني ڏس هو ته ڪُتيل ڳاڙها مرچ مٿان ٻرڪي پٽي ٻڌجي. ان سان ٽنگ خراب ٿي پئي ۽ ٻه هفتا بعد ميهڙ ۾ سرڪاري ڊاڪٽر عبدالرسول

ابڙي کان علاج ڪرايو ويو، جنهن ٻڌايو تہ وڏيڪ مرچن جو استعمال تنگ جي ڪنجڻ جو باعث ٿي سگهيو ٿي. پوءِ مون کي ايڏو خوف ٿيو، جو ٿوريءَ بہ تڪليف لاءِ ڊاڪٽر ڏانهن ويندو هئس. 14 سالن کانپوءِ ساڳئي ڊاڪٽر، پيرالاهي بخش جي پٽ کي، (جنهن کي بہ ٻار بہ هئا)، صغير قرار ڏنو هو، تہ جيئن وزير اعليٰ محمد ايوب کهڙي جو سالو عبداللطيف پنهور، صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ بنا مقابلي چونڊجي اچي. مان هن کي ڏوهہ نٿو ڏيان، ڇو تہ نئين نهيل پاڪستان ۾ حڪومت ماڻهن کان وڌيڪ طاقتور هئي. اسان وٽ جمهوريت پاڪستان ٺهڻ سان ئي پويان پير ڪري چڪي هئي.پنج سال اڳ هڪ آمريڪي ڊاڪٽر تصديق ڪئي هئي تہ صدر روز ويلٽ، جو چوٿون دفعو آمريڪا جي صدر جي چونڊن لاءِ اميدوار هو، سو 1949ع ۾ مدي پوري ٿيڻ تائين صحتمند رهندو، پر هو مورڳو حلف کڻڻ کان اڳائي مهينا پوءِ اپريل 1945ع ۾ وفات ڪري ويو. اها وري هئي اتي جي جمهوريت جي حالت.

مامو محمد صالح ڳوٺ ۾ اچڻ وارن مڙني حڪيمن سان رابطي ۾ رهندو هو. اسان جي ڳوٺ وارن جي پير حبيب الله جو ڀاءُ پير معين الدين سندس گهاٽو دوست هو. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، جنهن جي اثر هيٺ هو 1938ع ۾ لنواري حج جي خلاف رضاڪار رهيو هو، بہ سندس دوست هو ۽ اسان جي ڳوٺ جي ڇهن ٻين ماڻهن سميت مامو جيل بہ ويو هو. سنگت ۾ هو لاڙڪاڻي واري حڪيم مُعيز وٽ بہ ويندو هو. انهن حڪيمن جي صحبت جي ڪري هن جامعہ طبيہ ڪاليج دهليءَ مان ٻن سالن وارو حڪمت جو ڪورس ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هو جولاءِ 1940ع ۾ ويو ۽ مارچ 1942ع ۾ موٽيو. هو 1930ع کان وٺي ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ويندو رهندو هو ۽ فلمون ڏسندو هو، انڪري اردو تمام سٺي ڄاڻندو هو. فلم سمجهڻ لاءِ درست اردو سکڻي هئي، جيئن 12 سال پوءِ مون کي بہ اهو ڪرڻو پيو. هن لاءِ اهو

آسان هو، چاڪاڻ ته لاڙڪاڻي واري مدرسي هاءِ اسڪول جي شاگرديءَ دوران موڪلن ۾ هن فارسي سکي هئي. هو اڏارن ورتل ڪتابن جي مدد سان ڳوٺاڻن جو يوناني طريقي تحت علاج به ڪندو هو. پر هن اهو محسوس ڪيو ته هو نيم حڪيم هو، انڪري وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ دهليءَ ويو. دهليءَ کان واپس ورڻ تي هن ٻڌايو ته اتي به يونانيءَ سان گڏ ڊاڪٽري علاج عام ڪيو پئي ويو ۽ ڪيئن ڊاڪٽرن واريون دوائون پڻ حڪيم استعمال ڪندا هئا، جي سبق هن کي به پڙهايا ويا. مارچ 1942ع ۾ مون مئٽرڪ جو امتحان ڏنو هو ۽ ڪاليج جون ۾ کلڻا هئا، انڪري ٽن مهينن تائين مون سندس ڪيترا درسي ڪتاب، اردو زبان ۾ علم بدن، ارٽميٽڪ ۽ مرض پڇاڻ، وڌيڪ عام ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهيا ۽ انهن مون کي اردو سکڻ ۾ مدد ڪئي.

علم حڪمت ۽ ان جي تاريخ جي وڌيڪ مطالعي مان معلوم ٿيو ته يوناني ۽ آريا - ويدڪ (آيرويدڪ) دوائون بغداد جي عباسي خلافت دوران هڪ هنڌ استعمال ڪيون ويون ۽ ان جو نالو عربي حڪمت رکيو ويو، جيڪو حڪمت جي ڊگهي ابتدائي سلسلي جي ڪڙي هو. يونانين، مصر ۽ عراق جي دوائن مان سکيو. هڪ هزار ق م کان 300 ق م تائين، يونچ سمنڊ جي واپار تي يوناني تاجرن جي هڪ هٽي هئي، جنهن ۾ ڪجهه عرصو هي فنيقين (الجيريائي ۽ لبيائي) سان به شامل هئا. پر 200 ق م کان 200ع تائين سندن ڏکڻ ايشيا ۽ گهٽ ۾ گهٽ 200 ق. م کان 60ع تائين لاڳاپا رڳو سنڌ جي باربيڪان بندر (ڀنڀور) رستي هليا. اهڙيءَ ريت ان عرصي ۾ يونانين هندستاني طريقي جي علاج مان پرايو. ٻئي طرف عربن جا چين ۽ جاپان سان به واسطا هئا، انڪري اتان جي طبابت مان به عربن ڪجهه حاصل ڪيو.

محمد صالح عربي طريقو سکيو ۽ ڪجهه ڊاڪٽري علاج جو سهارو به ورتائين. 1942ع کان 1948ع تائين نه رڳو اسان جا ڳوٺائي پر پرپاسي

وارا به عطائي حڪيمن جي ور نه چڙهيا. جيئن ته هو پاڻ وڏو ماهر نه هو، انڪري ڏکيائين وقت بيمارن کي دادو، لاڙڪاڻي يا ڪراچيءَ جي اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ڏانهن وٺي ويندو هو، جنهن مان هن جو تجربو ۾ ڄاڻ وڌندي وئي. پنهنجي دهليءَ وارن استادن وانگر هي اهڙيون ڊاڪٽري دوائون استعمال ڪرڻ لڳو جيڪي زود اثر ۾ ٻيءَ ڪنهن حالت ۾ نقصان ڪار نه هجن. هن ڪنهن سان به ڌوڪو نه ڪيو. 1948ع ۾ هو دادوءَ وچي آباد ٿيو، ڇو جو سرطان جي مرٽينگ زميندار جيڪو آٺ - ڏهه ڏينهن جو مهمان هو، تنهن کيس گهرايو هو ۾ وڏي في ڏيڻي ڪئي هئي. حڪيم محمد صالح مون کي ٻڌايو ته زميندار چوي ٿو ته جيڪڏهن هو صحتياب ٿيو ته 50 هزار روپيه (اٽڪل 1250 تولا سون يا اڌ زمين) کيس ڏيندو. هن ان شرط تي سندس علاج ڪرڻ قبوليو ته معاوضو چڱي ڀلي ٿيڻ بعد وٺندس. هن ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن هي انڪار ڪندو ته هو بيوسيءَ ۾ ڪنهن نيم حڪيم کي پنهنجي سموري ملڪيت ڏيئي ڇڏيندو. سندس نسخو هو ته بالغ ۾ جوان شينهن، جنهن کي ڪو ڦٽ وغيره به جسم تي نه هجي، سو زنده پڪڙائي آڻين. آءُ ان جي جيري مان حصو الڳ ڪري بيماري ڇڏائڻ واري دوا تيار ڪندس! زميندار کي شينهن بابت ڄاڻ نه هئڻ جي ڪري هن پنهنجا ماڻهو جوهيءَ وارن جبلن ڏانهن شينهن قاسائي اچڻ لاءِ موڪليا. پر هو (مريض) ماڻهن جي جبلن ۾ پهچڻ کان اڳ ئي فوت ٿي ويو. هن اها ڳالهه پنهنجي دادوءَ وارن سيني دوستن کي ٻڌائي، جن کيس چريو ڪوٺيو. ڄاڪاڻ ته هو سولائيءَ سان زميندار کان پنج - ڏهه هزار اڳواٽ وٺي سگهيو ٿي.

1935ع کان پوءِ مان ڪڏهن به بيمار ٿي بستري تي نه پيو آهيان، ڄاڪاڻ ته معمولي بيماريءَ جي علامت ظاهر ٿيڻ تي مان بهترين ڊاڪٽر وٽ علاج لاءِ پهچي ويندو آهيان. منهنجا ٽي آپريشن ٿيا آهن، پر اِهو تڏهن جڏهن ڊاڪٽر (Physicians) علاج ڪري نه سگهيا. مون ڏٺو

آهي تہ اڌ جيترا ٻار ڄمڻ کان پنجن سالن جي عمر تائين فوت ٿي وڃن ٿا. اڪثر سنڌي مزدور جي وفات 40-30 سالن جي عمر ۾ ٿئي ٿي. پنهنجي ٻنيءَ وارو خود ڪاشت هاري 45 سالن ۾ سرڪاري ڪامورو سبڪدوشيءَ کان پنجن سالن تائين زنده رهي ٿو. دانشور 80 سالن کان بہ وڌيڪ عمر ماڻي سگهي ٿو. منهنجو مامو 89 سالن تائين حيات رهيو.

# پرائمري اسڪول ۾ اسان

# جي تاريخ بابت ڄاڻ

پرائمريءَ جي چوٿين درجي ۾ تاريخ لازمي مضمون هئي. ماضيءَ بابت پڙهڻ ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ واري ڳالهه ڏاڍي دلچسپ هوندي هئي. منهنجي لاءِ اها سنڌ جي تاريخ جي اڀياس جي شروعات هئي. خود تاريخدانن کي پڻ ان جي گهٽ ڄاڻ هئي. اڪثر جو بنياد مرزا قليچ بيگ جي 'چچ نامي' جي ترجمي، 'تاريخ معصومي' ۽ 'تحفة الڪرام' تي هو. تاريخ ۾ مهاڀارت جون ڪجهه ڪهاڻيون شامل هيون، موهن جي دڙي ان کي وڏي قدامت عطا ڪئي، جنهن جو اڳ تصور به ڪونه هو. ان ۾ ليڪن نيپيئر هٿان سنڌ جي فتح ۽ سنڌ جي مختلف ڪمشنرن جا نالا به شامل ڪيا هئا. سکر بئراج جي وڏي ڳالهه هئي. عام معلومات ۾ استاد اسان کي هندستان جي گورنر جنرلن، بادشاهن ۽ راڻين، بمبئي پريزيڊينسيءَ ۽ ڪن طاقتور ملڪن جي سهيوڳي حڪمرانن جا نالا ياد ڪرائيندا هئا. اڳتي هلي مون سنڌ جي تاريخ جو اڀياس گهٽ ڄاتل وسيلن ذريعي ڪيو ۽ اهو محسوس ڪيو ته ان جو سونهري دور مغلن وارو دور نه پر راءِ گهراڻي (499 کان 641)، عرب ۽ هباري سنڌي (854 کان 1011)، سومرا (1011 کان 1351) ۽ سما (1352 کان 1522) وارا دور آهن. ڪلهوڙا خاندان وارو دور ملڪ جي اقتصاديات

سڌارڻ واري جدوجهد ۾ لنگهيو. ٽالپر اقتصاديات کي سڌاري ڪونہ سگهيا ۽ انگريزن جي حملي جو ڪاڄ بنجي ويا.

منهنجي 81 سالن جي عمر جي هن بالغ دور ۾ راءِ آهي تہ سنڌ جي 5500 سالن جي تاريخ ۾ سڀني ۾ سٺو دور انگريزن جي ڏينهن وارو هو، جنهن ۾ عام ماڻهوءَ کي ڪجهہ ڇوٽڪارو حاصل هو. مٿئين طبقي جا زميندار سيٺي پنهنجي فطرت ۾ ڏاڍا جابر هوندا هئا، پوءِ انهن جا درجا ڪٽي ڏار ڏار هئا. سڀ کان وڌيڪ جبر وارو مغلن جو دور هو، جنهن ۾ هاري زمين سان سلهاڙيل هوندو هو. زمين ڇڏي ڪونہ سگهندو هو. ڪيس پيدائش جو اٽڪل اڌ محصول ۾ ڏيڻو پوندو هو. محصول ڏئي ڪونہ سگهندو هو تہ ان جي اوڳاڙيءَ لاءِ ڪيس ماريو ۽ جسماني تشدد جو نشانو بڻايو ويندو هو. سندس زال ۽ ٻارن کي غلام ڪري وڪرو ڪيو ويندو هو. اُنهن جي گورنر کي فوجي پوليس، عدالت توڙي محصول مڙهڻ جا اختيار حاصل هوندا هئا. هُن کي واهن جو پاڻي ڏيڻو هو پر هو واهن جي سار سنڀال لهندو ئي ڪونہ هو. ماڻهن کي تعليم کان محروم رکيو ويو ۽ پرامن، قانون جو احترام ڪندڙ ۽ محصول ادا ڪندڙ عام رعيت لاءِ امن جي ڪابہ ضمانت ڪانہ هئي. قانون هو تہ سهي پر حاڪم ان کي ورلي لاڳو ڪندو هو. موهن جي دڙي واري دور ۾ قانون هئا پر انهن بابت گهٽي خبر نہ هئي ۽ اپنشدن مان ڄاتو ويو هو تہ سنڌو تهذيب جي ماڻهن جو عقيدو ويدن وارن ماڻهن وارو هو. چوٿين صدي ق.م ۾ ”ڪوشليا“ جي لکيل ارٿ شاستر جي ٽئين ڪتاب ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ قانوني سرشتو اڳي ئي منجهيل هو، پر هن ان کي منظم ڪيو ۽ ان کي رياست جو ضابطو قرار ڏنو، جنهن ۾ فوجداري توڙي ديواني ٻنهي قسمن جا قانون اچي ٿي ويا. اهو سرشتو ذات پات واري نظام جي حمايت ۾ هو، جيڪو ان وقت تائين ايڏو جبر وارو ڪونہ هو. ان ۾ بيوه زالن جي شاديءَ جي اجازت هئي ۽ عورتن ۽ شودرن کي ڪجهہ حق حاصل هئا.

وقت ساڻ گڏ ان ۾ تبديلي آئي ۽ نون قانونن ۾ ذات پات واري سرشتي کي سخت ڪيو ويو، عورت کي ڪوبہ حق حاصل ڪونہ هو ۽ ستي توڙي ٻيون ڪيترون ئي اهڙيون انساني حقن جون دشمن رسمون شروع ڪيون ويون هيون. مغلن پڻ خاص ڪري ذات پات وارو نظام هتي جي ماڻهن کان نقل ڪيو.

انگريزن رومن قانونن جي آڌار تي بدل قانوني سرشتو جاري ڪيو ۽ عدالتن خاص ڪري ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽن، صوبائي هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽ کي انتظاميہ کان علحده ڪري خودمختيار بنايو.

بهرحال مختيارڪار، اسسٽنٽ ڪليڪٽر (اسسٽنٽ ڪمشنر) ۽ ڪليڪٽرن کي مئجسٽريٽ جا ڪجهہ اختيار حاصل هوندا هئا، جن سان انهن کي ڏلون اوڳاڙڻ ۽ امن امان قائم رکڻ ۾ مدد ملندي هئي.

مطلب تہ هندوستان ۾ انگريزن جي لاڳو ڪيل قانون ۾ ذات، نسل، رنگ توڙي جنس جو ڪوبہ مت ڀيد ڪونہ هو. عورتن جا ڪجهہ مردن جهڙا حق هوندا هئا. انگريزن جي هتي مذهبي عقيدن ۾ دخل اندازي ڪانہ هوندي هئي ۽ انهن هندو توڙي مسلمانن کي ورثي جي سندن عقيدي موجب اجازت ڏني هئي. انهن ”ستيءَ“ کي قتل ڄاڻائي بند ڪيو. ”ڪاروڪاريءَ“ کي قتل سمجهيو ويندو هو ۽ اهڙو ئي ڪيس هلندو هو. مسلم قانون ۾ پيءُ جي ملڪيت مان ڌيءَ کي پٽ جي حصي جي اڌ جيترو حصو ملندو آهي.انهيءَ ساڳئي قانون موجب ورثي بابت پيءُ ۽ ماءُ جي وصيت جي ڪابہ اهميت ڪانهي ۽ ٻارن کي متئين قانون موجب ئي حصو ملندو آهي. هندستان ۾ عورتن کي ورثي جو حق، خود انگلنڊ ۾ عورتن کي ان حق ملڻ يعني 1880ع کان 20 سال اڳ مليو. سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڀرتي لياقت جي بنياد تي ٿيندي هئي. ساڳي ڳالهہ تعليم ۾ لاڳو هئي، ايستائين جو اڇوتن کي بہ انهيءَ حق کان محروم ڪونہ ڪيو ويو.

مون کي پوري خاطري آهي تہ 5500 سال آمريءَ واري دور کان وٺي عام ماڻهوءَ لاءِ فياضيءَ وارو فقط انگريزن وارو دور هو ۽ 1947ع ۾ خودمختياري اچڻ سان فرد جي آزادي وڃائجي وئي. جابر مغلن جي جاءِ هتي جي جاگيردار، واڻيي ۽ سياسي وات ڦاٽوڙي اچي والاري آهي. ان ڪري مون سوچيو آهي تہ هتي آئون ڪن اهڙن اهم شخصيتن جون تصويرون شامل ڪيان، جن بابت مون پنهنجي پرائمري اسڪول وارن ڏينهن سمورن استادن کان گهڻو ٻڌو آهي. انهن استادن ۾ پياري ڳوٺ جو سائين غلام حسين ميربحر نهايت اهم هو. پاڻ رياضيءَ ۾ ڏاڍو پڙ هو ۽ ڪيترائي ڪتاب ۽ مخزنون پڙهندو هو ۽ اسان کي ڪلاس ۾ اهي پڙهي ٻڌائيندو هو. ڪن ڳالهين ۾ هو پراڻ پسند هو ۽ پاڻ اسان کي اهو سيکاريائين تہ ٽڪراءَ وارن معاملن ۾ فيصلو ڪيئن ڪجي. هو چوندو هو، ”پنهنجي زال سان صلاح ڪندا ڪريو، ان جي راءِ وٺو، پر جيئن اها چوي ان جي ابتڙ ڪريو، اهو ئي صحيح فيصلو هوندو!“

پاڻ اسان کي هيٺين شخصيتن بابت ڪهاڻيون ۽ آتم ڪٿائون ۽ انهن جو پس منظر ٻڌايو هئائين:

## آتم ڪٿائن جون تصويرون

گلئڊن اسٽون (449)، ڊسريلي (448)، جارج لائڊ (452)، چرچل، هٽلر، نهرو، اسٽالن، چئنبرلن، گانڌي (453-458) - مهاوير، ٻڌ، رام، سيتا، شو، وشنو، موسيٰ ع، ابراهيم ع، عيسيٰ مسيح ع، شاهہ امان الله، ظاهر شاهہ، چنگيز خان، (459-462)، نيپيئر (420)، ايلبرور (431)، ڪرزن (432)، نادر شاه (433)، لارڊ ارون، لارڊ ولنگڊن (470)، نيپيئر، آؤٽرام، پاٽينگر، مير صوبدار، مير نصير (420-424)، سنڌي سپاهي (466)، پادري بادشاه (469)، ڪولمبس (477-480)، واسڪوڊيگاما (475-477)، پيا مير صاحبان (487، 489، 491، 492)،

جيڪب، سکر بئراج، ڪمال پاشا (232)، وڪٽوريا (235)، روزويلٽ، فيوهرر هٽلر، فريئر (142)، مارڪس (305)، ابرهام لنڪن (239)، لينن (238)، جارج واشنگٽن، نيپولين، اڪبر، شاهه جهان، اورنگزيب، جهانگير، بابر، همايون، ڄام نظام الدين، يار محمد ڪلهوڙو، ميان نصير، ميان نور محمد، مراد ياب خان، غلام شاهه ۽ پيا ڪيترائي ڪمشنر.

# آءٌ ڪڏهن به چورو نہ ٿيندس

جڏهن آءٌ پرائمري اسڪول پڙهڻ ويس، تڏهن منهنجي ڏاڏي مون کي چيو، ”استاد مائٽن وانگر هوندا آهن، تون نيرن بعد انهن سان هوندين، هڪ ڪلاڪ کن لاءِ منجهند جو ايندين ۽ وري شام جو سج لهڻ کان اڳ ۾ اسڪول مان واندو ٿيندين. تون گهر ۾ سمهڻ کان اڳ رڳو چند ڪلاڪ گذاريندين ۽ اسان کان وڌيڪ وقت تون استادن سان هوندين. جيڪڏهن هو توتي مهربان هوندا تہ اسان سڀني کان وڌيڪ تنهنجو مستقبل هو ئي سنواري سگهندا. هنن جي عزت ڪر، هنن کي ٻڌ، سندس صلاح ڪَنن سان ٻڌ ۽ دماغ سان سوچ ۽ سندس چوڻ مڃ، تہ الله توتي رحمت ڪندو. استاد پيءُ وانگر هوندو آهي. اسين سڀ مرڻا آهيون، پر جيستائين تنهنجي استادن مان هڪ بہ زنده آهي تيستائين تون يتيم نہ آهين، بلڪ ٻار رهندين.“

مون پنهنجن استادن جي نيڪ نيتيءَ سان تابعداري ڪئي. مان صبح جو سندن پيرين پوندو هئس ۽ اها منهنجي زندگي جي خواهش ٿي وئي هئي. جيڪڏهن ڪنهن استاد مون کي پيرين پوڻ نہ ڏنو ٿي تہ مون کي خراب لڳندو هو ۽ مان ڪيس بي فيض ۽ مغرور سمجهندو هئس ۽ اهو بہ تہ شايد هو مون کي پسند نٿو ڪري. جڏهن مان هاءِ اسڪول ويس، تہ اتي استاد کي پيرين پوڻ جي منع هئي، پر نوڙي ملڻ، هٿ ٻڌي بيهڻ يا پوليس وانگر سلام ڪرڻ کان ڪونہ روڪيندا هئا. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جو

پرنسيپال ۽ فزڪس جو استاد مسٽر ٻُنّاٽي نهايت مهربان هو ۽ ڪلندو رهندو هو. پنهنجي رٽائرمينٽ وقت هن چيو ”منهنجي سڄي تعليمي دؤر ۾ رڳو هڪ اتفاق ٿيو، جو ڪو شاگرد موٽ ۾ نہ ڪليو ۽ مشڪيو هجي. ممڪن آهي تہ هو گهٽو لچارو هو، جو هو استاد کي دوست نہ پيو سمجهي.“ ٻيا استاد جيتوڻيڪ ڪاليج ۾ ڪافي سخت هئا پر مان جڏهن وٽن گهر ويس تہ نهايت مهربان ٿيا. هو هندو هئا پر نہ رڳو مذهبي فرق نہ ڪندا هئا، بلڪ منهنجي وٽن وڃڻ تي خوش ٿيندا هئا،ڇو جو اتفاقاً ڪو شاگرد وٽن ويندو هو. مان ائين محسوس ڪندو هئس تہ هو منهنجو ابو امان هُجن. مان اڪثر وٽانئس مسئلا حل ڪرائڻ يا درسي ڪتابن کان علاوه ٻيا ڪتاب وٺڻ لاءِ ويندو هُئس. جيتوڻيڪ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج توڙي اين.اي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج جا استاد پيرين پوڻ کي سٺو نہ سمجهندا هئا، پر جڏهن مان سندن گهر ويندو هئس ۽ عزت ڪندو هئس يا سندن اڳيان اٿي بيهندو هئس تہ هو ان کي شائستگي سمجهندا هئا.

آمريڪا جي تہ ڳالهہ ئي ٻي هئي. استاد ياروَيس ۽ عوامي هئا. سندن بي تڪلفيءَ سان همر آهنگ ٿيڻ ۾ مون کي ڏکيائي ٿي، پر وسڪانسن يونيورسٽيءَ ۾ هڪ سال دوران مان پروفيسر ڊي ڊبليو ڊفي ۽ هجامر برئون سان گهرو ٿي ويس. موٽ ۾ هنن مون کي ڪامياب انجنيئر بنايو.

ڏاڏي جا اهي الفاظ هميشہ منهنجي ڪنن ۾ ٻُرندا ڏيِ ڏيندا رهيا آهن تہ ”جيستائين تنهنجو آخري استاد زنده آهي، تون ٻار آهين ۽ جڏهن مري ويو تہ پوءِ تون يتيم ٿي ويندين“ حقيقت ۾ استاد بهترين راڪو ۽ فوري مائٽ آهي. اُستاد جي موت ڪانپوءِ ان جي يادگيري پرپائيندڙ ۽ حياتي دلاسوآهي. مان پنهنجن ڪن استادن کي وساري نٿو سگهان. جيتوڻيڪ سمورن جو ذڪر نٿو ڪري سگهان، پر مثال طور فقط ڇئن جو حال احوال ڏيان ٿو.

امڙ 1933ع ۾ وفات ڪئي. مون سان گڏ پڙهڻ وارن چيو تہ ”ماءُ مري تہ

ٻار اڌ يتيم يا ڇورو، پر پيءُ مري ته سچو ڇورو.“ پوک يا مال پالينڌڙ بابت اهو چوڻ درست هوندو پر مون لاءِ امڙ بابي کان وڌيڪ هئي، انڪري سندس موت سبب مون کي وڏو ڌڪو رسيو. امڙ کان پوءِ مون کي پڦيءَ جادو پاليو پر اُها به 1939ع ۾ فوت ٿي وئي. ميهڙ هاءِ اسڪول کان ڳوٺ پهچڻ تي مون کي زندگيءَ جو اهو ٻيو وڏو صدمو پهتو هو، جنهنڪري هفتو کن سخت غمگين رهيس. مان 14 سالن جو ٿيڻ وارو ۽ پڙهائيءَ ۾ رڌل هئس ته منهنجون ٻه پيٽون سچ پچ يتيم ٿي ويون. پڦيءَ هنن کي ڏاڍو پيار ڏنو هو، جو ڪين بابي جي پيءَ زال يا انهيءَ ويڳيءَ ماءُ جي به ڪا ڪاڻ نه هئي، جيڪا پنهورن مان نه هئي ۽ اها حيثيت به مائيَ نه سگهي هئي، ۽ نه اِن لاءِ هن ڪڏهن ڪا ڪوشش ٿي ڪئي. انڪري مون کي سائس همدردي هئي. مان هميشه اسڪول جي استادن ۾ مقبول رهيس، ڇو جو مان هفتيوار توڙي ساليانن امتحانن ۾ اول نمبر ايندو هئس. هنن مون کي مائٽن جهڙو پيار ڏنو، سو مان يتيم نه هئس.

1941ع ۾ منهنجو ڊرائنگ ٽيچر محمد ابراهيم ولد حمزو خان پنهيار 39 سالن جي عمر ۾ فوت ٿي ويو. مان سندس دادلو شاگرد هئس. مون سر جي . جي . اسڪول آف آرٽس (بمبئيءَ) جا ورنئل اليمينٽري ۽ انٽرميڊيئيٽ ڊرائنگ امتحان 1939ع ۽ 1940ع ۾ پاس ڪيا هئا. سندس 17 سالن جي نوڪريءَ دوران صرف چند شاگردن اهي ٻئي امتحان پاس ڪيا هئا. هن هيڊ ماستر کي سفارش ڪئي هئي ته هو مون کي ساڳئي اسڪول مان آرٽ جي مٿئين امتحان ڏيڻ لاءِ موڪلي، پر رياضيات ۾ هوشيار هئڻ ڪري مان رڳو انجنيئر ٿيڻ لاءِ آماده هئس. ڪلاسن جا ڪمرا سينگارڻ لاءِ هيڊ ماستر هن کي هر ڪمري لاءِ چار تصويرون تيار ڪرڻ واسطي چيو هو. هن پاڻ ته ڪجهه تصويرون ٺاهيون، پر مون کي ويهارو کن ٺاهڻ لاءِ چيائين. مان جاميٽريءَ ۾ قابل هئس. مان سڌيون ليڪون، گول، ٽڪنڊا، مستطيل، چورس، ڇهه ڪنڊا،

انڪندا ۽ گهٽڪندا ملائي، مرڪب تصوير سازي ڪري پئي سگهيس ۽ انهن تي پنهنجي ننڍي صحي ايم ۔ ايچ ۔ پي بہ ڪئي. پر مون کي خبر پئي تہ هن (محمد ابراهيم) جا مخفف بہ ساڳيا هئا. هن پنهنجون سڀ تصويرون ڊرائنگ هال، ٽيچرس ڪامن روم، هيڊ ماستر جي ڪمري، اسڪول جي آفيس ۽ 400 ٻارن جي گنجائش واري امتحان جي هال يا آڊيٽوريم ۾ لڳايون، جڏهن تہ منهنجون تصويرون ڪلاسن جي ڪمرن ۾ هٽايائين. 26 ڪن سال پوءِ 1966ع ۾ جڏهن مان سنڌ - بلوچستان جو سپرنٽينڊنگ انجنيئر اڱريڪلچر مشينري هئس، تڏهن مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ منهنجي مخفف نالي سان ڪجهہ تصويرون ميهڙ هاءِ اسڪول جي ڪمرن ۾ لڳل هيون. پهرينءَ فرصت ۾ مان ميهڙ ويس ۽ هيڊ ماستر (علي اصغر شاهہ) کي ٻڌايم تہ منهنجي استاد جي ناهيل تصويرن کي منهنجو سمجهڻ "ڪاپي رائيٽ" جي چوري آهي. هن اهي نالا ايم. ايچ ۔ پنهيار ۽ ايم ۔ ايچ ۔ پنهور ۾ بدلائڻ جو واعدو ڪيو. مون وٽ ان وقت انهن جي تصويرڪشيءَ لاءِ ڪئميرا نہ هئي پر ان کان ڪجهہ سال پوءِ اهي تصويرون شايد چورائجي ويون. مون 2002ع ۾ وري اسڪول ڏٺو پر انهن مان ڪابہ تصوير موجود نہ هئي. اهڙيءَ ريت منهنجين تصويرن جو ثبوت گم ٿي ويو. 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ سيلٽي (Celtic) ، يوناني، رومي، مصري ۽ اسلامي فن ۾ جاميٽريءَ جي نمونن وارن ڪتابن جو سلسلو آيو. اهي ڏسي مون ڀانيو تہ سواءِ ڪنهن بہ نموني ڏسڻ جي، مون آڪٽوبر کان ڊسمبر 1940ع ۾ ساڳئي قسم جو ڪم ڪيو هو. سنڌ ۾ قبرن ۽ مسجدن تي چٽيل اڪثر مهندسي نمونا ڄام نظام الدين جي مڪليءَ واري مقبري تان ورتل يا اڪريل آهن. مون انهن جا خاڪا بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ تصويرون چڪيون آهن، پر انهن جي هوبهو اتارڻ واري ڳنڀير ڪوشش دوران مون ۽ منهنجي گهرواريءَ کي ڄام نظام الدين سمي جي مقبري تي لڪل

ڏينيو ورائي ويا. ۽ ڪم ملتوي ٿي ويو. ان ۾ منهنجو مقصد هو عام ڪي مهندسي تصوير ڪشي (Geometrical designs)ڪرڻ ۽ ڏيکارڻ، ته اها ڪيئن ڪڍي سگهجي ٿي.

پهرين سيپٽمبر 1942ع تي ڏاڏي رضا ڪئي. مون کي پنجن هفتن بعد بابي ڪراچيءَ ۾ چاڻ موڪلي چاڪاڻ جو اسان جو ڳوٺ ٻڏي ويو هو ۽ ڪابه پوسٽ آفيس نزديڪ ڪانه هئي. خط اسان جي ڳوٺ جي سامهون درياءَ جي ٻئي طرف منيائيءَ مان پوسٽ ڪيو ويو هو. هن اهو خط ڪنهن ٻئي جي هٿان اتي موڪليو هو. اها ڏک جهڙي ڳالهه ته هئي ئي سهي، پر مون چاتو ٿي ته اسان لاءِ ڏکيو وقت آيو هو، جو سندس مينهنِ جي سنڀالڻ وارو پيو ڪو ڪونه هو ۽ اسان جو انهن جي آمدنيءَ ڪانسواءِ گذارو مشڪل هو. مون کي سندس لفظ ياد آيا ته ”جيستائين تنهنجو ڪوبه استاد زنده آهي، تون ٻار آهين ۽ يتيم نه آهين.“ پوءِ مون پنهنجي ميهڙ واري سائنس جي استاد چندنانيءَ کي محافظ ۽ مائٽ سمجهيو. ورهاڱي مون کان اسان جا ڪيئي استاد کسيا ۽ مون کي هميشه انهيءَ نقصان جو افسوس رهيو آهي. انهن مان مسٽر چندنانيءَ لاءِ مون کي وڏ ۾ وڏ عزت آهي.

جڏهن مون ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي، تڏهن مسلمان شاگردن مون کي ٻڌايو ته ”هو دهريو هو، ۽ خدا، قيامت، تناسخ، ارواح يا هندو ڌرم تي اعتقاد ڪونه رکي، باقي هونئن تمام شريف ماڻهو آهي.“ اسڪول ۾ ڏهه استاد هئا، جن مان واري وٽيءَ سان هرهڪ، هر هفتي، جنرل اسيمبليءَ ۾ 10 منٽن لاءِ 250 شاگردن اڳيان تقرير ڪندو هو. نائب هيڊ ماستر جي حيثيت ۾ سندس وارو سڄي سال ۾ چار پيرا ايندو هو، جنهن ۾ هو جديد سائنسي انڪشافن تي 15 منٽ اهڙي ته سولي ۽ سئي نموني ڳالهائيندو هو، جو پهرئين درجي وارا به سمجهي سگهن. مون تي

هن جو اندازُ گفتگو، جادوءَ وارو اثر ڪندو هو. ڪيس چڱيءَ ريت سمجھڻ لاءِ مون کي چار سال انتظار ڪرڻو هو، جيستائين پنجين درجي ۾ پهتس. هو پنجين، ڇهين ۽ ستين درجي کي انگي حساب، آلجبرا، جاميٽري، فزڪس ۽ ڪيمسٽري سيکاريندو هو. مان سڄي سال جو نصاب ٻن ادائي مهينن ۾ پورو ڪندو هئس. هر مسئلو پاڻ حل ڪندو هئس پر ڪڏهن ڪانئس ٻه رهنمائي وٺندو هئس. هو ٻڌائيندي خوش ٿيندو هو ۽ مونکي 20-15 منٽ وقفن (Recess) دوران، جيڪي مُني ڪلاڪ جي ڇهن ڪلاسن جي وچ ۾ ٿيندا هئا، ملڻ لاءِ چوندو هو. مان هن سان روز ملندو هئس. مون پنجين، ڇهين ۽ ستين درجي جي رياضي ٽئين درجي ۾ ۽ ڇهين ۽ ستين درجي جي آلجبرا، پنجين درجي ۾ پڙهي ڇڏي ۽ وري پنجين، ڇهين ۽ ستين درجي جي جاميٽري ڇهين درجي ۾ ختم ڪيم. اهي سڀ مون اونهاري جي ستن هفتن واريءَ موڪل ۾ پورا ڪري ڇڏيا هئا ۽ ان ڪري مون وٽ ڪافي وقت هو. هن مون کي سمجهايو هو تہ "جاميٽري ۽ فزڪس تو ۾ صحيح سوچ جي صلاحيت (Analytical Mind) پيدا ڪنديون." هن مون کي درزن کن درسي ڪتاب ۽ 20-30 سالن جون پراڻيون جاميٽريءَ جون حل ٿيل مشقون ۽ فزڪس جا ڪيترا ئي ڪتاب، خاص طور سيڪڙاڻن جي پڙهڻ جهڙا، ٻہ ڏنا. انهن مان ڪجھہ وئيڪوم (Vacuum)، ميگنيٽزم (Magne-tism)، سائونڊ (Sound)، لينسز (Lenses)، ليورس (Levers)، گئسن،(Gases) اسٽيم انجنز، ڊائينامو، اليڪٽرسٽي، هائيڊرالڪ مشين وغيره بابت هئا. هن مون کي "ٽنڪرس لائبرري" سلسلي سان نفسيات ۽ دنيا جي تاريخ جي ٻين ڪتابن ذريعي روشناس ڪرايو. هو ان ڳالهہ جو قائل هو تہ انسان ۾ مافوق الفطرت سگھہ پيدا ٿي سگھي ٿي ۽ مون کي ڊيل ڪارنگيءَ جا ڪتاب ۽ ٽيليپيٽي، هيپناٽزم، ول پاور (Telepathy، hypnotism، will power) تي بہ ڪتاب ڏنائين. اهي دماغ ۽ جسم لاءِ هئا.

هن مون کي يوگا ايڪسرسائيز، هائيجنڪ لونگ (Hygienic living)، هيلدِي فوڊ (Healthy food) وغيره تي به ڪتاب ڏنا. پيشيورانه مهارت لاءِ هن مون کي انجنيئرنگ جا غير معمولي ڪارناما (Triumphs of Engi-neering) ۽ دنيا جا عجائب (Wonders of the World) ڪتاب ڏنا. مان هن سان اسڪول ۾ وقفي مهل روزانو اسڪولي مضمون تي مباحثي لاءِ ۽ هفتي ۾ هڪ به پيرا ڪانئس ذاتي ڪتاب اڌارا وٺڻ لاءِ گهر ويندو هئس. ٿوري ئي وقت ۾ مان روزانو ڪلاڪ ڪن جسماني ۽ ڪجهه فڪري يا ڌياني ارتڪازي (Concertration) ورزشون ڪرڻ لڳو هئس.

هن مون کي ميري اسٽوپس جو ڪتاب Married love ڏنو، جنهن ذريعي آءٌ وڏن ليکڪن جا ڪتاب پڙهڻ ڏانهن مائل ٿيس، جيئن فرائيڊ (Freud) ، ايلس هيولاڪ، (Ellis Havlock) ، ڪِنسي (Kinsey) ، ماسٽرس ۽ جونسن (Masters and Johnson) ۽ هِٽي (Hittie) وغيره، جن منهنجي زندگيءَ ۾ وڏي رهبري ڪئي آهي. فزڪس ۾ منهنجي دلچسپيءَ مون کي مڪئنيڪل انجنيئر بنايو. ڪاليج ۾ ڪوشش ڪري مون ٿنڪرس لائبريءَ (Thinkers library) جو هر ڪتاب پڙهيو، جنهن جي 140 ڪن ڪتابن مان اڄا به 35 ڪن منهنجي لائبريءَ ۾ موجود آهن.

جولاءِ 1940ع ۾ منهنجو هڪ هندو هم ڪلاسي به ڪلوميٽر پراهين ڳوٺ الله آباد کان آيو ۽ ٻڌايائين ته چندناڻي صاحب جي گهرواري ڪالرا وگهي مانجهندن ۾ فوت ٿي وئي هئي، تنهن لاءِ اتي وڃي سانئس رضاالله جي ڪيون. اسين شام جو مانجهندين پهتاسين. هن اسان جا ٽورا مڃيا پر يڪدم اهو به پڇيائين ته ”توهان ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ بعد ڪجهه کاڌو پيتو ته ناهي.“ اسان جي نهڪر ٻڌڻ بعد هن اسان لاءِ سوڍا جون به بوتلون گهرايون ۽ چيائين ته ريل گاڏي ڪلاڪ ڪن ۾ اچڻ واري هئي ۽ يڪدم واپس ٿيون ۽ دادو پهچڻ کان اڳ (وات تي) ڪجهه به نه

ڪائون، نہ پيئون. دراصل وبا ۾ ورتل ڪنهن بيمار ماڻهوءَ سنڌوءَ مان مانجهندن ايندڙ واهہ مان طهارت ڪئي هئي، جنهن جو پاڻي سڄو مانجهند شهر استعمال ڪندو هو، انڪري هيضو شروع ٿيو هو، جنهن ۾ شهر جا 50 سيڪڙو ماڻهو مري چڪا هئا." 1968ع ۾ مان ميهڙ کان لنگهندي اتي رهندڙ پنهنجي استاد مسٽر مينگهراج جي گهر ويس. ڪانئس اهو ٻڌم تہ ڪجهہ مهينا اڳ مسٽر چندنائي ديهانت ڪري ويو هو. سندس رک راج ڪوٽ مان، جتي هو رهندو هو ۽ استاد بہ هو، سيٺ وشنداس ۽ سندس گهر وارا وصيت مطابق مانجهند آڻي سنڌو درياءَ ۾ لوڙهيندا. مون وٽ سندس 1935ع کان 1946ع تائين يادگيريون هيون. ميهڙ هاءِ اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ گهٽو ڪري ڪاليج جي هر وئڪيشن دؤران آءٌ ساڻس ملڻ ويندو هئس. منهنجي خيال ۾ هو مذهبي ڪٽرپڻي کان مٿانهون، انسان دوست، سائنس جو محنتي استاد ۽ ڪو هندو، مسلمان يا سنڌي نہ، بلڪہ انسانيت جي خدمت ڪندڙ اعليٰ شخص هو. هو منهنجي لاءِ هڪ بهترين مثال هو. مون تي سندس ايڏو تہ اثر هو، جو سندس مرڻ بعد آءٌ ڪيس ساڌو ۽ زندگيءَ ۾ مرشد سمجهندو آهيان. مانجهند وٽان لنگهندي مون کي سڪ لڳندي آهي تہ آءٌ ادب وچان سندس گهر جي چائنٹ تي ٻئي هٿ رکڻ وڃان. ورهاڱي بعد هن جي ماڳ بابت مون کي ڪو پتو ڪونہ هو، پر چاڪاڻ تہ سيٺ وشنداس ۽ سندس ڪٽنب وارن هن جي رک سنڌو درياءَ ۾ لوڙهي هوندي، تنهنڪري مون هن کي انڊيا ۾ تلاش ڪرڻ جو سوچيو ئي نہ هو. مون کي ميهڙ، خاص طور هاءِ اسڪول ۽ سائنس هال، جتي ويهي هو سوچيندو هو ۽ بعضي استادن جي ويهڻ واري هال کي ڏسي آٿتُ ملندو هو. 2002ع ۾ جڏهن آءٌ جڳت راءِ آئل مل هاءِ اسڪول ميهڙ ويس تہ سائنس هال ۾ سندس ويهڻ واري اسٽيج ساڳئي ئي حال ۾ هئي، پر سندس سائنس جي اوزارن جا ڪٻٽ خالي هئا، ۽ هڪ شاندار ڪٻٽ

جنهن ۾ انسان جي جسم جا هڏا هڪ مجسمي جي صورت ۾ هئا سو بنهه خالي هو. ائين سمجهيم ته چندناڻي صاحب پاڻ سان ميهڙ مان ائين سائنس به ڪٺي هليو ويو هو.

چندناڻي صاحب جي ديهانت کان ڇهه سال اڳ 1962ع ۾ منهنجي والد رضا ڪئي. مان صدمو سهي ويس، جو اجا ڪيترا ئي منهنجا استاد حيات هئا. استادن مان پوءِ 1979ع ۾ محمد يعقوب پنهور موڪلايو، جنهن وٽ مون ابتدائي اسڪول ۾ هڪ سال پڙهيو هو. هن پرائمري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان پهرئين سال دوران حاصل ڪيل سٺي تربيت جو نتيجو ڏيکارڻ ٿي چاهيو. وٽس سندس ڪنهن استاد جو انگي حسابن جو حل ٽيل مسودو هو، جنهن جي نقل ڪرڻ لاءِ ڪيس سٺن اکرن ۽ حسابي ڪم جي سمجهه رکندڙ هڪ ڇوڪري جي ضرورت هئي. هن مون کي چيو ته انگن ۾ ڏکو نه هلندو، انڪري جيڪو نه اچئي سو مون کان پڇجانءِ. ڏکين حسابن سکڻ لاءِ اهو مون لاءِ سونهري موقعو هو، پر مون کي ڏکيائي ڪانه ٿي، چاڪاڻ ته ساڳئي نموني جا حساب جيڪي مون کان سال به مٿين درجن وارن کي سيکاريا ويا هئا، سي مون اڳ ۾ ئي سمجهي ڇڏيا هئا. هن نومبر 1934ع جي آخري هفتي ۾ دادوءَ ۾ ٿيندڙ اسڪالرشپ جي مقابلي واري امتحان ۾ سٺن شاگردن کي ويهارڻ لاءِ ڪلاس جي مڙني شاگردن کان حسابن، سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، وياڪرڻ ۽ جنرل سائنس جا امتحان ورتا. هن مون ۽ ٻن ٻين کي چونڊيو ۽ ڪين چيائين ته اوهين ناپاس ۽ مون کي چيائين ته تون پاس ٿيندين. ٽن مان هڪ جو پاس ٿيڻ، هن جي استادي ۽ اسڪول لاءِ وڏو نالو هو. مون سخت محنت ڪري امتحان پاس ڪيو. هو منهنجي محنت تي خوش ٿيو ۽ دادوءَ مان واپسيءَ تي مون کي تيجن داس ٻُناڻيءَ جو سنڌيءَ ۾ لکيل انگي حساب ڏنائين ته مان پاڻ حساب حل ڪريان. اڳين ٻن مهينن ۾ مون

ڪتاب پڙهي چڏيو ۽ ڪجهه حساب زباني، ڪجهه سليٽ تي ۽ ڏکيا حساب وري بنديءَ تي ڪيم، تہ جيئن اڳتي هلي اهو ڏسي سگهان. ان جي هڪ ڪاپي ڪيس بہ ڏنيم اهو مئٽرڪ تائين مون لاءِ ڪارگر رهيو، چاڪاڻ تہ اهو هاءِ اسڪول جي مٿين درجن ۽ مئٽرڪ لاءِ اعليٰ انگي حساب جو سنڌي ترجمو هو. 18 اپريل 1935ع تي هن جو مون کي خط اچي مليو تہ مون کي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ست روپيا ماهوار وظيفو مليو هو، جنهن مان اسڪول جون فيون (Boarding House) بورڊنگ هائوس جا خرچ پکا ۽ درسي ڪتابن جو خرچ نڪري ويندو پر ڪپڙي لٽي ۽ ڪيسي خرچ لاءِ ٽي روپيا في مهينو منهنجي پيءُ کي ڏيڻا پوندا.

1960ع واري ڏهاڪي ۾، جڏهن ٽنڊيڄام ۾ اسان تہ ماهي ڪمن جي جائزي لاءِ گڏجاڻي رٿي هئي، جنهن ۾ وڏيڪ اهم سنڌس آمد هئي. مون کي سنڌس اچڻ جو اطلاع آفيس سپرنٽينڊنٽ مسٽر ڪاتيئي ڏنو. مون ٻاهر نڪري سنڌس آجيان ڪئي ۽ اندر آڻي پنهنجي پر ۾ ويهاريو. سڀني زرعي انجنيئرن، نائب انجنيئرن ۽ سپروائيزرن کي ٻڌايم تہ هيءُ منهنجو استاد هو، جنهن کي مون ان لاءِ گهرايو هو تہ جيئن ڏسي تہ اسين ڇا پيا ڪريون. مون کان تہ اها ڳالهہ وسري وئي هئي، پر آڪٽوبر 1995ع ۾ منهنجو هڪ ڳوٺائي آيو، جنهن ٻڌايو تہ هن (استاد) کي ڪيڏي نہ خوشي محسوس ٿي هئي، خاص طور جڏهن 40 آفيسرن جي وچ ۾، جڏهن آءُ پنهنجي گهر ڪيس مانجهاندي لاءِ وٺي آيس ۽ انهن مڙني ڪيس غير معمولي عزت ڏني. انهن مان مسٽر ڪمال الدين قريشي، آفتاب احمد خان ۽ ڪرمچند دوداڻيءَ سنڌس خاص خيال رکيو، جيڪي اڳتي هلي ڪري اڳريڪلچر، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۽ ٻين کن کاتن ۾ حڪومت سنڌ جا سيڪريٽري ٿيا. ٻيا کي ڊائريڪٽر ۽ کي ڊائريڪٽر جنرل ٿيا. هيءُ استاد 1904ع ۾ ڄائو ۽ 1979ع ۾ وفات ڪيائين. 1922ع ۾ ملازمت ۾ آيو ۽ 1964ع ۾ رٽائر ٿيو.

# منهنجي ٻُجڪي

ڪتابن، شروع ۾ ڦرهي ۽ پوءِ سِليٽ (Slate)، نوٽ بوڪن، پينسلن، نه هارجڻ واري مس ڪپڙي ۽ قلم وغيره اسڪول نيڻ لاءِ ٿيلهي جي ضرورت هوندي آهي. منهنجي والده ڪپڙي جي ٽڪرين وارو اندران ته ۽ پراءَ سان ڪليل منهن وارو ٿيلهو تيار ڪيو، جو ڪاري سٽ جي وٽيل ڏوريءَ سان ٻڌل هو. اهو هوءَ ڪلهي واري ٿيلهي جيان مون کي وجهندي هئي. ان ۾ ڪاٺ جي پٽي (ڦَرهِي) جا ميٽ جي سڪايل ليپي سان تيار ڪبي آهي، سا ۽ سليٽ به پيل هوندي هئي. ٻهريائين اسين خاص طور الف - ب ۽ انگ پٽيءَ تي ۽ پوءِ سليٽ تي لکندا ُهئاسين. ڦرهيءَ (پٽيءَ) جو نقص اهو آهي ته جو ان تي لکجي سو ميساربو آهي ۽ دهرائي نه سگهبو آهي. پر اهو غربت جو معاملو آهي، انڪري ٻهراڙيءَ جا ٻار يادگيريءَ تي ياڙيندا آهن. ان جو مون تي به اثر ٿيو آهي ۽ عادتاً گهٽو ڪري مان نوٽس (Notes) ڪونه وٺان پر پڙهي يا ٻڌي اهو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. مان ساڳيو ڪتاب وري ڪونه پڙهان، پر جي اتفاق سان پڙهان ته اڪثر ياد هئڻ جي ڪري وچ ۾ ڇڏيو ڏيان. ان مان ٿين عادت جا مون کي پئي آهي، سا آهي ته ڪا سٽ، فقرو يا ان جو ڪو حصو چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ، اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ ورائي پڙهندو آهيان. اهو ورلي ٿيو هوندو، جو مون ساڳيو ڪتاب، يلي اهو اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي نصاب جو هجي، وري پڙهيو هجي.

چوٿين عادت اها آهي ته مان جو ڪجهه پڙهان اهو ڪتاب وارن لفظن ۾ دهرائي نه سگهندو آهيان. مان اهو جهڙي تهڙي پر پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکندو آهيان. ان مان پنجين عادت مون کي اها پئي ته مان مطالعي وارا ڪاغذ اهڙي ٿيلهي يا سوٽ ڪيس ۾ ڪونه وجهان جو کولڻ ۾ ڏکيو پوي. اهي ڪنهن سادي چيزدان (Container) جهڙوڪ بڄڪي، لفافي يا پيتيءَ ۾ رکندو آهيان، جيڪا يڪدم ڏيان چڪائي. منهنجي راءِ ۾ پٽيءَ ۽ سليٽ جو رواج ٻهراڙيءَ جي تعليم ۾ ختم ڪرڻ گهرجي.

امان مون لاءِ خاص بڄڪي چو ٺاهي؟ ٻيا ٻه ڇوڪرا پنهنجا ڪتاب ۽ سليٽون اچي سستي ڪپڙي مان ٺهيل ٿيلهين ۾ کڻندا هئا. هن مامي نور محمد جي بڄڪين، جيڪي ڳوٺ جي ڪن عورتن کي چئي ٺهرايون ويون هيون، انهن جو نقل ڪيو هو.هن جو خيال هو ته آءٌ سندس ياٺرن وانگر ڪپڙا پائيان، پڙهان، ترقي ڪيان ۽ عزت پرايان. مان 9 ورهين جو هئس ته هوءَ گذاري وئي، پرَ شايد آءٌ سَدائين سندس منشا مطابق ڪم ڪندو رهيو آهيان.

# پڙهڻ جي عادت

ڳوٺ ۾ ماڻهن منهنجو نالو ”ڪتابي ڪيڙو“ رکيو هو. ڊاڪٽر اي - ايم - شيخ جيڪو 1950-1955ع تائين سنڌ ۾ ڊائريڪٽر ائگريڪلچر ۽ 1955-1960ع تائين ڊائريڪٽر ائگريڪلچر اولهه پاڪستان ۽ 1953-1960ع تائين منهنجو بالادست رهيو، تنهن مون کي اَوِرچ پاڙهُو (Voracious reader) جو نالو ڏنو، پر اها ڪنهن کي به خبر نه هئي ته ڪو مان ڊيرڙو پڙهڻ وارو هئس، جو لفظن ۽ جملن ياد ڪرڻ بجاءِ ڪتاب پڙهي سمجهي ڇڏيندو هئس ۽ پيهر پڙهڻ مان ڪڪ تي پوندو هئس. انڪري آءٌ پنهنجو درسي ڪتاب به پيهر پڙهڻ بجاءِ انهيءَ مضمون تي مون وٽ يا لائبرريءَ ۾، يا دوستن وٽ جيڪڏهن ٻيا ڪتاب موجود هوندا هئا، سي پڙهندو هئس. منهنجي والد جا ٻاراڻي ڪان چوٿين درجي تائين وارا ڪتاب سنڀالي رکيل هئا. پرائمري اسڪول جي ڪتب خاني ۾ 1910ع کان پوءِ جي درسي ۽ ٻين ڪتابن جي اڌ پيتي به رکيل هئي. بهرحال مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مون ۾ پڙهڻ جي عادت ٻيءَ ريت آئي. منهنجو والد ڪراچيءَ مان ٻين شين سان گڏ منهنجي ڏاڏي لاءِ هندي ۽ انگريزي اخبارون، جن مان هو ڪن دوائن ۽ سَتگلي جي حبن لاءِ پڙيون ٺاهيندو هو، سي آنديون. منهنجو ڏاڏو ستگلي مان گوريون ٺاهي موسمي بخار لاءِ مفت ورهائيندو هو، پر يڪدم ڪُنين جي سستين ٽڪين جي اچڻ سان ستگلي جو رواج گهٽيو ۽ اخبارن جي

وڏي پيتي امان جي وس ٿي، اتان کان منهنجي تعليم شروع ٿي. هن انهن مان مون کي تمثيلون ۽ تصويرون ڏيکاريون ۽ اندازي سان انهن جو مطلب ٻڌايو. يقيناً هوءَ انهن مان گهڻن جو صحيح مفهوم ٻڌائي نہ سگهي هوندي، پر مان انهن تصويرن سان مانوس ٿي ويس، جو 15-14 سال پوءِ جڏهن مان ڪراچيءَ ويس، تڏهن يورپي طرز جون اڏاوتون ۽ ڪي پيون شيون، جهڙوڪ ٽرام، وڪٽوريا بگي ۽ انهن جون ٻتيون مون لاءِ اوپريون نہ هيون. مون انهن تصويرن کي ڏاڍو پسند ڪيو. مهينن بلڪ سالن تائين، جيستائين اهي ڪاڄي يا ڦاٽي نہ ويون، امڙ مون کي مسلسل ڏيکاريندي رهي.

منهنجو ڏاڏو صبح جو مولوي محمد عثمان جو لکيل قرآن جو تفسير پڙهندو هو ۽ مال ڏهڻ بعد، جيڪڏهن آءٌ سجاڳ هوندو هئس تہ هو مون کي ٻارن جي دلچسپيءَ جهڙيون ڪهاڻيون پڙهي ٻڌائيندو هو. منهنجي اسڪول ۾ پڙهڻ وقت منهنجو مامو نور محمد خيرپور ناٿن شاهہ جي انگريزي - ڏيهي (Vernicular-Anglo) اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخل ٿي چڪو هو. هو هفتي جي پڇاڙيءَ تي گهر ايندو هو. اڪثر ڇوڪرا پرائمري اسڪول ويجهو ڳوٺ جي ٻاهران هن جو آدرياءُ ڪندا هئا ۽ گهر وڃڻ کان اڳ اوطاق تائين هن سان گڏ ويندا هئا. منهنجي والده سندس گهر وڃي کيس منٿ ڪندي هئي تہ هو مون کي انگريزي سيکاري. اڳئين هفتي ۽ ان کانپوءِ مان بہ ان ٽولي ۾ شامل ٿيس، جيڪو ڳوٺ جي ٻاهران هن جي آجيان ڪندو ۽ گڏ هلندو هو. نور محمد کي پنهنجون مشغوليون بہ هيون. هو چانهيءَ وارن رانديڪن جو شوقين هو، جي هو 17 سالن جي عمر تائين ڪٺا ڪندو رهيو. هو ٻاراڻين ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ڪي سنڌي رسالا بہ خريد ڪندو رهندو هو. جڏهن مان وڏو ٿيس تڏهن هو مون کي ڪتاب پڙهڻ ۽ شام تائين واپس ڪرڻ لاءِ ڏيندو هو. هن وٽ ورهاڱي کان گهڻو اڳ ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ ”گل ڦل“

رسالي جا ڪيترائي اڳوڻا پرچا هئا. جڏهن هن جو ۽ منهنجو اسڪول موڪلن لاءِ بند ٿيندا هئا، تڏهن روزانو هڪ ڪتاب وٺي پڙهڻ منهنجو معمول ٿي ويو، جيڪو ”گل ڦل“ پڙهڻ بعد معلوم ٿيو هو. ان پڙهڻ سان سائنسي وضاحتن ۽ حسابي مشقن جا حل، ”گل ڦل“ جي ٻئي شماري ۾ ايندا هئا، هي ٻار جي ذهن کي وسيع ڪندڙ هئا، ۽ ڇاڪاڻ ته اُهي پراڻا پرچا هئا، انڪري حل وارا پرچا ٻئي ڏينهن ڏيندو هو. انهن مون ۾ سائنس ۽ رياضيءَ لاءِ دلچسپي پيدا ڪئي.

منهنجي والده هن کي ڪجهه پئسا ڏنا ته مون لاءِ چاٻيءَ وارا رانديڪا وٺي اچي. هن ائين ڪيو پر ٻورن ڏينهن ۾ اهي ڀڄي پيا. مون انهن کي ڇُريءَ، جيڪا ڪڪڙ ڪهڻ، مڇي وڍڻ ۽ ميون ۽ ڀاڄين ڪٽڻ جي ڪم ايندي هئي، اُن سان رانديڪن جي مرمت جي ڪوشش ڪئي. نيٺ رانديڪا بيڪار ٿي ويا پر مون لاءِ اهي سکيا جو سبب بڻيا. هنن مڙني رانديڪن ۾ هڪ خودڪار پرزو هوندو آهي، جيڪو اسپرنگ وسيلي ٻن ڦيٿن واري ڦرٽي (Crank) کي گهمائيندو آهي. مون ڏٺو ته سيني رانديڪن ۾ اها مشين لڳل هئي ۽ اصل شيءِ جي وکري خاطر ڏيک ويک بدلائڻ لاءِ قسمين قسمين کوکا ان تي چاڙهيندا هئا، مثلن ڪار، ٽرڪ، پِڪَپ يا ريلوي جي انجڻ وغيره. منهنجي انهن ۾ دلچسپي هميشه لاءِ ختم ٿي ۽ پڙهڻ ڏانهن منتقل ٿي وئي. قرآن شريف جي تفسير کان سواءِ منهنجي ڏاڏي جا مذهبي ۽ والد جا چوٿين درجي تائين وارا درسي ڪتاب گهر ۾ موجود هئا. منهنجي والد جا فارسي ڪتاب به هئا، جيڪي مان پڙهي نٿي سگهيس. اسڪول ۾ به ڪتاب هئا پر اهي گهر آڻي پڙهڻ لاءِ نه هئا. اسڪول ۾ پڙهائي گهٽي وقت تائين هلندي هئي. پرائمري اسڪول جا سڀ استاد پياري ڳوٺ جا هئا، جيڪو ٽي ڪلوميٽر پري هو، پر اهي پنڌ ايندا ويندا رهندا هئا. اونهاري ۾ صبح جو ائين وڳي کان شام جو پنجين وڳي تائين سخت گرمي هوندي هئي. استاد، سواءِ

مانجهاندي واري هڪ ڪلاڪ جي، باقي سڄو وقت ويٺا هوندا هئا. اهي منجهند جي ماني گهٽو ڪري ساڻ کڻي ايندا هئا، پر بعضي ڳوٺ جي ڪنهن نہ ڪنهن گهر مان بہ وٺي ايندي هئي. انهيءَ وقفي دوران، مان اسڪول جي ننڍڙي لائبرريءَ مان ڪتاب وٺي پڙهندو هئس. ڪتاب نہ هئڻ جي صورت ۾ مان تعلقي دادو، ضلعي لاڙڪاڻي (دادو ضلعو ٿيو هو، پر ان جو نقشو اڃا اسڪول ۾ ڪونہ آيو هو)، سنڌ يا هندستان جا نقشا ڪڍي انهن ۾ الڳ علامتون، جهڙوڪ ريل جا رستا، شهر، واهہ، ضلعي جا ننڍا وڏا ياڳا، پڪا ۽ ڪچا رستا، اهم ماڳ، جهڙوڪ مشهور درگاهون ۽ اسڪولن وغيره وارا هنڌ، نشان ڪندو هئس. ٻارائي ۽ پهرئين درجي ۾ ڪاپيون نہ هونديون هيون. هر شاگرد ڪاٺ جي چوڪنڊ ۾ بند، پنج ڪان اٺ انچ ڊگهي ۽ ويڪري ماپ جي نرم پٿر واري سليٽ ڪم آڻيندو هو. ليڪيل پنن واريون ڪاپيون ابتدائي اسڪول جي ٻئي درجي ۾ ڪم آڻبيون هيون. اسڪول جي ڪم لاءِ اڻ ليڪيل 21x34 سينٽي ميٽر جو پنو جيڪو سرڪاري آفيسن ۽ عدالتن ۾ ڪم ايندو هو، ڳوٺاڻن هندن جي دڪانن تي ملندو هو. مون اُهي پنا گهر وارن جي ڪاتي تي خريد ڪري، چوتائي ڪري ۽ سبي انهن مان پنهنجون بنديون ٺاهي، انهن ۾ نوٽس لکيا ۽ نقشا ۽ خاڪا ٺاهيا. جيئن تہ انهن تي ليڪون نہ هيون، انڪري مون کي سڌين ليڪن ۾ لکڻ جي عادت پئي. جيڪڏهن مون کي ليڪن وارو ڪاغذ مليو ٿي تہ ليڪن ۽ وٿين تي هلڻ بدران ان تي ڪڏنگو ڪم ڪندو هئس. هنن بندين تي ”گل ڦل“ رسالي تان خاص طور رياضيءَ جون تمثيلون ۽ معما درج ڪندو هئس.

گهر ۾ ٻين دلچسپيءَ جهڙن سنڌي ڪتابن ۾ قيامت نامو، نڪاح نامو (جنهن ۾ هڪ باب طلاق نامو هو)، خواب نامون، تعويذ نامو، دعا نامو وغيره شامل هئا. انهن ۾ مان پنهنجي چاچي جو سنگي ڇاپي (-Litho graphed) تي ڇپيل جادو نامو، جيڪو هن ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪائي رکيو

هو، ۽ پڙهي ياد ڪندو هو، سو به شامل هو. اهو ڪتاب مسلمانن وٽ هندو منترن جي برابر هو. اصلي منتر جي جادوءَ جي ٻولي سنڌي، فارسي ۽ عربي نه پر ڪا ٻي عجيب اکرن واري هئي، جنهن کان آءٌ اڻ واقف هئس. اها عربي يا سنڌي ٻوليءَ جي الف - ب ۾ لکيل هئي ۽ اها ٿگن جي ڪا عجيب ٻولي هئي. عام نموني ۾ اها ڪا ٻولي نه پر ٻڌڻ ۽ پڙهڻ وارن کي مزي جهڙو منتر يا جادو سيکارڻ لاءِ هئي. ان ۾ هڪ باب "ڇوڪري جنهن کي اوهان چاهيو تنهن کي حاصل ڪرڻ" بابت هو. ان ۾ هڪ منتر ۾ ٻڌايل هو ته "ڳوٺ واري کوهه جي پاسي ۾ سج اڀرڻ ۽ لهڻ ويل،ڳجهيءَ ريت چنچر ڏينهن شام کان 13 ڏينهن تائين (يعني 26 دفعا)، ڏاڳي تي سؤ پيرا منتر پڙهي شوڪارڻو هو. چوڏهين ڏينهن، جيڪو جمعو ٿيندو، اُن تي سج لٿي مهل کوهه تي وڃي سؤ پيرا وري پڙهبو. بلڪل انهيءَ وقت ڇوڪري کوهه تان پاڻي ڀرڻ ايندي. جڏهن هوءَ اچي ته ان وقت تائين ٽڪڙو ٽڪڙو پڙهبو جيستائين هوءَ به گهڙا پنهنجي مٿي تي رکي. پوءِ زور سان ڇڪي ڏاڳو ٽوڙبو. اوهان جي ائين ڪرڻ تي سندس اڳٺ ڇڇي به ٽڪرا ٿي پوندو. پوءِ اوهين جلدي وڃي سندس دلا لهرايو ۽ هوءَ اوهان جي ٿي ويندي."

مون کي خبر ناهي ته هو (چاچو) اهو عمل ڪنهن تي آزمائيندو هو. تعويذن جي ڪتاب ۾ چورس، مستطيل، ٽڪنڊا ۽ ٻيا جاميٽريءَ جا ورچيل ۽ ونڊيل نمونا هئا، جن ۾ ڪي انگ يا عربي اکر لکيل هوندا هئا. تعويذ جو هر نمونو مختلف مقصدن لاءِ هو، جيڪو سَرِئي تپ، پيٽ جي سور، مٿي جي سور، زخم جي سور، غربت، دشمن جي حملي کان بچاءَ يا چوري ليڻ ۽ رنل مرد يا عورت کي پرچائڻ لاءِ هڪ ٽڪ هو. ڳوٺ جون مايون ڪنهن تڪليف سبب منهنجي ڏاڏي وٽ تعويذ لاءِ اينديون هيون ۽ هو سندن هٿن، ٻانهن يا ڪاغذ جي ٽڪري تي تعويذ لکندو هو، جنهن کي مس لهڻ تائين پاڻيءَ ۾ ڀڃائبو ۽ پوءِ ٻي ڇڏبو هو. يا

وري ڪپڙي وغيره ۾ سبي ڳچيءَ يا ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏٿو هو. اهو ڪم هو عورتن ۽ ٻارن لاءِ بيماريءَ يا غربت دور ڪرڻ لاءِ مفت ۾ ڪندو هو، ۽ قرآن پڑهي شوڪاريندو هو. مان بيمار ٿيس ته ڪيس هٿ تي (تعويذ) لکڻ لاءِ چيم. هن اهو چئي انڪار ڪيو ته "دعائون ۽ تعويذ پين غريب ماڻهن لاءِ مفت آهن ۽ انهن جو اثر گهر ڀاتين تي نه ٿيندو." چاڪاڻ ته اهي دوائن جي خرچ بچائڻ جو بدلو نه آهن. هن مون کي انهن جي جاءِ تي ڪجهه حب ڏنا. هڪ ڀيري هن منهنجي امڙ جي زور ڀرڻ تي قرآني آيتون پڙهي شوڪاريل ڌاڳو مٽي تي ٻڌڻ لاءِ ڏنو، پر مٽي جو سور نه لٿو. ڏهن سالن تائين اهو وري وري پوندو رهيو. مان ڀانيان ٿو ته اهو رت جي گهٽ دٻاءَ (Low blood pressure) سبب ٿيندو هو. اونهاري جي سخت گرميءَ ۽ پگهر جي ڪري تڪليف وڌي ويندي هئي. منهنجي ڪجهه لوڻ کائڻ، گهڻي پاڻي پيئڻ ۽ گرميءَ ۾ ٻاهر نه نڪرڻ جي ڪري طبعيت ٺيڪ ٿي ويندي هئي. ڪجهه سال پوءِ جڏهن مان ميهڙ ۾ پڙهندو هئس، مون هندو برهمڻن کي ساڳيءَ ريت اهڙا منتر عورتن جي هٿن تي لکندي ۽ دعائون ڏيندي ڏٺا. پوءِ مون سمجهي ورتو ته منهنجو ڏاڏو تعويذ ۽ حب مفت ۾ ان ڪري ڏيندو هو، ڇو جو ڪيس پڪ هئي ته انهن مان ته ڪو فائدو ڪونهي، پر آسرو ضرور آهي.

ننڍي هوندي آءٌ پڙهڻ لاءِ ڪاغذ يا ڪتاب ساڻ کڻندو هئس. ڳوٺ جي گهرن ۾ نه ته پڻيون هيون، نه ۽ وري صفائيءَ لاءِ مهتر. ڇوڪرا ۽ مرد ڳوٺ کان ٻاهر جهنگ ڏانهن ويندا هئا. عورتون اڪثر ڀاڻن يا واڙي ۾ ڪرفتي مٽان مٽي وجهي ڇڏينديون هيون. سڄي ڳوٺ کي خبر هئي ته مان انهيءَ وقت ڪتاب ساڻ کڻندو هئس، پر مون کي وقت بچائڻو هوندو هو. مان رات جو پڙهڻ لاءِ لالٽين استعمال ڪندو هئس، پر جڏهن بابو اها هر هفتي پاڻ سان ڀاڻيءَ جي واري تي کڻي ويندو هو، ته مان پنهنجي ٻنين مان آنڊل سرنهن جي پيڙيل تيل سان ٻاريل ڏيئو استعمال ڪندو

هئس، جنهن مان منهنجي سونجهہ جي تشفي ٿيندي هئي ۽ مان سوچڻ لڳندو هئس. مان اسڪول جي سيني ساٿين کان اڳتي هئس ۽ مون کي عام طور تي ”خيالي يا فلسفِي“ چوندا هئا. کيترائي مالدار هندو گهراڻن جا ڇوڪرا منهنجي هوشياري، ڄاڻ ۽ ڪلاس ۾ اهميت کان متاثر ٿي منهنجا دوست هئا. هاءِ اسڪول ۾ اهو موقعو هو، جو مون هندو مذهب، ان جي ريتن رسمن، سوڻن ساڻن ۽ خوبين بابت ڄاتو ۽ پين ڌرمن بابت تعصب ختم ڪيو. اهو انهيءَ دوستيءَ جو نتيجو ئي هو، جو مون مهاڀارت، رامائڻ، ويد، شاستر، اُپنشد، هندو سنتن جون جيوَن ساکيون، ڀڳتي تحريڪ ۽ انَ جي صوفي ازم سان هڪ جهڙائپ جو مطالعو ڪيو. هي سڄو مطالعو مون 10 کان 17 سالن جي عمر ۾ ڪيو، جنهن جي تفصيل ۾ نٿو وڃان. سيءِ ٻار راند کيڏڻ پسند ڪندا آهن. سڄ ايرڻ ڪانپوءِ ۽ سڄ لهڻ کان اڳ، جڏهن اسڪول بند هوندو هو، مون لاءِ وقت ڪارگر هو. انهيءَ ويل آءٌ گهران اڪيلو، پاڻ کان عمر ۾ ڪجهہ ننڍن ڇوڪرن، جيڪي مون سان نہ وڙهن، انهن سان گهمڻ لاءِ ويندو هئس. پاڻيءَ ۽ واهن ۾ ايستائين وهنجڻ، جيستر سڄ جي گرمي نہ تپائي، ڏاڍو مزيدار هو، پر پاڻيءَ نہ هئڻ [illegible] آءٌ فصلن، گلن يا ميون، داڻي جوڙ ۽ لاباري ڏسڻ لاءِ نڪري ويندو هئس. هڪ ڪلوميٽر پري ريل جي پٽڙي مون لاءِ هڪ ٻي دلڪشي هئي. ريلوي سليپرن (Sleepers) جي هيٺان ۽ وچ تي چقمق (Flint) ۽ اراس عقيق (Chert) جي پٿر جي ڪڪري پيل هئي. تماشي طور چقمق هڪٻئي تي هٽي چٽنگون ڪيڻ، آڪاري (اڪ) جي تندن کي ان مان ٻارڻ، يا وري ڪا تار يا سِڪو پٽي تي رکي ريل گاڏي جي ڦيٿن هيٺان چپي وڏائبو هو. سياري ۾ پرائمري اسڪول جا استاد ڪڏهن ڇوڪرن کي رانديون ڪرائيندا هئا. مان کٽڻ وارن مان نہ هئس، پر استادن جي پرپٺ وڏا ڇوڪرا کٽڻ وارن کي مارون ڏيندا هئا. سندن رقابتون ۽ حسد اڳتي هلي ڪن ڇوڪرن ۾

ڏنگائيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. مون (راندين ۾) ڪٽڻ نٽي چاهيو، چاڪاڻ تہ مون کي پنهنجي نبلتا جو پتو هو، پر پڙهائيءَ ۾ ڪڏهن پوئتي نہ پيس ۽ هميشہ پهرئين نمبر تي رهيس، توڙي جو مون کي رات جي ننڊ ڦٽائڻي يا گهٽ ڪاٽڻو پئي پيو. اسين تفسير، قيامت نامي ۽ ٻين موضوعن جو ذڪر اڳتي ڪنداسين.

تيرهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ميهڙ هاءِ اسڪول جي استاد مسٽر چندنانيءَ کان متاثر ٿيس. مون يوگا جي ڪسرت شروع ڪئي، جنهن لاءِ هن مون کي ڪتاب ڏنا ۽ روزانو ٽي - چار ميل پنڌ ڊوڙڻ لاءِ بہ چيائين. ڪسرت ۽ ايرنڊڙ جواني (Juvenility) يڪدم سرير سہر ڪرڻ ۽ وزن وڌائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ مون اها ڪسرت ۽ گهڻو پنڌ ڪرڻ جاري رکيو. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڊڪاٽڪي، لوهارڪي، سجلائيءَ ۽ ڪارگهہَ (Machineshop) مشڪن جي طاقت وارا ڪم بہ مون ٻين ڪلاسين کان بهتر نموني ڪيا. مان ڪنهن بہ شاگرد سان مقابلي کان ڪونہ ڊڄندو هئس پر ڪنهن سان بہ جسماني طور وڙهيس ڪونہ.

ڪاليج واري زماني ۾ وئڪيشن دوران آءٌ ڳوٺ کان هڪ ڪلوميٽر پري، واهہ جي ريلوي ڪراسنگ (پل) تي ويندو هئس. پل مٿان ۽ هيٺان ڪليل هئي. مان هٿن يا پيرن سان گارڊرن ۾ لڙڪي پاڻيءَ ۾ ٽپا ڏيندو هئس يا مختلف طريقن سان هيڏانهن هوڏانهن جهولندو هئس. پاسي واري ڳوٺ جي ڪنهن ماڻهوءَ شايد مون کي اٿين ڪندي پهرئين پيري ڏٺو هو، تنهن مون کي چريو سمجهيو ۽ پانياڻين تہ آءٌ مٿس حملو ڪندس، انڪري ريلوي پل نہ ٽپيو پر ريل جي لاهيءَ وٽ جهاڙين ۾ لڪي، پنڙيءَ وارا پٽر ميڙي مون کي هٽڻ لاءِ تيار ٿيو هو، پر خوش قسمتيءَ سان مان ڪلاڪ ٻن ڪانپوءِ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪتس ۽ ڪپڙا، جيڪي مون وڻ جي ٽڙ جي ٻيڪڙ ۾ رکيا هئا، سي ڪٺي مٿايم ۽ پنهنجي ڳوٺ روانو ٿيس. ٻئي ڏينهن اهو ماڻهو اسان جي ڳوٺ ۾ آيو ۽ جيڪو چريو هن ڏٺو

هو، تنهن بابت پڇا ڪيائين. سيني ڪي اهو پوڳ نظر آيو، جن سمجهيو ته اهو آءٌ هئس ۽ هن ڪي چيائون ته تون ڀاڳ وارو آهين، جو انهي وحشيءَ کان بچي ويو آهين. هو ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪونه ڇوي، پر ڏاريي تي حملو ڪندو آهي. هنن ڪيس ڏيڇارڻ لاءِ مون کي ڳوليو پر مان استاد چندنانيءَ سان ملڻ لاءِ ميهڙ ويل هئس. ڪسرت جي ڪري مان يڪ ساهي 25 ميل پنڌ ڪرڻ جي لائق ٿي ويو هئس ۽ مون شاگرديءَ واري زماني ۾ راڏڻ کان ميهڙ، ٻُٽ سنڌي، باليشاهه، قلجي اسٽيشن ۽ ڳوٺ تائين 23 ميل پنڌ 18 ڪلاڪن ۾ ڪيو، ۽ وري نوڪريءَ جي زماني ۾ 1954ع ۾ گاج بنگلي کان دادو، رات جي وقت ۾ 22 ميل پنڌ ڪيو، ڇاڪاڻ ته خراب رستي جي ڪري منهنجي جيپ جو بيٽري ٽرمينلُ ٽٽي پيو هو. بدقسمتيءَ سان 1954ع کانپوءِ مون وٽ منهنجا سدائين به ٽنگون ۽ چار ڦيٿا هوندا هئا، ۽ 80 سالن جي عمر ۾ مون ڇاتو ته اهو عام صحت لاءِ خراب هو.

# وياج

منهنجي جمڻ کان اٽڪل 15 سال اڳ هڪ دلچسپ واقعو ٿيو. منهنجي ناني احمد هڪ هندو واپاريءَ سان ڀائيچارو ڪري ڳوٺ ۾ ڀريون دڪان کوليو. هو سيني قرض تي ساڌا ڇهه سيڪڙو وياج وٺندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ پنجابي مسلمان سب انسپيڪٽر هن ڏانهن نياپو موڪليو ته ايندڙ صبح تي 15 زميندار پنهنجن گهوڙن ۽ نوڪرن سميت سندس مهمان ٿيندا. ٻئي ڏينهن هو پنهنجن ساٿين سميت پهتو ۽ ٻه ڏينهن ٻه راتيون رهيو. اها سڀ کنهن کي خبر هئي ته گهوڙن کي داڻي ۾ چڻا کارائبا آهن ۽ رڳو ان هڪ اسم تي مهمانن جي کاڌي کان وڌيڪ خرچ ايندو. پوليس عملدار حيرت ۾ هو ته ميزبان سندن اچڻ تي پريشان نه هو ۽ مهمانن جي تواضع کلندي ٿي ڪيائين. باقاعدگيءَ سان نمازون پيو پڙهي، پنهنجو ڌنڌو پيو ڪري، دڪان تي گراهڪن سان منهن به پيو ڏئي، پنهنجي ڪمدار سان به پيو ملي ۽ پنهنجا سمورا ڪم بخوبي ڪري پيو. آفيسر ڪانئس جيڪي سوال جواب ڪيا، سي هيٺ ڏجن ٿا:

سب انسپيڪٽر: احمد! مون ٻڌو آهي ته تون وياج وٺين ٿو.

احمد: جي: بلڪل

سب انسپيڪٽر: توهان کي خبر آهي ته وياج اسلام ۾ حرام آهي.

احمد: جي ها، مون کي معلوم آهي.

سب انسپيڪٽر: ته پوءِ تون حرام ڇو ٿو کائين؟

احمد: مان نٿو ڪانوان، پر ان کي حلال ڪري انهن لاءِ رکان ٿو، جيڪي اچن ٿا ۽ ان کي حلال ڪري کائين ٿا. انڪري اهڙن موقعن لاءِ ڪم اچي ٿو.

سب انسپيڪٽر: مان پوريءَ ريت مطمئن نہ ٿيو آهيان. مون کي تفصيل ٻڌاءِ.
احمد: اسين پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي 200 گهرن جي مدد ڪريون ٿا. اهي غريب هاري آهن. اسين جنوريءَ جي شروعات کان ڊسمبر جي پڇاڙيءَ تائين سندن گهرو ۽ پوکي راهيءَ جو خرچ کين ڏيون ٿا ۽ اهي فصل لهڻ بعد قرض واپس ڪن ٿا. اسان وٽ سڄي سال دوران سندن خوراڪ، گهرو سامان، ڪپڙن، زرعي اوزارن ۽ اڏاوتن وغيره جي پورائي لاءِ اضافي سرمايو نہ آهي. مختصر اهو تہ اسين سندن ضرورتون ۽ روڪ رقم مهيا ڪريون ٿا. سرمايو نہ هجڻ جي ڪري اسين شاهوڪار واپارين کان پيسا وياج تي کڻي، ڳوٺاڻن کي قرض ڏيون ٿا ۽ موٽ ۾ ساڳين شرطن تي رقم واپس وٺون ٿا. ان طريقي کان سواءِ ڳوٺاڻا رڳو هڪ مهينو بہ گذارو ڪري نٿا سگهن. اسين وياج مان ڪجهہ رقم بچايون ٿا، پر جيئن تہ ڪي باقيدار (Defaulters) ۽ بيواهون ۽ يتيم آهن، تنهنڪري وياج مان بچيل پيسا حرام نہ پر خيرات سمجهي کين ڏيون ٿا. ڳوٺ جي واحد مسجد لاءِ بہ پيسا امداد طور ڏنا وڃن ٿا.

سب انسپيڪٽر: احمد! تون چڱو ايماندار ماڻهو آهين. مون کي وڏيري عرض محمد برغلايو هو ۽ توکي سزا ڏيڻ لاءِ سوچيو هئم. اسين هاڻي بيا بہ ڏينهن وٽس رهنداسين ۽ ڪيس ان برغلائڻ جي سزا ڏينداسين.
احمد: وڏيري عرض محمد پنهنجي گهٽي ملڪيت ڪپائي ڇڏي آهي. هو غريب آهي. توهين بہ ڏينهن مون وٽ ترسي سگهو ٿا. آءٌ اوهان سڀني جي خدمت ڪندس.

مون کي وياج جي مذهبي پهلوءَ تي ٽيڪاٽپڻي ناهي ڪرڻي، پر سنڌ جي

گذريل ٽي هزار سال دوران وياج بابت اهم وضاحت ڏيڻ چاهيان ٿو، جيڪا هينئنءَ ريت آهي:
رگ ويد ۾ لکيل آهي تہ وياج تي پيسا ڏيڻ سُپٽيو ڪاروبار آهي.

اُپنشدَ ساڳيو بيان ورجائيندي وياج جي نرخ (Rate of interest) کي باضابطا بنائڻ لاءِ چون ٿا. اُپنشد سنڌ ۽ پنجاب ۾ 700-600 ق . م ڌاري رائج ويساهن جي پيداوار هئا، جيڪي ويدڪ عقيدن ۾ شامل ڪيا ويا هئا. اها سنڌو تهذيب جي اثر جي رهت (Lingering influence) هئي، جنهن جو هڪ هزار سال اڳ زوال ٿي چڪو هو. ان مان ظاهر ٿيو تہ موهين جي دڙي واري وقت ۾ بہ وياج هو.

گوتم ٻڌ چيو تہ وياج جو اگهہ (Rate of interest) مختصر مقصد لاءِ 15، 20 ۽ 25 سيڪڙو ٿي سگهيو ٿي، پر پهرئين سال بعد ڪوبہ وياج وصول نہ ڪبو. ڪوٽليا ارٿ شاستر ۾ چوي ٿو تہ جيڪڏهن مقروض موڙي ۽ وياج واپس ڪرڻ لائق نہ آهيَ تہ حڪومت پيسا وصول ڪندي، پر قرض ڏيندڙ (Lender) وصوليءَ لاءِ پنج سيڪڙو سرڪار کي ڏيندو. بهرحال سمورو وياج موڙيءَ کان وڌيڪ نہ هوندو.

ڌرم شاستر ۾ منوءَ وياج جو اگهہ 5 سيڪڙو مقرر ڪيو. ان کان مٿي اگهہ جي وصوليءَ جي پابندي هوندي ۽ وياج مور کان وڌ نہ ٿيندو. سنڌ ۾ اهو طريقو اختيار ڪيو ويو ۽ عرب گورنر (711ع کان 854ع تائين) ان ۾ مداخلت نہ ڪئي. هبارين (854-1011ع) بہ ائين ڪيو. يارهين صديءَ ۾ گهڻا سنڌيَ اسماعيلي ٿي ويا پر طريقيڪار هلندو رهيو. تيرهين صديءَ کان پوءِ سُني صوفين ماڻهن جو مذهب تبديل ڪرايو، پر سڀ کان وڏي مذهبي تبديلي پندرهين صديءَ ڌاري سمن جي دور ۾ آئي. ماڻهن لاءِ بہ رستا هئا. يا هندو يا اسماعيلي رهي ڪاروبار ڪن، وياج ڏين ۽ وٺن، يا وري سني ٿين ۽ ڪاروبار ڇڏين. سنين لاءِ هرطرفي

ڳالهہ تي پئي. هو وياج وٺي نٿي سگهيا، پر جڏهن ڪنهن کان اڌارو وٺن تہ وياج پرين. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ سَڄن 700 سالن ۾ ڪاروبار هندن ۽ اسماعيلين جي هٿ ۾ هليو ويو.

جنرل ضياءَ بنا وياج صرافو (Interest free loans) شروع ڪيو. بلڪل ٺڳي هئي ۽ ملن کي خوش رکڻ لاءِ اهو نفعي ۾ حصو هو، نہ ڪي وياج. هن هارين کي بنا وياج قرض جي موڪل ڏني، پر ڪنهن بہ هاريءَ کي قرض نہ مليو. تقريبن سيني حالتن ۾ انهن قرض لاءِ زميندارن ضمانت ڏني ۽ قرض خود استعمال ڪيا. حقيقت ۾ نفعي ۾ ڪابہ حصيداري وياج کي جائز قرار ڏيڻ جو بيو نالو آهي."

# ڳوٺاڻو هندو دوڪاندار ۽ وياج

ڏاڏي کي 14 ٻار هئا، جن مان بابو يارهون ۽ سندس پٽن مان ڀريون ٻار هو. ٻارهين هڪ نينگري ۽ تيرهون منهنجو چاچو هو. سکر بئراج نڪرڻ کان اڳ وارا واهه سڏا سنڌوءَ مان نڪرندا هئا ۽ سال جي ٽن مهينن دوران جام ڪاٿي ٿيندي هئي. عام طور پنجن فصلن مان به نه ٿيندا هئا ۽ سرِڙيو هاري مقروض هوندو هو. ڏاڏي جون ڏيئرون ڏکيو جسماني پورهيو - جيئن ڪاٿي ڪٽڻ، هر ڪاهڻ، ڏانداري هلائڻ، پتر پيچڻ، ڳاهه ڳاهڻ، وائُر ڪرڻ، جيڪي مرد ڪندا هئا، ان ۾ مدد نٿي ڪري سگهيون، تنهنڪري هو پنهنجي وس آهر اپائي ايڪڙ ساريال زمين کيڙي ۽ کير وغيره لاءِ مينهون پالي، آکهه نپائي رهيو هو. مال ڏارڻ واريءَ صورت ۾ ڏيئرون گاهه ڪرڻ، چارو وجهڻ، کير ڏهڻ ۽ ولوڙڻ جهڙن ڪمن ۾ مدد ڪري سگهيون ٿي. اهڙين حالتن ۾ هن وٽ پاڇي بچت (saving) نه هئي ۽ هندو دوڪاندار کان اوڌر وٺي سال ۾ هڪ دفعو ڊسمبر ۾ موٽائيندو هو. هو ٽڳڻ واري ملان مڪتب مان پڙهيل هو، پر ملان تي رهڻ بدران هن پنهنجي جسماني پورهئي سان روزي ڪمائي، انڪري ڳوٺ ۾ سندس وڏي عزت هئي. جيتوڻيڪ ڪن مذهبي رسمن لاءِ ڳوٺ ۾ ملان ضروري هو، پر انهن مان گهڻا تڏا اخلاقي ڪمزورين ۽ لالچ ۾ ورتل هئا ۽ خيرات ۽ چلتر (Trickeries) تي گذارو ڪندا هئا، انڪري اڻويهين صدي ۽ اوائلي ويهين صديءَ جي ڀهراڙين ۾ ملان جي

عزت نہ هئي، يا شايد اجا بہ گهٽو اڳ، جيئن گذريل پنجن صدين جي سنڌي ادب مان ظاهر آهي. ملن جي اهڙن افعالن جي ڪري صوفين جي وڌيڪ عزت هئي، جيتوڻيڪ انهن مان بہ ڪيترا ٺڳ نڪري پوندا هئا. في الحقيقت ملا ڪل جو سبب هئا. جڏهن تہ سچن صوفي ماڻهن جي هميشہ عزت ڪئي پئي وئي آهي.

هو مڪاني هندو دوڪاندار ڪان اڌاري ورتل رقم تي گذارو ڪندو هو، جيڪو ڪانئس قلجي اسٽيشن جي اڳهن ڪان، جيڪا فقط پنج ڪلوميٽر پري هئي، ساڍا ٻارنهن سيڪڙو وڌيڪ وصول ڪندو هو. ان مان يا سوا ڇهہ سيڪڙو مال جي ڪٽائي ۽ رڪاٽيءَ جا ۽ باقي سوا ڇهہ سيڪڙو نفعي جا هئا. قرض تي بہ سوا ڇهہ سيڪڙو وياج وٺندو هو. نومبر 1933ع ۾ ڏاڏو ۽ بابو اسان جي ڳوٺ جي وڏيري حاجي الهہ ورائي سان، جيڪو حسابن ۾ ڪورو هو، ليکو چڪائڻ ويا. بنديون صحيح طريقي سان رکيل هيون، يعني ڪرڙا ۽ وهيون هيون ۽ حساب ۾ بلڪل ايمانداري هئي. هو وهيءَ مان اسم پڙهندو پئي ويو ۽ بابو اهي جوڙ ڪرڻ لاءِ لکندو ٿي ويو. مان ٻن آمهون سامهون رکيل کٽن، جن تي هو ويٺا هئا، جي وچ ۾ پٽ تي ويٺي، ٻڌي رهيو هئس. نيٺ سال جي حساب ۾ 380 روپيا ٿيا، جيڪي منهنجي والد قبول ڪيا. واٽئي وياج گهريو، جنهن جي حساب جي طريقي کان وڏيرو اڻ واقف هو. هن ارادتن ان جا 50 روپيا لڳايا، جيڪي عام طور معاملي سازي ۾ اڌ ڪيا هئا. سڀ اوڌر وٺندڙ مسلمان وياج ڏيڻ کي خراب سمجهندا هئا. مون اٿي بابي کي آهستي ٻڌايو تہ ”مون زمين تي ڪاٺيءَ سان لکي حساب لڳايو هو تہ سوا ڇهہ سيڪڙي جي اڳهہ سان رقم 23 روپيہ 12 آنا ٿيندي.“ واٽئي اهو ٻڌي ورتو ۽ مون ڏانهن نهاري ڪليو. ڏاڏي کي چيائين تہ ”مان اهو انگ ٻڌان ٿو جيڪو تنهنجي ننڍڙي پوٽي چيو آهي. هي ڏاڏو ڪو هوشيار آهي ۽ حساب ڪتاب ۾ دلچسپي رکي ٿو. مان اڄ کان وٺي ڪيس حساب ڪتاب رکڻ

سيڪاريندس.“ هن پنهنجي سهائڪ (Assistant) روبي مل کي چئي مون کي ڪاٺڻ ۽ گهر ڪٽي وڃڻ لاءِ ڪجهه مٺائي ڏياري. مان لچارو هئس ۽ هوريان چيم ته ”اهو مون وارو انگ به درست نه هو، ڇاڪاڻ ته ڪن اسمن تي سال جو نه پر ٿوري وقت جو وياج ٿيندو. انڪري هر اسم جو وياج الڳ الڳ لڳايو وڃي.“ پٺي ڏينهن بابي مون کي سندس دوڪان تي موڪليو، جتي پنس روبي مل مون کي هٽڪي (دوڪاندارن جي) لکت سيکاري. جڏهن مان هاءِ اسڪول پڙهڻ ويس، تڏهن ساڳئي واٺئي منهنجي پڙهڻ لاءِ بابي کي اڳواٽ قرض ڏنو. جنهن ڪانسواءِ مان مئٽرڪ پاس ڪري نه سگهان هان. منهنجي پڙهڻ کان هو بلڪل نه ڊنو، پر خوش ٿيو ته هن ڳوٺ مان ڪو ته نالو ڪڍندو!

هن جو پيءُ ليلومل سالن تائين منهنجي ناني سان ياٺيوار هو. ناني جو مٽس ايترو ته پروسو هو، جو هن رڌ پچاءَ کان اٿڄاڻ پنهنجي نوجوان زال کي سيکارڻ لاءِ ليلو مل کي چيو، جنهن کيس آسپاس جي ڳوٺن ۾ بهترين راڌڪ (cook) بنايو. 1919ع ۾ ناني جي وفات تي هن جا دوڪان ڏانهن 32 هزار روپيا باقي ٿيا. سندس وڏي پٽ محمد نواز سڀ رقم ڪپائڻ بعد ياٺيواري ختم ڪري ڇڏي، پر واٺئي کي 200 مسلمان گراهڪ هئا، جن کي جنوريءَ کان ڊسمبر تائين قرض ڪٽائيندو هو ۽ سارين جي لاباري بعد نومبر ۽ ڊسمبر ۾ اهو وصول ڪندو هو. هو شاديءَ ۽ ٻين موقعن لاءِ به اڳواٽ قرض ڏيندو هو. عيد تي ڪپڙا به اڌارا ڏيندو هو. شب برات تي ٻارن لاءِ آتشبازيءَ جا اسم به مهيا ڪندو هو. عام طرح هي به سماج جو هڪ فرد هو. هن جا ٻار هاءِ اسڪول ڪونه ويا. اٽڪل ٻه ڪلوميٽر فاصلي تي الهه آباد ۾ هن جو گهر هو، جتي ويندڙ ڳوٺائين عورتون جو چوڻ هو ته اُهو پڪسرو هو ۽ ان ۾ گارڊر ۽ ٽِيئر پيل هئا، پر رهڻي ڪهڻي گهڻي اعليٰ نه هيَس. هي سالياني اوڌر جو هڪ لک روپين تائين ڪاروبار ڪندو هو، جن مان ٿوري بقايا رهجي ويندي

هئي. پاڪستان ٺهڻ تي هو بمبئي هليو ويو، جتي گذاري ويو. مامو محمد صالح چوندو هو تہ ”هو گهٽ مسلمانن کان پلو هو. سچي زندگي سندس ڪيل سچائي، سخاوت ۽ انساني دوستيءَ وارن ڪمن سبب الله هن تي رحم ڪندو ۽ ڪيس سرڳواسي بنائيندو.“

سنڌ جي بين سمورن دوڪانن وانگر سندس دوڪان بہ هڪ مڪاني مسلمان هٿ ڪيو، پر هن جي ڪاروباري نيتي ۽ ذميواريءَ واري جاءِ پرجي نہ سگهي. هُن پنهنجي ڌرم جي جدا هوندي ماڻهن جِي شيوا ڪئي. هندن جي سنڌ مان هليو وڃڻ ڪري سچي ٻهراڙيءَ جي معاشيات جو ذري گهٽ ڏينگو ئي ڏيري ئي ويو. نوَن آيل ماڻهن، سنڌي مسلمانن ۽ هندن جي سماجي لاڳاپن کي سمجهڻ کانسواءِ هندن جي خلاف پرچار شروع ڪيو، جيڪا ڳالهہ سنڌي مسلمانن کي نہ وڻي. سنڌي مسلمانن چيو تہ ”اسان گدڙ ڏيئي بگهڙ ورتا آهن.“

قرض ڏيندڙ پٺاڻ جلدي اڳتي آيا ۽ هنن 10 سيڪڙو ماهوار وياج تي پئسا ڏيڻ شروع ڪيا. 15 سال پوءِ واپاري بئنڪون اسريون، جن حڪومت جي تجويز هيٺ زرعي زمينون ۽ ڳهہ رکي قرض ڏنا. 1985ع واريءَ چڪاس مان ظاهر ٿيو تہ سنڌ ۾ 90 سيڪڙو زمين بئنڪن وٽ گروي هئي. هر وڏو ۽ ننڍو زميندار قرضي هو. وصوليون اڻپوريون هيون ۽ بقايائون سمائڻ لاءِ بئنڪن حڪومت جي اثرائتي مدد سان، في ايڪڙ وڌيڪ قرض جي حد مقرر ڪرڻ سان ماڻهن کي نوان قرض ڏنا، يعني 1500 روپيہ في پيداواري ايڪڙ جي بجاءِ وڌائي 3000 روپيا في ايڪڙ ڪيو. زمين گروي زهي، پر رڳو ڪاغذن ۾ قرض واڌو وياج، نئين جاري ڪيل پيشگي بنسبت پراڻو ڏيکاريو ويو. بئنڪ جي ملازمن بہ قرض وٺندڙ کي اٽڪل سان ڦريو. گذريل 15 سالن ۾ اهو عمل بہ ٽي دفعا ورجايو ويو آهي. اهو صحيح آهي تہ 1917ع کان 1940ع تائين پوريءَ دنيا ۾ اقتصادي منداڻيءَ سبب سنڌ جي اٽڪل 30 سيڪڙو زمين هندن

وٽ، گروي هئي، پر سنڌ اسيمبليءَ اها پڌرائي ڪئي هئي ته واڻين وياج مان گهڻو حاصل ڪيو آهي، انڪري موڙي موٽائڻي نه هئي، ۽ زمين سواءِ ڪنهن عيوضي جي مالڪن کي واپس ڪئي وڃي. خود اسيمبليءَ جي هندو ميمبرن هن تجويز جي انهيءَ بنياد تي پٺڀرائي ڪئي ته منو شاستر مطابق وياج مور کان وڌي نٿو سگهي، انڪري ادا ڪيل وياج قرض طور ڏنل موڙيءَ ۾ مجرا ڏنو وڃي. هنن اهو به چيو ته جيڪڏهن قرضي زمين جو قبضو ڏئي چڪو آهي ته زمين مان تيل لاڀ مان پونجي واڌو وياج قرض کي ختم ڪن ٿا، ۽ اُها زمين مالڪن جي واپس ڪجي.

منهنجي راءِ ۾ سنڌ جو هندو واپاري ٺڳ نه هو، جيئن نوان آيل يا آسودا شهري ماڻهو چون ٿا. عام طرح هو کرو (Fair) ۽ ماڻهپي وارو هو. هو پئسا وياج تي اڌارا وٺي مڪاني لوڪن جي مدد ڪندو هو. قرض تي وياج هن جو حق هو ۽ سندس نه اڳڙڻ جهڙا ڪندا به سيني ماڻهن کان وصول ڪيل وياج مان پورا ڪيا ويندا هئا، يعني Write off ڪيا ويندا هئا. ليلي مل جي ياءُ هوندي مل جو پٽ ڏي. جي نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۾، انٽرميڊيئيٽ سائنس ۾ منهنجو ڪلاسي هو. هو ناپاس ۽ مان پاس ٿيس. مون کي اين . اي. ڊي ڪاليج ۾ داخلا ملي. نتيجو ٻڌي هوندي مل بابي کي چيو ته "منهنجو پٽ انجنيئر ٿئي يا تنهنجو، ڪو فرق نه آهي. ڪجهه عرصي بعد تنهنجو پٽ ڳوٺ ۾ وڏو گهر جوڙائيندو. واڻهن کي اڌارائيندڙ جي نالي جي خبر نه هوندي ۽ چوندا ته ابراهيم ڪڇيءَ جي انجنيئر جو گهر آهي. اهو اسان جي ڳوٺ جو نالو ڪڍرائيندو، تنهنڪري اسان سندس پڙهائيءَ ۾ مدد ڪنداسين."
توڙي جو منهنجي پڙهائيءَ جوخرچ نه مرچومل ۽ نه هوندي مل پر مامي محمد صالح ڪيو، پر ڪيس انهن ٻنهي واڻين، جڏهن به مون کي ضرورت پئي، ته قرض ڏيڻ کان انڪار ۽ دير نه ڪئي. اُها هُئي آزاديءَ واري وقت کان اڳ جي سماجي ۽ اقتصادي ترڪيب، جا هميشه لاءِ

ختم ٿي وئي. اهو ئي سبب هو، جو سنڌي مسلمان سنڌي هندوءَ کان نہ فقط نفرت ڪونہ ڪندو هو، پر ڪيس پنهنجو سچو همدرد سمجهندو هو. شهر جي هندن سنڌي ادب، تعليم ۽ ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي ۽ ان ترقيءَ ۾ سندن وڏو حصو هو.

# قيامت اچي پئي: هڪ اڳڪٿي

1351ع هجري جي ماهہ رمضان مطابق 1932ع جي، جنوري مهيني جي ٻئي هفتي ڌاري، منهنجي ڏاڏي کي گشتي مراسلو مليو، جيڪو مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي تہ هيٺين ريت هو: ”آئون سيد حاجي احمد ولد حاجي عبدالله، مديني منوره جو رهاڪو، خدا ۽ خدا جي رسول (حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم) ۽ اسلام جي مڃڻ وارن کي آگاهہ ٿو ڪريان تہ مان روضي رسول صلعم ۾ ستل هئس تہ مون کي رسول صلعم جن خواب ۾ آيا ۽ چيائون تہ منهنجي امتين کي ٻڌاءِ تہ 30 شعبان 1356 هجري تي قيامت برپا ٿيندي ۽ اهو زمين تي توهان جو آخري ڏينهن هوندو. ان کان اڳ ۾ ياجوج ماجوج ماڪڙ وانگر ظاهر ٿيندا ۽ سڀ نباتات، وڻ، ٻوٽا، گاهہ، ڪک پن، اناج ۽ پاڻي، ڪجهہ ساوڪ کانسواءِ سڀ جيت ۽ ڪي جانور بہ ڳڙڪائي ويندا. هي دنيا ڦٽل بيابان ٿي ويندي. ان کانپوءِ دجال ايندو، جنهن جا شاخدار سڱ ڌرتيءَ جيترا ويڪرا آهن. سو بلا امتياز سڀ جانور ۽ اڪثر گناهگار ماڻهو ماري ڇڏيندو، پر ٿورا ڪي گنهگار رهجي ويندا. جيڪي قيامت کي منهن ڏيندا. 30 شعبان تي خود قيامت جو ڏينهن شروع ٿيندو. سج ڌرتيءَ کان هڪ ميل جي فاصلي تي اچي ويندو. سج سڀ ڌاتو، لوهہ، ريل جون پٽڙيون، ريل گاڏيون، انجڻيون، جهاز ۽ پليون وغيره ڳاري ڇڏيندو. اهو ايترو گرم هوندو، جو زمين توڙي سمنڊ وارو پاڻي ٻاڦ ٿي ويندو ۽ سج ۽

ٻاڦ ٿئي گناهگار ماڻهن کي جلائي ڇڏيندا. ڏينهن تمام ڏکيو ٿيندو ۽ گرميءَ ۾ اوهين پڇي ذري گهٽ خاڪ ٿيجي ويندا پر مرندؤ ڪونه. رڳو الله ۽ اسلام ۾ ويساهه رکندڙ، نمازون قائم ڪندڙ، روزا رکندڙ ۽ حج ڪندڙ انهيءَ ڏينهن ڪابه تڪليف محسوس نه ڪندا. تنهن جي ڪري آءٌ، سيد احمد، اوهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته رسول صلعم جي صدقي اڄ کان وٺي دنيوي ڪمن ۾ دلچسپي ڇڏيو، مثال طور جائداد وٺڻ ۽ پئسا گڏ ڪرڻ. توهين خيرات، زڪوات، صلوات، عبادت، تلاوت، حديث، مولود، ذڪر ۽ فڪر ڏانهن ڌيان ڏيو. ان کان علاوه جيڪڏهن اوهان هن مراسلي جون ڏهه ڪاپيون ڪري پنهنجيءَ ناتي ڪانسواءِ ڏهن مختلف ماڻهن ۾ ورهائيندا ته رسول صلعم جي پيغام پهچائڻ جي صلي ۾ اوهان تي قيامت جو عذاب نه ٿيندو. هر پڙهندڙ تي اهو لازم آهي ته ان جا ڏهه نقل ڪري ورهائي. جيڪو به ائين نه ڪندو ان تي عذاب الاهي نازل ٿيندو ۽ ڪيس ڌرتيءَ تي آخرت جي ڏاڍي تڪليف رسندي."

منهنجي ڏاڏي اهو مراسلو پڙهيو ۽ بابي کي ڏهه ڪاپيون ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ اهي ڏهن ڳوٺن جهڙوڪ جاڪپاري، جبيرجي، ناصراڻي، نئون ڳوٺ، پراڻو ديرو، جهتيال وغيره ڏانهن ڏياري موڪليون ويون. هڪ ڪاپي گهر ۾ رکيائون جيڪا مون ڪيترن ئي سالن تائين پئي پڙهي ۽ ياد ٿي وئي. منهنجو پيءُ ۽ چاچو اهو پيغام پهچائڻ لاءِ روانا ڪيا ويا. هو انهيءَ نيڪ ڪم لاءِ خوش هئا ته انڪري هو زمين تي آخر ڏاڍي واري عذاب کان بچي ويندا. هونئن به مان انهيءَ قصي کان ڊنل هئس ۽ اهو به ڊپ هو ته جلدي مون کي ياجوج ماجوج کائي ويندا. پر جي اتان بچيس ته اچيو بکيو دجال پنهنجي سڱن تي مون کي مٿي اڇليندو، پر جي اتان به بچي ويس ته سج جي تپش تي پڄجي ويندس. مون سوچيو ته انهيءَ سڄي زيادتيءَ ۾ منهنجو ڪوبه قصور نه هو. مون کي زندگي ۽ دنيا ٻئي عزيز هيون، جن ۾ مزو هو ۽ اهي ٻئي منهنجي 11 سالن جي ٿيڻ کان

اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويندي‌يون. مون کي پنهنجي والده، والد ۽ ڪٽنب جي بين ياتين ۽ رانديڪن ۽ ڪتابن جو به ڏک پئي ٿيو، جيڪي سڀ منهنجي اکين اڳيان سڙندا.

اٽڪل ٽيهارو سال پوءِ مون کي پڌايو ويو ته اهي سڀ مراسلا هڪ سازش هئا ته جيئن سکر بئراج جي وهڻ بعد 50 لک ايڪڙ سرڪاري نيڪال ٿيندڙ زمين، غريب سنڌي ڳوٺاڻا خريد نه ڪن.

انهن خطن کان علاوه شڪارپور جي واعظ مولوي قمرالدين ۽ مولوي محمد سليمان نوناري ترڙي محبت واري، پنهي کي ڳوٺ ۾ وڏيري الهورائي گهرايو ۽ اجورو به ڏنو. هنن اڌ رات تائين مسجد ۾ مراسلي واري مضمون جيان بلڪه ان کان به وڌيڪ تفصيل سان قيامت بابت پڌايو ۽ ماڻهن کي چيو ته "ايندڙ دنيا لاءِ سوچين. ملڪيت ٺاهڻ بجاءِ غربت ۽ تڪليفن کي پنهنجائين، ته الله کين بهتر اجورو عطا ڪري." مولوي سليمان اسٽيج تي وڏيءَ اداڪاريءَ سان تقرير ڪندو هو. هو ماڻهن کي امام حسين رضه جي ڪربلا واري ڳالهه پڌائي، روئاري، ۽ يوسف زليخا وارو قصو پڌائي کلائي سگهندو هو. سندس وعظ جي پڄاڻيءَ تي اڌ ڪلاڪ جي دعا گهري وئي ته "الله پاڪ وڏيري الهورائي، سندس گهر واريءَ ۽ اولاد کي ڊگهي عمر عطا ڪري ۽ سکيو ستابو ڪري." مون اهڙا به ٽي وعظ 1932ع ۽ 1935ع ۾ ٻڌا. اهو ساڳيو وقت هو، جڏهن وڏيري ڳجهيءَ طرح سکر بئراج تي ڳوٺ جي پر واريون زمينون خريد ڪيون، ڇو ته ٻن مولوين جي وعظ سبب، ڳوٺ مان ڪنهن به زمين نه ورتي.

قيامت ڪڏهن ايندي؟ اها اڳڪٿي ڪوبه نٿو ڪري سگهي. زمين ۽ سج، نظام شمسيءَ جي گرهن سميت اٽڪل 46 ڪرب سال پراڻا آهن. سج هائيڊروجن بم وانگر آهي ۽ ڏهه لک سينٽي گريڊ درجي حرارت تي

ٻري پيو. اهو آخر پنهنجو سمورو مادو ٻاري ڌرتيءَ وانگر ٽڏو ٿي ويندو ۽ سج جي روشني ۽ گرمي نہ هئڻ سبب ڌرتيءَ تي ڪابہ شيءِ اسري نہ سگهندي. ڪنهن بہ سائنسدان کي اهو پتو نہ آهي تہ اهڙي صورت حال ڪيترن ملين يا بلين يا ڪرب سالن کانپوءِ ٿيندي، پر يقينن هڪ ڏينهن ائين ٿيندو ۽ اها بہ ڌرتيءَ لاءِ هڪ قسم جي قيامت هوندي.

# سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي

مون اسڪول جي اوائلي ڏينهن ۾ سنڌ جو نقشو ڏٺو هو ۽ خبر هيم تہ ڌرتيءَ جي انهيءَ حصي ۾ سنڌي رهن ٿا ۽ سنڌي ڳالهائين ٿا. 1931ع ۾ عيدالفطر، جيڪو مون حساب ڪيو آهي، ائين فيبروريءَ تي هئي. عيد نماز کان پوءِ مامي محمد صالح اجتماع کي خطاب ڪندي، بمبئيءَ کان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جي شاخ کولڻ جو اعلان ڪيو ۽ هيٺين عهديدارن جا نالا ڏنا، جيڪي قبول ڪيا ويا:

| | | |
|---|---|---|
| صدر | : | مولوي محمد قاسم |
| نائب صدر | : | وڏيرو الله ورايو |
| سيڪريٽري | : | وڏيرو محمد صالح |
| خزانچي | : | حاجيّ پنهور |

اها خبر روزانہ "الوحيد" ۾ 24 فيبروري 1931ع ۾ شايع ٿي. نماز کان پوءِ هنن هڪ آني في رڪن جي حساب سان ميمبرن جي ياداشت ٺاهي . مامي فارم ڀريا ۽ بابي رسيدون صحيح ڪري ميمبرن کي ڏنيون ۽ رسيدن جو ٻيو حصو پاڻ وٽ رکيائين ۽ هرهڪ ميمبر کان هڪ آنو وصول ڪيائين. هر هڪ جي هٿ ۾ رسيد هئي. مان بابي جي ڀر ۾ بيٺو هئس ۽ چيومانس تہ آءٌ ميمبر ٿيڻ چاهيان ٿو. مون کي چيائين تہ "توکي جنگ تي هلڻو پوندو." مون چيومانس تہ "مان بہ جنگ تي هلندس ۽ سندس پويان لڪي بيهندس." پوءِ هن منهنجو نالو لکيو ۽ هڪ رسيد مون کي ڏنئي

ڪيسي مان هڪ آنو جمع ڪيائين. مون کي خوشي ٿي، جو مان به ميمبر هئس پر ٻيا اسڪولي ڇوڪرا نه هئا. ٿورن ڏينهن بعد جڏهن اسڪول ڪليو ته ڇوڪرن رسيد آڻڻ لاءِ چيو پر مون ائين نه ڪيو، ڇو جو مون کي خوف هو ته هو اها ڦاڙي ڇڏيندا. اٽڪل مهيني کن بعد سڀني ميمبرن کي ڇوٽي پني جا به صفحا مليا ۽ مون کي پڻ. مان اهي پڙهي نٿي سگهيس. ان ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان الڳ ٿيڻ جا فائدا بيان ڪيل هئا. هڪ ٻار جي حيثيت ۾ سنڌ جو بطور صوبي جي منهنجو تصور مختلف هو. مون سمجهيو ته ”نون سڌارن سان اسان جو ڳوٺ ترقي ڪري ڦلجي ريلوي اسٽيشن جهڙو ٿي پوندو ۽ ڳوٺ سامهون اسٽيشن ٺهندي. ڦلجي سڌري دادو شهر جهڙو ٿي ويندو. دادوءَ کي پهرين اپريل 1931ع کان ضلعي بنائڻ جي نئين رٿا هئي، جو وڏي لاڙڪاڻي جهڙو اهم ٿيندو، ۽ ڪراچي وڏي بمبئيءَ جي برابر ٿي ويندي. اسان جي پنهنجي اسڪول ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي استاد هوندا ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ ٽپيدار جو ديرو هوندو. انگريز مان ڏاڍو خوش هئس ته ڳوٺ جي سڌاري سان ڳڏوڳڏ زندگيءَ جو معيار به وڏي ويندو.“ ان ڏينهن کان مون سوچيو ته مون کي سنڌ کي سمجهڻو آهي. هن تنديڻ جي نفسياتي لڳاءَ مون کي سنڌ بابت وڌيڪ پڙهڻ تي آماده ڪيو ۽ 1949ع تائين مون ڏاڍا گهڻا ڪاغذ ۽ ڪتاب ڪٺا ڪيا، جن ۾ معياري ادب نه پر تاريخ جاگرافيءَ جا ڪتاب ۽ ڪي سرڪاري رپورٽون به شامل هيون. 1949 ع ۾ جڏهن مون پڙهڻ لاءِ آمريڪا وڃڻ جي تياري پئي ڪئي، تڏهن سڀ ڪتاب هڪ ڪتب فروش کي ٽن هزار روپين ۾ وڪرو ڪيم. جنهن جو افسوس اٿم، ڇاڪاڻ ته اهي مون 17 سالن ۾ ڪٺا ڪيا هئا. اهو به ڀڇتاءُ اٿم جو انهن ۾ ”ايشياٽڪ سوسائٽي آف بينگال“ جا فارسي ڪتاب، ڪجهه رسالا ۽ فارسي ۽ انگريزيءَ مان ترجمن جا ڪتاب به شامل هئا، جيڪي ڪجهه سالن ۾ ناياب ٿي ويا. پر جيئن مون وڌيڪ پڙهيو،تيئن منهنجي وڌيڪ ڄاڻ حاصل

ڪرڻ لاءِ اشتها وڌي. پنهنجي اسڪول ۽ ڪاليج وارن ڏينهن ۾ اڪثر ڪري مون تاريخ، جاگرافيءَ ۽ سنڌي ماڻهن جي جنم ساڪين بابت ڄاڻ ڪني ڪئي. ٻيو فائدو هيءُ ٿيو ته سنڌ جي عام توڙي خاص ماڻهن کي ڏسڻ لاءِ منهنجو شوق وڌيو، جنهن مون تي اهو واضح ٿي ڪيو ته منهنجا ابا ڏاڏا صدين کان رزق ۽ اجهي جي ڳولا ۾ اتي پٽي قريا هوندا. مون پنهنجا احساس ۽ همدرديون انهن سان ڀٽي ونڊيون. سرڪاري نوڪريءَ دوران ٿر ۾ مون ڪيترائي سڪل کوهه ڏٺا ۽ اُداس ٿي ويس. سوچيم ته وڏڙن ڪيترن ڏينهن يا مهينن بلڪه سالن ۾ اهي کوٽيا هوندا ۽ ڪيترا نه نراس ٿيا هوندا، شايد سندن ڏيور اجيا مٺا هوندا. سنڌ جو هر ماڳ جيڪو مون ڏٺو، ان جا قِتل آثار (Ruins) به ڏٺا آهن. ڪڏهن ته اجڙيل ماڳن جي قدامت ۽ ان جي رهاڪن بابت ڪو پتو نه ٿي پيو. مون پاڻ کي چيو "اسين سڀ جيڪي سنڌ ۾ رهون ٿا، تن جا وڏا ساڳيا آهن. چاڪاڻ ته 16 هزار سال اڳ کان جڏهن جديد ماڻهو سنڌ جي سر زمين تي ظاهر ٿيو، اسين سنڌ جي ماحول ۽ پيداوار ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهيا آهيون." 1949ع ۾ سنڌ متعلق ڪتابن جو وڪرو، منهنجي نفسياتي لڳاءَ جو خاتمو نه هو، انهيءَ بنهه شوق وڌايو. 1950 ع ۾ آمريڪا ويندي لنڊن ۾ لٽس ۽ بار وڏيڪ هئڻ ڪري اتان رڳو ٽي معياري ڪتاب "ائنٽيڪئٽيز آف سنڌ"، "مهراڻ آف سنڌ" ۽ "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" ورتم. جيئن ته مون کي لنڊن جي ناياب ڪتاب وڪڻندڙن جا پتا معلوم هئا ۽ 1952ع تائين سنڌ بابت هڪ سئو ڪتاب آمريڪا مان گهرايم، جيڪي 1953ع ۾ سمنڊ جي رستي ڪراچيءَ ۾ اچي پهتا. بحيثيت ائگريڪلچر انجنيئر جي، مون زميني پاڻي چڪاسڻ جو پروگرام شروع ڪيو. هن پروگرام مون کي سنڌ بابت پڙهڻ ۽ ان کي سمجهڻ ۾، جيڪو مون کان اڳ ۾ ڪنهن به نه ڪيو هو، ان لاءِ انهن ڪتابن منهنجي رهنمائي ڪئي. ان بابت وڌيڪ احوال "مون ڳوٺ ۾ ڪوهه لڌو آهي" واري باب ۾ آهي.

زندگيءَ ۾ مون ڪنهن به پئي موضوع کان وڌيڪ سنڌ جو مطالعو ڪيو آهي. ان ڏس ۾ ڪتابن جمع ڪرڻ، خاڪن ۽ تاريخي نقشن گڏ ڪرڻ، تصويرن ڪڍڻ، پراڻيءَ سنڌ جي تصويرن جا فوٽا يا هاڻي اسڪئننگ (Scanning) ۽ ٽائيپ ڪرائڻ وغيره تي مون پنهنجن ضرورتن، جهڙوڪ گهرن، گاڏين، مسافرين ۽ زندگيءَ جي ٻين گهرجن کان وڌيڪ خرچ پئي ڪيو آهي.

# پٽ تي ٺنگيل نقشا ۽ چارٽ

پرائمري اسڪول ۾ ابتدائي ٻئي درجي کان وٺي ستين درجي تائين جاگرافي لازمي مضمون هو، جڏهن ته ٻاراڻو هڪ سال اڄ جي وانگر، اضافي هو. اسان دادو تعلقي جي جاگرافي ٻئي درجي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي ٽئين درجي ۾ سکي. دادو 1931ع جي وچ ڌاري ضلعو ٿيو ۽ اسان کي ان جي جاگرافي به پڙهڻي پَئي پر انهيءَ جي ڇپجڻ ۾ سال کن لڳو. سنڌ جي جاگرافي چوٿين درجي ۾، جڏهن ته هندستان ۽ ايشيا جي پنجين ۽ ڇهين، پرائمريءَ ۾ ۽ ايشيا ۽ دنيا جي جاگرافي ڏيهي فائينل امتحان لاءِ ستين درجي ۾ پڙهائي ويندي هئي. ساڳيون ئي جاگرافيون هاءِ اسڪول جي پهرين ٽن درجن ۾، ۽ وڌيڪ تفصيلِ سان آخري چئن درجن ۾ مئٽرڪ لاءِ سيکاريون هيون. پٽين تي وڏا رنگين نقشا ٺنگيل هئا، جهڙوڪ: دادو تعلقو، لاڙڪاڻو ضلعو، سنڌ، بمبئي پريزيڊنسي، هندستان، ايشيا، آمريڪا ۽ دنيا. هڪڙي دفعي جڏهن استاد تپن، شهرن، ڳوٺن، ريل رستن، گودين، رستن، واهن ۽ سنڌو درياءَ کي تعلقي جي نقشي ۾ ڏيکارڻ سيکاريو، تڏهن اسين به اهي سيني نقشن تي ڳولي ڏيکاري ٿي سگهياسين. ڪنهن چوڪر کي سيني نقشن ۾جاگرافيءَ جي مخصوص ماڳن ڳولڻ وارو معمو شروع ڪرڻ جو عجيب خيال آيو، ته يڪدم سڀ ٻار انهيءَ چٽاپيٽيءَ ۾ حصي وٺڻ لاءِ جاگرافيءَ ۽ نقشن جو مطالعو ڪري، ان جي ماڳن جا نالا وغيره ياد ڪرڻ ۾ مشغول ٿي

ويا. استاد کي اسڪول لاءِ پياري ڳوٺ کان ٽي ميلَ پنڌ ڪري اچڻو پوندو هو، انڪري هو هميشہ دير سان ايندو هو. انهيءَ وچ ۾ اسين نقشن تان ماڳ ڳولڻ واري پنهنجي راند کيڏندا رهندا هئاسين. پوءِ مون سمجهيو تہ اها تعليم جيڪا مون پرائي، سا اڳتي هلي منهنجي جاگرافيءَ ۽ تاريخي جاگرافيءَ ۾ دلچسپيءَ جو ڪارڻ بڻي. 1976ع ۾ مون سنڌ جا تاريخي نقشا ڳاهڻ شروع ڪيا ۽ ستن سالن تائين اهو ڪم جاري رکيو. مون تاريخي نقشن، گهٽ ۾ گهٽ 50 تاريخي نقشن جي ڪتابن (Atlases)، انيڪ سرڪاري ۽ سنڌ جي رپورٽن ۽ تاريخي ڪتابن مان حاصل ڪيل ناياب نقشن جو وڏو ذخيرو گڏ ڪيو آهي. مون وٽ 3000 کان وڌيڪ نقشا آهن جن ۾ "قديم سنڌ" ڏيکاري وئي آهي. مون ارضيات جي دؤر کان وٺي اڄ تائين سنڌ جا اٽڪل 500 نقشا پاڻ ٺاهيا آهن. جڏهن اهي شايع ٿيا تہ 1000 صفحن جو سنڌ جي تاريخي نقشن بابت مڪمل ڪتاب ٺهي پوندو، جيڪو سنڌ جي تاريخ جو خلاصو هوندو.ان ڪتاب تي هن وقت ڪم هلندڙ آهي.

نقشن ۽ جاگرافيءَ جي مدد سان دراصل سفر ڪرڻ ۽ سڄيءَ دنيا جي ماحوليات ۽ آبهوا، ماضيءَ جي آبهوائي تبديلين جو دنيا جي مختلف ڀاڱن ۾ رهندڙ ماڻهن تي پوندڙ اثرن کي سمجهڻ آسان هو. 1985ع ۾ منهنجي گهرواريءَ ۽ مون ميون جا نوان فصل متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. اسان دنيا جي باغبانيءَ جي مختلف تحقيقي مرڪزن جو مطالعو ڪيو، جنهن مان اسان کي اهو بخوبي معلوم ٿي ويو تہ ڪهڙا ڪهڙا فصل سنڌ لاءِ موزون ٿي سگهن ٿا. اسان پنهنجو موسمي نقشو تيار ڪيو، جنهن موجب سنڌ جا 12 زونِ ٿيا، جن کي اڳ ڏنل مرڪزن سان ڀيٽي نتيجو ڪڍيوسين تہ سنڌ ۾ ميون جا وڌيڪ 200 نوان قسم پيدا ڪري سگهجن ٿا، بشرطيڪ حڪومت ان ڪم ۾ ساٿ ڏئي. اِن لاءِ پرائمري اسڪول ۾ لڳل انهن نقشن جي مهرباني. حڪومت قوم کي جيڪي وڏا

تعليمي نقصان وڏا آهن، انهن مان ابتدائي ۽ ثانوي اسڪولن مان جاگرافيءَ جي لازمي تعليم جو خاتمو هڪ آهي، جنهنڪري ماڻهن کي جاگرافيائي علم کان اڻڄاڻ ۽ جاهل بنايو ويو آهي.

سياسي ۽ طبعي جاگرافي، جا ٽن ابتدائي سالن ۽ ستن سالن لاءِ انگريزي هاءِ اسڪولن ۾ اسان کي پڙهائي ويندي هئي، سا هاڻي بطور مضمون نٽي سيکاري وجي. اها طبعي ۽ اقتصادي ترقيءَ ۽ علم هيئت جي اپياس جو وسيلو آهي. 1979ع ۾ مان رايل جياگرافيڪل سوسائٽيءَ جو فيلو (Fel-low) ٿيس، جو بذات خود هڪ وڏو اعزاز هو ۽ خبر پئي ته دنيا ۾ نئين طريقي سان اپياس ڪيو پيو وڃي، مثلاً ساحلي هيئت (Coastal fea-tures)، زميني جِيوَڏِسا،(Territorail ecology)، شهر ڪاري (Urbanisa-tion)، مختلف ملڪن ۾ طبعي خطرا (Hazards)، زلزلا ، ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ، آبيات (Hydrology)، جاگرافيائي تجزيو (geographical analysis) ۽ ماڻهن طرفان جاگرافيائي تبديلين جي سماجي - اقتصاديات (Socio-eco-nomics of geographical change by man)، ٽورو ڇاتل يا اڻ ڇاتل شين جي تلاش، ماضيءَ جي نقشن (Cartography) جو مطالعو، تاريخي نقشا، جبلن، وادين، بيابانن ۽ ندين جي جِيوَ ڏِسا بابت تحقيق، مختلف جيو ڏسائي دائرن جي نباتات ۽ حيوانات، شهرن، بستين ۽ ميدانن جي زراعتي، چراگاهي، صنعتي، مذهب وار جاگرافيائي حوالي سان زمين جو استعمال، زمين جو قسم، هيئت وغيره، ذڪر جي يُونٽوار وسيلن جي حڪمت عملي، پراڻين ثقافتن جي پيهر دريافت، انساني ۽ حيواني حوالي سان، سفرناما، جيون ساڪيون،علم تاريخ جو پس منظر، اوقات، خلائن ۽ ماڳن (Chronological perspective) يا قديم آثارن جي يُونٽروار، سامونڊي تصرف پذيري (Maritime adoptaions)، سامونڊي ۽ زميني وسيلا، جهاز راني (Navigation)۽ ملاحن لاءِ دستورالعمل (Manu-als) ۽ مناظر، علائقن جي تاريخ ۽ تشريحون، شهري پيمائشون ۽ نقشا -

جوڙَ ۽ پيون بي انتها شيون - مون زندگيءَ ۾ جاگرافيائي مطالعي مان وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪيو آهي. 3000 نقشا، جن ۾ سنڌ به آهي، ۽ تاريخي نقشن جي 47 جلدن جي موجود ذخيرن کان سواءِ، آءٌ سنڌ جا 500 تاريخي نقشا ناهي نه سگهان ها. آءٌ جاگرافيءَ کي بنيادي سائنس پڻ سمجهان ٿو ۽ پانيان ٿو ته اسان کي پنهنجا درسي ڪتاب وري نئين سر لکڻا آهن ۽ ان کي ابتدائي تعليم کان وٺي مئٽرڪ تائين بطور مضمون شامل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. افسوس اهو آهي ته اسان هڪ موضوع کي ابتدائي تعليم کان ڪاليج تائين نه پڙهائڻ جي ڪري اهڙا ماڻهو نه پيدا ڪري سگهيا آهيون جي صحيح معنيٰ سان سنڌ جي بهتريءَ لاءِ ڪي منصوبا ناهين. هاڻوڪو فيصلو ته جاگرافي 9 ۽ 10 ڪلاس ۾ پڙهائي ويندي، بلڪل غلط ۽ اڌورو آهي، ڇو ته مئٽرڪ پاس ڪرڻ تائين مون جاگرافي لاڳيتو ڏهه سال پڙهي هئي. يعني 3 سال پرائمري اسڪول ۾، ۽ 7 سال هاءِ اسڪول ۾.

# ڳوٺ ۾ کوھ، لذم ڙي لذم

ڳوٺ ۾ فقط هڪ کوھ هو، جيڪو وڏيري الھ ورائي ويھين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ڌاري کوٽايو هو. جڳھ مقرر ڪرڻ لاءِ هن پنهنجو مرشد آندو، جنهن پنهنجي مدد لاءِ راجستان مان هڪ شخص بہ ساڻ آندو، جيڪو ممڪن آهي تہ پاڻيءَ جي نشاندهيءَ جو ماهر هجي. کوھ جو هنڌ سارياليءَ هيٺاهين زمين ۾ مقرر ڪيو ويو، جيڪو مون ڏٺو ۽ ڪجھ سالن کان بعد سمجهيم تہ چانورن واري زمين، جا بلڪل هيٺاهين هئي ۽ تقريباً 60 سالن کان آباد ٿيندڙ هئي، اتي سم جي ڪري، مٺو پاڻي هيٺ اچي جمع ٿيو هوندو ۽ اتي کوھ لڳائڻ جو اهو بہ فائدو هو تہ مستقبل ۾ بہ اتي آبادي ٿيندي، سم ٿيندي رهندي ۽ پاڻي پيئڻ جي لائق ايندو رهندو.کوھ ٻارن لاءِ دلچسپيءَ جهڙي جاءِ ٿي پئي. نار جو پاڻي وڻ جي ٻُنڊ کي ڪوري ٺاهيل پاڙڇَ ۾ پوندو هو ۽ پوءِ نيسَر مان وهي وڃي پڪي آهر جهڙي حوض ۾ پوندو هو، جتان جانور پاڻي پيئندا هئا. ڳوٺاڻا پنهنجا چوپايا آڻي قطاريندا هئا. هڪ ئي وقت 20 جانور پاڻي پي سگهندا هئا. پاڻي پيئڻ دوران انهن جي واتن، منڍين،ڳچين ۽ ڪلهن وغيره جي چرٻر مان سندن اڃ جي تانگھ، رڄجڻ ۽ آخري موٽ سندن ضرورت جو مظهر هوندي هئي. چوپاين جو هر ولر جهڙوڪ: مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون، رڍون، اٺ ۽ ويندي ڪتن تائين هرهڪ جو پاڻي پيئڻ جو پنهنجو انداز هو، جو هر وقت ڏسي سگهبو هو. پکين لاءِ ميلن تائين

اها هڪڙي جاءِ هئي، جتي پاڻي هو. سڀ کان مزيدار ڏيک کوهہ اندر هو. سنڌي نار، يوناني ڪنجهڻي گنبتي پَنپُ (Bronze bilage pump) جيڪو هنن 250 ق. م ڌاري جهاز مان سيمي جو پاڻي ڪڍڻ لاءِ ايجاد ڪيو هو، تنهن جو نقل آهي. مصر جي ٽالمي خاندان جي سرپرستيءَ ۾ 300 ق . م کان يوناني جهازن جو وڏو تعداد پنيور (سنڌ) ۾ ايندو رهيو. جڏهن تہ 30 ق. م کان پوءِ رومين جي تابع ڪيترائي غوراب پنيور ۾ آيا. گنبتي پَنپَ (Bilage Pump) کي ٻہ اُريدار ڦيراٽيون (Cogwheels) هيون، جن مان هڪ عمودي سرائي (Vertically) اُڀي گهمي، ٻئي چڪر جي افقي(Horizantally) سرائيءَ کي ڦيرائيندي هئي. چڪري جي مٿان هڪ رسي جي گول مالهہ پيل هئي، جنهن ۾ ڪنجهي جا پيالا (Buckets) ٻڌل هئا. جهازن واري يوناني مالهہ سان ڪنجهي جا ڏول جڪڙيل هئا، پر اصل سنڌي نار ۾ ٺڪر جا لوٽا يا ڪنگريون ٻڌل هونديون هيون. 150 ق . م کان 60ع ڌاري پنيور سان پرڏيهي تجارت اوج تي پهتي. ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي ڊڪٽن ۽ آبادگارن ان وقت چڪر يا چڪريون ڏنيون ۽ آبپاشيءَ لاءِ نقل ڪيون هجن. بهرحال سنڌي سادڙو ڪاٺ جو مانڊاڻو ڪنجهي واري ڪل جهڙو مضبوط نہ هو. مٿان لوٽن مان پاڙڇَ ۾ ڪرندڙ پاڻي ڦينگون وجهندو هو. پاڙڇُ لَٿِ کان ڪافي مٿي بيهاربو هو تہ جيئن نيسر رستي چڪ سان پاڻي حوض ۾ پوي. ڦهنگار جي گهٽائي گهٽائڻ لاءِ پاڙڇُ لٿ / ۽ لوٽن جي وچ تي بيهاربو هو. لوٽا پاڙڇ جي سنوت ۾ اچڻ کان اڳ خالي ٿيڻ لڳندا هئا ۽ ان کان ٿپي وڃڻ بعد بہ خالي پيا ٿيندا هئا. اٽڪل اڌ جيترو پاڻي واپس وڃي کوهہ ۾ پوندو هو. چاٽار جي صورت ۾ پاڻيءَ جي اها ڦهنگار سونهَن ۾ نياگرا ۽ وڪٽوريا جي آبشارن کان بہ سرس هئي، جي مون ويهن سالن بعد ڏٺا. پاڻيءَ جون بيشمار ڦهنگارون کوهہ ۾ ان جي پٽين تي پيون پونديون هيون. بعضي خاص طور منجهند کان ٿورو اڳ ۾ پينگهہ يا اندلٺ (Rainbow) بہ ٺهي بيهندي هئي.

آچر جي ڏينهن يارهين وڳي ڌاري ڪوهه جي پاڻي تانگهي تيڻ سبب، لوٽا نه ڀڏي سگهندا هئا ۽ نار بند ڪندا هئا. جڏهن نار چالو هوندو هو، آءٌ پيٽ پر سمهي مٿو ڪوهه جي پڳ تي رکي چتر ياسانئي سونهن Kalida-sicbeautyڏسندو هئس. ڳوٺاڻن جو ويساهه هو ته ان ڪوهه جو پاڻي مخدوم بلال جي قبر جي پر واري چار ميل ڏوراهين ڪوهه سان ڳنڍيل هو، پر مون کي بلڪل ٻي صورت حال ڏسڻ ۾ آئي. پاڻي ڪوهه جي پاڻيءَ ڪان مٿي ڏهه فوٽن گردي ۾ چوڌاري سرن جي سنڌن مان سمندو هو پر اهو مٿين تهن تي محسوس نه ٿيندو هو. جيئن اهو هيٺ ڳڏ ٿيندو هو ته ڪوهه جي ڪڏ پريل ڏسبي هئي. آءٌ ڏاڏي ڏانهن ڊوڙندو ويس ۽ ڪيس ٻڌايم ته ڪوهه ۾ پاڻي تري مان يا مخدوم بلال واري ڪوهه مان نه پر پاسن ڪان سمي اچي ٿو. سيٺي ٻڌندڙ ڪليا ۽ مون تي چٽرون ڪيائون ۽ ٻئي ڏينهن اسڪول جي چوڪرن به ائين ڪيو. هنن مون کي خيالي يا وهمي ڪوٺيو. بهرحال مان دل شڪستو نه ٿيس ۽ هر آچر تي ڪوهه ۾ ڏسندو رهيس. پوءِ اسان جون گرمين جون موڪلون ٿيون. انهيءَ سَمي پوڏ (Inundation) وارا واهه به وهي آيا هئا ۽ ڪوهه جي چوڌگرد زمين کي آبپاشيءَ لاءِ پاڻي ڏنو ويو. مان اهو ڪوهه ڏسڻ ويس. ان ۾ پاڻيءَ جي سطح مٿي چڙهي آئي ۽ مون ڪوهه کي هر روز ڏسڻ جو پهه ڪيو. موڪل جي پڇاڙيءَ (جولاءِ جو خاتمو ۽ آگسٽ جي شروعات) تي ڪوهه ۾ پاڻي ڪَنا تار تي ويو. انهن ٿي ڏينهن ۾ مون واهه جي پرسان لڪڻ لاءِ ڇهنباري ڪانيءَ سان ننڍي پر اونهي ڪڏ کوٽي، جو امڙ مون کي سج لٿي ڌاري وهنجڻ لاءِ وٺي ويندي هئي. ٻئي ڏينهن ڏٺم ته مني ڪڏ پرجي چڪي هئي پر اهڙو ڪو به نشان نه هو جو چئجي ته ان کي ڪنهن پريو هو. مون ٻي ڪڏ کوٽي ۽ ان کي هڪ رات ڇڏي ڏنم. صبح جو ڏٺم ته اها پرجي وئي هئي. معاملو حل ٿي ويو. اهو ڪڙيي جو سميل پاڻي هو، جنهن منهنجي کوٽيل ڪڏ پري هئي ۽ ان ۾ پاڻيءَ جي سنوت

ڪَڙيي واريءَ سنوت ڪان ٿوري گهٽ هئي. ان مان ظاهر ٿيو تہ اهو زمين ۾ هيٺ ويل پاڻي هو، جنهن سڏائيءَ ۾ سِمي، ڳوٺ وارو ڪوهہ پٽي پريو. جڏهن پاڻيءَ جي سنوت ۾ چاڙهہ ٿي آيو تہ ڪوهہ ۾ بہ پاڻي چڙهيو ٿي. جولاءِ جي پڇاڙيءَ ڌاري زمين پاڻيءَ سان تر هئي، جنهنڪري ڪوهہ ۾ پاڻي پڳ تائين چڙهي آيو هو. ڇهن ورهين جي ڄمار ۾ انهيءَ دريافت ۽ ان جي اظهار ڪرڻ تي مون کي ڏاڍي خوشي هئي پر مون کي اهو بہ ڄاتو ٿي تہ اهو وري هڪ ٻيو تماشو ٿيندو، جيئن هاءِ اسڪول واري دؤر ۾ مون پوءِ پڙهيو تہ آرڪميڊيز اگهاڙو ڊوڙندو وڃي بادشاهہ کي رڙ ڪري ٻڌايو تہ ”لڌم ڙي لڌم.“

منهنجي ان ڳالهہ سان ايڏي ذهني وابستگي ٿي وئي، جو مان 20 سالن بعد 1951ع ۾ آمريڪا وڃي زميني پاڻي (ground water)، ان جو ٽيوب ويلن رستي ٻاهر ڪڍڻ ۽ وري پاڻيءَ جي ڀرتي وسيلي تحفظ بابت تحقيق ڪئي. ان جو معاشي نتيجو سنڌ ۾ 1953ع کان 1969ع تائين اڳريڪلچر انجنيئر ۽ سپرنٽينڊنگ انجنيئر جي حيثيت ۾ ٽي هزار ٽيوب ويل سنڌ ۽ بلوچستان ۾، 1959-1969ع تائين سپرنٽينڊنگ انجنيئر جي حيثيت سان هڪ هزار ٽيوب ويل هلائڻ جي صورت ۾ نڪتو. ان سلسلي جو ٻيو نتيجو زميني پاڻيَءَ بابت منهنجون 11 مکيہ اشاعتون آهن جن جي فهرست هيٺ ڏنل آهي.

1. دادو ضلعي ۾ زير زمين پاڻي (1962)
2. حيدرآباد ضلعي ۾ زير زمين پاڻي (1962)
3. سنڌ جي خشڪ علائقن ۾ زير زمين پاڻي (1963)
4. حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن ۾ زير زمين پاڻي (1964)
5. ڪراچي ضلعي ۾ زير زمين پاڻي (1965)
6. لس ٻيلي ضلعي ۾ زير زمين پاڻي (1967)
7. ڪوئٽا ڊويزن ۾ زير زمين پاڻي (1968)

8. قلات ڊويزن ۾ زير زمين پاڻي (1969)
9. حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزن ۾ زير زمين پاڻي - هيو چاپو (1969)
10. ڪراچيءَ کان حيدرآباد تائين ڪاڇي وارن علائقن ۾ زير زمين پاڻي (1972)
11. ڪڇي ۾ پاڻيءَ جي ضرورت (2002)

1953ع کان 1969ع واري عرصي ۾ منهنجي ڪيل ڪوشش جو اندازو منهنجي هڪ ڪتاب: Ground water in Hyderabad and Khairpur Divi-sions: جي ديباچي مان لڳائي سگهجي ٿو.

## ڪاٺيءَ جي مشين (Dragline)

1931ع جي آخر يا 1932ع جي شروعات ۾ استاد محمد رمضان ماڇي، جيڪو پاڻ ڪي بعد ۾ پنهور لکندو هو، اسان جي ڳوٺ کان اڌ ڪلوميٽر جي فاصلي تي ڪارڙو شاخ جي کوٽائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ مشين ڏيکارڻ لاءِ اسڪول جي سيني ٻارن کي وٺي ويو. مشين ڪيربڌهي واري دڙي کي اڳ ۾ ئي ختم ڪري ڇڏيو هو. منهنجي راند لاءِ ڏاڏي کي نوادرات ميڙيا هئا. مان حيرت سان ڪَل (سرڪاري ڪوڏر) کي ڏسندو رهيس. اها دونهاٽيل، سٽيي ۽ هلر هئي، جنهن جا ڪي پرزا ماڻهو جي عضون وانگر هئا. ان کي ڪلهي کان نڪرندڙ ۽ ٿونٽ وٽ مڙندڙ ٻانهن هئي، ۽ ان ٻانهن جي آخر ۾ هٿ جي شڪل، پر ڏندن جهڙيون هٿ جون آڱريون هٿ جي مُٺ ٻوڪي جهڙيءَ شيءِ ٺاهن پيون. کوٽائيءَ لاءِ وزندار هٿ هيٺ ڪيو پئي ويو، جنهن جي وزنَ ۽ تکن ڏندن جهڙين آڱرين سبب ٻوڪو مٽيءَ سان ائين ٿي ڀريو جيئن ڪو هاري ڪانيي مان داڻن جي مٺ ڀري ڪٽي. هٿ جيئن جو تيئن مٽيءَ سان ڀريل، پر ٻانهن موڙي، نئين بند ڏانهن ڪجي پئي وَئي، جيڪا انساني مُٺ وانگر ازخود کلي ٿي پئي ۽ وري ٻانهن موڙي کوٽائيءَ جي پئي واري لاءِ ڦرِي ٿي. ٻيا ڇوڪرا مشين جي آواز، دونهين ۽ چالڪ (Operator) جي نيري پوشاڪ ڏسڻ ۾ مگن هئا، پر مان چالڪ جي واجهن (Ropes) ڇڪڻ، (pulling )۽ ڇڪ ڍرڻ (Releasing ropes) سبب ڪل جو ماڻهوءَ جي

پانهن ۽ هٿ وانگر ڪم ڪرڻ ڏسندو رهيس. اُن ايتري متي آندي پٽي جنهن کي آڻڻ لاءِ 12 کن ماڻهو گهربل هئا، جيستائين هوءَ وري اڌ ڪيوب وال (1/2 cubc foot) جيترو پيو پوڪو (Bucket) متي آڻي. اهو عمل ايترو ته دلچسپ هو، جو پٽي ڏينهن مون ڏاڏي کي اوڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ چيو ۽ هن ائين ڪيو. ٽئين ڏينهن موڪل ملڻ بعد مان خود ڏسڻ لاءِ ويس. چالڪ مون کي ڪيبن (Cabin) ڏانهن ڪوٺيو، پر مان نه ويس ته ڪٿي ڪسڪي ان جي ڳرن ڦيٿن، ڦرڙين، پاراين يا نوڙن ( huge levers and ropes ,cranks ,wheels) ۾ چيپاٽجي نه وڃان. مون ڏٺو ته مشين 100 ماڻهن کان به وڌيڪ ڪم پٽي ڪيو ۽ مون به اهو ڪم ڪرڻ تي گهريو، پر بطور چالڪ جي نه، جنهن جي وضع، تيليل، ميرا ڪپڙا ۽ هٿ مون کي پسند نه هئا. مشين ڪارڙو، پير ڳٽيو ۽ قلجي شاخن جو ڪم پورو ڪيو ۽ پٽي هنڌ موڪلڻ لاءِ قلجي اسٽيشن جي پر ۾ بيهاري وئي، جيڪا اتي 1945ع تائين بيٺي رهي ۽ پوءِ ڪنهن پاسي ڪٽي ويا. جيئن ته اها اسان جي ريلوي اسٽيشن واري رستي تي هئي، انڪري مون ان کي اٽڪل 20 فوٽن جي فاصلي کان سال ۾ سؤ کن پيرا ڏٺو هو ۽ ان ڪِي 15 سالن جي عمر کان اڳ ۾ هٿَين، ڦرڙين، قبضن، پاراين، تارن ۽ رسين (levers cables and wire ropes ,clutches ,winches) جي مدد سان ڪيئن تي ڪم ڪيو، اهو سمجهيم ۽ سوچيو هيم ته جيڪڏهن موقعو مليم ته مان مشينيُن جو انجنيئر (Mechanical engineer) ٿيندس ۽ ڪوٺاين واري ڪم ۾ مهارت حاصل ڪندس. اهوئي ارادو هو، جو مون 1949ع ۾ بي.اي (مڪئنيڪل ۽ اليڪٽريڪل) ڪئي ۽ ڪنهن طريقي سان آمريڪا مان سرڪاري وظيفي تي بُلڊوزرن، اسڪريپرن، ايڪسڪَئيويٽرن ۽ ڊريگ لائينس (excavators ,scrapers ,Bulldozers and draglines) وغيره ۾ آمريڪا بلڪ دنيا جي پنهنجي ڪم ۾ برک، انٽرنئشنل هارويسٽر ۽ بسائرس ايرِي (Inernational Harrvester) (Bu-

(cyrus Erie) نالي ڪمپنيءَ وٽان تربيت حاصل ڪيم. موٽي اچڻ بعد مون زراعت کاتي جا 13 ورڪشاپ قائم ڪيا ۽ ڇهه هزار ڪان وڌيڪ ماڻهو ڀرتي ڪيا. تنهن کان سواءِ ننڍپڻ جي پين پن خواهشن تحت زير زمين پاڻي ۽ زراعت جي سڌريل طريقن ۽ ان لاءِ مشينريءَ بابت تربيت پڻ حاصل ڪيم. مان سدائين ننڍپڻ جا اهي ڏينهن ياد ڪندو آهيان، جڏهن مون ڊريگ لائين ۽ ان جي ڊرائيور (چالڪ) کي ڪم ڪندي ڏٺو هو. پنهي جو پلو ٿئي، خوش قسمتي يا بدقسمتيءَ سان ساڳيو ڊريگ لائين جيئن ان جي ماڊل نمبر ۽ محڪمي جي جريان نمبر مان ظاهر ٿئي ٿو، سکر بئراج جي عجائب گهر ۾ رکيو ويو آهي.

ڊريگ لائين جو اهو مثال ۽ ان جي پسند هئي، جنهن مون کي مشيني انجنيئرنگ (Mechanical engineering) پڙهڻ تي آماده ڪيو. مون جڏهن 5 سؤ سالہ ماضيءَ تي نظر ڪئي، تڏهن مون کي پنهنجن حڪمرانن جو ذهني ڏيواليپڻو نظرآيو. شهنشاه اڪبر کي پورچوگيزي مبلغن هڪ ڪلدار گهڙيال ۽ انجيل جو ڇاپي وارو نسخو پيش ڪيو. ان وقت هن ڪلدار اوزارن بابت سوچيو بہ نہ هو، تہ انهن جي ذريعي عوامي تعليم، معلومات جو ڦهلاءُ، جهاز سازي ۽ ملڪي سگهہ ڏانهن رستا کليا ٿي. مغل شهنشاهيت بہ سماج کي پٺتي رکڻ ۾ تنزل پذير بوجُ ثابت ٿي. مغل شهنشاهيت ۽ دهلي سلطنت بہ ماڻهن کي غريب، جاهل ۽ ذهني، اقتصادي ۽ اخلاقي طور پٺتي رکڻ ۾ وڏو پادَر هئا. انگريزن انهن طريقن کي اچي ٽوڙيو. مغلن جو جاگيردار، فوج جو ڪماندر بہ هو. ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ بہ سندس اختيار ۾ هو. سزا بہ ڏئي سگهيو ٿي. واهن رستي پاڻي پهچائڻ، هاري مقرر ڪرڻ، انهن کان ڍل وصول ڪرڻ بہ ان جو ڪم هو. انگريزن انهي طريقي کي ٽوڙي زمين جي وڪري لاءِ روينيو آفيسر، ڍل وٺڻ لاءِ ڪليڪٽر، پاڻي پهچائڻ لاءِ انجنيئر، ڏوهن کي پڪڙڻ لاءِ پوليس، مقدمي هلائڻ لاءِ جج ۽ مهذب طريقي جي سزا لاءِ

جيل ٺاهيا، پر هاڻي انگريزن جي هن طريقيڪار کي ٽوڙيو پيو وڃي. انگريزن جي حڪومت جي طريقي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيترا طريقا عمل ۾ آندا پيا وڃن. هڪ آهي ته شاخون ۽ واٽر ڪورس زميندارن جي حوالي ڪرڻ، جن جا رکپال وڏا زميندار هوندا، هو پاڻيءَ جي ورهاست ڪندا، ڏلون اڳاڙيندا، پنهنجا انجنيئر رکندا، غريب کي پاڻي نه ڏيندا، زيادتيءَ لاءِ پهريائين فرياد ٻه جهان خان ٻڌندو، پوءِ آخر ۾ جج ٻه ٽي ويهندو. اهڙن ”ججن“ جي ايمانداري ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. اهڙيءَ طرح غريب زمين جا مالڪ زمين تان هٿ ڪڍندا. انگريزن جي پوليس ۽ ججن جو ڪم جرڳي جي حوالي ٿيندو، جنهن ۾ سزا يا ججن جو ڏنڊ ۽ فرياديءَ کي خاص معاوضو ته ملندو، پر وڏو حصو زميندار ڪڍندا. جيڪي زميندار جي خلاف گوڙ ڪندا انهن کي خون ڪيو ويندو ۽ قصاص جي نالي ۾ سندن پوينرن کي ڪجهه معاوضو ڏئي، خوني جان ڇڏائي ويندا. 1947ع جي آزاديءَ سان پاڪستان جو عام ماڻهو پنهنجي آزادي وڃائي چڪو آهي.

# مسلمان ۽ غيرمسلمان لِپيون

منهنجو ڏاڏو ڳالهه ڪندو هو ته سيني ”ڪافرن“ جون لپيون کاٻي کان ساڄي ۽ ”مومنن“ جو لپيون ساڄي کان کاٻي طرف لکيون وينديون آهن. پهرئين قسم ۾مختلف هندستاني لپيون، جهڙوڪ هندي، بينگالي، گجراتي، گرمکي، مهاراشٽري، تامل، تيلگو، ملايلم، انگريزي، جرمن، ڊچ، فرينچ، يوناني، اوپر يورپ جون ٻوليون ۽ روسي زبانون، ۽ ٻئي قسم ۾ عربي، ترڪي، فارسي، سنڌي، اردو، پشتو ۽ وچ ايشيائي لپيون وغيره اچي وڃن ٿيون. ڪيس دنيا جي جاگرافيءَ جي ڄاڻ ڪانه هئي ۽ سندس خيال نهايت محدود هو. مون پرائمري اسڪول ۾ جاگرافي پڙهي ۽ پنهنجي ليکي به مختلف ڪندبن ۽ دنيا جي جاگرافي پڙهي.

پنهنجي ساڄي هٿ سان لکڻ واري تجربي مان مون کي خبر پئي ته جڏهن آءُ سنڌيءَ ۾ ساڄي کان کاٻي لکندو آهيان ته منهنجو هٿ پري کان ساڄي طرف کان هلندي منهنجي ڪلهي تائين اچي ٿو ۽ وڏيڪ لکڻ سان هٿ ٽڪڻ لڳندو آهي، جيستائين آءُ ڪاغذ يا سليٽ صفا ساڄي پاسي نه رکان. پر جڏهن آءُ ساڄي هٿ سان کاٻي کان ساڄي لکندو هوس ته منهنجو هٿ ساڄي ڪلهي کان پري نه هوندو هو ۽ لکڻ ۾ سهولت رهندي هئي. مون کي ڏاڏي واري ڳالهه غلط ۽ ڏکوئيندڙ لڳي. انڊونيشيا ۽ مليشيا به اهم مسلمان ملڪ آهن. انهن ملڪن ۾ کاٻي کان ساڄي طرف لکيو ويندو آهي ۽ ترڪي پڻ پنهنجي پراڻي فارسي لپي

ترڪ ڪري رومن لپي اختيار ڪئي آهي. بينگال ﺑﻪ مسلم اڪثريت وارو ملڪ آهي، اتي پڻ ڪاپي ڪان ساڄي لکيو وڃي ٿو. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ مون ڏٺو آهي تہ يهودين جي لپيءَ ۾ ساڄي ڪان ڪاپي لکيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح منهنجي ڏاڏي وارا نظريا سندس گهٽ ڄاڻ ڪري غلط ثابت ٿيا. مون يهودي لپي بہ سکي آهي.

# سال 1878ع ۽ 1879ع ۾ منهنجي ڏاڏي جو ريل وسيلي ڪيل پهريون سفر

منهنجي ڏاڏي ريل جو پهريون سفر لاڙڪاڻي لاءِ ڪيو، جتي هو سندس شاديءَ لاءِ ڳيريلي ريلوي اسٽيشن جي پرسان سڳداسي چانور وٺڻ ويو هو. اتي اعليٰ درجي جا اهي چانور جام پوکبا هئا. پاڻ چوندو هو تہ ڪيس پهر کن لڳو هو. ان ۾ هو صحيح هو، چاڪاڻ تہ ڪيس جملي ٽي ڪلاڪ 12 مِنٽ لڳا هئا. هو واپسيءَ ۾ اٺن تي بار ڪٽائي روڊ وسيلي آيو هو. راڌڻ ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ ڪابہ اسٽيشن ڪانہ هئي، جيڪڏهن ڪا هئي تہ شايد باقراڻي هوندي. جيڪڏهن اها اسٽيشن تڏهن نہ هوندي تہ اها لاڙڪاڻي کان بهتر هوندي.اهو سال 1878ع هو، جڏهن قلجي اسٽيشن کان پهريون پيرو ڪراچيءَ ۽ شڪارپور ڏانهن ريلوي جي آمدرفت شروع ٿي. اڳتي هلي مون انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪئي.

خوش قسمتيءَ سان مون کي مالٽا ۾ هڪڙو ڪتاب مليو، جنهن تي 1885ع ۾ شڪارپور کان ڪراچي ويندڙ روزاني گاڏين جو ٽائيم ٽيبل درج هو. سفر ۾ 20 ڪلاڪ 15 منٽ لڳندا هئا. هيٺ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اهو درج ڪجي ٿو.

| شڪارپور کان مفاصلو | اسٽيشن جو نالو | اي-ايم ٽرين | پي-ايم ٽرين |
|---|---|---|---|
| 00 | شڪارپور | 1.40 | 8.00 |
| 11 ميلَ | رڪ جنڪشن | 2.15 | 8.32 |
| 33 | مديجي | 3.40 | 9.55 |
| 42 | نوديرو | 4.06 | 10.28 |
| 48 | ماهوٽا | 4.25 | 10.50 |
| 54 | لاڙڪاڻو | 4.43 | 11.11 |
| – | – | – | A.M |
| 96 | راڌڻ | 6.45 | 1.45 |
| 107 | سيتا روڊ | 7.20 | 2.28 |
| 120 | قلجي | 7.55 | 3.15 |
| 128 | دادو | 8.32 | 3.54 |
| 141 | ڀان | 9.09 | 4.40 |
| 154 | بوبڪ | 9.30 | 5.04 |
| 161 | سيوهڻ | 9.54 | 5.35 |
| 169 | ڀڳو ٿوڙو | 10.12 | 5.58 |
| 172 | لڪي | 10.17 | 6.02 |
| 181 | آمري | 11.33 | 7.35 |
| – | – | P.M | – |
| 194 | سن | 12.12 | 8.25 |
| 205 | مانجهند | 12.48 | 9.05 |
| 213 | گوپانگ | 1.08 | 9.35 |
| 222 | ٻڍاپور | 1.30 | 10.12 |
| 235 | پيٽارو | 2.13 | 11.02 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 248 | ڪوٽڙي آمد | 2.50 | P.M11.45 |
| روانگي | | 3.30 | 12.00 |
| 253 | ٻولهاڙي | 3.56 | 3.17 |
| 265 | ميٽنگ | 4.32 | 12.59 |
| 277 | جهمپير | 5.08 | 1.45 |
| 297 | جنگشاهي | 6.14 | 3.01 |
| 318 | ڏاٻيچي | 7.07 | 4.09 |
| 338 | لانڍي | 8.00 | 5.10 |
| 350 | ڪراچي ڪينٽ | 4.45 | 6.10 |
| | ڪراچي سٽي | 8.55 | 6.20 |

جڏهن آءُ ڄاڻو هوس، تن ڏينهن ۾ اسين ٻه تمام گهڻا سڳداسي چانور اپائيندا هئاسين. مون ڏاڏي کان پڇيو هو ته ڪهڙي ڪارڻ ڪري ڳيريلي جي ڀيٽ ۾ سڳداسي چانور اسان تائين دير سان پهتا؟ مون کي ٻڌايائين ته سڳداسيءَ جي ٻيجاري پوکڻ کان پچڻ تائين ساڍن ڇئن کان پنج مهينا لڳي ويندا آهن. (15 جون کان 15 نومبر 1931ع ۾)، ۽ مند جي اڪثر حصي ۾ اسان کي پورو پاڻي ناري واهه مان ڪونه ملندو هو، ڇاڪاڻ ته انگريزن نصراڻي جي اولهه ۾ پراڻي نور واهه سان ملائڻ لاءِ نئون نور واهه پٽي کوٽايو. اهو واهه الهندي ناري مان نڪري دادوءَ جي الهندي کان لنگهندو هو. هو ٻڌائيندو هو ته انگريزن هڪڙو ٻيو واهه "ٻيچر" نالي الهندي ناري جي ڀرتيءَ لاءِ سيتا جي سامهون دريا مان کوٽايو هو، جيڪو ان سان ڪَڪڙ وٽ ملندو هو. مون خود ڏٺو هو ته ٻيچر واه جو وهڪرو 1600 ڪيوسڪ هو. پاڻ ٻڌايائين ته "انهن ٻنهي نون واهن جي ڪري اسان لاءِ پاڻي جام ٿي ويو ۽ سڄو دادو تعلقو گهٽ ۾ گهٽ چار مهينا سرسبز هوندو هو. ان کان پوءِ اسان سڳداسي

چانور پوکڻ شروع ڪيا. ان کان اڳي اسين فقط ٿورو وقت زمين تي بيهڻ وارا ”ڪنگڻي“ ۽ ”رتڙا“ پوکيندا هئاسون. اهي جنس ۾ گهٽ،پيداوار ۾ به ٿورا لهندا هئا ۽ انهن جي قيمت به گهٽ ملندي هئي. غربت گهڻي هوندي هئي، جنهنکري وڏيڪ ڪمائيءَ لاءِ ڪير وارو مال ڏاربو هو. ماپ تور، ٿوين ۾ ٿيندي هئي، جيڪا معياري ڪانه هئي. عام طور هڪ خرار سارين جو وزن به مڻ پڌبو هو، (جيڪو 750 ڪلوگرامن جيترو هوندو هو. ماپ جو معيار هو چار چوٿايون = هڪ پاٽي، چار پاٽيون = هڪ ٿويو. چار ٿويا = هڪ ڪاسو ۽ 60 ڪاسا = هڪ خرار.“

سنڌ حڪومت ان جي پاران نئون سرشتو جاري ڪيو، جنهن هڪ مڻ = 40 سير يا 37.3 ڪلوگرام. 1961ع ۾ پاڪستان سرڪار ميٽرڪ سسٽم جاري ڪيو. تور، ماپ توڙي ڳڻپ وارو سرشتو سنڌو تهذيب وارن ڏينهن ۾ وڏي معيار وارو هوندو هو. اهو ٽن طريقن جو هو:

(i) 1، 2، 4، 8، 16 وغيره.

(ii) 1، 2، 3، 6، 12، وغيره.

(iii) 1، 10 ۽ انهن جي ضرب.

اهو پوءِ سڄي اپکنڊ ۾ رائج ٿيو، جيئن 4 ڪاسا، هڪ خرار، 4 رتيون = ماسو. 12 ماسا = هڪ تولو. 16 آنا يا 64 پئسا = هڪ رپيو يا 192 پايون يا 960 ڪوڏيون = هڪ رپيو. انهن سڀني ۾ ٻن يا ٽن جو انگ عام هو.

آءٌ هڪ دفعو ڪيرٿت ڳوٺ شاديءَ تي پئي ويس ته واٽ تي امان ۽ بابا مون کي پيچر واه ڏيکاريو هو. ان وقت آءٌ پنجن سالن کان به ننڍو هوس. آئون ڪَڪڙ وٽ پل ۽ انسپيڪشن بنگلي ۽ ان ۾ پوکيل گلن ۽ وڻن ۽ اتي بيلدار جي ڪيل صفائيءَ کان ايترو ته متاثر ٿيس، جو 25 سال پوءِ آءٌ وري انهيءَ جاءِ تي ويس. ان وقت اتي وڻ ڪونه هئا. پيچر واه بند ٿيو

پيو هو ۽ الهندو نارو، جوهي برانچ روڪي ڇڏيو ويو هو. سم جي ڪري وڻ سڪي ويا هئا. واه ۾ سم جو ڪنو پاڻي ۽ ڇارو بيٺو هو. سکر بئراج جي اچڻ سان بئي واه بند ٿي ويا هئا. "پيچر" سنڌ جو ڪمشنر هو. عام طور سنو ماڻهو هو پر سکر بئراج ڪميٽيءَ جي ميمبر طور، 1891ع ۾ هن حيدرآباد ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو انجينئر مسٽر آر.بي جوائنر سي.آءِ جي سفارش جي مخالفت ڪئي هئي. اها رپورٽ ڏاڍي دلچسپ هئي، جنهن جي مسٽر جوائنر سفارش ڪئي هئي، ته سکر وٽان روهڙي ڪئنال نڪري، ان تي 400 چورس ميل يا 2.56 ملين ايڪڙ آبادي ٿيندي روهڙي ڪئنال 1932ع ۾ کوٽجي راس ٿيو ۽ ان تي 2.7 ملين ايڪڙ يعني اصل کان پنج سيڪڙو وڌيڪ آبادي ٿئي ٿي.

منهنجو ڏاڏو ريلوي جي ڏاڍي ڳالهه ڪندو هو. مون ان بابت پڙهيو ۽ ان جو مشاهدو ڪيو هو. سنڌ جي فتح کان ويهه سال پوءِ انگريزن طرفان اها سنڌ لاءِ وڏو تحفو هئي. جر جي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ مون سنڌ ۽ بلوچستان جون ڪيتريون ئي ريلوي اسٽيشنون ڏٺيون، جتي هڪ صدي اڳ برٽش انجينئرن خشڪ زمين تي کوه کوٽيا ۽ نلڪا هڻايا هئا ته جيئن ٻاڦ وارين انجڻين جي پاڻيءَ جي ضرورت پوري ڪري سگهجي. اهو پاڻي مسافرن جي غسلخاني ۽ پائخاني جي گهرج پوري ڪندو هو. ان کان سواءِ مقامي ماڻهن کي به پنهنجي ضرورتن جي پورائي لاءِ پاڻي ڀرڻ جي اجازت هئي.

سنڌ ۾ پهريون ريلوي جو انجينئر مسٽر جان برَنٽن هو، جنهن سنڌ-بهاولپور ريلوي لائين جي سروي ڪئي هئي. سر بارٽل فريئر تن ڏينهن ۾ سنڌ جو ڪمشنر هو. هن 1858ع ۾ سنڌ ريلوي ڪمپنيءَ کي ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ڪم شروع ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. اهو ڪم 1861ع ۾ مڪمل ٿيو. ڪوٽڙيءَ کان "انڊس فلوٽلا" جي هيڊڪوارٽر سکر تائين ۽ ان کان دهلي، لاهور ۽ روهڙيءَ تائين ريلوي

ٺهڻ کان اڳ لاهور تائين آگبوٽ هلندو هو. سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ 1890ع ۾ لئنسڊاؤن پل ٺهي ۽ ڪوٽڙيءَ واري پل 1901ع ۾ ٺهي. پهرين پل عام لوهہ جي ٺهيل ۽ گهٽي مضبوط بہ ڪانہ هئي ۽ ٻي رڪ جي هئي. نقشي ۾ ٻئي اهيون ٺهيل هيون.

ٻاڦ واريون انجڻيون ارڙهين صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ ٺهيون، پر اهي ڍليون ۽ گريون هونديون هيون. انهن جي صلاحيت بہ گهٽي ڪانہ هئي. هڪڙو فايرمَين ان ۾ پاڻي وجهندو هو تہ لاڳيتو انجڻ جا وال بند ڪرڻا پوندا هئا. ان جي طاقت ۽ رفتار جو دارومدار سڄو فايرمَين جي صلاحيت تي هوندو هو. 1769ع ۾ جارج جيمس واٽ (1737-1819ع) خودڪار والن جي مدد سان ان جي ڊزائينن جي استعمال کي درست ڪيو ۽ انهن جي رفتار ۽ ڪم کي خاطريءَ جوڳو بنايو هو. جارج اِسٽيونس 1829ع ۾ پهرين متحرڪ انجڻ ٺاهي. 1845ع ۾ بيل ٽيليفون ايجاد ڪيو. 1829ع ۾ انگلنڊ ۾ ريل جو پهريون تجربو ڪاميابيءَ سان ڏيکاريو ويو. پر وڏي پئماني تي ريلوي جي تعمير ۾ وڌيڪ ڏهہ سال لڳي ويا. هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ انگلنڊ ۾ ريلوي شروعات ٿيڻ کان اٽڪل 20 سال پوءِ 1850ع ۾ لارڊ ڊِلهائوسِيءَ (1848-1856ع) جي نگرانيءَ ۾ ريلوي جي شروعات ڪئي.

هيٺ سنڌ ۾ مختلف ريلوي لائينن جي شروعات تاريخن پٽاندر ڏجي ٿي:

| شروع ٿيڻ جي تاريخ | ريلوي جو سيڪشن | ڊيگهہ | ريمارڪ |
|---|---|---|---|
| 13-5-1861 | ڪراچي سٽي- ڪوٽڙي | 104.90 ميل | |
| 15-5-1861 | ڪراچي سٽي - ڪراچي ڪينٽ | 2.30 ميل | |
| 01-10-1878 | راڌڻ - رڪ | 64.25 ميل | |
| 01-10-1878 | سکر - شڪارپور | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | حبيب ڪوٽ ..... 5.124 | 2.5 ميل | |
| 8-10-1878 | ڪوٽڙي - لڪي تيرٿ | 75.52 ميل | |
| 27-10-1878 | لڪي تيرٿ - راڌڻ | 70.48 ميل | |
| 2-5-1880 | حبيب ڪوٽ - سبي | 128.53 ميل | |
| 27-3-1889 | روهڙي - سکر | 2.67 ميل | |
| 27-3-1889 | روهڙي - پنوعاقل | 0.66 ميل | |
| 18-8-1892 | حيدرآباد - شادي پلي | 54.97 ميل | |
| 15-11-1896 | ڏيتا - روهڙي | 180.70 ميل | |
| 20-6-1897 | ڪراچي ڪينٽ - پپري | 20.78 ميل | |
| 30-6-1897 | ڪياماڙي - ڪراچي سٽي | 3.06 ميل | |
| 03-5-1898 | پپري - ڪوٽڙي | 81.82 ميل | |
| 25-5-1900 | ڪوٽڙي - حيدرآباد | 5.29 ميل | |
| 15-8-1904 | حيدرآباد - بدين | 61.75 ميل | |
| | | | حيدرآباد - بدين لائين پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ڪري بند ڪئي وئي، وري ٻن حصن ۾ 9 جنوري ۽ 13 مارچ 1922 کان شروع ڪئي وئي. |
| 03-04-1907 | ريتي- خانپور | 62.17 ميل | |
| 01-06-1907 | روهڙي - ريتي | 71.33 ميل | |
| 18-04-1909 | جمڙائو - جهڏو | 49.96 ميل | |
| 28-03-1910 | حيدرآباد - ڏيتا | 4.50 ميل | |
| 01-01-1912 | ميرپورخاص - کڏڙو | 49.43 ميل | |
| 21-06-1912 | جانوري - روهڙي | — | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 01-04-1913 | گدو - حيدرآباد | 3.71 ميل | |
| 11-12-1914 | جيڪب آباد - ڪشمور | 45.39 ميل | |
| 01-07-1915 | حيدرآباد - شهدادپور | 26.07 ميل | |
| 27-11-1919 | شهدادپور - نوابشاه | 31.29 ميل | |
| 25-02-1920 | نوابشاه - ڪوٽ لالو | 43.77 ميل | |
| 20-5-1930 | پڏعيدن - ٽارو شاه - محرابپور | 54.05 ميل | |
| 10-12-1931 | ٽنڊوآدم - سڪرنڊ - نوابشاه | 66.20 ميل | |
| 10-12-1931 | سڪرنڊ - ٽارو شاه | 83.98 ميل | |
| 29-07-1940 | لاڙڪاڻو - جيڪب آباد | 4.95 ميل | |
| 16-04-1946 | رڪ - حبيب ڪوٽ | 15.16 ميل | |
| 16-04-1946 | ايمر 5.124 حبيب ڪوٽ ايمر 20.29 | 75.52 ميل | |
| 16-04-1946 | جيڪب آباد - ڪشمور | | |
| | | | 1-12-1914 تي شروع-وڏي پٽي واري لائين 12-10-56 تي شروع ڪئي وئي. |

ريلوي جي تعمير وڏي انگريز تجارتي فردن جي مفاد کي نظر ۾ رکندي ۽ سرحد جي حفاظت لاءِ ڪئي وئي. يوربي واپارين جي نہ فقط هتي جي شين جي روانگيءَ ۾ پر هتي جي استعمال لاءِ ٻاهران شيون آڻڻ ۾ پڻ دلچسپي هئي، جيتوڻڪ سرڪار لاءِ اها تڪڙي آمدرفت ۽ انتظامي ضابطي جي ڳالهہ بہ هئي. ريلوي لائين سان گڏوگڏ هلندڙ ٽيليگراف جي لائين انتظامي پيغام رسانيءَ ۽ هندستان کي جديد ملڪ ٺاهڻ جو تڪڙو ذريعو هئي.

انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ناهي تہ اهڙي نفعي مان انگلنڊ ڏاڍو دولتمند بنيو، پر ڏاتو ڪوٺي ڪيڻ وارين ڪاٺين ۽ رڪ وگهرائڻ واريءَ صنعت ۾ گهٽ اجوري ۽ مِلَن ۽ ڪاٺين جي غير صحت مند ماحول انگريز مزدورن لاءِ ڏاڍيون مصيبتون پيدا ڪيون. هر سرمائيدارانہ توڙي سامراجي سماج جو اهو حصو آهي. پر اسان کي انهن لکين انگريز مزدورن جي قربانيءَ کي نہ وسارڻ کپي جيڪي اسان کي ريلوي جون ۽ ٻيون جديد سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ پنهنجي ملڪ اندر محنت ۾ رڌل هئا.

پنهنجي ٻاروتڻ ۾ تيهن واري ڏهاڪي ۾ مون ريلوي لائين جي ٻنهي پاسن کان رڪ جون تارون ڏٺيون هيون. اهي تارون 4/1 انچ ٿلهي ۽ 112 انچ ويڪري لوه جي پٽين جي سوراخن مان لنگهي، زمين ۾ کتل لوه جي لٺ سان جَڙيل هونديون هيون. 1935ع ڌاري اهي سڀ غائب ٿي ويون پر مون انهن بابت پڇيو ڪونہ. انهن جو غائب ٿيڻ ڪيترين مينهن جي موت جو ڪارڻ ٿيو. منهنجي خيال ۾ تہ مينهن سڀ کان بي وقوف جانور آهي، حالانڪ ماڻهو ڳڌه لاءِ ائين سمجهندا آهن.

بچاءَ توڙي سياسي مقصدن لاءِ ريلوي لائينون ڪيتريون تڪڙيون تعمير ڪيون وينديون هيون، ان جو مثالِ سر رچرڊ ٽيمپل پاران شڪارپور کان سبيءَ تائين 120 ميل ڊگهي لائين 120 ڏينهن ۾ تعمير ڪرائڻ آهي. سر رابرٽ سَنڊيمن بلوچستان ۾ گورنر جنرل جو ايجنٽ هو. هن حقيقت ۾ بلوچستان کي ڊپلومَسيءَ ذريعي ئي فتح ڪري مطيع ڪيو هو ۽ وائسراءِ لارڊ رِپن 1882ع ۾ سبيءَ ۾ بلوچ سردارن جي اطاعت پئي چاهي. رچرڊ ٽيمپل اهو ڪم ڇئن مهينن اندر پورو ڪيو. هو اڪيلي سر هڪ جاءِ تي ديرو ڄمائي وجي ويٺو، جنهن کي ٽيمپل ديرو ڪوٺجي ٿو. آس پاس انهيءَ نالي وارو هڪ ڳوٺ بہ ڪونہ هو. هن بہ لائينون وڇايون. هڪڙي عارضي جيڪا ٽي چار ميل ڊگهي هوندي هئي، جنهن تان ڳرا لوهي گارڊر ۽ ڪاٺ جا سليپر ۽ ٻيو سامان ٻيءَ لائين کان اڳتي ڍوئبا

هئا، ۽ ٻي مستقل لائين، جنهن ۾ اڳي پهتل سامان استعمال ڪيو ويندو هو. اٿين لائين جي تعمير تمام تڪڙي يعني روزانو هڪ ميل جي حساب سان ٿيڻ لڳي. پلون تعمير ٿيون. روزانو هڪ ميل ريلوي لائين تعمير ڪرڻ وارو مثال دنيا ۾ مشڪل لبندو. مون ڪي ٽيمپل ڊيري جو نالو مٿائي ٻيو رکڻ جو ڏاڍو صدمو پهتو آهي. ٽيمپل ڊيرو روزانو هڪ ميل ريلوي لائين تعمير ڪرڻ جي عالمي رڪارڊ جو نالو آهي. اسان اهو نالو مٽائي عالمي رڪارڊ تباه ڪري ڇڏيو. بمبئيءَ جي گورنر ليسلِي وِلسن ڪراچيءَ ۾ اندرينءَ سنڌ مان ڪاليجن ۾ اچڻ وارن شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽل تعمير ڪرائڻ لاءِ سڄي بمبئي پريزيڊنسيءَ مان چندو وصول ڪيو، ڇاڪاڻ ته ڪاليج جي مسلم شاگردن جي رهڻ لاءِ ڪا جاءِ ڪانه هوندي هئي. تيرنهن سال پوءِ پاڪستان جي ٺهڻ کان اڳ خود شاگردن جي گهر تي ان جو نالو مٽائي جناح ڪورٽ رکيو ويو. فريئر هال خانگي چندي مان فريئر نالي سان تعمير ڪيو ويو. منهنجي خيال ۾ اهو سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان سٺو حڪمران هو.

ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ جيمس اِسٽرئچن نالي هڪ انجينئر هو، جيڪو اصل عظيم هندستاني اپيٽ ۽ بمبئي بڙودا ريلوي جو هو. هن جِي 1873ع ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ سيڪريٽري ۽ انجينئر جي جاءِ تي مقرري ٿي. هن ڪراچيءَ کي ڏاڍو خوبصورت ڪري ڇڏيو. ان ڳالهه جي هن وقت گهٽ ماڻهن کي خبر آهي. سندن وڃڻ کان پوءِ ڪراچي ميونسپالٽيءَ سندس نالي جي پٺيان هڪ روڊ جو 'اسٽرئچن روڊ' نالو رکيو. پاڻ هيٺيان ڪارناما سرانجام ڏنائين:

(i) پاڻ امپريس مارڪيٽ (89-1884ع) جو نقشو تيار ڪيائين، جنهن جي پيڙهه جو پٿر بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر سر جيمس فَرگوسن رکيو.

(ii) هن 2000 گيلنز جا 40 فوٽ ڊاياميٽرن جا 36 فوٽ اونها ٻه تلاءَ تعمير ڪرايا، جيڪي اڄ به لائينز ايريا ۾ موجود آهن.

(iii) هن 150 فوٽ اوچي چمني ۽ ڪراچي ڪمپريسر اسٽيشن جا نقشا جوڙيا، جيڪي 1894ع ڌاري ٺهي راس ٿيا.

(iv) هن ڪراچي ٽرام-سرشتو شروع ڪرايو، جيڪو 20 آڪٽوبر 1884ع کان ٺهڻ شروع ٿيو ۽ ڇهن مهينن ۾ مڪمل ٿيو. اهو پوءِ 1960ع ۾ ختم ڪيو ويو.

(v) پاڻ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج جو نقشو تيار ڪيائين.

(vi) هن ڪراچيءَ جي راڻي باغ لاءِ جانور گڏ ڪيا.

(vii) ڪراچيءَ ۾ آب رسانيءَ ۽ نيڪاليءَ جو سرشتو آنڌائين.

(viii) هن 1884ع ۾ ميري ويدر ميموريل ٽاور جو نقشو جوڙيو، جنهن جو بنياد پڻ بمبئيءَ جي گورنر سر جيمس فرگوسن رکيو.

(ix) هن 1886ع ۾ ڊينسو هال جو نقشو تيار ڪيو.

(x) هن 1889ع ۾ سنڌ مدرسي اسڪول جو نقشو تيار ڪيو.

(xi) بندر روڊ تي ڊينسو هال جي ويجهو جهانگير ڪوٺاري بلڊنگ جوڙاياڻين.

(xii) سنڌ مدرسي جي پرنسپل جو گهر جوڙاياڻين.

(xiii) هن ميڪلوڊ روڊ (هاڻي آءِ آءِ چندريگر روڊ) تي ميري ويدر ميموريل ٽاور (1891ع) جي ويجهو هو هو رمسجي جمشيد جي رستم جي بلڊنگ جوڙائي جيڪا هاڻي ڊاٺي وئي آهي.

مٿيون سموريون عمارتون ڪراچيءَ جون يادگار آهن. اهي شهر جو فخر آهن ۽ ٽي صديون ڏسي چڪيون آهن. اهي اجا بہ ٽي چار صديون بيهي سگهن ٿيون، جيڪڏهن ڪو "نيرو" حڪمران انهن کي ساڙائي نٽو. ڇا اها چڱي ڳالهہ آهي تہ پاڪستان چوڪ کان سنڌ سرڪار جي پريس واري ڦوهاري تائين واري روڊ تان ڪراچيءَ جي مثالي عمارتن جي ان معمار اسٽرئچن جا، يا مولوي دين محمد وفائيءَ، جا نالا لاهي ڇڏجن؟ ڇا اسين احسان فراموش قوم ناهيون.؟

دين محمد وفائي صحافي، محقق، تاريخدان ۽ مذهبي وهم پرستيءَ جي

خلاف جهاد ڪرڻ وارو سماج سڌارڪ شخص برابر هو. پر نہ هو ان روڊ تي رهندو هو، نہ وٽس پريس هئي. ٻيءَ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ وٽ پريس هئي، جا اُتي آهي ۽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي انڪار جي باوجود ان روڊ جو نالو مٽايو ويو. فريئر جي نالي وارا بہ رستا فريئر اسٽريٽ ۽ فريئر روڊ جا نالا مٽجي ويا. ائين تاريخ کي تباه ڪيو ويو. ان عظيم انسان آخر ڇا نہ ڪيو؟ اهڙين ڳالهين ڪري هن ملڪ لاءِ ڪم ڪرڻ جو چاه ئي ماڻهن مان مري ويو آهي.

سيتا ڳوٺ سيتا ريلوي اسٽيشن جي پرسان آهي جيڪو هڪڙي مسلمان ملاح عورت ۽ سندس ڇهن پٽن ٻڌو هو. تعصب فقط اهو هو تہ هندن جي ڪتاب رامائڻ ۾ رام جي پياري گهرواريءَ جو نالو سيتا هو. ڪنهن جاهل جي چوڻ تي ان جو نالو بدلائي رحماني ننگر رکيو ويو. سنڌ جو ڪمشنر سر ايوان جيمس (1891ع-1899ع) ڏاڍو سخي شخص هو. هن ڪيترن ماڻهن کي ايرنڊي ناري ۽ ان جي شاخن تي آباد ڪرايو. ان سڄي علائقي ۾ جيمس آباد جو شهر سندس نالي پٺيان سڏجڻ لڳو، پر اهو نالو بہ تبديل ڪيو ويو آهي.

1947ع ۾ آزاديءَ کان پوءِ نون آيل پناه گيرن ڪراچيءَ جي رستن جا نالا مٽائي ڇڏيا. اسان کي خبر ئي ڪانہ پوندي تہ اهي ڪهڙا ماڻهو هئا، جن سنڌ جي تاريخ نہ فقط لکت ۾ پر عمل ۾ بہ انتظام وسيلي جوڙي. ان لاءِ ڏار ڪوجنا جي ضرورت آهي ۽ اها ڳالهہ هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر آهي.

ڪراچيءَ جي رستن جا نالا تمام تڪڙا ۽ لاڳيتو تبديل ڪيا ويا. ڄڻ تہ انگريز سلطنت کي فتح ڪيو ويو هو، ڄڻ تہ فاتحن کي ٻيو ڪم ڪرڻو نہ هو ۽ فقط اهي نالا مٽائي سدائين لاءِ وسارائي ڇڏڻا هئا. رستن جي نالن جي فهرست ۽ جن ماڻهن جي پٺيان اهي نالا هئا، انهن جي تاريخ ڏاڍي ڏکي آهي. مون وٽ انهن رستن ۽ انهن تي جيڪي ماڻهو رهندا هئا ۽ جن جا اتي گهر هئا، تن جي فهرست آهي.

# سنڌو درياءَ جو ديدار

مون پهرئين دفعي جڏهن ننڍي واهه وسيلي اسان جي ڳوٺ ڏانهن پاڻي وهي ايندي ڏٺو ۽ ڳوٺ وارا به ان لاءِ وَڏي اڳيان ويا، تڏهن ڏاڏي کان پڇيم ته پاڻي ڪٿان پئي آيو. هن مون کي ٻڌايو ته ”اهو سنڌو درياءَ مان پئي آيو!“ مون ڏاڏي کي چيو ته ”اُهو مون کي درياءُ ڏيکار!“ ٿورن ڏينهن بعد هو ڪنهن شاديءَ ۾ شرڪت لاءِ نئين ڳوٺ پئي ويو ۽ مون کي ساڻ ڪنيائين. اسين قلجي اسٽيشن کان راڌڻ تائين ريل گاڏيءَ ۾ ۽ پوءِ ڏاند گاڏيءَ ۾ اتي پهتاسين. ميزبانن مون کي چيو ته ”اوهين صحيح وقت تي آيا آهيو. درياءُ اسان جي ڳوٺ کان سڌ پنڌ تي اچي ويو آهي.“ اڳئين صبح تي اسين درياءَ ي پهچي وياسين، جو اٿاهه چيچ جي صورت ۾ پکڙيل هو. جيئن سامهون اوير پاسي درياهه چٽو نظر آيو، تيئن ماڻهن اوڏانهن منهن ڪري سنڌيءَ ۾ منٿ ڪن لاءِ دعا گهري. پوءِ انهن مون کي ڪلهي تي کڻي درياءَ جو پريون ڪپر ڏيکاريو، جنهن تي وڏا وڻ پاڻيءَ ۾ ٻڏل نظر پئي آيا. پوءِ اسين درياءَ جي ڪنڌيءَ ڏانهن وڌياسين. مون ڏٺو ته درياءُ نه رڳو هيٺاهيون پر مٿاهيون به ٻاتيون پئي. مان ڊڄي ويس. تنهن ڪانسواءِ پاڻيءَ جو ڪڙڪو به ڊيڄاريندڙ هو. ماڻهن مان هڪڙي زمين ۾ لڪڻ کوڙي مون کي تسلي ڏني ته زمين سڪل ۽ سخت هئي، انڪري ڊهڻ واري نه هئي. هنن اهو به چيو ته هو مون کي وڏيون ۽ سهٽيون ٻيڙيون به ڏيکاريندا. ماڻهو ڪناري تي پهتا ته مون کي

لڪڻ پوڙي ڏيڪاريائون تہ اڳيان هڪ ٻہ فوٽ پاڻي هو، انڪري اڳتي نہ وڃبو. پوءِ اسان ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون ٻيڙيون ڳوٺ ڏانهن، ڪي ڏڪڻ پاسي ۽ ڪي سير ۾ هلندي ڏٺيون. هنن مون کي ٻڌايو تہ وچ ۾ وهڪرو تيز هو، انڪري اتي وڏيون ٻيڙيون گهرجن تہ جيئن ڪُن ۾ نہ ڦاسن. جيڪي پار پئي ويون يا اوپاريون پئي هليون، سي ٻہ ننڍيون تُوڙي وڏيون هيون. اهي تيز نہ ٿي هليون. ميزبان سڀ سولنگي يا ميربحر هئا، جن گهڻن ٻيڙياتن کي سجاتو پئي، سو مون کي ٻيڙيون ڏيکارڻ جو واعدو ڪيائون. مُختلف قسمن جون رنگارنگي سڙهن واريون ٻيڙيون تمام گهٽيون سهٽيون هيون. شام جو هنن مون کي ننڍيون وڏيون ٻيڙيون، ڳوٺ جي پر ۾ لنگر انداز ٿيل ٻہ ڏيکاريون. هنن پرينءَ پر ڪان آندل سامان ڪنهن ٻئي پاسي موڪلڻ لاءِ لاتو پئي (هاٿي سمجهان ٿو تہ اهو راڌڻ، ميهڙ، شاهہ پنجي يا ترڙي محبت وغيره وچٿو هوندو). هنن مون کي هڪ ٻيڙيءَ ۾ ويهاريو، پر وهڪري جي ڊپ ڪان مون اها هلائڻ نہ ڏني. مون لاءِ ٻيڙي ڏاڍي دلچسپ هئي. ان ۾ سمهڻ لا هڪ لڪڙيءَ جو ڪمرو هو ۽ ٻي جاءِ رڌ ۽ ٿانو ٿپا وغيره رکڻ لاءِ هئي. ڪن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار هئا. هنن مون کي ٻيڙيءَ جي آڳل تي ويهاريو. ٻيڙيءَ جي پاسن تي سهٽو اُڪَرَ جو ڪم ٿيل هو.

نوَ سال پوءِ 1939ع ۾ ميهڙ جي ڊرائينگ ٽيچر محمد ابراهيم پنهيار، حيدرآباد جي ڊرائينگ ٽيچر، مشهور چترڪار علي محمد چنا کي پيش ڪرڻ لاءِ ٻيڙين جي اڪر جا نمونا چيني ڪاغذ (Drawing sheet) تي اتارڻ لاءِ مون کي ڏنا. مون وٽ 1939ع جي نڪتل اهڙي هڪ ڊرائينگ موجود آهي.

سولنگي سنڌ جي قديم ذات آهي. اهي شايد موهين جي دڙي واري دوُر ۾ اميرالبحر هئا، جيڪي عربي سمنڊ لتاڙي دلمون (بحرين) ۽ ايراني

نار کان ميسوپو ٽيميا (عراق) ويندا هئا. سنڌ کي ان وقت يا تہ ملوها سڏيو ويندو هو يا تہ ملوها کو بندر هو. هي نالو يا تہ مهاٽن جي ڪري پيو يا وري مهاٽا (مڇي ماريندڙ يا ٻيڙياتا) انهيءَ نالي پنيان ملاهہ سڏيا ويا. اشتياق خان ڊائريڪٽر جنرل آرڪيالاجيءَ مون کي ٻڌايو تہ 1970ع تائين اهي اپريل مهيني جي پڇاڙيءَ ڌاري موهين جي دڙي جي سامهون گڏ ٿيندا هئا ۽ ڳائڻ، نچڻ ۽ ٻين رسمن سان رات ملهائيندا هئا، پر هاڻي شايد پرسان ڪو سندن پير آهي يا اتي هو شادين وغيره لاءِ ڪٺا ٿيندا هجن.

موهين جي دڙي واري دؤر ۾ سندن ٻيڙيون سَرن ۽ پَنِ جون ٺهيل هونديون هيون، جيڪي 50 کان 100 ٽن جيترو وزن کڻي سگهنديون هيون. انهن ٻيڙين يا ٻيڙن جو هڪ نمونو ناروي جي شهر اوسلو جي هڪ ميوزيم ۾ رکيل آهي، جو مون 1995ع ۾ ڏٺو هو. اهي ڪوٽڏيجيءَ واري وقت (ٽي هزار ق.م) کان سنڌي بندرن تان مال کڻندا هئا. سندن معيشت بهتر هئي. هو اڪثر وقت پنهنجين ٻيڙين تي رهندا هئا. ننڍيون ٻيڙيون مڇي مارڻ لاءِ ڪم اينديون هيون. سولنگين ۾ درجا هئا: بار ۽ سامان کڻندڙ، مسافر اڪاريندڙ، درياءَ مان مڇي ماريندڙ ۽ ڊورن مان مڇي مارڻ وارا. سندن اقتصاديات سنڌونديءَ جي وهڪري جي ٽڪاءَ سان ٻڌل هئي. درياءَ جي وهڪري بدلجڻ ڪري چند ڍهاڪن لاءِ پاٽين ۽ ٻيڙياتن جو ڌنڌو گهٽ (Reduced) ٿي ويندو هو، جيستائين ماڻهو وڃي نئين وهڪري پر تائينڪا ٿين. هو شايد سمنڊ ۾ ڦرون بہ ڪندا هئا ۽ سامونڊي قذاق بہ هئا. پنجين کان ستين عيسويءَ ڌاري هو ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ آباد ٿيا. هي سولنگين مان، سولنڪي ۽ انهن مان چولڪي ۽ چولڪايا (Chaulakaya) بہ ڪوٺيا ويا. هنن 998-1298ع تائين گجرات تي راڄ ڪيو. اُهو سنيءَ آبهوا ۽ خوشحاليءَ جو زمانو هو. هنن کان بعد جا حڪمران واگهيلا بہ سڏبا هئا ۽ اهي بہ پاڻ کي سولنگي

سڏائيندا هئا. علاءَ الدين ڪين ڏڪيو پر پوءِ بہ 1350ع تائين بااثر رهيا.

325 ق.م جڏهن سڪندر اعظم پوئتي موٽڻ جو خيال ڪيو، تڏهن سندس تاريخ نويس مطابق هيٺ پاڻيءَ رستي سفر ڪرڻ لاءِ ٻيڙين جوڙڻ جو حڪم ڏنائين، پر چاڪاڻ تہ سنڌو درياءَ ۾ سڌي تري واريون ٻيڙيون هلي ٿي سگهيون، انڪري هنن اهي مڪاني سولنگين کان کسيون هونديون. جڏهن بہ درياءَ وهڪرو بدلايو، سولنگي اقتصادي طور متاثر ٿيا. چاڪاڻ تہ نئين وهڪري تي نہ وسنديون هيون، نہ ماڻهو ۽ نہ وري ٻيڙين رستي واپار لاءِ ڪو سامان ٿي هو. سڪندر جي سنڌ تي ڪاهہ کان وٺي درياءَ جي وهڪري ۾ اهڙيون وڏيون تبديليون 700ع، 1048ع، 1250ع ۽ 1758ع ڌاري ٿيون، جن جي ڪري زراعت هيٺ ايراضيءَ، آدمشماريءَ ۽ واپار ۾ گهٽتائي ٿي، ايستائين جو ننڍين تبديلين بہ سنڌ جي ماڻهن، خاص طور سولنگين، کي وڏيڪ نقصان پئي ڪيو آهي. ريل رستا ٺهڻ کان اڳ سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي بندر هئا. ريلوي کان بہ وڏيڪ بسنڌو آگبوٽ نِواڙي (Indus Floatila) سولنگين کي 35-40 سال (1843ع کان 1878ع) تائين وڏو نقصان ڏنو. ريل گاڏي شروع ٿيڻ ڪري ٻيڙين تي هلندڙ واپار 10 سيڪڙو کان گهٽ وڃي رهيو ۽ سولنگي بيروزگار ٿيا. جيتوڻيڪ برطانوي پارليامينٽ هندستان کي فلاحي رياست ظاهر ڪيو هو، پر ريلوي شروع ٿيڻ سان ماڻهن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪوبہ بلو نہ ڪيو ويو، ڇو تہ ريلوي گورنمينٽ جي هٿي ۽ ان سان مقابلو گورنمينٽ لاءِ نقصانڪار هو. سولنگي غريب ٿي ويا، ڇو جو وٽن ڪوبہ ڏنڌو يا زمين وغيره نہ هئي. مسلمان هئڻ جي باوجود بہ اڇوتن جهڙا ٿي ويا. هنن جا ڪجهہ گهر اسان جي ڳوٺ ۾ بہ اڇي ويٺا. ٿوري پگهار تي ڪم ڪرڻ لڳا ۽ تمام غربت جي زندگي گذارڻ لڳا. انڪري هنن جي خودي پائمال ٿي وئي. سندن عورتون پنهنجي سوپيا ۽ سونهن سبب، مڇي مانيءَ وارن ماڻهن (پنهورن ۽ ٻين) وٽ وڪامجڻ لڳيون.

منهنجو درياءَ تي پهريون پيرو وڃڻ اپريل - مئي 1930ع ۾ ٿيو. مون ڏاڏي کان پڇيو ته هُن درياءَ کي ڏسي ڪهڙي دعا گهري هئي. هن مون کي ٻڌايو ته اها دعا ڪيس سندس والده، جيڪا نئين ڳوٺ جي سولنگياڻي هئي، تنهن سيکاري هئي. جيئن ته منهنجي ڇوڻ تي هو اها دعا ورجائيندو هو، تنهنڪري ڪجهه مون کي ياد آهي:

"ياالله! توتان ٿيان قربان،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
تون رحيم - تون رحمان،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
درياءُ چڙهي، وڏي، ويڪرو ٿئي،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
ويڪرو ٿئي، موڪرو ٿئي، اونهو ٿئي،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
جهر جهنگ پاڻي ٿئي، ملڪ ۾ پوک ٿئي،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
ساريون ٿين، ڪپهه ٿئي، ڪٽڪ ٿئي،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
ان جا انبار ٿين، وڏيون ڀاريون ٿين،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
ٻيڙيون ان سان ڀرجن، گدرا - ڇانهان ٿين،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت.
غريب آسودا ٿين، وڏيرا امير ٿين،
تنهنجو درياءُ، تنهنجي نعمت."

هي انهيءَ ڊگهيءَ دعا جو اهو حصو آهي، جيڪو مون کي ياد بيٺو آهي. ساڳئي سال جولاءِ جي پڇاڙيءَ ڌاري راڌڻ ويجهو نئين ڳوٺ جي

سامهون درياءَ جو بند ڀڳو ۽ پراڻي وهڪري رستي ماها، جبيرجي، ستيارو، پيرڳٽيو ۽ ٽلٽي ڊنڊين مان وري وڃي سيوهڻ جي پرسان درياءَ ۾ پيو. اسان جي ڳوٺ کي پاڻي ڦري ويو، پر 18 سالن جي مامي محمد صالح اڳوات ماڻهو ميڙي ڳوٺ کي بند ڏياري ڇڏيو هو. انهيءَ بند کي پاسن کان مناسب لاهي هئي ۽ مٿان ايترو ويڪرو هو جو ڏاند گاڏي هلي ٿي سگهي. سڄو ڳوٺ سواءِ چند ماڻهن جي خالي ڪيو ويو هو. مون ماڻهو، جانور ۽ سامان سلامتيءَ سان ٻيڙين رستي ڪيندي ڏٺا. مون ڏٺو ته منهنجي ڏاڏي جي دعا اگهامي، جو درياءَ اسان جي ڳوٺ ۾ اچي ويو. مون کي مالي نقصان جو پتو ڪو نه هو. چاچي مون کي ساڻ وٺي وڃي ٻيڙيون ڏيکاريون ۽ تسلي ڏني ته پاڻي ٽانگهو هو. اسان ٻيڙيءَ تي چڙهي پاسي واري ڳوٺ ۾ پاڻيءَ ۾ گهيريل ماڻهن کي کاڌو ڏيڻ وياسين. اهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ جو منهنجو پهريون اتفاق هو ۽ مان ترتلجي ويس.

ان بعد سنڌو درياءَ ۾ منهنجي دلچسپي وڌندي رهي. سنڌو درياءَ کي سمجهڻ لاءِ مون کي ڀُونءِ وديا (Geography)، جل گت وديا (Hydrology)، آبپاشيءَ جو نظام (Irrigation)، واهه، پاڻيءَ جو نيڪال (Drainage)، موريون، درياءَ ۽ واهن جي سم (Seepage)، درياءَ جو ڦاٽڻ وارو رويو (Behaviour of rivers in cutting their channels)، پاٽڪ ڪيٽين جو ٺهڻ (Formation of delta)، ماضيءَ ۾ آبهوا جون تبديليون ۽ انهن جو درياءَ تي اثر، دريائي وهڪرن جون تبديليون، درياءَ جون ڦٽايل بستيون ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ لڏپلاڻ ۽ بيچيني، جنهنڪري حڪومتون تبديل ٿين ۽، ٻاهرين اثرن، ماڻهن جي رهڻيءَ تي پوندڙ سماجي اثرن، جنهن ۾ کاڌو، زراعت، پَسون پالنا ۽ جهنگل بانيءَ کي سمجهڻو هو.

سنڌو ۾ ٻوڏ، ريل رستن ۽ پوءِ ٽن وڏن بئراجن سان سولنگي ڪيترو متاثر ٿيا، سو سنڌ جي 1855ع ۽ 1899ع وارن نقشن مان ڄاڻي سگهجي ٿو. دريائي بندر جن تي اندريون مُلڪي واپار هلندو هو، سي زوال پذير

تي ٿيا ۽ ڪي تہ ويران ٿي ويا. دريائي واپار ايترو تہ هو، جو پراڻي ديري تي لهندڙ مال، ملڪ جي هيٺئين ۽ مٿئين پاسي آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ 1878ع ۾ قلجيءَ کان بہ ميل ڊگهو ريل جو رستو وڇايو ويو. چاليهارو سال پوءِ اهو ترڪ ڪيو ويو، ڇو جو درياءَ اتان ڪجهہ ميل پري هٽي ويو ۽ درياءَ جي پروارين بستين کي ڌڪ ڏنو ويو. جڏهن تہ ريلوي جي گودين (-Sta tions) وٽ سرڪاري مقاطعي تي ڏنل سستيءَ زمين مٿان ننڍا شهر اسرڻ لڳا. انهن ۾ نئين آبادي وارن جي هئي. جڏهن اهو سلسلو هليو پئي، تڏهن حڪومت درياءَ جي اجڙيل بندرن تي سولنگين کي وسائڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو. ريلوي پنهنجن لاءِ ۽ نون وسايل ننڍن شهرن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا، پر انجنيئر جن وٽ رٿابندي بہ هئي، تن رڳو پنهنجن ڪمن ساڌڻ لاءِ سوچيو. 1875ع کان پنجاب ۾ بئراجن ٺهڻ ڪري درياءَ ۾ پاڻي گهٽجڻ لڳو، زراعت تي اثر پيا ۽ مڇي گهٽ مرڻ لڳي، پر جيئن تہ مڇيءَ تي محصول زراعت جي ڀيٽ ۾ گهٽ هو، سو سنڌ بہ پنجاب صوبي کان بئراجن ۽ سنڌو درياءَ مان پوک لاءِ پاڻيءَ جو حصو گهرڻ شروع ڪيو. سکر بئراج ٺهڻ جي منظوريءَ سان سرڪاري ۽ خانگي ماڻهن کان مڇيءَ جي واپار جا نقصان وسري ويا. پر اهو ڪنهن بہ نہ سوچيو تہ اٽڪ کان ساموندي ڪناري تائين، وچ تي آمدرفت لاءِ بئراجن ۾ ڪو دروازو يا ڦاٽڪ هجي. ان ٻيڙين جي آمدورفت ۽ مهاڻن کي نقصان رسايو. ريلوي جيئن تہ حڪومت جي هلايل ۽ ان جي ملڪيت هئي، انڪري سوچيل نموني سرڪاري آمدني وڌائڻ لاءِ ان جو مناسب انتظام ٿيل هو، پر عوام، خاص طرح درياءَ جي پاڻيءَ تي گذر ڪندڙن سولنگين ۽ ميربحرن لاءِ ڪنهن بہ نہ سوچيو ويو.

سکر بئراج بہ ماهيگيريءَ جي ڏنڊي کي ڏڪ هنيو. پلو، وڏي گانگٽ وانگر جواني انهيءَ ڪناري واري کاري پاڻيءَ ۾ گذاري جيڪو سمنڊ جي پاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ 50 کان 42 سيڪڙو کارو آهي. پوءِ سنڌونديءَ

۾ اوپارو ٿي ديري اسماعيل خان تائين ويندو هو. سنڌي ماڻهن جو اهو عقيدو درست نہ آهي تہ پلو روهڙي ۽ سکر جي وچ واري ٻيٽ تي زنده پير جي زيارت لاءِ وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اليگزينڊر برنس 1831ع ۾ ديري غازي خان تائين پلو ڏٺو هو. 1932ع ۾ سکر بئراج ٺهڻ کانپوءِ اتر وارن مهاڻن، جن کي بکر ۽ زنده پير تائين پلي مارڻ جون سندون هيون، انهن جو پلن مارڻ وارو ڌنڌو هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو ۽ هنن حکومت وٽ سکر کان هيٺ، حق حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست وِڌي. سنڌ حکومت 13 آڪٽوبر 1955ع ون يونٽ ٺهڻ تائين، ان معاملي بابت ڪوبہ فيصلو نہ ڪري سگهي. ڪوٽڙي بئراج اڳ ئي ٺهي چڪو هو ۽ ان ۾ پلي جي عادتن بابت افواهن جي بنياد، پلي لاءِ ٺاهيل دروازو (Fish ladder) ڪيس اوپاري وڃڻ لاءِ ڪارگر نہ ٿيو. مڇيءَ لاءِ اها (Fish ladder) سائنسي طور ڪارگر محنت سان نٿين سرسڌاري سگهجي ٿي، پر انجنيئرن کي نہ تہ مهاڻن سان ۽ نہ وري پلي سان ڪا همدردي آهي. هاڻي پلي گيري ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ محدود آهي. اوپارو هلندي، پلو وڏو ٿي ويندو هو. مادي پلي جي آني بہ وڏي ٿي ويندي هئي ۽ مادي خود بہ وڏي ۽ ساڄي ٿي پوندي هئي. هن جنس جو نر (ڪِيرو پلو) ماديءَ (آنياري پلي) جي پيٽ ۾ ننڍو ٿئي ٿو. سکر بئراج جي چالو ٿيڻ کان 40 سال پوءِ روهڙيءَ جي مهاڻن ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ مڇي مارڻ جا حق حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪين اها خبر نہ هئي تہ هاڻي پلو رڳو سنڌوءِ درياءَ جي پڇاڙيءَ وارن 80 ميلن تائين ملندو. باقي اتر وارن 280 ميلن يعني ڪوٽڙيءَ کان ڪشمور تائين ڪونہ هوندو، ۽ اهو بہ تہ پلو سراسري طور سال ۾ فقط 56 ڏينهن ملندو، جڏهن درياءُ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ وهندو، باقي 309 ڏينهن درياءُ سڪل هوندو. 1980ع کان پوءِ اهو پتو پيو تہ سامونڊي ڪناري جو پاڻي ايترو کارو ٿي ويو آهي جو ان ۾ پلو ۽ وڏو گانگٽ پنهنجو نسل نٿا وڌائي سگهن.

1980ع کانپوءِ سنڌ کان متي گهٽن بئراجن ٺهڻ ڪري ماهيگيريءَ جو اوج بلڪل ختم ٿي ويو. سنڌو نديءَ جي هاٽوڪي ڪچي واريءَ 21 لک ايڪڙ زمين تي سولنگي مڇي ماري نتا سگهن.

1860ع کان اڳ ندي ڇُوٽِ يعني آجِي هئي، ان جون گذريل 10 هزار سالن کان ڇڏيل پراڻن وهڪرن جون ڪڏون يا ڍنڍيون اونهاري جي ٻوڏن ۾ پرجي ويندون هيون. درياءَ جي لهي وڃڻ بعد اهي ڍنڍون مڇيءَ جو ذريعو هيون، جن کي سولنگي استعمال ڪندا هئا ۽ باقي بچيل وٿائتيءَ زمين تي پوري ربيع جا فصل، جيئن ڪَڻڪ، ديسي مٽر، ڇڻا ياڇيون، گدرا، ڇانهان ۽ پيون ڪدوءَ جهڙيون جنسون پوکبيون هيون. ايتري تہ مڇي مرندي هئي، جو 1947ع واري آزاديءَ وقت اولهہ پاڪستان جي مڇيءَ جي سموري پيداوار جو 80 سيڪڙو سنڌ ۾، سرحد ۾ مشڪل سان هڪ سيڪڙو ۽ پنجاب ۾ 19 سيڪڙو ٿيندو هو. اڄ صورتحال ان جي برعڪس آهي. نہ رڳو سنڌو درياءَ مان، پر 1843ع کاںٰ اڳ سنڌوءَ مان سڌو نڪرندڙ 729 واهن مان جيڪي ڍنڍون پربيون هيون سي بہ سڪي ويون آهن. سکر بئراج مان انهن کي پرڻ جي گنجائش نہ هئي ۽ نہ وري گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراجن ۾ اهڙي گنجائش رکي وئي.

حڪومت پنهنجي ناقص رٿابنديءَ جي ڪري بچاءَ بندن يا بيراجن کان ٻاهر وارين ڍنڍن تائين پاڻي پهچائڻ جو بندوبست نہ ڪري سگهي آهي. انجنيئرن سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو خيال نہ ڪيو، ڇو جو سکر بئراج جي اضافي پاڻيءَ سان ڪڏون، ڍنڍون پرائي جِيوَ حياتَ جو توازن، ماهيگريءَ ۽ سولنگين کي لڏ پلاڻ ۽ خانہ بدوشيءَ کان بچائين ها. نہ رڳو ايترو پر ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کان مڇي، حيواني لحمين جو سٺو ۽ سستو ذريعو بہ کسجي ويو. مون کي ياد آهي تہ 1935ع ۾ مڇيءَ جي قيمت ٻاڪري گوشت جي قيمت جي اڌ کان بہ گهٽ هوندي هئي. ان وقت بہ سياري ۾ پاڻي گهٽ هوندو هو، پر اونهاري ۾ جام،

انڪري تہ واڌو پاڻي ڍنڍين ۾ پرجي ويندو هو ۽ سياري وارو ٿورو پاڻي بہ مڇي پالڻ لاءِ ڪافي هو. مڇيءَ جي اڻاٺ جي ڪري اڄڪلهہ لحميات (Protein) جي ڪمي سنڌ جي ماڻهن جي صحت تي خراب اثر وجهندي. خوراڪ ۾ حيواني لحميات جي گهٽتائيءَ سبب سنڌي ماڻهن جي صحت ۽ قد گهٽجي ويندا ۽ اڄڪلهہ ڪمزور جسمن جي ڪري بيمارين جو شڪار ٿيندا.

هن غلطيءَ کي ڇڏي، ڪن انگريز منتظمين کي جس هجي، جن سنڌ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو. انهن ۾ سربارٽل فريئر اڳيرو هو. پين گهٽين ڳالهين سان گڏ نين تقاضائن مطابق هن سنڌ ۾ جديد آبپاشي ڪاتو قائم ڪيو. سندس وقت ۾ دريائي ٻوڏن کان تحفظ لاءِ پهريون بچاءُ بند 1955ع ۾، سپرٽينڊنگ انجنيئر فائيف (Fife) جي نگرانيءَ ۾ ڪشمور کان شروع ٿيو. ڪيس سنڌ جي آبپاشيءَ جو ابو سڏجي ٿو. هن 4 هزار سال اڳ پراڻي سڪل درياءَ دريشاد وَتي يا سرسوتي يا هاڪڙي جي جاءِ تي، روهڙيءَ کان پنج ميل اتر طرف درياءَ مان نئون منهن ڏئي ايرندو نارو واهہ باقاعدي وهايو، جنهن سان ڏکڻ - اوپر سنڌ وري شاداب ٿي. ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ جي اوير واري شاخ 1048ع ڌاري سومرن جي تختگاهہ منصوره کي ويران ڪندي، اهو علائقو ڇڏي وئي هئي. سَر ايوِن جيمس سنڌ جو پيو ڪمشنر هو، جنهن پنهنجي لکت آئيندي جي منتظمن جي رهنمائيءَ لاءِ ڇڏي تہ پنجاب ۾ بئراجن جي تعمير ڪري سنڌ کي مجبورن بئراجن ٺاهڻ جي ضرورت پوندي. انگريزن پنجاب ۾ آبپاشيءَ ۾ واڌاري جي خطري ۽ سنڌ تي ان جي اثرن جو تصور ڪيو هو. هينئر اسان وٽ سنڌو درياءَ ۾ پاڻي سال ۾ سکر کان هيٺ 200 ڏينهن ۽ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ 56 ڏينهن مس آهي. ڪوٽڙيءَ کان هيٺ درياءَ جي پيٽ ۾ سمنڊ جو پاڻي سجاول پُل تائين اچي ٿو ۽ انهن 80 ميلن يا 130 ڪلو ميٽرن ۾ درياءَ جي ٻنهي طرف زمين اندر پاڻي کارو ٿي ويو آهي.

# انگريز ڪامورن جي انسان دوستي

مون ڪتي لکيو آهي ته آءُ ڏاڏي، پڦيءَ ۽ هڪڙيءَ ٻيءَ عورت سان گڏ شاديءَ تي ننئين ديري ويو هوس. اسين راڌڻ اسٽيشن تي لهي، ڏاند گاڏين وسيلي پنهنجي منزل تي پهتاسين. واپسيءَ ۾ ڏاند گاڏين ۾ اچي اسين بولي شاه ريلوي اسٽيشن تان ريل ۾ چڙهياسين. ڏاڏي پهريان عورتن کي زناني گاڏي ۾ ويهاريو، پوءِ دروازو کولي مون کي ڏکي گاڏي ۾ چاڙهيائين ۽ پوءِ پاڻ چڙهيو. اوسيتائين ريل چالو ٿي چڪي هئي. اهو ٽئين درجي وارو گاڏو ڪونه هو. ڪمپارٽمينٽ ۾ آفيسر لاءِ فقط هڪڙي سيٽ هئي، اها به ٻه ڏينهن اڳ اسين جنهن گاڏي ۾ چڙهيا هئاسين، ان کان ننڍي هئي. وينل همراه جو رنگ ڏاڍو ڳورو، خاڪي ڪپڙا چڊي پاتل هئس ۽ وٽس ڪجهه ڪاغذ هئا. ڏاڏي معافي وٺڻ جي خيال کان ڪجهه ڳالهايو، پر هن ڏاڏي کي آگر سان هيٺ ويهڻ جو اشارو ڪيائين. وري سيتا اسٽيشن تي ڏاڏي تڪڙو دروازو کوليو ۽ هيٺ لهي مون کي چڪي لاٿو. ڪپڙي لٽي ۾ ٺاهوڪو هڪڙو همراه جنهن کي نئون پٽڪو ٻڌل هو، سو يڪدم دروازي تي نروار ٿيو ۽ ڏاڏي کي چيائين، اهو فرسٽ ڪلاس هو ۽ هن اهڙي گاڏي ۾ ويهڻ جي همت ڪيئن ڪئي وغيره. پوءِ هن ٻئي گاڏي ۾ چڙهڻ لاءِ چيو، اهو ٽرڊ ڪلاس هو. ان ڏاڍي زور سان ٻئي ڳالهايو ۽ اندر وينل آفيسر مرڪي ڪيس خاموش رهڻ جو چوندو رهيو.

منهنجي ڏاڏي مون کي ٻڌايو ته ”اندر ويٺل همراه انگريز هو، جيڪي ملڪ جا حاڪم آهن. اهو گاڏي بيهاري اسان کي پوليس جي حوالي ڪري ٿي سگهيو، پر انهن مان گهڻا ملائڪن جهڙا آهن ۽ رعيت تي ڏاڍا مهربان ٿيندا آهن. هن خود اسان کي هلندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهندي ڏٺو هو. ڪيس حالت جي خبر هئي ۽ اسان تي رحم ڪيائين. پر ٻيو ماڻهو شايد هتي جو ڪو ڏيهي پٽيوالو هو. اهو اسان کي موچڙا به هڻي ها پر آفيسر جي ڪري مڙي ويو.“ جيڪڏهن اهي اسان کي ٻڌن ها ته پياري ڳوٺ واري ٻيءَ اسٽيشن تي ڏاڍو عورتن کي به لاهي ڪونه سگهي ها. ڏاڏي ٻڌايو ته انگريز ”فيل مست“ آهي. اهي اڪثر خاموش رهندا آهن، پر هڪڙو ٻيرو ڪنهن غلطيءَ تي چڙيا ته پوءِ ڏوهاريءَ کي هاٿيءَ وانگي پيرن هيٺان چيپاٽي ڇڏيندا.

جڏهن ڏاڏي ڳوٺ جي ماڻهن کي اهو قصو ٻڌايو ته انهن کيس چيو ته ”اهو فرسٽ ڪلاس ڪونه هوندو، ڇاڪاڻ ته ان تي پوليس جو پهرو هوندو آهي. اهو شايد سيڪنڊ ڪلاس يا انٽر ڪلاس هوندو ۽ آفيسر ڪو هندو هوندو، اهي به ساڳي ڊريس پهريندا آهن.“ مون کي فقط ڳوڙهيون سائي رنگ جون سِٽون ياد آهن. اڳتي هلي مون کي خبر پئي ته فرسٽ ۽ سيڪنڊ ڪلاس ٻنهي جي دور ۾ سرڪاري ڊيوٽيءَ تي آفيسر هڪجهڙي ڊريس پهريندا هئا ۽ پوليس ڪان سواءِ سڀ اڪثر سٻاجها هوندا هئا. پوليس وارا نظم ضبط رکڻ لاءِ ڏاڍا سخت، ڪهرا ۽ ڏاڍا ظالم ٿيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ پوليس ڪيس لاءِ رشوت ڪانه وٺندي هئي. اهي ڏوهارين کي گرفتار ڪندا هئا ۽ انهن تي عدالتن ۾ ڪيس هلرائيندا هئا. جيتوڻيڪ ماڻهن جو اهو خيال هو ته رشوت وٺي اهي ڏوهارين تي ڪرمنل ڪوڊ جا سڀ قلم لاڳو نه ڪندا آهن ان ڪري انهن کي جيل جي گهٽ سزا ملندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏٺين کي چوري واپس به ملندي هئي پر گهڻو ڪري نه.

مون تي پنهنجي ڀاروتڻ ۾ ان آفيسر جو ڏاڍو اثر پيو. مون کي مغربي ماڻهن، يورپين توڙي آمريڪين سان ميل جول جو وڏو آزمودو آهي. عام طور اهي انسان دوست ٿيندا آهن. انهيءَ ڳالهه جو بنياد انهن چئن انقلابن تي رکيل آهي، جن مان سنڌن سماج لنگهيا آهن. اهي آهن. 1750ع ۽ ان کان پوءِ جو برٽش انقلاب، جنهن ۾ هنن دريائن کي سڌو ۽ سنئون ڪيو ۽ پليون تعمير ڪيون. پنهي پاسن کان رستا جوڙيا. رستن تي گهوڙن وسيلي ٻيڙيون ڇڪرايون. آمريڪا جي آزاديءَ جي جنگ، جنهن امريڪا مان انگريزي راڄ ٻاهر اڇلائي ڦٽو ڪيو. فرينچ انقلاب، جنهن جو بنيادي مقصد هو سمورن طبقن جي برابري؛ ۽ صنعتي انقلاب انگلنڊ 1850ع وارو. انگريزن 1857ع واري بغاوت يا سپاهين واريءَ جنگ مان پڻ سبق حاصل ڪيو، جنهن کان پوءِ انگريزي تاجَ پارليامينٽ وسيلي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان هندستان تي حڪمرانيءَ جون واڳون ورتيون. اهي صلاحيتن جي آڌار تي پرکي چونڊيل انڊين سول سروس جا آفيسر موڪليندا هئا. انهن جو مقابلي جو امتحان ٿيندو هو ۽ انهن مان ڪيترائي عظيم محقق ۽ عالم ثابت ٿيا. اسين انهن جهڙا سي.ايس.ايس وسيلي آفيسر پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا آهيون. وڪٽوريا واري دور کان انهن جو اهو عقيدو هوندو هو ته هُو ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن کي (جن تي اهي حڪمراني ڪندا هئا)، خدا جي طرفان مهذب بنائڻ ۽ انهن جي سارسنڀال لهڻ لاءِ موڪليا ويا آهن. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته انهن جي انگلنڊ ۽ بينڪن جي وچ ۾ ٿيندڙ واپار جي ڪيترن منصوبن ۽ ريلوي، ٽيليفون، ٽيليگراف، ٻاڦ، ڊيزل ۽ پيٽرول جي انجڻين جي ترقيءَ ۽ ٻين مقصدن، 1914ع ڌاري پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي شروع ٿيڻ وقت، انگلنڊ کي دنيا جو امير ترين ملڪ بنائي ڇڏيو هو. انگلنڊ کي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ ۽ ٻين ملڪن تي جيڪا مٿڀرائي حاصل هئي، ان جو ڪارڻ

اهي هزارين هندستاني سپاهي هئا، جن انگلنڊ لاءِ ويڙهه ڪئي ۽ پنهنجا سر قربان ڪيا، ڇا اسين ان ڳالهه کي استحصال (قرلٽ) چئي سگهون ٿا؟ جڏهن ته خود گانڌي به پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ فوجي ڀرتيءَ لاءِ انگريزن جي مدد ڪئي هئي، جنهن کي پوءِ 'قيصر هند' جو خطاب مليو ۽ ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن ان جي تشهير ۽ تعريف به ڪئي. ڪن ٽورن کي ڇڏي اڪثر آءِ.سي.ايس آفيسر پنهنجي اصليت ۾ سامراجي هوندا هئا. پر جيئن اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته ڊيوٽي سندن ايمان هو. انهن اسان کي قانون ڏنو، جنهن ۾ وقتي ڏوهاري بچي ويندو هو! اهو قانون ٽن ماڻهن چيف جسٽس آف پاڪستان منير، اولهه پاڪستان جي قانون واري وزير غلام نبي ميمڻ ۽ اوير پاڪستان جي گورنر منعم خان تباه ڪيو. ان کان پوءِ اقتدار ۾ رهڻ واري هر ماڻهوءَ قانون، نظم وضبط ۽ آئين جي تباهيءَ ۾ حصو ادا ڪيو، ۽ اُن جو اڄڪلهه پاڪستان ۾ ڇڻ وجود ئي ڪونهي!

انهن جي حڪمرانيءَ تي فقط هڪڙو الزام هڻي سگهجي ٿو ته انهن اقتصاديات ۽ روزگار جي واڌاري لاءِ صنعت کي ترقي ڪانه ونرائي، پر اسين ڏکڻ ايشيا جا ماڻهو جيڪڏهن يورپ کي فتح ڪيون ها ۽ ان کي پنهنجي بينڪيت بنايون ها ته اسين به انهن ملڪن کي ترقي ڪونه ونرايون ها. اسين انهن کي انصاف وارو نظام ڏيڻ ۽ سندن اقتصادي ۽ زرعي نظام سڌارڻ ۽ سندن اخلاقي رويو ۽ ڪردار سڌارڻ ۾ ناڪام ٿيون ها. اسان تي 1300 سال مسلمانن حڪمراني ڪئي، تاريخ انهن کي "عام ماڻهن لاءِ غيرفائديمند ۽ جابر" ڪري ڪوٺيو آهي.

اسان سان ٻين فاتحن ۽ حاڪمن ڪهڙو سلوڪ ڪيو، اهو سچ ديوار تي لکيو پيو آهي. اڃو ته انهن مان ڪن جا نالا ڪڻون. محمود غزنوي، دهلي سلطنت، مغل گورنر. جن کي به شڪ هجي اهي، انهيءَ موضوع تي لکيل

منهنجون لکڻيون ڏسي سگهن ٿا. آءٌ انهن لکڻين جي فهرست ڏئي سگهان ٿو پر هتي فقط ٻن لکڻين جا نالا پيش ڪجن ٿا:

(i) سنڌ جي جاگيرداريءَ خلاف جدوجهد، ۽

(ii) مختصر برفاني دور.

مختصر يا ٿوري برفاني دور ۾ 1600ع کان 1700ع جي وچ واري ڏکڻ ايشيا جو ذڪر آهي، جنهن ۾ مغل شهنشاهيت جو ٽٽڻ، ڏکڻ هندستان ۾ مرهٽن جو راڄ، پنجاب ۾ سکن ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو خودمختياري حاصل ڪرڻ ۽ سندن رياستن جو متحد ٿيڻ اچي وڃي ٿو.

منهنجي مامي محمد صالح مون کي هڪڙي انگريز آفيسر بابت ٻڌايو جيڪو سيوهڻ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. سندس ڦَڪَنِ تعلقي دادو ۾ ڪئمپ لڳل هئي، جتي ان ڪن فوجداري ڪيسن جا فيصلا پئي ڪيا. اوچتو پروارن گهرن مان هڪ ڪي باهه لڳي. سيني ماڻهن مدد لاءِ ان طرف ڊوڙ پاتي. اهو آفيسر به اوڏاهين پهتو. ان ڏٺو ته هڪڙيءَ عورت گهر جي ٻاهران زور سان دانهون پئي ڪيون. هن ڪانئن پڇيو ته ڇا پئي چيائين! ماڻهن کيس ٻڌايو ته ”عورت بيوه هئي ۽ سندس ساريون زمين ۾ ڪتل گُنديءَ ۾ پيل هيون، جنهن کي تڏا ويڙهيل ۽ ليپو آيل هو. چوڏاري ڪاٺ جي تختن جي ٽيڪ آيل هئس، اها هاڻ سڙي ويندي!“ اهو صاحب ڊوڙ پائي اتي رسيو ۽ هٿن ۽ ڪُلهن سان تاريون ڇني ڌار ڪرڻ لڳو. پوءِ ته ٻيا ماڻهو به واهر لاءِ آيا. اڌ ڪلاڪ ۾ باهه تي ضابطو اچي ويو. جنهن وقت ان وري پنهنجن ڪيسن جو ڪم شروع ڪيو ته سندس قميص تي ڪلهن وٽ رت هو. مون کان سندس نالو وسري ويو آهي، پر شايد اهو ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڊريو جو همعصر مسٽر گاريٽ هو.

مسٽر ڊِريوءَ جِي.اي هاءِ اسڪول جي سامهون پارڪ ٺاهڻ لاءِ ميهڙ نوٽيفائيڊ ايريا جي مدد ڪئي. ان پارڪ ۾ سهڻا گل، ڇپر، وڻ ۽

خوبصورت ٻوٽا ۽ ڪوه هو. ان ڪان سواءِ ان ۾ ٻارن جي وندر ۽ جسماني ڪسرت جون سهولتون بہ موجود هيون. ڍِريُو پارڪ ۾ آءُ روزانو پسار ڪندو هوس. موڪل واري ڏينهن آءٌ اتي پينگهي جو مزو وٺندو هوس، جيڪا انگريزيءَ جي ابتي اکر 'U' واري شڪل جي گهوڙيءَ ۾ ٻڌل هئي. اها شاگردن لاءِ دلچسپ جاءِ هئي. هاڻي اُن پارڪ جو موجود ڪونهي. اُهي جايون ڊهي ويون آهن. ڪيڏي نہ تباهي آهي اهڙين مثالي جاين جي!

# جَهلِيِ

سنڌ جي وچولي واري علائقي ۾ دادو تعلقو سال جو اڪثر حصو گرم هوندو آهي ۽ هوا بہ ڪانہ گُهلندي آهي. اونهاري وارن مهينن ۾ هوا ۾ 80 کان 90 سيڪڙي تائين گهم هوندي آهي ۽ خاص ڪري جُونِ کان وٺي ڊاڍو پگهر وهندو آهي. جولاءِ ۽ آگسٽ سڀ کان ڏکيا مهينا ٿيندا آهن. اپريل ۽ مئي گرم هوندا آهن پر انهن ۾ گهم گهٽ ٿيندي آهي. گرم ۽ خشڪ هوا ماڻهوءَ جي بدن مان پاڻيات چوسي وٺندي آهي. پاڻ کي ٿڌي رکڻ لاءِ ڪيترائي سرنديءَ وارا در، دريون بند ڪري، بدن پگهرائي، ڪمري ۾ گهم کي وڌڻ ڏيندا آهن. ڪي وري سِرن جي فرش تي پاڻيءَ جي ڇنڪار ڪ ِئيندا هئا. پاڻي فرش تان گرمي چوسي ڪمري کي ٿڌو ڪري ڇڏيندو هو. هينئر جڏهن فرش سيمنٽ يا ٽائيلن جا آهن، تڏهن اها سهولت ايئرڪولر يا ايئرڪنڊيشنر ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿي. هاڻوڪن ڏينهن ۾ پاڻ کي ٿڌي رکڻ لاءِ، آس پاس هوا لاءِ ڪيترائي طريقا استعمال ۾ آندا وڃن ٿا. انهن مان عام آهي هٿ وارو پکو، جيڪو کجيءَ جي پنن يا جهنگلي پتن يا سَنهن ڇِينيَنِ مان ٺاهيو ويندو آهي. اهو اٽڪل 10 کان 16 انچ ڊگهو ۽ 8 کان 10 انچ ويڪرو هوندو آهي. ان جي ويڪر ۾ ڪاٺ جي ڳني پيل هوندي آهي، جنهن وسيلي پکو اڳتي پوئتي لوڏي هوا پيدا ڪئي ويندي آهي. ڪي سينگاريل پکا بين گاهن مان پڻ ٺاهيا ويندا آهن، جيڪي ڏاڍا سهڻا ٿيندا

آهن. پاسا ڪندون ڪُسي يا پڇي پوڻ کان بچائڻ لاءِ پکي جي پاسن کان ڪپڙو ٽاڪيو ويندو آهي. ڳوٺ ۾ به وڏا پکا اٽڪل 30 کان 36 انچ ڊگها ۽ 18 کان 24 انچ ويڪرا هوندا هئا. انهن جو ڳن به اوترو وڏو هوندو هو. وچ ۾ ايتري وڇوٽي هوندي هئي ته جيئن ٻنهي هٿن سان جهلي هٽي سگهجن. ٻنهي وڏن پکن مان هڪڙو منهنجي مامي محمد صالح وٽ هوندو هو ۽ ٻيو وڏيري الهورائي جو هو. اهي پکا ڳوٺ ۾ ڪو مهمان يا ڪو ڪامورو ايندو هو، تڏهن استعمال ۾ آندا ويندا هئا.

جڏهن آءٌ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس ته اُتي مون جهلي ڏٺي. ان به پکي جوئي ڪم ڏنو ٿي، پر اُن ۾ اَٺَ فوٽ ڊگهو ۽ 14 کان 18 انچ ويڪرو ڪاٺ جو هڪڙو تختو هو، جنهن جي مٿين پاسي ۾ ٻه ڪُنڊيا لڳل هئا. اهو وري ڇت جي انگريزي اکرH شڪل واري گارڊر ۾ ٽنگيل هو، جنهن ۾ پڻ ڪُنڊيا لڳل هئا. تختي جي اڳئين پاسي کان ٻه ٻه ڪُنڊيا هئا، جن ۾ ٻه ڊگهيون رسيون ٻڌل هيون. ڇهن فوٽن جي وٿي ڇڏي اهي ٻَئي رسيون ڳنڍ ڏئي، ٻڌي ڇڏيون هئائون. هڪڙي رسي اڪثر چمڙي جي هئي، جنهن سا تختي کي اڳتي پوئتي ڇڪيو ٿي ويو. تختي جي هيٺئين پاسي کان غاليچي جهڙو ٻه فوٽ ويڪرو ڪپڙو ڪوڪن سان جڙيل هئس. هڪڙي شاگرد جهلي ڇڪي ٿي، جو اسڪولن ۾ انهن ڏينهن ۾ پٽيوالا ڪونه هوندا هئا. اُن سان ڪمري ۾ هوا تمام گهٽي پيدا ٿيندي هئي. اها اپريل کان سيپٽمبر تائين استعمال ۾ ايندي هئي. ڪجهه وقت کان پوءِ مون اهڙيون ٻه ٻيون ٻه جهليون منهنجي مامي ۽ وڏيري الهورائي جي اوطاقن ۾ به ڏٺيون. مامي واريءَ جهليءَ ۾ سوراخن وارو تختو هو جنهن تي ريشمي ڪپڙو اڇي رنگ جو ڪوڪن سان چنبڙايل هو ته جيئن اهو سٺو ڏسڻ ۾ اچي. هيتان جهل ۾ به اڇو ڪپڙو استعمال ڪيل هو. حاجي الهورائي واريءَ جهليءَ جو تختو ڇهه فوٽ ڊگهو 18 انچ ويڪرو هو، جنهن ۾ 18 انچ ويڪري فراسيءَ جي جهل ٽاڪيل هئي.

اسان جي گهرَ ۾ هوا لاءِ پينگهو هوندو هو، پر جهليءَ کي هوا لاءِ ان جي هيٺان ويٺل ماڻهو اڳتي پوئتي ڇڪيندا هئا ۽ پينگهي ۾ ويٺل ماڻهو ان کي لوڏيندا هئا. بهرحال آئون پينگهي کي ترجيح ڏيندو هوس. ان کان پوءِ مون ريلوي اسٽيشن، اسڪولن ۽ ڪيترن ئي آفيسن ۾ جهليون ڏٺيون پر هر جاءِ زالن وارن پاسن کي جهلين کان وانجهل رکيو تي ويو. ان ڪري جو زالن کي ان جي لائق ڪونہ سمجهيو تي ويو! ۽ ويچاريون زالون هٿ جي وِجڻين مان ڪم هلائينديون هيون. ڪن جي گهرن ۾ پينگها پڻ هوندا هئا، پر عام طور اهي ٻارن ۽ مردن لاءِ هئا. زالن کي جيتوڻيڪ پينگهي جي منع تہ ڪانہ هئي پر اهي ورلي پينگهي ۾ لڏنديون هيون. 22 سال کان پوءِ سرڪاري نوڪريءَ دوران مون سان جهليءَ جي حوالي سان هڪڙو مزيدار واقعو بہ پيش آيو، هيٺ ان جو احوال ڏجي ٿو.

آءٌ سنڌ سرڪار ۾ ائگريڪلچر انجنيئر جي جاءِ تي 1953ع ۾ نوڪريءَ ۾ شامل ٿيس. مارچ 1954ع جي پڇاڙيءَ ۾ مون کي آفيس جي اڪائونٽنٽ ڇهن مهينن لاءِ جهلي ڇڪڻ لاءِ اٺ ملازم ڀرتي ڪرڻ جي لاءِ چيو. جهلي ڇڪڻ وارن کي 30 روپيا ماهوار جي حساب سان اتفاقي خرچن واري مد مان پگهار ملندو هو. هرسال انهن جو ڪم اپريل کان 30 سيپٽمبر تائين هلندو هو. هڪ جهليءَ لاءِ هڪڙو همراه رکيو ويندو هو. ائگريڪلچر انجنيئر جي اٺن ڪمرن ۾ پکڙيل عملي لاءِ هرسال 1440 روپيا خرچ ڪيا ويندا هئا. ٻئي ڏينهن مون ڇت وارا اٺ پکا خريد ڪيا. بجليءَ جي لائين وغيره تي جملي خرچ جو 80 سيڪڙو خرچ ٿيو ۽ ائين مون جهلي ڇڪڻ وارن کي ڪونہ رکيو. انهيءَ ڳالهہ تي آڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر جنرل آف ائگريڪلچر ڊاڪٽر اي. ايم شيخ جي آفيس جا اڪائونٽنٽ ناراض ٿي پيا. پر پاڻ ڏاڍو ذهين ماڻهو هو ۽ نوٽ هنيائين، ”سنڌ سرڪار جي جاڻ لاءِ پڌرو ٿو ڪجي تہ اسين گذريل

ويهن سالن کان حيدآباد ۽ ميرپورخاص جهڙن بجليءَ وارن شهرن ۾ جهلي چڪڻ وارن مزدورن کي ڪم ۾ آڻيندا رهيا آهيون. اهڙيءَ طرح اسين سرڪاري پئسو زيان ڪندا آيا آهيون. اها ڳالهه اسان جي انجنيئر پنهنجي صحيح فيصلي سان ثابت ڪري ڏيکاري آهي. اها ڳالهه اسان جي آڊيٽرن توڙي اڪائونٽنٽن کي غيرقانوني لڳي آهي. ان جي مون کي ۽ مون کان اڳ وارن آفيسرن کي وضاحت ڪرڻ گهرجي. بهتر آهي هاڻي ته اهو مذاق بند ڪيو وڃي ۽ سرڪار کي گذارش ڪئي وڃي ته جن به شهرن ۾ بجلي آهي، اتي اسان جي آفيسن ۾ جهلي چڪڻ وارن کي ڇڏي ڏجي.“

اپريل 1954ع جي شروعات ۾ آءٌ منڇر ڍنڍ تي بوبڪن ويس، جتي اسان کيڙڻ لاءِ 14 ٽرئڪٽر موڪليا هئا. عملي جي ماڻهن جو انگ پنجاهه هو، جن ۾ ٽرئڪٽر ڊرائيور، تيل وارا، مستري، لوهر ۽ ٽرڪ ۽ جيپ جا ڊرائيور شامل هئا. انهن جي ڪم ڪار ۽ رهائش لاءِ اسان پراڻن گدامن جو بندوبست ڪيو هو. عملي کي اها خبر هئي ته حيدرآباد ۾ مون جهلين جو ڇا ڪيو هو. هنن مون کي جهلين لاءِ چيو. ڪن همراهن اهو به چيو ته جهليون سائنسي انداز سان ٺهيل هجن. جنهن مان ائگريڪلچرل انجنيئرنگ واري کاتي جي مهارت بکندي هجي. منهنجو پهريون خيال اهو هو ته جهليءَ ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي، جنهن لاءِ انجنيئرنگ جي علم جي ضرورت پوي. پر ڪجهه پل سوچڻ کان پوءِ آئون انهيءَ نتيجي تي پهتس ته جيڪڏهن صحيح ڪم ڪيو وڃي ته جهليءَ جي سڌاري ۾ انجنيئرنگ جي علم جو گهڻو ڪم ٿي سگهي ٿو. حيدرآباد پهچي مون تجربن ڪرڻ لاءِ هڪڙي ڪمري جي چونڊ ڪئي. انهيءَ ورڪشاپ ۾ جدا جدا ڊيگهه، ويڪر ۽ جهالر واريون جهليون ٺاهيون ويون. مون وٽ ڪجهه ٿرماميٽر ۽ ائنيموميٽر هئا، جن کي آءٌ مختلف وقتن تي جهلين جي ڪم وارين ڳالهين کي پرکڻ لاءِ ڪتب آڻيندو هوس. هڪ ڪلاڪ جي

آزمائش کان پوءِ مون ڏٺو تہ سڄو ڪم ڏاڍو مونجهاري وارو هو. ان جي پرکڻ لاءِ وڏن وڏن ٿرماميٽرن ۽ ائنيموميٽرن جي ضرورت هئي، جيڪي ڇت، ڀتين جي ڪنڊن، زمين، درين، روشندانن ۽ فرش ۾ لڳل هجن ۽ جن جو ساڳئي وقت اپياس ڪيو وڃي، يعني تہ اهي ڪنهن خودڪار سرشتي وسيلي هڪٻئي سان ڳنڍيل هجن ۽ جهليءَ جي مختلف ڏسائن ۾ جهولڻ جو رڪارڊ رکي سگهن.

بدقسمتيءَ سان اسان وٽ مناسب اوزار بہ ڪونہ هئا. پلا جيڪڏهن اطمينان جوڳي جهلي ٺهي بہ وڃي ها تہ ڪير ويهي اهڙي جهلي تاهي ها. جنهن جي ڏيگهہ، ويڪر ڪمري جي اوچائيءَ، در، درين ۽ روشندانن جي بيهڪ مطابق ڇاتل هجي ها. ان کان سواءِ ڪمري جو سينگار، ان ۾ رکيل سامان ۽ سامان رکڻ واريءَ جڳهہ جي ڪري جهليءَ جو ڪم متاثر ٿِئي ٿيو بهرحال ٿن ڏينهن جي آزمائش کان پوءِ اسان کي صحيح نموني سان جهلي تاهڻ جي طور طريقي جي خبر پئجي وئي. اسان بہ جهليون تاهيون ۽ بوبڪن ڏانهن موڪلي ڇڏيون.
انهيءَ تجربي مان هيٺين ڳالهين جي خبر پئي.

(الف) جهليءَ سان ڪمري جي ڇت وڌ ۾ وڌ گرم ٿي وڃي ٿي ۽ ٿين وڃي ان جي گرمائش جو درجو چوٽ تي رسي ويندو آهي. اپريل جي پهرين ٻن هفتن ۾ ڇت جي ٻاهرينءَ سطح ۽ ڪمري جي گرمائش ۾ ست درجا سينٽي گريڊ جو فرق هوندو آهي. ڇت مان مٿان گرمي هيٺينءَ سطح تي ايندي آهي، جتان اها هوا وسيلي پسرڻ لڳندي آهي. هيٺ ڪمري ۾ موجود هوا کان ان سطح واري هوا وڌيڪ گرم ۽ هلڪي هوندي آهي، جا ڇت جي ويجهو 12 کان 20 انچن ايراضيءَ ۾ گڏ ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن جهليءَ وسيلي هٿ سان هوا کي گهمايو وڃي تہ اها گڏ ٿيل هوا ڪمري اندر گهلڻ شروع ٿيندي، جنهن سان ڪمري ۾ گرمائش

نہ صرف وڌي ويندي پر وڌندي رهندي. ان ڪري بهتر آهي تہ اها جتي هجي، ان کي اتي رهڻ ڏنو وڃي.

(ب) جهليءَ واري هوا اهڙي شڪل اختيار ڪندي آهي جڻ گئس - ٽربائين جي ڏار تان هوا مٿيندي هجي. جهلي ڪمري جي وچ ۾ ٽنگيل هجي تہ ان کي ساڄيءَ پٽ طرف ڇڪڻ گهرجي. جڏهن جهليءَ جي تختي کي ساڄي پاسي واريءَ پٽ ڏانهن ڇڪبو تہ اها کاٻي پاسي واريءَ پٽ طرف موڙ کائيندي. جڏهن جهلي ساڄي پاسي واري پٽ طرف آخري حد وٽ رسندي تہ جهالر يڪدم پنهنجو رخ مٽائي ساڄي پاسي پٽ طرف ڪندي.

اها ڳالهہ نيوٽن جي ”چرپر واري ٻئي قاعدي“ پٽاندر آهي. ان نقطي تي ابتو عمل شروع ٿئي ٿو يعني تہ جهلي کاٻيءَ پٽ ڏانهن چرپر ڪري ٿي ۽ جهل ساڄيءَ پٽ ڏانهن. انهيءَ عمل ۾ جهليءَ جو تختو جيڪا هوا اڳتي ڌڪيندو آهي، سا هيٺ جهل تي پوندي آهي ۽ صحيح جاءِ تي گهلڻ لڳندي آهي. ساڳئي وقت ڪجهہ هوا تختي جي پاسن ۽ چوٽيءَ طرف ويندي آهي.

(ث) تختي جي پاسن ۽ چوٽيءَ طرف هوا جو نڪرڻ قدرتي عمل آهي. ان کي ختم نٿو ڪي سگهجي، البت گهٽائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن تختو ڊگهو هجي ۽ پاسن وٽ ٿوري وٿي ڇڏيل هجي، تہ هوا جي رڪاوٽ کي گهٽائي سگهجي ٿو.

(د) ڪجهہ هوا تختي جي چوٽيءَ کان بہ لنگهي ويندي آهي، پر ان کي روڪي نٿو سگهجي.

(ع) جهليءَ جي تختي ۽ جهالر جي شڪل ۽ چرپر وسيلي هوا ۾ تحرڪ پيدا ڪيو ويندو آهي. جهليءَ جي بهترين شڪل اها آهي، جنهن ۾ جهالر تختي جي ويڪر کان ڏيڍوڻي هجي.

جيڪڏهن نندي هوندي تہ جهليءَ کي زور سان هلائڻو پوندو. بهرحال ڪنهن صورت ۾ جهالر جي ويڪر، تختي جي ويڪر کان گهٽ نہ هئڻ گهرجي.

(ف) جهالر جي پڇڙيءَ وٽ گهٽي ۾ گهٽي هوا هوندي آهي، انهيءَ ڪري جهليءَ جي اوچائي، هيٺ ويٺل ماڻهن جي مٿن کان ڪجهہ انچ مٿي رکڻ گهرجي.

(گ) گرم ڏينهن ۾ ڪمري ۾ اندر ۽ ٻاهر جي گرمائش ۾ پنج درجا سينٽي گريڊ جو فرق هوندو آهي، يا وڌيڪ ان جو دارومدار ڀتين جي ٿولهہ، ڇت جي اوچائيءَ، درين ۽ روشندانن جي چمڪ تي هوندو آهي، جيڪڏهن ڪمري ۾ وڌيڪ آسائش جي ضرورت هوندي آهي تہ دروازا ۽ ٻيون کلڻ واريون شيون بند رکبيون آهن.

(ح) جيڪڏهن فرش سرن جو هجي تہ آرام لاءِ ان تي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪيو وڃي. فرش پاڻيءَ کي ڇهي وٺندو آهي. پاڻي هوريان هوريان ڪمري مان گرمائش ڇهي گهٽائي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن فرش تي غاليچو وڇايل هوندو تہ ائين ڪري ڪونہ سگهبو. گرمائش گهٽائڻ لاءِ پاڻيءَ جي ڇٽڪار وارو اهو طريقو جولاءِ کان سيپٽمبر تائين وارن مهينن ۾ ڪارگر نہ ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ تمام گهٽي گهم هوندي آهي ۽ ڪمري ۾ وڌيڪ گهم پيدا ڪرڻ سان تڪليف ٿيندي آهي.

هيءَ مشاهدو مٿهنجي موسم تي ضابطي رکڻ لاءِ مختلف طريقن ڳولڻ لاءِ ڪيل اڀياس جو ڦل آهي. ماضيءَ ۾ ڪيترائي طريقا استعمال ڪيا ويندا هئا، جهلي پڻ انهن مان هڪ آهي. پر اهو تمام پراڻو طريقو ناهي. خشڪ علائقن ۾ ماڻهوءَ پنهنجي آرام لاءِ ڪيتريون ئي شيون استعمال ڪيون آهن ۽ سنڌ ۾ وچٽو ۽ وچٽي يا پکو عام هو. ٻنهي ۾ اڌ انچ جي ڊاياميٽر

جو 15 کان 18 انچ ڊگهو ڳن هوندو هو، جيڪو پکي کان پنج ڇهه انچ ٻاهر نڪتل هوندو هو، جيڪو هٿ ۾ جهلي هوا لاءِ لوڏيو ويندو هو.

عام طور هڪ وڏي پکي جو ڳن هڪ کان ڏيڍ ميٽر ڊگهو هوندو هو، جنهن ۾ هڪڙو ڊگهو ويڪرو اڌ گول پکو لڳل هوندو آهي، جيڪو شڪل ۾ وڄڻي جهڙو هوندو هو. پکي ۾ ڊگهي ڳن سان ڳنڍ، ڊيگهه ۾ ڳن واري پاسي کان وچ ۾ سوراخ پيل هوندو هو تہ جيئن ماڻهو ٻنهي هٿن سان ان کي جهولائي سگهي. سڻي پکي يا وڄڻي ۾ ٽن انچن جي جهالر بہ ٽاڪيل هوندي هئي.گهريلو پکي ڳِني ڪاٺ جي سنهيءَ سونٽيءَ مان جوڙي ويندي هئي، جنهن جو ڊاياميٽر ٽي کان اَٺ يا پنج کان اَٺ انچن جو هوندو هو، پر ان جو دارو مدار پکي جي قد تي هوندو هو. پکو يا وڄڻو ڪانهن مان ٺاهيو ويندو هو. اهي ڪانهن دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي ٽاڪرائن علائقن ۾ ٿيندا آهن. جابلو ماڻهو اهي ڪانهن، تڏا، پکا ۽ ٻهراڙيءَ ۾ روزمره جي استعمال جي ٻين شين ٺاهڻ لاءِ ڳڏ ڪندا آهن.

هڪ ٻي شيءِ جيڪا ماڻهو پنهنجي سک لاءِ ڪتب آڻيندا هئا، سو هو پينگهو. ٻارن لاءِ ننڍو ۽ وڏن لاءِ وڏو. اڄ بہ ماني ميچيءَ واري وچولي طبقي جي ڳوٺائي وٽ گهر ۾ پينگهو يا پينگهڙو ضرور هوندو. بهتر قسم جا پينگها رنگيل هوندا آهن ۽ ڪن جي قيمت تہ هزارن ۾ هوندي آهي. پينگهو، جهليءَ جي ابتڙ ٿيندو آهي. ان ڪري جو ان ۾ ويٺل ماڻهو هوا ۾ جهولندو آهي ۽ ان ڪري اهو ٿي هوا ۾ اڳتي پوئتي پيو ٿيندو آهي.

جهليءَ تي لکيل لکتن جي پڙهڻ ۾ مون مغل دور جون ڪجهہ تصويرون ڏٺيون پر مون کي ان شيءِ جي ڪابہ نشاني ڪانہ ملي. 1975-76ع ۾ مون برٽش ميوزم ۽ انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ بہ ڪيترين تصويرون ڏٺيون پر ڪٿي بہ مون کي جهليءَ جو نشان ڪونہ مليو. انهيءَ ڪري آءٌ ان

نتيجي تي پهتس تہ اها شيءِ پوءِ جي ايجاد آهي. هندستان مان انگريز عورتن جا انگلنڊ ڏي لکيل خط پڙهندي مون کي اندازو ٿيو تہ پڪو 1780ع کان پوءِ ايجاد ٿيو هوندو. 1785ع هڪڙيءَ لکٽيءَ جو 1922ع ۾ پنهنجي ڪتاب هندستان ۾ گذاريل ڏينهن ۾ جان لِين حوالو ڏيندي ڪتاب جي صفحي 104 تي لکي ٿو، ”وارن هيسٽنگس جي ڏينهن ۾ (1772ع کان 1784ع) ۾ پکن ۽ وجٽن وارن چوڪرن کان آفيس توڙي گهرنِ اندر، اونهاري ۾ گرميءَ ۽ پگهر کان آرام لاءِ ڪم ورتو ويندو هو.“ هي اهو ئي وقت هو جڏهن جهلي ايجاد ٿي. جن چوڪرن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، اهي پوءِ وارن ڏينهن جا پکي چڪڻ وارا هئا، پر انهن کي ”پکا - بردار“ ڪوٺيو ويندو هو.

# پکي جي ارتقا

(1) بنيادي طور پکو ڪاٺ جو ڏهہ فوٽ ڊگهو ۽ چار فوٽ ويڪرو ۽ ڇهہ فوٽ اونهو تختو ٿيندو آهي، جيڪو ڇت کي ويجهو ڪري اڙڪائبو آهي. ڪمري ۾ ويٺل نوڪر، تختي ۾ ٻڌل رسيءَ وسيلي ان کي اڳتي پوئتي جهولائيندو آهي. اها 1780ع ڌاري ڪنهن اينگلو-انڊين ڪلارڪ جي ايجاد هئي.

(2) 1810ع تائين جهلي فقط آفيس ۽ ڪاڌي جي ڪمرن ۾ استعمال ٿيندي هئي. ان کان پوءِ اها ڪچهريءَ واري ڪمري ۽ سمهڻ واري ڪمري ۾ استعمال ۾ آندي وئي.

(3) جهليءَ جي ارتقا سان جيڪا اهم انقلابي تبديلي آئي، سا اها تہ رسي پٽ ۾ ڪيل سوراخ مان لنگهائي وئي تہ جيئن پکي - بردار (- جهليءَ ڇڪڻ واري لاءِ آڳاٽو استعمال ٿيندڙ لفظ -) ان کي ورانڊي مان ويٺي بہ ڇڪي سگهي. لفظ پَکي يا پکا - بردار مان لڳي ٿو تہ هٿن ۾ پکو جهلڻ وارو معاملو اڃا بہ هلندڙ هو. ان سان گهر وارن کي سانت ۽ آرام ۾ هڪجهڙائي حاصل ٿيندي هئي.

(4) نابين ماڻهو بہ جهلي ڇڪي ويندو هو. ان ڪري ڪيترن ئي نابين ماڻهن کان اهو ڪم ورتو ويندو هو.

(5) هڪڙو اڻ ڄاتل ليکڪ جيڪو پاڻ کي اينگلو انڊين ڪوٺي ٿو، سو پنهنجي ڪتاب، "هندستاني سازوسامان ۽ عملو" ۾ صفحي

110 تي لکي ٿو تہ 1850ع تائين پکو ڇت کي ويجهو ڪري ڪونہ ٻڌبو هو. پر ان ۾ جهالر هوندي هئي ۽ ڊگهين رسين وسيلي ڇت سان لڙڪيل هوندو هو. تختو بلڪل سنهو ڪنهن پچر جهڙو هوندو هو، جنهن سان جهالر ٽاڪيل هوندي هئي.

(6) تختي واري پچر کي رنگ روغن ڏنل هوندو هو. ان ۾ لڳل جهالر اهڙو فرق نہ ڪندي هئي جهڙو تختي ۾ لڳل جهالر ڪندي هئي. ٻہ عورت ليکڪائون (فلورا ايني اسٽيل ۽ جي گارڊنر) پنهنجي ڪتاب "مڪمل هندستاني گهر جو سنڀاليندڙ ۽ راڌو" ۾ صفحي 201 تي ان نتيجي تي پهتيون هيون. انهن ٻہ پکي ٽنگڻ واريءَ اوچائيءَ جو فرق بيان ڪيو آهي. سندن چوڻ آهي، "اهو يا تمام مٿي يا تمام هيٺ ٻڌل هوندو آهي. يا تہ اهو اوهان جي مٿي ۾ لڳندو. يا تہ پلي پيو پڳهر وهي."

(7) لڳي ٿو جهلي 1850ع کان پوءِ سڌريل شڪل ۾ آئي. ان وقت تائين هندستان ۾ ان کي "پَنڪا" ڪوٺبو هو. اهو نالو "پکو" لفظ مان ورتل آهي، جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي. جهلي ڇڪڻ واري کي پکا - بردار ڪوٺبو هو. اهو ساڳيو ئي نالو موجوده وقت ۾ ڪانن وارو پکو هٿڻ واري جو بہ آهي.

(i) "اسان جو جج" تصوير ۾ ڏيکاريل آهي تہ هڪڙي وڏي هال ۾ جج انصاف وينو ڪري ۽ رسين ۾ ٻڌل ٻِني جهلي پٺي لڙڪي. هال کان ٻاهر وينل پکا-بردار ان کي پيوجهولائي. 1947ع کان پوءِ بہ اهڙيون پٽيون جهليون سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ استعمال هيٺ هيون. اڄڪلهہ انهن جي جاءِ تي بجليءَ وارا پکا آهن.

(ii) اسان جي جج جي زال: تصوير ۾ جج جي زال ۽ پکي ڇڪڻ وارو مرد ڏيکاريل آهي. پکو ڪانهن جو نهيل آهي، شڪل ۾ گول، جهالر لڳل ۽ ان جو ڳن مرد جي قد جيترو ڊگهو آهي. عام

طور تي ڳن 12 انچ پکي ڪان ٻاهر هوندو هو. پلا اڇا ٻه ڏگهو ته پوءِ وڏيڪ ويڪرو ٻه هوندو هو. جيڪڏهن بجلي بند ٿي وڃي ته سنڌ جي ڳوٺن ۾ اهو اڇا جهليءَ يا بجليءَ واري پکي جي پاران استعمال ڪيو ويندو آهي.

(iii) ”اسان جي مئجسٽريٽ جي زال“ پاڻ بانس يا ڪانهن جي ٺهيل آرام ڪرسيءَ يا بانس جي گول ٺهيل ميز تي پير رکيو آرام سان ويٺي آهي. ڇت سان جهلي لڙڪي پَئي. جهليءَ ۾ اڇي رنگ جي جهالر لڳل آهي. جهالر جي ڪنار ڳاڙهي رنگ جي آهي. ڪمري جي ٻاهران ويٺل نوڪر جهلي پيو ڇڪي.

(iv) ”اسان جو ڪرنل“ ڪرنل آفيس جي ڪرسيءَ تي ويٺل آهي. (پُٺا ٽيڪيو ۽ پير پکيڙيو). سندس پير هڪڙي اوچي اسٽول تي رکيل آهن. يونيفارم پاتل هڪڙو خانسامو ڪيس چانهه پيش پيو ڪري. پيرن اگهاڙو هڪڙو ڏٻرو شخص، جنهن ڪي فقط ڪڇو ۽ پڳڙي پاتل آهي، سو جهلي پيو ڇڪي. جهليءَ جي جهالر اڇي رنگ جي آهي. جهالر جي ڪناري پوري رنگ جي آهي. ان جي ڪندن تي به ساڳئي رنگ جي ڪنار لڳل آهي. اها شايد چمڙي جي پٽي هجي.

(v) ”اسان جو آرام جو ڪمرو“ اڇي پتلون ۽ اڇي قميص پهريل ڪامورو اڇا تازو ڊيوٽيءَ تان آيو آهي. قميص جون ٻانهون ڪنجيل اٿس. ٽڪل ٿو لڳي ۽ نواڙ سان واڻيل جنديءَ جي کٽ تي ليٽي رهيو آهي. هڪڙي نوڪر سندس ڊگهو ڪارو بوٽ لاٿو آهي، اهو هاڻي سندس اڇا جوراب پيو لاهي. هڪڙو ٻيو پيرن اگهاڙو نوڪر اڇيءَ جهالر واري جهلي پيو ڇڪي. اهو ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺل آهي. پيرن اگهاڙي نوڪر کي فقط ڌوتي ٻڌل آهي.

(vi) ”اسان جو مسافريءَ وارو بنگلو“ بنگلي جي هال ۾ پکو آهي،

جيڪو ٻاهر ويٺل ڪو نوڪر چڪي رهيو آهي. لڳي ٿو تہ ڪاموري صاحب کي گرميءَ ٿڪائي وڌو آهي جيڪو ڪرسيءَ تي ويهڻ جي پيو ڪري. هڪڙو ٻيو نوڪر سندس بوتلون (شايد بيئر ۽ سوڊا جون) کنيو پيو اچي. جهليءَ جي تختي تي اڇي ڪپڙيءَ جي جهالر لڳل آهي، جهڙي منهنجي مامي محمد صالح جي گهر ۾ جهليءَ کي لڳل هئي.

(vii) "اسان جا ڪپڙي جا واپاري" ڪپڙي جا چار واپاري ڊڳ ڪپڙي جا يورپي عورتن لاءِ کڻي آيا آهن. اها عورت ڪرسيءَ تي ويٺي آهي، هلڪي ڳاڙهي ڪنار سان اڇيءَ جهالر واري جهلي، ڪمري جي ٻاهران ويٺل حاضريءَ جو نوڪر پيو ڇڪي. جهليءَ ۾ ٻڌل رسيون ڳاڙهي رنگ جون آهن ۽ سُٽ مان ٺهيل آهن.

(viii) "اسان جو ناچ جو ڪمرو" ڪلب جي ناچ واري ڪمري ۾ ڪيترائي انگريز مرد ۽ عورتون ميز جي چوگرد ويٺل آهن. جهليءَ کي اڇي رنگ جي پاوَڪَ لڳل آهي. جهلي ٻڌڻ ۽ ڇڪڻ واريون رسيون شايد سٽ جون ٺهيل آهن ۽ رنگ جون ڳاڙهيون آهن.

(ix) "اسان جو منشي" اڇي پئنٽ ۽ اڇا بوٽ پاتل هڪڙو هندوستاني منشي ٻانهون کنجيو، آرام ڪرسيءَ تي آهليو پيو آهي. مٿان جهلي ٽنگيل آهي، پر نوڪر اها ڪونہ پيو ڇڪي، پر هو بِيئر يا سوڊا ڏيڻ لاءِ بوتل جو ٻوچ پيو کولي. منشيءَ واري جهليءَ جي تختي تي پيلو ڪپڙو چڙهيل آهي جهالر اڇي رنگ جي اٽس جنهن تي ڪنار لڳل ناهي.

(8) 1902ع ۾ پڪو گهرن جي ڇتين جي مٿان رکيو ويو. عام طور ڇت تي سرن جا ٻہ پيل پاوا ناهي انهن جي مٿان ڪام رکي ويندي هئي، جنهن ۾ جهلي ٻڌڻ لاءِ ٻہ ڪنڊيا هنيا ويندا هئا.

(9) پٽ جي سوراخ مان جهليءَ واري رسي لنگهائي پوءِ ان کي

ڀونري تي چاڙهڻ وارو رواج پڻ عام هو. جيڪو عام طور 1850ع ۾ استعمال ۾ آيو. آواز گهٽائڻ لاءِ ڀنوري کي تيل ڏبو هو ۽ چمڙي جي رسي ٿهرائي ويندي هئي.

(10) ”پکي وارو ڦيٿو“ ويهين صديءَ جي ٽيهن جي ڏهاڪي ۾ وڏي پئماني تي استعمال ۾ آيو. جنهن ۾ هڪڙي ڏري هوندي هئي، جنهن تي 90 ۽ 180 درجن تي ٻن ڪان چار جهليون لڳل هونديون هيون. انهن کي ڊيزل انجڻ وسيلي پٽي سان هلائبو هو. ڪن ڳوٺاڻن هوٽلن ۾ اُهي استعمال ۾ آندا ويا هئا. پر انهن ۾ گوڙ ڏاڍو هوندو هو، ان ڪري جلد ئي انهن جو رواج نڪري ويو. پکي جو هڪڙو ٻيو قسم به استعمال ۾ هو، جنهن ۾ اڀيون ڏريون هونديون هيون ۽ انهن ۾ ڏندن واريون پليٽون به ٺيڪيون هيون. جيئن ايراني ڦيٽي ۾ هونديون آهن. هڪڙو پکو چڪردار ڦيٽي جي جاءِ تي استعمال ۾ آيو، جنهن جي هيٺان ماڻهو سمهندا هئا. اهو هلڪو هو، ان ڪري ڊيزل انجڻ بجاءِ گڏه ان کي ڇڪيندو هو. ان سان ميڇر به ڀڄائبا هئا.

(11) اهو شروع ۾ 1850ع کان اڳ ايجاد ٿيو (ويجهڙائيءَ تائين اهو اتر سنڌ جي ڪن ڳوٺن ۾ ڪتب ايندو هو. ٿي سگهي ٿو ته اجا به استعمال ٿيندو هجي.)

(12) پکي کي ڇت سان ٽنگڻ جو بهتر طريقو اهو آهي ته ان کي لوهي سيخن بجاءِ رسين سان ٻڌو وڃي، ڇاڪاڻ ته سيخون گوڙ ڪن ٿيون. اهڙا پکا هوريان هوريان تمام گهٽ هوا ڏيندا آهن ۽ اهي گوڙ به ڪندا آهن، جيئن ”لوه ۽ گرڊر“ ڇت ۾ لڳل ڏسبا هئا. جن پينگهن يا هندورن ۾ لوهي ڪنڊا لڳل هوندا آهن، اهي به ڏاڍو آواز ڪندا آهن.

(13) جهليءَ جي اثرائتي ڪم لاءِ ضروري آهي ته ڪمرو نه گهٽو

ڊگهو هجي، نہ ئي گهٽو ويڪرو. اوچائي بہ وچولي هجي. 10 کان 12 فوٽ اوچائي مناسب آهي. اوڻهين صديءَ جي وچ ڌاري سرڪاري عمارت جي اوچائي ويهن فوٽن تائين هوندي هئي. انهن ۾ 2000 چورس فوٽن جا هال هوندا هئا. اهڙين جاين ۾ جهلي ڪم ڪري ڪانہ سگهندي.

(13) اڳينءَ صديءَ ۾ بہ اها ڳالهہ عام هئي. مسز ليلان نڪر ائشلي پنهنجي ڪتاب، "منهنجو هندستان" ۾ صفحي 28-29 تي لکي ٿي تہ، "1880ع ۾ بهار ۾ سندن گهرن ۾ 13 نوڪر هوندا هئا، جن ۾ چار پکي ڇڪڻ وارا هئا. انهن تي گهر جي نوڪرن تي ٿيندڙ 102 روپيا ماهوار خرچ مان 32 روپيا  خرچ ٿيندو هو. يعني تہ في ماڻهو آٺ روپيا ماهوار.

(14) اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري ڪاٺ جي تختي جي جاءِ تي فريم ۽ اُن تي ڪنواس جهڙو ٿلهو ڪپڙو ڪم ۾ آيو. ڪوڪن سان چنبڙايو ويندو هو. جهالر بہ اڳ جيتري ويڪري ڊنل هوندي هئي، اُن جي ڪنار رنگين ٿيندي هئي. گهرن ۾ جتي زالن جو اٿڻ ويهڻ هوندو هو، اتي تيز رنگ جو ڪپڙو خاص ڪري ڪنار لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو.

## ڊيزٽ ڪولر جي ارتقا

موجوده ڏينهن واري ڊيزٽ ڪولر کان اڳ واري ڪولر ۾ بہ مسٽر جارج اسپئلسبري هندستان ۾ پنهنجي اچڻ کان هڪدم پوءِ 1923ع ۾ سڏارو آندو. ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ ڏکڻ ڪئليفورنيا جي گرم ۽ خشڪ موسم ۾ ڊيزٽ ڪولر عام استعمال ۾ هئا. مون اتي اهي استعمال ۾ ڏٺا هئا ۽ حيدرآباد ۾ 1954ع ۾ پنهنجي آفيس کي ٿڌي رکڻ لاءِ ان جو تجربو ڪيو هو. اٽڪل 15 سالن تائين اهو مقبول ڪونہ

ٿيو. پر هينئر اهي وڏي پئماني تي ٺاهيا وڃن ٿا. مسٽر اسپئلبري واري ڊيزٽ ڪولر جو نئون نمونو بهاولپور جي سرڪاري انسپيڪشن بنگلي ۾ لڳل هو، جيڪو مون 1955ع ۾ ڏٺو هو. اها مشين هڪڙي ڪمري يا ورانڊي جي بند جاءِ ۾ رکيل هئي، جنهن کي سرن جي ڪمانيدار ديوار آيل هئي. مٿان هڪڙي ٽانڪيءَ مان انهن سرن تي پاڻي پئي ٽپڪيو. اهو ڪمرو اندران 4x6 فوٽ هو. سرن جي جوڙن وٽ هوا ۽ پاڻيءَ جي لنگهڻ لاءِ وٿي ڇڏيل هئي. ان مان هڪڙي ڳڙکي آرام واري ڪمري طرف هئي ۽ ان ۾ هڪڙي ڏنوڻ لڳل هئي. اهو ڊيزٽ ڪولر حيدرآباد ۾ منهنجي ٺاهيل ڪولر جي اصول تي ٺاهيو ويو هو پر اهو تمام وڏو ۽ گوڙ وارو هو ۽ ان تي ويهوڻو وڌيڪ خرچ ٿيل هو. مسٽر پارڪر ڊاڪٽر اسپئلسبري واري ٽرمئنٽيڊ وٽ جو ذڪر ڪيو آهي. چوي ٿو ته اهو پنج فوٽ ويڪري، 10 فوٽ ڊگهي ۽ ست فوٽ ويڪري هڪڙي ڪئبن هئي، جيڪا لوهي ڦيٿن تي رکيل هئي. انهيءَ لوهي ڪئبن ۾ هوا اندر ڇڪڻ لاءِ ٽن پاسن کان چار فوٽ گول سوراخ هئا. چوٿين پاسي کان گهر ۾ اندر ويندڙ بخارو هو. گول سوراخن جي ٻاهران ”خاصتات“ (اترپرديش ۾ پيدا ٿيندڙ ڪانهن) لڳل هئا ۽ انهن تي پاڻي ڇٽڪاريو هو. انهيءَ ڪئبن اندر هڪڙي ڦرندڙ ڊُريءَ تي چرخيءَ جي شڪل وارا چار ڦر لڳل هوندا هئا. اها ڊُري ٻاهران وينٺل ماڻهو لاڳيتو ڪنهن هٿيي سان پيو ڦيرائيندو هو. ”دال پت“ جو ليکڪ ائٽڪنسن مذاق ڪندي لکي ٿو ته، ”ڪمري ۾ ٽرمئنٽيڊوٽ جو اٿاريل طوفان اوهان جو ٽوپلو اڏائي وڃي ڪنڊ ۾ اڇلائيندو. جيڪڏهن رات ڏينهن ايئرڪولر هلائڻو پوندو هو ته ان لاءِ 12 کان 14 نوڪرن جي ضرورت پوندي هئي.

اهڙي اپياس کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو ته موهين جي دڙي واري گذريل پنجن هزارن سالن واري دور ۾ ڏکڻ ايشيا جي ماڻهن جهليءَ جهڙي شيءِ به ڪانه ٺاهي. اها به اولهه جي شهنشاهت وارن ماڻهن ٺاهي.

اها اهڙي وقت ٿي، جڏهن 1760ع ۾ انگريزي انقلاب اڳوات ٿي شروع ٿي چڪو هو. 1769ع ۾ ٻاڦ واري انجڻ ايجاد ٿي هئي. هندستان ۾ بنا ڪنهن شڪ جي انگريز پنهنجون پاڙون ڄمائي چڪا هئا. آمريڪا پنهنجي آزاديءَ واري جنگ کٽي ويو هو ۽ فرينچ انقلاب شروع ٿي چڪو هو. انهيءَ دور ۾ ٽالپر ۽ ڪلهوڙا سنڌ اندر گهرو جنگ ۾ رڌل هئا ۽ هڪ اهڙو ڪنور جاگيرداري سماج قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هئا، جنهن جهڙو اڳي ڪڏهن به ڪنهن نه ڏٺو نه ٻڌو هو. ان دور ۾ مشيني ذهن واري اِنگريز هِتي جي ئي سامان مان جهلي ٿاهي، جنهن ان جو ملهه به نالي ماتر رکيو ته جيئن اها پڪڙجي سگهي.

# ڪاڇو گهمڻ

ناصرائين واري گهومڻ ۾ مانگر مڇ سان دوبدو ٿيڻ سان مون ۾ ڪافي اعتماد پيدا ٿي چڪو هو. منهنجي ڏاڏي ڪي جوهيءَ ۾ ڪڪڙ تعلقن جي ڪاڇي واري حصي ۾ وڃڻو پيو، ڇو جو ڪيس جوئر ۽ ٻاجهر وٺڻي هئي. اسان ڪٽڪ اچا وڏي مقدار ۾ نٽي پوکي، جو سکر بئراج تازو کليو هو. جتي پاڻي گهڻو موجود هو، اتي چند شروعاتي سالن ۾ رڳو سارين پيدا ٿيون. پراڻي زماني جي ماڻهن کي خبر هئي ته چانورن ۾ ڪٽڪ جي نسبت پروٽين گهٽ هئڻ ڪري، اهي خاص پيداواري جنس نٽي ٿي سگهيا. جوئر جيتوٽيڪ سادو ان آهي، پر ان کي سنيءَ مانيءَ جي صورت ۾ آٽي سگهجي ٿو، جنهن ۾ پروٽين به ٿئي ٿي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڏينهن ۾ هڪ دفعو کائي سگهجي ٿي. اها برساتن تي خيرپور ناٿن شاهه، قمبر، جوهيءَ ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ پوکبي هئي. منهنجو شوق ڏسي ڏاڏو مون کي اٺ تي، ڪَڪَڙَ جي پر ۾ ڪيريت ڳوٺ وٺي ويو، جتي هڪ رات رهڻ بعد صبح جو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه مان ٿيندا، جوهي برانچ جي نارا وئلي ڊرين (Nara Valley Drain) (ڇنڊڻ). مٿان ناٽي (Siphon) تان لنگهندي، اٽڪل اَٺ ميل پنڌ بعد اسين پنهنجي منزل مقصود تي پهتاسين. ڪاڇو ايف پي بند (Flood Protective Bund) جي اولهه کان شروع ٿئي ٿو. ڏسڻ جهڙو نظارو هو. ڪجهه فاصلي تي ٿهيل جهوپڙين کان سواءِ ميلن تائين ڪنهن به وڻ، ٻوٽي، بستيءَ يا ماڻهوءَ جو ڪوبه نالو نشان نه هو. منجهند ڏاري ڏاڏي مون کي رُڄ ڏيکاري. مون کي اها پاڻيءَ جي

چادر وانگر ڏسڻ ۾ آئي پر اهو رڳو نظر جو فريب هو. مون اولهه ۾ ٽڪريون ڏٺيون ۽ ويجهڙو اتر ۾ ٽاڪرو اوڏ (out crop of hills) جيڪو خالص بيابان هو، پر بيابان جيڪو مون اول ڏٺو سو نهايت خوبصورت هو. مون ٿر جو ريگستان ڏسڻ تي چاهيو، پر اهو شادي پليءَ جي پرسان ڏسڻ لاءِ مون کي 12 سال انتظار ڪرڻو پيو. انهيءَ تنديڻَ جي تجربي سبب مون کي بيابانن سان هميشه ڏاڍي دلچسپي رهي آهي.

دراصل دنيا ۾ 20 ريگستان آهن: راجستان (جنهن جو حصو سنڌ جو ٿر به آهي). اتر آمريڪا جو بيابان (آئڊاهو، وايومنگ مانٽينا وغيره)، ڊيٿ ويلي (ڪئليفورنيا)، سونوران (ايريزونا ۽ ميڪسيڪو)، موجيو (نيوادا)، چيهئو چڻان (اتر - اوير ميڪسڪو)، پٽلگونين (ارجنٽينا)، اٽاڪاما (چلي ۽ پيرو)، ڪلهاري (ڏکڻ - اوير آفريڪا)، نائمب (ڏکڻ - اولهه آفريڪا)، صحارا، سيناءِ (اپرندو مصر)، نجيوِ (اسرائيل) شام، عربستان، ايران - بلوچستان (جنهن جو سنڌ وارو ڪوهستان به حصو آهي)، ٽاڪلامڪن (سنڪيانگ، چائنا)، گوبي (منگوليا) ۽ وچ آسٽريلوي ريگستان وڪٽوريا (Victoria)، وغيره. اهي سڀ هڪجهڙا آهن. انهن جي نباتات ساڳئي قسم جي آهي. اتان جي ماڻهن جون ڪيترين ئي ريتون رسمون ساڳيون، آبهوا ۽ مسئلا به ساڳيا آهن. مون کي ريگستان ايترا ته پسند آهن جو مون ٿر ۽ ڪوهستان 50 پيرا ڏٺو آهي. انهن ۾ سمايل گوناگون فطرتي دلچسپيءَ مون کي انهن جي بار بار ڏسڻ تي آماده ڪيو. منهنجي گهر واريءَ فرزانه، ٿر ۽ ڪوهستان جي اٽڪل 4500 گلن وارن ٻوٽن تي تحقيق ڪئي آهي ۽ ٿر ۽ ڪوهستان جا کير ڏاراٽئا ساهوارا (Mammals) به ياداشت ۾ لکيا آهن.

مون گاج کان ڏکڻ ۾ 42 چشما ڏٺا آهن ۽ انهن تي تحقيق ڪئي آهي. مون ڏاڙهيارو ۽ ڪُتي جي قبر هل اسٽيشن لاءِ مناسب ماڳ به ڏٺا آهن. زميني پاڻيءَ تي لکيل منهنجن ڪتابن ۾ ٿر ۽ ڪوهستان جو مختصر ذڪر آهي. مون ٿر ۽ ڪوهستان جو اپياس ٻن جلدن ۾ لکيو آهي جيڪو اڃا نه ڇپيو آهي.

# سنڌ ۾ بئراج کان اڳ واهن

# جو قيام ۽ پاڻيءَ پوڄا

سکر بئراج کان اڳ واري دور ۾ پاڻيءَ کي پاڪ سمجهيو ويندو هو. سنڌ جي ماڻهن جي سڄي زندگي ۽ اقتصاديات جو دارومدار انهيءَ تي هو. آءٌ صفا ننڍو هوس، جڏهن اڌ ميل کن پري هڪڙي ننڍيءَ شاخ ۾ پاڻي ڏيکارڻ لاءِ وڏا مون کي ڪلهي تي چاڙهي ڪٺي ويا هئا. ان شاخ مان اسان جي ڳوٺ جي چوڌاري سارين جي اٽڪل هڪ هزار ايڪڙن جي فصل کي واٽرڪورسن وسيلي پاڻي ملندو هو. واه جي ڪاٺي ڪنيل هئي. اڳواٽ ئي ان مان ڪک ڪانا ۽ گند گاه ڪڍي ڇڏيو هئائون. انهيءَ موقعي تي پاڻي ڏسڻ لاءِ سڄو ڳوٺ اچي گڏ ٿيو هو. انهن ۾ پنج هندو دڪاندار ۽ ڳوٺ جا ڪيترائي وڏا مرد ماڻهو جن ۾ ملان، هڪڙو مولوي، هڪڙو قرآن جو حافظ به شامل هئا. اهي سمورا ماڻهو ڳوٺ ڏانهن ايندڙ واٽر ۾ جتي پاڻي داخل ٿيو ٿي، ان جاءِ تي اٽڪل هڪ ڪلوميٽر پري پاڻيءَ جي آجيان ڪرڻ ويا هئا. وڏي اوسيئڙي کان پوءِ جيئن ئي اهي خدا جي ان نعمت کي اوڻڙا ايندا ويا ته مسلمانن عربيءَ ۾ قرآن جون آيتون ۽ هندن سندن پاڪ ڪتاب شايد ته گيتا مان سنسڪرت ۾ شلوڪ پڙهڻ شروع ڪري ڏنا. باقي ٻيا ڳوٺاڻا به انهن سان شامل ٿيڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ خدا پاڪ جا شڪرانا بجا آڻڻ کي لڳي ويا. جڏهن اسين ريلوي لائين

ڪان هيٺان واريءَ پل وٽ پهتاسين ته سڄو انبوه بيهي رهيو، ڇڻ ته بريڪ لڳو هجيس. اتي وري به دعا گهري وئي. ڪجهه ماڻهو اوياري پاسي کان واٽر مان گند ڪچرو ڪڍڻ لڳا ته جيئن پاڻي رواني سان وهي سگهي. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي ته اهي پل کان اڳتي ڇو ڪونه هليا، پر سالن کان پوءِ مون کي خبر پئي ته سندن زمين فقط پل تائين هئي. پاڻي جيئن ئي پل اڪريو ته اسان جي ڳوٺ جو واٽيو روپو مل واٽر جي پيٽ ۾ پوئين پير هلندو پٽ تي مٺائي رکندو آيو، پر پوءِ چوڌاري پاڻي پهچي ويس. مسلمان دعا لاءِ هٿ جهلي زور سان دعا گهرڻ ۾ لڳي ويا ۽ پاڻيءَ سان گڏ ڪنارن ڏانهن هلڻ لڳا. سندن نظر اپ ڏي نه پر وهندڙ پاڻيءَ طرف هئي. اهي جُونِ جا ڏينهن هئا ۽ صبح سان ئي ڏاڍو تڙڪو هو. ڳوٺ تائين پاڻيءَ کي پهچڻ ۾ ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت لڳي ويو. اهو سمورو وقت ڳوٺ جا واٽيا مٺائي ورهائڻ ۽ مسلمان دعا گهرڻ ۾ پورا هئا. گانڌيءَ جي دعا ۾ ٽئي ڪتاب قرآن، گيتا ۽ بائيبل پڙهڻ کان گهڻو اڳ سنڌ جا هندو توڙي مسلمان پاڻيءَ جي واٽ تي گڏجي عبادت ڪندا هئا ۽ دعا گهرندا هئا. ان ڏينهن کان مون ڄاتو ته آڳاٽي سمي ۾ اسان جا ابا ڏاڏا پاڻيءَ پوڄارا رهيا هوندا ۽ پاڻيءَ لاءِ اهو احترام انهن ڏينهن جي پراڻي ڌرم جي نشاني هو. اصل ڳالهه ته پاڻيءَ کان سواءِ سنڌ حقيقت ۾ برپٽ هجي ها ۽ پاڻيءَ لاءِ ايترو احترام ان جو حق هو. مون پنهنجي پرائمري اسڪول وارن ڏينهن ۾ اهڙا نقشا ڏٺا هئا، جن ۾ سنڌ هڪ وڏي رڻ پٽ جو حصو ڪري ڏيکاريل آهي. اهو رڻ مراڪش کان شروع ٿي، اوبر طرف الجزائر، لبيا، مصر، اسرائيل، شام، سعودي عرب، عراق ۽ ايران تائين هليو وڃي ٿو. اولهه سنڌ، بلوچستانُ ايران واري صحرا جو ڀاڱو آهي جيڪو مٿين صحرائن سان ڳنڍيل آهي، جڏهن ته ايرندو حصو هندستان جي وڏي صحرا جو ڀاڱو آهي، جنهن ۾ چولستان، بيڪانير ۽ ڪڇ به شامل آهن. ان ۾ سراسري طور پنج انچ ساليانو مينهن وسندو

آهي ۽ پنجن سالن ۾ ٻه سال سوڪهڙي جا ٿيندا آهن. ان کان سواءِ اونهاري ۾ سخت گرمي پوندي آهي ۽ ماحول ۾ خشڪي رهي ٿي. سائو گاهه هوندو ئي ڪونهي ۽ پري پري ورلي ڪو وڻ نظر ايندو آهي. صحرائي ٻوٽا اڪ، ڪرڙ، ڪبڙ، لئو ۽ ٿوهر ئي اهڙيءَ سخت موسم ۾ بچندا آهن. انهن جون خشڪ ۽ اجايل پاڙون پاڻيءَ ڦڙي لاءِ سڪنديون آهن. ڳوٺن ۾ جانورن کي ٻه پيرا کوه تان پاڻي پياربو آهي. انهن کي ٻن پيرن کان ٻه وڌيڪ پاڻيءَ جو کپ هوندو آهي. چاري جي هاضمي لاءِ انهن کي وڌيڪ پاڻي کپندو آهي. پاڻي نه ملڻ جي صورت ۾ اهي چارو هضم ڪري نه سگهندا آهن ۽ ڏٻرا ٿي ويندا آهن.

هاري سال ۾ سارين جو فقط هڪڙو فصل اپائي سگهندا هئا. جر جو پاڻي ٻاڙو هوندو هو. وهنجڻ لاءِ پاڻيءَ جي کوٽ سببان چمڙيءَ جون بيماريون ٿينديون هيون. جيڪڏهن درياه ۾ دير سان چاڙهه ايندو هو يا درياهه تڪڙي لاٿ کائي ويندو هو ته فصل سڪي ويندو هو ۽ بک، غربت ۽ بيماري عام ٿي پوندي هئي. ماڻهن وٽ حڪيمن ۽ دوا درمل توڙي اجهي ۽ لٽي لاءِ ٻه ڏوڪڙ ڪونه هوندا هئا. ڪاڏو ٻه معمولي هوندو هو. تازيون ڀاڄيون ڪونه لينديون هيون. ڇاڪاڻ ته ڀاڄي اپائڻ لاءِ تازي پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. جانورن لاءِ مناسب گاه ۽ چارو ڪونه لڀندو هو. جهنگ ۾ جانور هوندا هئا، جن جو ماڻهو شڪار ڪندا هئا. عام طور ماڻهن لاءِ اڻ پورو ۽ غير موزون کاڌو هوندو هو. صدين کان زراعت، مال ڌارڻ ۽ مڇي مارڻ سندن روزگار جا اهم وسيلا هئا. پاڻيءَ جي کوٽ سببان انهن ۾ واڌارو ٿي ڪونه سگهندو هو. ويندي ماني مڇيءَ واري ماڻهوءَ جي ڪمائي ٻه ان ڪري گهٽجي ويندي هئي، جيڪو ماڻهو سالن جا سال اهڙي ماحول جو حصو رهيو هجي. اهو آسانيءَ سان اها ڳالهه سمجهي سگهندو ته صحرا ۾ پاڻيءَ پوڄا آڳاٽي زماني ۾ فطري مذهب رهيو هوندو.

# ماني ڪائڻ لاءِ کاٻي هٿ جو استعمال

ٻاروتڻ کان وٺي آءُ هرڪم ٻنهي هٿن سان ڪندو آهيان. شايد انڪري جو آءُ سٽيين شين کان ڪرپ جي ڪري جسماني طور ڪمزور هوس. آءُ ماني ٻنهي هٿن سان کائيندو هوس. اها ڳالهه سچي ڏکڻ ايشيا ۾ سخت ناپسند ڪئي ويندي آهي ۽ کائڻ لاءِ ڪڏهن کاٻو هٿ ڪم نہ آڻبو آهي. اهو هٿ طهارت جي ڪم لاءِ مقرر آهي. اها ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي تہ ڪاڪوس مان اچڻ کان پوءِ هردفعي جيسين کاٻي هٿ تان اميبيا ۽ ٻيا بيڪٽيريا صابڻ وغيره سان ڌوئي صاف نہ ڪجن تہ کاٻي هٿ سان کائڻ خطرناڪ آهي. منهنجي ماءُ خاص عورت هئي. اها منهنجا هٿ ڌوئڻ واري سوڊا بينٽو نائيٽ پائوڊر سان ملائي ڌوئارينديي هئي. اهي شيون گهر ۾ رکيل هونديون هيون، انهن سان ڪپڙا ڌوپندا هئا ۽ تڙ ڪبو هو. صابڻ سان ڪو ڪڏهن غسل ڪبو هو؛ اهو مهانگا ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ ڪتب آڻبو هو. تهذيبي طور تي کاٻي هٿ سان کائڻ ڪري ماڻهو ناراض ٿيندا هئا ۽ جهليندا هئا. منهنجو ڏاڏو ڪچن لفظن ۾ چوندو هو ”کاٻي هٿ کي ڪٽي مُٽ.“ مطلب تہ ڪڏهن بہ کائڻ لاءِ کاٻو هٿ استعمال نہ ڪج. جيتوڻيڪ آءُ ٽن يا چئن سالن جو ننڍو ٻار هوس پر ڏسندو هوس تہ منهنجو پيءُ، چاچو، ماءُ، چاچي ۽ ٻيا سيئي ڏاڏي جا ڏاڍا فرمانبردار هئا. آءُ هر لحاظ کان سندس حڪم مڃيندو هوس؛ گهر کان ٻاهر وڃي، کاٻي هٿ تي پيشاب ڪري، موٽي اچي خوش ٿي کيس ٻڌايم ”بابا! کاٻي هٿ تي مٽيو اٿم.“

اهو ڏينهن ٿيو، جو گهر ۾ ڪنهن ڪونه پڇيو ته مون کهڙو هٿ ٿي استعمال ڪيو. بلڪه بورڊنگ ۽ ڪاليج ميس ۾ به ڪنهن ڪونه پڇيو. بهرحال جيڪڏهن آءٌ ڪنهن جو مهمان ٿي ويس ته انهن جي نراڙ ۾ سَوَ گهنج پئجي ويندا هئا. ڪڏهن ڪو تبصرو ڪندو هو ته ڪو ميز تي ويٺل ڪنهن ٻئي ڏي نهاري اک پچندو هو. آءٌ اجا تائين ماني کائڻ لاءِ ٻئي هٿ استعمال ڪندو آهيان: اولهه ۾ کاٻو هٿ استعمال ڪرڻ ۾ عيب ڪونهي. انگريز ۽ ٻيا يورپي کاٻي هٿ سان ڪانٽو جهليندا آهن ۽ ان سان ئي گره وات ۾ وجهندا آهن. آءٌ ٻنهي هٿن سان کائڻ کي بدتهذيبي ڪونه سمجهان. چاڪاڻ ته اڄ به آءٌ ائين ڪندو آهيان.

# چلم

چلم، تماڪ نوشيءَ جو سنستو ذريعو آهي، جنهن ۾ اٽڪل هڪ درجن ماڻهن جو گروه حصو وٺندو آهي. ان کي سگريٽ يا بيڙيءَ کان صحت لاءِ وڌيڪ سنو سمجهيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته تماڪ جو دونهو پاڻيءَ مان ڇڻجي ايندو آهي. اها صحت لاءِ انڪري نقصانڪار آهي جو ساڳيو نڙ هڪڙي وات مان ٻئي ۾ ويندو آهي، جنهن سان وائرل مرضن جهڙوڪ ٽي.بي، ڳلي ۽ وات جي پڪريز جو انديشو رهي ٿو. ڳوٺ ۾ ٻه چلمون هيون. هڪڙي منهنجي مامي جي اوطاق تي، جتي روزانو ٽيپهريءَ ۽ شام جو ٻه پيرا عام طور موالي ۽ غير موالي اچي گڏ ٿيندا هئا. روايتي طور تي چلم ۽ تماڪ جو خرچ مامو ڪندو هو.

مون کي، چلم،ان جي ڪم ۽ ان مان نڪرندڙ ٻُڙ ٻُڙ جي آواز تي حيرت ٿيندي هئي. ڇهن ۽ پنجن سالن جي وچ واري عرصي ۾ مون چاهيو ته چلم ڇڪي ڏسان. بابا مون کي ٻڌايو ته ”اها خراب آهي. توکي بيمار ڪري وجهندي.“ پر مون ضد ڪيو. پوءِ ان مون کي تڪڙي تڪڙي ڇڪڻ سيکاري. مون کي چيائين ته ”وات کولي ان ۾ نڙ وجهي جيترو ٿي سگهي اوترو تڪڙو ڇڪينس.“ مون بلڪل ائين ڪيو، جيئن مون کي سيکاريائين. ڦوڪ سان منهنجي ڦڦڙن، ڳلي ۽ وات کي ڄڻ باه وٺي وئي. منٽ ٻه مون کي ڏاڍي کنگهه ٿي. پوءِ مون کي ٻڌاياين، ”اها ڏاڍي خراب آهي، هڪ پيرو ڪنهن ۾ اها عادت پئجي وئي ته ڇڏي ڪونه سگهندو.

هاڻي توکي خبر پئجي وئي تہ اها ڪيتري نقصانڪار آهي. وري ان کي ڪڏهن هٿ بہ نہ لائجانءِ.“ ان ڏينهن کان مون کي تماڪ ڇڪڻ ۽ ٻين اهڙين شين کان نفرت آهي. آءٌ اهڙيون سڀ شيون جيڪي سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح تماڪ مان ٺهيل هجن، تن کي اجلي ڇڏيندو آهيان. پر آءٌ موالين سان گڏ ويهڻ کان بہ پاسو ڪندو آهيان.

نندپڻ جو اهو تجربو مون کي وسري ويو هو، پر هڪ ڏينهن 1962ع ۾ بابا پنهنجي موت کان اڳي ان جو ذڪر منهنجي زال سان ڪيو. مون کي ڀڏاڀائين تہ مون سمجهيو تہ اهو اگرو پر ڪامياب تجربو هو، جنهن زندگيءَ ۾ اهڙا هاڪاري نتيجا ڏنا.

# اسان جي ڳوٺ ۾ تماشا ۽ دلچسپيءَ جا طريقا

اسان جي ڳوٺ جي زندگيءَ ۾ بنهه يڪسانيت هئي ۽ اتي ڪا به تفريح ڪانه هوندي هئي، تنهنڪري ننڍپڻ ۾ بي لطف رهيس. جڏهن مون اسڪول ۾ پڙهڻ شروع ڪيو ته پڙهڻ، لکڻ ۽ پنهنجي درجي کان مٿين درجن جا حساب حل ڪرڻ سان اها بدمزگي گهٽايم، پر هر وقت ائين ڪرڻ مشڪل هو. ڪڏهن ڪڏهن نئين نموني جا فقير دلچسپيءَ جو سبب ٿيندا هئا. انهن مان ڪي قسمت جو حال ٻڌائيندا هئا ۽ عورتون کين پيسا ڏئي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي آئندي جي واڪاڻ ٻڌنديون هيون. جڏهن ڪو پُٽ ڄمندو هو ته ڪدڙن جو ٽولو اچي سهڙندو هو ۽ تاڙيون وڄائي، نچي ڪڏي ۽ دعائون ڪري، پينو فقيرن، ڀاڳ ٻڌائيندڙ پينارن ۽ ايستائين جو پيرن کان به پيسا وٺي ويندا هئا. ڪدڙا ڏاڙهي مڇون ڪوڙائيندا هئا. زنانا ڪپڙا ۽ ڳهه پائيندا هئا ۽ انهن وانگر ناهه نوهه به ڪندا هئا. هو مفعول طور ڄاتل هئا ۽ ظاهر ظهور چوندا به هئا. عجيب ڳالهه آهي جو پڪا مسلمان توڙي هندو کين ڪجهه به نه چوندا هئا ۽ هو آزاد پيا ڦرندا هئا. مون ڏکڻ ايشيا کان سواءِ اهڙي قسم جي ڪدڙن بابت ڪنهن ٻئي ملڪ لاءِ نه ٻڌو آهي. ٻئي طرف تقريبن 60 سال اڳ آمريڪا ۾ 20,000 مردن ۽ عورتن کان سندن جنسي زندگيءَ بابت پڇا ڪندي، 37 سيڪڙو مردن قبول ڪيو ته هنن گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو هم جنس پرستي ڪئي آهي. انهن جا ماڻهو به ايماندار ۽ جج به. جڄن چيو ته ان

ڏوه ۾ ايترا ماڻهو مبتلا آهن ته پوءِ ڇو چند ماڻهو جيڪي پڪڙيا تن کي سزا ڏيون؟ ڊاڪٽر ڪِنسيءَ، ان ڪان سواءِ ٻڌايو ته 100 مان 7 ماڻهو سڄي عمر اهو ڪم ڪن ٿا پر انهن مان به ماڻهو سڄي عمر عورت جي ويجهو ئي نٿا وڃن. هاڻي ظاهر آهي ته حقيقت ڪهڙي آهي. منهنجي خيال ۾ ڪدڙا ۽ سندن پابندي ان ٻن سيڪڙي ۾ اچي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ ته اڪثر مردن پاڻ کي هم جنس پرستيءَ ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن مبتلا ڪيو هوندو، ان ڪري هنن جي زبان بند آهي.

جڏهن ڪا شادي يا ڪو ٻيو خوشيءَ جو موقعو ٿيندو هو، ته عورتون گڏجي ڳائينديون هيون، پر سازن کان سواءِ. سندن ڳيچن ۾ ڪا لئه يا مزو نه هوندو هو. اسان جي ڳوٺ جو محمد ماڇي، جيڪو ماتا جي ڪري نابين ٿي ويو هو، يڪتاري تي سادن آوازن سان، قياس جهڙو ڳائيندو هو ۽ ماڻهو کيس خيرات ڏيندا هئا. هڪ ٻي تفريح هئي بنان شرط جي پتا راند کيڏڻ، جنهن کي مان وقت جو زيان سمجهندو هئس. اخلاق ۽ مذهب جي پابند اسان جي ڳوٺاڻي سماج ۾ رانديون ۽ مقابلا گهٽ هئا. ٻار ڪي ميداني رانديون کيڏندا هئا، پر اختتام تي کٽندڙن ۽ هارائيندڙن جي وچ ۾ بعضي ويڙهه ٿيندي هئي. سکر بئراج جي ٺهڻ بعد مان اپريل کان سيپٽمبر تائين ترڻ ويندو هئس. ڳوٺ ۾ مناسب شغل اهوئي هو، پر ان ۾ تورڙن ماڻهن جي دلچسپي هئي. دراصل اهو شغل هو ته سڪون بخش، پر ذهني مصروفيت وارو نه هو.

1931ع ۾ پاسي واري ڳوٺ ۾ به اتفاق ٿيا. پير بخش پنهورُ پنهنجي ڀاڄائيءَ تي ناجائز تعلق جو الزام هڻي؛ کيس ”ڪاري“ ڪري مارڻ بعد پاڻ پوليس اڳيان پيش ٿيو. کيس ستن سالن جي سزا ملي. ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڳوٺ ۾ اهو چوٻول هو. ڪن کيس غلط ڪم خلاف صحيح قدم کڻڻ تي ٻيڏوهي سڏيو، ته ڪن وري چيو ته مارڻ جو حق صرف مڙس کي هو. ڪن جو خيال هو ته جيڪڏهن مڙس زال کي مطمئن نٿو

ڪري سگهي ته زال کي حق آهي ته جيڪي چاهي سا پنهنجي مرضيءَ موجب ڪري! ملن چيو ته ”عمل تڏهن صحيح آهي، جڏهن ٻئي ڪارو ۽ ڪاري مڙس هٿان ٽڏي تي ماريا وڃن ها.“ گهڻن جي راءِ هئي ته ناجائز پيار جي باهه عورت کي مارڻ سان وسائجي ٿي. ان عمر ۾ به مون سمجهيو هو ته هن گناهه لاءِ موت جي سزا غلط هئي.آخر ست سال جيل ڪاٽي هو واپس آيو ۽ ماڻهن هن جون بهادر ۽ غيرتمند جي حيثيت سان دعوتون ڪيون. آءٌ ان وقت ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس ۽ انهن دعوتن کي نفرت. سان ڏسندو رهيس ۽ هن سان هٿ ملائڻ به غلط سمجهي، اتان کسڪي ويندو هئس.

ٻئي واقعي راءِ زنيءَ ڪان وڏيڪ سرگوشيون پيدا ڪيون. ساڳئي ڳوٺ مان گل محمد نالي پنهور نوجوان پنهنجو ڪٽنب (زال، پيءُ، ماءُ، ڀائر ۽ ڀيڻون) ڇڏي زنانا ڪپڙا پائي وڃي کدڙن سان گڏيو، جن سندس نالو گُلي رکيو. انهن ٻنهي واقعن جو ڳوٺ تي ڏاڍو اثر ٿيو هو، چاڪاڻ ته مامي نور محمد جو مڱٽو ساڳئي ڳوٺ مان انهن ٻنهي گهراڻن سان لاڳاپيل هڪ ڇوڪريءَ سان ٿيو هو. حيرت جهڙي ڳالهه هئي، جو ڳوٺ جي مُلن کي ڀٽن جي ڇمڻ جي خوشي ملهائڻ ۽ لاڳ وٺڻ وارن کدڙن جي ٽولن تي ڪوبه اعتراض نه هو. ان تي به حيرت آهي ته ڏيءَ جو ڄمڻ ناپسنديده واقعو سمجهيو ويندو هو، انڪري نه ملهائبو هو. نه وري ان حوالي سان ڪو فخر يا خوشي ڪبي هئي، يا ماءُ پيءُ کي ڪا مبارڪ ڏبي هئي. عام طور تي ڏيءَ جي ڄمندي ئي ساڻس امتيازي روش شروع ٿي ويندي هئي.

کدڙن جي سانتيڪي هم جنس پرستيءَ تي مُلن کي ڪوبه اعتراض نه هو. مون ڳوٺ جا ڪيئي ڇوڪرا ۽ وڏا هم جنس پرستيءَ ۾ ورتل ڏٺا، پر مون ڪنهن تي به عتاب ٿيندي نه ڏٺو. سماج، جتي عورتن کي جدا رکيو وڃي ٿو، اتي هم جنس پرستي عام ۽ قابل برداشت ٿي وڃي ٿي.

هڪ هم جنسيءَ جي واقعي، جو اسان جي ڳوٺ ۾ ٿيو، عبدالغفور پنهور کي ڳوٺاڻن ڪاري دانگي مُنهن تي مَلي،ڪاري گڏهه تي چاڙهي، موچڙن جي ڪنڍي ڳچيءَ ۾ وجهي، سندس منهن پٺ ڏانهن ڪري، سڄي ڳوٺ ۾ گهمايو ۽ ان تي ڇٽرون ڪيون، توڙي جو قانوني طرح ان لاءِ انڊين ڪرمنل ڪوڊ (Indian criminal code) مطابق ست سال جيل سزا تجويز ڪيل هئي. ان رعايت جو مون کي سبب معلوم هو، ڇو جو وڏ گهٽ ڳوٺاڻن پنهنجي عمر جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي ۾، گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو ضرور هم جنس پرستي ڪئي ٿي، جنهنڪري ڪنهن کي سزا ڏيندي پاڻ کي اخلاقي طور ڏوهي محسوس ٿي ڪيائون. بهرحال مون کي اهو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ گل محمد ڪدڙن سان ڇو وڃي شامل ٿيو. 1948ع ۾ ڪنسيءَ (Kinsey) جي ڇپيل رپورٽ بعنوان "Sexual behaviour in human males"مان ان بابت صحيح خبر پَئي ٿي. آمريڪا جي انڊيانا (Indiana) يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر يونيورسٽيءَ جي خرچ تي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ 20 هزار مردن ۽ عورتن کان، 12 سال لڳاتار پڇا ڳاڇا وسيلي، تحقيق ڪري ٻڌايو تہ 37 سيڪڙو آمريڪي مردن زندگيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وقت هم جنس پرستي ڪئي آهي. 100 مان 7 ڄڻن اهو عمل جاري رکيو، جڏهن تہ ستن مان پنجن لونڊي بازي ۽ رنڊي بازي ٻئي پئي ڪيون، پر ٻہ ڄڻا رڳو هم جنس پرست هئا. چاڪاڻ تہ گل محمد اسان جي پرواري ڳوٺ جو هو، انڪري رهواسين کي سندس اُتو پتو معلوم هو. هن سيوهڻ ۾ ڪدڙن سان شموليت اختيار ڪئي ۽ ترقي ڪندي سندن گُرو وڃي ٿيو. جڏهن بيمار ٿي پيو تہ سندس چيلن کيس لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال جي ايئرڪنڊيشنڊ خانگي ڪمري ۾ رهايو ۽ سندس سڀ خرچ، ۽ خاص طور تي ماهر ڊاڪٽرن جون ڳريون فيون بہ ادا ڪيون.

اسان کي ٻڌايو ويو تہ ڪنهن کي ڪدڙي ڪرڻ لاءِ سيوهڻ جي خواجہ

سراءِ ۾ ان جا خصيا ڪيرائي ڇڏبا آهن (خاص ماهرن ڪان). تازي تحقيق موجب جيڪڏهن اهي بلوغت جي شروعات کان اڳ (12 کان 14 سالن تائين)ڪيا ڇڏبا تہ ماڻهو وڏي ٿيڻ تي بنھہ نامرد هوندو، پر جيڪڏهن اهي بلوغت شروع ٿيڻ کانپوءِ ڪيا تہ جماع جي قابل تہ هوندو پر اهو عورت کي حاملہ ڪرڻ جي لائق نہ رهندو. جيئن اڄ ڪلهہ ڊاڪٽر واسڪو ٽامي (Vascotomy) ڪن ٿا. بادشاهن ۽ اميرن جي نگهبان ڪدڙن جي ان حالت بابت خواتين خانہ واقف هيون، سو ڪئين ڪدڙا رائين سان دل لڳي ڪندا هئا. انهن ۾ اڻويهين صديءَ جي چيني مدر ڪئين (Mother Queen) جنهن کي ڊوگر ڪئين (Dogar Queen) جي نالي سان سڏبو هو،اها بہ اڃي وڃي ٿي. آخر جڏهن بدنامي وڏي وئي تہ سندس پٽ بادشاهہ ٿيڻ سان ئي ان ڪدڙي کي مارائي ڇڏيو، پر رائيءَ وٽ اهڙا ٻيا ڪدڙا بہ هئا.

مُلان، ڳوٺ ۾ موسيقي، راڳ ۽ ناچ برداشت نہ ڪندا هئا. رڳو هڪ ڀيري، جڏهن مان ستن سالن جو هئس، ڪنهن هڪ ڳائڻي عورت گهرائي، جنهن وڏيري الهورائي جي اوطاق ۾ ڳايو. مُلن اِن تي ايترو تہ احتجاج ڪيو جو ڏاڏي، بابي ۽ چاچي کي پري رهڻو پيو، توڙي جو 300 فوٽن تي واقع اوطاق مان موسيقي ۽ راڳ اسان جي گهر ۾ چٽيءَ طرح ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ڪين مسخرن، جادوگرن، جوڳين، رڇائين ۽ پولاين جي اچڻ تي اعتراض نہ هو. هو ڪڏهن ڪڏهن ايندا هئا ۽ مرد ۽ پنجن سالن کان وڏيءَ عمر وارا ڇوڪرا ۽ مرد اتي ويندا هئا جيڪي تماشي ڏسڻ کانپوءِ گهر ۾ ويٺل عورتن کي، جو ڪجهہ ڏسي ايندا هئا، سو ٻڌائيندا هئا. عورتن لاءِ اها ڳالهہ ٻڌڻ سڀ کان وڏي تفريح هئي.

عبدو ۽ خميسو مسخرا مختلف موقعن تي، ڪيترائي ڀيرا اسان جي ڳوٺ ۾ آيا هئا. هو باب هوپ، جيڪ ليمن، لاريل ۽ هارڊيءَ جا سنڌي جوڙ لڳندا هئا. جي ساڳئي وقت هالي ووڊ ۾ مشهور هئا. هي اسان وٽ عام

ماڻهن ۾ ڏاڍا مقبول هئا. جاگيرداري، ملائپ، پوليس ۽ ڪامورن جي خلاف سندن طنزومزاح معنيٰ خيز هوندي هئي. بنيادي طور اڻپڙهيل ۽ ٻهراڙيءَ جا هئڻ، ۽ شهري زندگي ۽ ان جي رهڻي ڪهڻيءَ کان ناواقف هئڻ ڪري، سندن تماشي جو دائرو محدود هوندو هو. ٻارنهن سالن جي عمر ۾ مون ڪين ٽن راتين تائين لڳاتار ڏٺو: ٻه راتيون مامي نور محمد جي شاديءَ تي ۽ ٽين رات ميهڙ ۾ ڪنهن ٻيءَ شاديءَ تي. سو تمام گهڻي ورجاءُ جي ڪري مان ايترو ته ڪِڪ ٿي پيس جو وري ڪڏهن به سندن تماشي ۾ نه ويس. ڪجهه سالن کانپوءِ هنن ٻنهي ۾ ناراضگي ٿي، جنهنڪري جدا ٿي ويا ۽ وري ڪڏهن به سندن پتو نه پيو.

انهن تماشگرن مان مون کي بازيگر پسند هئا. جڏهن آءٌ وڏو ٿيس، تڏهن شاگردن ۾ڪي ڪلاڻ لاءِ اهڙن بازيگرن جون ڪي خاص حرفتبازيون (Trickeries) ڪرڻ سکيس. مان دست شناسيءَ ۾ ڀروسو نه ڪندو آهيان، پر ڪجهه ڪتاب به پڙهيا هئم ته هو ماڻهن کي ڪهڙيءَ طرح بيوقوف بنائي رهيا آهن ۽ چرچي طور چوندو هئس ته جيڪڏهن مون کي پئسن جي ضرورت پئي ته ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي عمارت جي اڳيان ويهندس ۽ ماڻهن کي سندن قسمت ٻڌائيندس. مان اهو به چوندو هئس ته نه رڳو هٿن پڙهي پيرن جون ريکائون به مون کي آئيندي بابت ٻڌائن ٿيون! سچ پچ به ڪيترائي شاگرد مون کي ڏيکارڻ لاءِ پير ڌوئي، هنڌ تي ليٽي، ٽنگون ڪرسيءَ جي پوئين ٽيڪ تي رکندا هئا ۽ آءٌ کين ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي خوش ڪندو هئس. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي هڪ ساده مزاج سوٽ هڪ ڀيري مون کان پنهنجي ماضيءَ بابت پڇيو. کيس سچ ٻڌايم ته دست شناسيءَ ۾ منهنجو اعتقاد نه هو پر هن سمجهيو ته مان پڪائي ڪندي اها ڳالهه لڪايان پيو. سندس گهڻي زور ڀرڻ تي مون کيس ڪي ڳالهيون ٻڌايون ته ”هُو پنهنجيءَ شاديءَ واري زندگيءَ مان خوش نه هو ۽ گل بڪاولي وانگر رومانوي

معاشقو ڪرڻ چاهي ٿو.“ ۽ اُها ڳالهہ ڪيس دل سان لڳي! هو ليسلي ولسن هاسٽل، جا اڄ ڪلهہ جناح ڪورٽس سڏجي ٿي، ان ۾ روينيو جي اعليٰ امتحان لاءِ اچي رهيو هو ۽ منهنجي پيشگوئي ڪان پوءِ يڪدم مختيارڪار ٿي ويو. مختيارڪار پنهنجي لياقت جي ڪري ٿيو هوندو، پر سمجهيائين تہ منهنجي اڳڪٿيءَ جو نتيجو هو. هن منهنجي دست شناسيءَ جي ايتري تہ تشهير ڪئي، جو ڪيترائي مختيارڪار منهنجي پٺيان ڪرڻ لڳا، پر مون انهيءَ مزاحيہ ناٽڪ جو ڪوبہ فائدو نہ ورتو.

1952ع جي ايسٽر وارين موڪلن ۾ وسڪانسن يونيورسٽيءَ جي پنجن پرڏيهي شاگردن جي هڪ ٽوليءَ اتر وسڪانسن جي هڪ ننڍي حلقي جي آمريڪي رهاڪن جي دعوت ڪئي. مقصد تماشي ڏسڻ جو هو. هڪ هندستاني هندو، هڪ جپان جي ڇوڪري، هڪ چين جو ڇوڪرو ۽ هڪ جرمن ۽ هندستان جو رَوي ڪپيل، جو اصل ڪراچيءَ جو چاول هو ۽ پاڪستان خلاف ڳالهائڻ لاءِ بلڪل تيار نہ هو. مون اُتي ڇيو ”اسين 70 سالن جي پيرسن جج ڪارٽر نالي آمريڪي جادو بازن (Conjurers) جي صدر سان ملياسين، جنهن مان ڪن سان ڏاڍا چرچا گهڻا ڪيا ۽ مون فوري طور سندس طريقو سمجهي ورتو ۽ موٽ ۾ مون بہ سائس ڪي ڪل پوڳ واريون ڳالهيون ڪيون. پوءِ هن مون کي وڏيڪ چالبازيون ڏيکاريون ۽ ڪجهہ پيا چرچا بہ ٻڌايائين. مون کي ڪي ڪتاب بہ ڏنائين“ مون پوءِ پيا بہ ڪجهہ ڪتاب خريد ڪيا ۽ ڪي حرفت جا نمونا ناهيا. پر وقت جو زيان سمجهي انهن حرڪتبازين جي پوئواري نہ ڪئي، چاڪاڻ تہ انجنيئرنگ، اڳريڪلچر ۽ سنڌ جي اپياسن سان وابستگيءَ سبب، مون وٽ اهڙن شعبده بازين ۽ اجائي مشهوري، جنهن کي مون شاناٿتو نٿي سمجهيو، انهن لاءِ مون وٽ وقت نہ هو. مون وٽ اهي ڪتاب اجا بہ موجود آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن چرچي خاطر ماڻهن کي ثابت ڪري ڏيکاريندو آهيان تہ مان سندن دماغي ۽ دلي خيالن کي پڙهي سگهان ٿو.

ڳوٺاڻي سست ماحول ۾ مون لاءِ پاڻ کي وندرائڻ جو هڪ رستو اهو هو ته پڙهائيءَ بعد يا موڪل جي ڏينهن تي ٻنيون گهمي، ماڻهن ۽ ساهوارن کي ڪم ڪندي ڏسان. جيتوڻيڪ سنڌو درياءَ کان سواءِ سنڌ هڪ رڻ آهي پر ان جي ڪري سنڌ جي وچولي وارن سيلابي ميدانن ( Indus plains)، جيڪي سکر بئراج جي کلڻ کان اڳ به نَوَن مهينن، يعني جولاءِ کان مارچ، دؤزان سارين کان سواءِ دوباري فصلن، ڪڻڪ، تيلي ٻجن، مٽرن ۽ چڻن ۽ ڪن پاڇين ۽ ان جي پويان سارين جي مکيه اونهاري واري فصل جي ڪري سرسبز رهندا هئا. واهن جي ڪنارن تي پوکيل يا ازخود ڦٽل ٻوٽن جي تارين مان ڦٽندڙ تازن پنن ۽ پوءِ گلن مان ٽپندڙ کاڻڻ ۽ نه کائڻ جهڙن ميون ۽ ٻجن کي به مون ڏٺو. نه رڳو پوکيل پر بياباني آبهوا ۽ غيرآباد زمين جا وڻ ۽ ٻوٽا به گلجن ۽ ميوا يا ٻج جهلين ٿا. ڪئي لک جيت وڻن تي چڙهندي ڏسبا هئا. وڻ ۽ ٻوٽا سال جي مخصوص وقت تي پن ڇاڻين ٿا. ڪيئي تندن وارا (Weedyplants) پاڻمرادو ڦٽندڙ ٻوٽا به هئا. سارين جي پوک ۾ ڪي گاهه هئا، جيڪي لٽي مال کي کارائبا هئا. مان ڪن ڪمين کي ڏسندو رهندو هئس، جن وٽ ٻين جي پيٽ ۾ سٺا اوزار هوندا هئا.

مون ڏٺو ته لوهار جيڪي ڪوڏرون، ڏاٽا، ڪَهيون ۽ گهوٻا ٺاهيندو هو، انهن مان ڪابه شيءِ ٻيءَ جهڙي نه هوندي هئي. ساڳي حالت ڊکڻن جي به هئي. هر جو زاويو، گهوٻي وجهڻ وارو سل ۽ هر اوزار، مطلب ته هر ٺهندڙ اوزار ٻئي ڪجهه ڪجهه مختلف هو. خود گهوڙبو به سندن ٺاهيل مختلف هرن جي سل ۾ پئجي نه سگهندو هو. هرهڪ گهوٻي کي ڇڪڻ لاءِ علحده طاقت جي ضرورت هئي. نه فقط اهو پر گهوٻا يا چونيون ڪي اونها ۽ ڪي تراڪڙي اوڙ ڪاهيندا هئا. ساڳي حالت پانجارين جي هئي. اهي به نه ته ساڳيءَ ماپ جون هيون ۽ نه وري سولائيءَ سان ڇڪڻ لاءِ ڍڳن جي جسامت موجب رٿيل هيون. پانجاريءَ ۾ خرابي اها آهي ته

ڏڳي کي پنهنجن ڪلهن سان زور ڏيڻ کپي ۽ نہ ٿوهر (Hump) سان، پر اها غلطي 5،000 سالن ۾ درست نہ ڪئي وئي آهي. سارين ڳاهڻ جو طريقو بہ خراب هو، جنهن ۾ پاسو پاسي قطار ۾ جوٽيل ڍور ڪاٺ جي مُنيءَ پاهران ڦرندا هئا. منيءَ جي پر ۾ جوٽيل ڍڳو سولائيءَ سان ڦري نہ سگهندو آهي ۽ سڄي ڏينهن جي ڳاهہ وهڻ بعد ڏبرو نظر ايندو آهي. منيءَ جي پاهران ڇهہ فوٽ قطر ڇڏي سولائيءَ سان ڳاهہ ڳاهڻ لاءِ ويڪرو دائرو ناهي سگهجي ٿو. مون ننڍي لاڪون ارادو ڪيو هو تہ جيڪڏهن مون کي زراعت ڪرڻي پئي تہ اُها نہ روايتي طريقي سان ڪندس ۽ نہ وري مڪاني ڪاريگرن جا ناهيل اوزار استعمال ڪندس. ان مشاهدي جي دلچسپيءَ مون کي ننڍپڻ ۾ حياتيات ۽ هنرن بابت اهو شعور ڏنو تہ سيني فصلن، وڻن ۽ ٻوٽن جي واڌ جو مدار زمين، پاڻيءَ ۽ اس جي وڌ ۾ وڌ ميلاپ تي ٻڌل آهي. ٻي وندر جيڪا مون پاڻ لاءِ پانئين سا هيءَ هئي تہ معمولي بارش کان پوءِ ڪاري ڪلر واري زمين لسي ۽ نرم ٿيو پوي، جنهن تي ڪانيءَ جي ڇهنب سان بہ نقش نگاري ٿِي سگهي ٿي. ڳوٺ جي آس پاس اهڙا ڪافي هنڌ هئا، جن کي مون پنهنجي چترڪاريءَ جو نگارخانو بنايو، پر ٻين ٻارن کي اهو جلدي معلوم ٿي ويو، جن منهنجي ڪم کي رهڙي ختم ڪري ٿي ڇڏيو. مان ڪين ڪجهہ نٿي ڪري سگهيس، ڇاڪاڻ تہ اها زمين بہ اسان جي نہ هئي ۽ ٻيو تہ مان هنن کان ڏاڍو بہ نہ هئس.

مامو نور محمد رانديڪن جو شوقين هو. 17 يا 18 سالن جي عمر تائين ڇٽو ڦيٿا ڪلن وارا سادا رانديڪا خريد ڪندو رهيو. هو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ موٽ تي رانديڪا آڻي ڳوٺ وارن کي هلائي ڏيکاريندو هو. هن اهي ڏاڪڻ جي هيٺان واري ٻُهري ۾ ڪنا ڪيا هئا ۽ جڏهن ڳوٺ هوندو هو، تہ ٻُهري ۾ ويهي انهن سوين رانديڪن جي صفائي ڪندو هو ۽ ورائي اُتي رکندو هو. هو ڪيڏڻ مهل مون کي ڏسڻ جي اجازت ڏيندو

هو. امڙ هن کي مون لاءِ رانديڪا آڻڻ واسطي پئسا ڏيندي هئي، انڪري مون وٽ به رانديڪا هئا پر ٿورا. پر مان ڪل وارن رانديڪن، جيڪي اسپرنگ واري موٽ تي ڏنديل گراڙيءَ سان ڦيٽن کي ڦيرائيندا هئا، تن مان تنگ ٿي پيو هئس. اٺن سالن جي عمر ۾ رانديڪن مان منهنجي دلچسپي ختم ٿي چڪي هئي. ٻي هڪ وندر اٽانگن وڻن تي چڙهڻ جي هئي. مان وڻن جي چوٽين تائين پهچندي خوشي محسوس ڪندو هئس. منهنجي چاچي محمد ابراهيم مون کي هڪ ننڍي اداڻي انچ ڦر واري ڪهاڙي ڏني هئي، جنهن سان آءٌ وڻ تي چڙهڻ جو رستو ٺاهيندو هئس. هاڻي مان سمجهان ٿو ته وڻ جي چوٽيءَ هيٺان ويهڻ ڇو ايترو وڻندڙ هو. دراصل وڻ پنهنجي ڇٽيءَ ۾ ۽ ان جي آسپاس پنهنجن پنن ذريعي ٻاڦ ۽ بخارن سان گهميل هوا پيدا ڪن ٿا، انڪري گرمين ۾ درجو حرارت گهٽجي ۽ سياري ۾ وڌي وڃي ٿو، جنهنڪري وڻ هيٺان ويهڻ ۾ فرحت اچي ٿي ۽ اجا به وڌيڪ مزو ان جي چوٽيءَ واري ڇٽيءَ جي هيٺان ويهڻ ۾ اچي ٿو، جتي درجو حرارت گهٽ ۾ گهٽ آهي، پر اُتي سج جي سڌيءَ روشني کان بچڻ گهرجي.

مامي نور محمد جي رانديڪن کي ڏسي مون پانيو ته سواءِ ڪلن وارن رانديڪن جي، مان ڪيترائي رانديڪا ٺاهي سگهيس ٿي. مون ڪاغذ ۽ بانس جي ڇيتن کي ملائي مختلف قسمن جا لغڙ ٺاهيا. مون ٽپال جي ٽاڪين (Cards) مان ڌاڳي وارا ٽيليفونَ به ٺاهيا. مان ڪاٺ جي ٽڪرن کي ڪوڪن سان ملائي مختلف شيون ٺاهي ٿي سگهيس. مٽيءَ جي رانديڪن کي گهرواريءَ چلهه ۾ پچائي به رانديڪا ٺاهي ٿي سگهيس. اَٺن - نوَن سالن جي عمر ۾ مون کي انهن سان به دلچسپي نه رهي هئي.

15 شعبان واري عيد آتشبازيءَ سان ملهائبي هئي. هندو دڪاندار سڪين گراهڪن کي مفت ۾ ڦٽاڪا ڏيندا هئا. ان موقعي لاءِ ڪنيار خاص ڏيئا ۽ ڏياٽيون ٺاهيندا هئا. مامون نور محمد آتشبازيءَ جا اسم دادو ۽ ٻين

هنڌن تان آڻيندو هو، جيڪي عيد جي ڏينهن تي دلچسپيءَ جو مرڪز بڻيا هئا. هن جو جهاز (Chandlier) يا ڏياتي سئي ۽ سيني ڪان وڏي هوندي هئي جنهن جي وچ ۾ 6-5 ڏيا هئس. تيل به ڏادو پرندو هيس. ٻار پنهنجا جهاز نمائش لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر ڪيندا هئا. جڏهن اهي تيل ختم ٿيڻ ڪري وسامڻ تي هوندا هئا ته وڏا ٻار خاص طور، جن جا پنهنجا جهاز نه هوند اهئا، سي ڏنڊن سان ٻين جون ڏياتيون ڀڃندا هئا. مون پهريون ڀيرو اهو محسوس ڪيو ته ٿهڪندڙ تيل مان ٻاهه لڳڻ ۽ سڙي پوڻ جو خطرو هو ۽ وري انهيءَ ۾ شامل نه ٿيس.

مون پکين ڦاسائڻ جون ڪوڙڪيون به ٺاهڻ سکيون. منهنجو پهريون پکين ڦاسائڻ جو تجربو ناڪام ٿيو. مون لئي جي اونڌي ڪاري ڪي هيٺان ڪانيءَ جي آڌر ڏني ۽ جڏهن ڪانيءَ ۾ ٻڌل ڏوريءَ کي ڇڪيو ته ڪارو ٻارنهن ڪن جهرڪين جي مٿان وڃي پيو، پر اهي سڀ ڪاري جي سوراخن مان نڪري ويون. ٻڙاج وهڻ کان اڳ پکي تمام ٿورا هوندا هئا. آڪٽوبر ۾ واهه بند ٿيڻ ڪانپوءِ مون گليليءَ سان پکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي پر مٽيءَ سان ٺاهيل گولا يا ڳوڙها اهڙيءَ رفتار سان نٿي ويا جهڙيءَ رفتار سان پکي اڏامي ٿي ويا. مون مڇي مارڻ جي به ڪوشش ڪئي، پر پاڻي لڙاٽيل هئڻ ڪري انهن جو ڳڌ ٿيڻ مشڪل هو ۽ شڪار جي انتظار ۾ گهڻو وقت لڳي ٿي ويو. انڪري مون چيو ته مڇي مارڻ واري ڏوريءَ (Fishing rod) جي هڪ ڇيڙي تي ڪلوئڙو (Hook) آهي ته ٻئي ڇيڙي تي بيوقوف (Fool). ڳوٺ ۾ بعضي جادوگر يا مداري به ايندا هئا. اهي ڪي پتن جون چالبازيون ڏيکاريندا ها. پولڙن جي چلتر تي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جي اهل به هوندي هئي. سڀ ڳوناٺا، سواءِ غريب پورهيتن ۽ عورتن جي اتي موجود هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪو فقير ڪاري يا پوري رڇ سان ڳوٺ ۾ ماڻهو وندرائڻ ايندو هو، پر اهي سڀ پينو هوندا هئا. ڪجهه پئسا وٺندا هئا ۽ سڄي زندگي غربت ۾ گذاريندا هئا.

اتفاق طور ڪنهن نانگن واري جوڳيءَ جو ڳوٺ ۾ اچڻ به مزي جهڙي ڳالهه هئي. گهورڙين، فقيرن، جوڳين، رانديڪن وارن باگڙين ۽ رملين وغيره کي گهٽين ۾ وڃڻ کان ڪا روڪ ٽوڪ نه هئي، ڇاڪاڻ ته عورتون انهن کان پردو نه ڪنديون هيون. جوڳين بابت ماڻهن جو خيال هو ته اهي نانگن کي ريجهائي ۽ نچائي سگهن ٿا. نانگ جي ڏپ کان جوڳين کي پنهنجن گهرن مان نانگ ڦاسائڻ لاءِ به چوندا هئا. جوڳي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين مرلي وڄائيندي، نيٺ هڪ نانگ ڪڍي آساميءَ (گراهڪ) کي حيران ڪندو هو. ڪن جو خيال آهي ته جوڳي ان مقصد لاءِ نانگ پاڻ سان کڻي ايندا آهن. جوڳين کي سڄو ڏينهن ڦرندو ڏسڻ به هڪ تماشي جهڙي ڳالهه هئي. سڀ ماڻهو جوڳين جي منڊ جا قائل هئا. مان جڏهن وڏو ٿيس تڏهن ڄاتم ته نانگن جا به قسم آهن. زهريلا ۽ بنا زهر وارا. زهريلا نانگ پورن يا جهريدار نيشن (Hollow grooved fangs) وسيلي زهر پچڪارين يا انجڪشن وانگر جسم اندر داخل ڪن جنهن سان ڪڪيل جو رت ڏيڳ (Clot) ٿي پوندو آهي يا نسون ۽ مشڪون شل ٿي وينديون آهن. زهريلي چڪ جي سڃاڻپ ننڍن ڪائڻ وارن ڏندن جي بدران ٻن وڏن گول نيشن سان ڪري سگهجي ٿي.

سنڌ ۾ به زهريلا نانگ ڪاريهر ۽ ڪپر آهن. پر چون ٿا ته هتي اڏامڪ نانگ به آهن، جيڪي وڻن يا مَنهن ۾ رهندا آهن ۽ شڪار ڪرڻ وقت سڌا ٿي اُڏامڻ جهڙي ڊنگ سان زمين تي لهن. اٺن سالن جي عمر ۾ منجهند جي ماني ڪائيندي ٻاهرئين بورچيخاني جي ڪکائين ڇت کان، هڪ نانگ مون تي يا ڇانورن جي ٿالهيءَ تي حملو ڪيو. مان رڙ ڪري پرواري گهر ڏانهن ڊوڙيس. بابي جو سوٽ ڳاجي، اُن جي پلاٽن سبڻ واري هٿيي سان هڪ وال ڊگهو سُوئو کڻي آيو ۽ نانگ جي پيٽ ۾ ٽنبيائين. سئي لڳل نانگ اڌ مئو هو. فتح جي نشان (نانگ) سميت هن اهو سُوئو واٽئي جي دڪان اڳيان زمين ۾ وڃي کوڙيو ته ڳوٺ جا ماڻهو ۽

ٻار اچي ڪٺا ٿيا. نيٺ هن هڪ هندوءَ جي چوڻ تي، جنهن چيو ته جيڪڏهن هو نانگ تي رحم نه ڪندو ته ٻيءَ زندگيءَ ۾ هو به نانگ ٿيندو، نانگ کي سواءِ وڏيڪ عذاب ڏيڻ جي هن يڪدم ماري ڇڏيو. گاجي فخر سان ماڻهن کي ٻڌائيندو هو ته هن اُڏامڪ نانگ مَاريو هو. نانگ وارن جوڳين جو هر هنڌ آدرڀاءُ ٿيندو هو ۽ سندن واسينگ نانگ فقير سمجهيو ويندو هو. پوءِ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ مون کي خبر پئي ته نانگ کي ڪن ڪونه ٿين ۽ ٻوڙا آهن، ۽ جوڳيءَ جي مرليءَ جي ڇرڻ سان نانگ پنهنجي حفاظت لاءِ ڦڻ ڇوري ٿو، نه ڪي آواز ٻڌڻ سان. ڪيترا دفعا مون ڪاني ڪٽي نانگ جي اڳيان هلائي ته هن پنهنجو متو به ساڳئي طرف ڇوريو. نانگ ڦاساڻ خطرناڪ عمل تي سگهي ٿو، پر چون ٿا ته جوڳي ان کي ڳچيءَ کان جهليندا آهن ۽ هن جي وات پٽڻ تي ان جي زهرواري ڳوٿري چاقوءَ سان ڪٽي ڇڏيندا آهن، تنهنڪري نانگ چڪ ته هڻندو آهي پر زهر هاري نه سگهندو آهي. چاچي ابراهيم کي ڪاري نانگ ڪکيو هو، جنهن کي هن پٽيءَ تي ماري وڌو، پر هو هميشه ڊنل رهندو هو. چوندو هو ته ان کي ضرور زال هوندي، جيڪا ڏپ تي مون کي ڳولي بدلو وٺندي. هو ملان هو، انڪري اٿين نه پيو چوي ته ان جي ڪا سنگتياڻي هوندي. سندس خيال ۾ مقدس ڪتابن جي حڪمن موجب آزاد ۽ جهنگلي جانورن جون ابدي شاديون ٿيل آهن. هن کي ڪکجڻ ڪري ڏاڍي تڪليف ٿي ۽ ڏس موجب ڪيس ججهو ديسي گيهه پياريو ويو ۽ پندرنهن ڏينهن بعد صحتياب ٿي ويو.

ڳوٺ ۾ جوڳين جو اچڻ سنو سمجهيو ويندو هو. هو ٻوڏي پڪشن وانگر گيڙو رنگ جا ڪپڙا پائيندا هئا. ڪي ڏاڍي سٺي مرلي به وڄائيندا هئا. هو خانه بدوش، پينو ۽ رملائي هئا. سندن عورتون ديناداستي دلربائي ڪنديون هيون. آريه قبيلن جي پڙهائيءَ واري سلسلي موجب 2 هزار 6 سؤ سال اڳ ۾، برهمڻ شاگردن جي نصاب ۾ نانگ منڊڻ جو طريقو

خصوصي مضمون طور شامل هو. ٻيو ڪم يوگ هو، جنهن ۾ خاص قسم جي رياضتن (Excercises) کانسواءِ جادو ۽ تصوف به سيکاربو هو ۽ اجا تائين اهو جاري آهي. ويدن جو مذهب رکندڙ جوڳي برهمچاري (اهي جيڪي جسماني يا ذهني طور جنسيات ۾ نه الجهن) هئا، يا اهي جيڪي دنيا ترڪ ڪري جبلن ۽ جهنگن ۾ رهن. ٻڌ مذهب ۾ وري جوڳين مان ڀڪشو ٿين. وقت گذرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ اُهي جوڳي ٿيا. جيئن ته هو اصلي رهاڪو آهن، انڪري سنڌي ثقافت ۾ اُسريل ڏسجن ٿا. آرين رڳو سندن نقل ڪيو. جيئن ته نانگ پوڄو هوندو آهي، انڪري اهو اورانگهڻ يا ڇيڙڻ کانسواءِ مضر نه آهي. سنڌي هاري سون جي تعداد ۾ نانگ مارين ٿا ۽ اهو نٿا سوچين ته اهي ڪئا، نوريئڙا، موش (Ro-dents) ۽ ڪيترن ئي قسمن جا جيت جيڪي پوکن لاءِ نقصانڪار آهن، سي کائن ٿا. اهي (نانگ) هارين لاءِ ڪارگر آهن، انڪري ڪين خبر هئڻ گهرجي ته ڪهڙا نانگ زهريلا آهن ۽ ڪهڙا بنا زهر وارا.

چاچو ابراهيم ڪڏهن ڪڏهن عجيب غريب ڪم ڪندو هو. هن هڪ ڪاريهر کي ڏک هنيو ۽ ان جو ڪنڌو ڀڳائين ۽ چيائين ته ”اها اُن ڪاريهر جي زال هئي، جنهن ڪيس سنگهيو هو ۽ ان کي ماريو هئائين. مان اُن کي قاتل پيو ڪريان ته مون سندس مڙس کي تڏهن ماريو هو جڏهن هن مون کي چڪ پاتو هو.“ ڪنڌي ڀڳل نانگ سري هلي نٿي سگهيو، تنهنڪري هن ان کي آٽي مال واري واڙي جي ڪنڌ ۾ رکيو ۽ مرلي آٽي ان کي نچائڻ تي گهريائين. ان کانسواءِ ڏيڏر ۽ ڪئا ماري به سندس اڳيان رکيائين. ويچاري نانگ سور جي ڪري ٿورو ڳاٽو مٿي ڪري مرليءَ جي نوڪ کان پاڻ بچائڻ جي ڪئي. سخت گرميءَ جا ڏينهن هئا ۽ نانگ وات گرميءَ جي ڪري به کولي نٿي سگهيو. شايد رات نرڻ تي شيون کاڌائين ٿي. مون ان کي گرم ڏينهن ۾ وات کوليندي نه ڏٺو. شايد گرميءَ ۾ سندس جسم شل ٿي ٿي ويو. نانگ

جي جسم جي شل ٿي وڃڻ تي منهنجي راءِ دراصل منهنجي پنهنجي تجربي تي ٻڌل آهي، ڇو جو مان اونهاري ۾ برجستائيءَ سان ڪم ڪري نہ سگهندو آهيان. مٿي ۾ سور پوندو آهي. بعض وقت ابراهيم لنڪن وانگر ٽنگون پيٽ تي رکي، هنڌ تي ليٽي پوندو آهيان، پر ان جو سبب معلوم نہ اٿم. جڏهن 1974ع ۾ رت جي دٻاءُ تپاسڻ جي ”چڪاس“ (Monitor) ورتيم، تہ سمجهہ ۾ آيو تہ اهو رت جي گهٽ دٻاءَ هئڻ ڪري پئي ٿيو، جنهن جي شڪايت مون کي ننڍپڻ کان هئي. 1957ع کان وٺي مان ڪڪڙ روز کائيندو آهيان، تنهنڪري رت جو دٻاءُ رسمي ٿي وڃڻ کپندو هو، پر ٿڌن ڪمرن ۽ ايئرڪنڊيشنڊ سواريءَ جي باوجود بہ مون لاءِ اُتر سنڌ ۾ اپريل کان جولاءِ تائين گرميون تڪليف ده آهن. بهرحال، هڪ رات اوچتو نانگڻ گم ٿي وئي. ياننجي ٿو تہ نانگڻ هاڻي ٺيڪ ٿي هلي وئي هوندي، چاڪاڻ تہ ان کي ڪتن وغيره کان بچائڻ لاءِ چاچي ڪنڊن وارو لوڙهو ڏيئي ڇڏيو هو. چاچي چيو تہ ”ڪابہ نانگڻ هاڻي مون کان وير نہ وٺندي، ڇاڪاڻ تہ ستن ڏينهن جي مهمان نوازيءَ دوران مون کيس کارايو، پياريو ۽ ساڻس سٺو سلوڪ ڪيو هو. هوءَ سيني نانگن کي ٻڌائيندي تہ اسين انهن جا خيرخواه آهيون. هو اسان جي ڪنهن بہ گهر ڀاتيءَ کي ڏنگ نہ هڻندي، جو اسين سيئي گهر وارا ان تي مهربان هئاسين.“

# رات جو آسمان ۾ نهارڻ

رات جو سج لٿي کان پوءِ بين ڳوٺن وانگر اسان جو ڳوٺ به اونده ۾ ٻڏي ويندو هو. فقط گهرن ۾ چلهين ۾ ٻرندڙ ڪاٺين جي روشني نظر ايندي هئي، جيڪا سياري ۾ بخاري جو ڪم به ڏيندي هئي. گهر جا ڀاتي چلهه جي چوڌاري تڏن تي ويهندا هئا ۽ بدن سيڪيندا هئا ۽ باهه جي روشنيءَ تي ماني به کائيندا هئا. اونهاري ۾ جيستائين چنڊ ڏسڻ ۾ ايندو هو ته ان جي روشنيءَ جو فائدو ورتو ويندو هو. ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪجهه ڪونه هوندو ته واڻ وارين کٽن تي ليٽي، تارن کي تڪبو هو. تمام ننڍي ڄمار ۾ مون کي فقط تارو ڏيکاري ان کي ڳولڻ سيکاريو ويو. مون کي ٻڌايو ويو ته ٻيا چار تارا آهن، جيڪي کٽ جا پاوا آهن. انهن مان ٻن پاون کي پنجوٽو وڌائجي ته اهي قطب تاري مان به لنگهي ويندا. تارن جو هڪڙو ٻيو ميڙ به هو، جنهن کي ”وڇون“ ڪري چوندا هئا ۽ ائين ٻيا تارا به هئا، جن جي نالن جي ڳوٺاڻن کي خبر هئي. مون کي زهره، مريخ ۽ عطارد بابت به سمجهايو ويو. ڳوٺاڻا تارن ۾ 15 منٽ ڏسي نيڪ وقت به ٻڌائي سگهندا هئا. ان جو مدار ٽورن ئي ڏينهن جي مشاهدي تي هوندو هو. اهي وقت جي ٻيٽ ريل جي اچڻ واري وقت سان ڪندا هئا. ٻيءَ مهاڀاريءَ کان اڳ ريل اڪثر پوري وقت تي ايندي هئي. ملان فجر واري ٻانگ به تارن کي ڏسي ڏيندا هئا. زمين پنهنجي محور ۾

سج جي چوڌاري ڦرندي آهي ۽ تارن جي تبديليءَ سان ان جو رخ مدار طرف پيو تبديل ٿيندو آهي. ائين انهن جي اڀرڻ ۽ غروب ٿيڻ جو وقت تبديل ٿيندو رهندو آهي. پر اهي سادا ماڻهو رات جي ڏيگهه کي ڇڏي، فقط رات جو وقت ٻڌائي سگهندا هئا.

# هوندا! تون ڳئون‌ءَ جو گوشت کائيندين؟

مان پنجن سالن جو به نه ٿيو هئس، جڏهن پنهنجي ڳوٺ جي هڪ هندو دڪاندار کي، پنهنجي گهر جي پرواري گهر مان مکڻ توريندي ڏٺو هيم. انهيءَ گهر مان غلام رسول، جيڪو مون کان اٽڪل نوَ سال وڏو هو، تنهن مون کي چيو ته دڪاندار کي چئو: ”هوندا! تون ڳئون‌ءَ جو گوشت کائيندين؟“ ۽ مون ائين چيو. هوندي تارازي ڦٽي ڪري مون ڏانهن ڪاوڙ ۾ نهاريو. مان ڊنس ۽ غلام رسول وارن جي گهر جي لوڙهي ڏانهن ڊوڙيس پر اڳتي جاءِ نه هئي ۽ ڪنڊا لڳم. ڪيس مون تي رحم آيو. هن مون کي کنيو ۽ لوڙهي جي ڪنڊن مان ٻاهر ڪڍيائين ۽ چيائين ”اڳتي ائين نه چئجانءِ.“ ان کان پوءِ مکڻ وٺڻ لاءِ هو اسان جي گهر آيو ته نه جاڻ چو، مان آن جي ڳُنڊين جي پٺيان وڃي لڪس. جڏهن هو ويو، تڏهن امان مون کي چيو ته ”هو هندو آهي. هندو ڍڳيءَ کي ماءُ وانگر پوڄيندا آهن. هنن لاءِ ڍڳيءَ کي ڪهڻ ۽ ان کي کائڻ ائين آهي، جيئن تون مون کي ماري منهنجو ماس کائين.“ مان ڏکي ويس. مون معافي وٺڻ گهري ٿي. مون پنهنجي چاچي کان معافي وٺڻ سکي هئي، جيڪو سندس شين سان راند روند ڪرڻ جي پاداش ۾ مون کي پيرن تي هٿ رکرائي ٻانهون ٻڌرائي بيهاريندو هو. سو آءُ ديوان جي دڪان جي ٻاهران وڃي بيٺس، ۽ جڏهن هوندو ٻاهر نڪتو، سندس پيرن تي هٿ رکيم ۽ ٻانهون ٻڌي هن جي اڳيان ٿي بيٺس. هن يڪدم مون کي کڻي سيني سان لڳايو ۽ مون

ڪي ڪيترين ٿي شيون ڪاٽڻ لاءِ ڏنيون ۽ چيائين ”هاٿي تون سنو چوڪرو آهين، پر غلام رسول شرير آهي، جنهن توکان اهي لفظ چورايا.“

اهو ٻين مذهبن جي احترام ڪرڻ جو پهريون ۽ اهم سبق هو. ان وقت کان وٺي ڪنهن مذهب جي بي حرمتي ڪرڻ مون لاءِ ماءُ کي مارڻ ۽ ان جي ماس ڪاٽڻ برابر آهي. مون ننڍي لاڪون سڀ مذهب پڙهيا، انهن جي حرمت سکي ۽ مناسب اپياس ڪيو.ڪنهن به مذهب جي مڃيندڙ مرد يا عورت سان مون مذهب جي بنياد تي نفرت نه ڪئي آهي. مون اهو به ڏٺو آهي ته ڪنهن به ملڪ ۾ پراڻا مذهب ختم نه ٿيا آهن، پر انهن صورت بدلائي آهي.نئون مذهب پنهنجي بقا لاءِ پراڻن مذهبن جا اڪثر عقيدا ۽ رسمون قبول ڪري، پاڻ جذب ڪري ٿو. ان ۾ ماڻهن جي ذهنن ۾ دٻيل سڀ وسوسا شامل ٿين ٿا.

مون قرآن شريف جا ڪيترا ترجما ۽ شرحون به پڙهيون آهن. مون ميٽر هاءِ اسڪول ۾ ٻين مذهبن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهڻ شروع ڪيو. مون مهاڀارت، رامائڻ، گيتا، پراڻن، اُپنشدن ۽ ويدن جا سنڌي ترجما، فلسفي ۽ ڏاهپ جي تلاش ۾ پڙهيا ۽ مڙني ۾ ڪم جون نصيحتون آهن. اهي هندن جا ڪتاب مون کي آئل مل پٽ ويڙهو مل موٽواڻي، جو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر لولومل جو ڀائٽيو هو، ان جي مدد سان مليا هئا ۽ هو منهنجو گهرو دوست هو. اسان جي دوستيءَ جي خلاف ڪي ڪٽر هندو ۽ مسلمان شاگرد به هئا، پر اسين ٻئي انهي طرف لاغرض هئاسين. مون مرزا قليچ بيگ وارو انجيل جو سنڌي ترجمو به پڙهيو. ڪاليج واري وقت ۾ مون توريت ۽ زبور، زرتشت، ٻڌمت ۽ تنتري نظريا به پڙهيا. قديم مذهبن کي سمجهڻ لاءِ مون (مذهب ۽ جادو) Religion and magic (مذهب ۽ سائنس ۾ تضاد) Conflict between religion and science به پڙهيا. مون Thinkers library جون اڪثر اشاعتون به ڪنيون ڪيون ۽ پڙهيون. بهرحال منهنجي سمجهه ۾ چڱيءَ طرح ڳالهه تڏهن آئي، جڏهن

مون 53-1952ع ۾ آمريڪا جي وسڪونسن يونيورسٽي مان ائگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪرڻ وقت "علم الانسان" (Anthropology) جو اڀياس ڪيو. اُن ۾ منهنجي هڪ دوست نارما ڊايامنڊ جو وڏو هٿ هو ۽ آخر ۾ هن پروفيسر اميريٽس جي حيثيت ۾ مشيگان يونيورسٽي مان رٽائر ڪيو. انهيءَ موضوع منهنجي لاءِ ٻي دنيا پيدا ڪري ڇڏي ۽ مون ان تي اڄ تائين به ڪافي ڪم ڪيو آهي.

ماڻهو جيڪو مجين ٿا سو ڪن ٿا، اها جدا ڳالهه آهي: پر اقتصاديات اهڙو سگهارو عنصر آهي جنهن لاءِ ماڻهو مذهب کي پنهنجن ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ تبديل ڪري ٿو. مثلن نيپال جا ٻُڌ ماڪي ان ڪري ڪونه کائين چاڪاڻ ته مکيون اها ماکي پنهنجي سياري جي خوراڪ لاءِ ڪٺي ڪنديون آهن. پر ماکي لاهي هندن کي وڪڻن، ته اهي وچي گناهه ڪن ۽ ٻيءَ جوڻ جو عذاب ڀوڳين. هندو ڳائو گوشت ڪونه کائين پر اهي ڳائو مال سرحد پار چوريءَ پاڪستان ڏانهن اماڻين، جتي مسلمان کائين. پر سنڌ جي گئوشالائن ۾ به ساڳي حالت هئي. ميهڙ ۾ به گئوشالا هو، جنهن لاءِ منهنجي هندو ڪلاسين ٻڌايو ته "ڪيترا ساسي اچن ٿا پر انهن جو تعداد نٿو وڌي، ڇو جو چوڪيدار رات جو اونداهيءَ ۾ اهي مسلمان ڪاساين کي وڪڻيو ڇڏين!" مون ان ڳالهه جي تصديق ڪانه ڪئي. ڪي سنڌي هندو ٻڪري، رڍ، ڪڪڙ جو گوشت کائيندا هئا، پر گناهه سمجهي انهن کي کهندا ڪونه هئا. اهو گناهه نيچ ذات وارن (اڇوتن) تي ڇڏيو ويو هو. پراڻو مذهب جيڪو هنن ڇڏيو هو، ان جي اثر ڪري مسلمان هوندي به سنڌي ۽ پنجابي، ،هندو ۽ مسلمان، ڪاساين کي ڌڪاريندا هئا. ڇهين صدي عيسويءَ ۾ چيني سيّاح هيون سانگ، سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻڌن کي جانور کهي کائيندي ڏٺو. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ يا ڪاڇي ۽ ٿر واري بياباني علائقن ۾، جتي پاڻيءَ جي کوٽ سبب سڄو سال ڀاڄيون ڪونه ٿين، اتي جا ماڻهو ٿوريءَ برسات تي ٿيندڙ چراگاهن

تي مال پالين، کهن ۽ کائين. اتي سبزي خور رهڻ مشڪل آهي، انڪري ماڻهو پابندين جو خيال ڪونہ ڪن. سنڌ جا مسلمان جهنگلي سوئر ۽ ٻيا جانور جي فصل تباهہ ڪن، تن کي پاڻ مارين يا باگڙين هٿان مارائن، جي سنڌ جا قديم غير مسلم قبيلا آهن ۽ جي سوئر، سيڙهہ، گدڙ ۽ ٻيا جانور شڪار ڪن، مارين ۽ کائين. هندو توڙي مسلمان هاري انهن جانورن جي شڪار کي همٿائين ٿا، تہ جيئن فصل جو نقصان نہ ٿئي. هاءِ اسڪول ۾ شروعاتي پڙهائيءَ وقت معلوم ٿيو تہ ٻين ملڪن ۾ ڪي ماڻهو انهن جانورن کي کائيندا آهن پر کين ڪوبہ ڪجهہ ڪونہ ٿو چئي.

# مان رڳو ڦلدار وڻ پوکيندس

ڳوٺ ۾ وڻ ڪونہ هئا. ڳوٺ وڏيو تہ پراڻو واھہ بہ ڳوٺ جو حصو ٿي ويو ۽ ان تي ڇانوَ وارا وڻ پوکيا ويا هئا. اسان جي گھر جي پر ۾ هڪ خالي پلاٽ هو پر اهو ڪلراٺو هو. انڪري بابي ان ۾ ڪڏا کوٽي، انهن ۾ واھہ جي ڪناري واري لَٽَ واري مٽي پري، انهن ۾ وڻ پوکيا ۽ سوءَ کن فوٽن تي واقع واھہ مان ڏولن سان پاڻي ڏياريو. ڇاڪاڻ تہ هو پاڙي واري گھر جي احاطي يا وري سوڙهي گهٽيءَ مان اڌ وهائي نہ ٿي سگھيو. ڪيس اها خبر نہ هئي تہ زمين ۾ رکي پاڻيءَ ڏيڻ جي ڪري ڪڏن ۽ پاسي واري زمين ۾ ڪلر جي ادلي بدلي ٿيندي ۽ ڪڏا ڪلر تي ويندا آهن. سندس محنت اجائي وئي، پر مون کي سڌ آهي تہ هن انب، ٻير ۽ ڪي سائيدار وڻ پوکيا هئا.

انهن ڏينهن ۾ جڏهن آءٌ پنجن سالن جو هئس، منهنجو ڏاڏو مون کي پنهنجي زمين تي وٺي ويو، جتي سارين جو رونبو پئي هليو. مون اهو ڏٺو ۽ راند طور رونبو ڪرڻ گهريم. ڏاڏي مون کي 5x5 فوٽن جيتري ڪنڊ ۾ رونبي ڪرڻ لاءِ چند مراهيون ڏنيون ۽ ان جو طريقو سمجھايو. مان اهو سٺيءَ ريت ڪري نہ سگھيس ۽ جڏهن ٻني تي ٻيهي ڏٺم تہ مون کي لڳو تہ مان ان ڪم جي لائق نہ آهيان. ٻن هفتن بعد ڏاڏو مون کي اتي وٺي ويو ۽ منهنجو ڪيل ڪم ڏيکاريائين. مون ڏٺو تہ ٻيجو پوري وٿيءَ تي روتل هو ۽ سائو ٿي ويو هو. سمجهيم تہ اهو منهنجو ڪمال نہ هو پر

ڪنهن تجربيڪار ماڻهوءَ جو ڪارنامو هو ۽ مون کي خواهہ مخواهہ خوش ڪيو پئي ويو. مون ڪجهہ ڪونہ ڪچيو، پر سوچيم تہ مان پوک نہ ڪندس، چاڪاڻ تہ مان ان جي اهل نہ هئس. منهنجي والد جا پوکيل انب ۽ ٻير سليا، پر مون اهو ٻڌو تہ نيٽ ڪلر جي ڪري سڙي ويا. مان انب ۽ ٻير پسند ڪندو آهيان، انڪري مون پاڻ سان وچن ڪيو هو تہ مان وڻ پوکيندس، جن کي بعد ۾ رکو پاڻي ڏيڻو پوندو. مون کي سڌ هئي تہ بابو پنهنجي پيداوار مرچو مل کي ڏيندو هو، جيڪو بہ ٻير ۽ انب وڪڻندو هو ۽ مان ان کي ميوو وڪري لاءِ ڏيندس ۽ وڻ جي چانو ۾ ويهي راند ڪندس. تنذي لاڪونءَ جي انهيءَ ارادي، مون کان 1964ع ۾ سؤ ايڪڙ زمين خريد ڪرائي ۽ مون ٿوري گهڻي ڪاميابيءَ سان پاهران گهرايل ڪيترا نوان ميوا پوکي متعارف ڪرايا، جن مان ڪي خاص هي آهن:

1. ليچي (Lychee)
2. لونگن (Longon)
3. آڙو (Peach)
4. آلوبخارو (Plum)
5. انگور (Grapes)
6. گريپ فروٽ (Grape fruit)
7. جوجوبا (Jojoba)
8. چيني ٻير، جيڪو آگسٽ ۾ لهي ٿو.
9. ڏاڙهون (Pomegranate) (سرخ رنگ وارو)
10. صوف (Apple)
11. ڪِئي صوف (Kei apple) (ڏکڻ آفريڪا جو کٽو صوف)
12. ڳاڙهو زيتون (Red guava)
13. تهيٽي ليمون (Tahiti Lime)

14 . انب جا 30 نوان قسم جي مون ککڙين مان پيدا ڪيا.
15 . گيھہ پيدا ڪندڙ بادام (Simaruba Glauca)

انبن ۾ ليچيءَ کان پوءِ، جيڪي 1965ع ۾ لڳايا هئم، باقي سڀ 1988ع کان 1992ع تائين لڳايم. حيرت اٿم تہ منهنجي بار بار آڇ ڪرڻ کان پوءِ بہ 2006ع تائين ڪنهن بہ زميندار انهن مان ڪوبہ ٻوٽو نہ لڳايو. ڪيترن ئي سٺن زميندارن کي مون ڪيتريون چڪيون مفت ۾ ڏنيون. ٻين آبادگارن جي ٻوڪيل انبن جي قسمن جي فهرست ڏسبي تہ ساڳي هوندي، جنهن جي سفارش زراعت کاتي گذريل صديءَ جي 50ع واري ڏهاڪي ۾ ڪئي هئي. سنڌ جو مشهور انب سنڌڙي ۽ ٻيا انب 1908ع ۾ ميرپورخاص ۾، ڪوانٽمبور (ڪارالا اسٽيٽ هندستان) کان آندا ويا، پر مختلف نالن جي لسٽ سرڪاري فارم تان گم ٿي وئي! ۽ ٻيهر ساڳيون جنسون 1937ع ۾ آندائون. اصل نالو "سنڌوڙا" هيس پر سنڌ ۾ هن جو نالو بدلائي "سنڌڙي" رکيو ويو.

اسان جي قوم ڪيتري نہ پنٽي پيل آهي! پاڪستاني زراعت جو الميو اهو آهي تہ قيمتن کي هٿي ڏيڻ جي نالي ۾ زرعي جنسن جون قيمتون پنهنجي وس رکي، آبادگارن جي ڪير ڪونہ ٿو ٻڌي ۽ ڪوبہ ماڻهو زراعت مان خوشحال زندگي نٿو گذاري سگهي. سن 1947ع کان ڪٽڪ جي قيمت نہ وڌايائون ۽ جڏهن قيمت ڪري وجي بين الاقوامي قيمت جو 42 سيڪڙو ٿي تڏهن وري ٿورڙي وڌايائون. هينئر في مڻ قيمت 415 روپيہ ڪئي وئي آهي پر ٻاهران 600 رپيا في مڻ ۾ گهرائي وڃي ٿي! گذريل 55 سالن کان ائين ئي پئي ٿيو آهي. آبادگارن جي دانهن ڪو ڪونہ ٿو ٻڌي. نالي ماتر زرعي تنظيمون چند سياستڪارن جي اثر هيٺ آهن، جيڪي انهن کي پنهنجي فائدي لاءِ ڪم آڻين ٿا. ڏک اهو آهي تہ آبادگارن ۾ وچون طبقو ڪونهي ۽ سياسي زميندارن ننڍن آبادگارن، هارين ۽ ٻوڪ ڪندڙن کي زير ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت

ننڍا زميندار فصل مان ڪو خاص فائدو وٺي نٿا سگهن ۽ زمين پيا وڪرو ڪن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو ٻاهران ڪمپنيون اينديون ۽ زمين آباد ڪنديون ۽ سنڌن ملڪ جون حڪومتون انهن کي صحيح اگهه وٺي ڏينديون. اسان جي حڪومت کي اهو معلوم ناهي. ۽ ان طريقي سان اسان جي زمين ٻاهرين جي قبضي ۾ ايندي ۽ اچي به رهي آهي.

# مخدوم بلال تي ڪتابن جو دڪان

مخدوم بلال دادو ضلعي جو تمام قابل احترام صوفي بزرگ هو، جنهن کي شاهه بيگ ارغون، ٺٽيءَ ۾ گهاڻي ۾ پيڙايو، جتان جنازو آڻي سندس اباڻي ڳوٺ باغبان ۾ دفن ڪيو ويو. هن وصيت ڪئي هئي ته سندس قبر مٿان ڪابه اڏاوت نه ڪئي وڃي. 466 سالن تائين، سندس وفات (1522ع) بعد به، نه مٿس ڪا اڏاوت هئي، نه مزار جي پرستش، نه راڳ نه ناچ، نه ملاڪڙو، سواءِ ماهوار اجتماع ۽ وعظ، دڪانن ۽ بازار وغيره جي. وارهه تعلقي جي زميندار محبوب علي وڳڻ 1930ع واري ڏهاڪي ۾ اتي هڪ عاليشان مسجد جوڙائي. قمري مهيني جي هر پهرينءَ خميس ۽ جمعي جي وچ واريءَ رات اجتماع ٿيندو آهي. هي ماڳ اسان جي ڳوٺ کان سِڌ ۾، ڇئن ميلن ۽ رستي سان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي. اسان جي ڳوٺ جا ڪي ماڻهو جهنگ ۽ ٻنين مان سڌو رستو استعمال ڪندا هئا، پر گهڻين پوکن ٿيڻ جي ڪري اهو رستو بند ٿي ويو آهي. مخدوم صاحب جي قبر تي مقبرو ڪونه هو پر سندس پوٽلڳ ڄام نظام الدين ننڍي واري جي مقبري تي به گنبذ نه آهي. هن وقت هڪ چوديواري آهي جا ڪعبت الله وانگر ساڳيءَ ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائيءَ واري آهي. ٺيو ائين جو حسن پنهور جمعدار، جيڪو ڇوي ٿو ته هو هن بزرگ جي دعا سان خوشحال ٿيو آهي، تنهن سائين جي.ايم.سيد جي ڪٿنب، جيڪي به مخدوم صاحب

جا معتقد آهن، جي اعتراض جي باوجود بہ، 1988ع ڌاري مزار مٿان مقبرو اڏرايو.

اٺن سالن جي عمر ۾ مان پنهنجي مامي نور محمد سان گڏجي ميلو ڏسڻ ويس. اسان پاڻ سان منجهند، رات جي ماني ۽ نيرن بہ کڻي وياسين. مون کي وقتي قائم ڪيل بازار ۽ مولوي محمد سليمان نوناريءَ ترڙي محبت واري ۽ مولوي قمرالدين شڪارپوريءَ جي فصيح ۽ بليغ وعظ ٻُڌڻ جي ڪري نہ، پر مسجد جي ٻاهرئين دروازي جي اندران اُس ۽ برسات کان محفوظ ۽ گولن سان روشن ڪيل ڪتابن جي دڪانن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. انهن کي مسجد جي حدن اندر اجازت انڪري مِلي ٿي، جو اُتي قرآن شريف، حديث، تفسير ۽ ٻيا مذهبي ڪتاب رکيل هئا. ان ڪانسواءِ هنن پوکر داس اينڊ سنس شڪارپور واري، سکر ۽ ڪراچيءَ جي ٻين پبلشرن جا ڇپايل سنڌي ڪتاب پڻ وڪيا. انهن پبلشرن بہ اُتي ساڳي خدمت سر انجام پئي ڏني، جا هن وقت سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي ۽ ٻيا ڪي ادارا ڪري رهيا آهن. ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ ڪتاب فرش تي وڇايل گلمن تي رکيل هئا. منهنجي مامي ۽ مون هڪ هڪ ڪتاب وٺي دڪاندار وٽ جدا ڪرائي رکيا ۽ اهي ڪانئس صبح جو کڻڻ لاءِ چيوسين. نون گراهڪن هئڻ جي ڪري هنن اسان کي ڪي ڪتاب ڏسڻ ۽ پڙهڻ جي اجازت ڏني. مون کي ياد آهي تہ مون بہ ڪتاب "علي بابا ۽ چاليهہ چور" ۽ "علاءُالدين ۽ جادوءَ جو چراغ" هن جي ڪتابن مان کڻي راتورات پڙهي ڇڏيا. صبح جو مون "ڏاهرين جون ڪهاڻيون" ڪتاب کنيو ۽ ان جي ڇهہ پئسا قيمت ادا ڪيم. چند مهينن تائين مون پانيو ٿي تہ اهي ڪهاڻيون سچيون هيون ۽ رٿيم تہ ڪنهن ڏينهن ايران وڃي علي بابا وارو خزانو هٿ ڪندس، پر سُڻت ئي اهو ڄاڻي تہ اهي ڪهاڻيون بنهہ فرضي هيون،ڏاڍو ڏڪارو ٿيس. اهي ڪهاڻيون ايتريون تہ اثرائتيون هيون، جو مون "عريبين نائيٽس" (الف ليليٰ) سنڌي ترجمي

جا چار جلد مامي محمد صالح کان وٺي پڙهيا. ڊسمبر 1971ع واري جنگ دوران آءٌ ٽن هفتن تائين ڪوئٽا ۾ بي يارو مددگار رهيس، جتي مون هڪ دوست وٽ ”عريبين نائيٽس“ جو انگريزيءَ وارو، رچرڊ برٽن جو 16 جلدن تي مشتمل ترجمو ڏٺو، جن مان مون هڪ هڪ ڪري سڀ پڙهيا. چون ٿا ته ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ جي لحاظ کان هي ترجمو اصل عربي ڪتاب کان به سٺو آهي. برٽن جڏهن زناني جسماني خوبصورتي ۽ نفاست، گفتگو ۽ انداز، هارسينگار ۽ ڳهڻ ڳٺن وغيره ۽ مرداني قوت بيان ڪري ٿو ته فحاشيءَ جون حدون به اورانگهي وڃي ٿو، جيڪا ڳالهه مختصر سنڌي ترجمي ۾ بلڪل نٿي ملي. ٿوري ئي عرصي بعد ياڳن سان مون ڪي اُهي سورنهن جلد لنڊن مان هٿ آيا ۽ مون محفوظ ڪري ڇڏيا.

پهرئين دفعي کان پوءِ مان ٻن سالن تائين مخدوم بلال تي، هر ٻئين ٽئين مهيني ويندو رهيس ۽ انهيءَ دوران مان جيتري به کيسي جي خرچيءَ مان بچت ڪندو هئس، سا سڀ ڪتابن تي خرچ ڪندو هئس. 1935ع ۾ جڏهن آءٌ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويس ۽ منهنجي رسائي گهٽڻ ڪتابن تائين ٿي ته پوءِ مخدوم صاحب تي وڃڻ ڇڏي ڏنم. بهرحال به پيرا جي. ايم . سيد کي ٻڌڻ ۽ پنهنجي دوست فقير محمد، جيڪو تڏهن باغبان ۾ استاد هو، کي ڏسڻ لاءِ ويس. ان ٻاراڻي عمر کان وٺي نفسياتي لڳاءَ سبب مون ڪتابن جي خريداريءَ کي زندگيءَ جي ٻين شين جي خريديءَ تي ترجيح ڏني ۽ هن پيرسنيءَ تائين اها جاري آهي. مون ڪتابن کي سنيالڻ پنهنجي ماءُ کان سکيو، جيڪا بابي جا ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ پيل ڪتاب مقرر وقتن تي صاف ڪري، وري سَٽي سنيالي رکندي هئي. انهن ڪتابن جا جُلدَ چمڙيءَ جا، ٻنهي پاسي پڪا ۽ ٿلها پاٺا، جن تي گلدار نموني وارو ڪپڙو چڙهيل هوندو هو. هوءَ هڪ هڪ ڪري ڪتاب صاف ڪندي هئي ۽ هر هڪ کي هٿ ۾ جهلي، اکين تي رکي، چمي ساڳئي هنڌ رکندي هئي. چاڪاڻ ته پيتي ڪتابن سان پريل

هوندي هئي، انڪري انهن کي سنيءَ ترتيب ۾ رکڻو پوندو هو ته جيئن پيتيءَ جو ڍڪ سولائيءَ سان اچي سگهي ۽ ڪتابن کي نقصان نه رسي. ڪتابن ۾ نم جا پن وجهندي هئي ته جيئن انهن کي اُڌوهي نه لڳي. آءٌ ڪتابن جي ڪپڙن ۾ بورڪ ائسڊ وجهندو آهيان، جنهن سان به ساڳيو ڪم ٿيندو آهي. ڪتابن جو احترام، رکڻ ۽ سانڍڻ مون والده کان ۽ گڏ ڪرڻ پنهنجن ٻن مامن ۽ پيءُ کان ۽ گهڻو پڙهڻ پنهنجي مامي محمد صالح کان سکيو. بهرحال اصولن کي عملي صورت ڏيڻ منهنجي پنهنجي ڪوشش هئي، جيڪا منهنجي پڙهڻ، سوچڻ، مشاهدي، تجربي ۽ ناڪاميءَ جي حالت ۾ بعد ۾ ورائي ورائي ڪوشش ڪرڻ جو نتيجو هئي. آءٌ ائين نٿو قبول ڪريان ته يورپ ۽ آمريڪا وارا جيڪي سائنس جون ڪوجنائون ڪن ٿا، سي اسين نه ڪري سگهنداسين. علم ڪتابن ۾ آهي. اسان وٽ اُهي ڪتاب هجن ۽ ساڳيون ليبارٽريءَ جون سهولتون هجن ته اسان وٽ اهڙا ماڻهو آهن جي ڪاميابيءَ سان ساڳيا ڪم ڪري سگهندا. منهنجي والده مذهبي ڪتاب جهڙوڪ قرآن شريف، حديث، تفسير ۽ خطبا وغيره ڇت ۾ ٺنگيل وڏن ۽ سينگاريل ڇڪن تي رکندي هئي. اهي پاڪ هئا، انڪري ڪمري ۾ هلندڙ ڦرندڙ ماڻهن جي مٿن کان مٿي هئڻ گهربا هئا. مان اڃا تائين سڀني مذهبن جا ڪتاب گهٽ ۾ گهٽ ست فوٽ اوچن خانن تي رکندو آهيان، حالانڪه مان اهي ورلي پڙهندو آهيان. مان فارسي پڙهي سگهان ٿو ۽ اٽڪل 105 تاريخون فارسيءَ ۾، انهن مان ڪن جا ترجما، جن ۾ سنڌ جو ذڪر آهي، اهي سڀ محض پنهنجي والده جي يادگيريءَ طور، جيڪا منهنجي والد جا ڪتاب سانڍيندي هئي، اٽڪل ڏهه فوٽ مٿي ڇڄن تي رکيل آهن.

هن وقت 2006ع تائين مون وٽ 50 هزار ڪتابن جو ذخيرو هيٺينءَ ريت موجود آهي:

(1) افسانوي ادب کان سواءِ "سنڌ" تي ڪتاب، 15,000

(2) ميون، فصلن ۽ زراعت تي ڪتاب ۽ جرنل،16,000
(3) انجنيئرنگ ۽ ماحوليات تي ڪتاب ۽ ٽيڪنيڪل رپورٽون،18,000
(4) جنسي نفسيات تي، 1,000
جملي 50,000 ڪتاب

منهنجي زال فرزانه پنهور جا بايو ٽيڪنالاجي، ماحوليات، جينيٽڪ انجنيئرنگ، فارم ڪيميڪلس ۽ ڪمپيوٽر وغيره تي جملي 13000ڪتاب آهن. هن وقت اسان پنهي وٽ ڪُل 63،000 ڪتاب موجود آهن.

چئن ڪمرن اندر (ٻه ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻه حيدرآباد ۾) اهي ڪتاب ڇت تائين گهوڙين مٿان ترتيب سان رکيل آهن، جيڪي اڳتي هلي سڀ هڪ "وقف" جي ملڪيت هوندا، جيڪو مون ۽ منهنجي زال ۽ چئن پٽن قائم ڪيو آهي. وقتي ڪجهه ڪتاب رکڻ جي جاءِ نه هجڻ جي ڪري چورائجي به ويا آهن، ۽ ڪيترا پيرا مون مختلف لئبررين کي ڏئي پئي ڇڏيا آهن. ڪن چوري تي ويل ڪتابن جو پورائو انهن ڪتابن جي ٻئي ڇاپي جي خريداريءَ سان پئي ڪيو آهي. آڳاٽا شايع ٿيل اصلي ۽ شروعاتي ڇاپا ياد ڪري مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي.

جيڪڏهن مان 150 کان وڌيڪ فرعونن، جن 3000 ق.م کان 500 ق.م تائين، 2500 سال مصر تي حڪومت ڪئي، تن مان هڪ هجان ها ته وصيت ڪريان ها ته قبر ۾ ڪتابن جو اهو قيمتي ذخيرو ساڻ رکيو وڃي. پر هينئر جي مون کي چئجي ته ائين نه ڪندس، ڇو جو اهي مان تازو "ايم ايڇ پنهور ٽرسٽ" ۽ پنهنجي زال فرزانه لاءِ ڇڏيندس، جيڪا پڻ ايترو ئي پڙهي ٿي، جيترو مان. ۽ پوءِ هوءَ اهي ڪتاب "وقف" کي ڏيندي، جيڪو ان کي استعمال ڪري سگهندو. 1972ع ۾ اسان وٽ 3000 هزار ڪتاب هئا پر گذريل 33 سالن ۾ اسان دنيا جي جنهن به

پاسي ويا آهيون تہ فرزانہ جي ترجيح ڪتاب گهر ڏسڻ ۽ اتان پنهنجي پسند جا ڪتاب خريد ڪرڻ رهي آهي. جڏهن بہ اسان يورپ، اتر آمريڪا يا آسٽريليا جي سفر تان ٽي موٽياسين، تڏهن اسان ٻئي ڪتابن جا پريل 20 ڪلو گرام جيترا ٿيلها ڪلهي تي کڻي ٿي آياسين ۽ ٻيا بہ پيتين ۾ بند ٿيل علحده ايندا هئا. ائين نندپڻ جو لڳاءُ، باقي زندگيءَ تائين اثر انداز رهي ٿو.

# منهنجي ڏاڏي جي پوکي راهي

زرعي انقلاب (Green Revolution) کان اڳ پوکي راهي هر لحاظ کان پرجهلائو هئي. پهرين سيپٽمبر 1942ع تي منهنجي ڏاڏي جي وفات وقت، سنڌ ۾ 40 لک ايڪڙ زمين واهن تي آباد ٿيندي هئي، جنهن مان نہ رڳو 40 لک ماڻهو پلبا هئا پر ڪيهہ، ڪٽڪ ۽ چانور پڻ ڪافي مقدار ۾ ٻاهر بہ موڪلبا هئا. سنڌ، هندستان جي صوبن ۾ ”اناج جو گدام“ (Grainary) سڏبي هئي. پيداوار بہ گهٽي هئي. سڳداسي چانور اڪثر ايڪڙ مان چاليهہ مڻ لهندا هئا. اسان جي ڳوٺ جي پرپاسي ۾ ٿيندڙ وونٽڻ 37.3 ڪلوگرامن وارا 20 مڻ يا 750 ڪلوگرام ڦٽيون في ايڪڙ جي حساب سان لهنديون هيون. هن وقت مڻ ۾ 40 ڪلوگرام آهن پر اڳي 40 سير هوندا هئا، جي 37.3 ڪلوگرام جي برابر هئا. هن تبديليءَ جي ڪري واپارين ڪيترا ئي سال آبادگارن سان تور ۾ 7.24 سيڪڙو دوکو ڪيو، پر ٻڌڻ وارو ڪو ڪونہ هو. پليءَ زمين مان 20 مڻ في ايڪڙ ڪٽڪ ٿيندي هئي، پر جيڪڏهن سڄي صوبي کي انهيءَ حوالي سان ڏسجي تہ ان جي پيداوار اڌ جيتري هئي. 1933ع بعد بابو ۽ ڏاڏو اهي ٽي فصل پوکيندا هئا. واهن کان اڳ هو رڳو سڳداسي ساريون ۽ ربيع ۾ مٽر، چڻا ۽ تيلي ٻج ڪندا هئا، جن جي هو سارين جي لاباري واري وقت ڇَٽ ڪندا هئا.

منهنجو ڏاڏو مينهن جي واڙي مان ڇيٽا گڏ ڪري اُس ۾ سڪائي هڪ

مٿاهينءَ جاءِ تي ڏير ڪرائيندو هو، جنهن تان مينهن جو پاڻي يڪدم وهي وڃي. ان ڀاڻ سان اولڙو به ملائبو هو. سارين جي ٻيجاري پوکڻ لاءِ مال جي ڀاڻ ڏيڻ جو رواج هو. ڇهه کان آٺ انچ ڀاڻ جو تهه ڏيئي ان کي ٻاهه ڏبي هئي. انچ ٻن جيتري رهجي ويل رک ۾ ٻج ڇٽي مٿان پاڻي ڏبو هو. ٽن کان پنجن هفتن اندر اهو ٻج 12 کان 15 انچن جيڏو ٿي ويندو هو ۽ پوءِ رونبو ڪبو هو. ڏاڏي، بابي ۽ چاچي ٻڌايو هو ته ڳوٺ ۾ ٻيجاري واري ٻنيءَ جي وچ ۾ ويهارو کن ايڪڙ غيرآباد زمين پيل هئي، جتي آٺ يا نوَ مهينا مال چرندو هو ۽ اتان ڇيٽا ميڙيا هئا. منهنجو چاچو سال ۾ 4-5 دفعا ڀاڻ جي هڪ ٻه بيل گاڏي ميڙي ايندو هو، پر ٻيو ڪوبه اهو ڪونه ڪنو ڪندو هو. ان مان ٿورو ڀاڻ ٻارڻ ۽ باقيءَ کي سال ٻه سال زمين جي ٽئين حصي تي ڪنداٺي، ٽن سالن ۾ سموريءَ زمين کي ڀاڻ ڏيئي پورو ڪبو هو، ڇاڪاڻ ته ڀاڻ گهڻو نه هوندو هو. وڌيڪ پيداوار جو رڳو اهو راز نه هو پر ربيع جو فصل مٽر، چڻا ۽ تيلي ٻج فيبروري - مارچ ۾ لٿبا هئا ۽ لاباري کان هڪدم پوءِ هر ڏيڻ ڪري وڏا پتر ۽ ڪڙا نه ٿيندا هئا ۽ زمين آسانيءَ سان اٿلائي ٻوٽن جون پاڙون پوري ڇڏبيون هيون. هن کي سڌ هئي ته انهن فصلن جي پاڙن واريون ڳنڍيون زرخيزي ڏيندڙ هيون، تنهنڪري اونهاري جي گرميءَ ۾ سڙي وڃڻ کان اڳ ۾ انهن کي پوري ڇڏجي. ڳوٺ جو ٻيو ڪوبه هاري ائين نه ڪندو هو. اڄ اسان کي ڄاڻ آهي ته جيڪڏهن اڌ آلي ڀاڻ جو ڪوڙ ڪبو ته ڪچرو ۽ ڪک پن، هواباش جيوڙن سان ڳڌجي هڪ ڳاڙهو ڀاڻ ٿيندو. جيڪڏهن ڀاڻ آلو آهي ۽ ان جي چوڦير برسات جو پاڻي جمع ٿئي ته محلول غير هواباش ٿئي (Anaerobic digestion) ۽ ڪجهه نائيٽروجن امونيا گئس جي صورت ۾ ته هوا ۾ هلي وڃي ٿي، پر نائيٽريٽس جي صورت ۾ سمي وڃي زمين جي اندر پاڻيءَ تائين پهچي ٿي. پر جي ڍير ڀاڻ ڪنهن دڙي تي رکيل هجي ته پاڻي پاسن کان ٽمي هيٺاهينءَ زمين ۾ وهي وڃي ٿو ۽

پاڻ جو ڪوبہ نقصان نٿو ڪري. هن مون کي ٻڌايو تہ سندس ٻيءَ جنهن جو نالو حاجي هو، ڪيس ٻڌايو تہ انهيءَ تجربي سان هن جي پيداوار ٻين کان 33 سيڪڙو وڌيڪ ٿيندي هئي.

سبزانقلاب ۾، جو ايوب خان جي دؤر ۾ آيو، زراعت ڪَفِل نہ رهي. 1954ع ۾ پاڪستان، آمريڪا کي روس تي نظر رکڻ ۽ فوجي مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ ٻيون سهولتون ڏنيون. ان سانUSAIDجي پيشرو Foreign Operation(Administration or F.O.A) عمل ۾آئي. اهڙيءَ ريت آمريڪا کان لاغرض يا نااهل صلاحڪارن جو ڊنبلو آيو، جن مفت ۾ يوريا آندو. ان جي پويان پوکن جي بچاءَ لاءِ ڪيميائي دوائون، اوزار ۽ ٽرئڪٽر متعارف ٿيا. F.O. Aکان جلد پوءِ 1957ع ۽ 1960ع ۾ ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج شروع ٿيڻ ڪري پاڻي مهيا ٿي چڪو هو، جنهن سبز انقلاب کي هٿي ڏني. پاڻ ۽ زرعي دوائن تي اعانت ڪئي وئي ۽ ٽرئڪٽر ۽ ٻيا اوزار ٻاهران گهرائڻ تي محصول جي ڇوٽ ڏني وئي ۽ ڏنو ويو تہ آبادگارن کي پيداوار تي پورو اختيار هو. چيو ويو تہ زراعت جي ڪم هلائڻ لاءِ پڙهيل ۽ وچين طبقي جي ماڻهن جي ضرورت هئي، جن جي پونجيءَ تي دسترس هجي. سرڪاري ملازمن کي زمينون خريد ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو. سنڌ جي وڏن زميندارن جي زمين خريد ڪرڻ واري سگهہ گهٽائڻ لاءِ زرعي سڌارن وارو قانون ٺاهيو ويو جنهن موجب زمين رکڻ جي حد اهڙي ڪئي وئي، جو ڪوبہ وڏو يا وچولو زميندار وڌيڪ زمين خريد نٿي ڪري سگهيو. ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج جون پليون زمينون فوجين ۽ ڪاروباري ماڻهن کي مليون. گڊوءَ جون ڪي سٺيون زمينون وڏن سرڪاري عملدارن ۽ فوجين کي سندن بهتر ڪارڪردگيءَ جي ڪري ڏنيون ويون. 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ سبز انقلاب جي ناڪاميءَ جا آثار ظاهر ٿيا. وڌيڪ پاڻي ۽ زرعي دوائن جي استعمال ڪرڻ سان بہ پيداوار ۾ واڌارو نہ ٿيو. 1980ع ڌاري سبز انقلاب سڄيءَ

دنيا ۾ ناڪام ٿي چڪو هو، پر اسرنڌڙ ملڪ ان جي سببن ۽ نتيجن کان بي خبر هئا. ان سونهري موقعي مان فائدو وٺندي مون 64-1965ع ۾ سوَ ايڪڙ زمين خريد ڪئي ۽ ان ۾ انب ۽ ڪيلا پوکرايم. 1980ع کان اهي ٻئي ميوا وڏي تعداد ۾ لهڻ شروع ٿيا ۽ اسان نيون جنسون پوکڻ شروع ڪيون. بهرحال، مون کي پنهنجي ڏاڏي واري پوکي وارو طريقو پوري طرح ياد آهي، جيڪو نامياتي ياڻ پُتي کي اڪسير سمجهندو هو. انهيءَ اڪسير سان، جنهن کي مان زمين جي ڪچري جو استعمال، جادو يا معجزو ۽ ڪرشمو ٿو چوان.

# منهنجي ڏاڏي جي زراعت بابت سوچ

اسان جي ڳوٺ جي اتر طرف واريءَ ٻنيءَ تي ٻير جو هڪ وڻ هو، جنهن ۾ سٺا، وڏا، مٺا ۽ ڳردار ٻير ٿيندا هئا، پر اها مال تمام گهڻ کندي هئي. مون ڏاڏي کي چيو ته ان جي ميوي کي ڳوٺ وارين ساڳئي قسم جي ٻين ٻيرين وانگر وڏيڪ مال کرائي ڏي. مارچ مهيني ۾ صبح جو اسان جي ٻنيءَ تي اها ڳالهه ٿي. منهنجي ڏاڏي بابي کي چيو ته مٽر، چٽا ۽ سرنهن وغيره لڻڻ بعد هڪدم زمين کي هر ڏئي ڇڏ. اڌ ڪلاڪ بعد بابي جو سؤٽ عالم اسان جي پرواريءَ پنهنجي زمين تي آيو. هن سان گڏ سندس پاليل ڪتو به هو، جنهن ٻير جي پرسان اچي، پوئين ٽنگ کڻي عادت طور، ٻير جي ٿڙ تي پيشاب ڪيو. منهنجي چاچي ابراهيم، عالم کي چيڙهيو ۽ چيائين ته ”ڪتا پالڻ غير اسلامي عمل آهي. تون نه رڳو ڪتا ڌارين ٿو پر ان پليت ۽ گهچلي جانور کي هر پاسي گڏ وٺيو هلين. هن وڻ جي هيٺان وارو گاهه ناپاڪ ڪري ڇڏيو آهي. اسان اهو پيشاب هاڻو گاهه مينهن کي ڪيئن کارائيندا سين، جنهن جو اسان کير پيئون ٿا!“ منهنجي ڏاڏي چاچي کي چيو: ”پريشان نه ٿيءُ، ان جي پنيان ڪا الله سائينءَ جي منشا هوندي ۽ ٿي سگهي ٿو ته وڻ کي ان جي ضرورت هجي.“ چاچي وراڻيو: ”ان ۾ خدا جي ڪا منشا ڪانهي. مان نٿو سمجهان ته ڪو وڻ کي پليت ڪتي جي پيشاب پيئڻ جي ضرورت آهي.“

منهنجي والد ڏاندن ذريعي زمين پٽي کيڙي ته جيئن ان جي زرخيزيءَ

لاءِ فصل جون شوريني پاڻ (nitrogn) سان پريل ڳنڍين (nodules) واريون پاڙون (roots) مٽيءَ ۾ پورجي وڃن. ڏڳن ڇيڻا لاٿا تہ ڏاڏي اهي ڪٽي ٻير جي ٿڙ کي ٿڦيا ۽ ان تي پاڻي ڇٽڪاريو ۽ هدايت ڪيائين تہ ان تي وڏيڪ ڇيڻا ٿڦجن ۽ پاڻي ڇٽڪارجي. ٻن مهينن کانپوءِ مون ڏٺو تہ سڄو ٿڙ ڇيڻن سان ڍڪيل هو. پاڻي پيئڻ لاءِ هو گهڙو ڪٽي روزانو آڻي انهيءَ وڻ هيٺان رکندا هئا. جڏهن ڪوبہ شخص پاڻي پيئڻ ايندو هو تہ بچيل ڍڪ وڻ جي ٿڙ تي ڇتڪاري ڇڏيندو هو. اهو عمل سارين جي لاباري، ڳاهہ ۽ نومبر ۾ پلال ڪچڻ تائين جاري رهيو. ٻئي سال وڻ ڏاڍو ڦريو. چاچي چيو تہ "نہ تہ معجزو هو ۽ نہ وري ڪتي جي پيشاب يا ڇيڻن لڳائڻ ڪري ٿيو. لڳي ٿو تہ الله سائين ڏاڏي جو عرض اگهايو آهي."

ٻن سالن کانپوءِ آءٌ ميهڙ پڙهڻ لاءِ ويس ۽ مارچ جي شروعات ۾ ان جا ٻير ميڙي ڪونہ سگهيس. پر ڏاڏي ڪجهہ ٻير ميڙي اس ۾ سڪايا. انهن جي ڪڙڪيدار صوفي ذائقي وارو لذيذ سواد رڳو چيني ٻيرن سان ئي پيٺجي سگهيو ٿي، جيڪي پوءِ خوشقسمتيءَ سان مون 1993ع ۾ آمريڪا مان گهرايا هئا. چند سالن بعد اسان جي ٻير جي ساڳي حالت ٿي وئي ۽ زرعي اوزارن ٺهرائڻ جي ڪم اچي وئي. ميهڙ ۾ مون هندن جي ميويدار باغن ۾ وڻن کي ڇيڻا لڳل ڏٺا، پر انهن تي پاڻيءَ جو ڇٽڪارو نٿي ڪيائون. هنن اهو پيداوار وڌائڻ لاءِ نہ پر مذهبي رسم طور پئي ڪيو.

1982ع تائين مان سڀ ڪجهہ وساري چڪو هئس، جڏهن مون پڙهيو تہ آمريڪي وگيانڪن (Scientists) همسان تاب (radioisotopes) جي وسيلي نائٽروجن، فاسفيٽ، پوٽاش، ڪئلشيم، ميگنيشم ۽ ٿوري مقدار ۾ ٽامو، فولاد، جست، ميگنيز، بوران، لوڻ ۽ مولبڊينم جي مرڪبن کي پاڻيءَ سان ڇڊو ڪري پنن، ڇانئين، ٽارين ۽ ٿڙن تي ڦوهارو ڪيو ۽ ڏٺائون تہ اهي مرڪب ڇوڏن ۾ چڱيءَ ريت جذب ٿي، وڻ جي مختلف

حصن ۾، جتي اُنهن جي ضرورت هئي، اتي پهچي ويا. مون سمجهيو ته ڏاڏو هير جي ٽڙ تي چيٽي ٿڦڻ ۽ پاڻي ڏيارڻ ۾ بلڪل صحيح هو ۽ هير جي وڏيڪ ڦرجڻ جو سبب چيٽن ۾ موجود وڏا ننڍا مٽيان مقوي جزا هئا. مان هندن جي ڏڳيءَ جي چيٽي ۽ پيشاب جي آلاڻ کي سٺو سمجهان ٿو. پر اهي ٻين جانورن ڏانهن ڏيان نٿا ڏين، جيئن منهنجي ڏاڏي ڪيو، جنهن کي شايد هندن جي رسم تان خيال آيو ۽ هن ٽڙ تي چيٽا ٿڦرائي، پاڻي ڇٽڪارايو. مينهن پوڻ وارن علائقن ۾ برسات جو پاڻي وڻ تي لڳل چيٽي کي اندر جذب ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو پر سڪل ياڻ نه. اهو خيال منهنجي ڏاڏي کي ڪيئن آيو، انهيءَ جي مون کي خبر ڪانهي.

# مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين جي پاڪ ڪتابن ۾ بيان ڪيل ميوا

آءُ جڏهن ننڍو هوندو هئس، تڏهن منهنجي ماءُ، پڦي ۽ ٻيون مايون مون کي ٻاراڻيون آکاڻيون ٻڌائينديون هيون. اهي ڪهاڻيون سندن وڏا ٻارن کي ٻڌائيندا هئا. منهنجو ڏاڏو، مولوي محمد عثمان جي قرآن شريف جي اڪيل تفسير جا چار - پنج جلد پڙهندو هو، جهڙوڪ فرعون جو موسىٰ جي پنيان پوڻ ۽ ٻڏڻ، اصحاب ڪهف،نوح جو ٻيڙو، مڇيءَ جو يونس کي ڳهڻ وغيره وغيره. انهن قرآن وارين آکاڻين مان ايترو متاثر ٿيندو هئس، جو جڏهن ستن سالن جي عمر ۾ آءُ پاڻ سنڌي پڙهڻ جهڙو ٿيس ته سڄو تفسير پڙهي ڇڏيم. خاص طور تي جاگرافيءَ جا نالا، هنڌ، ماڻهو ۽ معجزا. مون محسوس ڪيو ته تفسير ۾ انهن قصن تي زور ڏنل هو، جن جو ذڪر قرآني آيتن ۾ مفصل نه هو. مون سوچيو ته وڌيڪ تفصيل وارا ٻيا ڪتاب هوندا، جيڪي مون کي ضرور پڙهڻ گهرجن. ان بابت مون پنهنجي ڏاڏي کان پڇيو، جنهن ٻڌايو ته اهي تفصيل توريت ۽ زبور(پراڻو عهدنامو) ۽ انجيل (نئون عهد نامو) نالي مقدس ڪتابن مان کنيا ويا هئا. مان ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ پنهنجي ڪلاس جي ڪمري ۾ ٽنگيل ستن نقشن ۾ تفسير اندر بيان ٿيل مختلف شهرن جي ڳولا ڪيم. مان عدن کان جيروسلم ۽ سيناءِ ڏانهن سفر ڪرڻ جا خواب ڏسڻ لڳس، ته جيئن مان

انهيءَ طلسمي دنيا جو حصو ٿي سگهان. مون انهن ۾ بيان ٿيل ميون جي نالن جي يادداشت بنائڻ جي ڪوشش به ڪئي. ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران مون کي مرزا قليچ بيگ جو 1905ع وارو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل انجيل يا بائيبل هٿ آيو. مون کي ڪاليج واري دؤر ۾ توريت (پراڻو عهدنامو) به هٿ آيو. شامي - عربستاني بيابان رڳو رياض ۽ دمشق وٽ ڏنو آهي، پر اهو سڄو ڏسڻ جهڙو ۽ ايترو دلچسپ نه آهي، جيترو مون تنديپڻ ۾ سوچيو هو.

منهنجو ميون ڏانهن لاڙو اڄ تائين به قائم آهي. انهن مان گهڻا پاڪستان ۽ هندستان جي مختلف حصن ۾ ٿين ٿا. ڪائڻ جي حوالي سان اهي سنڌ جي هينئين ويڪرائي ڦاڪ جي نيم گرم آبهوا (Subtropics) ۾ ٿيندڙ ميون جي مقابلي ۾ مون ذهني طور تي وڌيڪ پسند ڪيا، پر اها غلطي هئي شايد. انب، نارنجي نسل ۽ زيتون گهڻا هئا، انڪري سنڌ جي موسم لاءِ ڏاريا ميوا مون کي وڌيڪ صحتمند لڳا. مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين جي پاڪ ڪتابن ۾ هي ميوا بيان ڪيل هئا: اڪروٽ، ڊاک، انگور، ڪجور، صوف، زردالو، ڏاڙهون، انجير، زيتون (Olive) ، شفتالو، ترنج ۽ بادام. تنديپڻ ۾ منهنجو خيال هو ته چاڪاڻ ته اهي ميوا مقدس سرزمين تي ٿيندا هئا ۽ سيني نبين اهي کاڌا، تنهنڪري شايد انهن ۾ وڌيڪ غذائيت هئي. منهنجو اهو به خيال هو ته سنڌ وارا نه، پر رڳو اهي ئي ميوا بهشت ۾ هوندا. ان خيال کي وڌيڪ ٽيڪ هڪ انگريزي چوڻي: ”هڪ صوف روز ڪائڻ واري کي حڪيم جي ضرورت نه پوندي“ مان ملي. هاڻي مون کي خبر آهي ته پوري پني ڪمر بند يا مٿين ويڪرائي ڦاڪن وارن نيم گرم پاڳن جي ميون جي مقابلي ۾ ڪجور سميت مڪاني ميون ۾ وڌيڪ طاقت آهي. چاڪاڻ ته سنڌ جي گهٽي گرمي ڪاربو هائيڊريٽس، فروٽوز، ۽ گلوڪوس ۽ سڪرور (Sucrose) کي کنڊ ۾ تبديل ۽ وڌيڪ مزيدار ۽ حرارت پريو ٿي ڪري. ان

لاڙي ۽ دلچسپيءَ مون کان پنهنجي ٽنڊي ڄام جي پر واري فارم تي اهي وڻ، گل ۽ ميوا پوکرايا، ۽ منجهانئن ڪاروباري پيماني تي پيداوار حاصل ڪرائي.

هن وقت سنڌ ۾ مان پهريون ۽ اڪيلو ماڻهو آهيان، جنهن پوري پني ڪمر بند (Temperate zone)، مٿين ويڪرائي ڦاڪن واري نيم گرم موسم جي (High Latitude Subtropics)ميون جهڙوڪ صوف، آڙون، ڏاڙهن، شفتالن، بادامن، انجيرن، ترنجن، شامي ٻيرن ۽ ڪجور جي وچائتڪي پيماني تي پيداوار حاصل ڪرڻ جي طريقي ڪي زور وٺايو آهي. زردالو ۽ زيتون (Olive) اجا منهنجي نظر ۾ آهن ۽ آمريڪا کان مناسب ٻوٽا پهچڻ جو انتظار پيو ڪريان. مون کي خبر آهي ته سنڌ ۾ گهٽي گهٽ ٽڏ پوڻ ڪري هتي اڪروٽ نٿو ٿي سگهي، پر مون ان کي ويجهو ۽ اُن جي سَوٽ (Pecan) پيڪان، اُن جي شڪل جهڙو، پر وڌيڪ سوادي ميوو پوکيو آهي. مان ننڍپڻ کان وٺي باعمل مذهبي ماڻهو نه رهيو آهيان، پر مون مذهبي ڪتابن مان انهن ميون، جيڪي سنڌ جي آبهوا جا نه آهن، جا نالا معلوم ڪيا آهن. ان تي مون 20 سال لڳائي هزارن ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪيو آهي. ڏيهي تجربن ڪرڻ تي اٽڪل هڪ ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا آهن. مون کي انهن جي پوکڻ، وڏي ٿيڻ ۽ ڦرجڻ تي خوشي ٿيندي آهي. مان انهن وڻن جي اڳيان ڪلاڪن جا ڪلاڪ وڃي ويهندو آهيان، انهن کي ڇانگينندو آهيان، بيمارين کان مٿن ڦوهارو ڪندو آهيان، ڪين ترائيندو آهيان، پاڻيءَ ۽ گاهه گند تي موثر ضابطو آڻيندو آهيان ۽ انهن جي صحت جو پنهنجي صحت وانگر خيال رکندو آهيان. هڪ سؤ ايڪڙ زمين تي 300 وڻ في ايڪڙ جي حساب 40 هزار وڻن جي سنڀال رکڻ جو تصور ته ڪريو. مان انهن تي ساليانو 18 لک روپيا خرچ ڪيان ٿو. 50-60 ماڻهو، پنجن مئنيجرن (بي اي انجينئر يا زراعت ۾ ايم. سي . ايس) ۽ اهي سٺ سپروائيزرن يا فورمينن جي

حيثيت ۾ ڪم ڪن ٿا. منهنجي زراعت واري ڪم ۾ ڪنهن اڻ پڙهيل يا ٿوري پڙهيل ڪمدار جي جاءِ ناهي.

انب ميون جو بادشاهه آهي، پيا سڀ ميوا ان جي اڳيان ڄامڙا آهن. پر ننڍپڻ جي لاڳاپي مون کي سنڌ جي سخت گرمي ۾ گهٽ ٽڏ ۾ تمام ٿڌين موسمن جي ميون پوکڻ ۽ انهن مان لطف اندوز ٿيڻ تي مجبور ڪيو. اهي سڀ مولوي محمد عثمان جي تفسير جون مهربانيون آهن.ڪهڙو نه سنڌين جو ڀلو ٿئي ها جي سمن جي زماني ۾ جڏهن سنڌي زبان ۾ قاضي قادن جهڙا شاعر به هئا ته ڪو عالم قرآن شريف جو ترجمو ڪري ها ته ان کي پڙهي اسان ڪيترو اڳتي هجون ها. ليوٿر انهيءَ زماني ۾ انجيل جو جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ پوءِ سڀني يورپي ٻولين ۾ ان جو ترجمو ٿيو ۽ پوپ جي هڪ هٽي ختم ٿي. ان جي عيوض اسان نيم خوانده مُلن کي هڪ هٽي ڏئي ڇڏي آهي!

## واڻين ۾ قرآن پاڪ جو احترام

مون اڳ اسان جي ڳوٺ جي واڻيي هرچومل جو ذڪر ڪيو آهي. اهو هر گهر کي ان جي آمدنيءَ سارو قرض ڏيندو هو. اسان جي ڳوٺ کان اتر طرف ٻن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ڪورائين جي ڳوٺ ۾ هڪڙي پنهور وٽ سندس قرض رهجي ويو. اهو پاڻ ۽ سندس پٽ فاطمہ انهي معاملي ۾ ڏاڍا خوار ٿيا. هرچومل سيوهڻ جي عدالت ۾ پهتو. اتي همراه چيو تہ ان قرض ڏئي ڇڏيو هو. هندوءَ چيو تہ ”جيڪڏهن همراه قرآن پاڪ تي قسم ڏئي تہ قرض ڏئي ڇڏيو اٿس تہ پوءِ منهنجو قرض ڇٽو.“ قرآن ڪٽي آيا تہ ان همراه هٿن ۾ جهلي قسم کنيو تہ وٽس جنس توڙي روڪ ۾ واڻيي جو قرض ڪونهي. واڻيي قسم واري ڳالهہ قبول ڪئي ۽ ڪيس ختم ٿي ويو.

جڏهن اهي واپس ڳوٺ پهتا تہ سيئي ماڻهو ڪوراين واري پنهور تي ڦٽڪار ڪرڻ لڳا پر واڻيو پاڻ مطمئن هو. چيائين ”جيڪڏهن مسلمان قرآن پاڪ ۽ هندو گيتاپاڪ جو قسم کٽي ڪوڙ ڳالهائي تہ مسلمان دوزخ جي باہ ۾ سڙندو ۽ هندو ٻيهر ماڻهو ٿي ڪونہ ڄمندو. اها وڏي ۾ وڏي سزا آهي. مون کي خدا جي انصاف تي ايمان آهي.“

مون ڏٺو تہ ان کان پوءِ ڳوٺ جو هر ماڻهوُ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ قرآن پاڪ جو احترام نہ ڪرڻ ڪري ان پنهور جي ڪابہ عزت ڪونہ ڪندو هو. منهنجي اصول ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ٻئي هر گناہ کان وڌيڪ خراب آهي. آئون

انهيءَ ماڻهوءَ کي ڏوهي ۽ بداخلاق سمجهندو هوس ۽ مون ان سان ڪڏهن به ڪونه ڳالهايو.

سندس پڦي فاطمه پڻ هڪڙي مثالي ڏوهاري عورت هئي، جيڪا پنهنجي پاڙيسري جي گس ڏسيندي هئي. اها نشي جو واپار ڪندي هئي جيڪو غيرقانوني هو. ان جي متي تي سجاتي جي ڳوڻ هوندي هئي، جنهن ۾ ڏنڊو ڪونڊو پيل هوندو هو. ڪونڊي ۾ مجاينگ هوندي هئي جيڪا وڪڻندي هئي. انهيءَ جو نشو ڪجهه ڪلاڪن تائين رهندو آهي. اِها سڄي سنڌ ۾ عام آهي ۽ سستي پڻ آهي. بوبڪن جي علائقي ۾ اها عام آهي ۽ ان تي محصول به اوڳاڙبو آهي. هڪڙي چوڪنڊي ڪپڙي واري ٽڪري ۾ ڪلوڪن ڀنگ پيل هوندو هوس. ڪپڙي جي آمهون سامهون وارين ڪنڊن کي ڳنڍ آيل هوندي هئي. ان مان چار خال هوندا هئا پر اهو ڪپڙو سٽيل هوندو هو، انڪري ان مان ڀنگ ڪرندي ڪانه هئي. ڳنڍڙي متي تي رکي هلندي هئي ۽ 45 - 60 انچ واري وڏي سنڌي چادر اوڍيندي هئي. ڪيس هڪڙي پوليس واري جهليو ۽ رڪ پوليس اسٽيشن تي هلڻ جو چيو. ان کي چيائين ته "سنڌي رسم موجب عورت مرد جي اڳيان نه هلندي، انڪري تون اڳيان تي هل ۽ آئون پٺيان تي هلان." پوءِ سڄي واٽ ان سان ڳالهائيندي هلي ۽ سوڙهي رستي تي ڀنگ اڇلائيندي وئي. ٿاڻو اٽڪل ٽي ڪلوميٽر پري هو. جنهن وقت اهي ٿاڻي تي پهتا ته سب انسپيڪٽر يا ٿاڻي جي انچارج ان پوليس واري کان عورت کي ٿاڻي تي آڻڻ جو سبب پڇيو. پوءِ مائيءَ جا ڪپڙا جهاڙو ڏيڻ تي خالي ڏسي، ته ٽي سپاهي ان جاءِ ڏي ڊوڙايا، جتي ان ڀنگ لڪائي هئي، پر انهن کي ڪجهه ڪونه مليو.

انهيءَ وچ ۾ ڪيترائي ڳوٺاڻا گڏ ٿي ويا پر ڪو به اطمينان جوڳو جواب نه ملڻ تي مائي دادوءَ جي پوليس سپرنٽينڊنگ ڏي دانهين وئي، جيڪو انگريز هو. ان کي پنهنجي سب انسپيڪٽر ۽ پوليس وارن تي

اعتبار ڪونہ آيو ۽ انهن کي معطل ڪري ڇڏيائين. جلدي پوءِ آئون ميهڙ هاءِ اسڪول پڙهڻ لاءِ هليو ويس ۽ اها ڳالهہ ئي وساري ڇڏيم تہ پوليس وارن جو ڪهڙو حال ٿيو پر ان ڪان پوءِ اها عورت ڪليو ڏنڊو ڪندي هئي. ڪو پوليس وارو سندس نالو بہ ڪونہ وٺندو هو.

سن جي پرسان ويٺل هڪڙي همراه جي.ايم.سيد جي ڳئون جو مزيدار قصو ٻڌايو. ڪنهن همراه چور کي ڇوري ڪندي ڏٺو ۽ ڪيس جي.ايم.سيد وٽ وٺي آيو. ان همراه قرآن کڻي چيو تہ ان سيد جي ڳئون چوري ڪانہ ڪئي هئي. سيد هن کي ڇڏي ڏنو.

بہ مهينا پوءِ ماڻهو ان کي ڳئون سوڌو گهران جهلي سيد وٽ وٺي آيا. جنهن تي سيد چيو تہ اها ڳئون سندس ڪانہ هئي! هن چيو تہ ”جيئن تہ ان همراه قرآن تي ساک ڏني آهي تنهنڪري اها منهنجي ڳئون ناهي، بلڪہ هن جي آهي.“

جي.ايم.سيد ڪان سندس شهر جي ڪن دوستن اهڙو سوال ڪيو. پاڻ چيائين، ”ماڻهو قرآن تي ڪوڙ ڳالهائڻ ڪان ڊڄندا آهن. سؤ مان نوانوي ماڻهو سچ ڳالهائيندا آهن. ان سان ماڻهن ۾ امن امان جي صورتحال ضابطي ۾ رهي ٿي. مون ڳئون تان هٿ کڻي ماڻهن جو قرآن ۾ ويساه قائم رکيو آهي.“

1955ع ۾ مون سريلنڪا ۾ گال اويا ۾ هڪڙي پڪشوءَ کي باه تي هلندو ڏٺو هو، ان کي ڪجهہ ڪونہ ٿيو. ماڻهن انهيءَ عمل کي معجزو پئي سمجهيو ۽ پڪشن ۾ سندن ويساه وڌي ويو. مون کي ٻڌايو ويو تہ آدمشماريءَ جو ٽيون حِصو پڪشو هئا. اهي اتڪل باز ماڻهن کي احمق ناهيندا هئا. باه واري چر چار فوٽ ويڪري ۽ 12 فوٽ ڊگهي هئي. ميدان جو تر چار انچ هو، جنهن تي اگر پئي دُکيا. انهن چاهئي ۽ پکي سان ان مان ڄيي پئي نڪتي. چرَ جي ٻنهي پاسن ڪان ڳنل واريءَ جو ٻنوڙو ڏنل

هو، جنهن سان لوڻ رکيو هو. اها ٻنهي پاسن کان 20 فوٽ ڊگهي هئي. مون کي ٻڌاياڻون تہ ڀڪشو ڀريائين پيرن کي لوڻ هٽندو آهي. هيٺ چر ۾ بہ ٽانڊبن تي لوڻ هاريل هوندو آهي. ٽانڊبن تان رک اڏائڻ لاءِ ان کي پکي سان هوا هٽندا آهن ۽ ڀڪشو تڪڙو باه تا لنگهي ويندو آهي. باه اڪثر رک ٽيل هوندي آهي. لوڻ انهن جي پيرن کي چار جي باه کان بچائيندو آهي. بهرحال ڪوبہ عام ماڻهو اهڙو جوکو ڪونہ کڻندو ۽ ڪيل ڏوه باسيندو آهي.

ڏکڻ ۽ ڏکڻ- اوڀرايشيا ۾ سريلنڪا پنهنجي رٻڙ، ناريل، ناريل جي تيل ۽ چانهہ جي پيدائش ڪري سڀ کان دولتمند ملڪ هو. ڪئنادا ۽ ”ايف.اي.او“ گالي ڊئم ٺاهڻ ۾ ان جي مدد پئي ڪئي. اهو ڊئم کان اڳ ۾ اِهو پاڻي چانورن پيدا ڪرڻ لاءِ پئي ڪتب آندو ويو. چانور ٻئي صفتي فصلن جي مقابلي ۾ سڄيءَ دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ سستو اناج آهي. بهرحال، سريلنڪا سرڪار ۽ سندس پرڏيهي ساٿي ڊئم ٺاهڻ ۾ سقل ٿيا ۽ سريلنڪا کي غريب ڪري ڇڏيائون. ان ملڪ ۾ تعليم جو تناسب 90 سيڪڙو آهي - ويندي رڪشا ڊرائيور ۽ دڪاندار بہ انگريزي ڳالهائيندو آهي. اڄڪلهہ سريلنڪا ڀڪشن جي ڪابہ امداد ڪري ڪونہ ٿي سگهي، جنهن جو سبب غربت آهي. اهي ڀڪشو جيڪي 50 سال اڳ بالغ آدمشماريءَ جو 33 سيڪڙو هئا.

# جديد زرعي تحقيق اسان جي ڳوٺ پهتي

1928ع ۾ برپا ڪيل رايل ڪميشن آن ائگريڪلچر آف انڊيا ( Royal Commission on Agriculture of India) هڪ شاهڪار ڪارنامو هو، جنهن موجب زراعت ۽ مزارع (farmer) کي جقي فائدو (Fair deal) پهچڻو هو. ان طريقي هيٺ آبادگارن سان انصاف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اهو فيصلو آمريڪي صدر روزويلٽ جي (Fair deal) کان گهڻو اڳ ۾ ڪيو ويو هو. زراعت کي جديد بنائڻو هو، تنهنڪري ان جي سڌاري لاءِ هر قسم جا قدم کنيا ويا. اسان جي ڳوٺ جي وڏيري الهه ورائي جي زمين جو اٽڪل هڪ ايڪڙ 33-1932ع کان 38-1937ع تائين نمائش (ماڊل) لاءِ کنيو ويو. ان حوالي سان عبدالحڪيم چارڻ نالي هڪ شخص کي دادو جو فيلڊ آفيسر مقرر ڪيو ويو. ان کان اڳ اسان جي ڳوٺ جي ڀاهران، شايد حافظ محمد موسيٰ جي ٻنيءَ ۾ هڪ نمائشي زرعي ميلو لڳايو ويو، جنهن ۾ زراعت جا اوزار رکيا ويا. ميلي واري ڏينهن زراعت کاتي جي عملدارن کان سواءِ ڊپٽي ڪليڪٽر مختيارڪار دادو، ايگزيڪيوٽو انجنيئر دادو، پوليس جا عملدار ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا ڪامورا بہ آيا. هي ميلو 1932ع جي سرءُ واريءَ موسم ۾ لڳو. جڏهن تہ سکر بئراج ان سال 12 جنوري تي اڳ ۾ ئي چالو ٿي چڪو هو. نمائش جي تاريخ پوءِ جي تي سگهي تي - اڳ جي نہ، چاڪاڻ تہ "Jenkins clod crusher" نالي اوزار انهيءَ سال متعارف ٿيو ۽ اتي

نمائش لاءِ رکيو ويو هو. ان بابت تعارف جا بہ پرچا منهنجي والد کي ڏنا ويا هئا، جيڪي مون ان وقت کان سنڀالي رکيا آهن. ائگريڪلچر کاتي جو انسپيڪٽر ڪو ملڪائي صاحب هو، پاڻ کي عامل سمجهندو هو، جيڪو مون پهريون ڀيري اُتي ڏٺو هو ۽ پوءِ اڪثر ايندو رهندو هو. هو پاڻ مامي جي اوطاق تي ۽ سندس ملازم، جو بورچي هو ۽ فيلڊ آفيسر چارڻ سميت وڏيري الهہ ورائي جي اوطاق تي رهائيندا هئا. ملڪائي عامل هو. سندس وڏا ملتان کان سنڌ ۾ 1600ع کان بعد مغلن جي گورنرن سان گڏ سکر (بکر)، سيوهڻ ۽ ٺٽي سرڪار ۾ آيا ۽ انهن جي حوالي سان مکيہ شهرن ۾ وڃي آباد ٿيا. انهن جو ڪم ڍل وصول ڪرڻ ۽ سرڪاري حساب ڪرڻ هو ۽ بعد ۾ ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن جي حڪومتن ۾ نوڪري ڪندا رهيا. پاڻ کي عامل سڏائيندا هئا. هو سنڌ جي روايتي واپاري هندن کي ڀائيبند چوندا هئا ۽ کين پاڻ کان گهٽ سمجهي، انهن سان مٽي مائٽي نہ ڪندا هئا ۽ ڪڏهن تہ ايتري قدر جو نوڪرين ڏيڻ ۾ ڪي عامل آفيسر سنڌي مسلمان کي ترجيح ڏيندا هئا تہ ڀائيبند سندن مقابلي ۾ نہ اچي. بلڪل ڪن حالتن ۾ اهڙو ئي قصو هو جهڙو پنجاب ۾ آرائينءَ ۽ غير آرائينءَ جو.

جيستائين مون کي شڪليون ياد اچن ٿيون تہ ان نمائش ۾ هيٺيان اوزار رکيل هئا، جن کي ڍڳن جو جوڙو ڇڪي سگهيو ٿي. راجاهر -Mold board plough) ، Chisel plough،(furrower -Ridger، ناڙيءَ جي مشين (Seed drill) لوهہ جي ٻيل گاڏي، (Bullock yoke)، گُڏ ڪرڻ لاءِ هر (Intercultivator) وغيره. اسان انهن زرعي اوزارن کي هڪ هفتي تائين هر روز پٽي ڏٺو، انڪري مون کي انهن جون شڪليون ۽ ڪم ياد ٿي ويا، پر انهن جا صحيح نالا ويهارو کن سال پوءِ معلوم ٿيم. انهن اوزارن کي روزانو زمين ۾ هلائي ڏيکاريو ويندو هو.

نمائش ۾ آفيسرن ۽ مکيہ مهمانن لاءِ ڪيتريون ئي ڪرسيون رکيون

ويون هيون. ڳوٺ ۽ الهہ آباد واري اسڪول مان ٻينچون بہ آڻي هڪ پاسي رکيون ويون هيون. اڪثر مهمان (زميندار ۽ هاري) پيرن پر بيٺا هئا. عملدارن جي آجيان شادين ۾ عام استعمال ٿيندڙ ساز وڄائي ڪئي وئي. پوءِ گهوڙن تي سوار علمدار آيا. ان وقت تائين اسان وٽ اجا موٽرون نہ آيون هيون. گهوڙا جڏهن ويجها پهتا تہ انهن کي چُوٽ چڏيائون ۽ ٻڌا ٽپ ڏيندا ٿي هليا. سيني چيو تہ گهوڙن جي اها چال تربيت جي ڪمال ۽ شهرت واري هئي. ڪن اعلانن سان ميلي جو افتتاح ٿيو ۽ پوءِ فيلڊ آفيسر چارڻ زمين ۾ راجا هر ( Moldboard plough) هلايو. هن چوڏاري گولائيءَ ۾ هر ڏيندي وچ ۾ اچي ختم ڪيو. ان سان جيڪي ڪڙا نڪتا، تن کي پيڃڻ لاءِ هڪ ٻئي ماڻهوءَ ڏاندن جي جوڙي سان "Jenkins clod crusher" هلايو. پوءِ هڪ هڪ ڪري ٻيا اوزار بہ هلائي ڏيکاريا ويا. آڳاٽين سارين مان ڪجهہ لٽي، ان کي هٿن سان سٽي، ان جي سائي ول مال جي چاري لاءِ استعمال ڪرڻ وارو نمونو بہ ڏيکاريو ويو. ساريون هٿ سان ڦيرائڻ واري مشين ( Hand operated winnower) سان واٽري، پلال جي ڪچري کان الڳ ڪري ڏيکاريائون. ميلي جي پڇاڙي ملاکڙي سان ٿي ۽ ماڻهن ۾ مٺائي ورهائي وئي. سج لٿي کان اڳ عملدار گهوڙن تي چڙهي واپس هليا ويا. مون اوزار نمائش کان هفتو ڏهہ ڏينهن اڳ ۾ ۽ ڪجهہ ڏينهن پوءِ ڏٺا. سڀ عجيب هئا پر "Winnower" (ڇڄ يا ڇڄي پکي) مون کي گهڻو متاثر ڪيو. بهرحال ڳوٺاڻن انهن اوزارن کي قبول نہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ پياري ڳوٺ جا لوهر (Moldboard polugh) ڪونہ ٺاهي سگهندا.

ٻيا اوزار مهانگا ۽ استعمال جوڳا نہ هئا.

اهي ڏاندن لاءِ تمام ڳرا هئا.

پڇي پون تہ ڳوٺاڻو لوهر انهن جي مرمت ڪري نٿي سگهيو.

مون سمجهيو تہ هو غلط هئا ۽ مان وڏو ٿي اهي اوزار ماڻهن ۾ مقبول

بنائيندس. مون دل ئي دل ۾ انهن اوزارن جي اڻ سڃاتل ايجاد ڪندڙ انگريز کي جس ڏني. وڏيري الهه ورائي جي هڪ ايڪڙ نمائشي زمين خاصي ڪامياب وئي. هنن زمين کي واڙي جو گاڏڙ پاڻ ڏئي راجا هر ڏنائون. "Jenkins clod crusher" سان ڪڙا ڀڳا، ٻسانگو هر (Cultivator) ڏنائون ۽ پوءِ زمين رِجائي ڪٽڪ جي ناڙي ڪيائون. اسان ٻارن لاءِ هي طريقو تماشي سمان هو، پر ٿوري وقت کان پوءِ دلچسپي ختم ٿي وئي. بهرحال بيٺل فصل پلو ٿي لڳو. وڏيري الهه ورائي جهڙي ڪنجوس لاءِ فائدو ئي فائدو هو. مثال طور نه ڊل، نه آبيانو ۽ نه هاريءَ جو حصو، ٻج ۽ اوزارن جو استعمال مفت ۽ سڄي پيدائش گهر ۾. فيلڊ آفيسر چارڻ جڏهن به ايندو هو ته وڏيرو ان کي مکڻ سان ماني کارائيندو هو. پر ان ۾ ڪيس نقصان به نه هو، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ جڏهن دادوءَ ويندو هو ته وٽس ئي رهندو هو ۽ سندس ٻار به هن وٽ رهي پڙهندا هئا. سمجهان ٿو ته نمائشي زمين وارو هي سلسلو چار پنج سال هليو ۽ پوءِ سنڌ جي وزارت 1937ع ۾ پنهنجون اوليتون بدلايون.

21 سال پوءِ مان سنڌ ۾ ائگريڪلچر انجنيئر ٿيس ۽ مون ساڳيا اوزار، حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جي پر واري ائگريڪلچر ورڪشاپ ۾ ڏٺا. تڏهن انهن بابت ڪو ڇپيل مواد ڪونه هو. ڊرافٽ مين مئسڪرينس (Mascrenius) جا نڪتل انهن اوزارن جا نقشا موجود هئا، جن جو هن مون کي تعارف ڪرايو ته اهي سنڌ جي پهرئين ائگريڪلچر انجنيئر مسٽر ڪومنگ (Cumming) جي نگرانيءَ هيٺ تيار (1933-1939ع) ٿيل هئا، جنهن ميرپورخاص ۾ وفات ڪئي. ان وقت هو ائگريڪلچر ورڪشاپ ميرپورخاص کان حيدرآباد آڻڻ جي تياريءَ ۾ مشغول هو. مون کي خبر نه آهي ته هن کي ڪٿي دفنايو ويو. پڇا ڪرڻ سان شايد پتو پئجي وڃي. 14 سال پوءِ مون کي مکي باغ حيدرآباد ۾ سرڪار جي مسواڙ تي ورتل بنگلي ۾ رهڻ جو موقعو مليو. ڪي پيا انجنيئر به ان گهر

۾ رهيا هئا، پر ڪنهن به اها پڇڻ جي زحمت نه ڪئي ته هو ڪير هو ۽ ڪٿي پوريل هو. مون هڪ پڳل ڪٻٽ، جهريل بند ٽينڊڙ ڪرسي، بنان تختي ميز ۽ ورانڊي ۾ پيل سنڌ جي زراعت کاتي جون ڪي ساليانيون رپورٽون اتي ڏٺيون. مون لڳ ڀڳ نين شين جي قيمت جيترو خرچ ڪري انهن جي حالت بهتر ڪرائي ۽ سندس يادگيريءَ طور اهي شيون محفوظ ڪرايون. سندس ماتحت ڪم ڪندڙ ٽرئڪٽر آپريٽر عمر خطاب، جنهن کي 13 سال پوءِ مون سپروائيزر بنايو، ان مون کي ٻڌايو ته اهو سامان ڪومنگ صاحب جو هو، جو ورڪشاپ سان گڏ 1942ع ۾ حيدرآباد آندو ويو هو.

اوزار جيڪي مون 21 سال اڳ ڏٺا هئا، سي شايد هن جي نگرانيءَ ۾ ٺهيل نه هئا، پر پوني (جيڪو هاڻي مهاراشٽر ۾ آهي) جي ائگريڪلچر ورڪشاپ مان آندا ويا هئا، پر پوءِ هن ميرپورخاص جي ورڪشاپ ۾ انهن جا ڪئين نقل تيار ڪرائي، آبادگارن تائين پهچايا. مون هن جي محنت ۽ گورنمينٽ جي خط وڪتابت مان ڪافي فائدو ورتو. اتفاق طور مون کي انهن اوزارن کي مقبول عام بنائڻ لاءِ چيو ويو. سڌاريل جڙتو اوزارن کي عام ڪرڻ جي ذميواري مون کي ملي، جنهن لاءِ مون وسان ڪين گهٽايو. مون ڀانيو ته اهو مون لاءِ سٺو موقعو هو ته ماڻهن ۾ انهن جي تشهير ڪريان پر پوءِ سمجهيم ته حڪومتي ادارن جو انهن جي ٺهرائڻ ۽ دلالن جي معرفت ڪچي مال (لوهه ۽ ڪاٺ وغيره) حاصل ڪرڻ تي گهڻو خرچ ٿئي ٿو، تنهنڪري مون ٽنڊي الهيار ۽ ميرپورخاص جي ڪن باهمت لوهرن کي مڃايو ته اهي لوهه جي پليٽن (Plates) ۽ سستي ڪاٺ مان مڪاني طور اسان کي گهربل نمونا تيار ڪري ڏين. حيدرآباد جي هڪ ڏر اسان جي نمونن مطابق ملمعي چڙهيل (Galvanized) نارن جا لوٽا ۽ لوهي ڏينگا ٺاهيا، پر هرن کان سواءِ ٻين شين جي کپت نه جي برابر رهي. مون کي دنيا ۾ استعمال ٿيندڙ انهن اوزار ڏسڻ ۽ چڪاسڻ

جو موقعو بہ مليو. اهي سپ هڪجهڙا ۽ هڪبئي جو نقل هئا ۽ هندستان جي زرعي ڪاتي 19هين صديءَ جي آخري يا 20 هين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ يورپ کان آندا هئا ۽ انهن ۾ مڪاني حالتن پٽاندڙ معمولي ڦيرڦار ڪئي وئي هئي. مشيني اوزارن جي نقل جي صورت ۾ ڪي نوان اضافا بہ ٿيا هئا. ٻيجي جي ٻارين تيار ڪرڻ وارا اڪثر اوزار ڏاڍا ڪارائتا ۽ گهٽائيءَ ۾ تيار ڪرڻ جهڙا هئا. مون کي ڏڳن جي جاءِ تي ٽرئڪٽر جو بطور حرڪي قوت (Power) وڌندڙ استعمال سمجهہ ۾ آيو پئي، جنهن جو سبب آباديءَ جو وڌڻ ۽ زمين ۽ پاڻيءَ جي وسيلن ۾ واڌاري جِي پابندي هئا. ڏاندن جي جوڙي لاءِ سڄو سال گاهہ جي فراهميءَ واسطي بہ ايڪڙ گاهہ جي زمين گهربل هئي، جنهن جو مطلب ٿيو تہ ڏاند ماڻهوءَ جي پيداواري وسيلن ۾ مد مقابل يا حريف هئا. 1959ع ۾ جنرل اعظم زراعت جي وزير جي حيثيت ۾ زرعي اوزارن جي وڏي پيماني تي ٺهڻ لاءِ فيصل آباد (لائلپور) ۽ ٽنڊي ڄام ۾ ورڪشاپن جي خواهش ظاهر ڪئي. منهنجو اندازو هو تہ الڳ ڪثير پيداوار لاءِ، جديد ڪل پرزن وارو ورڪشاپ، مارڪيٽ جي 50 سيڪڙو قيمت تي هر قسم جا اوزار ٺاهي سگهيو ٿي، بشرطيڪہ لوهہ جو سنو قسم ٻاهران گهرائڻ جي اجازت هجي. منصوبو عمل ۾ نہ اچي سگهيو، ڇاڪاڻ تہ جنرل اعظم اوير پاڪستان جي گورنر طور بدلي ٿي ويو. ورڪشاپن ۾ ٽرئڪٽر وسيلي هلندڙ اوزار بہ سستا ٺهي سگهيا ٿي، جنهن سان زراعت جي مشينن جي استعماليءَ ۾ سيگهہ ٿئي ها.

جڏهن مون 1932ع ۾ اهي اوزار ڏٺا، تڏهن مون کي اهو معلوم نہ هو تہ ڪو انهن ۾ دلچسپي منهنجي زرعي انجنيئرنگ جي پڙهائيءَ جو سبب بڻبي يا منهنجو ننڍپڻ وارو لڳاءُ، مون کي انهن جي ٺهڻ وارن مرڪزن ڏانهن ڇڪي ويندو. تقريبن 25 سالن بعد مون محسوس ڪيو تہ اوزارن لاءِ منهنجي ڳوڻاين جو اعتراض واجبي هو، جو هو 30 سال پوئتي هئا.

زرعي توسيعي رٿا ۾ نون طريقن يا مشقن کي موٿر نموني متعارف ڪرائڻ لاءِ عملو نہ هو. تنهن کان سواءِ انهن اوزارن جي سستي پيداوار جو انتظام بہ نہ هو. ٽڪائيندڙ انساني جسماني پورهئي کي ختم ڪرڻ لاءِ بنيءَ تي سوين شيون متعارف ڪرائڻ جهڙيون آهن. مون ڪيتريون ئي نيون شيون، جهڙوڪ ٽن ڦيٽن وارا ٺيلها، ميون کي پارسل ڪرڻ يا ڳنڍڙي گهر (Packing shed) تائين پهچائڻ لاءِ ربڙ جي ٽائرن وارا گڏهہ گاڏا، ميون چونڊڻ لاءِ ڪاٺ ۽ پلاسٽڪ جا ڪوڪا، مختلف قسم جي ميون پٽڻ لاءِ ٽپائي نما ڏاڪڻيون ۽ ڪئنچيون، زنجيري ڪارايون ٺهرايون ۽ پنهنجي فارم تي استعمال ڪيون. وئنٽن ڪاٽڻ لاءِ صحيح طريقي سان زراعت کي هلائڻ لاءِ وڏي انقلاب جي ضرورت آهي، جو ويجهي آئيندي ۾ مون کي ممڪن منهنجي نظر ۾ نٿو اچي. آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان جي ڪوتاهين سبب اسان جون زمينون ڪارپوريشن جهڙن ادارن جي حوالي ٿينديون ۽ اسان اتي هاري ۽ مزدور هونداسين!

# منهنجي مامي کي واسينگ نانگ جو ڪکڻ

آءُ پنجن سالن جي ڄمار جو هوس، تڏهن منهنجي مامي محمد ابراهيم کي واسينگ نانگ جي هينئين حصي ۾ ڪکيو هو. پهريائين پاڻ نانگ ماريائين، ڪانچ مان اڳٽ ڪڍي گوڏي کان هيٺ زور سان ٻڌائين، پوءِ هٿ ۾ جيڪا ڪهاڙي هيس ان سان ڏنگ واري جاءِ تي ڇهڪ ڏنائين، ائين هن پاڻ کي فرسٽ ايڊ ڏني. اهو واقعو ڳوٺ کي ويجهو ٿيو هو، ڪيترائي وٺي ڏانهنس ڊوڙيا. ڪن سندس وڏي مان رت چوسي ڪڍيو. گهر رسي، ڪيس لِٽر کان ڪجهه وڌيڪ مکڻ پگهاري پياريو ويو. اهو ڳوٺاڻو علاج هو. چون ٿا ته ان سان جيڪڏهن مريض 24 ڪلاڪن ۾ ڪونه مئو ته بچي ويندو. هو بچي ته ويو پر گهمرن جي ڪري ڏاڍو ڏهرو ٿي ويو.

پاڻ ڳالهه ڪندو هو ته ”جنهن جاءِ تي ڪيس ڏنگ لڳو هو اتان ميل کن پري هڪ سال اڳ پاڻ نر واسينگ ماريو هئائين. ان جي مادي سندس پويان لڳل هئي، جنهن نيٺ ڪيس ڪکيو هو. نانگڻ ڪيس بدن جي واس مان سڃاتو!“ ڪيس خبر هوندي هئي ته نانگڻ سندس پويان لڳل هوندي هئي، انڪري پاڻ اڪثر گس مٿائي هلندو هو. پر نانگڻ کي به خبر هوندي هئي ۽ جڏهن به ان کي مارڻ جي ڪندو هو ته اها ڀڄي ويندي هئي. هاڻي جڏهن پاڻ نانگڻ کي ماري ڇڏيو هئائين ته نانگن جي جهان ۾ سندس ڪوبه دشمن ڪونه هو جو ڪيس خوف ٿئي ها. سنڌ ۾ ماڻهن جو اهو مڃڻ آهي ته واسينگ فقير يا سنت هوندو آهي ۽ ان کي نه مارجي.

سنڌ ۾ زهريلين بلائن ۾ کپر ۽ پہ - مُنهين ڏاڍيون زهريليون ٿينديون آهن. اهي جڏهن منهن پونديون آهن تہ انهن کي ماري ڇڏبو آهي.

مامي سان ٿيل انهيءَ حادثي کان پوءِ مون نانگن بابت گهٽي کان گهٽو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ ۾ 85 سيڪڙو نانگن ۾ زهر نہ ٿيندو آهي. اهي ٻنين ۾ رهندا آهن ۽ ڏيڏر، ڪئا، ڪڏون ۽ ٻيا جيت کائيندا آهن. اهي هارين لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ٿيندا آهن، پر بدلي ۾ جڏهن بہ اهي هارين کي منهن پوندا آهن تہ ماري ڇڏيندا اٿن. آسٽريليا ۾ هڪڙو اهڙو نانگ آهي جيڪو ڇمڙن کي ماريندو آهي. هر وڻ تي ويٺل هڪڙي نانگ جي ڪري اها پڪ هوندي آهي تہ ڇمڙو يا لومڙ ڇمڙو پڪل ميوو خراب ڪونہ ڪندو.

نانگن بابت اهو وهم 3000 سال پراڻو آرين جي اوائلي دور جو آهي. برهمڻ پنهنجي شاگردن کي هڪڙو مضمون "نانگ پالڻ" پڙهائيندا هئا ۽ اهي نڳيءَ جي انهيءَ ڏاه تي گذران ڪندا هئا. سنڌ ۾ نانگ ڏارڻ وارا جوڳي اِئين چوندا آهن. اهو لفظ "يوڳي" يا "يوگا" مان وتل آهي. پنڊت اهو عمل ڪندا آهن. جوڳي آبادين کان پري ڪکائن گهرن ۾ رهندا آهن. انهن جو بنياد هندن جي فرقي تانترڪ ڌرم تي ٻيل آهي. اِن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ان ۾ جنسي سرمستيءَ کي .:.جانيت جو معراج سمجهيو وڃي ٿو ۽ جوڳين انهيءَ ڳالهہ کي فن ۾ تبديل ڪيو هو. پاڪستان ۽ هندستان جي آزاديءَ کان اڳ سنڌ ۾ جوڳي اهڙي قوت جي ڪري مشهور هئا. ٿي سگهي ٿو تہ نانگن جي پوڄا واري ڳالهہ نانگن ڏارڻ کان اڳ جي هجي.

جوڳي يا يوڳي مرليءَ سان نانگ ريجهائيندا آهن. نانگن کي ڪن نہ ٿيندا آهن ۽ اهي ٻوڙا هوندا آهن. انهن کي ڦاسائڻ ۾ مرليءَ جو ڪو ڪم ناهي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڪيترائي آمريڪي فوجي هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مقرر ٿيل هئا، جتي انهن نانگ ۽ جوڳي ڏٺا هئا. آمريڪا اندر ماٿهن ٽوڙي يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۾ اهي کهاڻيون ايتريون پکڙيون، جو جڏهن آءٌ آمريڪا تي ويس تہ وڏيري آدم خان پنهور سندس پٽ

خير محمد لاءِ هڪڙو نانگ ۽ مرلي ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو، جيڪو ان وقت ڪئليفورنيا ۾ شاگرد هو. مون انهيءَ بنياد تي انڪار ڪري ڇڏيو ته نانگ ڪٽي وڃڻ لاءِ آمريڪي سرڪار جي اجازت ۽ پاڪستان سرڪار کان اُن جي ڪٽي وڃڻ جي اجازت جي ضرورت هئي. ان کان سواءِ ٻين بندشن جي ڪري ٻه سندس پٽ پنهنجي ڪمري ۾ ته نانگ رکي ڪونه سگهي ها. مطلب ته آمريڪين ۾ ايڏو جنون هو.

مون پنهنجي ڳوٺ ۾ نانگ جهلڻ لاءِ ڀڳهار تي رکيل جوڳي ٻه ڏٺا. هڪڙي ڳوٺائي پنهنجي گهر ۾ نانگ ڏٺو. ڪيس ڊپ هو ته متان نانگ گهر جي ڀاتين کي ڪکي وجهي. هن ٻه جوڳي گهرايا. انهن ڇهن ڪلاڪن کان پوءِ ٻه نانگ ڦاسايا، پر اهي نانگ هن جي ڏٺل نانگ کان جدا هئا. ڳوٺاڻن جو خيال هو ته اهي نانگ جوڳي پاڻ ڪٽي آيا هئا. منهنجو ٻاروتڻ کان اهو مشاهدو آهي ته واسينگ گرميءَ ۾ وات نه کوليندو آهي، انڪري ان کي ڳچيءَ مان جهلڻ سولو آهي. جوڳي انهن جو زوري وات کولائي تکي چاقوءَ سان، ان جي زهر واري ڳوٿري متان وڍي ڇڏيندا آهن. مون کي اها ٻه خبر آهي ته زهريلي نانگ جي ڏندن ۾ ٻه جهليون هونديون آهن. ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور کي ڏنگڻ مهل اهو ٻئي ڇهنبون ان جي ماس ۾ کپائي ان ۾ زهر اوڳاڇيندو آهي. ڏند جو زخم وڏو ۽ گول هوندو آهي جڏهن عام ڏند جو نشان ننڍو ٽاچني جي سوراخ وانگي ٿيندو آهي. نانگ تيز ڊوڙي نه سگهندا آهن، انڪري جيڪڏهن اهي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪکيندا آهن ته موقعي تي ئي مارجي ويندا آهن. مون پنهنجي ٻنيءَ تي ڪم وارن کي سيکاريو آهي ته جيڪڏهن نانگ ڪنهن کي ڪکي وجهي ته ان جو منهن چپي، ڏند ڏسن ته نانگ زهريلو هو يا نه، ته جيئن ڊاڪٽر ۽ دوائن جي خرچ کان بچي سگهجي. بنا زهر وارن نانگن کي هاريءَ جو ساٿي سمجهڻ کپي ۽ انهن کي مارڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهي ڏيڏر، ڪئا ۽ ٻيا فصل کي نقصان ڏيندڙ جيت کائيندا آهن. مون کي ٻه ايسنائين نانگن ۽ انهن جي پلانڊ' کان ڊپ ٿيندو هو

جيستائين مون کي اها خبر پئي ته اهي ٻوڙا ٽيندا آهن ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ مرليءَ يا لٺ واري طرف ڇُچيءَ کي هلائيندا آهن.

1973ع ۾ آءٌ نواب محمد خان نالي نانگن واري همراه سان مليو هوس. جنهن اسان کي ڪافي مزي واريون ڳالهيون ٻڌايون. بجليءَ جي هڪڙي جوڳيءَ وانگي سندس به دعويٰ هئي ته پاڻ نانگ جي چڪ سان ڪينسر جو علاج ڪري سگهيو ٿي. ڪيترائي ڪينسر جا مريض ساڻس ملڻ آيا ۽ هن ان ڳالھ ۾ فائدو ڏٺو ۽ پنهنجي ڪلينڪ کوليائين. هڪڙي همراه مٿس ڪيس به ڪيو هو، جيڪو علاج لاءِ پنهنجي زال کي انگلنڊ مان وٺي آيو هو. ان کي هن هڪڙي نهايت سخت زهريلي نانگ جو ڏنگ هڻايو. زهر جي زور تي مائيءَ پنهنجون اکيون کولي مڙس سان به ٽي لفظ ڳالهايا، پوءِ بيهوش ٿي وئي ۽ بيهوشيءَ ۾ ئي مري وئي. ڪيس گرفتار ڪري مٿس قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو. پر جيئن ته مائيءَ جو مڙس پاڪستان ۾ رهي ڪونه ٿي سگهيو ته ٻڌٽين جون حاضريون ڀري سگهي، انڪري "جوڳي" ڇٽي ويو. سندس ڪلينڪ چار پنج سال هلي ۽ اُن ۾ هڪ ئي وقت ۾ 20 مريضن جو علاج ٿيندو هو! انهيءَ وچ ۾ هن سوَکن مريض ماريا هوندا. مون وٽ ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ وارا سندس شاگرد هن لاءِ نانگ ڦاسائيندا هئا، پر ان کان وڌيڪ ٻي ڳالھ ڪين ڪانہ سيکاريائين. هڪڙي دفعي منهنجي ٻنيءَ کان ميل ڪن پري نواب نور احمد جي ٻنيءَ تي هن منهنجي رومانيائي مهمانن کي به ڏاڍيون مزيدار اٽڪلون ڏيکاريون. وٽس پنهنجو هڪڙو همراه هوندو هو، جنهن کي واسينگ کان ڏنگائيندو هو. اهو جلدي بيهوش ٿي ويندو هو، پوءِ منتر پڙهي ڪيس هوش ۾ آڻيندو هو!

منهنجو خيال هو ته ان همراه کي ڏاڍو نشو ڏنو ويندو هو، هوش ۾ اچڻ وقت نشي يا زهر جي ڪري سندس اکيون ڏاڍيون ڳاڙهيون هونديون هيون. شايد نانگ جي زهر جو علاج هُو اڳواٽ ئي ڪري ڇڏيندو هو!

# اسان جون پاليل ڪڪڙيون

سنڌ ۾ گوشت شهرن جي ضرورت، ۽ ڳوٺ جيڪي گوشت خريد ڪري سگهن، تن لاءِ عياشي آهي. بهرحال سنڌي ڳوٺاڻن کي پتو هو ته سٺيءَ صحت لاءِ جانورن ۽ مڇيءَ جو گوشت کاڌي جو ضروري جزو آهي، انڪري هو مڪاني نسل جا ڪڪڙ به پاليندا هئا. سکر بئراج کان اڳ واري دور ۾، جڏهن اونهاري ۾ رڳو ساريون ٿينديون هيون، تڏهن هر سال نومبر ۽ ڊسمبر ۾ وڪري کانپوءِ باقي ڏهن مهينن جيترو پلال ڍورن لاءِ گڏ ڪري رکبو هو.

مون کي خبر ناهي ته هر ڪنهن کي اهو معلوم آهي يا نه ته سارين جي ول مٿان ڏاندن سان ڳاهه ڳاهڻ ڪري ڪجهه داڻا پلال ۾ رهجي ويندا آهن. اسان جي گهر ڀاتين کي معلوم هو ته ڪڪڙ اهي داڻا سولائيءَ سان چڳي سگهن ٿا. انڪري مال کي شام جو ڏيڻ واري پلالَ کي صبح جو ويڙهين مان کولي، زمين تي ڪنڊائي، ڪڪڙن کي چڳڻ لاءِ اوڏانهن ورائي ڇڏيندا هئا ۽ هو اهو ڀن ڪلاڪن اندر چڳي وٺندا هئا. پوءِ پلال ميڙي شام جو مال کي ڏيڻ لاءِ رکبو هو. منجهند جو انهن کي لحمين سان ڀريل مٽر کائڻ لاءِ ڏبا هئا ۽ پوءِ اهي آرام ڪندا هئا. انهن کي گهرو کاڌي مان بچيل ٽڪر پور به ڏبا هئا. اهي ڇهن - سٽن هفتن ۾ نه پر 24 هفتن ۾ کهڻ جهڙا ٿي ويندا هئا. سال جا ٽيڻ بعد اهي رڌڻ لاءِ ڏڪيا هئا، جيستائين انهن کي گهٽيءَ دير تائين نه رڌجي، ۽ ان لاءِ وري ايلومينيم

جي ديڳڙيءَ کي ڏاتوءَ جو ڍڪ ڏئي، مٿان سر وغيره جو بار رکي، ان کي سوگهو ڪرڻو پوندو ته جيئن ٻاڦ انهن کي ڳرڻ ۾ مدد ڪري. اسين ڪڪڙ گهڻا پاليندا ۽ کائيندا هئاسين. منهنجو اندازو آهي ته ڪجهه سالن دوران جڏهن مان اچان ڏهن سالن جو نه هئس، اسان وٽ هفتي ۾ ٻه پيرا ڪڪڙ رڌبو هو. پر ان ۾ گهٽ وڌائي به ٿيندي هئي. مطلب ته سياري ۾ ان جو تعداد وڌيڪ ۽ اونهاري ۾ گهٽ استعمال ٿيندو هو.

جيئن ته ڪڪڙن کي مکيه خوراڪ ڪاڌي جي پورن ۽ بچت مان ملندي هئي، تنهنڪري ان جو مدار اسان جي ڪٽنب جي ڀاتين جي تعداد تي هو، جيڪو منهنجي امڙ ۽ چاچي جي گهرواريءَ جي وفات بعد گهٽجي ويو ۽ مان پڙهڻ لاءِ ميهڙ هاءِ اسڪول هليو ويس. ٻين چند سالن ۾ اهو مقدار اچا به گهٽيو، جڏهن منهنجي پڦي ۽ منهنجو ڏاڏو به فوت ٿي ويا. ڪڪڙ جانورن جو باچتو کاڌو، خصوصن سائي گاهه ۽ ڪڻ جا ٽڪر ٽيرا به کائين. ان کان سواءِ مينهن، ڍڳين ۽ ڏاندن جي ڇيڻن مان جهنگلي گاهن جا ٻج به ڪڍي کائين. ڪير ڏيندڙ جانورن جو تعداد به گهٽبو ويو، ڇاڪاڻ ته ڏڌُ ولوڙي ۽ مکڻ ڪڍڻ واريون عورتون به نه رهيون. سکر ٻئراج جْي چالو ٿيڻ سان سارين جي جاءِ ٻين فصلن والاري، انڪري ڪڪڙن جي کاڌي جو اهم ذريعو به گهٽجي ويو. سراسري طور 1947ع ۾ پاڪستان جي ٺهڻ کان اڳ ۾ ڳوٺن ۾ ڪڪڙ پالڻ جي ڌنڌي ۾ گهٽتائي ٿي وئي هئي. منهنجو ڪڪڙ جي گوشت کي وڌيڪ پسند ڪرڻ نهڻ ۾ انهن جي پالنا پڻ هڪڙو سبب هو.

1957ع ۾ گهٽي سرڪاري ڪم ۽ وقت تي ماني نه کائڻ ڪري مون کي هاضمي جي تڪليف ٿي پئي ۽ منهنجي دوست ڊاڪٽر علي محمد چوڌري مون کي ڪڪڙ جي اوباريل گوشت کائڻ جو مشورو ڏنو. 1964ع ۾ لنڊن جي ڊاڪٽر سر ايوري جونس مون کي ميدي ڏُکٽو- (Glutein sen-sitivity) قرار ڏنو ۽ مون کي ڪڻڪ، جوَ ۽ رائي، جن ۾ ميدو آهي، سي

ڇڏڻا پيا.هن ڊاڪٽر جو نالو انڪري لکيو اٿم، جو اها بيماري هن 1960ع ڌاري ڳولي ڪڍي ۽ راڻي ايليزبيٿ کيس "سر" جو لقب عطا ڪيو. بعد ۾ مون ان سان ڳچ دفعا مشورو به ڪيو. 1957ع کان وٺي اڌ ڪان منو ڪلوگرام اوپاريل ڪڪڙ منجهند جو، ۽ ساڳيو کاڌو چانورن سان يا پٽاٽن سان گڏ رات جو، منهنجي خوراڪ آهي. اُن ڪري آءٌ پانيان ٿو ته ڪڪڙ جي گوشت جو ذڪر منهنجي زندگيءَ ۾ خاص اهميت رکي ٿو. ڇو جو ان ڪري آءٌ صحتمند رهيو آهيان ۽ جي رهيو آهيان.

ڪڪڙ ٻهراڙيءَ واريءَ سنڌ لاءِ جِيوُ پروٽين(Animal Protein) جو مکيه ذريعو هو، انڪري جو انهن کي پالڻ لاءِ اچلڻ جهڙا مانيءَ ٽڪر هر وقت موجود هوندا هئا، پر اهو ٿورو کاڌو، جو کي ماڻهو مهيا ڪري نٿي سگهيا، ان جي ڪري ڪڪڙن جو تعداد ٿورو گهٽبو ويو. ڪاروباري فارمن تان سستيون ڪڪڙيون ملڻ ڪري، جڏهن کان ٻهراڙين ۾ روايتي (ديسي) ڪڪڙين پالڻ ۾ گهٽتائي آئي آهي، تڏهن کان وٺي ڪن غريب گهرن کي، سواءِ شاهوڪارن وٽان بطور خيرات، ڪنهن ڏينهن ڏهاڙي يا عيد برات جي موقعي جي، سال پر جون "پروٽين" نصيبَ ڪو نه ٿو ٿئي. منهنجي گهٽن ڪڪڙن کائڻ جي باري ۾ منهنجي دوست محمد خان چاوڙي هڪ ڏينهن چيو ته "قيامت جي ڏينهن ڪڪڙ وڏي وفد سان خدا کي شڪايت ڪرڻ ويندا ته اسان جا خاندان حسين پنهور تباهه ڪيا آهن ۽ اسان جو فرياد ٻڌي هن کي سخت ۾ سخت سزا ڏي!"

# ٻوٽ جو ڊکڻ

اسان جو گهر ڪيترو بہ سادو ۽ گهٽ آمدنيءَ وارو هو، پر منهنجي امڙ مون کي هر اها شيءِ ڏني، جا هن جي ياءُ وٽ هئي. سندس ياءُ وٽ بہ هندورا هئا، هڪ گهر ۾ ۽ ٻيو اوطاق ۾. هالن وارو هندورو سنو هو، جنهن تي جندي روغن جو ڪم ٿيل هو. منهنجي والد ، الله بخش ڊکڻ کي، جيڪو سڀ هلڪا ڪم، جهڙوڪ ڏاند گاڏيون، پانجاريون، ڪاٺ جا هر، اوزارن جا ڳن، مانداڻين جا ڪتا، دال منديڙا اٽي لاءِ چڪرا ۽ ويلڻ ۽ ڏويون وغيره ٺاهيندو هو، ان کي گهرايو. هو ٿهڪڻ ٻوٽ جو رهواسي هو، جيڪو پنج ميل پري آراين جي ٻوٽ سان لڳو لڳ واقع هو. هو اتڪل اٺن ڏهن ڳوٺن ۾ ”آهت“ ڪندو هو. هن منهنجي والد کي ٻڌايو، جنهن وري امڙ کي ٻڌايو تہ الله بخش چيو آهي تہ ”لاک روغن جي ڪم لاءِ باهڻ جو ڪاٺ مضبوط نہ آهي ۽ وقت گذرڻ تي لاک روغن(رنگ) لهي ويندو ۽ خراب ٿيندو ۽ وري جي جوڙن وٽان ٽٽو تہ ان جي مرمت محال آهي. جيڪڏهن اوهين سڪل ٽالهي(شيشم) جو ڪاٺ هٿ ڪيو تہ اهو جنديءَ جي ڪم لاءِ ڀلو آهي ۽ سنو ثابت ٿيندو. ان ڪان پوءِ وري نم بہ بهتر آهي، خصوصن ٿانن لاءِ.“ منهنجي والد مختلف هنڌن تان وڻن جا ٽڙ ورتا ۽ ڪم شروع ڪرايو. ڪم ڪرڻ جو هنڌ اسان جي پاڙيسريءَ جو خالي مينهن جو واڙو مقرر ڪيو ويو، جيڪو ان وقت خالي هو. تڏهن مان ڇهن سالن جو هئس. جيئن تہ مون

کي موڪلون هيون تنهنڪري مون ساڻس گڏ ويهي ڏنو تہ هن ڇا پئي ڪيو، ڇا سان ۽ ڪيئن؟ پهرين هن ڪاٺ جا بنڊ چيري تختا ٺاهيا ۽ پوءِ انهن مان مختلف حصن جي لڳ ڀڳ ماپ جيتريون پٽيون چيريون. هن هڪ سگهارو ”لا نما“ (Wood turning lathe) جنديءَ لاءِ تيار ڪيو، جنهن تي هن ٽن ماپن جا ڏهہ ٽڪر ڪڍيا. ٽڪر جي هر ڇيڙي کي انگريزي اکر 'U' نما ٺاڻي ۾ لڳل مضبوط ڪوڪن سان سوگهو ٻيهاريو ويو. هن چوڪور ٽڪرن تي نشان ڪيا ۽ هڪ ڇيڙو گول گهڙي ان کي اڳتي پوئتي ڦيرائڻ لاءِ وڏي ويڙهيائين. پوءِ هڪ ڏکي خمدار رنبيءَ سان ڏهن ٽڪرن کي سيبتي شڪل ڏني. پوءِ هن ڪن ٽڪرن کي چير يا وڍ ڏنا ۽ ڪن ٻين کي چوڪور ڪري هڪ پاسي ڪِلي جهڙو ڇيرو ٺاهيو. مطلب تہ هڪ مهيني بعد پينگهو تيار ٿي ويو. هن کي ڪجهہ هفتن تائين ڏسندي مان ڊڪاٺڪي ۽ واڍڪي ڪم جي مول يا اصول کي سمجهي ويس. پوءِ مون ميزن، ڪرسين، ڪٽن، پينگهن، هندورن، درن، درين، گهرن، اوطاق ۽ اسڪول جي مَنهَن ۽ انهن کي لڳل آڏيون ٽيڪون ڏنيون ۽ ان نتيجي تي پهتس تہ جيڪڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ يا ٻہ ڊڪڻ هجن ۽ مختلف قسمن جو ڪاٺ يا وري دريائي علائقي مان، جيڪو فقط ٻہ ميل پري آهي، هجي تہ هي ڊڪڻ سڄي ڳوٺ کي ان جي مختلف سستين شين سان رهڻ جي قابل بنائي سگهن ٿا. مون کي ڊڪاٺڪي ڪم سکڻ جو پهريون موقعو، اين. اي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انجنيئرنگ جي پهرئين سال دوران 19 سالن جي عمر ۾ مليو، ۽ مون اتي سال ۾ 200 ڪلاڪ ڪم ڪيو. اهو ڪم مختلف پيچيدن جوڙن تي مبني هو، جن لاءِ گهڻي باقاعدگي ۽ پورنتا گهربل هئي، جيڪا الله بخش جي ڄاڻ ۽ پهچ کان مٿي هئي. 1951ع ۾ مون آمريڪا ۾ ڊڪاٺڪي مشين ۽ ان جو ڪم ڏٺو. مون سوچيو تہ مان ڊڪاٺڪو ڪارخانو قائم ڪري سنڌي شهري ۽ ڳوٺاڻي آباديءَ لاءِ وڏي تعداد ۾ اوڇي توڙي

سادي ڪاٺ مان ٺهيل گهرو استعمال جو سامان، مناسب اگهن تي مهيا ڪري پئي سگهيس.

سنڌ ۾ ائگريڪلچر انجنيئر مقرر ٿيڻ تي مون بجلي تي هلندڙ ڊڪاٺڪا اوزار، جن ۾ ڪارائي ، خمدار ڪرت، ڪاٺ لاءِ جنڊي، رندو، ٻه پاسا گهڙيندڙ رندو، رنبي، سيراهي، ريگمال ۽ هر قسم جا بجليءَ تي هلندڙ اوزار گهرايا. اهي ٽنڊي ڄام جي ائگريڪلچر ورڪشاپ ۾ 1955ع ۾، جڏهن زرعي ورڪشاپ حيدرآباد کان ٽنڊي ڄام آيو، اتي نصب ڪرايا ويا. انهن مشينن ۽ مڪاني اوزارن جي مدد سان اسان ڪاليج جي هاسٽلن، تجربيگاهن ۽ اڪثر تدريسي ڪمرن لاءِ ڪاٺ جو سامان تيار ڪيو. اسان ائگريڪلچر ورڪشاپ ۾ ٽرئڪٽرن جي پُرزن ۽ حصن رکڻ لاءِ 10 فوٽ اوچا ۽ 16 فوٽ ويڪرا ڪٻٽ به ٺاهيا. اسان پنج ڊکڻ اوزارن هلائڻ ۽ مختلف حصا ٺاهڻ لاءِ، ۽ نَوَ ڊکڻ انهن حصن کي جوڙڻ لاءِ رکيا. اسان جو پڪو ملازم ڊکڻ نگران انچارج طور ڪم ڪندو هو. اهو ڪم ڪندي مون کي ننڍپڻ ۾ ڳوٺ واري ڊکڻ الله بخش جي ڏنل ڪم دوران جيڪا بنيادي ڄاڻ ملي هئي سا ياد ايندي هئي. بعد ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجن گهرن لاءِ گهر جو سڄو سامان مون انب، نم، ڄامن ۽ چيڪوءَ جي لڪڙيءَ مان ٺهرايو. 50 سالن کان پوءِ اهي اوزار پاڪستان ۾ عام ٿي ويا آهن.

هاڻي ٻهراڙيءَ ۾ يا ته ڊکڻن جو تعداد گهٽجي ويو آهي، يا اهي شهرن ڏانهن لڏي ويا آهن. هٿ جي جديد برقي رندن ڪاٺ جي ڪم لاءِ عالمي مشينون سيراين ۽ سوراخ ڪرڻ وارين مشينن جي ڪري شهرن کان ٻهراڙين ڏانهن ڪاٺ جي مشين جي ڀرمار ٿي آهي، پر اڃا به ٻهراڙيءَ جي فرنيچر جي شهرن ۾ استعمال لاءِ گنجائش آهي. جديد برقي آلات جي اچڻ جي ڪري ٻهراڙيءَ جي ڊکڻ جا به اهي محنت جا ڏينهن نه

رهيا آهن. انهي مخصوص ضرورت لاءِ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن واسطي تربيت جي گنجائش آهي،

يوڪلپٽس (سفيدو) جو وڻ ماحول سان موافق ۽ ڪفايتي نہ آهي، پر انبن يا وڏن ٽُڙن وارا وڻ وڍجن پيا. انهن جو ڪاٺ اڏوهيءَ کان محفوظ ٿي سگهي ٿو. انهن کي گاسليٽ يا ڊيزل پيارڻ سان اڏوهيءَ کان بچاءُ ٿيو وڃي. ڄمون ساڳ جو عمدو متبادل آهي. اهو ڏاڍو لاڀائتو ميوْيدار وڻ بہ آهي، اهو سنڌ ۾ فرنيچر لاءِ پختو ڪاٺ ۽ پراڻن وڻن مان آمدنيءَ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو. پالش ڪرڻ بعد جامن ۽ ساڳ جي ڪاٺيءَ ۾ ظاهر ڪو فرق نٿو محسوس ٿئي ۽ خود ڊڪڻ بہ فرق نہ ٿا ڪري سگهن. انهي کي اڏوهي بہ نہ ٿي کائي. شيشم جو اندريون حصو گهَرو خاڪي ۽ ٻاهريون حصو سفيد ۽ نرم ٿئي ٿو، جنهن کي اُڏوهي کائي ٿي، پر جامن جو ڪاٺ چوڏي کان هيٺ سڄو ئي ساڳ جي رنگ جو ٿئي ٿو ۽ تيار بہ جلد ٿي وڃي ٿو، پر الائي ڇو سنڌين ان تي خيال نہ ڏنو آهي!

# اسان جي ڳوٺ جو موچي

ڏکڻ ايشيائي ذاتين ۾ قاصائي، چمار ۽ موچي گهٽ مرتبي وارا ليکبا آهن. سنڌي هندو ڪڪڙ، ٻڪري، رڍ ۽ ٻڪر جو گوشت کائين، پر ڳُهڻ وارو ڏوهه ٻين جي ڪاتي ۾ وجهن. درحقيقت اهڙا عجيب عقيدا اقتصادي ضرورتن جي ڪري پيدا ٿيا آهن. ديناداستيءَ طور مذهبَ اقتصاديات جي اثر هيٺ رهن ٿا. سنڌ جا قاصائي ضرورت تحت ئي مسلمان آهن. ڇاڪاڻ ته مسلمانن کي کائڻ وارو گوشت حلال ڪرڻ لاءِ، تي پيرا "بسم الله - الله اڪبر" چوڻو پوي ٿو. سنڌي هندن ان ڳالهه کي معمولي سمجهي ان تي اعتراض نه ڪيو. سنڌي قاصائي بهرحال مسلمان هئا ۽ آهن، پر هندستان جي هندو اڪثريت وارن علائقن ۾ اهي اڇوت هئا. جڏهن ڪو قاصائي ڪنهن لاءِ جانور کهندو هو ته گوشت ٺاهي مالڪ کي ڏيندو هو ۽ کل، ڪُهائيءَ ۽ گوشت ٺاهڻ جي معاوضي طور پاڻ رکندو هو ۽ اها کل چمار کي وڪڻندو هو. هندستان جا مسلمان يا هندو قاصائيءَ کي ڪمذات سمجهندا هئا ۽ انهن سان مٽي مائٽي ڪونه ڪندا هئا.

اسان جي ڳوٺ وارو موچي محمد رمضان به چمار هو. هڪ ڀيري منهنجي ڏاڏي عيدالاضحيٰ جي موقعي تي ڏاند ڪُٺو ۽ چوڙو انهيءَ موچيءَ کي ڏنائين. مون کي حيرت لڳي ته ان ساسيءَ جي چوڙي کي هو ڇا ڪندو. معلوم ٿيو ته اهو موچيءَ جي گهر ڪمائجي پيو. پوءِ مان

۽ زنانيون، جن تي خوبصورتيءَ لاءِ روپي تند (Silver thread) جو ڪم به ٿيندو هو. روپي تند جو ڪم ڪنهن ٻئي هنڌ ٿيندو هو ۽ جتين جي قيمت جو مدار انهيءَ ڪم جي قسم تي هو. زنانين جتين جي مُهڙ مٿان گهڻ رنگي، سٽ يا پشم جا گل هوندا هئا. جتين جي پٺن ۽ ڪڙين وارن ٽڪرن تي روپي تند جو ڪم ٿيل هوندو هو. زناني جتيءَ جي ڪڙي مرئي وٿان وڌيل نه هوندي هئي، پر روپي تند جو ڪم انهيءَ ٽڪر تي هوندو هو، جنهن تي عورت جي ڪڙي بيهندي هئي. مرداني توڙي زناني جتيءَ جا مٿيان ٽڪر ايترا ننڍا هوندا هئا، جو پير جو مٿيون پاسو يعني پُٺِ پئي ڏسبي هئي. زناني جتيءَ کي روڪ لاءِ ڪا وڌي يا زبانو وغيره نه هوندو هو، جيڪو هلڻ مهل بند ٿئي، انڪري مايون پير گسڪائي هلنديون هيون ۽ ڳوٺائين دَزِيَلَ گهٽين ۾ ڊوڙ اڏائيندي هلنديون ويندڀون هيون.

رمضان موچي جيڪي ڪلون پٽ تي سڪائڻ لاءِ وجهندو هو، تن جون خاصيتون ماٺهن کي ٻڌائيندو هو. چمڙي ڪاٽڻ کان اڳ ۾ هو گٽن، مضبوطيءَ ۽ ملهه جي لحاظ کان ان جا ست قسم ٻڌائيندو هو ۽ اهي هئا ڪرنگهي وارو، پاسن وارو، پيٽ وارو، پوئين رانن جي مٿين حصي وارو، اڳين ٽنگن جي مٿين حصي وارو، پوين ٽنگن جي هيٺين حصي ۽ اڳين ٽنگن جي هيٺين حصي وارو چمڙو. مون 40 سال پوءِ چمڙي جي ڪارخاني وارن کان پڇيو، جن ان درجي بنديءَ کي صحيح قرار ڏنو. هو جتيءَ جي قيمت چمڙي جي انهن قسمن جي نسبت سان وٺندو هو. سئي چمڙي جون جتيون هاري پائيندا هئا، جي سالن تائين هلنديون هيون. پچاڙيءَ وارن ٻن قسمن مان نرم زنانيون جتيون اڪثر ٺهنديون هيون. ٻارن جي جتين لاءِ ٻاڪري ۽ ريڍي کل استعمال ڪندو هو. ان جا به ساڳيا ست قسم هئا. هن مون لاءِ جتي ٺاهي جيڪا سندس خيال مطابق نهايت آرام ده هئي، پر درحقيقت لسن سڌن پيرن (Flat feet) وارن لاءِ هئي. ڙيءَ جي اوچائي صحيح نه هئڻ ڪري مون کي هلڻ ۾ تڪليف ٿيندي

هئي. هاڻ اسڪول پڙهڻ ويس تہ مون مغربي نموني وارا انگريزي بوٽ پاتا ۽ سنڌي روايتي جتي پائڻ ڇڏي ڏني. هنري جاڻ ۽ ڪاريگريءَ ۾ سنڌي هنرمند پوئتي پيل نہ هو، پر پاڻ وٽ سماجي جمود جي ڪري ترقيءَ جي رفتار رڪجي وئي هئي. مون ڏٺو تہ هن مردائيون ۽ زنانيون جتيون ٺاهيون، جن جو ساڄو ۽ کابو پادر هڪ جهڙو ۽ متاستا ڪرڻ جهڙو هو، ان ڪري هر ماڻهوءَ جي پيرن لاءِ اهنجيون هيون. ڪڙيون ۽ پاسا ننڍا هوندا هئا، انڪري انهن مان مٽي ۽ ڌوڙ اندر داخل ٿيندي هئي، جيڪا باقاعدگيءَ سان صاف ڪرڻي پوندي هئي. اسان جي ڳوٺ جي مٽي ڪلرائي هئي، انڪري پيرن ۾ خارش پيدا ڪندي هئي. سخت چمڙي کي تيل سان نرم نہ ڪرڻ جي صورت ۾ پيرن تي قلڪٽا يا لِڦون ٿي پونديون هيون. سنڌي جُتي، هندو توڙي مسلمان، غريب ۽ شاهوڪار، 1950ع تائين عام طرح سان پائيندا هئا، پر ان جو رواج پوءِ آهستي آهستي گهٽجي ويو. موچيءَ وٽ بنهہ وڏن پيرن لاءِ ٺهڻ وارين جتين جيترا قالب نہ هوندا هئا. هي هنرمند هارين جي پيٽ ۾ وڏيڪ سڌريل هئا. پئسن سان خريد فروخت ڪندا هئا، حالانڪہ هو مالي طور هارين کان گهٽ نہ سمجهيا ويندا هئا. اسان جي ڳوٺ جي پهرين ڇوڪري، جا ابتدائي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وئي، سا هن رمضان موچيءَ جي ڌيءَ هئي، جنهن اسان جي ڳوٺ ۾ نيائڻين جي پڙهڻ پڙهائڻ جو رستو هموار ڪيو. انهيءَ حوالي سان هو اسان جي ڳوٺ ۾ ”زناني تعليم“ جو باني هو. جيتوڻيڪ اهو ڪم هن مامي محمد صالح جي چوڻ تي ڪيو، پر ٻين لاءِ رستو هن ئي کوليو.

هندو ۽ مسلمان ساڳئي قسم جون جتيون پائيندا هئا. هندو ماهئي چوڙي مان ٺهيل جتيون پائڻ کي خراب نہ سمجهندا هئا پر هميشہ پڪ ڪندا هئا تہ ڪٿي اها ڍڳيءَ جي چوڙي مان ٺهيل تہ نہ آهي! اها تہ سيني کي خبر آهي تہ جتي ٺهي وڃڻ بعد ماهئي ۽ ڳائي چمڙي ۾ تميز ڪرڻ مشڪل آهي. موچيءَ کي اها سڌ هئي تہ مينهن جو چمڙو ڍڳي جي چمڙي کان

وڏيڪ مضبوط آهي. سخت ۽ ڪيڙيءَ واري زمين ڪاهڻ وقت ماڻهو اها جتي استعمال ڪندا هئا ته جيئن پيرن ۾ ڦلڪٽا ۽ زخم نه ٿي پون. جتيءَ جو اهو نمونو شايد صدين کان مروج هو، جنهن ۾ سڌي يا لَڪدار پير کي ملائي بيهارڻ لاءِ ڪڙي ۽ پير جي پٺ ڍڪڻ لاءِ پڇ نه هئا، ۽ رڳو پير جون آڱريون ٿي ڍڪيون. پاسا گهٽ ويڪر ۽ سنڌو ڪُڙيءَ سان ڳنڍيل هئا، جن مان ڌوڙ ۽ واري پاسي کان داخل ٿي سگهي ٿي. سينگارڻ جي مقصد سان جتيءَ جي نوڪ ورائي پڇ سان سبي جڙيندا هئا، جا ان کي وڌيڪ سخت ڪندي هئي ۽ يقينن لقون به وجهندي هئي. زناني جتيءَ ۾ رڳو پڇ جو ٽڪرو ۽ ڪڙي ٿيندي هئي، اُن ۾ پاسا ۽ اٽيل ڪُڙي نه هوندي هئي. اهڙي مناسب ماپ جي ڪڙيءَ سان يورپ ۾ گهر اندر پائڻ لاءِ ميولز ياڪشادي قسم جو سليپر يا جوتو ٿئي. پير ۽ جتيءَ کي ملائڻ واري وڏيءَ کان سواءِ ويچارين عورتن کي هلڻ وقت پير گهلڻو ٿو پوي. جيتوڻيڪ چيني عورتن جي ٻڌل پير کان گهٽ آزاريندڙ آهي، پوءِ به هو عورتن لاءِ بي ضرر نه آهي. مون کي اهڙين جتين کان بچان ته هئي پر هاءِ اسڪول ۾ وڃڻ تائين، جڏهن اتي مغربي جديد قسم جا بوٽ نه پاتم، منهن ڏيندو رهيس. يورپ وارن جا بوٽ سائنسي طريقي سان ٺهيل آهن، جي پيرن کي صاف به رکن ٿا ۽ ٿڌ، برف ۽ مينهن ۾ به بچاءُ ڪن ٿا. اهي سنڌ ۾ عام نه ٿيا هئا، جو مهانگا هئا. سنڌي جتين تي چانديءَ جو ڪم ٿيندو هو، ان جي قيمت به ڪم تي مدار رکندي هئي ۽ زميندار، پير، سيد ۽ وڏا شاهوڪار ڏيکاءَ لاءِ اهي ٺهرائيندا هئا. انڪري اها شايد هڪ ٻن يا وڌيڪ صدين ۾ نه بدلي ۽ هاڻي غائب ٿي وئي آهي.

جتين ٺاهڻ وارا جيڪي موچي سڏبا هئا، هندستان ۾ نيچ قوم تصور ڪيا ويندا هئا. سنڌ ۾ سندن مسلمان ٿيڻ کان پوءِ منجهن ڪو خاص سڌارو ڪونه آيو. مسلمان انهن کي شادين، مرادين ۽ دعوتن ۾ ڪونه

سڏيندا يا ڪارائيندا هئا. باقي مسجد ۽ عيدگاهه ۾ نماز گڏجي پڙهندا هئا. منهنجو خيال آهي ته اسلام هتي اچي ڪافي هندستاني رسمون جذب ڪيون.

رمضان جي سوئٽ جي ماءُ، جيئن متي مون ٻڌايو، دائي هئي، جيڪا نهايت گدلي هئي. ڳوٺ ۾ هر ويم اُها ڪرائيندي هئي ۽ انهيءَ ڪم دوران ڪيتريون ئي عورتون سندس هٿان مرنديون رهنديون هيون.

# ڳوٺاڻو ڪنير

مان اٽڪل ستن سالن جو هئس، جڏهن پاسي واري ڳوٺ مان ڪي ڪنير اسان جي ڳوٺ ۾ آيا ۽ ٺڪر جا ٿانوَ ٺاهڻ لڳا. اهي مامي جي اوطاق جي ڇاپري ۾ ڪم ڪندا هئا. اسڪول جي پاسي واريءَ ڪڏ مان مٽي ڪڍندا هئا. اها ڪڏ چند مهينا اڳ سربندن کوٽي هئي، جيڪا پوءِ ڳوٺ ۾ مٽيءَ جي گهرن جي پٽين لاءِ به ڪم آندي وئي. مون لاءِ اها حيرت جهڙي ڳالهه هئي ته ڇو رڳو ان ڪڏ ۽ ان جي پر پاسي واري مٽي تي ڪم آندائون. ڏٺم ته هنن رڳو اڌائي ڪان ٽن فوٽن تائين هيٺ مٽي کوٽي ٽي، جو اها سخت ۽ پُسڻ بعد چيڙهالي ٿي پئي ٿي. ان کي کوٽڻ وقت ڪوڏر جو آواز ئي مٽجي ٿي ويو ۽ ٽڪرو هيٺ نٽي لٿي. فوٽ ڏيڍ هيٺ لهڻ بعد زمين جو نرم تهه ٿي آيو. زمين جي انهيءَ ٽڪري جي اها خصوصيت هئي، جو ايندڙ ڪجهه سالن ۾ ڏٺم ته سڄي ڳوٺ ۾ مٽي ڪڍڻ لاءِ اهڙيون کڏون کنيون ويون هيون. جڻ ته اها مٽي هر طرف موجود هئي. پوءِ ڏٺم ته مٽيءَ سان پاڻي ملائي سرن، مٽيءَ جي ٿانوَن ۽ پٽين لاءِ جوڳي مٽي تيار پئي ڪيائون. مون ڪنير جو چَڪُ ۽ سرن ٺاهڻ جو ڪارَبُ به ڏٺو.

انهيءَ ننڍيءَ عمر ۾ مون سمجهيو ته عام طرح چند ٿانون جا گنل پينل نمونا هئا. جيڪڏهن ڪو رنگ ڏنائون ٿي ته اهو هڪ ورنو هو ۽ هٿ سان ڏنو ٿي ويو. چڪ زمين جي سنوت تي لڳل هو ۽ ان کي ڊگهيءَ لَٺ سان

پيرن تي بيهي يا زمين تي ويهي پير سان هلائڻ واري جي ضرورت هئي. ڪنير زمين تي اوڪڙو ويهي مٽيءَ جا ٿانو گهڙيندو هو. ڪي به ڀه گهڙيل ٿانوَ هڪ جهڙا نه هوندا هئا. ٿانون جي هڪجهڙائيءَ لاءِ وٽن ڪو به خاص طريقو ڪونه هو. عام طور سڄو ڪم تڪڙ ۾ ٿيندو هو. اٽڪل اڍائي فوٽ اونهيءَ کڏ واريءَ آويءَ ۾، اُسن ۾ سڪايل ٿانوَ سٽبا هئا، ۽ هرهڪ ۾ اندر پلال پريو ويندو هو. وٽين ۾ سڪين ڪاٺين جا ٽڪرا ۽ ڪُهَڙَ وغيره وجهبا هئا، ۽ اهي ٿانوَ زمين جي سنوت تائين ڍڪبا هئا. ان جي مٿان اٽڪل اڌ فوٽ جيترو مٽيءَ جو تهه وجهي مٿان پاٽي چٽبو هو. کڏ ۾ ٻن چيڙن تي به ننڍا سوراخ ڇڏبا هئا. هڪ باهه ڏيڻ لاءِ، جنهن مان هوا ٻرڻ ۾ مدد ڪندي هئي ۽ ٻيو گئسن ۽ دونهين وغيره جي نيڪال لاءِ. گرميءَ يا حرارت انهن ٻن سوراخن جي وسيلي قابوءَ ۾ رکبي هئي. باهه ٻارڻ کان يڪدم پوءِ مختلف هنڌن تان مٽيءَ مان دونهون مٿي نڪرڻ لڳندو هو. انهن ٽُنگن کي مٽيءَ سان بند ڪندا هئا. ڪجهه ڏينهن تائين باهه هلندي هئي ۽ ان جي وسامڻ بعد هفتي کن لاءِ ٿانون کي ٺرڻ ڏبو هو ۽ پوءِ اهي ڪڍبا هئا. تقريبن اڌ جيترا ٿانوَ ٽڙڪي پوند اهئا، باقي وڪيا ويندا هئا. پوءِ مون ميهڙ ۾ سرن جو ڪورو به ڏٺو، جنهن جو نمونو ساڳيو هو پر وڏي پيماني تي، اونهون ۽ گولائيءَ مائل هو. ان ۾ ڪاٺ جي ٻارڻ سبب وڌيڪ حرارت هئي. جڏهن ته پيداوار پڻ وڌيڪ معياري هئي. آويءَ جي گهٽ گرميءَ سبب ٿانو ٺاڪئان. ۽ سرن جي نسبت گهٽ پڪل هوندا هئا ۽ رنگ به ايترو ڳاڙهو نه هُئُن.

مون سوچيو ته مان مٽيءَ جا رانديڪا ٺاهي پچايان ته اهو ڪارنامو ٿيندو. مون به چيڪي مٽي هٿ ڪري رانديڪا ۽ هر قسم جا گهرو ٿانوَ . يا برتن، جانور، گاڏيون ۽ ٻي سامگري، مطلب ته جو به سوچ ۾ آيو، سو ٺاهيم. سڪايم. ايستائين جو گهرن کي ڏيڻ وارو آب رنگ ڏئي، ڳوٺ جي اتر پاسي واهه جي پر ۾ کڏ کوٽي، ان ۾ وجهي پچايم پر تجربو

ڪامياب نہ ٿيو. مان ڀانيان ٿو تہ مون انهن کي ٻن يا ٽن ڏينهن تائين نہ پڇايو هو. جيڪڏهن ائين ڪيان ها تہ شايد ڪامياب ٿيان ها.

بهرحال نڪر سرامڪس ۾ تائيلن منهنجي دلچسپي گهٽ نہ ٿي. ننگر پارڪر ۾ 1959ع کان 1963ع تائين زميني پاڻيءَ تي تحقيق دوران مون چيني مٽي ۾ 27 قسمن جو سماق پٿر (Granite) لڌو. چند سال اڳ 1959ع ۾ مون ٽنڊي ڄام ائگريڪلچر ورڪشاپ ۾ بہ ٻنيون ٺهرايون هيون. مون کي پتو هو تہ سرامڪس تي مختلف ڌاتن جي آڪسيڊي مرڪب جا رنگ چاڙهي، هن قسم جي ٻُنين ۾ پچائيندا هئا. هن ڏنڊي سان لاڳاپيل سنڌين لاءِ منهنجون صلاحون ڪارگر نہ ٿيون، ان لاءِ جو هو مٽيءَ جي مختلف خاصيتن، آڪسيڊي مرڪبن ۾ ضبط حرارت (Heat treatment) کان باخبر نہ هئا. هرهڪ آڪسيڊي مرڪب جي ڪاميابيءَ لاءِ مقرر حرارت جي درجي تي پچائڻ ضروري آهي ۽ انهيءَ لاءِ خاص ٻنين جي ضرورت آهي. 1952ع ۾ هڪ شاگرديائيءَ مون کي سنڌس ڪلاس جي نڪرن جي ليبارٽريءَ ۾ صحيح نموني ۾ برتن ٺاهڻ ۽ پچائڻ ۾ آڪسيڊي مرڪبن بابت ٻن ٽن هفتن ۾ ڪافي ٻڌايو ۽ ڏيکاريو ۽ پوءِ ڪي ڪتاب بہ خريد ڪيم، جن مون کي ان علم لاءِ ڪافي معلومات ڏني. انهن بابت پنهنجي ”سومرن“ واري انگريزي ڪتاب ۾ مختصر لکيو اٿم، تہ ممڪن آهي تہ اسان جا ڪي ماڻهو اهو علم حاصل ڪري سگهن.

# ڳوٺ جا ڪاسبي

شايد مون کي ڇهه - ست سالن جي عمر ۾ ٻهراڙيءَ جي ڪٽنب لاءِ سٺي سربراهه بڻائڻ خاطر ڏاڏو مون کي مختلف ڪاسبين، جهڙوڪ لوهار، ڪنيار، ڏکڻ، سوناري ۽ ڪتيءَ وغيره سان ملڻ وقت ساڻ وٺي ويندو هو. اهي سڀ ڪاسبي اسان جي ڳوٺ جي پر وارن ڳوٺن ۾ رهندا هئا ۽ مان اتي سولائيءَ سان وڃي سگهندو هئس. هن اسڪول جون سياري واريون موڪلون منهنجي سير ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيون هيون. اسان کي اهڙي هر ڪارگاهه ڏسڻ لاءِ اٽڪل چار ڪلاڪ لڳندا هئا. هن مون کي ڪاسبين سان روشناس ڪرائڻ تي گهريو، ته جيئن مان هر، گهوڙو، پانجاري يا ٻي گهرو ڪاتوهڙ ٺهرائڻ، ڪپڙا ڏٺارڻ ۽ گهرو ٺڪر جي ٿانون وٺڻ جهڙا ڪم ڪري سگهان.

ڏاڏي مون کي اها تربيت پئي ڏني ته ڪهڙي ڪم لاءِ ڪٿي وڃبو. مون هر جاءِ کي مختلف نموني ڏٺو پئي ته مختلف اوزار ۽ شيون مختلف نمونن سان ڪيئن پئي ناهيون ويون ۽ اوزار ڪيئن تي ڪتب آيا. پوءِ مختلف ڳوٺن ۾ وڃي شيون ٺهندي ڏسڻ سان مون کي به مزو اچڻ لڳو. ٿن چئن ڪلاڪن لاءِ، ٻه يا ٽي پيرا انهن جاين کي ڏاڏي سان گڏ ڏسڻ سان مون کي ڪافي سکيا ملي ۽ سوچيم ته وڏو ٿي ٿوري تجربي بعد آءٌ بطور ڪاسبي ڪم ڪري سگهندس. مثال طور مان سونارڪي ڪم ۾ ڳاريل ڌاتو پلٽڻ لاءِ چند قالبن (Moulds) جي واڌاري سان سڌارو ڪري ٿي

سکيس. ساڳيا ۽ يڪ ڍنگا نمونا، انيڪ نوَن نمونن سان بدلجي تي سگھيا. لوھار وٽ سانچا نہ ھئا، تھنڪري نوَن نمونن طور بورچي خاني لاءِ ھو سنو سامان يا چريون وغيره، جن لاءِ سانچو گھربل ھو، سي سٺا ۽ ھڪجھڙا ٺاھي نٿي سگھيو. ڍڪڻ سنو ھو پر وٽس ماپڻ ۽ ليڪڻ جا باريڪ اوزار نہ ھئا. ڪنير جا اڌ جيترا ٽانوَ آويءَ واريءَ باھہ ۾ ضايع ٿي ٿي ويا. اھي سرن جي پيٽ ۾ گھٽ مضبوط ھئا. چاڪاڻ تہ سندن آوي تراڪڙي ۽ ان جي ڪاري (Inlet) ۽ مفر يا نيڪالُ (Exhaust) صحيح نموني ٺھيل نہ ھئا. گرمي پد (Temperature) سٺي معيار جي برتنن لاءِ گھٽ ھو. ڌوٻي ڪار بچائڻ لاءِ ڪپڙي کي گھٽي وقت تائين ۽ گھٽيءَ گرميءَ تي انحصار ڪندا ھئا، جنھن سان ڪپھہ جي ڪپڙن جي عمر گھٽبي ھئي. پوءِ مون کي معلوم ٿيو تہ ڀھراڙيءَ جا ڪاسبي ميھڙ جھڙن ننڍين شھرن (5 ھزار آدشماري) جي پيٽ ۾ بہ گھٽا سادا ۽ پوئتي پيل ھئا. سونجھہ مون کي انھن مڙني ڏنڏن جي سَھج وديا (Technology) کي سائنسي طور سمجھڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ پنھنجي ڪاسبين جي معلوماتي ڪمزوريءَ ۽ عام ماڻھن جي انھيءَ چاڻ کان بيپرواھيءَ تي افسوس ٿيو. ڪمي ۽ انھن جا مالڪ ٻنھي جي سکيا، عام معلومات، سھج گيان، روشناسي ۽ سڀ کان وڏيڪ تحرڪ يا جذبو ۽ سندن ذھنيت عام ڪمي جھڙي ھئي.

ميھڙ، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ ۾ شاگرديءَ دوران مان مختلف ڪاسبين کي ڪم ڪندي ڏسڻ لاءِ ويس. ڪيترائي اجايا طريقا بہ ڏٺم. ڪراچيءَ ۾ مون کي انھن ھنرن تي لکيل ڪتاب بہ ملي ويا. انجنيئري پڙھڻ کان اڳ ۾ مون کي انھن بابت ايتري ڄاڻ ھئي، جو مان انھن طريقن ۾ سڌارو ڪري ٿي سگھيس. ڪتاب گھٽا ھئا ۽ درست اصطلاحن سان انھن جي ترجمي ڪرڻ لاءِ سمجھدار ماڻھو گھربل ھو، تہ جيئن ٿورو پڙھيل ماڻھو بہ انھن کي سمجھي سگھي. ورھاڱي کان اڳ واري دؤر ۾ ھندستان جي ڪتابن جي ھر دڪان تي اڪثر انگلنڊ مان شايع ٿيل

ڪتاب رکيل هئا، پر جيئن ته هندستان ۾ انگريزن جو دؤر ٿورو وقت هليو ۽ هو علم مزدورن جي سطح تائين پهچائي نه سگهيا.

تعليم حاصل ڪرڻ بعد مان بطور ائگريڪلچر انجنيئر زراعت کاتي ۾ داخل ٿيس ۽ 1953ع ۽ 1968ع جي وچ ۾، سنڌ اندر 13 ائگريڪلچر ورڪشاپ قائم ڪرايم ۽ انهن ۾ ڊڪاٽڪي ۽ لهارڪي ڪم لاءِ مشينون مهيا ڪيم. ڏاتو پگهارڻ لاءِ بڻيون، ڪورا، ڏاتوءَ کي تيز يا سخت ڪرڻ جا ڪورا ۽ ٻين ڪارگاهن لاءِ سنڌ حڪومت جي خرچ سان ٻيا اوزار به رکايم. ڪن ٻنين ۾ ڪنيارڪو ۽ ڪاشيگريءَ جو ڪم به ٿي سگهيو ٿي. اهي سڀ ڪم نندپڻ ۾ انهن هنرن جي گهري اڀياس سبب پيدا ٿيل ترغيب جي ڪري ٿيا. مون انهن سيني ڏنڏن جي ڪامڙين کي سکيا ڏني، جو ته مان اهي مشينون پاڻ هلائي ٿي سگهيس، ۽ اڄ 81 وهين جي عمر ۾ به پنهنجن ڪيترن ملازمن کي ڪم جا صحيح رستا سيکاري رهيو آهيان.

# سنڌي پوپا

هڪ ماڻهو اسان جي ڳوٺ ۾ آيو. ڪيس ”پوپو“ چوندا هئا، ۽ منتر، جادو ۽ چالبازين ۾ پڙ سمجهيو ويندو هو. هو ڏٻرو، ڪارو، بدشڪل، قدو هو، تنهنڪري مان سندس شڪل ڏسڻ کان ڪيٻائيندو هئس. مون کي اعتبار ئي نہ آيو تہ هن وٽ ڪا فطرتي قوتن کان وڌيڪ سگهہ آهي، پر نہ فقط اسان جي ڳوٺ پر پاڙي وارن سيني ڳوٺن ۾ ماڻهن جو اهو اعتقاد هو تہ هو خطرناڪ ڪم ڪري سگهي ٿو. 1944ع ۾ اسين ڪراچيءَ جي روپ ولاس هاسٽل ۾ رهندا هئاسين، جتي شاگردن جي ٻن ٽولين ۾ پوپن جي ڳجهي طاقت بابت بحث ٿيو. ڪن چيو تہ اهي ٺڳ آهن. ٻين چيو تہ هو اهو ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا، جيڪو جِنَ بہ نٿي ڪري سگهيا. نيٺ طئي ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو سمجهدار ماڻهو اهو فيصلو ڪري تہ ڪير صحيح آهي ۽ ڪير غلط، تہ هارائيندڙ ڌر، کٽڻ وارن کي اسلاميہ هوٽل ۾ مانجهاندو ڪرائيندي. مون کي ٻنهي ڌرين امين واريو. مون ڌرين کي پنهنجي ڪمري ۾ الڳ الڳ ٻن ڪٽن تي ويهاري ٻڌايو: سنڌي پوپن کي مصر، عراق ۽ سنڌو ماتريءَ جا پراڻا منتر ورثي ۾ مليا آهن. هندو ساڌو، جيڪي هماليہ جبلن ۾ گوشہ نشيني اختيار ڪن، سي ڪافي اُٿُ پَٿانگ ڄاڻن ٿا، جيتوڻيڪ هو اها ڄاڻ لڪائي رکن ٿا! پر پوپا بہ تمام سگهارو ٽولو آهي ۽ گهڻو ڪري سنڌ ۾ ئي رهيل آهن. برطانوي حڪومت کي اها خبر هئي، پر انهن درگذر پئي ڪيو تہ متان اهي سندن ڪامورن ۽ انتظاميہ

کي نقصان رسائين. مون پنهي ڏُرين کي ٻڌايو تہ ”هن وقت جڏهن ٻي مهاڀاري لڙائي اوج تي آهي، برطانوي نراس آهن ۽ روسين جو آخري وڏو ماڻهو بہ قتل ڪيو پيو وڃي، حليف هار اکين سان پيا ڏسن ۽ برطانوي حڪومت ٽٽڻ تي آهي. لڙائيءَ ۾ نااميديءَ ڪري، آخري حيلي طور سنڌ جي گورنر سر هيو ڊوءِ جي حڪم سان سنڌ جا سڀ وڏا پوپا ڳجهيءَ ريت گورنر هائوس ۾ گهرايا ويا آهن. انگلنڊ جي وزيراعظم چرچل جي صلاح سان سنڌ جا پوپا هڪ هفتي اندر هوائي جهاز رستي انگلنڊ موڪليا پيا وڃن، تہ جيئن هٽلر جا بوتا ناهي، ان ۾ سيون هٽي ڪيس مارڻ جي ڪن. اهڙيءَ ريت پنجن سالن کان هلندڙ ٻي مهاڀاري لڙائي هڪ مهيني ۾ ختم ٿيڻ واري آهي. جيڪڏهن هٽلر کي هنن جي شيطاني طاقت جو پتو هجي ها تہ جرمنيءَ کي هار کان بچائڻ لاءِ کين (پوپن کي) چوريءَ گهرائي وٺي ها، پر توهين مهينو کن انتظار ڪريو، پوءِ ڏسو تہ پوپا ڪيئن ٿا دنيا کي اونڌو ڪن. گذريل 200 سالن ۾ سائنس ۽ انجنيئرنگ جي لاڀ جون پاڙون پوپا پٽي سگهن ٿا. جيڪي ڪجهہ پوپن جي طاقت لاءِ چيو وڃي ٿو، سو جاڻڻ لاءِ اسين ٿورو انتظار ڪريون ۽ ڏسون تہ ڇا هٽلر پر اسرار نموني مارجي وڃي ٿو ۽ جنگ هڪ مهيني ۾ ختم ٿئي ٿي!“

مون کين وڌيڪ چيو تہ ”جيڪڏهن مون کي سنڌن علم ۾ اعتقاد هجي ها تہ امتحانن جي تياريءَ واسطي انجنيئرنگ جي ڪتابن پڙهڻ لاءِ رات جون ننڊون نہ ڦٽايان ها. هاڻي ڊنر جو پروگرام هڪ مهيني لاءِ مهمل ڪريو تہ توهان پاڻ ڏسندؤ تہ ڪنهن ڪٽيو. تنهن تي پوپن جي حمايتي ٽولي جي اڳواڻ محمد شفيع جوڻيجي، پورڙيءَ واري پنهنجن ساٿين کي چيو تہ ”مون توهان کي ٻڌايو هو تہ پنهور پوپن جي حمايت نہ ڪندو. گورنر وٽ پوپا ڪونہ آيا هئا. هن اسان تي ٺٺول ڪئي آهي. هاڻي اوهين سڀ ڊنر جا پئسا ڏيو، مان نہ ڏيندس. ڇاڪاڻ تہ پنهور اوهان جو انتخاب هو، نہ ڪي منهنجو!“

ننڍي هوندي مون جنن، ديون، پرين، ڏائڻين ۽ ڀوتن بابت گهڻو ٻڌو هو. اٺن سالن جي عمر تائين مان انهيءَ لغويات جو قائل هئس. مون جادوگر به ڏٺا هئا. مون ڏٺو هو ته ملن جي دعائن ۽ تعويذن سان بيمار شفاياب نٿي ٿيا ۽ نه وري زيارتي بزرگن جي مزارن تي وڃڻ سان سُکيا ٿي سگهيا ٿي. زنده پير اڳين اوليائن جي سجاده نشينيءَ مان فائدو حاصل ڪري رهيا هئا ۽ انهن مان گهڻا وقت جي حڪومتن جا گماشتا هئا ۽ ابوجهه مريدن کي ٺڳيندا هئا. بدقسمتيءَ سان سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ اهڙين فوق الفطرت هستين جو ذڪر سورمن، سورمين ۽ مشڪل ۾ ڦاٿل اٻالن جي آخري ڇوٽڪاري ڏيارينڌڙ طور عام ملي ٿو. پيرن، سيدن، فقيرن ۽ گداگرن جي ڪرامتن جي ذڪر وارو ادب به جام آهي. اٺن سالن جي عمر ۾ مان باغي ٿي چڪو هئس ۽ 10 سالن جي عمر ۾ مان وهمن کان آزاد ۽ منهنجي سوچ منطقي ٿي چڪي هئي. منهنجي زندگيءَ جو ڪامياب حصو منهنجي منطقي سوچ وارو رهيو آهي، جيڪو ننڍي لاڪون واريءَ سوچ جي آزادي، ٽنڪرس لائبرري سلسلي جي 140 ڪن ڪتابن مان اڌ کان وڌيڪ جي مطالعي ۽ بعد ۾ علم الانسان (Anthropology) ۽ ڌرتيءَ جي علمن (Earth sciences) جي اڀياس ڪري پيدا ٿيو هو. آءٌ اڄ تائين انهن جو مطالعو ڪندو رهان ٿو ته ڪجهه نه ڪجهه هر ڏينهن سکان ٿو.

# پيرِي

1930-31ع ۾ اسان جي ڳوٺ مان مامي محمد صالح جي سوٽ ۽ پيٽويي، حاجي محمد ايوب، جي گهران چوري ٿي وئي. پوليس پيريءَ يا پير وادِي، جيڪو چورن جا پيرا سڃاڻندو هو، ان کي سڏايو. سڃاڻپ لاءِ تيار ڪيل ڍاڳ واري ميدان تي سڀ شڪي قطار ۾ ويهاريا ويا ۽ کين پيرين اگهاڙو ڍاڳ تي هلايو ويو. پيريءَ اهي ڏٺا ۽ چيائين ته ڪوبه پير چور جي پير جهڙو نه هو. اٺ يا ڏهه سال پوءِ ڳالهه ظاهر ٿي، ته ڪمال جي ڳوٺ واري وڏيري رسول بخش پنهور جي زال اها چوري ڪئي هئي. اها حاجي ايوب جي زال وٽ ويندي رهندي هئي، جيڪا ڪيترن ئي گهرن جو سون هڪ ٿلهي ڪاٺ جي خانن واري ڳري ڍڪ سان صندوق ۾ رکندي هئي. اها وري هڪ اونداهي ڪمري ۾، جنهن کي ٻاهرئين ورانڊي ۾ کلڻ واري هڪ دري هئي ۽ حاجي ايوب جي سمهڻ واري ڪمري ۾ کلندڙ هڪ در هو، ان ۾ رکيل هئي. چوريءَ کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ ۾ هوءَ وٽس آئي ۽ ڪنهن بهاني سان ڪمري ۾ وڃي دريءَ جي ڪنڊي کولي هلي وئي. بظاهر اها دري بند پئي لڳي ۽ انهيءَ ڪوتيءَ چال جي ڪنهن کي به خبر نه پئي. اڌ رات جو جڏهن ٻين چورن سان گڏ دريءَ کان اندر گهڙي، هن صندوق کولي، ڳهه ڪڍيا، ته حاجي ايوب جاڳي پيو، سو ڪيس گهوٻاٽو هٽي ڪيرائي وڌائون. جنهن تي سندس زال وٺي چور چور ڪيو، جنهن تي چور مائي دريءَ کان ٽپي

ٻين چورن سان گڏ پڇي وئي. اهو پير هن عورت جو هو جيڪو ڇهن سان ڊڪي پير واڍي کي ڏيکاريو ويو هو. ٻن سالن بعد مون پيري واڍي ٿيڻ جو خيال ڪيو. برساتن بعد ڪلر واري ناقبولي زمين نرم ٿي پئي ۽ ان تي پيرا چٽا ٿهي ٿي بيٺا. اهو ئي سبب هو، جو مون پير سڃاڻڻ جو هڪ نئون طريقو سوچيو، جنهن لاءِ گهربل اوزار اسڪول جي فوٽ پَٽي يا فوٽي هئي. مون رڳو آڱوٺي ۽ چوٿين آڱر کان ڪڙيءَ جي وچ تائين، پير جي انتهائي ويڪر ۽ ان جي هر آڱر جي چوٽيءَ کان عمودي خطي وارا مفاصلا ماپيا. اهي ماپون پير سڃاڻڻ لاءِ ڪافي هيون. ان لاءِ مون کي فقط هڪ نوٽ بوڪ ۽ پير جي ويڪر جي ماپڻ جي خاڪي جي ضرورت هئي. بيشڪ هر انسان جي پير جو ٻاهريون ليڪو مختلف ٿئي ٿو پر انهيءَ سان منهنجي طريقي تي اثر نه پيو. مون کي يقين ٿي ويو هو ته چورن جا پير ماپي مان ڪامياب پيري ٿي ويندس، پر يڪدم اهو خيال ترڪ ڪري ڇڏيم، جڏهن ٻڌم ته پيري پوليس جا دلال هئا ۽ انهن جي مرضيءَ کانسواءِ چور جو نالو ظاهر ڪونه ڪندا هئا. تنهنڪري مون سوچيو ته اهو عزت ڀريو ڌنڌو نه هو. ان مان مون کي خيال آيو ته دست شناسي وانگر پير شناسي به چرچي طور ماڻهن کي ماضي، حال ۽ مستقبل ٻڌائڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿي. ڪيترائي سال پوءِ مان اهو چرچو استعمال ڪري ڪاليج جي دوستن کي خوش ڪندو هئس.

# اسان جي ڳوٺ جي دائي

ماهواري، حمل، ويم ۽ جنسي بيمارين سان لاڳاپيل هر ڳالهہ گندي ۽ مرد سان ڪرڻ نہ جوڳي سمجهي ويندي هئي. دائپو گندو ڌنڌو سمجهيو ويندو هو، جو گهٽ ذات وارن لاءِ هو. اسان جي ڳوٺ واري دائي موچياڻي هئي، جن کي چمار چوندا هئا، هندو ذات پات جي نظام ۾ گهٽ ذاتين مان هڪ ذات جي هئي. جيتوڻيڪ سنڌي موچي يا چمار مسلمان هئا، پر غريب ترين پنهور بہ سماجي طور ساڻن نہ گڏبو هو. مون اها اڌڙوٽ خاتون ڏٺي، جيڪا 1933ع ۾ امڙ جي هٿ پير لهڻ وقت آئي هئي. هن معاملو منجهائي وڌو ۽ منهنجي ننڍين چاول پيڻ آمنت تہ بچي وئي پر امڙ گذاري وئي. هينئر مان ياد ٿو ڪريان تہ سندس ڪيل ڪيترن ئي حادثن مان منهنجي هڪ پڦي ۽ هڪ ماسي بہ هيون. ذري گهٽ ڇئن مان هڪ خاتون ڳوٺ ۾ هن هٿان مئي ٿي. هوءَ ميري ۽ گندي هئي. اورَ ۽ ٻيو گند جمع ڪري ٺڪر جي هڪ ٿانوَ ۾ وجهي پوريندي هئي. جڏهن اهو ٿانءُ پنهنجي مٿي تي رکندي هئي، تڏهن سندس ڪارڪردگي ڪامياب سمجهبي ۽ ڏسبي هئي.

33 سال بعد منهنجي ڀيڻ آمنت ٻيءَ دائيءَ جي هٿان Placenta previa سبب فوت ٿي. عورتن فوتڻ جي مڙس يا ڪنهن ٻئي ماڻهو کي نہ ٻڌايو، حالانڪہ منهنجو گهاٽو دوست سول سرجن ڊاڪٽر آفتاب قريشي 11 ميلن جي مفاصلي تي دادو ۾ هو. پر هنن سيتا روڊ مان نرس گهرائڻ کي

ترجيح ڏني، پر اها به سچو ڏينهن نه پهتي. مرحومه پوئتي چار ٻار ڇڏيا. هي سنڌي ٻهراڙيءَ جي سماج جي اڻڄاڻائيءَ جو خاص معاملو آهي. نه رڳو ايائپ اختيار ڪن ٿا پر ان تي فخر ڪيو وڃي ٿو. خاندان ان تي فخر ڪندو آهي ته عورت جتي پرڻجي، اتان سندس جنازو نڪري. هوءَ پنهنجي ازدواجي زندگيءَ دوران پنهنجي گڏيل ڪٽنب جي ڀاتين کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي منهن به نه پوندي. موتمار حالتن جي صورت ۾ به اهڙا خاندان حڪيمن کي گهر ڪونه گهرائين، ويندي شهري علائقن ۾ رهڻ وارا به. 70 سالن ۾ ان ڪان متي عمر واريون ڇاتيءَ ۽ رحم جي سرطان ۾ ورتل عورتون ڪنهن به مرد ڊاڪٽر کي نه ڏيکاريون آهن، انگريز ويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ ڪيتريون ئي عورتون ڊاڪٽريءَ جي ڌنڌي ۾ داخل ٿيون، انگريز ڊاڪٽرائين جو ڌنڌو اڄ اَوج تي اچي ويو آهي، ۽ اجا وڌي ۽ عام ٿئي ته چڱو.

# واڳونءَ جو پنڀيان پونڊ

ڊسمبر 1933ع ۾ ڏاڏو مرن کي پوڊ جي بچاءَ بند اندر واقع پاٽ جي پرواري ڳوٺ ناصرائي ڏانهن وٺي ويو. رستي ۾ اسين پرائي پاٽ جي پڊڻ وٽان لنگهياسين. مون چاهيو ته آثار ڏسان، جنهنڪري ڏاڏي مون کي اڌ ڪلاڪ ڪن انهن ۾ گهمايو. کير ڊهيءَ جي آثارن بعد منهنجو قديم آثارن بابت هي پيو ۽ سٺو تجربو هو. هن مون کي درياءَ جو اهو ڦٽل وهڪرو پڻ ڏيکاريو، جنهن پاٽ کي بوڙيو هو. مکين، مڇرن ۽ اجهل تڏين هوائن جي ڪري ناصرائين ۾ منهنجو ترسڻ اهنجو رهيو. هڪ رات رهڻ ڪانپوءِ مون ڏاڏي کي چيو ته مون کي دادو تعلقي جو نقشو ياد آهي سو جيڪڏهن هو مون کي پاٽ جي هيٺان دادو ڪئنال تائين وٺي هلندو ته مان ڏکڻ هلندي، دادو ڪئنال جي ڪارڙي ريگيوليٽر پهچي، ڪارڙو شاخ وٺي پنهنجي ڳوٺ تائين هليو ويندس. جڏهن مون کيس واٽ وارن ڳوٺن جا نالا صحيح نموني ٻڌايا، تڏهن هو منهنجي اڪيلي وڃڻ تي راضي ٿيو. پاڻ مينهن جي سودي لاءِ اُتي ترسيو ۽ مون کي ٻه ماڻهو پاٽ وٽ دادو ڪئنال جي اپرندي ڪپ تي ڇڏي ويا. مون اڌ ميل کن مفاصلو طئي ڪيو هوندو، جو ڪئنال تي هڪ ٻيڙي ماڻهن کي پار اڪاريندي ڏٺم. ٻيڙي هڪ زنجير وسيلي، جنهن جو هڪ ڇيڙو ٻيڙيءَ سان ٻڌل ۽ ڪنڊل ۽ ٻئي ڇيڙي جو ڪڙو لوهه جي تار ۾ پيل هو، جيڪا ڪئنال جي ٻنهي پاسي ڪنل لوهي گارڊرن جي ٽڪرن سان ٻڌل هئي. ان ٻيڙيءَ تي ماڻهو ساڄي ڪپ واري

ڪلري نالي ڳوٺ ڏانهن پئي ويا. ٻئي پاسي وارن ٽن ماڻهن مون کان پڇيو ته ڇا مان به پار ٽپندس؟ منهنجي هاتوڪار تي ٻيڙي ڪاهي آيا ۽ مون کي رسي ڇڪڻ سيکاريائون. ٻيڙي آسانيءَ سان هلڻ لڳي. رڳو ڪڙي کي اڳتي ۽ رسيءَ تي ساڳي وقت ڇڪڻو تي پيو. ٻن يا ٽن ڪلوميٽرن جيترو مفاصلو هلڻ بعد مان نقشي ۾ ڏيکاريل گهلپور نالي وڏي ڳوٺ وٽ پهتس. مان 200 کن ميٽرن جي مفاصلي تي هئس، ته مون پرئين ڪناري سان واڳونءَ کي ٽپو ڏيندي ڏٺو. جيڪو رڳو نڪ ٻاهر ڪڍي مون ڏانهن ترڻ لڳو. مون اڳ ۾ واڳون ڪونه ڏٺو هو، پر ان جي ڪنهن جاءِ تي ڏٺل تصوير منهنجي ذهن ۾ چٽي هئي. مون سوچيو ته جيڪڏهن مان ڪاهي ڪناري سان هلندو اچان ها ۽ ڪئنال پار نه ڪيان ها ته هو مون کي ڳڙڪائڻ لاءِ منتظر هو. مان يڪدم ٻند تان لهي ٻنين مان گهلپور ڏانهن ڊوڙيس. ڊپ وچان پوئتي ڏسڻ بدران بازار ۾ دڪان جي اڳيان پيل کٽ تي ٽپ ڏيئي چڙهي ويس ۽ دانهون ڪيم ته واڳون اچي رهيو آهي! هندو دوڪاندار دانهون ڪري ٻئي کي پڇڻ لاءِ چيو، جنهنڪري هو سڀ پناهه ڳولڻ لاءِ ڀڳا. مان به ڳوٺ جي ڏاکڻين ڇيڙي تائين ڊڪندو، اولهه پاسي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن لڙيس. مون کي پڪ هو ته هن حيوان جو سنگهڻ وارو حواس تيز هو ۽ اهي پنهنجي شڪار جو ميلن تائين پيڇو ڪندا آهن. رستي ۾ آباد زمينن مان پنڌ وارن لاءِ واٽ هئي، جيڪا ڪوٽ قاسم (جيڪو گهلپور ۽ اسان جي ڳوٺ، ٻنهي کان هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي واقع هو) ڏانهن وئي ٿي. ڳوٺ قاسم ۾ پهچي مون پوئتي نهاريو ۽ ڏٺم ته واڳونءَ منهنجو پيڇو نه پئي ڪيو. مون پنهنجي هڪ ڪمري واري اسڪول ۽ استاد جو دل ئي دل ۾ ٿورو مڃيو، جنهن اسان کي جاگرافي سيکاري. مون کي ان سالن جي عمر ۾ ايتري سمجهه هئي، جو ڏهن ڪلوميٽرن جيترو فاصلو سواءِ ڪنهن جي مدد جي ٽن ڪلاڪن ۾ جهاڳي آيس. تجربو ٻڌائي ٿو ته پنهنجي حياتي ڪيڏي نه پياري آهي.

مون اهو واقعو پنهنجي ڳوٺ وارن کي ٻڌايو، پر ڪير بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هو تہ ڪو دادو ڪئنال ۾ واڳون ٿي سگهن ٿا. چار - پنج سال پوءِ هڪ واڳون ايم.آر مائنر جي درن واري موريءَ مان، جيڪا اسان جي ڳوٺ کان ڪلوميٽر پنڌ تي آهي، لنگهڻ جي ڪوشش ڪئي. در تمام هيٺ هو ۽ واڳونءَ جي منڍي لهواري پاسي هٽڻ ڪري هو نہ تہ پوئتي وري ٿي سگهيو ۽ نہ وري جسم کي لهواري پاسي گذاري ٿي سگهيو. بيلدار کي جڏهن سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇا ڪري، تڏهن مامي محمد صالح کان حل پڇڻ آيو. هن کيس چيو تہ تون در مٿي ڪري ان جي حياتي بچائي سگهين ٿو. پر مڇي توري هٽڻ ڪري هو ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ کي پيو کائيندو، انڪري در جي اريبي ڏنديل چڪري سان پيچ گهمائي حيوان کي ماري ڇڏ. هن ائين ڪيو، تڏهن وچي ڳوٺ وارن مڃيو تہ برابر 1933ع ۾ مون واڳون ڏٺو هو ۽ ان منهنجو پيڇو بہ ڪيو هو.

ان ڏينهن کان وٺي واڳن جي وگيانڪ اڀياس ۾ منهنجي دلچسپي شروع ٿي. لارينس ايلس جي، بي بي سيءَ جي 1952ع وارن مشهور ليڪچرن، جيڪي 1954ع ۾"Crocodile hunt" جي عنوان سان شايع ٿيا تن وڏيڪ مطالعي لاءِ رهنمائي ڪئي. مون آمريڪا ۾ ملندڙ واڳونءَ جي سَوٽَ ائليگيٽر (Alligator) بابت بہ مطالع ڪيو، پر اهو مٺي پاڻيءَ جو جانور آهي ۽ اسان وٽ ڍنڍين ۽ مٺي پاڻيءَ جي کوٽ آهي.انهيءَ مصنف وانگر مون بہ انهن جي کلن مان فائدي وٺڻ لاءِ واڳون پالڻ چاهيا ٿي، پر حيدرآباد جي پر ۾ مناسب جاءِ ۽ پاڻي نہ مليو. 1996ع ۾ مون ڪِپري ۽ سانگهڙ تعلقن جي بَياباني ڪنارن واريون ڍنڍون بہ ڏٺيون. هتي ٻڌايل تن هزارن واڳن جي بجاءِ فقط اسي وچي بچيا هئا. پر جهنگلي جيوت جي بچاءِ وارو کاتو اها ڳالهہ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. واڳون انهن ڍنڍين مان ڪڍي چوتياري ڍنڍ ۾ آڻڻ لاءِ ٺيڪيدار سنڌ حڪومت کان ان ڪم لاءِ 37.5 دفعا وڌيڪ پيسا وصول ڪري ويا. هن ملڪ ۾ واڳون

مٺي پاڻيءَ جا حيوان آهن. آسٽريليا جي اترئين علائقي ۾ سامونڊي پاڻيءَ وارا واڳون به آهن. اهو سمجهندي ته واڳن جي پالنا ممڪن آهي، مان ۽ منهنجي زال فرزانه گهاري يا ساڪري لڳ ڪنهن ڪاريءَ ۾ منصوبو شروع ڪرڻ لاءِ سيپٽمبر 1989ع ۾ انهن واڳن کي ڏسڻ لاءِ آسٽريليا جي شهر ڊارون وياسين. ڏٺوسين ته آسٽريليا جي اترئين علائقي ۾ واڳونءَ جو گوشت مرغوب خوراڪ هو ۽ يورپ ۽ آمريڪا ۾ به ان جي کل، گوشت ۽ شايد هڏن وغيره جي کپت جا قوي امڪان هئا. مغربي مارڪيٽ ۾ واڳونءَ جي گوشت جي سواد ۽ مقبوليت جو ذاتي تجربو ڪرڻ لاءِ مون ڪيترائي پيرا واڳونءَ جون سِڏون ۽ ٻيا پوچڻ کاڌا. مختصر اهو ته سائنسي تحقيق ضروري هئي. اسين سينگاپور به وياسين، جتي واڳون ڪاروبار لاءِ پالجن ٿا ۽ اتان واڳن جي پالنا بابت لکيل مواد گڏ ڪيوسين. معلوم ٿيو ته جيڪڏهن مناسب زمين ۽ پاڻي موجود هجي ته پوءِ جهينگا پالڻ يا ميوي جي باغ لڳائڻ جي ڀيٽ ۾ واڳون پالڻ جو ڪم ٿورَ - خرچو ۽ سولو هو. آمريڪن قسم جي مگر (Alligator) جي پالنا بابت به ڪافي لکيل مواد موجود هو. اسان کي گهاري جي پر ۾ 200 ايڪڙ زمين جهينگا پالڻ لاءِ ملي هئي، پر ڪاريءَ جو پاڻي گهٽو نمڪين ٿي وڃڻ سبب هن پانت جي پالنا لائق نه رهيو هو، انڪري اسان فيصلو ڪيو هو ته ان کي ڪاري ساموندي پاڻيءَ جي واڳن پالڻ لاءِ مخصوص ڪري سگهجي پيو. مون ان لاءِ سنڌ حڪومت ڏانهن رجوع ڪيو ۽ ساڳئي وقت آسٽريليا جي ڊارون شهر ۾ واقع "Department of Primary Industries of-Northeren Territory" سان واڳن جي 200 تازن آنن موڪلڻ لاءِ رابطو ڪيو. انهن جواب ڏنو ته ”اها جنس رڳو اترئين علائقي لاءِ مخصوص هئي ۽ حڪومت اها جنس ڪنهن به مقصد لاءِ ٻاهر موڪلڻ جي ممانعت ڪئي آهي.“ اهو ٻڌي ڏک ٿيو ته هنن لاءِ ساموندي پاڻيءَ جي واڳن جا آنا ٻاهر موڪلڻ ممڪن نه هو! اهڙيءَ

ريت هي منصوبو الٽوا ڀ هليو ويو. ايلس (Elis) واڳونءَ جي پالنا جو پايو وجهندڙ بدنصيب شخص هو، جو سندس زال پيگي (Peggy) کيس اهڙو گهچلو يا گدلو سمجهيو، جهڙو واڳون، جنهن جو هو شڪار ڪندو هو ۽ زال ڪانئس طلاق ورتي. ان جي برعڪس منهنجي گهرواري نہ رڳو واڳون، ڪينگرو، اٺ، ڪئيٽيرائين مينهن جي گوشت ڪائڻ تي اعتراض نہ ڪيو، بلڪہ سائنسي تحقيق لاءِ درگذر ڪيو ۽ مون کي همٿايو.

# اڇوتن سان پيار

هڪ اونهاري جي صبح، جڏهن مان اٺن سالن جو هئس، اسڪول لاءِ تيار ٿيندي، مينهن جي واڙي جي ٿلهي تي ڏاڏي سان گڏ هڪ سنيءَ صورت وارو ماڻهو ويٺل ڏٺم، جيڪو سنهون، ڊگهو، پورو، وچولي ۽ سهڻي نموني ٺپيل ڪاري ڏاڙهيءَ سان هو. ڪيس اڇي صاف قميص، شلوار ۽ غير معمولي نموني پٽڪو ٻڌل هو، جنهن مان هو پڙهيل، مولوي، حافظ يا وچين درجي جو شريف ۽ عزتدار ماڻهو ڏسڻ ۾ پئي آيو. مون حسبِ معمول هڪ بااخلاق ۽ مهذب ٻار جيان سائس هٿ ملايو. هو مشڪيو ۽ منهنجي پٺي ٺپري، ۽ پڙهائيءَ لاءِ مون کي دعا ڪيائين.

جيئن آءٌ اتان موٽيس، امان، چاچيءَ ۽ ڀقيءَ مون کي سڏي چيو تہ توکي هن سان هٿ ملائڻ نہ گهرجي ها، ڇو تہ هو ٻالو هو. جيڪي گهٽيون ٻهاريندا ۽ ڪاڪوس صفا ڪندا آهن. اسڪول وڃڻ کان اڳ پنهنجا هٿ ڌوئي صفا ڪر. هڪ پاڙيسري ڇوڪري غلام رسول کي اها خبر پئي ۽ منهنجي اسڪول پهچڻ کان اڳ ٻي سيني ڇوڪرن کي اهو معلوم ٿي چڪو هو. انڪري ڇوڪرن مون کي پوئين پٽ وٽ اسٽول تي ويهڻ تي مجبور ڪيو. استاد آيو تہ هن انهن مڙني کي ڇڙٻيو، پر ڇوڪرا جن مون کي ڇيو هو تہ مان پاڻ کي پاڪ ڪرڻ لاءِ ست پيرا وهنجان، اهي منجهند واري وقفي مهل مون کي واهہ تي وٺي آيا، جيڪا ڄاتل جاءِ هئي ۽ جتي ٻار روزانو وهنجندا هئا. مان واهہ جي اوپارئين پاسي ۽ ٻيا ٻار

لهواريٰ پاسي وهنتا. مون کي وهنجي بت سڪائڻ لاءِ پوتڙو ڏنائون. مون پاهر نڪري بت اگهيو ۽ وري پاڻيءَ ۾ ويس ۽ ست پيرا ائين ڪيم. سڀ ڪجهه ڪرڻ بعد گهر ويندي چوڪرن کي چيم ته ”مون ته سَمورو پاڻي ناپاڪ ڪيو آهي ۽ اوهين به پليت ٿي ويا. ڇاڪاڻ جو اوهين لهواري پاسي هئا!“

ان ڏينهن کان پوءِ مون سڄي معاملي تي غور ڪيو. سمجهيم ته اهو ڀالو يا ڀاريدار يا اڇوت مالدار هو ۽ ڏاڏي کان اسان جي تمام ڀلي مينهن 210 روپين ۾ خريد ڪري ويو. جڏهن سون جو تولو 28 روپئين ۾ ملندو هو. مون هن کي ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهوءَ کان گهٽ ۾ گهٽ جسماني يا ثقافتي طور گهٽ نه سمجهيو. بعد ۾ مون کي معلوم ٿيو هو ته هُو پراڻي ديري ڳوٺ ۾ صفائيءَ جي ڪمن لاءِ سرڪاري طور مقرر ڪيل ڪيترن ڀاريدارن جو وڏو آفيسر يا انچارج هو. اها منهنجي ٻنهي هندن توڙي مسلمانن خلاف، اڇوتن سان بدسلوڪيءَ بابت پهرين بغاوت هئي. ٻنان قومي، مذهبي يا سماجي درجي جي، ننڍپڻ کان وٺي منهنجو انسان جي گڻن ۾ اعتقاد پئي رهيو هو. اهڙي کليل اظهار جي ڪري منهنجي اسڪول ۽ ڪاليج جا ساٿي ڀوڳن ۾ مون کي اشتراڪي، اشتمالي ۽ ڪافر ڪوٺيندا هئا، پر مون ان تي ڪڏهن به اعتراض نه ڪيو. پاڪستان ٺهڻ بعد مون اڇوتن (ڀاريدارن، ڪولهين، ڀيلن ۽ مينگهواڙن) کي خاص طرح پنهنجي بورچي، ڊرائيور، چوڪيدار ۽ گهرو ملازم طور نوڪريون ڏنيون ۽ اجا تائين ائين ڪريان ٿو. جڏهن ته منهنجا ٻيا ملازم ۽ ڳوٺ جا مائٽ هنن سان کائڻ پيئڻ يا سندن ٿانون استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪندا هئا. مون هنن کان فائدو ورتو، ڇاڪاڻ ته هو مسلمان ڪمين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڇٽيوان، ڀروسي جوڳا، ذميوار، ايماندار ۽ ياوَرِيا هئڻ کان علاوه ڪم جا ذميوار ۽ ٿوري اجوري تي گهڻو وقت ڪم ڪندڙ هئا.

2 هزار 8 سؤ سال اڳ آرين طرفان ڏنڏن مطابق ذاتين واري درجي

بنديءَ سبب پورهيتن خلاف نفرت پيدا ٿي. اهي برهمڻ هئا، جن کي اعليٰ تعليم ملندي هئي جنهن ۾ مذهبي ڪتابن جو پڙهڻ، حڪمت، فلڪيات، نجوم، جادو، الاهياتي طاقت، ڪارو علم، نانگ ريجهائڻ، اڳڪٿي وغيره ڪرڻ شامل هئا، تن جي بنياد تي هنن هڪ هٽي قائم ڪئي. ٻئي درجي تي ڪتري هئا، جن جو ڪم هو جنگ وڙهڻ؛ سرحدن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ملڪ جون حدون وڌائڻ ۽ برهمڻ وزيرن، صلاحڪارن، منتظمن ۽ ننڍن ڪامورن جي مدد سان رياست تي ضابطو رکڻ ۽ مختلف ڪمن لاءِ رياستي ملازم به برهمڻ هئا. واپاري ۽ زميندار وئيش هئا، جيڪي حڪومت هلائڻ لاءِ مالي محصول ادا ڪندا هئا. آخري درجو اُنهن مظلومن جو هو، جيڪي پنهنجن هٿن سان هاريو، هنري ۽ غير هنري ڪم ڪندا هئا. تي سگهي ٿو ته ذات پات "موهين جي تهذيب" کان هلندي آئي هجي ۽ پوءِ آرين به جاري رکي هجي ۽ اها اڄ ڏينهن تائين به موجود آهي. انگريزن جي راڄ کان اڳ اهي سيد ٿي هئا، جيڪي اعليٰ تعليم حاصل ڪري ميرن وٽ ملازم ٿيندا هئا. جاگيردار گهڻو ڪري بلوچ هئا جيڪي ڪترين وانگر ميرن لاءِ جنگيون ڪندا هئا. واپاري ۽ زميندار وئيش هئا ۽ باقي هئا پورهيت. جيڪڏهن هيٺين درجي جو ڪو شخص، اتفاق سان مولوي يا علم وارو ٿي پيو ته ان کي يڪدم سيدن وانگر قبول ڪري، پير، مخدوم ۽ پيرزادو تسليم ڪري، حڪومتي ڪمن ۾ شامل ڪيو ويندو هو. برهمڻ به ائين ڪيو ۽ هو علم وارن شودرن کي پنهنجي صف ۾ شامل ڪندا هئا. انگريزن وٽ برهمڻن، سيدن، مخدومن، پيرن ۽ غريبن جي پوزيشن هڪجهڙي هئي. هنن 1843ع کان تعليم ۽ نوڪريءَ کي بنان ذات پات، فرقي يا رنگ جي مت پيد جي هر هڪ لاءِ کولي، مٿين طبقن جي اهميت ختم ڪئي. اڇوتپڻو، جيئن مون 72 سال اڳ ڏٺو، انگريز دؤر جي اِنگهندڙ اثر ڪري مسلسل گهٽجي ويو، ۽ هاڻي پراڻي سرشتي جي موٽڻ جو ڪو امڪان ڪونهي.

# حرارين (Calories) ۽ حياتين (Vitamins)

# جي ڳولا ۾

مان تور ۾ هلڪو ڄائو هئس( اٽڪل 5 پائونڊ يا اڍائي ڪلوگرام)، جنهن جو سبب معلوم ناهي. پر امڙ سنهڙي ۽ ڏکي هئي ۽ شايد گلوٽين (Glutein) نه هضم ڪرڻ جي تڪليف هئس. آءُ به Glutein sensitivity جو شڪار، يا ميدي ڏُڪٽو آهيان. جڏهن امڙ جي شادي ٿي هئي، تڏهن ڪا به عورت پردو ڪانه ڪندي هئي ۽ پنهنجن مڙسن ۽ ڪٽنب وارن سان گڏجي ٻنيءَ جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندڙيون هيون. ٻين عورتن وانگر هوءَ به ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندي هئي. ڍڳين، مينهن ۽ ڍاندن کي منهنجي چاچي ۽ ڦُڦيءَ سان گڏجي چارو وغيره ڏيندي هئي. ماني پچائڻ، ڏڌ ولوڙڻ، مکڻ ڪڍڻ ۽ لسي ٺاهڻ جو ڪم به ڪندي هئي. انهيءَ پورهئي ۽ آرام جي ڪميءَ جو اثر سندس ڇٽني ٻارن تي پيو هوندو. هن تولهه نه ڪئي. عورت جي اميدواري هجڻ لاءِ منجهس سندس ڪل تور جي 25 سيڪڙو جيتري چربي هئڻ ضروري آهي. ٻهراڙيءَ جي عام دستور موجب هن هر سال ٻار ڪونه ڄڻيو. اسان ڀائرن ۽ ڀينرن جي وچ ۾ ٽي يا چار سال ڄمر جو وقفو هو، جيستائين هوءَ جسم ۾ چربي ڪٺي ڪري سگهي.

مان به ميدي ڏُڪٽو آهيان، جنهنڪري مون کي گهمرا ٿي پوندا آهن.

منهنجي صحت جي خاطر هنن ڪٽڪ گهرائي، جيڪا چانورن جي ان وقت جي مکيه خوراڪ جي پيٽ ۾ پروٽين سان ڀرپور هئي. 12 جنوري 1932ع تي سکر بئراج جي چالو ٿيڻ بعد چانورن جي جاءِ ڪٽڪ والاري، پر آهستي آهستي ڪٽڪ ۾ ميدو. جيڪو پروٽين جو سادو نمونو آهي، سوڳهٽو آهي ۽ مان اهو هضم ڪرڻ لائق نه هئس، پر مون تي مڙهيو ويو. ان وقت دنيا ۾ ڪنهن کي به ميدي جي اهڙي اثر پذيريءَ بابت خبر نه هئي. 1950ع واري ڍاڪي جي پڇاڙيءَ ڌاري سر ايوري جونس، هڪ انگريز ڊاڪٽر معلوم ڪيو ته سفيد يا گوري نسل جي 40 سيڪڙو ٻارن ۽ 5 سيڪڙو وڏن کي اها تڪليف هئي. اسپتال جي رپورٽ موجب منهنجي والد جو قد پنج فوٽ 11 انچ هو. جڏهن ته سندس عمر 57 سال هئي. منهنجي والده به پنج فوٽ ڇهه انچ قد جي ضرور هوندي، جيئن منهنجون به ڀينرون(جن جي مون ماپ ڪئي) به ساڳئي قد جون هيون. منهنجو قد 18 سالن جي عمر ۾ پنج فوٽ ساڍا اٺ انچ تي وڌڻ بند ٿيو، سو شايد ميدي جي حساسيت جي ڪري هوندو، ته پوءِ ان تڪليف هوندي به آءٌ ڪيئن زنده رهيس، اها منهنجي لاءِ هڪ عجيب ڳالهه رهي آهي.

جيڪڏهن ڪنهن شخص تي مائٽن جو دٻاءُ نه آهي ۽ هو پنهنجي مرضيءَ سان گهرو آمدنيءَ آهر پنهنجي جسماني ضرورت پٽاندڙ خوراڪ وٺي سگهي ٿو ته منهنجي خيال ۾ دماغ جي اندروني جوڙجڪ ۽ ذهن ان جي مدد ڪري ٿو. سيني ياتين جي مهرباني، جن مون تي خاص ڌيان ڏنو. انهن مون کي مکڻ، کنڊ ۽ ڏنئوري سان گڏ ڪٽڪ جي ماني نيرن تي ڏني. مان مکڻ ۽ ڏنئوري سان کنڊ زياده ملائي، ٿوري ڪٽڪ جي مانيءَ سان کائيندو هئس. دال ماني هفتي ۾ هڪ به دفعا، ڪڪڙ جو گوشت يا مڇي مانجهاندي به دفعا ۽ رات جي ماني دال يا سياري ۾ پالڪ سان ۽ هڪ لٽر يا ڪجهه وڌيڪ کير سان کائيبي هئي. منجهند مهل لسي به

هوندي هئي، پر مون کي پسند نہ هئي، ڇو تہ عام خيال هو تہ ان مان طاقت وارو جزو يعني مکڻ گهٽي پاڻي نڪتل ٿئي ٿو. انهن کي لسيءَ ۾ ڪئلشيم ۽ پروٽين جي اهميت جو پتو ناهي.

سکر بئراج نکرڻ کان اڳ سياري ۾ پاڻي ڪونہ هوندو هو. زير زمين پاڻي کارو هو. انڪري سنڌ ۾ ڀاڄيون اڪثر ڪونہ ٿينديون هيون. رڳو هندن لاءِ شهرن جي ڀرپاسي ڪي هاري کوهن تي ڀاڄيون پوکيندا هئا، پوءِ گهٽا هندو شهر پرسان ٿوري زمين تي اتر پرديش جي هندو ڀيئن کان ڀاڄيون پوکرائيندا هئا. هندستاني هندو گهڻو ڪري سبزي خور هئا. سنڌ ۾ تازيون ڀاڄيون گهٽ ٿينديون هيون، انڪري هتان جا هندو بہ مسلمانن وارو کاڌو جيئن ڀاڪرو، ريڊيو، ڪکڙ جو گوشت، مڇي ۽ بيضا کائيندا هئا. هندستان وارن کي اها ڄاڻ نہ هوندي هئي تہ ڪو هتي پاڻي سال ۾ فقط چار مهينا موجود هوندو آهي، ان ڪري سڄو سال ڀاڄيون پوکي نٿيون سگهجن. سنڌ جي هندن ۽ ٻُڌن کي چيني سياح هيونسانگ، جو هتي 629-641ع جي وچ ۾ آيو هو، ان ڪري ننديو آهي. مذهب يا تہ سماجي - زميني اقتصاديات سان هم آهنگ ٿيندو يا ختم ٿي ويندو. سنڌ جا هندو ڪوشش ڪري سايون ٻيليون ڀاڄيون، داليون ۽ انهن سان گڏ گوشت بہ هميشہ استعمال ڪندا هئا، حياتين ۽ معدنيات مان ڀاڄيون ۽ حرارت ڀريا کاڌا کائڻ ڪري، مون کي ياد آهي تہ سنڌ جا هندو سنڌي مسلمانن کان قد ۾ ٿورا ڪڙا هوندا هئا ۽ تندرست بہ هئا.

جيئن مون اڳ ۾ چيو آهي تہ ٻار جو ذهن سندس رهنمائي ڪري ٿو. مون ڪنهن جي مدد کان سواءِ ميون ۽ تازين ڪچين ڀاڄين ڳولڻ ۽ پسند ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. راندين ۽ پڙهڻ کان واندڪائيءَ واري وقت ۾ آءٌ ڳوٺ جي ٻاهران گهمندو هئس. ڳوٺ جي اتر ۾ اٽڪل اڌ ڪلوميٽر جي فاصلي تي امڙ جي مامي حافظ موسيٰ جي ڊيڊ ايڪڙ کن جيتري ٽانگهي ڊوري ۾ ڪوٽيون، ٻيڻ، ڪُم، ٻهہ ۽ لوڙهہ وغيره

پاڻمرادو ٿيندا هئا. ٻهن ڪان سواءِ، جيڪي هو وڪڻندو هو، ٻيا سڀ مفت هئا. ٻهہ يا ٻيهہ ڪوتي اڌ مالڪ کي ڏنا هئا. ڪوٽي تازي سلاد لاءِ گهر ٻہ آڻبي هئي. ڇهن يا ستن سالن جي عمر ۾ مان اتي پنڌ وڃي وهنجندو ۽ ڪوٽيون جيڪي پاڻيءَ جي اونهائي جيڏيون ڏگهيون ۽ پينسل جهڙيون ٿلهيون ٿين، سي پٽي ڪائيندو هئس. ڪنول گل ٻورجڻ ڪان يڪدم پوءِ ٻج جهلي، جنهن کي ”ناپو“ چون، جيڪو ترن وانگر پر ڪئنرو ۽ سوادي ٿئي ٿو، سو انهن جي ٻج کي اتي ئي سلاد وانگر ڪائيندو هئس. اهي جڏهن وڏي وڏا ٿين تہ انهن کي پٻڻ ڪوئين. مان اهي بہ پاڻيءَ مان پٽي ڪائيندو هئس، جيڪي جولاءِ جي وچ کان آڪٽوبر جي وچ يا پڇاڙيءَ تائين ٿين ٿا. ٻهہ يا ٻيهہ سڪائي ڪجهہ وقت تائين رکبا هئا. ڪُمر جي بہ پاڙ آهي ۽ ان ۾ پروٽين، ڪاربوهائيڊريٽس، چربي، حياتين ۽ معدنيات ٿين ٿا. اهي بہ ڪڏي گرم ڪري ڪائبا هئا.

اونهاري ۾ ٻيا بہ جهنگلي ميوا، جهڙوڪ ڪبڙ ۾ پيرون، ڪرڙ ۾ ڏيلها ٿين. هندو ڏيلهن جو آچار ٺاهيندا آهن. اهي ميوا ڳوٺاڻيون عورتون جهنگ مان پٽي ايندييون ۽ بعضي سستي اگهہ ۾ وڪڻنديون هيون، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي کي پٽجڻ بعد رکڻ جي خاصيت نہ هئڻ ڪري ساڳئي ڏينهن استعمال ڪري ڇڏبو آهي. اونهاري ۾ هنن مان هر هڪ جو مدو ٻہ هفتا هوندو آهي. اهي مون لاءِ حياتين ۽ معدنيات جو وسيلو هئا.

ليسوڙو ٻيو جهنگلي ميوو هو، جيڪو سوادي تہ هو پر استعمال ۾ گندو هو، پر پارت ۾ ڪاروبار لاءِ پوڪجي ٿو. سايون پاڇيون ورلي ٿينديون هيون، پر ڪدو، جو چند ڏينهن تائين رکي سگهجي ٿو، سو بہ وئبو ۽ استعمال ٿيندو هو. گوگڙو ۽ ميهو اونهاري جي شروع ۾ عام ٿيندو هو. پٽاٽا وري سياري ۾ عام هوندا هئا. بصر جيڪو پوکبو رهبو هو ۽ رکي بہ سگهبو هو، سو سڄو سال موجود هوندو هو. هن کي ڪي ماڻهو ڪچو بہ ڪائيندا هئا ، پر ڏاڏو ان جي خلاف هو، ڇاڪاڻ تہ ان جي بوءِ خراب

هئي. جنوريءَ کان مارچ تائين مٽر ۽ چٽا ساوا ۽ تازا ملندا هئا. انهن ۾ شايد ڪي حياتين به هئا. انهن جا پن سلاد يا ڀاڄيءَ وانگر به ڪتب ايندا هئا. پر مٽر منهنجي پيٽ ۾ گڙٻڙ ڪندا هئا. البت چٽا ڪنهن حد تائين مناسب هئا. بهرحال مون لاءِ ميوي جي پلي موسم مارچ جي شروعات کان ڏهين اپريل تائين واري هئي، جڏهن ٻير لهندا هئا. ڳوٺ جي چوگرد ڪئين وڻ هئا، جيڪي سيني لاءِ مفت هوندا هئا. هڪ ٻيري پاڙيسري چوڪرو غلام رسول مون کي پنهنجي زمين واري ٻير ڏانهن وٺي ويو ۽ مٿي چڙهي ان کي ڌوڻيائين. مون ٻير ميڙيا ۽ ان مان اڌ کيس ڏنم. ان بعد مان اڪيلو ان ٻير ڏانهن ويندو هئس ۽ روز ٻير ميڙيندو هئس. اهڙيءَ ريت پوءِ مان ٻين ٻيرين ڏانهن به ويندو هئس.جڏهن اٺن سالن جو ٿيس، تڏهن وڻ تي چڙهڻ سکيس ۽ ڳوٺ جي پاسي وارين يارنهن ٻيرين جا ٻير ڪتا ڪندو هئس. ٻيو ڪو به ٻار اها تڪليف نه ڪندو هو. ائين مان گهڻا ٻير گڏ ڪري کائيندو ۽ ڪافي اس ۾ سڪائيندو هئس، جيڪي مئي جي پڇاڙيءَ تائين هلندا هئا ۽ پوءِ سينوارجي ويندا هئا. اهڙيءَ ريت مون لاءِ وچ جنوريءَ کان مئي جي پڇاڙيءَ تائين ميون وغيره جون کنڊون ميٺاج (fruitose, sucrose, glu-cose) ۽ حياتين جي موجودگي اوس هئي، انڪري مان سواءِ مليريا جي ٻين مرضن کان آجو رهندو هئس. ٻتراجن نڪرڻ بعد پتائي ۽ لاهوري گجرن جو واڌارو ٿيو. دادو تعلقي ۾ انب خاص ڪري وڪري لاءِ ڪونه ٿيندا هئا انڪري جو انهن کي دائمي پاڻي گهربل هو. انب مٺي پاڻي واري ايراضيءَ ۾، جيڪا سنڌ ۾ فقط ڏهه سيڪڙو جيتري آهي، اتي ٿيندا هئا. اهي هفتي ۾ هڪ به ڀيرا هندو دڪاندار وڪري لاءِ آڻيندا هئا. ڪڪڙيون لڳائي انب اپائيندا هئا. جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ مختلف تور ۽ خاصيتن جا انب ملندا هئا. ڪٽڪ مکيہ خوراڪ ۽ منهنجي ميدي ڏکڻي طبيعت هئڻ ڪري اهڙين قسمن جا ڪاڌا صحت لاءِ ناڪافي هئا. مون کي

کنڊ ۽ مصري کائڻ مان مزو اچڻ لڳو هو. مان ڏهن سالن جي عمر تائين ڪافي کنڊ کائيندو هئس، جيڪا منهنجي سگهه (Metabolism) جي گهٽي گهرج پوري ڪندي هئي. بابي واڻئي دڪاندار کي چئي ڇڏيو هو ته مون کي ٿوري کنڊ ڏيندو رهي. مان ڪانئس بابي جي کاتي تي کنڊ وٺندو هئس. مون کي مکاني مٺاين، بسڪيٽن ۽ ڪيڪن مان مزو نه ايندو هو، تنهنڪري مان مصري آهستي آهستي چوسيندو رهندو هئس جنهن اڳتي هلي ڪري منهنجا ڏند خراب ڪيا ۽ 1952ع ۾ آمريڪا ۾ مون 13 ڏند پرايا.مٺاين ۽ سيُن ۾ ميدو (Glutein) آهي جو مان هضم نٿو ڪري سگهان ۽ دماغ خود انهن جي کائڻ کان روڪي ٿو.

هينئر 80 سالن جي عمر ۾ مان سمجهان ٿو ته دماغ انسان کي زنده رکڻ لاءِ وڏو مددگار آهي، جو پاڻ کي به زنده رکڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن ٻالجتيءَ ۾ مائٽن، پاڙيسرين، دوستن، استادن ۽ واعظن جو ٻاهريون دٻاءُ نه هجي ها ته دماغ هڪ عجيب رهنما آهي پر ان کي صحيح طريقي سان استعمال ڪرڻ سان ماڻهو گهڻو ڪجهه سِکي ٿو. مون محسوس ڪيو ته اسين سڀ دماغ جا مطيع آهيون، جيڪو اسان کي صحتمند رکي ٿو. تنهنڪري ان کي طاقت ۽ سندس خوراڪ، خون رسائيندا رهون. جيتر اسان ائين ڪيون پيا ته پاڻ به خوش رهي ٿو. پر جي ائين نٿا ڪيون ته دماغ به لانجهو ٿيو پوي ۽ خودڪشي ڪري اسان کي ماري ڇڏي ٿو.دماغ کي خود ورزش يا ڪسرت جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ انهيءَ کي سچو وقت استعمال ڪرڻ، ان جي ورزش آهي.

مٺئين قسم جي سادي غذا سچي ڏکڻ ايشيا جي قديم ماڻهن کي مجبور ڪيو ته هو مختلف طعامن ۾ مصالحا وغيره ملائي سواد پيدا ڪن. واهن ۾ دائمي پاڻي نه هجڻ ۽ برساتن جي گهٽتائيءَ مجبور ڪيو ته سنڌي ۽ ڏکڻ ايشيائي، ساريون، جوئر، ٻاجهري ۽ ڪپهه وغيره جهڙا فصل اپائيندا رهن. ٿورين برساتن جي ڪري چراگاهه به ٿورا هئا. انڪري پاليل چوپاين جو

گوشت وڌائي ٿو. هو اهو سڀ ڪجهه واپرائي ٿو، جيڪو ماڻهو کائي ٿو، سواءِ حيواني لحمين جي. اهڙيءَ ريت سچ پچ کاڌي بابت انسانن جو حريف آهي. ان ڪري ئي دريائي ماٿرين، جهڙوڪ نيل، دجله، فرات ۽ سنڌوءَ ۾ يهودين کان به گهڻو پهريائين ۽ اٽڪل 3500 سال اڳ سوئر کي حرام قرار ڏيئي خارج ڪيو ويو هو. سنڌ ۾ شايد اجا به اڳيرو، سنڌو ثقافت واري دؤر ۾ خارج ڪيو ويو هوندو. ڇوگو عراق ۽ شايد سنڌو ثقافت ۾ پوڄبو هو. آريا گوشت کائيندا هئا ۽ 3000 کان 2000 ورهيه اڳ ۾ سوڪهڙي (Drought) سبب برهمڻن گوشت جو واپرائڻ پاڻ کانسواءِ ٻين لاءِ حرام قرار ڏنون. کير جي پيدائش وڌائڻ لاءِ برهمڻن ڳئون کي پوتر قرار ڏئي، ان جي پرستش ڪئي ۽ ان جو گوشت ممنوع قرار ڏنو. 600 ق م ڌاري هنن پاڻ کان علاوه سيني ماڻهن لاءِ ڪنهن به گوشت کائڻ جي منع ڪئي.

ٻُڌن هر قسم جو گوشت کائڻ ممنوع ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ ريت برهمڻن جي گوشت خوريءَ جي امتيازي حق ۽ هڪ هٽيءَ کي به ختم ڪيو ويو. يهودين سوئر جو گوشت حرام قرار ڏنو.اسلام يهودين واري روايت برقرار رکي. 1970ع تائين ٿر ۾ پسمانده هندن جي آبادي 80 سيڪڙو هئي. اهي گهٽ ذات وارا سمجهيا ويندا هئا. هو رڍن، ٻڪرين ۽ شايد ڍڳي جو گوشت ضرورت تحت کائيندا هئا، جنهنڪري کين مٿئين درجي جا هندو حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا. گوشت جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ پاڪستان حڪومت هفتي ۾ ٻه ڏينهن گوشت جو ناغو رکيو آهي. ٿر ۽ ڪوهستان ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب پاڄي گهٽ پيدا ٿئي ٿي، انڪري هتي جا ٻُڌ ڀڪشو به گوشت کائيندا هئا. ستين صدي عيسويءَ ۾ هڪ چيني سياح هيون سٽنگ هتي جي ٻڌ ڀڪشن جي گوشت کائڻ جي مذمت ڪئي، پر ٻيلا ٻيو هو ڇا کائين!؟

# الهه آباد ۾ ميلو

اسان جي ڳوٺ کان ٻه ڪلوميٽر ڪن پري الله آباد ۾ هر سال ميلو لڳندو هو. مون ان بابت وڏن ٻارن کان گهڻو ٻڌو هو، جن اهو ڏٺو هو. ميلو ٽي ڏينهن هلندو هو. امڙ جي چوڻ تي بابو مون کي وچينءَ ڏمال تي شام جو وٺي ويو. مون جيڪي ڪجهه اُتي ڏٺو سو مزيدار نه پر نفرت انگيز هو. ڪاٺو ڪُليل جاءِ تي تيار ڪيو ۽ ڏنو پئي ويو، جتي مکين جا ميڙ هئا. ٻارن جا راندڪا هئا، پر اسان جي ڳوٺ ۾ جتي هڪ پنڌ سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا، ٽي چار ڏينهن رهي رانديڪا وڪرو ڪندو هو، ان کان ٻه مهانگا ٽي ڏناڻون. ڪپڙا ۽ بوٽ به مهانگا هئا، پر ڳوٺاڻن خريد پئي ڪيا. مون انهن ميلن ۾ اچڻ وارين رنڊين ۽ ڳائڻ ۽ نچڻ وارين ڪڃرين بابت به ٻڌو هو. اسين انهن ناگوار نموني سان سينگاريل، مڪروه چهرن وارين عورتن جي تنبن جي پرسان گذرياسين. جيئن وڏن ٻارن ٻڌايو هو، يقيناً انهن وٽ ويندڙن مان گهڻن کي پرميل (Gonorrhea) ۽ آتشڪ (Syphilis) ٽي سگهيو ٽي. جيئن ته مون ميلي ۾ بازار جي هر شيءِ کائڻ کان انڪار ڪيو، انڪري بابي مون کي شهر جي مکيه بازار مان گهر لاءِ سنڌي مٺايون وٺي ڏنيون. بازار ڏانهن ويندي رستي ۾ اسان انهيءَ بزرگ جي مزار ڏٺي، جنهن جي ياد ۾ هتي هر سال ميلو لڳو ٽي. قبر جي ٻاهران ڪبڙ ۽ ٻيا وڻ هئا ۽ اتي هڪ ڪاٺ جو ڏگهو عَلم به کتل هو. وٽن هيٺان ڪي اسان جي ڳوٺ جا ۽ ڪي ٻيا ماڻهو ڀنگ پي رهيا هئا. بابو اوڏانهن

ويو ۽ سائڻ هٿ ملايائين. اسان ڪڪائين پيهي ۾ ويٽل آٿ - ڏهہ ڇٽن ڪي ڪو بدبوءِ دار مايو ڇڪيندي ڏنو ۽ مان ڏپ جي ڪري بيهي نہ سگهيس. بابي مون کي ٻڌايو تہ انهن چرس پِئي ڇڪيو. هڪ سنهڙو، ڏگهو ۽ رت پٽوڙو شخص درگاهہ جو رکوالو هو، جنهن ڀنگ ۽ چرس پٽسن تي پٽي ڏنو. پوءِ اسين بازار ۾ هڪ هندوءَ جي دڪان تي وياسين، جنهن مون کي گڏيل مناين جو هڪ سير پاتي جي دٻي ۾ وجهي سوتليءَ سان ڪڙي ڏنو. پوءِ بابو مون کي واپس ميلي جي بازار ۾ وٺي آيو. ٻن گهٽين مان گهڻن ماڻهن ۽ ٻارن جي هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ جي ڪري هوا ۾ شامل ڌوڙ اتي هر موجود شيءِ ۽ ويندي اسان جي چهرن تي بہ مٽيءَ جو تهہ چاڙهي ڇڏيو. مان اُتان جي گندگيءَ کان تنگ پئي ٿيس، پر بابي واعدو ڪيو هو تہ هو مون کي ميلي جو بهترين اسم ملاکڙو ڏيکاريندو. اسڪول ۾ پار هميشہ ملاکڙو يا سنڌي ملهہ وڙهندا رهندا هئا، انڪري مان ان مان واقف هئس، البتہ هتي وڏا جوڙا هئا. ماڻهو اڳ ۾ ٿهيل پڙ تي دائرو ڪري بيهي ويا ۽ پوءِ ملهہ ميدان ۾ آيا. جيتوڻيڪ راند ڏاڍي دلچسپ هئي پر منٽن بلڪہ سيڪنڊن ۾ هار جيت جو فيصلو ٿي ويو. ملهہ مغربي ڪشتي يا مڪي بازيءَ وانگر نہ آهي. سنڌي ملهہ تقريبن ٻن منٽن جي ٻن پيرن ۾ ختم ٿيو وڃي. ڪنڻ واري ملهہ کي ڪو ٻيو للڪاري سگهي ٿو. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ وري ٻيو جوڙو ميدان ۾ ايندو. راند جو دلچسپ پهلو اهو هو تہ فاتح ٻهراڙيءَ جي عورتن جا اهڙيءَ ريت پسنديده ٿي ويندا هئا، جيئن اڄڪلهہ مغربي ملڪن ۾ رانديگر ٿين ٿا. جيتوڻيڪ راند ڪافي مزيدار هئي پر آءٌ جلدي ڪڪ ٿي پيس، ان لاءِ تہ راند يڪدم ختم ٿي ٿي وئي. طاقت يا هنر جي بجاءِ ڪنڻ جو مدار ڇڻ تہ ڀاڳ يا وجهہ تي هو. سج لٿي ڌاري اسين پنهنجي گهر واپس آياسين. منهنجي ورتل مٺائي مون ساڻ هئي. مجموعي طور ميلو نفرت انگيز هو ۽ مان وري ڪڏهن بہ اهو يا سنڌ جو ڪوبہ ٻيو

ميلو ڏسڻ نہ ويس، سواءِ پٽ شاھہ ۽ جيڪب آباد جي، جتي مون ڪي زرعي اوزار ڏيکارڻا پوندا هئا. 30-1920ع وارن ڏهاڪن ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن جا نازبردار ملهہ هوندا هئا، پر 1960ع واري ڏهاڪي تائين صورت حال بدلجي وئي ۽ ٻهراڙيءَ جي عورتن جا ناز بردار ملهن جي بجاءِ شهرن ۾ نوڪريون ڪندڙ تعليم يافتہ ماڻهو ٿي پيا. اڄ آءٌ سمجهان ٿو تہ 15 سالن بعد ٻهراڙيءَ جون سموريون عورتون پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪنديون ۽ ان ۾ پيءُ ۽ ماءُ جو ڪوبہ دخل ڪونہ هوندو. هن وقت تقريباً 33 سيڪڙو ڇوڪريون ننڍي هوندي جي مڱڻي ڪيل سان شادي ڪرڻ کان جواب ڏين ٿيون.

# ميهڙ کان 25 ڪلوميٽر اولهه

# ۾ فريد آباد ۾ ڌاڙو

مون کي صحيح سال جي يادگيري ڪانهي پر ڪو پرائمري استاد فريد آباد مان ويجهي ڪنهن ڳوٺ ۾ شاديءَ تي آيو هو. جتي اهو منهنجي مامي محمد صالح کي مليو ۽ پوءِ اسان جي ڳوٺ به سانٽس ملڻ آيو هو، جتي هن ڌاڙي واري ڳالهه ٻڌائي. ويهين صديءَ جي ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ فريدآباد ننڍو ڳوٺ هو، جنهن وچان بازار هئي. بازار جي ٻنهي پاسن کان دڪان هئا ۽ پٺيان گهر. پر گهرن وارو گس به بازار مان هو. هڪڙو ڌاڙيل اترئين چيڙي تي ٽي بينو ۽ ٻيو ڏاکڻئين تي. وڏي ڌاڙيل سيني (هندو) دوڪاندارن کي سڏي ٻيو ته سيئي پنهنجون عورتون ڳهن سميت ڳوٺ جي مکيءَ جي گهر ۾ گڏ ڪن. سنڌ جي ڳوٺائين عورتن کي اڪثر هر وقت ڳهه پاتل هوندا آهن. ڌاڙيلن کين چيو ته ڳهه لاهي هنڌ جي چادر تي اڇلائينديون وڃن. چادر پاڻ سان آندي هئائون. سيني عورتن ائين ئي ڪيو. دوڪاندار به سموري روڪڙ کڻي آيا. ڌاڙيلن انهن کي ڌمڪي ڏني ته هو سمورن گهرن جو جهاڙو وٺندا، پوءِ ڪٿان ڪو ڳهه ڳنو يا ڏوڪڙ پئسو نڪتو ته مالڪ کي گولي هڻي ڇڏيندا. ڌاڙي کان پوءِ پهريون ماڻهو جيڪو کين مليو سو اهو ئي استاد هو. ان کي هندو سمجهي ڪانئس نالو پڇيائون، جو کيس به هندن وانگي پاجامون پهريل

هو. مون کي ياد ٿو اچي ته سندس نالو ابراهيم هو. ڌاڙيلن کي اعتبار ڪونه آيو ۽ ڪانئس ڪلمو پڙهايائون جيڪو هن پڙهي ٻڌايو، پوءِ ڪانئس فجر واري ٻانگ ڏيارياڻون . پوءِ مٿس اعتبار ڪياڻون ۽ ڪيس سيني هندو مڙسن ۽ زالن کي مکيءَ جي گهران سڏڻ لاءِ چيائون. انهن ڪنهن مرد يا عورت جو نالو ڪونه ورتو ۽ عورتن کي امان، ڀيڻ، ڌيءَ جي نالي سان پئي سڏيائون. هڪڙيءَ عورت همت ڪري ڌاڙيل کي چيو، ”تون مون کي ڌيءَ ڪري پيو سڏين، توتي ڇا فرض ڪونهي ته مون سان ڌيءَ وانگي ورتاءُ ڪرين؟“ ڌاڙيل چيو ته ”هو ائين ڪندو.“ عورت چيو، ”آءٌ تازو ئي ٻئي ڳوٺ ۾ پرڻجي وئي آهيان. هتي آءٌ مائٽن سان ملڻ آئي آهيان. آءٌ ڳهن کان سواءِ ساهراڻي گهر ڪانه وينديس. ڇاڪاڻ ته اهي تنهنجي ڌيءَ کي گهران ڪڍي ڇڏيندا. پوءِ توکي ڇا محسوس ٿيندو؟“ ڌاڙيل کيس چيو ته ” ڏيڳ مان پنهنجا ڳهه کڻ“ کيس چيائين، ”تنهنجا وڏيڪ ڳهه هجن ته اهي به کڻي وٺ.“ پوءِ ڌاڙيل روانا ٿي ويا.

ڪجهه سالن کان پوءِ آءٌ منهنجي هاءِ اسڪول جي استادن محمد عارب ۽ محمد ابرهيم سان گڏ شاه گودڙيي جي زيارت لاءِ ويو هوس، جتي محمد ابراهيم ذيابيطس سببان پنهنجي ڪرنڊڙ صحت بابت دعا گهري. اسان رات فريدآباد ۾ مکيءَ جي گهر ۾ رهياسون. مکيءَ جو پٽ به ميهڙ ۾ پڙهندو هو. ان به ساڳي ڪهاڻي ٻڌائي ۽ چيائين ته پوليس جي ويجهي چوڪيءَ ۾ فقط ٽي ماڻهو موجود هئا، جن جي وس ۾ ئي بروهي ڌاڙيلن کي روڪڻ ڪونه هو. هن ٻڌايو ته وڏو نقصان ٿيو هو. هر عورت کي سير کن چاندي ۽ ڪيترائي تولا سون جا ڳهه پاتل هئا. انهن ڏينهن ۾ سون 34 روپيا في تولو هو ۽ چاندي هڪ رپيو في تولو. هن چيو ته اڪثر بروهي ايماندار ۽ محنتي هوندا آهن. اهي هر سياري ۾ لاباري لاءِ ۽ زمين جي ڏيڻ سان سنوت ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. پر جڏهن بک مرندا آهن ته قانون ڀڃندا آهن. ان ۾ سڄو ڏوهه سرڪار جو

آهي جيڪا بي روزگاريءَ تي ضابطو رکڻ ۽ وسيلن کي ترقي وٺائڻ ۾ ناڪام ٿي آهي.

1938ع ۾ هڪڙي بروهي ڌاڙيل پراڻن آثارن جي هڪ ماهرمجمدار کي قتل ڪيو هو، جڏهن اهو غازي شاه وارن ٻڙن جي کوجنا ۾ رڌل هو. اهي ٻڙا شايد 6000 سال پراڻا آهن. مجمدار قديم آثارن جو باني ماهر هو، جنهن ڪيترائي ٻڙا، جهڙوڪ آمري، ڪوٽ ڏيجي، لوهڻ جو دڙو، جهڪڙ ۽ جهانگر وغيره کوٽايا ۽ اهڙن ڪيترن ٻين هنڌن، جيئن سيوهڻ، جوهي ۽ محال ڪوهستان تعلقن ۾ نشاندهي ڪئي. جن ۾ غازي شاه، ڪونڙيو، واهي پانڌي، علي مراد، ٿنڊو رحيم، شاه حسن، ترني، پاريخ، گوڙاندي، گوٺمچ، نئنگ، پوڪران، ڪرچات، ڪاجر عرب، احمد شاه، داؤ، ٿنڊو عرب اهم آهن. جيستائين موهين جي دڙي سان لاڳاپي جي ڳالهه آهي ته جهڪار ۽ جهانگر کان سواءِ ٻيا موهين جي دڙي جي تهذيب جي زوال کان پوءِ وجود ۾ آيا. مجمدار کان پوءِ آمري، جهڪار ۽ جهانگر کان سواءِ ڪنهن به دڙي جي کوٽائي نه ٿي سگهي آهي. ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي قديم آثارن جي ماهرن جو خيال آهي ته اهي مارجي سگهن ٿا.

سويوگياناچنداڻي پڙهڻ لاءِ شانتي نڪيتن ويو هو. اتي ٽئگور کانئس پڇيو، "ڇا تون سنڌ جو آهين" هن وراڻيو، "ها". "اوهان اسان جو بهترين ماڻهو ماري ڇڏيو". کيس جڏهن وڌيڪ اها خبر پَئي ته هو لاڙڪاڻي جو آهي ته کيس "موهن جي دڙي جو ماڻهو" سڏيندو هو. ٽئگور جو مجمدار کي بهترين ماڻهو سڏڻ بلڪل درست هو. اهو اوائلي سنڌي تهذيب (2350 کان 3750 سال ق.م.) جي کوجنا ۾ هندستان جي سروي ۾ سيني قديم آثارن جي ماهرن کان اڳتي نڪتل هو. هن موهين جو دڙو ڳولي ڪڍيو. آءٌ کيس "قديم آثارن جو شهيد" سمجهندو آهيان ۽ مارشل، مئڪي ۽ ويلر کان پوءِ عظيم ترين سمجهان ٿو. ٻين سيني ان جي نقشِ قدم جي پيروي ڪئي آهي.

مجمدار جي قاتل عبدالرحمان تي لاڙڪاڻي جي سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس هليو پر ثابت ڪونه ٿيو. بهرحال اڳتي هن وري ٻيو قتل ڪيو، جنهن ۾ ڪيس ڦاسي مليس. عبدالرحمان جو خيال هو ته مجمدار کي ڪوڙ سارو سون ۽ چاندي دڙي مان لڌا هئا ۽ هن اهي ڦٻائڻ ٿي چاهيا. مجمدار جي قتل کي 70 ڪان وڌيڪ سال ٿي ويا آهن پر اڃا تائين پاڪستان مان قديم آثارن جي کنهن به ماهر اهو هنڌ ويندي رني ڪوٽ به ڪونه ڏٺو آهي، جيتوڻيڪ رني ڪوٽ سن کي ويجهو آهي ۽ ان ڏي پڪو رستو به وڃي ٿو. ڪيترائي سيلاني اهو ڏسڻ ويندا آهن، پر اسان جا ماهر ڪونه وڃن. هڪڙي آمريڪي لوئس فلئم کي سنڌ جو سچو ڪوهستان ڦبي سعيد ڪان وٺي ڪراچيءَ تائين ڏسڻ جو شرف حاصل ٿيو. هن جا آمريڪين کان سنڌي ذاتي دوست گهٽا آهن.

ڳڙهي ياسين واري علائقي جي به هڪڙي ڌاڙيل جي مزيدار ڪهاڻي آهي. اُهو به نسورو شيطان هو. عورتن جو دلدار هو ۽ ڪراچي، لاهور ۽ پشاور به پيو ايندو ويندو هو. ڌاڙو هڻي پئسا غريبن ۽ پنهنجي سينڌين ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس هڪڙي سنگتياڻيءَ کي پوليس ٻڌو. هن انچارج سب-انسپيڪٽر کي ماري ان جي سسي سکر جي ايس.پي کي ڏياري موڪلي. پوليس يڪدم پوءِ انهيءَ عورت کي ڇڏي ڏنو. ان کي هڪ غريب ڇوڪر ٻڌرايو، جيڪو کنهن پوليس جي سپاهيءَ جو پٽ هو. ان سپاهيءَ کي پنج پٽ ۽ ڪجهه ڌيئرن جو اولاد هو. ڇوڪر پرائمريءَ ۾ پڙهندو هو. ڪيس سندس بيوه ماسيءَ نپايو هو، جيڪا ڌاڙيل جي سريت هئي. هڪڙي رات ڌاڙيل آيو ته ماٽ ۾ ڇوڪر ڪٽي ٻئي هنڌ تي سمهاري ڇڏيائين. پر ڇوڪر ننڍي وهيءَ ۾ به ڏاڍو چالاڪ هو. اهو سڌو پڳو پوليس ڏي. پوليس ان کي گرفتار ڪيو. اڳتي هلي ڪورٽ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني. پوليس ان تي رکيل انعام پاڻ ڪٽڻ پئي چاهيو. ڇوڪر سڌو ويو ضلعي جي ڪليڪٽر ۽ ايس.پيءَ ڏي. اهي ٻئي انگريز هئا. ڪين

ٻڌايائين تہ ڪيئن سندس مدد سان پوليس ڏاڙيل کي پڪڙو هو. ڪليڪٽر چوڪر کي ۽ شايد پاڻ کي بہ ڪو انعام ڏيارڻ تي چاهيو. انڪري ڪليڪٽر چوڪر کي پهريائين سنڌ مدرسي ۽ پوءِ ڊي.جي ڪاليج ۽ سنڌ لا ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالر شپ ڏياري. اهو چوڪر پوءِ ناليوارو قانودان، پاڪستان جي قانون جو وزير ٿيو. ان 1953ع واري آئين ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، ڪيترين ئي بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي. ان ”اگرتلا سازش“ ۽ ٻين ڪيسن ۾ شيخ مجيب الرحمان جو بچاءُ ڪيو. سندس نالو اي.ڪي. بروهي هو، جيڪو پاڪستان جو چوٽيءَ جو وڪيل هو. اها ڪهاڻي هن پاڻ ئي بيان ڪئي هئي. ان جو ذڪر مسٽر ناصر احمد فاروقي 1961ع ۾ پنهنجي ڪتاب ”محبت ۽ موت جا رخ“ (Faces of Love and Death) ڪيو آهي.

مون کي ڌاڙيلن يا اغوا ڪرڻ وارن سان ڪا همدردي ڪانهي. پر سنڌي ڌاڙيلن عورتن جي عزت ڪرڻ واري سنڌي روايت تي عمل ڪري ڏيکاريو آهي. گذريل 30 سالن ۾ سنڌي ڌاڙيلن هٿان سنڌي عورت جو اغوا ٿيڻ يا ان سان ڏاڍائي ڪرڻ جو هڪ بہ واقعو ناهي ٿيو. ان تي آءٌ کين شاباش ڏيڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان. پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ انهيءَ ڳالهہ جي کوٽ آهي.

# منهنجو طهر

يورپ ۽ آمريڪا ۾ طهر کي صحت بخش سمجهيو وڃي ٿو، انڪري جو آلتي سرطان (Penile cancer) جو خطرو گهٽجي ٿو. ڪن هنڌن تي اهو تڪراري آهي ۽ ڪي وگيانڪ (specialists) سمجهن ٿا ته ان سان مرداني مزي ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي. يهودين ۾ اهو ضروري آهي ۽ مسلمانن ۾ سنت رسول. اڻ طهريل يهوديءَ کي يهودي نه سمجهبو، پر ان ڪانسواءِ مسلمان کي مسلمان تسليم ڪرڻو آهي. سنڌ ۾ اهو موقعو جوانيءَ جي شروعات سمجهي وڏي ڌام ڌوم، تقريبن، جشن ۽ خرچ سان ملهايو وڃي ٿو. اهو موقعو هندن تان نقل ڪيو ويو، جي جوانيءَ جي رسم ڇوڪري کي جڻيو پارائڻ سان شروع ڪندا آهن.

مان ائن سالن جو هئس، جڏهن منهنجي امڙ ويم ڪان پوءِ جي پيچيدگين سبب وفات ڪئي. ان وقت منهنجو مامو محمد صالح وهمن، قبر پرستيءَ ۽ پير پوڄا جي خلاف پرچار ڪري رهيو هو. انهن ڏينهن ۾ منهنجي پيءُ مخفي طور، طهر جي ماهر حجم کي اڳ ڏنل تاريخ تي گهرائي، سج لٿي ڪان ٿورو اڳ منهنجو طهر ڪرائي ڇڏيو. هن مون کي ٻاهر سڏايو، هڪ منٽ ۾ طهر ڪري، ملم ۽ ڪجهه خاڪ لڳائي، هڪ روپيو وٺي هليو ويو. مان پهرئين ڏينهن سور سبب رنس پر پوءِ مون سمجهيو ته چڱو ٿيو، ڇاڪاڻ ته مان موقعي جي تقريباً، جهڙوڪ هفتي لاءِ عورتن جا سهرا ڳائڻ، سڄي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ماڻهن کي ماني کارائڻ ۽ اهڙي دنگل

مان شرمندو ٿيان ها. بهرحال منهنجي معاملي ۾ ايڏي ڏيگهه نه ٿئي ها. پر مون کي خبر هئي ته اسان جي نوعيت سبب اسڪول جا ٻار مون تي کليا ٿي. بابي پنهنجي بچاءَ لا رڳو اهو چيو ته اهي رسمون غير اسلامي هيون، انڪري هن پاڻ کي گناهه کان بچايو هو. اهو چرچو سڄي ڳوٺ ۾ ٿئي ها، پر اسان جي ڳوٺ جي هڪ شاهوڪار مائٽ محمد صابن به پنهنجي پٽ لاءِ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو، انڪريٰ هاڻي ان کي خراب نٿي سمجهيو ويو. اڃا به وڌيڪ اهو ته ڳوٺ جي مذهبي ماڻهن ان طريقيڪار جي تعريف ڪئي، ڇو جو هنن به انهن رسمن کي غير اسلامي ٿي سمجهيو. ان جو حتمي اثر مون تي اهو ٿيو، جو سمجهيم ته طهر ۽ شادي ماڻهن جو شخصي عمل هو.

ضياءَ جي حڪومت کان پوءِ هيءَ رسم شاهوڪارن جي ڏيک ويک، ووٽرن جي حمايت حاصل ڪرڻ ۽ سياسي جماعتن جي اڳواڻن کي ڪٺي ڪرڻ واسطي وڏي ڌام ڌوم ۽ شان و شوڪت سان ملهائڻ شروع ٿي آهي. اها جاگيرداري دؤر جي آخري باقيات آهي، جيڪا قانوني طور تي ختم ٿيڻ گهرجي.

# عورت ديويءَ وينس جي حيثيت ۾

عورت سان خاص ڪري ٻيءَ ۽ ان جي موت جي حالت ۾ ان جا پٽ، جيڪڏهن اهي ننڍا هوندا ته سندس پائر ۽ پوءِ سندس مڙس غلام وارو ورتاءُ ڪندو آهي. ان کي ديوي به سمجهيو ويندو آهي. قديم آثارن جي ماهرن عورت جون اهڙيون شبيهون کوٽي ڪڍيون آهن، جن ۾ کيس ديوي، وينس يا حسن جي راڻي ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

جڏهن ڪاڏو گهٽي مقدار ۾ موجود هوندو آهي، سوکهڙو گهٽ ۽ مينهن گهٽو وسندو آهي. پاڻيءَ ورائڻ ۾ گهٽ وقت گهربل هوندو آهي، ڪٽنب لاءِ مناسب ڪاڏو پيدا ڪرڻ ۾ هاريءَ کي گهٽ محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ آسائش لاءِ گهڻو وقت بچت ۾ هوندو آهي، تڏهن عورت جي سماجي حيثيت بلند هوندي آهي. برپٽ ۾ جتي ڪاڏي جي سدائين کوٽ لڳي پئي هوندي آهي، اتي آبادي گهٽ رهي ٿي؛ ۽ جيئن ته عورت کي گهٽي آباديءَ ۽ پيدائش جو ذميوار سمجهيو ويندو آهي، انڪري سيني رڻن ۾ عورت جي حيثيت نهايت پستيءَ واري هوندي آهي ۽ انهن جو تعداد ڄاڻي واڻي گهٽايو ويندو آهي. عورت جو مرد جي ڀيٽ ۾ تناسب سندس سماجي حيثيت جي نشاني هوندو آهي. اهڙن سختيءَ وارن ڏينهن ۾ عورتن جي کوٽ سببان مردن ۾ هم جنس پرستيءَ کي به برداشت ڪيو ويندو آهي. عام طور ان کي نه ته غيرقانوني سمجهيو ويندو آهي، نه غيراخلاقي يا خراب. عملي طور ان جي تمام گهٽ سزا

آهي. سنڌ ۾ عورت جي حيثيت سکر ۽ ٻين بئراجن جي شروع ٿيڻ سان سڌرڻ شروع ٿي، پر سرڪار جي غلط پاليسين جي ڪري زراعت وارين شين جي مقرر ڪيل اگهن جي ڪري بک ۽ غربت وڌي وڃڻ سان عورت جي حيثيت وري گهٽبي ٿي وڃي. اجا به سنڌي سماج ۾ عورت کي خاص سماجي درجو مليل آهي، جنهن جو مثال پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ عام ناهي.

گذريل 25 سالن ۾ ڀُنگ لاءِ گهرن مان توڙي عوامي ۽ خانگي گاڏين مان اغوا وارن واقعن ۾ ڪنهن به عورت کي اغوا ڪونه ڪيو ويو، جيڪا ڳالهه گذريل هڪ هزار ۽ شايد ته هڪ سؤ سالن وارن واقعن جي خلاف آهي.

قبيلائي دشمنيءَ ۾ به مرد جي پلاند ۾ مرد کي ماريو ويندو آهي پر ڪڏهن ڪنهن عورت کي نه. مختلف قبيلن يا ڪٽنبن ۾ دشمنيءَ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي زال يا گهر جي ٻيءَ ڪنهن عورت کي ساڻ ڪري دشمن جي در تي معافيءَ لاءِ لنگهي ويو ته بنا ڪنهن عيوض جي هر ڳالهه معاف ڪئي ويندي آهي. ٻئي گهر اڳتي هڪٻئي سان ائين هلندا ڄڻ ته ويجها مائٽ يا دوست هجن.

مرد جي ڪيل ڏوه لاءِ عورت کي ذميوار نه سمجهيو ويندو آهي، جيئن پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ آهي، جتي ڳوٺ جي مُکين عورت تي چيڙ ڪرڻ جا فيصلا به ڪيا آهن. اهڙيون خبرون بين الاقوامي پريس ۾ به ڇپجنديون رهيون آهن.

مون پاروتڻ کان ڏٺو آهي ته اڪثر شاديون ننڍيءَ عمر ۾ ئي مائٽن طرفان ڪرايون وينديون آهن ۽ خاص ڪري ڇوڪرين جي شادي ته فقط انهيءَ خوف کان بالغ ٿيڻ سان ڪرائي ويندي هئي ته ڳوٺ توڙي ٻنيءَ جي ڪم ڪار جي ڪري آزاد گهمڻ سببان عصمت وڃي سگهي

ٿي، ۽ اهو مائٽن جو فرض آهي تہ نياڻيءَ کي ڳهوٽ جي گهر ڪنواري موڪلين. انڪري ان جي تڪڙي شادي ڪرائي ويندي آهي ۽ مستقبل جو بار ڳهوٽ ۽ سندس ڪٽنب تي وڌو ويندو آهي. جلد ئي گهڻن ٻارن ڄڻڻ، گهٽي ڪم ڪرڻ، گهٽ کاڌي کائڻ تائين جيڪو بہ گهڻو ڪاربو هائڊريٽ وارو هوندو آهي؛ عورت مان موه ختم ٿي ويندو آهي ۽ هوءَ ڀهراڙيءَ جي اها عورت ڏسڻ ۾ نہ لڳندي آهي، جنهن کي ”وينس“ يا ”سونهن جي ديوي“ چئبو آهي. ان سان گڏوگڏ مائٽن کي اها عام خبر بہ نہ هوندي آهي تہ ڇوڪري 16 سال 280 ڏينهن تائين قد ڪندي رهندي آهي ۽ ڇوڪر جو 365 ڏينهن تائين وڌيڪ قد وڌندو رهندو آهي. ننڍيءَ ڄمار جي شادي ڇوڪريءَ جي طبعي واڌ کي ختم ڪريو ڇڏي. ان کان سواءِ ڇوڪري پنهنجي سونهن جي اعليٰ ترين درجي ۽ طبعي اوسر کي 23 سالن جي عمر ۾ رسندي آهي.

1936ع کان 1953ع تائين ڊاڪٽر ڪِنسيءَ ۽ سندس ٽيم جي ڪيل اٽڪل 20 هزار مردن ۽ عورتن سان ڪيل انٽرويوز ۾ ڏيکاريل آهي تہ زال ۽ مڙس ٻنهي جي عمر 25 سال هئڻ جي صورت ۾ طلاق جا بلڪل محدود واقعا ٿين ٿا. گهٽي ۾ گهٽا طلاق 18 کان 20 سالن جي عمر وارن جوڙن جا هوندا آهن. بهرحال ڏکڻ ايشيا ۾ يوناني وينس ۽ رومن وينس ”دي مائلو“ جهڙيون ديويون بہ پيدا ٿيون آهن. سيئي مرد عورتن جي سونهن کي پسند ڪندا آهن ۽ ان کي واکاڻيندا آهن. البت معيار نسل درنسل ۽ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ بدليل هوندو آهي. پٽنا (بهار) ويجهو هڪ خوبصورت عورت جو بت لڌو آهي، جنهن جو چهرو مقامي مندر ۾ رکيل ديويءَ جهڙو آهي. ان بت کي هندستان جي فن جو عظيم شهڪار سمجهيو وڃي ٿو. موهين جي دڙي واري ناچڻي ڇوڪري ”سمبارا“ بہ حسن جو نمونو آهي. صوماليہ اوپر آفريڪا مان ڪنهن نيگرو تاجر آندو هو، جيڪو گجرات ۾ ”لوٿل“ بندر وٽ آباد ٿيو هو. ان کي

ڪاپيءَ پانهن ۾ خاص سنڌي پانهين پاتل آهي. 1970ع تائين سنڌ ۾ پانهنُ ۽ چانديءَ جون چوڙيون ”پانهينءَ“ جي نالي سان ڳَهَہ پهرڻ جي رسم موجود هئي. اڄ بہ ٿر توڙي ڪوهستان ۾ عورتون ڪلهن کان ڪَرائين تائين چوڙا پهريندڙيون آهن. عورتن لاءِ اِها بت تراشي بي مثل آهي ۽ فقط وقت جي وينس لاءِ ئي پِئي سگهي. موهن جي دڙي مان پڪيءَ مٽيءَ جو هڪُ عورت جو بت بہ لڌو آهي، جنهن کي وڏيءَ محنت سان تيار ڪيل ڳهڻا پاتل آهن.

سنڌ جي تاريخ جا روشن دور 400-700ع ۽ وري 900-1300ع وارا هئا. جڏهن آبهوا وڻندڙ ڪاڏو موج تي، مردن لاءِ محنت گهٽ ۽ عورت جو اوج هو. مطلب تہ هندو ۽ ٻڌ جي دورن ۾ عورتن جو اعليٰ مرتبو هو. بدقسمتيءَ سان اسان جا سؤ ڪان مٿي قديم آثارن وارا هنڌ ڪوٽيا ئي ڪونہ ويا آهن، ۽ پاڪستان جا پراڻن آثارن جا ماهر يا تہ اهي ڪوٽين ڪونہ پيا تہ اهي آثار غير اسلامي آهن. ٻاهرينءَ دنيا ۾ اهڙيءَ رَوَش کي ڪل جوڳو سمجهو وڃي ٿو. ان جي خبر اسان کي پاڪستان جي شروعاتي ڏينهن ۾ هڪڙي وفد جي ملاقات وقت مصر جي بادشاه فاروق جي ڪيل تبصري مان پوندي. پاڪستاني وفد کان اسلامي بلاڪ ٺاهڻ واري ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ بادشاه ڪانئن پڇيو تہ ”اسلام ڪڏهن آيو؟“ ڪنهن بہ صحيح جواب ڪونہ ڏنو تہ بادشاه کين چيو تہ ڪيس جواب جي خبر آهي، ”اسلام 14 آگسٽ 1947ع تي ڄائو.“

اسلام جي اها سکيا تہ ”بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي“، ان جي وڏي معنيٰ ۽ نفسياتي اهميت آهي. هڪ چو تہ ڇهن سٽن سالن جي ڄمار ۾ ڇوڪرو ماءُ يا ڪٽنب يا پاڙي جي ڪنهن عورت تي ڀاڙيندو آهي ۽ جڏهن وڏو ٿيندو آهي تہ ان عورت کي ماءُ جي جاءِ تي ڏسندو آهي. جيڪڏهن ان کي سچ پچ ماءُ سمجهندو تہ ان جي هر وک هيٺان سندس

جنت آهي. ان جي برخلاف بي جوڙ شاديءَ ۾ عورت مرد لاءِ عذاب بنجي ويندي آهي ۽ هُن لاءِ ڦِري برائيءَ جي ديوي ٿي پوندي آهي.

هڪ شخص مسجد مان موٽندي پنهنجي گهر جي در تي ڏڪارو ٿيو ويٺو هو. ڪنهن ماڻهوءَ ڪائنس ان جو سبب پڇيو، ان چيو ته ملان پنهنجي خطبي ۾ چيو آهي، "سيئي زالون پنهنجي مڙسن سان بهشت ۾ گڏ هونديون". مون واري زال ته هن دنيا ۾ ئي مون لاءِ دوزخ ٺاهي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن مون ڪان پوءِ اچي بهشت ويس ته هوءَ ان کي به مون لاءِ دائمي دوزخ ڪري ڇڏيندي. انڪري ئي ملول ويٺو آهيان!" اهڙيون هونديون آهن ڪن مردن جي نظر ۾ برائيءَ جون ديويون!

سنڌ ۾ ڪيترائي مرد سڄي عمر پنهنجي زالن جي عزت ڪندا آهن پر انهيءَ ڳالهه جو ماڻهن سان ذڪر ڪونه ڪن، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه سماجي طور معيوب سمجهي ويندي آهي. جيڪڏهن اهڙيون آتم ڪٿائون ڇپجي وڃن ته اها وڏي سماجي خدمت ٿيندي، بجاءِ ان جي ته تصوراتي ڪهاڻيون ڇاپيون وڃن، جن ۾ ليکڪ ڪنهن تبصري نگار واري حيثيت ۾ لڪل رهندو آهي.

# جنسيات جي تعليم

مان سمجهان ٿو ته شهري ٻارن جي بنسبت ٻهراڙيءَ جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي جنس بابت ڄاڻ جو موقعو ننڍيءَ عمر ۾ ملي ٿو. مون کي خبر نه آهي ته مون ڪيترو اڳ ۾ اهو ڄاتو ته، جنهن کي مغربي ماڻهو ”ٻارن کي ماکيءَ جي مکين ۽ پکين بابت ٻڌائڻ“ چون ٿا. مون کي تمام ننڍي هوندي کان اهو پتو هو. اسان جي گهر جي پاسي واري واڙي ۾ ماهيي ۽ ڳائي مال، نر ۽ مادين ۾ سڄو سال پيو لڳ ٿيندو هو. ڪتا ۽ ڪتيون گهرن جي ٻاهران گهٽين ۾ پيا لڳندا هئا ۽ ٻليون ۽ ٻلا گهرن اندر پيا سلهاڙجندا هئا. انن جو ميڙائڻ ته سراسر تماشو هوندو هو، جنهن جي ڏسڻ لاءِ سڄي ڳوٺ جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. هڪ ڏينهن منهنجي پيءُ جي سوٽ گاجيءَ، ڏاچيءَ جي مالڪ، سڄو عمل پنهنجي هٿن سان ڪرايو ۽ سڄي ڳوٺ جا مرد ۽ ڇوڪرا اهو تماشو ڏسڻ لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيا. اسان ٻڪريون، رڍون، گهوڙا، گڏهه ۽ پکي جفتي ڪندي ڏٺا آهن. ڏيڏر صبح جو واهن جي بندن جي وٽ پاسي ۾ جفتي ڪن. ان ۾ ڪابه تعجب جهڙي ڳالهه نه هئي. مون کي ڇهن سالن جي عمر کان به اڳ اها خبر هئي ته، لڳ بعد مادي ڦر ڄڻيندي. آءٌ ساڍن پنجن سالن جو هئس، جو سج لٽي مهل، امڙ مون کي ڳوٺ جي وٽ سان، سارين جي ٻيجي پوکڻ لاءِ اٽڪل ڇهه فوٽ ڪن اونهي اٿ - ڏهه هارين جي ڪوٽيل کوهي ڏانهن گڏ وٺي هلي. بابو اندر هو ۽ امڙ مون کي کوهه ۾ وهنجڻ لاءِ

لاٿو. مون پنهنجي والد کي انگيز (Erection) واريءَ حالت ۾ ڏٺو. مون کي معلوم هو تہ هو امڙ سان ملي مون لاءِ ڀائر ۽ ڀيڻون پيدا ڪندو. مون لاءِ اها شرم جهڙي نہ پر معمولي ڳالهہ هئي.

مون کي ڪوهہ وٺيو، جو سج لهڻ بعد ان ۾ چنڊ جو پاڇو ڏٺم. ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ انهيءَ ڪوهہ تي ويس، جيڪو اسان جي گهر کان 500 فوٽن کان بہ گهٽ مفاصلي تي هو. مان اهو ڏسڻ لاءِ ويس تہ ان ۾ سج بہ ڏسڻ آيو ٿي يا نہ. اهو ضرور جُون مهينو هوندو، ڇاڪاڻ تہ سارين جو رونبو جولاءِ ۾ ٿيڻو هو، جڏهن ٻيجو 20-15 ڏينهن جو هوندو آهي. 26300 اتر ڦاڪ تي سج 21 جون تي رڳو 3 ڊگريون ڏکڻ ۾ هوندو آهي ۽ انڪري سڄو مهينو منجهند جو سج ڪوهہ ۾ نظر ايندو. جنهن وقت مون ڪوهہ ۾ جهاتي پاتي، ان وقت 14 سالن جا بہ ڇوڪرا عبدالغفور ۽ غلام رسول ۽ پاڙي واري گهر جي 10 سالن جي ڇوڪري، ڪوهہ کان چند فوٽن جي فاصلي تي هڪ پيهيءَ ۾ ويٺا هئا. پيهي ڇهہ فوٽ ڊگهي ۽ ڇهہ فوٽ ويڪري ۽ ڇهہ فوٽ اونچي هئي، جا ڇانورن جي ٻيجاري کي پکين ۽ جانورن کان بچائڻ واري راکي جي هئي، جيڪا ڪچي مٽيءَ جي ٺهيل ۽ ککن سان ڇَتيل هئي پر در ڪونہ هئس. هنن ٽنهي کي مائٽن جهار هڪلڻ لاءِ اتي موڪليو هو. انهن ٽنهي جو اُتي ٻيجارو هو. هنن پنهنجا ڪپڙا (پٽڪو ۽ ڇوڪريءَ جو رئو) در تي پردي وانگر ٽنگيا هئا. مون ويجهو وڃي ڏٺو تہ اُهي اگهاڙا هئا. ڇوڪري ککن جي تڏي تي ۽ ڇوڪرا جانور وانگر مصروف عمل. تفاوت رڳو اهو هو تہ جانور پوئين رخ سان پر هن حالت ۾ هنن اڳيون رخ اختيار ڪيو هو. مونکي هنن اُس ۾ ٻيهاريو ۽ چيو تہ ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڳوٺ مان هن طرف اچي تہ يڪدم اسان کي ٻڌاءِ ۽ اتان اصل نہ چُر.“

ڇهن مهينن کان پوءِ انهن ڇوڪرن مون کي ڌمڪايو تہ جيڪڏهن مون اها ڳالهہ ظاهر ڪئي تہ هو مون کي ماري ڇڏيندا. انهيءَ ڊپ کان تہ متان

هو ائين ڪن، مون قصو وڏن ڇوڪرن کي ٻڌايو، جن ان جي پڌرائي ڪري ڇڏي. انهيءَ ڏينهن شام جو ڇوڪريءَ جي پيءُ ڇوڪرن جي والدين وٽ وڃي سندن شڪايت ڪئي. ڌرين جي وچ ۾ جهڳڙو ايترو نه وڌيو، جو ترت معافي تلافي نه ٿئي ها ته ڇوڪرن ۽ سندن والدين تي ڏنڊا وسن ها. بهرحال نتيجو خراب نڪتو ۽ ڳوٺ جو ڪوبه پنهور ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، تنهنڪري ڪيس ڏورانهين ڳوٺ ۾ پرڻايو ويو. مون ڏٺو ته انساني معاشري ۾ جانورن جي دنيا وانگر ٿيڻ مشڪل آهي، ڇو جو حيواني عمل يا خواهش ماڻهن وٽ قابل سزا آهي. سنڌ جي ماحول ۾ عورت بابت ڪٽر پڻي ۽ غلاميءَ جو ذڪر مون ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو آهي.

جڏهن مان ابتدائي ٽئين سال يعني ٻاراڻي ۽ ٻهرئين درجي پاس ڪرڻ بعد ٻئي درجي ۾ هئس ته وڏا پنهور ڇوڪرا مردن ۽ سندن سريتن ۽ ٻين عورتن سان جنسي لاڳاپن جون ڳالهيون ڪندا هئا. هنن وٽ خبرن جي کاڻ هئي، جيڪي هنن اوطاقن ۾ مردن کان يا گهرن ۾ عورتن جي واتان ٻڌيون هيون. انهن بابا جي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان محبت جي ڳالهه به ڪئي. هي اهو زمانو هو، جڏهن مون قيامت نامو پڙهيو هو ۽ امان مون کي نماز پڙهڻ لاءِ مسجد موڪليو ڇو ته اوچتو بابي به ڪا نماز پڙهڻ شروع ڪئي هئي. امان مون کان پڇيو ته ”بابهين نماز ۾ ڪهڙي پاسي بيهندو آهي؟“ مون چيو ته اتر پاسي. پوءِ مون ڏٺو ته بابي جو مسجد ۾ اچڻ ڇوڪريءَ جي ڪري هو، جنهن جو گهرمسجد جي اتر واريءَ پٽ سان هو. مسجد جو ايوان گهٽو ڪري نماز پڙهڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو، ڇو جو اندر روشني نه هئي. چند ڏينهن اڳ بابي مون کي هن ڇوڪريءَ جو در کڙڪائي اهو پڇڻ لاءِ موڪليو هو ته ڇا هن جو پاءُ اتي هو؟ مون جڏهن دروازو کڙڪايو ته هن در کولي مون کي ڏٺو. سندس چهري تي هڪدم حياءَ جي گلابي انگورن سان پيٽڻ جهڙي سرخي پکڙجي وئي،

جيڪا مون اڳ ڪڏهن ڪنهن عورت جي منهن تي نہ ڏٺي هئي. هن سان بابي جي لاڳاپي جاڻڻ ڏاران اهو منهنجو پهريون اتفاق هو، جو مون محسوس ڪيو تہ ان سالن جي ٻار ڪي بہ ڪنهن نوجوان عورت جي سونهن متاثر ڪري سگهي ٿي. اسڪولي ٻارن جي چوٻول مان مون سمجهيو تہ منهنجو دروازو کڙڪائڻ ٻنهي جي وچ ۾ اڳ رٿيل اشاري وانگر هو. امان ۽ بابي تي ڇا اثر پوندا، ان جو تہ مون ذرو بہ خيال نہ ڪيو ۽ ڪنهن ڪي بہ نہ ٻڌايم. مون پنهنجي والد جي ان ڳالهين تي فخر محسوس ڪيو. هڪ تہ اها ڇوڪري ان وقت ڳوٺ ۾ تمام خوبصورت هئي، جيتوڻيڪ امان وانگر قداور نہ هئي. ۽ ٻيو تہ بابو پنهورن ۾ اڪيلو شخص هو، جنهن جا پنهنجي گهر واريءَ کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ پنهور عورت سان بہ لاڳاپا هئا. جڏهن تہ ٻين پنهورن جا ساڳئي قسم جا تعلقات سماجي، اقتصادي ۽ عملي طور پوئتي پيل ۽ ڇڙواڳ ماڇاڻين جي عورتن سان هئا. مون اهو بہ محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن واسطا رکڻا ئي آهن، تہ پوءِ پنهنجي معيار جي ۽ پرڪشش عورت سان ڇو نہ رکجن. ڇوڪرن بابي جا ٻئي عورت جي تعلقات بابت بہ ڳالهہ ڪئي هئي. اسان جي گهر بہ اُها آئي هئي پر مون کي پسند نہ آئي ڇو تہ سانوري هئي. اها ڪجهہ ڏينهن کان مڙس سان گڏ ڳوٺ مان لڏي وئي.

امڙ هٽ پير لهڻ کان پوءِ واريءَ ڪنهن تڪليف سبب هڪ سال اندر فوت ٿي وئي. بابي ڇوڪريءَ جي ٻانهن سندس پيءُ کان گهري، جنهن انڪار ڪيو. شايد انڪري، جو بابي وٽ عيوضي طور ڏيڻ لاءِ ڪو سڱ يا گهربل وڏي رقم نہ هئي. ٻن سالن بعد بابي ڪراچيءَ جي رهندڙ هڪ ڪچيءَ کان 125 گرام سون جيتري رقم عيوض سندس ڌيءَ سڱ طور ورتي. ان ڇوڪريءَ جا وارث ڪيس ڏسڻ لاءِ وري نہ آيا. ٿوري ئي وقت ۾ هوءَ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ سان مانوس ٿي وئي. بابي جي شاديءَ بعد ڳوٺ واري ڇوڪريءَ جو پيءُ دشمنيءَ تي لهي آيو ۽

رپورٽ ڪيائين ته ڇوڪري نابالغ هئي ۽ بابو شارڊا ايڪٽ تحت سزا جي لائق هو. بابي کي ڪجهه به ڪونه ٿيو، جو پوليس 50 روپيا رشوت وٺي ڪيس فائيل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ برطانوي آفيسر راشي نه هئا، پر هيٺيان ملازم ديانتدار نه هئا. جنهن جو مثال "سنڌ ۾ رسائي، لاپي ۽ ڇيڙهه" واري پنجن جلدن تي مشتمل، 1918ع واري رپورٽ آهي، جنهن ۾ ڊيڪاريل آهي ته رشوت کي ڪيئن نه جائز ڪيو ويو هو!

دراصل جنسي تربيت ڄمڻ سان ئي شروع ٿئي ٿي. ٻار ماءُ جي ڇاتي، خوراڪ ۽ مزي لاءِ چوسي ٿو ۽ بالغ جو چپ چپ سان ملائي چمڻ، ساڳئي عمل جو تسلسل آهي. ماءُ نر ٻارن ۽ پيءُ ڌيائي ٻارن لاءِ ڪشش جو مرڪز هوندا آهن. جنسي طور وڏن جي روين جو نمونو ننڍيءَ عمر کان جڙي ۽ طئي ٿئي ٿو ۽ ڄمڻ کان شروع ٿي ستن سالن جي عمر تائين مڪمل ٿئي ٿو. مون پنهنجي ماءُ جو کير ٽن سالن تائين ڌاتو ۽ انن سالن تائين هوءَ جيڏانهن به وئي، مان سائس گڏ هوندو هئس. هو پنهنجن ماٽن، پيڻ جي گهر يا ڪنهن ٻيءَ عورت سان ملڻ ويندي هئي، ته مون کي ساڻ وٺي ويندي هئي. مان سندس ڳالهيون ٻڌندو هئس ۽ نه سمجهندي به سندن آواز مون لاءِ تسڪين جو باعث هوندو هو. مون لاءِ 80 سالن تائين به عورتن جي، آواز، خوبصورتيءَ ۽ مهذبپڻي کي خاص اهميت آهي. مان عورتن جي موجودگيءَ ۾ پاڻ کي مطمئن محسوس ڪندو آهيان ۽ هميشه انهن سان نرميءَ سان برابريءَ طور پيش ايندو آهيان يا گهٽ ۾گهٽ ڪين پاڻ کان ڪمتر يا ڏڪار جهڙو نه سمجهندو آهيان. مردن جي ڪچهريءَ ۾ جي هو مون يا ٻين تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته مان هميشه انهن جي طرز جي خلاف دلي بغاوت محسوس ڪندو آهيان.

ڇوڪرو ستن يا انن سالن جي عمر تائين وڏي ٿيڻ وقت عورتن جا پسنديده يا ناپسنديده قسم طئي ڪري ڇڏي ٿو. مون وٽ به اهو عورت

جو پسنديده قسم ننڍي هوندي کان مغز ۾ ويٺل آهي، پر ڪنهن خاص هڪ عورت لاءِ نه. مون ڏٺو آهي ته ڪي زنانا مهانڊا مون لاءِ دلڪش آهن، پر سنڌن جسم نه. مون ڪن عورتن جا جسم پسند ڪيا پر چهرا نه وڻيا. ان ڳالهه تي ويچاريندي، مون سمجهيو ته مان پاڳل آهيان، جو سوين ڇوڪرين مان مون کي ڪابه نٿي وڻي. وسڪانسن يونيورسٽيءَ ۾ مون کي سوين ڇوڪريون مليون پر مشڪل سان چند پسند آيون. مون پنهنجي ماهرِ نفسيات دوست کان پڇيو، جنهن مون کي ڪيترين ئي ڇوڪرين جون تصويرون ڏيکاريون. انهن مان ڪن کي پسند ڪرڻ لاءِ چيو ويو ۽ مون کي ٻڌايائين ته ”توکي عورتن ۾ خاص قسم جي شڪل ۽ بيهڪ پسند هوندي آهي. جيئن ميلان جي وينس ڊي ملو ( Venus de Milo) جنهن ۾ سنگ تراش مختلف عورتن جا جسماني روپ، مڪمل سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ يڪجا ڪيا آهن. تنهنجو به ساڳيو مسئلو آهي. انڪري پنهنجي پسند خراب نه ڪر. جيڪڏهن اسين تنهنجي علاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ته شايد تون بدصورت عورتن کي به پسند ڪرڻ لڳين ۽ پوءِ خبر ناهي ته تون ماڻهن لاءِ کلڻ جي شيءِ ٿي پوين.“ مون وراڻيو ته ”شايد اهڙيون عورتون (خوبصورت) ڳولڻ مشڪل ٿي پون.“ هن چيو ته هو انجيل ۾ اعتقاد رکي ٿو ۽ ان ۾ لکيل آهي ته ”ڳوليو، ته توهان کي ملندو“ (Seek and ye shall find) منهنجي پسند يقينن هڪ خيالي عورت آهي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ پنج فوٽ پنج انچ قدآور ۽ سنهڙي هجي، ان جو سينو 36 انچ، چيلهه 24 انچ ۽ پولهه 36 انچ يا ان کان گهٽ؛ توڙي جو جسماني تناسب ملندڙ نه هجي، پر قد تي سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي! مان پانيان ٿو ته اها وصف منهنجي امڙ سان ٺهڪي ٿي، پر هوءَ رنگ جي نه پوري هئي ۽ نه ڪاري. چهري ۾ منهنجي پسند ڪا ٻي عورت هئي. ممڪن آهي ته منهنجي ماسي يا چاچي جي زال هجي، جيڪي وڏيڪ پوريون هيون. مون کي ننڍپڻ ۾ انهيءَ پسند بابت

خبر نہ هئي، پر 16 سالن جي عمر ڏاري مون ان ڇوڪريءَ بابت پنهنجي زال هئڻ جو سوچيو، جيڪا اهڙي جسم، مهانڊي، رنگ ۽ جهلڪ واري هجي. ۽ جيئن تہ سڄي زندگي مون تي اهو اثر رهيو، تنهنڪري مان ان کي غير قانوني، غير اخلاقي يا ديوانگي نٿو سمجهان، ڇو تہ اها ڇهن ستن ورهين جي عمر ۾ دماغ ۾ ويهجي وڃي ٿي ۽ انسان جي وس ۾ ناهي تہ هو انَ کي بدلائي سگهي.! اها جستجو فرائيڊ نالي هڪ شخص هڪ صدي اڳ ظاهر ڪئي هئي.

ننڍپڻ کان وٺي مون مرد ۽ عورت جي وچ ۾ جنسيات کي عام انساني عمل پئي سمجهيو آهي. جيڪڏهن جنسي عمل غلط هو تہ ڇو جانورن کي عورتن ۽ ٻارن جي اڳيان ڪليل نموني سان لڳڻ ڏنو ويو! مون ننڍي لاڪون ڏٺو هو تہ ڪَت واري ڪُتيءَ جي چوڌاري ڪتا گڏ ٿيندا هئا ۽ ڪتي پاڻ ڪنهن هڪ کي پسند ڪندي هئي، باقي ٻيا رڳو بيٺا ڏسندا هئا. مون کي خبر آهي تہ جيڪڏهن عورت ائين ڪري تہ خون خرابو ٿي سگهي ٿو، انڪري انسانن ۾ جنسي عمل لاءِ نويڪلائي (Privacy) لازمي هئي. اسان گوشت لاءِ هميشہ گهٽين ڪڪڙين لاءِ هڪ ڪڪڙ رکيو آهي. سنڌ ۾ تورو عرصو اڳ تائين بيضا ڪونہ کائيندا هئا. اسان اهو بہ ڏٺو آهي تہ ڪڪڙ جوان ٿيڻ تي ساٿي ڪڪڙين لاءِ هڪٻئي سان وڙهندا آهن. ولر جو هئڻ وڏي ڪڪڙ لاءِ يقينن للڪار آهي. اسين گهڻو ڪري هڪ هڪ ڪري نر ڪڪڙ کهي ڇڏيندا هئاسين. اسان جي ڳوٺ جي پرسان جتن جي وستي هئي. ڳوٺاڻن لاءِ گاهہ، آن ۽ ٻيون شيون ڪٽندا هئا. انهن مان هڪ اسان جي ڳوٺ آيو ۽ ٻڌايائين تہ انهن جي اٺن جي وڳ ۾ نر ماد گڏ آهن. نر بار برداري ۽ ماديون وڏ ۾ وڏ ڦر چٽڻ لاءِ هيون. هو انهن جو کير پيئندا هئا. هن ٻڌايو تہ هڪ ئي نر سڄي وڳ جي مادين لاءِ هوندو آهي ۽ هو ڪنهن ٻئي اٺ کي مادين سان مِڙڻ نہ ڏيندو آهي. ڪجهہ عرصي بعد جڏهن اهو ڪراڙو ٿئي ٿو تڏهن ٻيو جوان ان سان وڙهي ٿو ۽

جيڪڏهن ڪراڙي هارايو، ته پوءِ هارايل وڳ کي فاتح جي حوالي ڪري ٿو ۽ وري ڪڏهن به ڏاچين پٺيان نه ويندو آهي.

نندپڻ ۾ جنسيات يا جنسياتي ڳالهين غير قانوني يا مضرِ صحت هجڻ طور مون کي پريشان نه ڪيو. هڪ پيري هڪ نوناريءَ مون کي ٻڌايو ته هُو نر گڏهه تي سوار هو ته سامهون مادي گڏهه تي هڪ سوار گذريو. هن کي اهو پتو نه هو ته مادي گڏهه وهر تي هئي. جڏهن هو 300 کن فوٽن جيترو پري ويو ته نر مچريو ۽ هينگ ڪيائين ۽ ماديءَ ڏانهن ڊوڙيا ۽ وچ تي جنسي ميلاپ ڪيائون. ايتري ۾ مالڪ به پهچي ويا. هن ٻڌايو ته اهو سندس گڏهه جو پهريون پيرو هو ۽ ايتري ته ٿانءِ ۾ هو جو ٻئي ڏينهن بار نه پيو کڻي، تنهنڪري ڪيس سڄو وهنجاري، وهر جي ماديءَ جي بوءِ هن جي جسم مان صاف ڪيائين، تڏهن وڃي هن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان مان ظاهر ٿيو ته جڏهن ڪير به جنسي عمل ڪري ٿو ته فخر محسوس ڪري ٿو.

ڏهن سالن جي عمر کان به ڪافي اڳ مون سمجهيو هو ته مرد گهڻ جوئيا آهن، ۽ جيڪڏهن موقعو ملين ۽ ڪري سگهن ته عورتن تي اجاره داري ڪرڻ لاءِ برابري يا مقابلي ڪندڙن کي هٽائين يا زير ڪن. ٻين حالتن ۾، جيئن ڪتيون هر پيري ۽ آزاديءَ سان پنهنجو ساٿي بدلائين، تهڙيءَ ريت موقعي ملڻ تي عورتون به گهڻ مڙسيون يا لاندرايون ٿي سگهن ٿيون. 1996ع ۾ جڏهن هڪ آمريڪي ماهر نفسيات ٻڌايو ته مرد چاهي ٿو ته سندس هر نطفو ڪنهن نه ڪنهن عورت کي حامل ڪري. ساڳيءَ ريت عورت پنهنجي ٻار جي ٻيءَ لاءِ بهترين مرد تلاش ڪرڻ چاهي ٿي. اهڙيءَ ريت آزاد معاشري ۾ مرد ۽ عورتون هميشه مخلوط پيار تي ڇيهه ڪندا.

مون نندي لاڪون جنسي سوچ کي نه ليڪيو آهي. خاص طور انڪري،

جو ريتيون رسمون ۽ ميندي، جنهن جي بوءِ کان بہ مان پڇندو آهيان، مون کي ڪونہ وڻن. ان کان سواءِ هندو شاگردن جي دوستي ۽ برهمچارين جو اخلاق بہ مون کي پسند. آيو ۽ فيصلو ڪيم تہ آءٌ جنسي معاملن کان دور رهندس. ازانسواءِ اهو عام تاثر هو تہ جنسيات دماغ کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ آءٌ ڪنهن بہ حالت ۾ دماغي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئس. اهي سڀ اثر غلط هئا پر اهڙي قسم جي جستجو کي تقريبن پيا 30 سال لڳا.

1942ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ ويهڻ بعد مان پنهنجي مئٿميٽڪس ۽ سائنس جي استاد مسٽر چندنانيءَ سان ميهڙ ۾ ملڻ ويس. هو هندن ۽ مسلمانن جي رواجن مان بخوبي واقف هو. هن چاتو ٿي تہ مئٽرڪ جي نتيجي بعد، بلڪہ ان کان بہ اڳ منهجي شادي ڪرائي ويندي، انڪري هن مون کي چيو تہ ”مون توکي جنرل سائنس ۽ نفسيات جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا آهن. هاڻي آءٌ توکي هڪ ڪتاب ڏيان ٿو، جيڪو ضرور پڙهجانءِ. مان توکي تنهنجي پرڻي کان هڪ هفتو اڳ، پيو ڪتاب ڏيندس.“ هن جيڪو ڪتاب مون کي ڏنو هو، سو هو ميري اسٽوپس (Marie Stopes) جو "Married love" ، جيڪو 1918ع ۾ لکيل هو ۽ انگليند ۾ ان تي پابندي مڙهيل هئي. ڪتاب جي ليکڪا جيڪا ڊاڪٽرياڻيءَ هئي، تنهن تي ڪيس هليو ۽ هن کي سزا ملي، پر نيٺ اُن مان آزاد ٿي هئي. هن پوءِ ڪيترا پيا ڪتاب لکيا ۽ انهن ۾ زور ڏنائين تہ محبت (Love) ۽ جنسيات (Sex) جدا ڪرڻ سان اطمينان بخش زندگي نٿي گذاري سگهجي؛ مرد ۽ عورت کي جنسيات جي معاملي ۾ تعليم ڏيڻ ضروري آهي ۽ ان موضوع تي بہ ڪتابن ۾ باب شامل ڪيا ويا هئا. انهيءَ انقلاب جي هوءَ انگليند ۾ پهرين علمبردار هئي. مختلف پاسن کي سمجهڻ لاءِ مون پانيو تہ مضمون جو مڪمل اڀياس ضروري آهي. خاص طور ان جي نفسياتي ورتاءَ بابت مون کي ڪتاب ڏسڻا پيا. منهنجا ڪيترائي هندو ڪلاسي هئا، جن پڙهايو هو تہ ٿي شاستر، ڪوڪ، ڪام ۽ انگ رنگ ماڻهوءَ کي

مڪمل جنسياتي سالڪ ٿيڻ سيڪارين ٿا ۽ اهڙن ڪيترن سالڪن جا نالا ٻڌاياڻون. هڪ هفتي ڪان پوءِ مان استاد چندناڻيءَ کي ڪتاب واپس ڪرڻ لاءِ ميهڙ ويس ۽ هندو ڪلاسين وٽان مون کي ڪتاب، ڪام ۽ ڪوڪ شاستر سنڌيءَ ۾ لکيل مليا، جيڪي مون پڙهي واپس ڪيا. انهن مون کي متاثر نه ڪيو، خاص طور سنڌ سميت مختلف عورتن جي جنسي ورتاءَ جي وزڇ بابت انهن ضرور ڪجهه تعليم ڏني پر ايتري اطمينان بخش نه هئي، جيترو بعد ۾ آمريڪا جي سائنسدانن جي جستجو ۽ پوءِ ڪتابن مان ملي. ڪتابن جو سنڌي ترجمو به ناقص هو. اصل سنسڪرت جنهن جو ترجمو هو، ان جي لفظن سنڌي ترجمي کي اهنجو ڪري ڇڏيو هو. اهي ٽئي ڪتاب 1960ع واري ڏهاڪي ۾ آمريڪا مان ڇپايا ويا ۽ مون ڏٺو ته اهي ڪتاب 2000 ۽ 1000 سال پراڻا ها، ته پوءِ انهن جي مصنفن جي زماني جي لحاظ کان بلڪل هڪ نئين معلومات هئي ۽ چندناڻي درست هو ته مون کي ڪاليج موڪلڻ کان اڳ شادي ڪرائيندا. هڪ شام جو بابو مون کي ڳوٺ جي هڪ خاموش ماحول واري هنڌ وٺي ويو ۽ مون کي ٻڌايائين ته شاديءَ لائق ٻه ڇوڪريون هيون، سو جيڪڏهن مان راضي هجان ته هو سندن مائٽن سان ڳالهائي. مون کيس چيو ته مون کي پنهنجي آئيندي جي خبر نه آهي، انڪري هو ترسي. تنهن کان سواءِ مون کي ٻئي ڇوڪريون پسند نه هيون. پوءِ بابا ڪڏهن به ان باري ۾ نه ڳالهايو.

31 جون 1942ع تي نتيجي ظاهر ٿيڻ بعد مون کي سنڌ ڏي. جي ڪاليج ۾ داخلا لاءِ ڪراچيءَ موڪليو ويو ۽ آءٌ ان هندوءَ جي دوڪان تي ويس، جنهن جي نئين مالڪ 1948ع ۾ نالو بدلائي پاڪ - آمريڪن بوڪ اسٽال رکيو هو، ۽ گهٽو پوءِ اهو 1998ع ۾ بند ٿي ويو. آءٌ اتان جنسيات جا ڪتاب وٺڻ ويس. هن وٽ ٽي ڪتاب هئا، جيڪي مون ورتا. جن مان "The Ideal marriage" جيڪو هڪ ڊچ، وين ڊي وِڊي ؛ Van de

Vilde؛ جو لکيل هو ۽ منهنجي خيال ۾ چندنائيءَ کي ان بابت معلوم هو، مون سڀ پڙهيا. "The Ideal marriage" (ڪامياب شادي) وقت جو مستند ڪتاب هو، پر بين ۾ ايڏي معلومات ڪانه هئي. 1946ع ۾ مون کي Sexeologyرسالي جون پراڻيون ڪاپيون هٿ آيون. اهو رسالو مون کي سائنسي ۽ سستو نظر آيو. مون 1934ع کان 1946ع جي ڪاپين مان اڪثر، هڪ روپيو في ڪاپيءَ جي حساب سان خريد ڪيون. رسالي ۾ يورپ ۽ آمريڪا ۾ سائنسي بنياد تي ٿيل تحقيق بيان ڪيل هئي. ائن سالن بعد مون کي معلوم ٿيو ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ جنسيات تي لکڻ ممنوع قرار ڏنل هو، پر چاڪاڻ ته انگريز دؤر ۾ هندستان اندر غير سياسي لکڻين جي وڏيڪ آزادي هئي، تنهنڪري سڄيءَ دنيا ۾ جنسيات تي سائنسي لکتون مهيا ڪرڻ لاءِ اهي مضمون بمبئي مان انهيءَ رسالي ۾ ڇپبا هئا. ان عمل سڄيءَ دنيا جي سائنسدانن ۾ اضافو ڪيو ۽ انساني تاريخ جي بيمثال انقلاب لاءِ رستو هموار ڪيو. 1880ع واري ڏهاڪي جيترو اڳ انگريز دؤر جي هندستان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته خالص عريانيت تي مبني ڪام شاستر، ڪوڪ شاستر، انگ رنگ ٽئي هندستاني، پيار آشنائي ۽ (Perfumed Garden) عرب پيار شناسي تي لکيل ڪتابن جا ترجما هندستان ۾ ٿي ڇپجي تي سگهيا ۽ اهي مغربي دنيا ۾ جائز يا ناجائز نموني عام ٿيا، پر هندستاني ماڻهو پريشان نه ٿيا، چاڪاڻ ته هندستاني ماڻهن، جن اهي پڙهيا ٿي، اڳي ئي آزاد خيال هئا. اهي ٻن خيالن جا هئا ته اهي ڪتاب سندن وڏن گروئن، ماڻهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ، لکيا هئا ۽ مذهبي لحاظ کان اعتراض جوڳا نه هئا. ڪتاب انگريزي زبان ۾ هئا ۽ انهن جا پڙهندڙ اڳ ۾ آزاد خيال هئا. ان وقت مون کي خبر نه هئي ته چين ۽ جپان ۾ والدين پنهنجن نياڻين کي شاديءَ وقت اهڙي قسم جا تصويري آلبم تحفو ڪري ڏيندا هئا.

عام طور تي جنسيات تي سائنسي ادب ڪمياب ۽ ٿورو هو. ڊاڪٽر

ڪِنسي 1936ع کان 1959ع تائين انڊيانا يونيورسٽيءَ ۾ مردن ۽ عورتن جي جنسي چال تي ڪم پئي ڪيو. هن هر پيشي جي 20 هزار آمريڪي مردن ۽ عورتن، جن ۾ سياستدان، وڏا سرڪاري ڪامورا، صنعتڪار ۽ واپاري طبقي جا ڪرم چاري، ڪارخانن جا هر قسم جا مزدور، ننڍا واپاري، دفتري معاون ۽ مستري ويندي سرڪس جا ڪَرتبي شامل هئا، انهن تي ڪم ڪيو. هن اهي تفصيل ٻن وڏن جلدن ۾ ڇپيا، جن جا چند دلچسپ نقطا هِي هئا:

- آمريڪي مردن زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو هم جنس پرستي ڪئي ٿي.
- 99 سيڪڙو آمريڪي مردن ۽ عورتن هٿ رس (Masterbation) ڪيو آهي.
- طبق زني (Lesbians) جو تعداد بہ ڪافي گهٽو آهي.
- اٽڪل 2 سيڪڙو مرد رڳو هم جنسي پرست (Homosexual) آهن.
- هر پنجن عورتن مان هڪ شاديءَ کان اڳ گريٽي تي چڪي هئي.
- شادي شده جوڙن بہ لوطي عمل آزمايو آهي.
- اٽڪل 5 سيڪڙو مردن هم جنس پرستي (Homosexuality) ۽ باهم پرستي (Hetrosexualily) يعني ٻئي ڪيا آهن.
- ڪامياب شاديون اهي آهن، جن ۾ عورتن شاديءَ کان اڳ چار جدا جدا پيار ڪيا آهن.

آخري کان سواءِ باقي متيان سڀ عمل آمريڪا ۾ ڏوهہ هئا ۽ ڪيترا ماڻهو جيل ڪاٽي چڪا هئا. آمريڪي سپريم ڪورٽ جي انسان دوست جسٽس ڊگلس مجرمن ۽ قيدين کي ان دليل جي بنياد تي آزاد ڪرڻ شروع ڪيو تہ ٻيءَ صورت ۾ اهو فقط چند ماڻهن کي سزا ڏيڻ جو امتيازي سلوڪ ٿيندو. جلدي انهن تورن ماڻهن، جن کي جنسي بي اعتداليءَ جو شڪار سڏيو ٿي ويو، تن کي سهولت ڏيڻ لاءِ رياست ۽

مرڪز جا قانون تبديل ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت ڪنسي (Kinsey) جنسياتي انقلاب جو بنياد رکيو. ان کانپوءِ ڊاڪٽر ماسٽرس ۽ مسز جانسن مِزوري يونيورسٽيءَ جا ڪتاب Human Sexual Responseء Human sexual inadequacyمنظر تي آيا. هتي ٻيو محقق هو، جنهن مغرب ۾ جنسي انقلاب کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڀرتالون ڪيون. آخر 1983ع ۾ انساني جنسي ڪوتاهيءَ جي حل لاءِ ESO or Extended Sexual Organism، نالي ڪتاب آيو، جنهن ۾ جرمن محقق ڪيگل جا 1939ع ۾ ٻڌايل ورزشن ذريعي جنسي عمل کي ڪلاڪ يا ان کان وڌيڪ وقت تائين انگهائڻ جا طريقا ڏنل هئا. پر ٻيءَ جنگ عظيم ۾، جرمنن سان تعصب جي ڪري ان کي درگذر ڪيو ويو. مون کي هاءِ اسڪول ۾ هندو شاگردن، يوگين جي انهيءَ سگهه بابت ٻڌايو هو ۽ اهڙيءَ سگهه وارو هڪ سوامي ميهڙ ۾ به آيو هو، جنهن کي يوگا عمل ايندو هو، تنهنڪري 15 سالن جي عمر ۾ مون جسماني واڌاري لاءِ يوگا ورزشون شروع ڪيون. دراصل اهي عام ورزشون آهن، جيڪي سڄيءَ دنيا جي ماڻهن هزارين سالن ۾ راس ڪيون هيون. ڪيگل جون ڏسيل ورزشون ٽن مهينن تائين ڪرڻ بعد مون ڏٺو ته اهي ڪارگر هيون. 1983ع کان پوءِ ESOجي قسم جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيا آهن. مان اندازو نٿو لڳائي سگهان ته اهي ماڻهن کي ڪهڙي پاسي وٺي ويندا. اهي صوفي متي وارو وجد يا ترنگ پيدا ڪري سگهن ٿا، پر مون کي اها پڪ نه آهي. جنسيات کي وڌيڪ سمجهڻ واري ڏس ۾ 1942ع کان وٺي مون 700 سائنسي ڪتاب گڏ ڪيا ۽ پڙهيا آهن، جن ۾ عريانيت بدران انساني ورتاءَ بابت ڄاڻ موجود آهي ۽ انسان کي پاڻ کي سڃاڻڻ ۾ وڏي رهبري ڪن ٿا. اهي ڪتاب هتي نٿا گهرايا وڃن، جيتوڻيڪ ميڊيڪل لٽريچر ۾ شامل آهن. مان هميشه پنهنجي استاد مسٽر چندنانيءَ کي ياد ڪندو آهيان، جنهن 1942ع ۾ انهيءَ مضمون لاءِ منهنجي رهنمائي ڪئي، جنهن بابت اسان مان هرهڪ کي اڌوري ۽ ناقص معلومات آهي.

# منهنجي والد ۽ ڏاڏي جي جنسي زندگي

1960ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾، ويهين صديءَ جي پهرينءَ ۽ ٻيءَ چوٿائيءَ جي ٻن وڏن ماڻهن جي پٽن جون لکيل ٻه سوانح عمريون ڇپجي پڌريون ٿيون. انهن مان هڪ پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ (1914ع. کان 1918ع) جي هيرو ۽ وزيراعظم لائڊ جارج Lyioyd George (1863ع کان 1945ع) ۽ (1916ع کان 1922ع وزير اعظم)، ۽ ٻيو فرينڪلن ڊي روز ويلٽ (1945ع 1862ع)، ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جو هيرو ۽ آمريڪا جو صدر (1933ع کان (1945ع) سندن زندگين جا ليکڪ اڳي ئي 70 سالن جا هئا. جڏهن هنن پنهنجن 25 سالن کان ٻه اڳ وفات ڪري ويل والدين تي لکيو، جن جي جنسي زندگيءَ جو انڪشاف ڪنهن لاءِ به ڏکوئيندڙ نه هو. لائڊ جارج جي پٽ لکيو ته ”1945ع ۾ 82 سالن جي عمر ۾، سندس ٻنيءَ تي روز مرهه جي ڪمن ۾ مدد ڪرڻ لاءِ 20 عورتون رکيل هيون ته جيئن جائداد وڌڻ جي صلاحيت رکڻ تي عمل بحال رهي.“ اهي آزاد عورتون هيون، مشرقي ٻانهيون نه هيون. اڳتي چوي ٿو ته جڏهن پٽس 1922ع ۾ اچا انگلنڊ جو وزيراعظم هو، تڏهن پاڻ پارليامينٽ هائوس مان آيل فون ٻڌي ته سندس والد جي جماعت هارايو آهي ۽ هن (پٽس) کي فوري طور تي ٻڌايو وڃي. پٽ سنو نه سمجهيو، پر حالت کان مجبور ٿي پيءُ جي سمهڻ واري ڪمري جو دروازو کڙڪايو. ڪجهه دير کان پوءِ پٽس ورندي ڏني ۽ رڳو ڪيو

پهريل هجڻ واري حالت ۾ در کوليو ته هن (پٽس) بستري سان گڏ پيل ڪرسيءَ تي پٽس جي سريت جي ڪڙتي پيل ڏٺي. خبر ٻڌڻ تي لائڊ چيو ته ڪيس سمجهه ۾ نه آيو ته پهرين عالمي جنگ جي خاتمي بعد به، چو انگريز ماڻهن هن کي چونڊيو!" ڪتاب نه ته لائڊ جارج جي سروپ کي داغدار ڪيو ۽ نه وري انگريزن سندس پٽ تي ملامت ڪئي. ان جي برعڪس هنن سندس ڳالهايل بنهه سچ تي، جو هو چوڻ لاءِ ٻڌل نه هو، ۽ خاص طور اهو ته ڪانئس ڪنهن به اُن لاءِ پڇيو ئي نه هو، ان قدم تي ڪيس ساراهيو.

روزويلٽ جي پٽ لکيو آهي ته سندس ماءُ ائنا ايلينر Anna Eleanor (1884ع - 1962ع) سندس والد سان 1905ع ۾ شادي ڪئي ۽ وائيٽ هائوس ۾ اڪيلي رهندي هئي. جڏهن ته سندس والد باقي وقت يارڙيءَ سان گذاريندو هو ۽ اُها به وائيٽ هائوس ۾ رهندي هئي. روزويلٽ ۽ سندس ٻار ائنا (Anna) سان نه پر سندس سُريت سان گڏ ماني کائيندا هئا. ائنا رڳو جلسن ۾ ساڻس گڏ هوندي هئي. گهر وارن سندس سياسي روپ داغدار ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ معاملو مخفي رکيو هو. سوانح نگار جي ٽن ڀائرن مان هڪ، ڪنهن اخباري گڏجاڻيءَ ۾ چيو ته هن جو سندس ڀاءُ جي ڪتاب سان ڪوبه واسطو ڪونهي، پر هن اهو نه چيو ته ڪو اهو سچ نه هو. جڏهن ته ٻين ٻن ڀائرن ۽ ڀيڻ به مخالفت نه ڪئي. آمريڪي عوام روزويلٽ يا هن جي سوانح نگار پٽ کي ننديو ڪونه، بلڪه ڀاءُ جي بيان کي اجايو قرار ڏنو. ڪتابن تي يورپ ۽ آمريڪا ۾ تيل تبصرا پڙهي مان ان نتيجي تي پهتس ته گورا سچ ٻڌن ٿا ۽ ان جو قدر ڪن ٿا. اهي اسان مشرقي ماڻهن وانگر پَست ذهن نه آهن.

71 سالن جي عمر ۾ مون محسوس ڪيو هو ته منهنجي جنسي بک ساڳي آهي، جهڙي 17 سالن ۾ هئي. جيتوڻيڪ عملي لياقت رڳو اڌچاٺائيءَ جي ڪري گهٽبي تي وَئي، پر جيئن ته جنسياتي عمل تي ذهني

ضابطو آهي، تنهن ڪري (جنسيات) جا دماغي راند آهي، ۽ جيئن ته دماغ عمر سان گڏوگڏ ترقي ڪري ٿو، انڪري دماغ پنهنجي مالڪ کي احساس ۽ عمل ۾ نوجوان وانگر رکي ٿو، سواءِ ڪنهن گهڙيل ٻاهرين ڊاڪٽريءَ جي مدد جي. پر سڀ ڳالهه دماغي سگهه جي صحيح استعمال ڪرڻ سان ٿئي ٿي، ۽ اُهائي زندگيءَ جي ڍنگ (Style) کي وس ۾ رکي ٿي. دماغ کي واڌاري لاءِ وقت ڏيڻ، ته جيئن اهو جسم کي ضابطي ۾ رکي، سو مشڪل ڪم آهي، پر ڪوبه ذهين ماڻهو پنهنجي ارادي سان، پنهنجي محسوسات ۽ جنسي عمل جي سگهه کي 71 سالن ۾ 17 سالن جهڙو بنائي سگهي ٿو. بدقسمتيءَ سان اسين ٻٽو معيار رکندڙ قوم آهيون. اسين سچ ڳالهائڻ پسند نه ڪندا آهيون ۽ ڪوڙيءَ شرافت جو ڍونگ ڪندا آهيون ته ان ۾ اسان کي دماغي ۽ نفسياتي نقصان ٿئي ٿو.

منهنجو والد 57 سالن جي ٿوريءَ عمر ۾ فوت ٿي ويو ۽ منهنجو ڏاڏو 84 سالن تائين زنده رهيو. جيئن ته هو ٻئي غير معمولي ذهين هئا، پر پوءِ ڇو هنن ٻنا نڪاح وارا تعلقات قائم ڪيا؟ خاص طور ان حالت ۾ جڏهن ڏاڏي جي گهرواري سندس 50 سالن جي عمر ۾ فوت ٿي ۽ هو 34 سال پوءِ زندهٰ رهيو. جڏهن ته بابي جي پهرين زال 29 سالن جي عمر ۾ ۽ ٻي جڏهن هو 42 سالن جو هو، پوءِ به 15 سال اڪيلو زنده رهيو. توڙي جو هو نه جارج ۽ نه وري روز ويلٽ هئا، پر هنن وانگر انسان هئا ۽ ٻين ماڻهن وانگر حق رکندڙ هئا. نفسيات جي مطالعي مون کي ڪيترن ئي اهم نتيجن تي پهچايو. جيڪي هي آهن: 18 سالن جي عمر ۾ ڇوڪرو پنهنجي ماءُ جي ساهيڙين کي پسند ڪري ٿو. جڏهن ته 60 سالن جي عمر ۾ ماڻهو پنهنجي ڌيءَ جي ساهيڙين کي پسند ڪري ٿو. مرد جي جنسي خواهش 17-18 سالن جي عمر ۾ چوٽيءَ تي پهچي ٿي ۽ عورت جي 30 سالن ۾، مرد جي خواهش پوءِ آهستي آهستي گهٽجي ٿي وڃي، جڏهن ته عورت جي خواهش 30 سالن کان 45 يا 50 سالن تائين ساڳي

رهي ٿي، تہ پوءِ اهو معاملو حل ڪرڻ ڏکيو آهي، سواءِ جرمن ماهر ڪيگل جي ڏنل صلاح جي.

عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ بہ ساڳي صورت آهي. مرد ۽ عورتون ٻَئي منجهيل آهن. عورت پنهنجي ٻارن لاءِ بهترين مرد چاهي ٿي. ايسٽائين جو پنهنجي مڙس سان شادي ڪرڻ ڪانپوءِ بہ بهترين مرد جي تلاش جاري رکي ٿي. ٻئي طرف مرد هر وياڻو (Pregnable) عورت کي حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. حامل ھجڻ لائق عورت جي پڪي نشاني آهي، سندس منهن تي حجابي لالاڻ، گلابي چمڪندڙ اکيون، مسڪراهٽ، جوان جسم ۽ مٺو آواز وغيره.

مٿين طبعي نفسياتي حقيقتن جي ڪري موجوده يورپ، آمريڪا ۽ آسٽريليا وغيره جي آزاد سماج جي ماڻهن پنهنجي ذري گهٽ مونجهاري جهڙن احساسن کي سٺي طريقي سان حل ڪيو آهي. هر شخص ٽن ڪان پنجن طلاقن کي ڏڪ هڻي ٿو. ايندڙ 20 سالن ۾ هتي بہ ائين ٿي هوندو. هينئر بہ سماج ۾ اهڙي تبديلي آئي آهي، جو اڄ ڀهراڙيءَ جي هر ٽن ڇوڪرين مان هڪ پنهنجي مائٽن جي پسند کي قبول نٿي ڪري ۽ 2020ع ۾ 100 سيڪڙو پنهنجي مرضيءَ موجب شادي ڪنديون.

جيتري قدر منهنجي والد جو تعلق آهي تہ منهنجي امڙ جي وفات کان اڳ منهنجي پيءُ جا بہ معاشقا هئا. 34 سالن جي ڇڙائپ دوران منهنجي ڏاڏي ٻن (بيوه عورتن) سان بہ ڏگها معاشقا ڪيا، پر اهو چئي نٿو سگهان تہ ساڳئي وقت يا مختلف وقتن تي. ٻار سُس پُس ڪندا هئا پر ڪنهن وٽ ثابتي نہ هئي. هو ان معاملي ۾ تمام ڳجهڙو هو. عورتون ماڇين جون هيون. اسان جي ڳوٺ جا ماڇي غريب ۽ فصل ۾ سر ونڊيرَ (Share cropers) هئا. اڪثريت کي کير يا ڇيڻن لاءِ پاليل مال نہ هو. گهڻيون مايون اسان جي گهر مفت جي لسي وٺڻ لاءِ ايندڀون هيون. منهنجي ماءُ ۽ پڦي لحاظ

ڪري ڪين سوائي لسي ۽ بعضي ڦٽيءَ يا مکڻ ذرو بہ ڏينديون هيون. ڪڏهن تہ وري تازي ڏڏل ڪير جو گلاس بہ ڪين ڏينديون هيون. 1942ع ۾ بابي کي خبر پئجي وئي، جنهن مامي کي ٻڌايو تہ هن (ڏاڏي) واٽئي ڪان ڪپڙو وٺي مائي ياڳيءَ کي ڏنو هو. مامي بابي کي چيو تہ هن جي مينهن جي اپٽ هن جي پوکيل ٻنيءَ جي اپٽ کان سواءِ هئي ۽ زمين جو مالڪ هو ۽ تون بہ هن جو هاري آهين، انڪري ڪيس (ڏاڏي کي) ائين ڪرڻ جو حق هو. مون اهو ٻڌي ورتو ۽ پڪ ٿي ويم تہ مرد ۽ عورتون 80 سالن ۽ ان کان بہ وڌيڪ ـ تائين جنسي عمل جي لائق آهن. ان کان گهڻو عرصو پوءِ مون کي معلوم ٿيو تہ يورپ ۽ آمريڪا ۾ 90 سالن جي عمر تائين بہ لائق آهن. مون ننڍي لاڪون پنهنجي والد ۽ ڏاڏي جي نسي عمل کي ڪونہ ننديو ۽ نہ وري ڳوٺ وارن ئي، بشرطيڪہ معاملو پسور ذات جي عورتن جو نہ هجي. اصل ۾ پنهور ان کي پاڻيءَ جي گلاس پيئڻ وانگر سمجهندا هئا. منهنجي والد جو ٻن پنهور عورتن سان معاشقو، سواءِ اسڪولي ٻارن جي سس پس جي، جن شايد گهر ۾ عورتن کان ٻڌو هو، باقي ٻين تي آشڪار نہ هو. مون کي ٻنهي تي فخر هو. ان جو منهنجي دماغ تي شايد اڻمٽ اثر ٿيو، ۽ مون سمجهيو تہ رٿيل شاديون اڪثر بيزاريءَ جو سبب ۽ ناڪام ٿين ٿيون، تنهنڪري اسان جي سماج ۾، جتي مرد کي فوقيت آهي، سو بي نڪاحي جنسي تعلقات لاءِ پيو واجهائي. مون محسوس ڪيو تہ صحيح رستو ساٿي پسند ڪرڻ جي آزاديءَ وارو آهي.

# محمد صالح پنهور جي زندگيءَ

# جو مختصر احوال

محمد صالح جنوري - فيبروري 1912ع ڌاري ڳوٺ ابراهيم پنهور، جنهن کي ابراهيم ڪيچي به چون ٿا، ۾ ڄائو. سندس والده احمد جي ٻي گهر واري هئي. پهرينءَ زال مان پٽس کي چار ڌيئرون ۽ هڪ پٽ هئا. ٻه نياڻيون سندس حياتيءَ ۾ پرڻيون. 1902ع ۾ ڪيس آخري پٽ محمد نواز ڄائو. منهنجي والده 1904ع ۾ ۽ ٻي نياڻي 1905ع ۾ ڄائي. پنهنجي زال جي وفات بعد هن ٻي شادي منهنجي ڦڦيءَ سفوران سان ڪئي. منهنجو والد 1905ع ۾ ڄائو ۽ 1906 ۾ منهنجي ماءُ سان مڱيو. ناني جي آخري ڌيءَ سندس سوٽ سان مڱي. ٻيءَ شاديءَ کان چار سال پوءِ 1909ع ۾ ڌيءَ سيائي ۽ ٻين ٽن سالن بعد پٽ محمد صالح ڄائو. چار سال پوءِ 1916ع ۾ ٻيو پٽ نور محمد ڄائو. احمد پنج ڌيئرون ۽ ٽي پٽ ڇڏي 1919ع ۾ رضا ڪئي. هن ڳوٺ واري ريزڪي دڪان ۾ اڌ حصو ۽ 32 هزار روڪ رقم به ورثي ۾ ڇڏي، تڏهن سون جو تولو (11.7گرام) 15 روپيا ملندو هو يعني 10 گرام 12.82 روپين ۾.

17 سالن جي عمر ۾ محمد نواز گهر جو وڏو ٿيو. مڪتب ڇڏي خلافت تحريڪ جي ڪارڪن جي حيثيت سان سياست ۾ گهڙيو. هي عام سنڌي وڏيرن وانگر ملڪيت جي نمائش ڪندڙ نه هو، پر وقت جي تقاضا

موجب پنهنجي اوطاق کي سرڪاري مهمان خاني وانگر سينگاريو هئائين، جنهن ۾ جنديءَ تي لٽل سامان، ڪٽون، پينگهو، بند ٽيندڙ آرامده ڪرسيون، وڏيون ميزون، ٽپايون، دفتري ڪرسيون، سينگار جون ميزون ۽ ڪرسيون، درسنيون، لٽڪٽي وارو گهڙيال ۽ غاليچا وغيره شامل هئا. هي چڙهيءَ لاءِ اٺ ۽ گهوڙا ڏاريندو هو. هو هٽ جو ڇوٽ هو ۽ ڪامورن کي رسائي ۽ لاپو ڏيئي خوش رکڻ ۾ مشهور هو. هو خلافت جي گهڻن ليڊرن مثلاً، ابوالڪلام آزاد، محمد علي، شوڪت علي، عبدالله هارون وغيره سان مليو ۽ پيرالاهي بخش سان سندس ذاتي دوستي ٿي. پير صاحب، شيخ عبدالحق (ڊاڪٽر اي.ايم شيخ، ٽنڊي ڄام ايگريڪلچر ڪاليج جي پرنسپال جو پيءُ) سکر واري کان ”الحق پريس“ خريد ڪئي هئي. پير صاحب عليءَ ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان وڪالت پڙهڻ خاطر گهربل پئسن جي لاءِ اها ”الحق پريس“ محمد نواز کي وڪرو ڪئي ۽ محمد نواز ان جو ايڊيٽر بنيو. مون ان (اخبار) جا ڪجهه پرچا ڏٺا، جيڪي وقت جي لحاظ کان معياري هئا. چاڪاڻ جو هو گهڻو گهميل هو ۽ سندس تعلقات سٺا ها.

محمد صالح کي تڏهن اسڪول ۾ ويهاريو ويو، جڏهن هو اٺن سالن جو ٿيو. چاڪاڻ ته ٻن ڪلوميٽرن تي واقع الله آباد جو اسڪول ٽوررڻ پارن هئڻ جي ڪري بند ٿي ويو هو ۽ پياري ڳوٺ وارو اسڪول پنج ڪلوميٽر پري هو. ٽن سالن کانپوءِ سندس ياءُ نور محمد به هن سان شامل ٿيو. 1927ع ۾ جڏهن 15 سالن جو هو ته کيس مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي هاسٽل ۾ رهيو. هي لائق شاگرد هو. ان وقت تائين سندس ياءُ اباڻي ملڪيت اڏائي ڇڏي هئي، جنهنڪري محمد صالح کي پڙهائيءَ ۾ به مالي مشڪلات پيش آئي.

1929ع واري ڪالرا، جنهن ۾ ڳوٺ جي 400 ماڻهن مان چاليهارو کن مئا، ان ۾ محمد نواز به فوت ٿيو. محمد صالح 17 سالن جي عمر ۾ گهر

جو وڏو ٽيو. هندو دڪاندار هن کي محمد نواز جو صحي ٽيل حساب ڏيکاريو، جنهن موجب هو 32 هزار روپيا ۽ دڪان.جو اڌ هندو دڪاندار کي وڪرو ڪري ڏئي ويو هو. پر واڻئي هن کي چيو تہ هو سال بسال ڳوٺ وارن کي 60 هزار روپين جيترو قرض ڪڻائيندو آهي، جيڪو فصل ڪڇڻ ۽ لاباري لهڻ تي وصول ڪبوُ آهي. جيڪڏهن محمد صالح ان ۾ اڌ يا 50 سيڪڙي جيتري مدد ڪري تہ اصل معاهدي موجب ُدڪان ۾ هن جو اڌ رهندو ۽ ٻيءَ صورت ۾ هن کي 30 هزار روپيا قرض طور ڏيندو ۽ موٽ ۾ هو هندو دڪاندار جي ڏنل 30 هزار روپين جو وياج 1/2-6سيڪڙو سان محمد صالح کي پرڻو پوندو. اڳ پوءِ سوچي ڏٺائين تہ ٻهرين عالمي جنگ ڪان پوءِ منديءَ جي ٻاڙائيءَ جّي ڪري ڳوٺاڻا قرض پري ڪونہ سگهندا، انڪري انهن ڪان وياج وصول ٿي نہ سگهندو، سو ٽي هزار روپيا عيوضو وٺي حصي تان هٿ ڪنيائين.

محمد نواز ڪجهہ زمين گڏيل موڙيءَ مان ورتي هئي، پر پنهنجي ناليَ تي رڪارڊ ۾ داخلا رکايائين. ڪٽنبن جي وچ ۾ هي مسئلو تڪراري ٿي سگهيو ٿي ۽ اٿين ئي ٿيو، چاڪاڻ تہ محمد نواز ڪانپوءِ سهرس حافظ محمد موسيٰ دعويٰ ڪئي تہ ڀائرن جو ان ملڪيت ۾ ڪوبہ حصو ڪونہ آهي. 1923ع ۾ منهنجو والد 18 ساڵن جو ٿيو. جيتوڻيڪ محمد نواز ۽ بابو پرائمري اسڪول الهہ آباد ۽ دريشاڻي ملامڪتب ۾ گڏ پڙهيا هئا، پر سوٽن جي چوڻ تي لڳي بابا کي امڙ جو سڱ ڏيڻ ڪان انڪار ڪيائين. سندس سهري محمد موسيٰ ڪيس صلاح ڏني تہ ويڳي ماءَ کي ٻارن سميت گهران ڪڍي، ملڪيت ڦٻائي پنهنجي ڪري. بهرحال ڪن ٻين هن کي صلاح ڏني تہ جيڪڏهن پنهنجي ويڳي ماءَ ۽ ان جي ٻن پٽن ۽ هڪ ڌيءَ کي گهر مان ڪڍندو تہ سندس حصو فقط 15.9 سيڪڙو ٿيندو ۽ ٻيو 31.8 سيڪڙو هن جي چئن سڳين ڀيڻن جو ٿيندو ۽ باقي 52.3 سيڪڙو هن جي ويڳي ماءُ، ويڳن ڀائرن ۽ ويڳي ڀيڻ جو ٿيندو ۽ ڪيس

سچيءَ ملڪيت تان هٿ ڪڍڻو پوندو، تنهنڪري هن خاموشيءَ سان بابي سان امڙ پرڻائي ڏني. پنهنجن پيٽن سان به هن پنهنجي حياتيءَ ۾ معاملو طئي نه ڪيو ۽ اهو 80 سالن ڪانپوءِ به طئي نه ٿيو. محمد نواز جي وفات بعد سندس سهري حافظ محمد موسيٰ وري ملڪيت جو معاملو ڪڙو ڪيو. ان وقت هنن محمد نواز جي ٽن حيات سڳين پيٽن کي چيو ته هو پنهنجا حصا مرحوم جي پٽن کي بخشين، ڇو ته انهن مان هڪ پيڻ چند سال اڳ فوت ٿي وئي هئي. هڪڙيءَ پيڻ اٿين ڪيو پر ٻن نه ڪيو. اهڙيءَ ريت محمد نواز جي پٽن کي ڏيڍ حصو ۽ ٻين ٻن ڀائرن ۽ انهن جي پيٽن کي ساڍا ٽي حصا مليا. منهنجي ماءُ پنهنجو حصو ويڳن ڀائرن کي ڏنو ۽ عائشه به ائين ڪيو، ڇو جو هن جي ننهن محمد صالح جي زال جي پيڻ هئي ۽ ڀانيائين ته هن جو ويڳو ڀاءُ سندس پٽ قادر بخش کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ مدد ڪندو. محمد صالح اهو احسان هن طريقي سان لاٿو ته قادر بخش جي مرڻ ڪانپوءِ هن جي پٽ کي سنياليائين. محمد موسيٰ جڏهن ڏٺو ته سندس ڌيءَ ۽ ان جي ٻن پٽن کي هاڻي رڳو 23.95 سيڪڙو حصو ملندو، تڏهن رڳڙي مان هٿ ڪڍي ويو ۽ سڀ ٺيڪ ٿي ويو.

1942ع ۾ محمد صالح ڳوٺ ۾ اسپتال کولي ۽ ساڳئي سال جي پڇاڙيءَ ۾ اها بند ڪيائين. ڇاڪاڻ جو ڀهرينءَ آگسٽ تي سکر وٽان سنڌونديءَ جو بند ڀڳو ۽ اسان جو ڳوٺ ڀهرين سيپٽمبر تي ٻڏي ويو ۽ پاڻي 16 مهينا به نه سڪو. آڪٽوبر 1942ع ۾ هن خيرپور ناٿن شاهه ۾ مطب کوليو. انڊين نئشنل ڪانگريس جي سنڌ واريءَ شاخ ڏٺو ته دادو، سيوهڻ، جوهي تعلقن ۽ اڌ ڪڪڙ (هاڻي خيرپور ناٿن شاهه) جي ٻڏي وڃڻ ڪري ماڻهو سخت متاثر ٿيا هئا ۽ انهن جي امداد ڪرڻي هئي. اهو سنڌ ۾ ڪانگريس جو پهريون سماجي ڀلائيءَ جو ڪم هو، جنهن مان گهڻو فائدو مسلمانن کي ٿيو. مسلم ليگ ڪوبه ڪم نه ڪيو، پر هندو

چڻيءَ ۾ اچي ويا، جن پيسا مسلمانن مان ئي ڪمايا هئا. محمد صالح سندن مکيہ معالج (Chief Health Officer) جي حيثيت سان مقرر ڪيو ويو ۽ هو ڇهہ مهينا رات ڏينهن بيڙيءَ ۾ طبي سهولتون ڏيندو رهيو. علاج مفت هو، انڪري هو ماڻهن ۾ مقبول ٿي ويو. هن مارچ 1944ع ۾ وري ڳوٺ ۾ مطب کوليو، ڇو جو ان وقت تائين ڳوٺ ٻوڏ جي پاڻيءَ هيٺ هو. 1948ع تائين ڳوٺ ۾ هن جي حڪمت لاياڻي رهي. جڏهن وري ڳوٺ ۾ ٻوڏ آئي، تڏهن هو هميشہ لاءِ دادوءَ لڏي ويو ۽ اتي دواخانو کوليائين، جيڪو ڏهن سالن تائين هلندو رهيو. هي روشن خيال ماڻهو هو. هن جا مکيہ ڪارناما هي هئا:

ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين جي ابتدائي اسڪولن ۾ داخلا ( 1931ع ۾)

ڳوٺ وارن ۽ آسپاس جي ماڻهن کان ابي - ڏاڏي جا پير مرشد ڇڏرائڻ ( 1931ع کان)

ڳوناڻن کي وهمن ۽ اجائي اعتقاد کان پلڻ (1931ع کان)

ڳوناڻن کان تعويذن ۽ ڦيڻن ۾ اعتقاد ڇڏرائڻ (1931ع کان)

ماڻهن کي قبرن تي دعائون گهرڻ کان روڪڻ (1931ع کان)

ماڻهن کي علم پرائڻ ۽ هاءِ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهڻ (1930ع کان)

سنڌ کي بمبئيءَ کان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڳوٺ ۾ تحريڪ جي شاخ کولڻ (1932ع ۾)

ڳوٺ ۽ پرپاسي جي ماڻهن ۾ خلافت ۽ ڪانگريس جي حمايت ۽ آزاديءَ جي حقن جي سڄاڻپ.

پيرن، سيدن ۽ مخدومن جي نقطي نظر خلاف مولوي دين محمد وفائيءَ جي ماهوار رسالي "توحيد" جي روشنيءَ سان اتفاق ڪرڻ پر هن جي وهابيت کان بچڻ.

عورت جي حقن جي حمايت ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي

چاهيندڙ سانْ هلي وڃي تہ اها مائٽن ڏانهن نہ موٽائجي، بلڪ چاهيندڙ کي پرڻائي ڏجي. اهو ڪم هن سچي عمر ڪيو. ان ڪم ۾ وقت جا ڪيترا زميندار سندس دشمن ٿي پيا.

ڳوٺاڻن ۽ پر وارن کي پوليس ۽ ڪورٽن ۾ ڦرجڻ بجاءِ پنهنجا مسئلا پاڻ ۾ حل ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ.

فارسي، عربيءَ جي عالمن، وڪيلن، مصنفن، شاعرن، مؤرخن ۽ سياسي ڪارڪنن کي دوست بنائڻ.

طالب المولیٰ هاءِ اسڪول (دادو) برپا ڪرڻ ۾ فائونڊر ميمبر جي حيثيت ۾ مدد ڪرڻ.

ڳوٺ جي عورتن کي مرد ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ لاءِ همٿائڻ.

محمد صالح 15 جولاءِ 2000ع تي وفات ڪئي. هن بغير ڪنهن لالچ جي ڳوٺ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ سندس سڌارن ہين ڳوٺن ۽ ماڻهن لاءِ سجاڳيءَ جا نوان رستا کوليا.

# سنڌ جي تاريخ سان

# منهنجو لڳاءُ

مون پنهنجي رهنمائيءَ لاءِ سنڌ جي تاريخ به ايتري پڙهي آهي جيتري انجنيئرنگ، ائگريڪلچر، انساني نسلن جو علم ۽ جنسي نفسيات. سنڌ جي تاريخ جو بنياد سمجهڻ لاءِ مون هڪڙو چارٽ به تيار ڪيو آهي. اهو چارٽ انهن ماڻهن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي جيڪي مستقبل ۾ ان جو اڀياس ڪندا.

تاريخ ڪو بادشاهن،جرنيلن، جنگين ۽ خونريزين جي داستان جو نالو ناهي پر تاريخ نالو آهي پيدائش جو، جيڪا ماڻهن ڪن ٿا؛ ۽ سنڌ جي معاملي ۾ تاريخ تي ملڪ جي جاگرافيءَ، جيولاجيءَ، آبهوا، زمين، آبپاشيءَ ۽ ٻئي استعمال لاءِ پاڻيءَ، واهن ۽ جر جي پاڻيءَ، ان جي خوبيءَ ۽ مقدار،سنڌوءَ جي پاڻيءَ، ان جي وهڪري متاثڻ واريءَ خاصيت، زمين جي ڪاڌي، چاري، تندوارن فصلن، تيل وارن فصلن، ميون، ڀاڃين، ٻيلن، صنعتي فصلن پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ۽ جانورن جي پالنا جو اثر آهي. انهن عنصرن ملي ڪري مختلف سماجن کي جنم ڏنو آهي ۽ انهن کي ترقي وترائي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ شهرن، مذهبن، يادگارن ۽ زندگيءَ جي تبديل ٿيندڙ رخن ۾ تهذيب (Culuture) جي واڌ ٿي آهي، جيئن زمين ۽ فطرت جي موسمياتي معاملن ۾ وقت بوقت تبديلي ايندي رهندي آهي. ان ۾ هاڻي پراڻن

آثارن جو علم، انساني نسلن جو علم، پراڻي تعمير جو علم، انگن جو علم، فن مصوري، عمارت سازي، مذهبي عقيدا، تعليم، مذهبي ۽ غيرمذهبي ادب، لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ موسيقي به شامل آهن. انهن سڀني ڳالهين جو سماج، ان جي تبديل ٿيندڙ عقيدن ۽ زبان جي ترقيءَ تي عڪس پوي ٿو، پوءِ اها زبان سرڪاري هجي يا نه، البت ان جو ادب سان لاڳاپو هجي ۽ اها عام گفتگو جي زبان هجي. ماحول جنهن ۾ زمين جي زرخيزي، پاڻي، زرعي موسم شامل آهن، اُهو وسندڙ زندگيءَ کي جنم ڏئي ٿو، جنهن سان وڏيڪ کاڌ خوراڪ جا سامان پيدا ٿين ٿا. جن سان بادشاهن، ڪامورن، فنڪارن، درٻارين، سپاهين ۽ واپارين جو پيٽ پرجي ٿو.

اٿين واپارُ بين الاقوامي لاڳاپن جو ڪارڻ ۽ پاڙيسري ملڪن جي مفاد جو سبب بڻيو. انهن ۾ هڪ قسم جي حسد جنم ورتو ۽ اهي ملڪ جڏهن طاقتور بڻيا ته انهن سنڌ جي دولت هٿ ڪرڻ لاءِ ان تي حملا ڪيا. مختلف حڪومتن به محصول لاڳو ڪيا، لشڪر رکيو ۽ پيدائش جي پيدا ڪرڻ ۽ ورڇڻ تي ضابطو رکيو. جيئن چارٽ ۾ ڏيکاريل آهي ته انهن سڀني ڳالهين گڏجي وقت بوقت تاريخ جو روپ ڌاريو ۽ اِهي ئي تاريخ جو بنياد آهن.

موهين جو دڙو اوچتو تباهه ڪونه ٿيو. ان جو زوال برسات ۾ اوچتو 60 سيڪڙو گهٽتائي اچڻ ۽ 2000 ق.م. ۾ سوڪهڙي ۽ ڏڪر اچڻ ڪري ٿيو. سنڌوءَ ۾ پاڻي گهٽجي ويو هو. سرسوتي-درشادوتي، هاڪڙي وارو سرشتو، جنهن جو ايرندو نارو ۽ ڏاکڻيون حصو پڻ سوڪهڙي سببان سڪي ويو. سياري ۾ ڪڻڪ ۽ جون جي پوک گهٽجي گهٽجي وئي. ماڻهن ۾ وري خانه بدوشن وانگر مال ڌارڻ جو لاڙو پيدا ٿيو. موهين جي دڙي واري تهذيب جهڪار ڪلچر جي روپ ۾ تباهه ٿي وئي. موهين جو دڙو 1650 ق.م ۾ تباهه ٿيو. 1300 ق.م ۾ وڏي سوڪهڙي سان گڏوگڏ لکڻ جو فن به هوريان هوريان ختم ٿي ويو.

موهين جي دڙي واري تباه ٿيل تهذيب جهڪار ڪلچر کان گهڻو پوءِ جهانگرد ڪلچر پيدا ٿيو. پر پراڻن آثارن جي ماهرن آڏو پنهي تهذيبن جي وچ ۾ لاڳاپو ڇڄتو آهي. عام ماڻهو توڙي اسان جي سرڪار کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي ته سوڪهڙو ۽ ڏڪار قومن کي تباه ڪري سگهي ٿو. مٿيون ڳالهيون مون مثال طور بيان ڪيون آهن ته تاريخ سان لاڳاپيل علم جون ٻيون به ڪيتريون ئي شاخون آهن ۽ انهن جي اڀياس کان سواءِ جيئن تاريخ اسان جي آڏو پيش ڪئي وڃي ٿي، اها اڪثر مروڙي سروڙي پيش ڪيل هوندي آهي.

1050 ق.م ڌاري سوات جي آس پاس واري علائقي جي ماڻهن نئون مذهب آندو، جنهن کي "ويدڪ ڌرم" چيو وڃي ٿو. انهن پنهنجي طاقت جي زور تي اتر پنجاب تي قبضو ڪيو ۽ ماڻهن تي پنهنجو مذهب ٺاڦيو. اينديڙ ٽن سؤ سالن ۾ سنڌو ڌرم (موهين جو دڙو ۽ هڙپا جي رهت) سنڌن عقيدن تي اثر وجهڻ شروع ڪيو. نتيجي ۾ برهمڻن واري ڌرم اهي عقيدا، پراڻن ۽ اپنشدن جي صورت ۾ پاڻ ۾ شامل ڪري ورتا. ان کان پوءِ مذهب ۾ پنجين ۽ ڇهين صدي ق.م ۾ هڪ ئي وقت ڪيتريون ئي تبديليون آيون، جن کان دنيا چڱيءَ طرح واقف آهي، مثال طور ٻڌ ازم، جين ازم، زوراشٽرازم، ڪنفيوشس ازم ۽ تائو ازم وغيره. حيرت اها آهي ته اِنهن سڀني سوڪهڙي واري دور ۾ جنم ورتو.

اها ئي انسان ۽ پيداوار جي تاريخ آهي، جنهن جو اڀياس مٿين سمورن عنصرن جي شموليت ذريعي ٿيڻ گهرجي.

# مرزا قليچ بيگ بابت جيئن مون ٻڌو

1934ع ۾، نَون سالن جي عمر ۾، مان هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ، چوٿون درجو پرائمري پاس ڪرڻ بعد جي اسڪالرشپ جي مقابلي واري امتحان جي تياري ڪري رهيو هئس. سنڌ جي تاريخ تي ان وقت تيجيدداس. چچي ٻُڌائي 100 صفحن جو ڪتاب لکيو هو، استاد مون کي سنڌ جي تاريخ جو ٻيو ڪتاب به ڏنو هو، جو ساڳئي مضمون تي ۽ ساڳئي طريقي سان مرزا قليچ بيگ جو لکيل هو، ۽ اهو مون کي وڌيڪ معلوماتي لڳو. پنهنجن هيٺين سوالن جي جوابن خاطر مون سائنس رابطي ڪرڻ جو خيال ڪيو:

1. موهين جي دڙي کان اڳ واري سنڌ جي تاريخ؟
2. سنڌ تي موهين جي دڙي ۽ آرين جي اچڻ جي وچ واري عرصي ۾ ڪنهن جي حڪومت هئي؟
3. مهاڀارت واري راجا جئدرٿ کان سڪندر اعظم جي فتح تائين جي تاريخ ڇا آهي؟
4. سڪندراعظم جي فتح کان اڳ ۽ پوءِ ڪنهن جي حڪومت هئي؟
5. عربن جي فتح کان اڳ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت تائين ڪنهن جو راڄ هو؟

ٻئي ڏينهن مون استاد کان پڇيو ته ڇا ڪڏهن مرزا قليچ بيگ سان ملي سگهجي ٿو؟ هن مون کي ٻڌايو ته مرزا صاحب ڇهه سال اڳ فوت ٿي

ويو هو! اهو پڻ سان مون کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ سوچيم ته هاڻي ڪوبه رهنمائي ڪرڻ وارو نه هو، تنهنڪري مان پاڻ تحقيق ۽ تفتيش ذريعي انهن حقيقتن کي معلوم ڪندس. هيءَ 71 سال اڳ جي ڳالهه آهي. مان اڄ ڏينهن تائين به انهن سوالن جي جوابن جي ڳولا ۾ رڌل آهيان ۽ انهيءَ جستجو جو نتيجو هي نڪتو آهي، جو اڄ تائين مان سنڌ جي تاريخ 16,000ق . م تائين پوئتي ڄاڻائي چڪو آهيان، ۽ اڃا گهڻو ڪجهه معلوم ڪرڻو آهي.

1953ع ۾ مان سنڌ حڪومت ۾ ائگريڪلچر انجنيئر طور پرتي ٿيس. ڊائريڪٽر ائگريڪلچر ڊاڪٽر اي : ايم . شيخ، هڪدم مون کي مسٽر ڪريم ڏني راڄپر سان مختلف فصلن ۽ زرعي اصطلاحن جي سنڌي لفظن ڳاهڻ واري ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيو. هن چيو ته انگريزي مواد آهي پر سنڌي اسم نامو تيار ڪرڻو آهي. مون وٽ سنڌيءَ ۾ زراعت تي اُن وقت هيٺيان چار ڪتاب موجود هئا:

1 . مرزا قليچ بيگ جو فصل اپائڻ جي اصولن ۽ مشقن بابت 1897ع ۾ لکيل، 300 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”باغ ۽ باغباني“

2- A Text Book of Indian Agriculture with application to Sindh (Principles and Practices of Rising Fielld Crops) 1899ع ۾ لکيل، 280 صفحن تي مشتمل ڪتاب.

3 . "Khambhata's Agriculture" 1890ع ۾ لکيل، 103 صفحن تي مشتمل ”پوڪ“ جي نالي سان ترجمو ٿيل ڪتاب.

4 . ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ جو 1901ع ۾ لکيل، 112 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”کيتي“.

1983ع کان وٺي مون ۽ منهنجي گهرواريءَ ميون جي نَون فصلن تي تحقيقي ڪم پئي ڪيو آهي. 15000 ڪتاب ۽ بليٽن ميون، پوستي

ترتيب، آبپاشي ۽ نيڪال (Drainage) گرم خاني (Glass house)، گملن (Pot culutre) باغن جي جيتن ۽ بيمارين، پوٽن جي نرسري (Plant pro-tection) ، چانگ، مختلف قسمن جي ميون، پوستي گورن (Nuts)، ٻيرن ۽ ککڙيءَ وارن ميون جو ذڪر آهي. هن ۾ زيبائشي ٻوٽا جيئن گلدار ٻوٽا، سائيدار وڻ ۽ باغباني طور ٻوٽا به شامل ٿيل آهن. ان ڪانسواءِ ان ۾ سنڌ جي حالتن پٽاندر باغبانيءَ جو وقت مهيني در مهيني به شامل آهي. آخر ۾ هو ميون، ڀاڄين، گلن ۽ زيبائشي گلن جي ترتيب ڪاري يا خاڪو ڏئي ٿو. مرزا صاحب جو هنن ٻنهي ڪتابن مان ڪو به ڪتاب سندس وفات بعد وري نه ڇپيو آهي. ٻه ٻيا 1900ع ۽ 1901ع ۾ ڇپيل ڪتاب ابتدائي هاءِ اسڪولن جي هيٺين ڪلاسن لاءِ آهن. جيئن ته سائنسي زراعت متعارف ڪرائڻ جي سخت ضرورت آهي، تنهنڪري وڏي ضرورت آهي ته مرزا قليچ بيگ جا ڪتاب ائگريڪلچر يونيورسٽيءَ جي ماهرن جي لکتن جي واڌارن سان وري ڇپرايا وڃن. جيڪڏهن اهڙو ڪو ڪم هٿ ۾ ڪنيو وڃي ته مان پاڻ ڪي مدد لاءِ پيش ڪريان ٿو.

مرزا قليچ بيگ انجيل جو موجوده سنڌي ترجمو ڪيو هو، پر ان جي ثابتي ڪانه ٿي ملي. مان تفصيل ڄاڻڻ لاءِ چرچ آف انگلنڊ جي پادري رڊون (Rudwing) سان مليس. هن ٻڌايو ته سنڌ جي ڊونالڊ هارپر (حيدرآباد ۾ مقرر ڪيل پرچارڪ) تي سندس ڏيءَ ڊوراگرين جو ڪتاب 1981ع ۾ انگلنڊ ۾ ڇپيو آهي، ان ۾ تفصيل ڏنل آهي، پر ڪتاب مون وٽ موجود نه آهي، سو انگلنڊ مان پبلشر کان گهرائي سگهجي ٿو. مون هڪ دوست جي معرفت هڪ ڪاپي گهرائي، جنهن ۾ لکيل آهي ته: ”بائيبل جي وري ترجمي ڪرائڻ جو طريقو هيٺينءَ ريت هو: ؛مشهور سنڌي مصنف جناب ڪي. ايف . مرزا (قليچ بيگ فريدون بيگ مرزا)، جنهن جا ڪتاب ۽ ناٽڪ، سڄي سنڌ ۾ گهڻو پڙهيا وڃن ٿا، مسلمان ۽ سچو مذهبي ماڻهو آهي ۽ انجيل سان به خدا جي ڪلام وانگر ٿي

محبت ڪري ٿو. هن اسان لاءِ ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ قبوليو ۽ بلڪل ڏيان، عالماڻي نموني، تقويٰ ۽ دل جي حضور سان تيار ڪيو آهي. هن اهو انگريزيءَ واري نظرثاني ٿيل نسخي تان اردو، عربي ۽ فارسيءَ جيءَ نسخن سان ڀيٽي تيار ڪيو آهي."

پادريءَ رُڊون مون کي ٻڌايو ته 1855ع کان مختلف پرچارڪن انجيل جا اقتباسات، بلڪ باب ترجمو ڪيا آهن ۽ انهن جو وڏو تعداد سنڌس دفتر ۾ موجود هو، جن جا نقل حاصل ٿي سگهيا ٿي. هن چيو ته مرزا قليچ بيگ جو انجيل وارو ترجمو ٿوريءَ تبديليءَ سان وري شايع ٿيو آهي. ڊي. ايس هارپر انجيل جي ترجمي جي شرح ۾ چوي ٿو:

"پراڻو سنڌي نسخو 1850ع واري ڍاڪي ۾ لکيو ويو، جڏهن سنڌي ٻولي اڃا پنهنجي اوسر واري ڏاڪي تي هئي، انڪري ان جا ڪيترائي فقرا گهڻو ڪري چٽا نه هئا. سنڌي هندو، مسلم مذهبي اصطلاحن جي استعمال تي ناخوش نه هئا، پر هندن کي سنسڪرت اصطلاح استعمال ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ بابت ڇوڻ چوان ٻه هئي. ان حوالي سان هندو عورتون مذهبي اڳواڻن جي اثر هيٺ وڌيڪ هيون. 50 سالن کان سرڪاري ٻوليءَ طور رائج ٿيل سنڌي مستحڪم ٿي چڪي آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا ويا آهن ۽ اها هاڻي مڪمل روپ ۾ قائم ٿي چڪي آهي. اها ٻهتر، لچڪدار ۽ تمام واضح وياڪرڻي صورت ۾ آهي. ان ۾ سائنسي لفظ ۽ مسيحي خيال واضح طور تي بيان ڪري سگهجن ٿا."

هارپر مرزا قليچ قليچ بيگ کي ان ڪم لاءِ بهترين شخص سمجهيو ۽ سنڌس ترجمي ۾ سوءُ سالن تائين، سواءِ چند پراڻن لفظن جي جاءِ تي نوان آڻڻ جي، ڪا تبديلي نه ڪئي وئي آهي.

پڇاڙيءَ ۾ آءُ قليچ مرزا بيگ جي 1888ع ۾ ڇپيل ڪتاب "Liesure

"Hours" بابت چوندس. ان ۾ مصنف جا شعر آهن، جيڪي تمام گهڻا دلچسپ آهن. انهن مان هڪ نمونو آتم ڪٿا لکندڙ جي آزاد لفظن ۾ ڪَڪڙ بابت آهي، جتي مرزا صاحب جي ڀرين مقرري ٿي هئي. چوي ٿو ته ”اي ڪڪڙ، آءٌ هتي سيتا روڊ ڪان منڍي ۾ ٽاپڙجندڙ گهوڙيءَ تي چڙهي پهتو آهيان. پيٽ ۾ بک اٿم ۽ اکين ۾ ننڊ اٿمَ. اڊنگي هَني تي ويهڻ جي ڪري عضوا ڏکن پيا. آفيسَ جو ڪمرو وڏي اونداهي ڏر ۽ جانورن جي ڍڪ جهڙو، ڪاڏي ۾ ڪير ۽ ڪنڊ سان گڏ چانور عياشي آهي.“

ڪڪڙ جي عورتن لاءِ مرزا صاحب چوي ٿو ته: ”هتي يقيناً ڪا سونهن ڪانهي، جو ته عورتون مردن ڪان وڌيڪ کهريون آهن.... ڪڪڙ جي ڏوڙ ڦڦڙن لاءِ تباهه ڪن آهي.“

# جانور - منهنجي ننڍپڻ جا ساٿي

ٻهراڙيءَ ۾ ماڻهوءَ ۽ جانور کي جائي جم کان الڳ ڪرڻ مشڪل آهي. اهي ٻئي ساڳئي احاطي ۾ رهن، جي علحدگي ٿئي ته اڌوري. مون ڏٺو ته اهو ناتو ”دوستيءَ ۾ بي رحميءَ“ وارو هو. مون کي ڪم ايندڙ ۽ کير ڏيندڙ جانورن، مثال طور ڍڳين، مينهن، ڏاندن، گهوڙن، اٺن، ٻڪرين، رڍن سان بي رحميءَ وارو ورتاءُ پسند نه هو. جڏهن مالڪ ڪاوڙيو، تڏهن ساسيءَ کي ماريندو. ممڪن آهي ته ان سان هنن جي رت جو دٻاءُ گهٽ ٿيندو هجي. پر منهنجو انهيءَ خوف کان وڌي يا گهٽجي ويندو آهي، جڻ ته ڪو مون کي به ساڳيءَ ريت ماري ٿو. ان جو مون تي دائمي اثر ٿيو، جو مون ڪنهن جانور کي ڏک نه هنيو آهي، ۽ نه ڪو پکي ماريو، جيتوڻيڪ مون کي جهليا يا قاسايا پر پسند جي ڪري.

جانور اجا به حد کان وڌ لڏيا، وڌيڪ وهايا ۽ اڌ بکيا رکيا وڃن ٿا. انهن کي پانجارين، هنن ۽ رسن وغيره سبب چُٽا ۽ گانون پئجيو وڃن پر بي رحمي متن جاري رهي. ڏهن سالن ۽ متي عمر وارن ڇوڪرن کي جهنگ ۾ گاهه وارن هنڌن تي مال چارڻ لاءِ موڪليو ٿي ويو. ٻارن کي رڳو گارگند ۽ لٺيون هڻڻ جي تربيت ملي ٿي ۽ ٻنهي جو بي رحميءَ سان استعمال ڪيو ٿي ويو. جيڪڏهن مان به مال چاريان ها ته هِن جاءِ تي نه رسان ها جتي آهيان، ڇاڪاڻ ته مان به ٻهرئين ئي ڏينهن نيچ ٿي وڃان ها. مائٽن جي مهرباني جن غريب هوندي به مون کي پڙهايو. ڍورن کي مارڻ

يا فحش ڪلامي ڪرڻ غير ضروري عمل هو. مون سمجهيو ته هاري غربت سبب انهن جي سنڀال ڪري نٿي سگهيو.

1932ع ۾ سکر بئراج چالو ٿيڻ کان اڳ ۾ سنڌ اندر رڳو سارين جو فصل ٿيندو هو، جنهن جو پلال پاليل جانورن لاءِ چاري طور رکبو هو. پلال ۾ پروٽين گهٽ، لگنن (Lignin) وڌيڪ هئڻ ڪري هر جانور ان کي هضم نٿو ڪري سگهي، تنهنڪري کير جي شرح گهٽبي هئي ۽ جانور ڏٻرا ڏسبا هئا. ڪي هاري دوباري فصل ۾ تيلي ٻج، مٽر ۽ چڻا پوکيندا هئا، جن جي ڪَٽُ پروٽين ۽ سٽپ سان ڀرپور هئي. ڪَڙُ کير وارن جانورن کي کارائبو هو، پر ايتري مقدار ۾ نه، جيترو ضروري هو. هو هيٺا ٿي ويندا هئا، جيتر مهينن گذرڻ بعد ساوا گاهه ڦٽن. اها حالت سڄيءَ سنڌ جي هئي. سکر وقت کڙ سان سوا لٽر تيل، اهو به نه سوچيندي ته گهڻو تيل جيري جي خرابيءَ ڪري ماري به سگهي ٿو، جام ڏيندا هئا. ماڻهو پاڻ به مکڻ ۽ گيهه جام کائيندا هئا، جنهنڪري ٿلها ٿي پوندا هئا ۽ نيٺ جيري جي سوج جهڙين بيمارين ۾ وڃي ويندا هئا، پر پاڻ کي صحتمند سمجهندا هئا. شاهوڪار ماڻهوءَ کي سندس وڏي پيٽ جي ڪري آسانيءَ سان سڃاڻي سگهبو هو.

اسان وٽ ڍڳن جي جوڙي کان علاوه هڪ ڳئون ۽ ڪُنڍين مينهن جو ٿَڏُ هوندو هو. ڪن ماڻهن وٽ ڊگهن سڌي سنگن واريون مينهون هونديون هيون، پر انوکيون نظر ايندي هيون ۽ اهي مون کي نه وڻنديون هيون. اهي مجر جون مينهون هيون، پاڻيءَ واريون نه، اهي ڏکڻ هندستان ۾ عام نه هيون. منهنجو خيال هو ته ڪنڍيون وڌيڪ کير ڏيندڙ هيون پر مون اهڙي چڪاس نه ڪئي. ڳئون گابا پيدا ڪنديون هيون. اسان جي گهر وارا ڳئن جو خيال نه ڪندا هئا، جو انهن جي کير ۾ مکڻ گهٽ هوندو هو، پر انهن مان اهو سک هو، جو ضرورت وقت ڏهي سگهبيون هيون. مينهن جي ڏوپ جو ويلو سج ايرڻ کان اڳ ۽ سج لهڻ کان پوءِ

هو. گابيون سال ڪن بعد وڪٽي ڇڏبيون هيون ۽ گابا هرن لاءِ پالبا هئا ۽
ساڳئي مقصد لاءِ وڪٽبا هئا. ڍڳين کي پلن وهڙن کان لارائبو هو ته
جيئن پلا ڦر چٽين. بابو وڏن ۽ ويڪرن وريل سڱن وارا ڏاند پاليندو هو.
ڪم از ڪم اهي قوي لڳندا هئا. ٻڪريون ۽ رڍون اسين ڪونه پاليندا
هئاسين، ڇو ته ٻڪرين جي کير ۾ سٽيپ تورو ٿئي ٿو، جڏهن ته رڍ جي
کير ۾ وري سٽيپ تمام گهٽو ملي ٿو. جيستائين مان 10 سالن جو ٿيس،
ان وقت تائين مون جانورن کي جيڪي ڏٺو سو اِهو آهي.

# گھوڙا

گھوڙي سواري عزت واري هئي، جيئن اٺ جي سواري، بلڪ ان کان به وڌيڪ. جڏهن مان اسڪول وڃڻ لڳس تڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ ڇهه - ست گھوڙا هئا، پر ڏهن سالن جي عمر ۾ گھٽجي هڪ وڃي بچيو هو. ڇو ته ڳوٺن جي وچ ۾ اچ وڃ گھٽي هئي ۽ ريل جي رستي وڏن شهرن ڏانهن سفر وڌيو. گھوڙو ڌارڻ مهانگو ڪم هو، ڇو ته ان کي متوازن، سائي ۽ سڪي گاهه سان گڏوگڏ داڻو به گھرجي. ٻين جانورن جي ڀيٽ ۾ گھوڙا گھٽ چربي وارا ٿين. سنڌي انهن کي ڪڙ ڪارائين ۽ وناسر پتي تيل جو ڍڪ به وجهن. مون لاءِ اها ڳالهه عجب جهڙي هئي ته گھوڙي کي موڙڻ ۽ ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ڇهنبارن لوهه جي دهانن وارو لغام ڏين. اهي سچ پچ ته عذاب ڏيندڙ اوزار هئا ۽ مان حيران آهيان ته اُهي ڇو ٿورو به منجي نه سگھيا! گھوڙي کي خبر پوي ته سندس سوار ڪيئن آهي، جي تجربيڪار نه هوندو ته هو ڪيس ڇترائيءَ سان ڪيرائي وجهندو. مون ننڍي لاڪون ڳوٺ ۾ پوليس آفيسر، تعلقي مختيارڪار، تپيدار، آبدار، ٻين ڳوٺن جا وڏيرا ۽ پير، سيد، فقير گھوڙن تي چڙهي ايندي ڏٺا. پهريون گروهه عملدارن جو هو ۽ ٻيو پنڻ لاءِ آيل هو. ڪي ماڻهو چمڙي جي زين پوش مٿان ريشم ۽ زريءَ جي ڀرائيءَ تي تمام گھڻو خرچ ڪندا هئا. هو انهن کي سينا بند ريشمي تندن ۽ پٽن وغيره سان سينگاريندا هئا. زيبائش جي شين ۾ چانديءَ جا ساز ۽ مٿي تي چمڙي جو گل شامل

هئا. چمڙي تي زري ۽ ريشم جو ڀرت ڀريل هوندو هو. اها رسم به هئي ته گهوٽ کي گهوڙي تي چاڙهي، واڃي سان ڳوٺ جي گهٽين ۾ گهمائبو هو. ڪي گهوڙا ته گهوٽ وانگر سينگاريل هئا. اها راجپوتي رسم، پرٿوي راڄ جي جئسنگ جي ڌيءَ دروپديءَ کي زوريءَ کڻي وڃڻ جي واقعي جيان آهي ۽ ڪنوار کي ڀڄائڻ واري جانبازيءَ جي رسم جو ورجاءُ.

گهوڙا تانگو به ڇڪيندا هئا ۽ اڄ به ڇڪين ٿا. انهن جو مکيه ڪم ڦلجي اسٽيشن کان ٻين ڳوٺن ڏانهن سواري کڻي وڃڻ هو، پر بدقسمتيءَ سان اسان جي ڳوٺ تائين بگيءَ لاءِ مناسب رستو نه هو. ورلي ڪو بگيءَ وارو اتان ايندو هو. تانگي وارا فحش ٻولي ڳالهائڻ ۾ بدنام هئا. هو مخصوص قسم جو لچڪيدار ۽ سنهون نيٽ جو چهبڪ، جنهن ۾ چمڙي يا سٽ جي کهي پڇڙيءَ ۾ وٽن سان هوندي هُئي. هو اها گهوڙي کي هڪلڻ لاءِ کڻندا هئا. اهي گگدامن تي ظلم ڪندا هئا. 1930ع ۾ جڏهن اسان جي ڳوٺ کي چوڌاري پاڻي ڦري آيو، تڏهن گهرن ۾ پوڙهن کي نگهبانيءَ لاءِ ڇڏي، باقي عورتون، ٻار، وڏا ۽ مال سڀ ٻاهر نڪتا ۽ تڏهن ئي مون کي تانگي ۾ سواري ڪرڻ جو موقعو مليو. اسان ريل گاڏي ۾ سيتا وياسين. پوءِ اتان تانگي ۾ چڙهي ڪيڻ واهه جي ڪناري تي چانڊين جي ڳوٺ ڏانهن وياسين. بگيءَ واري جو چهبڪ جي ڏڪ ۽ گار کان سواءِ هڪ منٽ به نه ٿي گذريو.

ٻين جانورن جي ڀيٽ ۾ گهوڙي جي ٿهل وڌيڪ ٿئي ٿي. موهين جي دڙي مان نڪتل مُندي اصل گهوڙي جي نه پر اڌ گورخر جي آهي، جو هاڻي رڻ ڪڇ ۾ ملي ٿو. مون هڪ گورخر جو ڪڇ جي رڻپٽ ۾ 80 ڪلو ميٽر (50 ميل) جي رفتار سان جيپ ۾ پيڇو ڪيو هو، پر پهچي نه سگهيو هانس. اصل گهوڙو موهين جي دڙي جي زوال بعد تقريباً 1500 ق.م ۾ پاليو ويو. اول اهو جنگ ۾ رساليداري لاءِ پوءِ رٿ ڇڪڻ لاءِ ڪم آيو. اخمينن ان کي پرن واري گهوڙي سان تعبير ڪيو. بوراق به پر

وارو گھوڙو هو. اصل ۾ گھوڙو وچ ايشيا جي سرد صحرا جو جانور آهي، سنڌ جي گرمي سهڻ جهڙو نہ آهي، تنهنڪري ان جي رهڻ لاءِ سٺو ڇاپرو تيار ڪندا آهن.

مذهبي شافي پنڻ لاءِ گهوڙي سواري ڪن، جن ۾ فقير، جي اڪثر آفيم ۽ ڀنگ استعمال ڪندا هئا، ۽ ڪي غريب سيد ۽ پير، جن جا باقاعدي پوئلڳ نہ هئا، اچي ٿي ويا. اهي لاباري جي موسم ۾ ڪٽان ڪٽان اچي سهڙندا هئا ۽ سڀ ڪان پهريائين مالڪ وٽان، خوشيءَ سان، خدا جي نالي تي ڏنل بخرو وٺندا هئا. ساڳيو ئي سوالي، جي پنڌ اچي ها تہ شايد کيس ڪجهہ بہ نہ ملي ها. گهوڙي سواري معتبريءَ جو باعث هئي.

مٿيان جانور ڳوٺ ۾ ڏاريا هئا، پر فقير ۽ مداري تماشي لاءِ پولاڙا، رڇ سيڪاريل جانور بہ وقت بہ وقت آئيندا هئا. ننڍپڻ ۾ مون ڳوٺ ۾ رڇ ۽ سوئر سان وڙهندڙ ٽورن جانورن جا ڪرتب ڏٺا. سيڪاريل پولاڙا ڪيترائي تال پخال ۽ ماڻهوءَ جون اهلون ڪندا هئا. شڪاري ڪتا ۽ محدود حرڪتون ڪندڙ رڇ بہ مون ڏٺا. مروڻ جي هڪ تنگ (پوئين) رسيءَ (الڙ) سان، جنهن جو پيو چيڙو ڪنهن مضبوطيءَ سان ڪتل مني وغيره سان ٻڌل هو، اُن تي ڪتا ڇڏائجن. اهو ظالماڻو ڏيک ٿئي، جو مون هڪ پيري ڏٺو ۽ پوءِ وري ڪڏهن ڪونہ ڏٺم. مون کي ياد آهي تہ ملن اعلان ڪيو تہ مروڻ جي ڏسڻ سان نڪاح ٽٽي ٿي پيو ۽ اهو وڏو گناهہ هو. مون سمجهيو تہ ان ريت جانور کي عذاب ڏيڻ وڏيڪ گناهہ هو.

گڏهہ

هاڻي ڳالهہ گڏهہ جي ڪبي. ڳوٺ جي ڪن بي زمين وڻيرن وٽ گڏهہ هئا، جن کي هو باربرداري ۽ سواريءَ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اسان جي ڳوٺ جو هندو دوڪاندار سودو وڪر وغيره گڏهہ تي آئيندو هو. هن وٽ هڪ گهوڙي ڪان علاوه پہ ٿي گڏهہ بہ هئا. ڳري بار لاءِ هو گهوڙو

استعمال ڪندو هو. سيني پاليل جانورن جي نسبت هنن ڏانهن گهٽ ڌيان ڏبو هو، ۽ هو اولڙ سولڙ يا جهنگ جو گاهه کائيندا هئا. ٽرئڪٽر جي اچڻ تي ڊڳا ڪڍي ٻاهر ڪيا ويا، ان صورت ۾ گڏهن ڪي خارج يا ترڪ ڪرڻ آسان نه هو. گڏهه گاڏن سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڏاند گاڏين جي جاءِ والاري. گڏهن جو حسب معمول استعمال ڪندڙ هئا ڪنيار، ڌوٻي ۽ سانگي ماڻهو، جهڙوڪ جوڳي، باگڙي ۽ ٻيا، جي ٽنبن جي بجاءِ پَنِ وغيره مان ٺهيل پکا استعمال ڪندا هئا. گڏهه خلاف بيجا مخالفت جي تاريخ گهٽ ۾ گهٽ پهرئين سهسر (Millenium) ق. م جيتري پراڻي آهي. رومين پنهنجي شهرن ۾ گڏهه جي داخلا ممنوع ڪري ڇڏي، حضرت عيسيٰ جيروسلم گڏهن تي چڙهي آيو ۽ گڏهن جو جلوس ڪڍي، ڪين للڪاريو، پر ڪيس سوريءَ تي چاڙهيو ويو.

پر پوءِ بہ گھر ۾ رهي. گهٽن گهرن جا احاطا لوڙهن جا يا مٽيءَ جي پنوڙن جا هئا، جن جي ڪتو حفاظت ڪندو هو. سڄي رات جاڳي گهٽيءَ مان لنگهندڙن جو جاڻُ پونڪڻ وسيلي ڪندو هو. ان کي سات ڏيڻ لاءِ جوڙي بہ نہ ملائيندا هئا، جڏهن ڪابہ ڪتي، ڪت ڪندي هئي تہ ڳوٺ جا ڪتا اُن تي ڪنا تيندا هئا.

# چوپايو مال

سنڌ جو مال بي ضرر ٿئي. ڍڳن کي زمين تي ليٽائي بلڪل بي رحميءَ سان، سڌن سونٽن سان سندن آنورا چيپاٽي، کين ڪُٽُ ڪندا هئا. گگدامن لاءِ اهو عمل ڏاڍو ايذائيندڙ هو. 1939ع ڪانپوءِ ڍڪٽن جهڙين (مڏي ڏار وارين) انبورين سان ڍڳا ڪُٽ ڪيا ويندا هئا. اهو به عذاب ڏيندڙ عمل آهي.

- ڏاند ٽلين، ڳانين ۽ بعضي مينڌي يا ڪن ٻين قدرتي رنگن سان سنوارجن.
- ڳئون ڌهڻ وقت کير جو پهريون گوهو زمين تي هڻن. شايد هندو روايت موجب سندن ديوين مان هڪ ڌرتي ماتا جي اولاد لاءِ. جڏهن بار بردار ۽ کير ڏيندڙ جانور بيمار ٿين يا کير گهٽائين ته مالڪ ملان کان وٽايل ڪارو ڌاڳو ان جي ڳچيءَ ۽ سڱن ۾ ٻڌن.
- بيمار جانورن کي چاق ڪرڻ لاءِ گرم چريءَ سان ڏنڀ ڏين. مون کي ڪڏهن به ان مان فائدو ڏسڻ ۾ نه آيو. علاج طور مال چا ڪن به چيرين يا ٽوپين.
- جي مينهن کير نه ڏئي ته چمڙي جي هڪ پاسي کان ٻَند نليءَ سار ۾ گدي، ايستائين سار ۾ اڳتي پوئتي ڪن، جيستائين کير نه لاهي. ان کي ڪُڇ يا ٻُلَ چون. مون اهو عمل مغرب ۾ نه ڏٺو، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اهو ڪارگر آهي، پر ڪراهت جهڙو.

- بابو اڪرجي چتن نڪتل ڏاند گاڏي زرعي پيداءش، چانور، ڪڻڪ ۽ مال لاءِ چارو ڪڻڻ ۽ گهر جي ياتين کي ٻين ڳوٺن تائين آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ استعمال ڪندو هو، پر ڪچا رستا سنوان نه هئا، انڪري مسافري بيزار ڪندڙ هئي.
- هاري ڏٻرن ۽ اڳهن ڍڳن کي سونٽين، گارين، هڪلن ۽ عذاب ڏيڻ لاءِ پڇ مروٽڻ سان ڍڳي گاڏين ۾ وهائيندا هئا. پڇ جون هڏيون هڪ ٻئي سان گسڻ ۾ جانور کي وڏي تڪليف ڏيندا هئا.
- هَرُ ڪاهڻ ۽ گاڏي جي تربيت بابت عوام کي خبر آهي، پر عملي طور صحيح نه ٿي ٿئي. ان جي بدلي سونٽي ۽ عذاب ڪان ڪم وٺن ٿا، ايتري قدر جو مون ماڻهن کي جانور جي پڇ کي چَڪُ هڻندي به ڏٺو.
- سکيل ڍڳا بنا سونٽي پيا هلن - هاري رڳو هڪل ڏئي يا سکيا مهل استعمال ٿيل آوازن مان ڪو ڪڍي. سنڌي نڙيءَ جي بجاءِ زبان سان ڳٽڪاري. مان سمجهان ٿو ته اهو تربيت جو اثر آهي.
- اسان جي ڳوٺ جي هڪ هاريءَ پنهي ڍڳن جي پيشانيءَ تي ٻڌڻ لاءِ به چمڙيءَ جا مکٽهارا خريد ڪيا، جن تي رنگين ڪپهه جا ٽنئونر ۽ گهنگهرو لڳل هئا. سندس زال ٿورو عرصو اڳ فوت ٿي وئي هئي ۽ پنهنجي محبوبه جي گهر وٽان لنگهندي اهي گهنگهرو ڇاڻ جي ڪم ايندا هئا. جيئن ته منجهند جي مانيءَ بعد هر ڪو ٿورو ننڊ جو سوپو ڪندو هو. سندس محبوبه هن جي لنگهڻ وقت ٻاهر نڪري، رات جي ملاقات لاءِ وقت ۽ جاءِ مقرر ڪندي هئي.
- منهنجي ننڍپڻ دؤران ڳوٺ جو هر ماڻهو، ٻاهه ۾ ٻارڻ لاءِ ڍڳن جي ڇيٽن جا منيا ٿڦي سڪائيندو هو. ڏاڏو انهن جي زمين ۾ ياڻ طور ڪم آڻڻ کي ترجيح ڏيندو هو. ڇاڇو سال جي استعمال لاءِ ڪانيون وڍي گڏ ڪندو هو. اهڙيءَ ريت اسان جي گهر جون

عورتون باهہ ۾ ٻارڻ لاءِ ڇيڻن ٿڦڻ کان آجيون هيون، حالانڪ هو زمين ۾ ڀاڻ طور استعمال ٿيڻ لاءِ ڇيڻا ميڙي ڍير ڪنديون هيون.

مينهن يا سانُهہ، هرن يا باربرداريءَ لاءِ استعمال نہ ڪنداهئا. سانهہ توڙي جو ڏڳي کان وڌيڪ مضبوط آهي، پر پگهر جا غدود (glands) نہ هئڻ ڪري گهڻي گرمي برداشت نٿو ڪري سگهي. اونهاري ۾ تڏو رهڻ ۽ کير ڏيڻ لائق ٿيڻ لاءِ مينهن جو پاڻيءَ ۾ گهڙڻ ضروري آهي.

سانُهر مينهن سان لڳ ڪرڻ لاءِ ڏاريو. جيئن تہ اهو سچي ڳوٺ جون مينهون سائين ڪرڻ لاءِ هو، انڪري هرهڪ جي ٻنين ۾ هو گور چرندو آهي. ائين ڏاڏي هڪ سانُهہ گورُ ڇڏيو هو. جڏهن ڪنهن کي ضرورت ٿئي تہ ان کي ڪاهي پنهنجي ياڻ تي اچن. ڏاڏي کي هر پيري ٻئي سانهہ ڳولڻ ۾ تڪليف هئي. اهو عمل وهريل مينهن لاءِ ضروري هو. سندس يقين هو تہ سانُهہ پنهنجي ماءُ، ڀيڻ، سوٽن، ماساتن کي بلڪل سائو نہ ڪندو. ممڪن آهي تہ ان جو ڪو اثر نسل وڌائڻ جي نقطي نظر کان ٿيندو هجي، پر ان ۾ ڪو بدفعليءَ جو سوال ڪونہ هوندو هو.

ٻاني جا ماروٽ ريبار ۽ ٻڪرار هئا. هو درحقيقت سانگي ها، جي ڳوٺ کان پري پري ناقبولي زمينن ۾ مال چارڻ ويندا هئا. پر اونهاري جي گهڻين برساتين ۾ بعضي ٻن ٽن مهينن لاءِ جوهي تعلقي جي ڪاڇي ۾ خودرو گاهہ چارڻ لاءِ ويندا هئا. اهي آبپاشيءَ واري زرعي علائقي جي ماڻهن کان وڌيڪ آسودا هئا، پر ڏنڌي جي ڪري ڪمتر سمجهيا ويندا هئا. ذات ۽ ڪرت جا تعصبَ معيشت کي تباهہ ڪن ٿا. ٻاڪرو گوشت شاهوڪارن کي وڌيڪ پسند آهي. سنڌ ۾ چند هندو ياڇي خور هئا، ڇو تہ دائمي آبپاشي نہ هئڻ ڪري ياڇيون سال ير موجود نہ هونديون هيون. سڀ شاهوڪار وڏين ٻڪرين کان وڌيڪ ”هلواڻ“ جو گوشت پسند ڪندا هئا. ٿورا ماڻهو ريڍو گوشت کائيندا هئا، ڇاڪاڻ تہ اهي ٻڪريءَ

جي پيٽ ۾ وڏيڪ اندر گند، پاڙون، سڪا پن ۽ ٻيو ڇا نه کائيندڙيون هيون. ان ۾ تمام گهٽي چربي به هئي، جا ٻوڙ جي تڏي ٽيڻ شرط الڳ ٿي پوندي هئي. شاهوڪار ماڻهو وڏو گوشت (ڳائو ۽ ماهيو) پسند نه ڪندا هئا. سنڌي وڏي گوشت جون سُڏيون ۽ گهيٽڙي جو قيمي چاپَ، جيڪي مغربي دنيا جا به لذيذ کاڌي جا اسم آهن، تيار ڪرڻ نه ڄاڻندا هئا. رڍ پنهنجي اُن جي ڪري وڏيڪ ڪم خرچ هئي، پر ٻڪريءَ جي پيٽ ۾ جهنگلي گاهن لاءِ وڏيڪ تباهڪار. ماڻهو ملن ڪي نفرت منجهان ڪراڙو ٻڪر چوندا هئا. ٻڪريءَ جي کل نرم آهي. ان جي کل ڪي ڏيان سان سبي ڪليون ٺاهين ٿا، جن ۾ پري کان کوهن مان پاڻي پري اچن ۽ بعضي ڏاندن يا گڏهن جي پٺين تي رکي، وڏن مفاصلن تان پاڻي آڻين. سنڌ جا هندو ٻاڪري کل جي ڇاڳل (کُلي) ۽ مسلمان پکالين جي پريل پاڻيءَ تي اعتراض نه ڪندا هئا. مون اهو مشاهدو ميهڙ ۽ قلجيءَ ۾ ڪيو. اڄڪلهه لوهه ۽ پلاسٽڪ جا ڊرم آهن جي گڏهه گاڏين تي ڪٽي اچن ٿا ته اڳي نه رستا هئا ۽ نه ٽاير واريون گڏهه گاڏيون - سڀ ڪم مجبوريءَ ڪرايون.

ڏاڏي ڪي ڳاٻا منهنجي نالي ڪيا هئا، پر اهي منهنجي هٿاڻو ڪرڻ کان وڏا هئا، ڇو ته اهي مون جيڏي ننڍي ٻار جي جهلڻ کان زور هئا. چاچو هٿاڻو رکڻ جو شوقين هو. هن هڪ گيسانڙو هرڻ ۽ هڪ وڏو سِهڙ آندو. مون ڪي ٻئي وڻندا هئا، پر چند ڏينهن بعد جڏهن هن انهن کي ڪنو ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو، جيتوڻيڪ مون گوشت به کاڌو هو. خرگوش سان رغبت جي ڪري مون اهي گهر ۾ پاليا. هڪ جوڙي ڪي جيڪڏهن ڪارائجي ۽ سنڀالجي ته اهي سال ٽائين پنجاه ڪن ٿي ويندا. انڪري اهي مرغبانيءَ کان وڏيڪ ڪفايت وارا آهن ۽ انهن جا ٽِڪا ڪڪڙ جهڙا ٿين. اُن ڳوٺ ۾ اَٺ ڏهه هئا. بابي جو سوٽ گاجي، جو اسان سان ساڳئي لوڙهي ۾ رهندو هو، ان وٽ به هڪ اٺ هو. متان اهو چور چورائي وڃن

هو هر رات ان کي پونين ٽنگن ۾ پوليس جي پيڙين جھڙا نيٽر وجھي تالو هٽندو هو. ڳوٺ ۾ ڪوبہ اٺ جو کير يا گوشت نہ کائيندو هو. انکري جو اهو ڏِمڪي ۽ کارو هو. سکر بئراج جي وهڻ کان اڳ ۾ ان جي حد ۾ آيل علائقو چراگاهہ هو ۽ جت اتي وڏا ائن جا وڳ، زراعتي سامان ۽ ٻيءَ پيداوارِ ڍوئڻ لاءِ پاليندا هئا. جت انهن جو کير ۽ گوشت بہ کائيندا هئا ۽ ملس غاليچا ۽ رسيون ٺاهڻ ۾ ڪم آڻيندا هئا. ڏکڻ سنڌ جا غاليچا اجا بہ تحفا سمجهيا ويندا آهن ۽ بسترن ۽ پينگهن ۾ واڻيل ڏوريون بي حد پسند ڪن ٿا. خاص طور جڏهن ڪاري ڇاگري ۽ پوري مِلس جي ڏوريءَ کي مختلف نمونن سان اڻجي. اهي ڏوريون غاليچن ۾ استعمال ٿين.

ٻيءَ مهاياري جنگ تائين سنڌ ۾ ٽرڪون، پڪ آپون ۽ روڊ نہ هئا. پڪا رستا رڳو ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ هئا. جتي ڳوٺن جي وچ ۾ گاڏين جا پيچرا نہ هئا، اتي اچ وڃ رڳو ائن تي ٿيندي هئي. استعمال ڪندڙ روڪ پئسا ڏيندا هئا. جڏهن تہ ڏاندن واري کي گاڏي ڳوٺ وارن کان اڌاري ملي ويندي هئي. لاڏو ائن کي ڇڏي، ڳوٺ ۾ مهري اٺ رڳو مامي وٽ هوندو هو، پر اهو وڪٽي ڇڏيائين، جو اهو اجايو بار هو. مهري ڪجهہ تيز رفتار هئا ۽ تيهن واري ڏهاڪي جي اوائل ۾ عزت پريا سمجهبا هئا. ريل گاڏين انهن کي گهٽايو، بسن انهن جي جاءِ والاري ۽ آخر ۾ سوزڪين سندن استعمال ختم ڪري ڇڏيو، پر جتي رستا ناهن خاص طرح ٿر ۽ ڪوهستان ۾، اتي اٺ اجا تائين بيابان جو بادشاهہ آهي.

جيتوڻيڪ اٺ جو گوشت کائڻ ثواب ۾ شمار هو، جو پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن اهو کاڌو، پر ڳوٺ ۾ ڪوبہ اهو ثواب نہ پيو ڪٽي. ڳوٺ ۾ ڏگها ڇوڪرا اُٺ سڏبا هئا، ان جي معنيٰ ۾ بيوقوف بہ شامل هو، پر بيوقوف کي اصل ۾ گڏهہ چوندا هئا. اٺ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي چڪ بہ هڻندو آهي ۽ اهو زهر بعضي موتمار ٿئي. اسان جي ڳوٺ جو ابوبڪر وهريل ڏاچيءَ تي سوار هو، جوُ ڪيس نر اٺ کاڌو ۽

1929-1930ع ۾ سندس تنگ ڪاتي وئي. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن، مان ڪڏهن اٿ جي پرسان ڪونہ لنگهان.

اٺ جو دلچسپ طرز عمل آهي تہ 40 ڪان 60 جي وڳ ۾ هڪ لائوُ اٺ ٿئي. رڳو اهوئي سيني ڏاچين تي ويهندو ۽ ٻيو ڪوبہ ڪوشش نہ ڪندو، پر هڪ ڏينهن ڪو ننڍو نيش، ان سان وڙهندو ۽ جيڪو ويڙهہ ۾ ڪامياب ٿيندو، اهوئي وڳ جو خاوند ۽ وڏو ٿيندو، جڏهن تہ هارايل ٻين عام اٺن جهڙو ٿي ويندو.

چون ٿا تہ اٺ 40 ڏينهن تائين بنا ڪاڏي پيتي هلي سگهن ٿا، پر جي پاڻي هجي تہ هڪ يا ٻہ دفعا ڏينهن ۾ پيئي. بار برداريءَ دوران ٻہ اوڳاريندو هلي. گگدامِ جي ناڪوتن ۾ سوراخ ڪري ناڪيلي وجهن، ان جي ڇيڙي ۾ مهار وجهن، جا ضرور آزاريندڙ هوندي، جو مورڳو اٺن سالن جو بار بہ ڪيس پنهنجي مرضيءَ سان ڦيرائي سگهي.

چانڊي يا سون ۾ ناڪيليءَ جو ننڍو نمونو، نٿ وغيره عورت جي ٽوپيل نڪ ۾ پارائين. 1951ع ۾ مون اندو ڪيليفورنيا لڳ "مَڪا" (Mecca) نالي ننڍڙي ڳوٺ جي"Date festival" ۾ شرڪت ڪئي. انهن اٺ بہ ڊوڙايا، پر ڪنهن بہ اٺ جي ناڪوڻن ۾ سوراخ تيل يا ان ڪي مهار پيل نہ هئي، اٺ چارٽن سان نتي ڀڳا ۽ ڪاميابي ڪنهن جي بہ قسمت ۾ اچي تي سگهي. سوارن ڪي بَدوين جهڙا ڪپڙا پهريل هئا. جيئن تہ ان وقت عرب ۾ بدوين ڪان وڏيڪ سنڌ ۾ جت موجود هئا، انڪري انهن آمريڪي اوٺين ڪي سنڌي جتن جي پوشاڪ هئڻ گهرجي ها، پر مون ڪي ان وقت اها خبر نہ هئي. لاڏو اٺ ڳري بار کڻڻ لاءِ ڏگهو، ڳرو ۽ مضبوط ٿئي پر گهٽ رفتار اٿس. مهري قسم وارو اٺ هلڪو، پر تيز رفتار ٿئي.

ڇهن سالن جي عمر ۾ امڙ مون ڪي هڪ لاڏو اٺ تي پنهنجي ماٽ جي شاديءَ ۾ شموليت لاءِ مُوندر وتيَ وئي هئي. 11 اٺن تي ڪجاوا رکيل هئا.

سَنسي جي ڪري انهن جو اڪي تعداد هجڻ ضروري هو. ڪجاوي جي شڪل اڳيان پويان انگريزي اکر"W"جهڙي ٿئي ۽ اهو اٺ جي ٿوهي جي اڳيان ۽ پويان پلاڻ تي ٺهي بيهي. ان جا هيٺيان ڪَشا سوگها ڪري ٻڌجن. ان جو هر پاسو انگريزي اکر"V" جهڙي شڪل جو ٿئي. ڇهه عورتون ڇڻن ٻارن سميت، ٻنهي ڪِتن ۾ ويٺيون. جيئن ته ؛V؛ جهڙي ڪِتي ۾ ويهڻ ڏکيو هو، انڪري هيٺان اڌ تائين ان کي سنڌي رلين يا سوڙن سان پربو ۽ پوءِ ان تي ويهبو آهي. ڏهه ميل مفاصلو طئي ڪرڻ لاءِ پنج ڪلاڪ ڪن لڳي ويا. جنهن وقت ڇچ ڪنهن ڳوٺ کان لنگهي تي ته عورتن کي سهرن ڳائڻ لاءِ چون پيا ۽ ڳوٺاڻا ٻاهر نڪري پيا اچن. ان وقت سنڌي عورتون منهن ڪونه ڍڪينديون هيون، انڪري ڪنهن کي به اعتراض نه هو. جت مهار هٿ ۾ ڪري اٺ جي اڳيان پنڌ هلندو هو. اٺن کي موندر ڏانهن ويندڙ رستي سان چرڻ کان ڪنهن به نه روڪيو. ڪچي رستي جي ٻنهي پاسن تي چانو لاءِ وڻ پوکيل هئا ۽ ڪيڇي وچڻ کان وڻن تي انگ لکيل هئا. 11 ٺي ڪجاون تي ويٺل ٻارن وڻن وارا انگ پڙهيا پئي، جنهن جي عورتن ۽ ڪن مردن کي، جي اڻ پڙهيل هئا، حيرت پئي لڳي. عورتن ان وقت دانهون ڪيون، جڏهن هڪ اٺ ٻير جي وڻ مان چرڻ لاءِ ايترو ويجهو ويو، جو وڻ جي ٽارين يا ڪنڊن لڳڻ جو خوف ٿين. عورتن جي ڏانهن تي وڏڙن، جتن کي خبردار ڪرڻ لاءِ ڇينيو. جڏهن اسين منزل تي پڳاسين، تڏهن منهنجا گوڏا ۽ پنيون سور پِيون ڪن، ۽ مون اٺن کي آخري الوداع چيو. گهڻو پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته عورتن جي دڏ وارن هڏن ۽ ڍونگري جو زاويو مردن کان مختلف هئڻ ڪري کين اوکڙو ويهڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿئي ٿي، پر مون سان ڏاڍي ٿي. ورندي ڏهه ميل پنڌ ڪرڻ واري هوڏ ۽ فيصلي جي ڪري بابا مون کي دادوءَ وٺي ويو ۽ اتان گاڏيءَ تي قلجي اسٽيشن تي آڻي لاٿو. ڪو فائدو ڪونه ٿيو، جو مون به ميل پنڌ دادو لاءِ ۽ ٽي ميل قلجيءَ کان ڳوٺ پهچڻ لاءِ ڪيو، پر مون شهر، ان جا دوڪان، رستا ۽ ريل جو رستو وغيره ڏٺا.

گاجيءَ جي ڏاچيءَ گورو ڄڻيو، جيڪو مون کان ڏگهو هو، انڪري هٿالُو تي نٿي سگهيو. هو ان جو کير ڪونہ پيئندا هئا، انڪري گوري لاءِ ڇڏيندا هئا، تنهنڪري هو جلدي وڏو ٿيو. جڏهن مان 15 سالن جو ٿيس تہ بابي کي تِلي وڌڻ جي تڪليف ٿي. هن کي ڏاچيءَ ۽ گڏهہ جو کير اڌو اڌ ملائي پيئڻ جو ڏس مليو، پر ڪيس ان مان فائدو نہ ٿيو ۽ هن ٻيا پنج سال تڪليف ڪاٽي. مون ڊاڪٽر نور حسين انصاريءَ جي مشوري تي پيليو ڊرپَ ڪئينن واريون ٽڪيون سال تائين ڪيس هڪ ٽڪي روز کارائي، تڏهن صحتياب ٿيو.

منهنجو سڀ کان پهرين اٺ تي سواريءَ جو تجربو ڇهن سالن جي عمر ۾ ٿيو، جڏهن امان ۽ بابو مون کي، جَهيرجيءَ ۽ ڪڪڙ جي وچ ۾ واقع ڳوٺ ڪيڙٽ وٺي ويا. ڳوٺ ٽَڳا جي پرسان ستياري وارو تانگهو وهڪرو (سنڌو درياءَ جي پراڻي شاخ) پار ڪرڻ مهل اٺ اڳتي هلڻ کان نابري واري. پاڻي فوٽ کن اونهو ۽ 33 فوٽ کن ويڪر ۾ هو. سڀ ڪوششون ۽ ڪُتڪا اجايا ٿيا، سو ان کي سؤ کن فوٽ پوئتي ورائي ويا تہ جيئن پاڻي وساري. ان جون اکيون ٻڌي وري آيا ۽ پوءِ مارڪٽ ۽ هڪلون ۽ هوڪرا ڪرڻ بعد وچي پار ٽپيو. پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ ٿر ۽ ڪوهستان ۾ پاڻيءَ جي ڳولا واسطي اٺ تي سواري ڪرڻي پئي. جتي جيپ نٿي وئي، اتي لاءِ اهائي سواري هئي، پر ڏاڍي ٿڪائيندڙ. ڇاڪاڻ تہ هو ساڄي پاسي واريون ٻئي ٽنگون، هڪ ئي وقت چوري سوار کي کاٻي پاسي ڏڏڪو ڏئي، ۽ وري کاٻي پاسي واريون ٽنگون هڪ ئي وقت چوري سوار کي ساڄي پاسي اڇل ڏئي. مطلب تہ اهڙي ورزش وانگر جنهن ۾ ٽڙ واري سان ساڄي ۽ کاٻي جهڪائجي. مان اها ڪسرت پسند ڪيان ها، پر جي پير زمين تي هجن ها نہ کي پاکڙي تي، جو ان سان گڏ جهُڪجي ٿو. مون خيال ڪيو تہ اها سواري ڳوٺاڻن لاءِ مناسب هئي، جن کي هر مسافريءَ بعد آرام ڪرڻ لاءِ وقت بہ هو.

مون 1975ع ۾ رياض (سعودي عرب) ۾ سونجهه (Curiosilty) جي ڪري اٺ جي گوشت جو سُڏيون (Steaks) کاڌيون. اهي ڍڳي ۽ گهوڙي جي گوشت جي سُڏينُ جهڙيون هيون. مون 1951ع ۾ آمريڪا ۾ گهوڙي جي گوشت جون سڏيون کاڌيون هيون. ترڪٽرن جي اچڻ سان اتي جي حڪومت مناسب سمجهيو ته گهوڙي جي ڪوس تان پابندي ختم ڪري، ان جي گوشت جي مشهوري ڪن، ته جيئن گهريچا جانور پاليندڙ، هن متروڪ جانور مان ڪجهه لاڀ حاصل ڪن. ڊورن، اٺن ۽ گهوڙن جو گوشت ڏسڻ سان سڃاپجي ٿو، پر انهن جون پچايل سُڏيون ڏسڻ توڙي کائڻ ۾ ڍڳي جي گوشت جهڙيون آهن.

1955ع ۾ سينٽرل هوٽل ڪراچيءَ وارن يورپي مهمانن کي گڏهه جي گوشت جون سُڏيون کارايون پرڪنهن شڪايت نه ڪئي. پوءِ جڏهن گڏهه جي منڍي لڌي، تڏهن مالڪ تي مقدمو قائم ٿيو ته هن ڪيترن ئي مهينن کان وٺي هوٽل ۾ گڏهه جو گوشت پئي هلايو!

سنڌ ائن پالڻ جو ملڪ پئي رهيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اٺ لاءِ چاليهه نالا آهن. جت انهن تي ناز ڪن ۽ متن سينگاريل پاکڙا ۽ ڪجاوا وجهن. هو انهن کي ڇيريون، پتل جا زيور ۽ ڳچيءَ، گوڏن، پيرن ۽ پنيءَ تي سُٽ يا ان جون زيبائشي شيون پارائين. ڪيترائي اهڙا اسم هنر ۽ آرائش جي نمونن طور عجائب گهرن ۾ ملندا. ارڙهن سو آسيءَ واري ڏهاڪي جي شروع ۾، سر رچرڊ برٽن جي تنبو نما مقبري ۾، اٺ جي سَنجن ۽ سينگار جو مڪمل گنج رکيل هو، جو ڪنهن چور کوليو هو، پر رايل جيوگرافيڪل سوسائٽيءَ جي صدر ورائي محفوظ ڪرايو. سنڌي مسلمانن جي نظام مراتب ۾ جَتُ ذات گهٽ سمجهي وڃي ٿي، حالانڪه پنجاب جا ڇهڙا ۽ سک سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جا جت ۽ هند - سيٿي قبيلا آهن ۽، ساڳيءَ ڪوپريءَ ۽ نسل جا ماڻهو آهن، جن جو اصل موهين جي دڙي جي ماڻهن سان ملي ٿو جن جي کوپڙي به ساڳئي قسم جي آهي.

# هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻ

منهنجو مامو نور محمد 1930ع ۾ اي. وي اسڪول خيرپور ناٿن شاهه ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ ويو. اهو اسڪول ان ڪري پسند ڪيو ويو، جو رهائش جو انتظام پاسي واري ڳوٺ ۾ هو. سنڌس ڀاءُ مرحوم محمد نواز جو پٽ سيف الدين 1934ع ۾ اي. وي اسڪول سيوهڻ ۾ پڙهڻ لاءِ ويو، جتي هو پنهنجي ناني جي دوست وٽ رهيو. ساڳئي سال وڏيري الهه ورائي پنهنجي پٽ مولا بخش کي اي. وي اسڪول دادوءَ ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ۽ چارٽن وٽ رهايو. نور محمد 1933ع ۾ خيرپور ڇڏي ٺٽي باگي ۽ پوءِ ميهڙ آيو، جتي شاگردن جي رهڻ لاءِ بورڊنگ هائوس هو. اهڙيءَ ريت ڳوٺ ۾ ٻارن کي مئٽرڪ تائين انگريزي پڙهائڻ لاءِ سرگرمي پيدا ٿي.

1932ع ۾ امڙ بابي کي چيو ته ”اسين به حُسين کي پڙهڻ لاءِ موڪليون.“ بابي چيس ته ”اسان وٽ زمين نه آهي.“ امان وراڻيو ته ”اسين وڏيڪ مينهون ڏاري، روزانو سير کن مکڻ پيدا ڪري سگهون ٿا، جنهن مان اسان کي سنڌس پڙهائيءَ جي خرچ جيتري آمدني ٿيندي.“ بابي چيس ته ”توهين ٿي چٽيون اڌ سير جيتري مکڻ ولوڙڻ تي هڪ پهر (ٽي ڪلاڪ) لڳايو ٿيون ته اسان کي انهيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ ڇهه ڀيون مايون گهربيون.“ مون مسئلو سمجهيو پر حل ڪري نٿي سگهيس. سوچيم ته جيڪڏهن هوشيار ٿيان ته هڪ ڏينهن مون کي ضرور وظيفو ملندو.

خوشقسمتيءَ سان 1935ع ۾ اٿين ٿي ٿيو ۽ مون ميهڙ هاءِ اسڪول پسند ڪيو، ڇو جو مامون نور محمد اتي پڙهندو هو. 1936ع ۾ عبدالباقيءَ کي به پٽس حافظ محمد موسيٰ انگريزي پڙهڻ لاءِ دادوءَ موڪليو. مولا بخش ڪند ذهن هئڻ ڪري انگريزي پڙهي نہ سگهيو، سو مولوي ٿيڻ لاءِ ملان اسڪول موڪليو ويو. اها پٽس جي ڪوتاهہ انديشي هئي. ان کي فارسي ۽ عربيءَ جي درس مڪمل ڪرڻ ۾ ڇهہ سال لڳا. 31 مئي 1942ع تي اسان جي ڳوٺ ۾ سندس دستاربنديءَ جي تقريب ٿي. اهو شايد جمعي جو ڏينهن هو، جو درجن کن ملان، مولوي ۽ حافظ تقريب ۾ شريڪ ٿيا. مان دادو اسٽيشن تان سرڪاري اخبار وٺڻ ويو هئس، جيڪا ڪراچيءَ کان 12 بجي واري گاڏيءَ ۾ پهتي. مان نتيجي وارو پرچو وٺي ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ اچي قلجي اسٽيشن تي لٿس ۽ ٽين وڳي ڌاري ڳوٺ پهتس. ان وقت جلسو شروع ٿي چڪو هو. مامي محمد صالح ۽ بابي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ مون کان مئٽرڪ جي نتيجي بابت نہ پڇيو. ڳوٺ جا باقي ماڻهو مولوين کي ٻڌڻ ۾ مشغول هئا. ڪن سندن مٿان پئسا پئي گهوريا. مون پاڻ کي چيو تہ ”اڄ منهنجي ڪاميابيءَ جو ڏينهن آهي ۽ مستقبل منهنجو آهي. مون کي ڪاليج پڙهي انجنيئر ٿيڻ لاءِ وظيفو ملندو. هي مولوي اڄ ڪانپوءِ پنڻ لڳندو. سڀ سمجهن ٿا تہ هي جشن سطحي ۽ ظاهري ڏيکاءُ آهي. زندگي گذارڻ لاءِ هو ٺڳي ڪندو، ماڻهو منجهائيندو ۽ پنهنجي نراسائيءَ واري رويي سبب سڄي ڳوٺ جي همدردين کان محروم ٿي ويندو. پر ماڻهو تہ ڏسو ڪيڏو نہ اتساهہ ٿي ڏيکاريائون! ڇو جو هو وڏيري جو پٽ هو. سوچيم تہ هو وڏيري کي اها صلاح ڇو نٿا ڏين تہ ڪيس ڪنهن مانائتي ڪم سان لڳائي!“ هو ٽن سالن بعد گردن توڙ بخار ۾ فوت ٿي ويو. بقول ضياءُ الدين برني ”محمد بن تغلق کي خدا سندس ماڻهن کان ۽ ماڻهن کي هن کان بچايو.“ هو اسان جي ڳوٺ جو دقيانوسي ملان ٿيڻ لاءِ مذهبي تعليم حاصل ڪندڙ آخري شخص هو.

ماڻهو سياڻا ٿي چڪا هئا. هفتي بعد مامي حڪيم محمد صالح ٻڊايو ته ڪيس سڪرنڊ کان نور محمد ٻڊايو ته محمد حسين (مون) کي پڙهائيءَ ۾ بهتر حيثيت جي ڪري وظيفو ملٺو آهي، سو ڊي. جي' سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا وٺي، جيڪو ان وقت سنڌ ۾ بهترين ڪاليج شمار ڪيو ويندو هو.

مان 17 جون تي ڪراچيءَ روانو ٿيس ۽ ڏاڏي کي آخري بار چوندي ٻڌم: "مذهبي تعليم دين جو بنيادي علم آهي. جيڪو تون پڙهندين سو به علم آهي. اهو علم ئي آهي، جنهن ريل جو رستو، گاڏيون، بسون ۽ ڪارون آنديون آهن. اهو ئي علم آهي، جنهن سکر بئراج جوڙي سڄي سال لاءِ پاڻي موجود ڪيو آهي. پاءُ امير بخش چوي ٿو ته تون زمين ڏانهن ڌيان ڏي. چاچهين چوي ٿو ته ڪاليج جي تعليم توکي ڪافر ڪندي. پٺهين اهو سڀ مامهين تي ڇڏيوآهي، جيڪو چوي ٿو ته تون انجنيئرٿيندين. جنهن سال مان ڄائو هئس، اسان جو ڳوٺ جهنگ ۾ هو. جنهن سال مان پرڻيس، مون ڪبوتر کان وڌيڪ تکي هلندڙ گاڏي ڏٺي. تنهنجي ڄمڻ بعد اسان ريل گاڏيءَ کان تيز رفتار ڪار ۽ آسمان تي ماڻهو کڻي هلندڙ جهاز ڏٺا. انڪري وڃي پڙهه، نئينءَ دنيا جو ماڻهو ٿيءُ، پراڻي دنيا تولاءِ بيڪار آهي."

مون محسوس ڪيو ته اهي ڳالهيون هڪڙي مرڻ هارڪي شخص جون هيون. هو مون سان بابي کان به وڌيڪ پيار ڪندو هو. سمجهيم ته اها اجازت سندس زندگيءَ ۾ مون لاءِ آخري آشيرواد آهي.

پهرين سيپٽمبر 1942ع تي درياءَ جي اهڙي ٻوڏ آئي، جنهن جو هن تصور به نه ڪيو هو ۽ اسان جو سڄو گهر ٻڏي ويو. ان اوچتي صدمي جي ڪري بيمار ٿي پيو. سڄي ڳوٺ جا ماڻهو ٽپڙ کڻي ريلوي بند تي وڃي ويٺا، جيڪو ٻوڏ جي سطح کان مٿيرو هو. هن کي اسٽريچر وانگي کٽ

تي ڪٽي ويا ۽ ساڳئي ڏينهن 84 سالن جي عمر ۾ هن وفات ڪئي. هن سمجهيو هو تہ پنهنجي والد، ماءُ، زال ۽ ڏيئرن جي پير ۾، جيڪي سڌ پنڌ جيتري مفاصلي تي پوريل هيون، سان گڏ دفنائجي نہ سگهجندو، چاڪاڻ تہ اهي سندن پوتجندڙ اڳيان اڪين پڌي رهيا هئا. ان کي اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ ساڳئي قبرستان ۾ چاچي قلمي ڪتاب پوريا هئا سي بہ پڌي ويا.

ستينءَ آڪٽوبر تي مان ڪراچيءَ ۾ هئس، جو بابي جو تارو شاهہ کان موڪليل خط مليو، جنهن ۾ ڳوٺ جي پڌڻ، ڏاڏي جي وفات ۽ جاءِ، جتي گهر وارن پناهہ ورتي هئي، تنهن بابت اطلاع هو. مان ڪراچيءَ کان ڳوٺ جي هڪ ميل اوير ۾، جتي بابي جن اوڍر ورتي هئي، اتي پهتس ۽ ڏٺم تہ ڏاڏي جي نہ هئڻ ڪري اسان سڀ چورا پئي لڳاسين. سندس مينهنِ جو ڌڻ هوريان هوريان ختم پئي ٿيو ۽ اسان لاءِ ڏکيو وقت آيو هو. هڪ وقت اهڙو بہ هو، جو امڙ ۽ چاچي مينهن جي مرڻ تي رنيون هيون ۽ هڪ هي وقت ٿيو جو انهن جي ٿهل ٽڪور ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ هو، تنهنڪري اسان انهن کي وڪٽي ڇڏيو.

سال ڏيا پن کان پوءِ مامي محمد صالح گهٽن ماڻهن جي وچ ۾ ويهي ڏاڏي بابت چيو، "مون ولي الله نہ ڏٺو آهي، پر جيڪڏهن ڪو هو تہ محمد حسين جو ڏاڏو ان لائق هو." جيڪڏهن هو چوي ها تہ مان انگريزي نہ پڙهان تہ اهي سندس آخري لفظ هجن ها. مون جيڪا آزادي گهري، سا هن مون کي ڏني. ڳوٺ کان ٻاهر وڃڻ، 1935ع کان 1949ع تائين بورڊنگ هائوس ۽ هاسٽلن ۾ رهڻ، ۽ ٻيا ٽي سال آمريڪا ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻ مون کي پاڻ تي ڀروسو، ويساهہ، بي محتاجي، منطقي سوچ ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ جيڪو مون زندگيءَ ۾ چاهيو سو مليو. اها منهنجي ڏاڏي جي سوچ هئي، جنهن مون کي انسان بنجڻ ۾ مدد ڪئي.

# ڇا هي هر ڪاهي سگهندو؟

سنڌي هاري اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ به پوئتي پيل هئا. سنڌونديءَ مان سڌو نڪرندڙ پراڻن واهن جي ريج تي ٿيندڙ زراعت نديءَ جي روزانه سطح تي منحصر هئي. ٽن هزار سالن کان ٿيندڙ رڳو ساريون، سست ماڻهن جي پوک، ماڻهن کي متبادلن، ترغيب ۽ روشناسيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو هو. درياءَ مان جيڪي واهه نڪرندا هئا، انهن ۾ پاڻيءَ جو مدار، درياءَ ۾ پاڻيءَ جي موجودگيءَ تي هو. پنجن سالن مان ٻن سالن ۾ پاڻي گهٽ هوندو هو، دير سان ايندو هو يا جلدي لهي ويندو هو، انڪري فصل تباهه ٿيندا هئا. غربت رهندي هئي،جنهنڪري ماڻهو پوئتي پئجي ويا. جيڪڏهن ڪو ڀاڳ سنوارڻ لاءِ سخت محنت نه ڪندو هو ته هر ڪو ڪيس خبردار ڪندو هو. انگريز حڪومت تعليم جي نئين نظام وسيلي سرڪاري نوڪرين لاءِ نوان موقعا پيدا ڪيا. تنهن سرڪاري نوڪرين مان زرعي پورهئي کان سرس آمدني هئي. ان سان شهرن ۾ رهڻ جو موقعو مليو ٿي، جتي ڀرڙيءَ جي پيٽ ۾ زندگيءَ جون سهولتون وڌيڪ هيون، جنهنڪري تبديلي لازمي هئي. اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن کي اها خبر نه هئي، ڇو جو عملي طور اهو ڪنهن به ثابت نه ڪيو هو. مان پنج درجا سنڌي پاس ڪرڻ بعد دادو ضلعي جي ڏهن ڇوڪرن مان هڪ هئس، جن کي مقابلي جي امتحان پاس ڪرڻ تي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ماهوار ست روپيا وظيفو مليو. ٻيءَ صورت ۾ مان هاري، تپيدار، پرائمري

استاد يا آبدار هجان ها، جيڪڏهن ڏيهي ٻوليءَ جو ڪاميٽي امتحان پاس ڪيان ها (جيڪو مون ڪيترا سال پوءِ ميھڙ ۾ مئٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهڻ وقت سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر کڻي پاس ڪيو ۽ حڪومت سنڌ جي سرڪاري اخبار (Sindh Government Gazette) ڊسمبر 1941ع ۾ ڇاپايو ويو.) ڏاڏي جي ڀاءُ امير بخش ڪيس (ڏاڏي کي) چيو ته ”انگريزي پڙهڻ اجايو آهي، ان سان هي سست ٿي ويندو. پڙهڻ لکڻ سٺو آهي پر هن کي اٺن ماڻهن جي آکهه تاڻڻي آهي، جا هاريءَ جي سکيا کان سواءِ ممڪن نه آهي. هيءُ بنهه بيڪار ٿي ويندو!“

مئي 1942ع جي هڪ گرم منجهند دؤران مامي محمد صالح جي گهر واري مَنَهَن کي باهه لڳي. عورتون پردو ڪنديون هيون، انڪري مون ۽ مامي جي ڀائٽي قمرالدين ٻنهي هٿن ۾ ڏول کنيا. واٽر ڪوَرس جو فقط 100 فوٽ دور هو، اتان پري گهر جي ست فوٽ اوچي احاطي مٿان ٽپائي عورتن کي ڏناسين ٿي، جن اڌ ڪلاڪ کن ۾ باهه تي قابو پاتو. پوءِ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ مرد به مدد لاءِ پهچي ويا.

ڏاڏي جي ڀاءُ، بابي ۽ ڏاڏي کي چيو ته ”هاڻي هي هر هلائڻ لائق ٿي ويو آهي، تنهنڪري ان جو پورو فائدو وٺو!“ بهرحال مون مئٽرڪ، بي.اي (مڪئنيڪل اينڊ اليڪٽرڪل) ۽ ايم . ايس . سي اڳريڪلچر انجنيئرنگ آمريڪا مان ڪري ۽ اتي 1953ع تائين عملي ڪم (-Practi cal training) جي تربيت ورتي. 1954ع ۾ سنڌ ۾ اڳريڪلچر انجنيئر جي حيثيت ۾ مون 14 چينِ وارا ٽرئڪٽر (Crawler tractors) آڻي، منڇر ۾ پاڻي پرجڻ کان اڳ، ڇئن مهينن مارچ کان جولاءِ دؤران، 20 هزار ايڪڙ زمين کيڙائي. هو (امير بخش) مون کي دادوءَ ۾ مليو ته ڪيس پنهنجي جيپ ۾ چاڙهي منڇر وٺي ويس. ڪيٽرپلرD-8 ٽرئڪٽر جي پويان 22 فٽ ويڪر واري ۽ 28 انچ قطر جي ڪلٽيويٽر ڊسڪ ( Cultivator

(disc) لڳائي، هڪ ڪلاڪ اندر پنج ايڪڙ زمين ڪيڙي، ڪيس چيم ته ”ڏسو! مان هاڻي هر ڪاهي سگهان ٿو، يا نه!“ هن مون سان پنهنجي پٽن جي روزگار بابت ڳالهايو. ڪيس ٻڌايم ته هاڻي هو پڙهڻ جي عمر کان چڙهي چڪا هئا، باقي ٽرئڪٽر آپريٽر جي تربيت حاصل ڪري سگهيا ٿي. جيتوڻيڪ اهو هنري ڪم آهي، پر مزدوريءَ جي زمري ۾ آهي، جنهن ۾ نه آبرو ۽ نه وڌيڪ اجورو ملندو. پر اهي وري به هاريءَ کان وڌيڪ خوش گذاريندا.“ سندس پوٽو عبدالفتاح پوءِ 1996ع ۾ انجنيئر ٿيو، جنهن کي مون پنهنجي ڪمپنيءَ ۾ جاءِ ڏني ۽ بعد ۾ سرڪاري نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.

اميربخش کي جُون 1954ع ۾ حيدرآباد سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو، پر هن آپريشن ڪرائڻ کان انڪار ڪيو. ڊاڪٽر شير محمد بلوچ سمجهيو ٿي ته سندس وڏو آندو بند (Block) ٿي ويو هو، سو ٺيڪ ٿي سگهيو ٿي، پر بيمار جو خيال هو ته جراحت جي ڪمري ۾ مرڻ کان پنهنجي گهر ۾ مرڻ بهتر آهي.

# گرم ۽ سرد کاڌا

قديم ڪاڌا ٻن درجن ۾ ورهايا ويا هئا، گرم ۽ سرد. گرم ڪاڌا اونهاري ۽ بخار ۾ نہ پر ڪنگهہ ۽ ليس جي حالت ۾ کائبا هئا. چانهہ گرم هئي جا دوا طور تڏ کان ٿيندڙ بيماريءَ ۾ استعمال ڪبي هئي. مليريا بخار ۾ جسم کي اضافي گرمي ڏيڻ لاءِ چانهہ پياري، سوڙ وجهي، بستري ۾ سمهاربو هو تہ بخار پگهرجي نڪري. ڪکڙ گرم هو جو سياري ۾ يا بيماريءَ بعد طاقت مهيا ڪرڻ لاءِ کارائبو هو. بيضا گرم هئا ۽ انهن جو کائڻ هميشہ نقصان ڪار هو. ڳاڙها مرچ گرم ۽ ڪارا سرد هئا. برف گرم هئي پر ڳريل حالت ۾ ٿڌي، ڇو جو منجهائنس گرمي نڪتل هئي.

انهيءَ تضاد جي ڪري مون گرم ۽ ٿڌا ڪاڌا درج ڪرڻ چاهيا. مختلف ڪاڌن بابت جدا جدا گهرن مان جاچ ڪيم. جيئن تہ ان معاملي ۾ عورتن کي مهارت هئي، سو ڳوٺ جي 20 عورتن سان انٽرويو ورتم. نتيجو مزيدار نڪتو، ڇو جو گرم ڪاڌو ڪن لاءِ ٿڌو هو تہ ڪڏهن ان جي برعڪس. مون سمجهيو تہ گرم ۽ سرد ڪاڌا پوڙهين ماين جا قصا هئا، جن تي ڀروسو ڪرڻ درست نہ هو. مثال طور کير گرم تہ هو پر ڪن ماڻهن لاءِ طاقت ڏيندڙ ۽ جسم تي چربي ڄمائيندڙ هو. بهتر نتيجي حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي ڪوسو ڪري گرمي ڪڍجي، پوءِ تہ ان جو اثر ٿڌو ٿيندو. کنڊ کائجي تہ گرم آهي؛ پر کير ۾ ملائڻ سان گرمي ختم ٿيو وڃي ۽ کير ۾ کنڊ، طاقت لاءِ ٿڌو ڪاڌو آهي. ٻيون هيون بيڪار سوچون

۽ ڳالهيون، انڪري منهنجي ننڍپڻ کان ئي اهڙي قسم جي علاج مان دلچسپي ختم ٿي وئي.

گرم ۽ سرد کاڌن جو بنياد شايد موهين جي دڙي واري دؤر جو هجي. 800 ق. م کان 60 عيسوي تائين پونچ سمنڊ تي يونانين جي هڪ هٽي هئي ۽ باربريڪان بندر (ڀنڀور) رستي هو سنڌ سان واپار ڪندا هئا. يونانين اها ڄاڻ ڏکڻ ايشيا مان گڏ ڪئي ۽ يوناني حڪيم هومرلي (Ho-merley) جي استعمال ڪيل ٿي پاڻنجي، جنهن بيمارين ۽ دوائن کي گرم ۽ سرد قسمن ۾ ورهايو هو. انهيءَ نظريي سڄي دنيا، بشمول عربي ۽ آيرويدڪ طريقي کي متاثر ڪيو ۽ گذريل 20 سالن ۾ هوريان هوريان هي طريقو غائب ٿي ويو، جيتوڻيڪ ڏکڻ ايشيا ۾ عورتون گهرن ۾ حڪيم ۽ ويڄ اڃا تائين ان ۾ ويساهه ڪن ٿا. سورهين صديءَ ڌاري ڪنهن آريا ويڄ هنديءَ جي هڪ نظم ۾ نرم - سرد کاڌن، طبي ٻوٽين ۽ ٻوٽن جو ذڪر ڪيو آهي. گهڻن ماڻهن کي اڃا تائين اهو بر زبان ياد آهي، پر ان کي ماڻهن وقت به وقت تبديل پئي ڪيو آهي، انڪري جو ڪي به ٻه پيڙهيون هڪ جهڙيون نه هونديون آهن.

ڇاڪاڻ ته گرم ۽ سرد بابت هر گهر ۾ ڳالهه ٿيندي رهندي هئي انڪري آءٌ ڪاڄ جي گرم ۽ سرد کاڌن جي هيٺ فهرست (List) ڏيان ٿو.

### تمام گرم کاڌا:

جوئر، ڪڪڙ، سيني قسم جا (Nuts)، چاءِ

### گرم کاڌا:

چانور ۽ ٻاجهريءَ کان سواءِ سڀ داڻا (grains) سڪل مٽر چڻا، بيهي داڻا، داليون سواءِ ساين دالين جي، آنا، واڱڻ، ڪوپرو، پڪل انب، سڀ تيلي ٻج، ڳاڙها ۽ ساوا مرچ، ڪيترا مصالحا، پٽاٽو، ڪنڊ، مينهن جو کير، رڍ، ٻڪري ۽ ڍڳي جو گوشت ۽ رڍ جو کير.

## ٿڌا ڪاڌا

ڇانور، ٻاجهري ساوا مٽر ۽ ڇٽا، ٽماٽو، ترنج (citrus) جا سڀ ميوا، ڇانهيون، ڪچو انب، مکڻ، گهه، هيڊ، هلدي، ڪيلو، پالڪ، سايون ٻاڇيون، ڳڙ، ڍڳيءَ جو کير، ٻڪريءَ جو کير ۽ لوڻ.

## تمام ٿڌا ڪاڌا.

ليمون، ٻير، سيڪيل سائو انب، ڏنئورو ۽ لسي.

# اسان جي مخطوطات جو
# ناقابل تلافي نقصان

منهنجو چاچو قرآن شريف ۽ ٻن سالن کان وڌيڪ پرائمري اسڪول ۾ نه پڙهيو. ڪانگريس خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اسڪول ڇڏايو ويو، تنهنڪري هو ڪٽر مذهبي ٿي ويو. هو منهنجي پرائمري ۽ هاءِ اسڪول جي پڙهائيءَ جو مخالف هو. جڏهن ته منهنجي هاءِ اسڪول، ڪاليج ۽ پوسٽ گريجوئيشن واري پڙهائيءَ جي به خلاف هو. هن کي پڪو يقين هو ته انگريزيءَ جي پڙهائي، ماڻهوءَ کي ڪافر بنائي ڇڏي ٿي. ننڍي هوندي مون ماسٽر مولوي عبداللطيف کي ڪٽڪ جي اٽي جي لئي ۽ ڪاٺ جي شڪنجي سان ڪتابن جي جلدبندي ڪندي ڏٺو هو. ڪم آسان هو، تنهنڪري مون پنهنجي ڪتابن جي جلدبنديءَ جي شروعات ڪئي. بعضي سندس زال کان، جيڪا منهنجي ماسي هئي، ڪم ڪرڻ لاءِ اشڪنجو وٺڻ ويندو هئس. اسان جي گهر ۾ اٽڪل درجن کن قرآن پاڪ، فارسي ۽ عربي ڪتابن جا نسخا هئا. مان بنا سمجهڻ جي پڙهي سگهيس ٿي، جو لکٽي سنڌيءَ وانگر هئي. هڪ قرآن پاڪ جو نسخو 1108 هجري يعني اٽڪل 1697ع جو هو. جنهن تي ڪاتب جو نالو ۽ جاءِ ڄاڻايل نه هئي، پر ڏاڏي چيو ته اهو پيڙهي به پيڙهي وڏن کان پئي مليو آهي. چاچي زور پريو ته جيڪڏهن اهي پاڪ ڪتاب پڙهڻ يا حوالي لاءِ ڪم نٿا اچن ته شهيد

ڪيا وڃن. مان هوند انهن جي قدامت، نايابي، سهڻي ڪتابت، ڪن صفحن، تلهي ۽ ڪهري هٿ جي ٺهيل ڪاغذ، ڪوٺلي، دونهين جي ڪارنهن ۽ ڪوئر مان ٺهيل ڪاري مس ،ڳاڙهي ۽ ٻين پراڻن طبعي مصنوعات مان ٺهيل رنگن، هر صفحي تي رنگين حاشيا، نون ٻابن تي ٽيل گلڪاريءَ جي نمونن ۽ سڀ ڪان وڌيڪ اُن جي لاثانيت جي ڪري ان تجويز جي مخالفت ڪيان. مون اهو به سمجهيو تي ته ڇاهِ اسڪول جيٰ پڙهائيءَ بعد مان انجنيئرنگ يا ميڊيڪل لاءِ وظيفي ملڻ تي شهر ويندس، جتي اهي ڪتاب پنهنجي قدامت، سونهن ۽ قدامت ۽ ڪڏهن حوالن لاءِ محفوظ ڪيا ويندا. 1942ع ۾ مون ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پهرئين سال سائنس ۾ داخلا ورتي. چاچي کي خبر هئي ته مان چار پنج مهينا ڳوٺ ڪونه ويندس، انڪري هن سڀ نسخا ڪيڏي قبرستان ۾ ڪڏ کوٽي پوري ڇڏيا. قبرستان ۾ سمر ۽ سيڪ نه هو، تنهنڪري مان اهي ڪتاب ڪيڏي بچائي سگهيس تي، پر آگسٽ 1942ع ۾ سنڌونديءَ ۾ گهاري پوڻ ڪري، سکر جي اتر ڪان بچاءَ بند ڀڳو ۽ دادو تعلقي ۾ اتر - اولهه ڪان تمام وڏي ٻوڏ آئي، جنهن ۾ درياءَ جو ساڃو پاسو، سيوهڻ تائين ٻوڏ هيٺ اچي ويو ۽ پهرئين سيپٽمبر 1942ع تي اسان جو ڳوٺ قبرستان سميت، ٻڏي ويو. اتي اٽڪل ڇهن مهينن تائين پاڻي بيهي وڃڻ ڪري سڀ نسخا ڳري خراب ٿي ويا. ڇاپي ڪتاب، جيڪي بابي پڙهيا ۽ ورتا هئا ۽ هڪ ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ تالي سان بند هئا، سي بچي ويا. بابي جي وفات ڪان ڪجهه سال پوءِ 1962ع ۾ چاچي منهنجي ويڳي پاءَ کي چيو ته هو ڪتابن جي گڏيل ذخيري مان اڌ جو وارث هو. محمد حسينؔ (مون) کي انهن ۾ دلچسپي ناهي، تنهنڪري اهي مسجد ۾ ڏنا وڃن. بابي ۽ ڏاڏي جا سمورا ڪتاب ڳوٺ وَاريءَ مسجد ۾ رکيا ويا، جتان جلدي چورائجي ويا. جيڪڏهن مون کي خبر پوي ها ته آءٌ ڪيس ڪجهه پيسا ڏئي ڪتاب بچائي وچان ها، پر ڪنهن به مون کي ان جو اطلاع ڪونه ڏنو.

# رت جو گهٽ دٻاءُ

مون کي ننڍي هوندي کان ئي رت جو هيٺيون دٻاءَ هوندو هو. مون کي سٽيءَ منهان پيل آهي ۽ شايد کير هضم ڪرڻ ۾ دقت ٿيندي آهي. نتيجي طور مون کي روزانو ئي پيرا ڪاڪوس ۾ وجڻو پوندو آهي. سڄي گهر جي سموري ڪوشش اها هوندي هئي ته مون کي سنهي بدن ۽ واڌ ويجهه ۾ کوٽ جي ڪري مرڻ کان بچايو وڃي. مون کي 25 سالن جي عمر تائين خون جي دٻاءَ جي اهميت جي خبر ڪانه هوندي هئي. مون کي منهنجي دوست ڊاڪٽر نور حسين انصاري ٻڌايو ته ڪيس منهنجي سياري ۾ 80-120 ۽ اونهاري ۾ 70-110 واري خون جي دٻاءَ تي رشڪ ايندو هو. سرت وارو هئڻ ڪري آءٌ اڪثر پنهنجو خون جو دٻاءُ جاچيندو هوس. ان مان مون کي ننڍپڻ کان وٺي پنهنجي حالت جي خبر پئي. 1953ع کان منهنجو ڪم هوندو هو بلڊوزرن جي ڪم ۽ ٽيوب ويل کوٽڻ واري ڪم جي نگراني ڪرڻ. ان لاءِ مون کي سياري توڙي اونهاري سنڌ ۾ سفر ڪرڻو پوندو هو. اونهاري جي گرميءَ مون کي ماندو ڪري ڇڏيندي هئي ۽ پگهر وهڻ سان تڪليف ويتر وڌي ويندي هئي. 45 کان 49 سينٽي گريڊ واريءَ گرميءَ ۾ ٻنپهرن جو ٻين وڳي مون کي مٽي ۾ سور ٿيڻ لڳندو هو، وات خشڪ ٿي ويندو هو ۽ سخت اڃ لڳندي هئي. خون جو دٻاءَ 65.5 تائين ڪري پوندو هو. مون کي هاڻي خبر پئي آهي ته منهنجي ننڍپڻ ۾ مون کي ڇا ٿيندو هو. اونهاري ۾ ته

ڇانو ۾ به مون کي تڪليف ٿيندي هئي. آءٌ چاهيندو هوس ته ليٽي پوان، ۽ پوءِ اسڪول جو ڪم ۽ ٻيا ڪتاب پڙهندو هوس. آءٌ هنڌ تي پاسيرو ٿي ليٽندو هوس ۽ ٽنگون اڀيون ڪري ڀت ساڻ لائي رکندو هوس. دماغ ۾ وڏيڪ رت آڻڻ جو اهو فطري طريقو آهي، پر مون کي انهن ڏينهن ۾ ان ڳالهہ جي خبر ڪانہ هئي. ابراهم لنڪن به هڪڙي سرد ملڪ ۾ ائين ئي ڀت تي ٽنگون رکي ليٽندو هو. شايد ڪيس اهوئي مسئلو هو. ننڍپڻ ۾ ڳوٺ ۽ هاءِ اسڪول وارن ڏينهن ۾ مون لاءِ اپريل کان جولاءِ وارن مهينن ۾ نسورو ويل هوندو هو. جيستائين مينهن وسڻ سان گرميءَ جو درجو جسم جي گرميءَ جي درجي کان هيٺ نہ اچي وڃي. پر سياري ۾ مون ۾ گهڻي طاقت پيدا ٿيندي هئي ۽ گهڻو ڪم ڪري به مون کي ٿڪ ڪونہ ٿيندو هو. انهن ڏينهن ۾ خون جو دٻاءُ 115.5 کان 75.5 تائين رهندو هو. اها حالت منهنجي سڄي عمر ۾، ويندي اڄ تائين رهندي پئي اچي. ايئرڪنڊيشنڊ جي مهرباني، جو ان ۾ گرميءَ جو درجو 20-24 تائين رهي ٿو. 1960ع کان ان منهنجو مسئلو حل ڪري ڇڏيو آهي.

مون پنهنجي دوست ڊاڪٽر علي محمد چوڌريءَ سان ان بابت ڳالهايو تہ هن چيو تہ ڳڻتي نہ ڪريان، ڇاڪاڻ تہ خون جي هيٺين دٻاءَ وارن ماڻهن لاءِ توقع آهي تہ اهي گهڻو جيئندا آهن. مون کيس ٻڌايو تہ ٻين ماڻهن جي جسماني گرميءَ واري درجي F.98.4 جي مقابلي ۾ منهنجي جسماني گرمي وارو درجو گهٽ F97 سينٽي گريڊ رهندو آهي. هن چيو تہ جيڪڏهن آءٌ جسماني گرميءَ وارو درجو 96F سينٽي گريڊ تي آڻي سگهان تہ 125 سال جيئرو رهندس، پر اها ڳالهہ منهنجي وس ۾ ناهي. مون ٻڌو آهي تہ هندستان ۾ يوگي ائين ڪري سگهندا آهن.

منهنجي سڄي ڪٽنب، ڏاڏاڻن توڙي ناناڻن کي رت جي گهٽ دٻاءُ وارو مسئلو درپيش آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اهي ضروري قدن ۾ ڪونہ پون. مسئلا ڏاڍيءَ تڏائي سان حل ڪندا آهن، ان ۾ نقصان بہ ڪايو

وڃن ۾ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا آهن. منهنجو ڏاڏو ۽ پيءُ اهڙي قسم جا ماڻهو هئا. منهنجي ٻن مامن حڪيم محمد صالح، نور محمد، سندن ماءُ سفوران ۽ ڀيڻ سيائيءَ کي به ساڳي بيماري هئي، منهنجي پيءُ کان سواءِ جنهن جي وفات تماڪ ڇڪڻ ۽ ڪينسر سببان ٿي، باقي ڀين سيني جي عمر 84 کان 91 سالن تائين ٿي. اسان جي ڪٽنب جو اهو جسماني نظام آهي.

مون ۾ اڄ تائين سياري ۾ ڏاڍي طاقت هوندي آهي. اونهاري ۾ F100 سينٽي گريڊ تائين ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي، پرF102 ڊگرين تائين ته مون لاءِ نسورو دوزخ پيدا ٿي پوندو آهي.

# مارڻ جا امڪان - مئٽرڪ جو امتحان

امتحان مارچ جي پهرئين سومر تي شروع ٿيا هئا. ست پرچا ساڍن ٽن ڏينهن ۾ پورا ٿيندا هئا. مون چوٿين ڏينهن رياضيءَ جو پرچو ڏنو. پوءِ مون شهر جي جاين، عجائب گهر، منهوڙو، چڙيا گهر، ڊي. جي سنڌ ڪاليج وغيره ڏسڻ لاءِ هڪ هفتو وڌيڪ گذاريو. منهنجي ڪلاسين مان گهڻن اهو چئي انڪار ڪيو ته هو مائٽن جي موڪل کان سواءِ سمنڊ ۾ واقع منهوڙو ڏسڻ نه هلندا. مان 16 مارچ تي ڪراچيءَ کان حيدرآباد پهتس ۽ چار ڏينهن لڳائي، حيدرآباد شهر ۽ آسپاس وارا ڳوٺ ڏسي، 20 مارچ تي قلجي اسٽيشن ۽ پوءِ ڳوٺ پهتس.

بابو منهنجي اطلاع ڏيڻ کانسواءِ ئي اڳ ۾ ريلوي اسٽيشن تي ٻي چينيءَ سان منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. هن چيو ته مان ڪيس اچڻ جو چاڻ ڪريان ها. چيائين ته توکي خبر ناهي ته تنهنجي ڪاميابيءَ جو ڪيترن ماڻهن کي ساڙ آهي. تنهنجي پڙهي ڪلارڪ ٿيڻ کي ته برداشت ڪندا، پر وڌيڪ پڙهڻ کي نه، اهو تولاءِ ته بهتر آهي، پر هنن لاءِ نه هو. توکي مارڻ بهتر سمجهندا. مان هر روز هتي ايندو آهيان. مون وٽ پرواني (ليسن) واري بندوق آهي ۽ توکي حفاظت سان ڳوٺ وٺي هلڻ لاءِ آيو آهيان. آءٌ ٻي ڊپو هوس ۽ پرواهه ڪانه ڪيم چو ته ورزش ڪرڻ سان آءٌ هنن کان طاقت ۽ ڀڄڻ ۾ تيز هيس، پر هو چور ڪتي وانگر حملو ڪري سگهيا ٿي. ڪنهن کي به مون تي حملي ڪرڻ جو سبب ڪونه هو، جو آءٌ

ڪنهن سان جهڳڙي ڪرڻ وارو نہ هوس ۽ نہ وري مون کي ڪا ڳوٺ جي چوڪري پسند هئي، جنهن کي ڪٽي ڏسان ہا. ان کان پوءِ مان ڪاليج ۾ آمريڪا پڙهڻ لاءِ ويس سو بہ ڳوٺ وارن برداشت نہ ڪيو، پر پوءِ جڏهن 1955ع ۾ ”اگريڪلچر انجنيئر“ ٿيس ۽ ٻن ٽن سالن ۾ ڪي 500 ماڻهو ڀرتي ڪيم، جن ۾ ڪيترا ڳوٺ جا بہ هئا، تہ ساڙ وڌيو. وري جڏهن ساڍن ڇئن سالن کان پوءِ پروموشن مليم ۽ سنڌ ۽ بلوچستانِ جو سپرنٽينڊنگ انجنيئر بنيس ۽ 6000 ماڻهو ڀرتي ڪيم، تہ ڳوٺ وارا نوڪريءَ لاءِ تہ ايندا هئا پر پرپٺ مخالف هئا.

منهنجو پيءُ بلڪل صحيح هو تہ جيڪڏهن ڏسن ها تہ آءٌ اهڙي ترقي ڪري ويندس تہ 1942ع ۾ زندهہ نہ ڇڏين ها ۽ هڪ يا ٻہ ماڻهو ڦاسي ڪائڻ لاءِ تيار ڪن ها.

# جاگيرداري سماج ۾ سريتون

مائٽن طرفان ڇوڪرن جي 16 کان 18 ۽ ڇوڪرين جي 12 کان 14 سالن واريءَ ڄمار ۾ ڪرايل شادي ڏاڍي ڏکيائيءَ سان زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيندي هئي. پر طلاق کي جيئن ته ڏکار جوڳو سمجهيو ويندو هو، ان ڪري بيواه عورتن کان سواءِ ٻيون عورتون مرڻ گهڙيءَ تائين پرڻايون ويندڙيون هيون. انهيءَ ڳالهه جي وچولي، اعليٰ ۽ شاهوڪار طبقن کان سواءِ غريبن ۾ اجازت هئي. عورت اڪثر پنهنجي مڙس جي ڪٽنب وارن جي گهر ۾ ڪٿي ڪٿي مائٽاڻي گهر ۾ رهندي هئي. غريب گهرن ۾ ڪجهه پئسن عيوض عورت کي وڪيو ويندو هو ۽ بيواه عورت کي ساهرا نه، پر جيڪڏهن مائٽن سان رهندي هئي ته اهي وڪڻي ڇڏيندا هئا. اڪثر خريد ڪرڻ وارا عورت جي ٻارن کي پاڻ وٽ ڪونه رهائيندا هئا، ان صورت ۾ اهي ناني يا مامن جي ذميداري هوندا هئا.

ڪيترن ئي زميندارن وٽ سريتون هونديون هيون. جن لاءِ اهي عورت جي مائٽن کي لاڳيتو ادائگي ڪندا هئا. انهن کي پنهنجي ڏاڍي سگهڻ واريءَ طاقت تي ڏاڍو ناز هوندو هو ۽ ماڻهو سندن "مردانگيءَ" جي چاپلوسي ڪندا هئا. ڪيترا سريتن لاءِ پنهنجي ملڪيت وڪڻي ڇڏيندا هئا. ان عمل کي ڪو به ننديندو ڪونه هو. هاڻي ڪي مذهبي ماڻهو ان ڪم جي نندا ڪن ٿا. اهو ڪم اڃا به جاري آهي، پر ان جي ايتري تشهير ڪانه ٿي ٿئي. سنڌ جو زميندار طبقو اڪثر گهٽيون شاديون

ڪندو هو. اهيٰ اسلام جو ناجائز فائدو وٺندا هئا، جنهن ۾ چئن زالن جي اجازت آهي. ڪنهن کي به اها خبر ڪانهي ته گهٽين شادين جي حقيقت ۾ اجازت ڪيئن آهي؟ اهي يهودي جن اسلام قبول ڪيو هو، تن جون هڪ کان وڌيڪ زالون هيون. اهو ساڳيءَ عورت کي طلاق به ڏئي سگهيو ٿي ته ان سان وري شادي به ڪري سگهيو ٿي. قانوني گهرج اها هئي ته اهو ساڳيءَ عورت سان پنهنجي ٻار جي ڄمڻ وقت شادي ڪري. جيئن ته اهو هڪ ئي وقت پنجن زالن سان رهي سگهيو ٿي، ائين اهو درجن عورتن سان به شادي ڪري سگهيو ٿي. اڳواٽ موجود نظام ۾ اهو سڌارو آيو، جو اسلام فقط طلاق مليل عورت سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني جنهن سان وچ ۾ ڪو ٻيو شخص شادي ڪري. ائين شاديءَ واري قانون جي تڪميل ڪئي وئي ۽ طلاق جي اجازت ڏني وَئي، طلاق کان پوءِ يڪدم عورت جي شادي نٿي ٿي سگهي. پر ڪيس چئن مهينن تائين ترسڻو پوندو ته جيئن اها خاطري ٿي سگهي ته ڪيس اڳوڻي مڙس مان حمل آهي يا نه. ٻيو شرط اهو آهي ته سڀني عورتن سان هر معاملي، يعني ويندي پيار ۾ به هڪجهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي، جيڪو عمل ناممڪن آهي.

مقامي ڪلچر ڏاڍا سگهارا ٿيندا آهن ۽ عام طور تي مذهب انهن سان ٺاهه ڪرڻ لاءِ مجبور هوندا آهن. اڪثر غلام عورتون، سريتون بنجي ويون. راجپوت حاڪمن ۽ ٻين اميرن جون به ڪيترين ئي زالون هونديون هيون. سماجي ۽ رياستي سرشتي ۾ دهلي سلطنت ۽ مغل دربار جا امير هڪٻئي کي پنهنجون ڌيئرون پيش ڪندا هئا ۽ ائين ئي اعليٰ درجي تي امير بادشاهن کي پنهنجون ڌيئرون ڏيندا هئا. فتح ڪيل ماڻهن ۽ سپاهين کي عام طور تي قتل ڪيو ويندو هو. انهن جي زالن ۽ ٻارن کي غلام بنائي وڪيو ويندو هو يا حرم ۾ رکيو ويندو هو. ان ڳالهه جو مدار عورت جي سونهن ۽ عمر تي هوندو هو. وڏو حرم رکڻ فخر واري ڳالهه

هئي. سنڌ ۾ اها ڳالهه 1843ع تائين جاري هئي. ان کان پوءِ چارلس نيپيئر ۽ انگريز فاتحن غلام تي بندش وجهي ڇڏي، پر زميندار ۽ شاهوڪار طبقي پيرن، سيدن ۽ بزرگن جون يا ته گهڻيون زالون هونديون هيون يا ته اهي سريتون رکندا هئا. ڪيترن ئي ڳوٺن جي زميندارن وٽ يا ته گهڻيون زالون هيون يا سريتون. حيرت اها هئي ته ڪو غريب ٻي شادي ڪندو هو ته ان تي ٺٺوليون ڪيون وينديون هيون، ٻلي سنڌس پهرين زال سُنڌ هجي. وڏيءَ عمر وارو مرد ننڍيءَ عمر جي زال سان شادي ڪندو هو ته ان تي به طنز ڪئي ويندي هئي. اها خبر ڪانه هوندي هئي ته نفسياتي طور تي جوان عورت کي وڏيءَ عمر وارو مرد وڻندو آهي ۽ وڏيءَ عمر واري مرد کي ننڍيءَ عمر واري عورت پسند ايندي آهي. فقط هڪڙي نفسيات دان اهو چيو آهي ته 20 سالن جي عمر ۾ مرد کي ماءُ جي ساهيڙي وڻندو آهي ۽ 60 سالن جي عمر ۾ ڌيءَ جي ساهيڙي. زالن لاءِ به ساڳي ڳالهه سچي آهي.

# ضميمو: متفرق خيال

مون کي نَون سالن جي عمر کان جوتشين، زائچو ڪيندڙن، هٿ ڏسندڙن ۽ رملين تي ويساهہ ڪونهي. انهن پيشيورن مان اڪثر اڏينگا ڪپڙا پهريل، ڪڏاتورا،گدلا، گهچلا ۽ الٽپڙهيل ٿين، جن بابت سوچي نٿو سگهجي تہ وٽن ڪا سياڻپ جي ڳالهہ هوندي.

●

سنڌ جي تاريخ ۾ اسان کي اهڙا تي عمدا مثال ملن ٿا. هڪ جين، چندرگپت موريا (324 کان 298 ق. م)، جنهن 12 سالہ ڏڪار بعد تخت ڇڏيو، سنياسي ٿيَ رهيو ۽ نيٺ بکن وگهي آپگهات ڪيائين. ٻيو معاملو باختري يوناني ٻڌ مذهب جو بادشاهہ ميَنندر (Menander) ، جو يڪشو ٿيو ۽ ٽيون اسٽراٽو پهريون (1-Strato) ، جو 100 ق. م ۾ حڪومت پنهنجي ويڄي ياءُ اپالووڊوٽس (Appollodotus) سنڌ جي گورنر جي حوالي ڪري پاڻ يڪشو ٿيو. اپالوڊوٽس جي مرڻ بعد، سٿين بلوچستان ۽ سنڌ تي حملو ڪيو. هن جي ٽن پٽن ۽ هڪ سوٽ جي 80 ق. م کان اڳ حياتي پوري ٿي. اسٽراٽو پهرئين جي صغير پوٽي اسٽراٽو ٻئي(II-Strato)  کي درٻارين حاڪم بڻائي. ڏاڏس يڪشو کي گهرائي سندس نگران ڪيو. پر اهو 70 ق. م کان اڳ مري ويو. پويان ٻہ ٻہ ٻڌ ڌرم جا هئا.

مهاتما گانڌي ٻڪ ڪاٽڻ وارو عمل شايد جين مذهب جي رهبر مهاوير سواميءَ جي زندگي ۽ پرچار تان سکيو. مهاوير 599 ق. م ۾ هڪ وڏي سردار جي گهر پيدا ٿيو. 29 ورهين جي عمر ۾ دنيا کي ترڪ ڪري فقير بڻيو. ٻڪ ڪاٽڻ هن لاءِ وڏي عبادت هئي. ٻين وانگر ڪِشتو (Beg-ging bowl) به نه رکيائين ۽ ٻڪ تي ڪپڙو پائڻ ڇڏي ڏنائين. مهاتما گانڌيءَ کي جيڪڏهن گولي نه لڳي ها ته به چند هفتن ۾ مري وڃي ها، ڇو ته هن جي گڙدن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو.

●

منهنجو والد ديسي ٻيڙي، جا قارهين جي پن ۾ ويڙهيل تماڪ جي ڪٽيل پنن مان ٺهيل هوندي هئي، ان جو لڳاتار پيئڻ وارو هو. هو 57 سالن جي عمر ۾ ڦڦڙن جي سرطان وگهي فوت ٿيو. ڪرسٽوفر ڪولمبس 1492ع ۾ آمريڪا مان تماڪ اسپين جي راڻي ايسابيلا (Isabela) لاءِ آندو. سورهين صديءَ ۾ پورچوگيزن ان کي هندستان ۾ متعارف ڪرايو. حقو هندستاني ايجاد ۽ شايد گانجي جي ٺيڪري ”سلفي“ جي ٽوپيءَ تان نقل ڪيل هو. سترهين صديءَ ۾ تماڪ ڇڪڻ هندستاني مٿين ۽ هيٺين طبقي ۾ عام ٿي ويو. خداآباد ڳوٺ ضلعي دادو مان لڌل ڇهه حقي جون ٽوپيون منهنجي ماروٽ عبدالله وٽ آهن، جن جي ٻاهران عمدي آرائش ٿيل آهي. 1960ع ڌاري معلوم ٿيو ته تماڪ نوشي سرطان جو ڪارڻ آهي، پر ٽي - وي، اخبار ۽ اشتهارن جي ڪري سنڌ ۾ تماڪ نوشيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. حڪومت سگريٽ برآمد ڪندڙ ملڪن جي دٻاءَ سبب ان کي بند ڪرڻ ۾ سنجيده نه آهي. سگريٽن جي اشتهارن بعد هڪ سيڪنڊ لاءِ ڏيکارين ٿا ته سگريٽ پيئڻ صحت لاءِ نقصانڪار آهي، جڏهن ته هڪ سيڪنڊ ۾ ماڻهو اهو پورو پڙهي به نٿا سگهن. اهو آهي پئسن ڪمائڻ جو طريقو ته ڀلي ماڻهو مرن، پر سگريٽ ضرور وڪامن.

ان معاملي ۾ دولتمند ملڪن جي ضمير جي صحيح خبر پوي ٿي. هڪ طرف ڪيميائي جنگين (Chemical warfare) جي خلاف عراق تي حملا ته ٻئي طرف سندن ملڪن ۾ تهيل ضرناڪ دوائون جن جي استعمال جي سندن پنهنجن ملڪن ۾ سخت منع آهي، اُهي ”آزاد واپار“ جي نالي پوئتي پيل ملڪن ڏانهن وڃن پيون ۽ پيسا پيا ڪمائجن. ساڳي ڳالهہ سگريٽ جي آهي.

●

ايڪويهين صديءَ ۾ پاڻي انساني زندگيءَ لاءِ اٿهوند وارو رُخ اختيار ڪيو آهي. في ماڻهوءَ لاءِ گهربل پاڻيءَ جو مقدار گهٽجڻ لڳو آهي. پاڻي ڪيترن ئي نمونن ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ اُن جي ترجيح ماڻهن، ساهوارن، ڪارخانن ۽ آخر ۾ فصلن لاءِ آهي. پاڻي بچائڻ ۽ وري وري استعمال لائق ڪرڻ جا سوين طريقا ڪتب آندا ويا آهن. زراعت لاءِ پاڻي ننڍين بندن ۾ ڪٺو ڪيو ويو آهي. پاڪستان ۾ 1955ع کان وٺي لڳاتار پاڻيءَ ۾ گهٽتائي ٿئي پئي. 1923ع، 1934ع ۽ 1945ع ۾ اختيار وارن سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ معاهدا ڪيا، پر پنجاب ان جون لاڳيتيون پيڪڙيون ڪندو رهيو. سنڌ جو پاڻي ڏينهون ڏينهن گهٽبو وڃي ۽ پنجاب هر سال آباد ايراضيءَ ۾ واڌارو پيو ڪري. 26 ڊسمبر 1982ع تي سکر بئراج جو هڪ دروازو ڊهي پيو. خوش قسمتيءَ سان واهن بند ٿيڻ وارو وقت ويجهو هو ۽ دروازو ٻئي زمين واري دروازي سان مٽايو ويو. جيڪو اتي تهيل بيٺاريءَ جي سُڪيءَ تي پيو هو. مون اپياس ڪيو ته جي اهو مسئلو آڪٽوبر ۾ پيش اچي ها، ته اسان وٽ ربيع جو فصل نه ٿئي ها، ۽ جي اهو اونهاري ۾ ٿئي ها ته خريف جو فصل ڏڪجي ها.

سنڌ جي تاريخ تي نگاهہ ڪيم ته 700ع ۾ درياءَ رخ بدلايو ۽ ڏاهر هارايو. 1758ع ۾ درياءَ هالا، شهدادپور، اڏيرولال، نصرپور، شيخ

پرڪئي، ماتلي، تلهار، ڪيڻ، لنواري ۽ سنڌڙيءَ ڪان رخ بدلائي، حيدرآباد جي اولهہ ڪان جهرڪ ۽ ڪيٽي بندر وٽان وهيو ۽ ڏهہ لک ايڪڙ زمين غير آباد ٿي وئي. پوءِ فساد ٿيا، خانہ جنگيون ٿيون ۽ ٽالپرن ڪلهوڙن جي جاءِ والاري. پاڻيءَ جي ڪوٽ ۽ غلط ورهاست پاڪستان لاءِ سنگين نتيجن جو باعث بنجي سگهي ٿي.

●

ڳوٺ ۾ ٻين ڪيترن نون اچڻ وارن مان هڪ ٻارن جا رانديڪا وڪڻڻ وارو پٺاڻ هو، جو هفتو ڪن اچي مسجد ۾ رهندو هو. هو سنڌ ۾ نومبر کان اپريل تائين، ٻن فصلن جي لابارن جي موسم ۾ ايندو هو، جڏهن ماڻهن وٽ خرچڻ لاءِ پيسو هوندو هو. ٻين ايندڙ ٽولن ۾ جوڳي، نانگن وارا، نجومي (جي عورتن ۽ سنڌن ٻارن جي قسمت ٻڌائيندا هئا)، ٻوپا يا جادوگر، فقير، پولڙن ۽ رڇن نچائڻ وارا مداري ۽ ڪدڙا فقير شامل هوندا هئا. اهي فقيرَ ان وقت ايندا هئا، جڏهن ڪنهن کي پٽ ڄمندو هو. هو زنانن ڪپڙن ۾ هوندا ۽ گهر ڀاتين کي ڳاني ۽ ناچ سان وندرائيندا هئا ۽ ٻار کي دعا ڪندا هئا. هو خاموش پر ڪليل نموني علتي (مفعول) هئا. ملا انهن تي اعتراض ڪونہ ڪندا هئا، سڀ مٿن ترس کائيندا هئا. 1953ع ۾ ڪِنسيءَ (Kinsey) جي رپورٽ آئي، جنهن آمريڪا ۾ 20 هزار ماڻهن کان سنڌن جنسي ورتاءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ ثابت ڪيو تہ ٻہ سيڪڙو ماڻهو مرد مرد سان لاڳاپو رکڻ وارا آهن.

●

جانورن تي بي ترسيءَ جا ٻہ بدترين مثال سوئر تي ڪتن ۽ رڇ تي ڪتن جي ٻَڇ جا هئا. اهو تماشو مون هڪ ڀيري فقط چند لمحن لاءِ ڏٺو ۽ پوءِ وري ڪڏهن بہ ڏسڻ جي ڪوشش نہ ڪيم، جو دل ڪٽي تي پيئي! ٿورن پيسن حاصل ڪرڻ لاءِ ڦاسايل ساسين جا مالڪ ڪيڏا نہ بي قياس ٿين

ٿا. مون کي يقين آهي ته فقير غربت جي ڪري ائين ڪندا هئا. اسان جي ڳوٺ جا ملا ناچن ۽ نرتڪين جي ڳوٺ ۾ ڳائڻ ڪي برداشت نه ڪندا هئا، انڪري ڳوٺاٺا مزي خاطر ٻين ڳوٺن ۾ راڳ ٻڌڻ ويندا هئا. محمد ماڇي، جو 14 سالن جي عمر ۾ ماتا جي ڪري نابين ٿي ويو هو، سو يڪتاري تي ڳائيندو هو. ملا ترس کائي ڪيس ڪجھ ڪونه چوندا هئا. 1960ع بعد تبديلي آئي، جڏهن ٽرانزسٽر ريڊيو عام ٿيا ۽ ڳوٺ جون عورتون به پاڻ وندرائڻ لاءِ موسيقي ٻڌڻ ۽ ڳائڻ لڳيون ۽ پوءِ ته ملن جا وات به بند ٿي ويا.

●

سنڌ ۾ 32 ڪان 40 انچ زمين اندر، فوٽ ڏيڍ تلهو تهه آهي. جيڪڏهن ماڻهو اتان مٽي ڪڍي، پاڻي وجهي، سرون ٺاهي ۽ پاڻ رازڪو ڪم ڪن ته ٿوري ئي وقت ۾ اهي واهٽي گهرن جوڙڻ ۾ انقلاب آڻي سگهن ٿا.

●

مون کي سنڌ حڪومت آمريڪا ۾ اتان جي انٽرنيشنل هارويسٽ ڪمپنيءَ سان مشيني صنعتي زراعت جي مطالعي لاءِ موڪليو، جا ان وقت انهيءَ ڪم ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪمپني هئي، جنهن ۾ چار لک ملازم هئا. مسٽر محمد ايوب کهڙي مون کي واضح لفظن ۾ ٻڌايو هو ته 28 لک ايڪڙ زمين سکر بئراج تي، 27 لک ايڪڙ اضافي 16 لک سرڪاري زمين ڪوٽڙي بئراج تي ۽ 11 لک ايڪڙ زمين گڊو بئراج تي وڪرو ڪبي ۽ انهن 55 لک ايڪڙن کي آباد ڪرڻ لاءِ اسان کي مڪمل مشيني صنعتي عمل گهرجي ۽ اسين هڪ انچ زمين به ٻاهرين کي نه ڏينداسين. ان ڪمپنيءَ سان مون ٽيڪسز، نيو ميڪسيڪو، ائريزونا، ڪئليفورنيا، شڪاگو، ملواڪي ۽ ٻين ڪيترين ئي جاين تي

ڪم ڪيو. اهو رو ڪراپ (Row crop) ٽرئڪٽرس جو ڪمال هو. ٽرئڪٽر سان شامل اوزارن جي قيمت خود ٽرئڪٽر کان وڌيڪ هئي. 1970ع واري ڍاڪي ۾ حڪومت پاڪستان ٽرئڪٽر سازيءَ جي اجازت ڏني، پر انهن ۾ ڪوبہ رو ڪراپ ٽرئڪٽر نہ هو، انڪري مشيني صنعتي عمل بنهہ ناڪام ٿيو. مون ڪيهہ (لاباري کان سواءِ) ياڇيون، بوهي مگّ 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ مشين سان پوکي تيار ڪيا. بدقسمتي آهي، جو منهنجي 1953ع ۾ موٽڻ کان پوءِ واري عرصي دوران ڪنهن کي اهڙيءَ تربيت لاءِ ٻاهر نہ موڪليو ويو. ولايت مان ڪيترن ئي رسمي سندون يا ڊگريون ورتيون پر سواءِ زميني تجربي جي، ڪجهہ حاصل ڪري نہ سگهيا.

●

ميلن کي جيڪڏهن صحيح نموني ترتيب ڏجي تہ پوءِ اُهي تعليمي، ثقافتي ۽ اقتصادي مرڪز بنجي سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ سڀ ڪوششون گهٽ ڪري اجايون ٿيون آهن. سائين جي . ايم . سيد، وقت جي وزيراعلي پيرزادي عبدالستار کي چئي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز برپا تہ ڪرايو، پر جلدي اهو سياست ڪارن ۽ ڪرپٽ ۽ خوشامدي ڪامورن جي ور چڙهي ويو. صدر ايوب خان ۽ گورنر ڪالاباغ اتي آيا. جي . ايم . سيد ان اهم ماڳ کي سنڌي قوميت لاءِ استعمال ڪرڻ چاهيو ۽ حڪومت وزي ان کي بي اثر بنائڻ لاءِ استعمال ڪيو. سيوهڻ ۾ قلندر جو ميلو بهرحال بنيادي طور تي شو مندر جي ڌمال، موسيقيءَ ۽ ناچ جو تسلسل هو. حڪومت ماڻهن جي دلچسپي ڏسندي، ڪين پنهنجو حمايتي بنائڻ لاءِ سونو دروازو ۽ گنبذ جوڙايو. منڍ کان وٺي اسلامي تاريخ ۾ ائين پئي ٿيو آهي تہ مُلن ۽ مولوين حڪمرانن جي غير اسلامي طرز زندگيءَ تي اعتراض پئي ڪيو آهي ۽ ڌمڪايو آهي ۽ حڪمرانن وري زنده ۽ مئل

صوفين کي ملن جي خلاف استعمال پئي ڪيو آهي. اهو بہ مشهور آهي تہ حاڪمن اڪثر صوفين کي غريبن کي ڪارائڻ، درگاهن هلائڻ ۽ ماڻهن ۾ مقبول ٿيڻ ۽ مُلن جي خوف ۽ ڌمڪيءَ خلاف توازن برقرار رکڻ لاءِ مالي مدد پئي ڪئي آهي: اڄڪلهہ عيدن جي موقعي تي نئين سجاڳيءَ سبب 25 هزار کن ماڻهو موهين جي دڙي جا آثار وغيره ڏسڻ لاءِ اچن ٿا. هن اجتماع کي تعليم، واپار وغيره ڏانهن متوجهہ ڪري سگهجي ٿو، پر ڪنهن ڏينهن سياستڪار انهن کي بہ استعمال ڪري ويندا.

●

مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين جي پاڪ ڪتابن ۾ استعمال ڪيل ميون جا نالا، جن ۾ زيتون (Guava)، شريفو (Cherimoya)، پپيتو (Papaya)، اناناس (Pineapple)، ڪاجو (Cashero)، پيڪن (Pecan) اواڪاڊو (Avo-cado) ۽ چِيڪو (Sapodilla) ناهن، اهي ڏکڻ آمريڪا جا آهن ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ 16 ۽ 17 صدي عيسويءَ ۾ آندا ويا. ٽماٽا، پٽاٽا، بوهي منگ ۽ لاهوري گجر بہ ڏکڻ آمريڪا مان پورچوگيزن هٿي آندا.

●

مٺي پاڻيءَ واري واڳونءَ پالڻ جي سنڌ ۾ پورِي گنجائش آهي. انهن جي خوراڪ لاءِ ناڪاره سامونڊي مڇي، (گند) يا ڪني مڇي سستو وسيلو ٿي سگهي ٿي. ڪي جلد وڌندڙ مڇين جا قسم، جي ڪاڇرو نہ آهن، سي قريبي تلائن ۾ واڳن جي خوراڪ لاءِ پالي سگهجن ٿا. آسٽريليا ۾ انهن کي کل، هڏي، گوشت بلڪ پاڻ يا جانورن جي خوراڪ طور استعمال ڪرڻ لاءِ ماريو وڃي ٿو. آفريڪي انهن جا ڏند زيورن لاءِ ڪم آڻين ٿا. هڪ قسم اُنهن ۾ سيسرُ يا گهڙيال بہ آهي، جو ماڻهوءَ لاءِ نقصانڪار نہ آهي، پر مڇي ۽ ننڍا جانور کائي ٿو. اهي سنڌوءَ ۽ گنگا ندين ۾ جام

هئا، پر هاٿي گهٽ آهن. جڏهن مون واڳون ڏٺو تڏهن گهڻن ماڻهن پانيو ته اهو سيسر هو، پر مون واڳونءَ جي تصوير ڏني هئي، سا پلجي نٿي سگهيس.

●

وڻ جي چوڏن جي غذائيت جذب ڪرڻ واري خاصيت چاڻڻ ڪان پوءِ مون پنن، ڏانڊين ۽ ٿارين ڏانهن ڏيان ڏنو ۽ ڏٺم ته پاڙون وڌيڪ غذائيت جذب ڪرڻ ۾ گهٽيون قابل ڪار هيون. پن.به ٿوري مقدار ۾ پر جلدي اهو ڪري سگهيا ٿي، انڪري مون پنن واري خوراڪ يوريا، پوٽاش، فاسفيٽ، زِنڪ يا جست، ڪاپر يا توتيو، آئرن يا فولاد، ميگنيز، بوران ۽ ماليڊينم سيني ڪي ملائي، وڻن جي پنن کي اسپري ڪري، اپياس ۽ تجربا ڪيا. نتيجا عاليشان ۽ نمايان نڪتا. معلوم ٿيو ته ڍور ڪاڏو ڪائي، جي چيٽا لاهين ٿا، سي ڪارخانن ۾ بنايل پاڻن ڪان وڌيڪ اڪسير دوائون آهن، ته پوءِ گاهه، جو هيءُ جانور ڪائين ٿا سو سندن چيٽن ڪان زياده طاقتور هوندو. اسان خودرو گاهه لٽي، ميويدار وڻن جي هيٺان ڪنو ڪيو. ڏنوسون ته واڌ ۽ پيداوار ۾ ٽيٽا ٿيا، وڻ طاقتور ۽ نرويا ٿيا. سڄي طريقي ڪار جي وضاحت لاءِ اسان ڪتاب بعنوان "Sustainable and organic methods in raising fruit crops" ڇاپيو. ڪتاب جو اختصار "World Sustainable Agriculture" طرفان 1996ع ۾ ڇپرايو ويو آهي. ٻن آمريڪي رسالن ان جو رويو (تبصرو) به ڇاپيو آهي. اسان ان جون ٻه هزار ڪاپيون پاڪستان ڪان ٻاهر ۽ اندر ورهايون. ٻاهرين ماڻهن طريقي ڪار کي ساراهيو، پر پاڪستاني ماڻهن ڪنگهيو ئي ڪونه.

●

خيرات جو سنڌ ۾ رواج آهي، پر پاڪستان جي ٻين حصن يا پارٽ ۾

ڪونهي. وهمي ماڻهن جو اعتقاد آهي تہ خدا جي نالي ۾ ماڻهن کي کارائڻ ڪري سندن پنهنجا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. گهر وارن، جا رقم منهنجي والد ۽ منهنجي بيماريءَ تي خرچ ڪئي، تنهن جو بهتر استعمال تڏهن ٿئي ها، جو يڪدم لاڙڪاڻي واريءَ اسپتال ڏانهن ڊوڙن ها. ممڪن هو تہ خيرات ڪرڻ بعد اسين نہ بچي سگهون ها. اسان جي ڳوٺ ۾ ٿي خيرات ڪرڻ جي باوجود ڪيترائي ماڻهو مري ويا پر ان مان ڪنهن بہ سبق نہ سکيو.

●

پاڪستان ٺهڻ کان وٺي حڪومت جي ڪوشش رهي آهي تہ ٻهراڙين ۾ جاگيرداري سماج ۽ شهرن ۾ مذهبي جماعتن کي هٿي ڏجي. حڪومت عقلائي تعليم ۽ ذهين وچئين طبقي کي تباهہ ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. ٻهراڙيءَ جو مزدور طبقو تہ مڪمل طور جاگيردارن، وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ انهي پرمار ڪلاس جي ٻين ڏاڍن ماڻهن جي وس ۾ آهي. مزدور کي نيچ سمجهي استعمال ڪيو پيو وڃي. شهري علائقن ۾ وري استدلالي تعليم کي تباهہ ڪيو ويو آهي، ۽ فطري اخلاقيات، جمهوريت، انساني مساوات، عورتن جي حقن، فرسوده روايتن جي تياڳڻ، عقلائي سماج جي ترقيءَ، پنهنجي حقن ۽ آمريت لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهن تي ذهني دٻاءُ وڌو ويو آهي.

●

روس ۽ چين ۾ اشتماليت سبب ائين ٿيو، پر روس ۾ اندروني بگاڙ حڪومت جا گوڏا ڪوڙايا ۽ جديد چين کي وري مال ۽ صنعت ۽ حرفت جون شيون ترقي يافتہ ملڪن کان حاصل ڪرڻ لاءِ وياج ڏيڻو پيو، انڪري وياج ترقيءَ جو وسيلو رهندو. مُلان ان لاءِ ڪجهہ بہ سوچين، بهرحال پيشيور لاپڙيا، جهڙوڪ شڪارپوري هندو 17 صديءَ ۽ پوءِ وچ

ايشيا ۽ سنڪيانگ (Sinkiang) جي ويهين صديءَ تائين ۽ پوءِ ڪي افغاني سُود خورَ ماڻهن جي ڪل لاهيندا رهيا. سچي وياج جو اڳهه هڪ سال ۾ مُور برابر وجي ٿو ٿئي، جنهن لاءِ قانوني ورتاءُ ۽ بچاءُ هئڻ گهرجي. 1960ع واري ڍاڪي ۾ غريب بنگالين ڪي اتڪل سان ڦريو پئي ويو. انهن لاءِ پاڪستانيءَ ۽ افغانيءَ ۾ فرق نه هو ۽ مغربي پاڪستان خلاف سندن نفرت جو هڪ اهو به سبب هو. حڪومت ان وقت به حالتن تي قابو نه پاتو ۽ هاڻي به نئي ضابطو آڻي.

●

مون ڏٺو هو ته پُريل پٽين ۽ ڪَنڊن وارن لوڙهن ۾ لڪل ڪوٺن جي ڳولا ۾ نانگن جا ڪئين قسم رهندا هئا. 1855ع ۾ سنڌ ۾ 300 ماڻهن کي زهريلن نانگن ڏنگيو. ان لاءِ برطانوي حڪومت تعلقي اسپتالن ۾ اهڙيون دوائون رکايون. هڪ نيم حڪيمي رٿا اها به آهي ته ڪينسر جي علاج طور بيمارن کي زهريلن نانگن کان ڏنگرايو وڃي! هڪ سوداءُ اهو به آهي ته نانگ جو زهر نامرديءَ جي علاج طور استعمال ڪيو وڃي. منهنجي ڏنل وائنل دوست بشير صديقي آءِ . جي. پوليس کي ان ۾ مهارت هئي ۽ دوا تيار ڪرڻ لاءِ سوَ سال کهني ڪاريهر نانگ جي ڳولا ۾ رهندو هو. منهنجن ڪيترن دوستن اهو استعمال ڪيو ۽ انهن مان ڪي دستن ۾ مبتلا ٿي ويا. منهنجو خيال آهي ته هُن ملنسار ۽ مشهور ٿيڻ چاهيو ٿي، پر ان ۾ فائدو ڪجهه ڪونه هو.

●

جيڪڏهن سنڌ جي هر ڳوٺ رڳو رازا، سربند ۽ مستري پيدا ڪيا هجن ها ته ڀهراڙيءَ جي گهرن جي حالت ٻي هجي ها. چاڪاڻ ته زمين ۾ 30-40 انچ هيٺ 12 کان 20 انچ ٿلهو چيڪي مٽيءَ جو تهہ آهي، جو

ٺڪر جي ٿانوَن ۽ سرن ٺاهڻ لاءِ نهايت سٺو آهي. انهن ڪاريگرن جي ڪري گهر جي اڌاوت سولي، سراوندي ۽ جلد ٺهي ٿي ها. ڳوٺاڻو ڍڪڻ انهن گهرن لاءِ سادا در ۽ دريون ٺاهي سگهي ها ۽ گهرُ صحت بخش ٿي پوي ها. بجلي، جا هينئر ڀهراڙيءَ ۾ عام آهي، ان لاءِ ڳوٺن ۾ لوهار گڏ - جو شڪار / ٽاڪو هٽندڙ - گڏ - اوزار سَنئون سيبتو هجي ته ڏيهي معيشت تبديل ٿي پوي. ان لاءِ عزم ۽ ماحول نه آهي نه ته انهيءَ قسم، جا سڀ هنرمند ٿن مهينن ۾ سکي سگهن ٿا.

●

سنڌي اڄ به پوپن، سحر ڪندڙن (جي بيماريون ڏين ٿا)، جنن ۽ غائب مخلوق جي ڪرامتي طاقت ۾ پروسو ڪن ٿا، جي ڳوٺن جي آڙ ۽ ٿاڙ ۾ رهن ٿا. جڏهن ڪا به وچڙندڙ بيماري، جهڙوڪ هيضو، طاعون، ماتا وغيره جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو ته ان کي به جادوگرن ڏانهن منسوب ڪن ٿا. پوپا وري ڪنهن جي دشمن کي مختلف طريقن جا عذاب ڏئي ختم ڪندڙ سمجهيا وڃن ٿا. جڏهن ڪا چوري ٿئي ٿي ته فالجيءَ وٽ وڃن، جو پنهنجي طلسم جي زور تي چور جا مهاندا، پاسو جيڏانهن چور ويل آهي ۽ بعضي لڪائڻ واري هنڌ جو پتو ڏيندو آهي. اهو سڀ اياڻپ، جهالت ۽ سڀ کان وڏيڪ وسوسو آهي ۽ نسل در نسل ۽ هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين تقويت پيا وٺن.

●

شادين ۾ جنسي بي آهنگي عام آهي. هڪ مرد جي جنسي خواهش 17-18 سالن تائين انتها تي پهچي، ويهن واري ڏهاڪي ۾ گهٽجي ٿي ۽ چاليهن واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ اها ٽئين حصي جيتري رهجيو وڃي. ٻئي طرف عورت جي خواهش ويهن سالن تائين گهٽ، 30 سالن

جي عمر ۾ اوج تي پهچي ۽ پوءِ ٻين ويهن سالن تائين انهي اوج تي قائم رهي ٿي. هم عمر جوڙي جي شاديءَ ۾ مسئلا ٿيندا ۽ رڳو ٻارَ ڳانڍاپي جو سبب ٿي سگهن ٿا. سائنس عورت کي جسماني طور راضي ڪرڻ لاءِ رڳو جرمن سائنسدان ڪيگل (Kegel) جي مشقن ۽ ڪن ٻين طريقن سان مرد جي مدد ڪري سگهي ٿي، پر تمام ذهين ۽ آزاد مردن جو ٿورو سيڪڙو اهي طريقا اختيار ڪري سگهي ٿو. نام نهاد جادوئي دوا Vigraمنهنجي راءِ ۾، اهي عضوا، جن لاءِ مددگار سمجهي ٿي، تن کي تباهه ڪندي، ۽ هڪ ڏينهن بند ڪئي ويندي، پر ڪڏهن، اُن جي مون وٽ ڪا پَڪَ يا ثابتي ڪانهي.

●

سڄيءَ تاريخ ۾ طاقتورن بلاشبہ دين ۽ دينداري کي پنهنجي مطلب لاءِ استعمال پئي ڪيو آهي. ڪنهن بہ دين جي اڳاٽائي ان جي پوئلڳن کي متعصب بنائي سگهي ٿي، جو هو دين جي نالي تي مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ٿين ٿا. نالي ۾ نهالُ پيشوائن ٻاران ڀرپور مدد ڪيل مذهبي جماعتن جي وچ ۾ ٿيل جهيڙن سان تاريخ ڀري پئي آهي ۽ جهيڙا صدين تائين هلن ۽ مختلف عقيدن جا غريب ۽ اياڻا نقصان سهن. روس جو افغانستان ۾ پيرُ پائڻُ هاڻوڪو مثال آهي. اولهہ يورپ ۽ اتر آمريڪا جو اُن پيشقدميءَ تي رد عمل اهو هو. هنن ڪيترن ئي راسخ العقيده ڪٽر مسلمانن کي جديد هٿيارن جي تربيت ڏئي روسي بيدينن کي تڙايو. ڏهن سالن جي عرصي ۾ پنجاهہ هزار روسي مئا. افغان ۽ ٻين مسلمان رضاڪارن جو ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ جاني نقصان ٿيو. ان لاءِ خصوصي طور لکيل ڪتابن جي مدد سان مذهبي جوشيلا ۽ جُوجِڪيا تيار ڪيا ويا. ان سکيا وسيلي کين يقين ڏياريو ويو تہ ڪافرن سان وڙهندي مرڻ تي هُو سڌو بهشت ۾ ويندا ۽ ٻاهتر سهڻيون حورون بهشت ۾ رهڻ لاءِ سندن ئي مرحبا

ڪنديون. مغرب ۽ حڪومت پاڪستان جي نگرانيءَ ۾ هي منصوبو ڳجهن سگهارن ادارن جي معرفت تڪميل کي پهتو. ان سان نه رڳو روسين کي ٻاهر ڪڍيو ويو پر اقتصادي طور سندن ٽي ڏينگو ڏيري تي ويو. مغرب ڪامياب ته ٿيو پر گهڻين قومن جا ڪٽر مسلمان پوئتي بچيا. اهي ڦهرياڻين مختلف سياسي افغان فريقن، جن روس جي وڃڻ تي ملڪ ۾ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد پئي ڪئي، تن سان وڙهيا ۽ بذريعي ڪٽر طالبان ملڪ جي اڪثر حصن تي حاڪميت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا پر ساڳئي وقت اهو نه سمجهيائون ته مغربي يورپ ۽ اتر آمريڪا وارا به اُهڙا ئي ٻي دين هئا جهڙا روسي، ۽ سندن خود پسند ڪوشش جو سلسلو مغرب لاءِ ڌمڪي ثابت ٿيو. مغرب وارن لاءِ ٻي ڪابه راهه نه هئي، سواءِ سندن آخري ماڻهو به مارڻ جي. مذهب جي ناليءَ ۾ نردوش ماڻهن کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ جڏهن اهي ارڏائي ڪن ته کين ختم ڪرڻ جو هي واضح ۽ تازو تازو مثال آهي.

●

جو ڪجهه نندپڻ ۾ مون لاءِ چيو ويو، مان ان ۾ ويساهه نٿو رکان ته هڪ پيرسن پيرين اگهاڙي ۽ قاتل ڪپڙن پاتل جي دعائن سان منهنجو آئيندو متاثر ٿيندو، پر امان، ماسيون، ڦڦيون هن کي درويش پيون سمجهن. امان سڻن ماڻهن جي دعائن تي يقين رکندي هئي ۽ هن منهنجي پرورش ڳوٺ جي مڙني ٻارن کان بهتر نموني ڪئي هئي، انڪري مان فقير مجيد کان وڌيڪ سندس عزت ڪريان، ۽ ساڳيءَ ريت هندو سوامي به عالم هئا ۽ متئين طبقي جي ذهين ماڻهن کي هدايت ڪندا هئا. سندن ڪارناما خود شاهڪار هئا، جي مڪاني ۽ ٻاهريان ماڻهو ٻڌائيندا هئا. پر مان سمجهان ٿو ته ميهڙ وارو سوامي روحاني طرح رواجي ماڻهو هو، پر هو فقط يوگا مشق ۾ پڙ هو. مان سندس يوگي آسڻن مان گهڻو

سڪيس. مثال طور ڪلاڪ اڌ لاءِ مٽي پر ڪڙو تيڻ. اهڙيءَ ريت مان تنتر، تائو ۽ شوِ اِزمن جو مداح آهيان. سندن مذهبي ڪتابن مان مون گهڻا پڙهيا آهن. سڀ پيلائي، انصاف، ڏيان ۽ انساني خدمت جو درس ڏين ٿا. مون کي شڪايت رڳو انهن جاهل گُروئن جي سيڪاريل سڪٽين رسمن کان آهي، جن سان هو ماڻهو منجهائين ٿا ۽ نفرت جو پرچار ڪن ٿا.

●

عورتون هميشہ گهڻو جسماني پورهيو ڪنديون هيون. سڄي گهر لاءِ ڪاڌو تيار ڪرڻ ۽ پاڻ پيچاڙيءَ ۾ بچو سچو کائڻ. صبح سويل اٿي ڪڻڪ، چانور، جوار ۽ باجهر وغيره جنڊ تي پيهڻ، ماني پچائڻ، سَيون ٺاهڻ ۽ پيون بہ ڪي شيون تيار ڪرڻ، صبح جو مال ڏهڻ، مردن ۽ ٻارن لاءِ نيرن تيار ڪرڻ، صبح جو هڪ پن ڪلاڪن لاءِ کير ولوڙي مکڻ ۽ لسي تيار ڪرڻ، ساريون چڙي چانور ۽ توتر جدا ڪرڻ، ڪڻڪ چندي ڪيڻ، گهر صفا ڪرڻ ۽ منجهند جي ماني تيار ڪرڻ، سڀ سندن ذمي هو. ڏڌونري کي چاڏيءَ يا ماٽيءَ ۾ ولوڙي، لسيءَ ۾ تبديل ڪيو ويندو هو. ولوڙ جي مرڪز گزير طاقت هلڪڙي مکڻ کي الڳ ڪندي هئي ۽ ان جي مقدار جو مدار وقت تي هو. جيترو وڌيڪ وقت لڳندو هو، اوترو مکڻ وڌيڪ نڪرندو، جي سَباٽيلَ کي گرم رکبو. ان لاءِ سنڌي عورت جو طريقو اهو هو تہ سازو سامان اُس ۾ رکبو ۽ ولوڙڻ واري ننڍڙي منجيءَ تي سج ڏانهن پٺ ۽ سامان ڏانهن منهن ڪري ويهندي هئي. انهيءَ حالت ۾ جسماني ڪم ڪرڻ اوکو هو. سامان ڇانوَ ۾ رکي، ضرورت هجي تہ سَباٽيلَ کي گرم رکڻ لاءِ چاڏيءَ هيٺان ٽانڊا رکجن پر هزارن سالن ۾ تبديلي نہ آئي. اونهاري ۾، منجهند جي مانيءَ بعد خاص ڪري مرد سوپو ڪندا ۽ عورتون ڪپڙڻ سبڻ، اگڙيون هٽڻ يا رليون سبڻ ۽ پرت پرڻ لڳنديون هيون.

سکر بئراج کان اڳ سنڌ ۾ غربت تمام گهٽي هئي ۽ سڄيءَ آباديءَ لاءِ اٽپوري خوراڪ ۽ گهٽ غذائيت جي ڪري اڪثر عورتون رت جي گهٽتائيءَ جو شڪار هيون. پنجن سالن مان ٻه سال سيلابي واهن ۾ ٻوڏ جو پاڻي دير سان اچڻ ڪري فصل جولاءِ جي شروع ۾ پوکجي نه سگهيا هئا. ٻه سال سيپٽمبر جي منڍ ۾ پاڻي لهي ويندو هو، رڳو هڪ سال اهڙو ٿيندو هو جنهن ۾ فصل بهتر ٿيندو هو. زراعت، جنهن جي ابتدا عورت رَنبو هلائي اٽڪل 9,000 کان 8500 سال اڳ ۾ ڪئي، سا چراگاهي دؤر جي مال پاليندڙ (Mesolithic) مرد ڏانهن منتقل ٿي. هن هر ايجاد ڪيو ۽ ڏاندن جو جوڙو پانجاريءَ ۾ جوٽيائين. هڪ عورت رنبي سان فقط ٻه ايڪڙ ڪاهي ٿي سگهي ۽ مرد ڏاندن جي جوڙي سان ڏهه ايڪڙ پيو ڪاهي، انڪري هن عورت کي ان ڪم مان هٽايو ۽ بدلي ۾ سڀ گهرو ڪم ڪار سندس حوالي ڪيو. هوءَ هاڻي ماتا ديوي نه هئي، جاڪاڻ ته مرد هاڻي زمين جو مالڪ هو ۽ ڪافي پيداوار حاصل ڪري ٿي سگهيو، انڪري هن گهڻ جويائي "polygamy" شروع ڪئي ۽ ڪانئس "ماتا" وسري وئي، ۽ ان جي جاءِ پيار جي ديوي"وينس" والاري. سڪين ستابن مردن ڳولي ديوين جهڙيون سُريتون تيتر ماٺيون، جيتر هنن جي عمر ۽ سخت محنت جي ڪري جسماني ڪشش نه وڃائي هجي. ۽ پوءِ انهن جي جاءِ تي ٻيون آنديون ٿي ويون. جڏهن ڪم وڌي ويندو هو تڏهن عورتون زراعت ۾ رونبڻ، لابارن، چونڊڻ، ڪٽڪ ۽ تيلي ٻجن جي لابارن، چٽڻ، مٽرن جي لُٽڻ ۾ مدد ڪنديون هيون. اُس ۽ اڪثر وقت گرميءَ جي ڪري ٻوريون عورتون ڪاراٽجي وينديون هيون. جلد شادين ۽ گهڻن ٻارن ڄڻڻ ڪري ويهن سالن جي عمر ۾ عورت پوڙهي ۽ اڻ موهيندڙ ڀاسندي هئي. مون ننڍي هوندي ڏٺو ته نوجوان سهڻين ڇوڪرين مان جلدي دلڪشي نڪري ٿي وئي ۽ بعضي ته ڪراهت جهڙيون ٿِي ٿي پيون ۽ مون سمجهيو ته اهو قدرتي عمل آهي، انڪري شادي ڪرڻ ۽

اهڙيءَ ڪوجهيءَ عورت سان سڄي زندگي گذارڻ اجائي آهي. جڏهن آءٌ هاءِ اسڪول پڙهڻ ويس، مون ٽيهہ سال عمر واريون سنڌي هندو عورتون مندرن ۾ ڏئيون ۽ اهي موهيندڙ ٽي لڳيون، تڏهن مون سمجهيو تہ ڳوٺاڻي معيشت، ٻهراڙيءَ جي اڻ لکيل ورتن جي ضابطن ۽ سماجي بي انصافيءَ ڳوٺاڻي عورت سان ڇا نہ ڪيو آهي؟

شام جو جڏهن مرد سوپو ڪري اٿيو ۽ مسجد يا اوطاق ڏانهن چرچي گهڀي يا چلم ڇڪڻ لاءِ نڪري ويو، تڏهن بہ عورت جي هاج پوري نہ ٿي. هوءَ گهرو ڪم ڪندي يا مال لاءِ زمين کان گاهہ يا چارو آڻيندي، ڳوهن تيار ڪندي، کير ڏهندي ۽ رات جي ماني تيار ڪندي. جڏهن مرد سج لٿي بعد مانيءَ لاءِ موٽندا، اهي ڪاڏي ڪاڻڻ بعد بهرحال مسجدَ يا اوطاق ڏانهن ويندا. عورت رڌڻي جي صفائي ڪندي، ٿانوَ ڌوئندي، ايستائين جو چڙهائي ڪندي، جو سلائيءَ جو ڪم رات جي اونداهيءَ ۾ نہ ڪري سگهبو هو.

اونهاري ۾ رات جو کٽون ٻاهر ايوان ۾ ڪيئنديون، هنڌ وڇائينديون يا ڪو ٻيو ڪم ڪنديون، ٻار سمهارينديون ۽ مردن جي ٻاهران موٽي اچڻ تائين جاڳنديون. مردن جي سمهڻ بعد سندن زالون کين پيڙون ڏينديون، پر هاڻي مان سمجهان ٿو تہ پيڙن جو مطلب مرد کي مباشرت ڏانهن راغب ڪرڻ هو. مزدور طبقي ۾ 35 سالن تائين روزانو جُفتي ٿئي، پوءِ مڪمل لاتعلقي. اهڙي ڄاڻ آمريڪا جيٰ سائنسدان ڪِنسيءَ ڏني ۽ پوءِ جپان، يورپ، انگلنڊ ۽ ٻين ملڪن جي محققن بہ ان جي تصديق ڪئي. زال کي مرد جي مارڻ وارو حق شايد فقط سنڌي سماج ۾ تسليم ٿيل آهي. سنڌ ۾ عورت جو مقام ايترو ڪيرايل هو، جو هندن جو وفد سر چارلس نيپئر سان مليو، جنهن منجهن رائج ستيءَ جي ڌرمي رسم بجا آڻڻ جي اجازت گهري. نيپئر ردِ عمل ۾ چيو: ”اسان وٽ بہ هڪ رسم آهي، اسين ان مرد کي ڦاهيءَ تي چاڙهيندا آهيون، جو عورت کي جيئري

ساڙي، تنهنڪري اوهين چڪيا تيار ڪيو ۽ آءُ اُتي ڦاهي ڏيڻ لاءِ سامان تيار ڪري رکندس. اوهين زنده عورت کي ساڙيو، آءُ اوهان کي سَرزمين تي ڦاهي چاڙهيندس.“ لڻنگلي لکيو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي زال کي پسند نہ ڪندو هو تہ هو آسانيءَ سان ان کي ڻنگي ماريندو هو. اهو عمل انگريزن بند ڪرايو. اهو رڳو مڙس جو حق هو. جيڪڏهن ڪنهن عورت مڙس جي بيجا روش تي اعتراض ڪيو تہ هو ائين ڪندا هئا، اهو بہ انگريزن بند ڪرايو. سنڌ ۾ ”ڪارو ڪاريءَ“ جي رسم بلوچن وڌي. خبر ناهي تہ ڪهڙيءَ مصلحت جي ڪري انگريزن اها بند نہ ڪرائي. جيڪي قانون انگريزن پاس ڪيا، سي سراسر انسان دوستيءَ وارا هئا. مان ٻانيان ٿو تہ جيڪب آباد جي سرحدي قبيلائي علائقن کي وس رکڻ لاءِ هنن مڪاني ”جرگي“ ۽ ڪارو ڪاريءَ لاءِ نرم سزا واري نظام کي قبول ڪيو. پر ڪن عدالتن ان کان هٽي ڪارو ڪاريءَ کي خون سمجهيو. ٻياري ڳوٺ جي پير بخش پنهور پنهنجي ڀاڄائيءَ کي ڪاري ڪري ماريو ۽ پوليس وٽ پيش پيو ۽ 1931ع ڌاري ڪيس حيدرآباد جيل ۾ ست سال سزا لڳي. 1937ع ۾ هو ڳوٺ واپس آيو تہ ڳوٺ جي ڪن ماڻهن ڪيس سنو سمجهي، سندس مان ۾ دعوت ڪئي! مان ان وقت ۽ هاڻي بہ سمجهان ٿو تہ هو سنو ماڻهو نہ پر بدڪردار هو، پر سڀ اياڻا ماڻهو سندس پاسي هئا ۽ هو ڏاڙ هٽي اها ڳالهہ ڪندو هو تہ هن ڪيئن خون ڪيو.

مون محسوس ڪيو آهي تہ سنڌ جي عورت مظلومن کان مظلوم آهي، جنهن سان والدين، ڀائرن، مڙسن ۽ ٻين ڀاتين وڏي بي انصافي ڪئي آهي. نہ رڳو مسلمانن پَرَ هندن ۽ ٻين مذهبن وارن بہ ائين ڪيو آهي. مختلف مذهبن ۽ سماجي قانونن ۾ عورت جي حيثيت تي 20 سالن جي عمر ۾ ڪتاب لکيم، جنهن جو هڪ باب سنڌ تي هو. تڏهن منهنجي راءِ هندو رسمن جي ڪَري هئي، جنهن جون پاڙون ڏکڻ ايشيا ۾ گهريون هيون، تن کي سڌارڻ لاءِ انقلابي قانونن جي ضرورت هئي. ڏکڻ ايشيا ۾ عورت جو

درجو گهر ۾ غلام کان به گهٽ هو، غلام کي ته اخلاقي ۽ قانوني طور صحيح نموني سان ۽ پوري وقت تي کارائبو ۽ پهرائبو هو. هاڻي ڪجهه سڌارو آيو آهي، پر گهٽو نه. منهنجي ننڍپڻ واري زماني ۾ جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجي پسند جي ڳوناٺي سان نڪري ويندي هئي ته سنڌ جي وڏيرن جي وچ ۾ اڻ لکيل ثاهه موجب ان کي واپس ورائي، ماڻٽن کي يا مڙس کي ڏيندا هئا يا ٻئي مرد کي راتورات پرڻائي ڏيندا هئا ۽ ان کي ايستائين سخت نگرانيءَ ۾ رکبو هو، جيتر وجي ٻار ڄڻي، جنهن لاءِ هوءَ گهريتڙي تي رهندي هئي. مون ننڍي لاڪون پنهنجي مامي محمد صالح وانگر پيڇي نڪتل عورتن جي ورائڻ واري طريقي جي پرزور مخالفت ڪئي ۽ ڪيترن جوڙن، جن سندس مدد وٺڻ چاهي، تن کي هن پناهه ڏني. هن تقريباً سڄي عمر ائين ڪيو. هڪ مقدمو، جنهن ۾ ڇوڪري اسڪول جي رڪارڊ موجب 16 سالن جي هئي ۽ ضلعي عدالت هن کي 15 ڏينهن اندر پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن مشهور قانوندان ڊنگومل کي وڪيل ڪرڻ چاهيو، پر هن اهو چئي انڪار ڪيو ته اهو ڪيس ڪونه کٽي سگهبو. هن وڪيل کي چيو ته ڪيس کٽي سگهجي ٿو، جيڪڏهن اهو سورنهن مهينن تائين التوا ۾ رهي، جيستائين ڇوڪري 18 سالن جي ٿئي. ڊنگيمل ڇرڪي ڪيس چيو: ”خطرناڪ انسان! تو مون کي قانون ۾ نئون رستو ڏيکاريو آهي. مان مقدمو کٽندس.“ هن اهو مقدمو کنيو ۽ کٽيو. انهي روش جي ڪري گهڻا وڏيرا مامي کي پسند نه ڪندا هئا. گهٽيون عورتون سمجهنديون هيون ته عورت جي روپ ۾ پيدا ٿيڻ پاراتو هو. مون کي اميد آهي ته عورت ذات جي حقن بابت نئين هلچل پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪندي، پر تيسين تِيءَ دنيا جي غربت ۽ نامناسب تعليمَ عورت جي مرتبي کي اجا ته پَٽي وڌيڪ بگاڙيندي.

• • •

نامور محقق، تاريخدان ۽ زرعي سائنسدان ايم . ايڇ. پنهور، اڄ اسان جي وچ ۾ موجود نہ آهي. پنهور صاحب هن دؤر جو وڏو سنڌ شناس اسڪالر هو. سندس زرعي يا سائنسي لکڻين کي ڇڏي ڪري، مون اٽڪل روءِ سندس هر تحرير پڙهي آهي. انهن مان ڪجھ مضمونن کي مون سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو، جن کي پڙهندڙن گھڻو پسند ڪيو.

پنهور صاحب جي ڪڇهرين ۾ ورهين کان سندس آتم ڪٿائي ڪتاب جو ذڪر ٿيندو رهندو هو. سندس وفات کان هڪ سال پوءِ، ٽي آر ڊي اهو ڪتاب 'آپ بيتي - جڳ بيتي' جي موزون نالي سان ڇپرائي رهي آهي. هي ڪتاب پڙهڻ سان وري اهي ڪچهريون ياد اچن ٿيون، جي مصنف ۽ منهنجي وچ ۾، ويهن ورهين جي عرصي تي مُحيط آهن. سنڌي زبان ۾ آتم ڪهاڻيون لکبيون رهيون آهن، پر هيءَ آتم ڪٿا بنھ مختلف انداز سان لکي وئي آهي. جيتوڻيڪ پنهور صاحب چوندو هو تہ هُن پنهنجي زندگيءَ جي ابتدائي ڏهن سالن جي آتم ڪٿا لکي آهي، پر جڏهن هي ڪتاب پڙهجي ٿو تہ صورتحال ڪجھ مختلف نظر اچي ٿي.

نندپڻ جون ساروڻيون، سنڌ سميت دنيا جهان جو مشاهدو، ۽ ليکڪ جي عمر ڀر جي مطالعي مان اخذ ڪيل ڪجھ نتيجن تي مبني هيءَ آتم ڪهاڻي، اهو ٻڌائي ٿي تہ آخر سنڌي ماڻهو، اڄ ايڪهين صديءَ ۾ بہ ڇو پوئتي پيل آهي. تمام گھٽ سنڌي اسڪالر ۽ ليکڪ صاف گو ۽ دلير انسانن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا، جن ۾ پنهور صاحب کي نمايان رتبو حاصل آهي. تحرير توڙي تقرير ۾، سنڌ سان ٿيل ناحق تي پاڻ بي ڊپو ٿي گفتگو ڪندو هو. اهڙي صاف گوئي ۽ سچائي، پنهور صاحب جي هن ڪتاب ۾ موجود آهي. جهڙيءَ طرح ايم . ايڇ . پنهور هڪ منفرد محقق، سائنسدان ۽ اسڪالر هو، ٺيڪ ان ئي ريت سندس هيءَ آتم ڪٿا پڻ، سنڌي ادب ۾ نرالي جاءِ پيدا ڪندي. جن اديبن ۽ دوستن انگريزي ڪتاب کي، سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري يا ايڊيٽ ڪري، اشاعت لائق بڻايو آهي، اهي سڀ مبارڪباد جا مستحق آهن.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڙو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)